
جي. ايم. سيد

ڪجھ خط



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

کجھ خط

(سیاستدانن ۽ قومي ڪاڪ ڪنن جا)

ڪجھ خط

(سياستدانن ۽ قومي ڪارڪنن جا)

مرتب

جي - ايم - سيد

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.



سنڌي ادبي جي سهڪاري سنگت
حيدرآباد سنڌ
۱۹۸۵ع

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سڀ حق واسطا مُرتب جا محفوظ

پهريون چاپو جنوري ۱۹۸۵ع ۱۰۵۰ کاپيون

قيمت پنجاهه روپيا

هيءَ ڪتاب مقرب پرنٽنگ پريس، شاهه لطيف آباد مان ڇپائي، محمد ابراهيم جويي، سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت، ۸-۳، منظور ڇمڙس، حيدرآباد سنڌ ياران شايع ڪيو.

فهرست

پاڪو پهريون — سنڌ کان ٻاهر جا سياستدان

۰۱ مسٽر محمد علي جناح — چار خط، ۽ هڪ پريس بيان ۱۶
۰۲ پنڊت جواهر لعل نهرو — هڪ خط ۲۲
۰۳ سردار ولڀ ٻائي پٽيل — هڪ خط ۲۴
۰۴ مولانا ابوالڪلام آزاد — ٻه تارون، ۽ هڪ جوابي تار ۲۶
۰۵ خان عبدالغفار خان — ڏهه خط ۽ هڪ تار ۲۹
۰۶ خان عبدالصمد خان اچڪزئي — پنج خط، ۽ ٻه تارون ۴۱
۰۷ سيد حسين شهيد سهروردي — هڪ خط ۴۹
۰۸ مولانا عبدالحميد خان ڀاشاني — پنج خط، ۽ ٽي تارون ۵۲
۰۹ نواب محمد اسماعيل خان، ميرٺ — هڪ خط ۵۸
۰۱۰ نوابزادو لياقت علي خان — هڪ خط ۶۱
۰۱۱ علامه عنايت‌الله مشرقي — هڪ خط ۶۵
۰۱۲ شيخ مجيب‌الرحمان شهيد، وزيراعظم بنگلہ ديش — ٽي خط ۷۱
۰۱۳ ميان افتخارالدين مرحوم — هڪ تار ۷۵
۰۱۴ سيد حسن محمود — هڪ خط ۷۸
۰۱۵ ايڇ-اي حسن اصفهاني — هڪ خط ۸۰
۰۱۶ سر ڪريم ٻائي — هڪ خط ۸۲
۰۱۷ ميان محمود علي قصوري — خط، ۽ ٻه تارون ۸۴
۰۱۸ اجمل خٽڪ — هڪ خط ۱۰۳
۰۱۹ شهزادو عبدالڪريم — ٽي خط، ۽ چار تارون ۱۰۵
۰۲۰ سيد عبدالله بريلوي — هڪ خط، هڪ تار ۱۰۹
۰۲۱ پروفيسر مظفر احمد، ڊاڪا — هڪ خط ۱۱۱
۰۲۲ چوڌري محمدالحق — هڪ خط، ۽ هڪ تار ۱۱۳

۲۳. شیخ محمد ظهیرالدین، مومن — به خط ۱۱۵
۲۴. شیخ حسام‌الدین احراری — هک خط ۱۲۰
۲۵. پیر امین‌الحسنات، مانکی‌شریف — هک خط، ۶ تی تارون ۱۲۴
۲۶. ارباب عبدالغفور "خلیل" — اث خط ۱۲۶
۲۷. خان امیر احمد خان — هک خط ۱۳۷
۲۸. ڈاکٹر سید حسین — هک خط ۱۳۸
۲۹. مسٹر آصف علی — هک خط ۱۴۰
۳۰. خواجہ ناظم‌الدین — هک خط ۱۴۳ ۶ ۱۴۴
۳۱. خواجہ سید حسن مثنیٰ نظامی — تی خط ۱۴۲، ۱۴۵ ۶ ۱۴۶
۳۲. سر فیروز خان نون — به خط ۱۴۷
۳۳. مشتاق احمد گرمانی — هک خط ۱۴۹
۳۴. غلام‌محمد، فنانس منسٹر، گورنمینٹ آف پاکستان — هک خط ۱۵۰
۳۵. نواب احمد یار، والیء قلات — هک خط ۱۵۱
۳۶. سر لئنسیلاٹ گرهام، گورنر سندھ — هک خط ۱۵۳
۳۷. مسٹر ایبل، سیکریٹری، وائسراء هند — چار خط ۱۵۵
۳۸. قاضی محمد عیسیٰ خان — هک خط ۱۵۸
۳۹. سردار بهادر خان — هک خط ۱۶۰
۴۰. چندولعل دیسائی، هاء کمشنر، انڈیا — هک خط ۱۶۱
۴۱. محمد عباس عباسی، امیر آف بهاولپور — هک خط ۱۶۲
۴۲. میر عبدالقیوم خان، ائٹورکیٹ — پنج خط ۱۶۴
۴۳. میان بشیر احمد — به خط ۱۶۱
۴۴. سید امیرحسین شاه، مینیجر پاکستان ٹائیمس، لاهور — هک خط ۱۷۰
۴۵. سید محمد قصور گردیزی — پنج خط ۱۷۲
۴۶. مسٹر الطاف حسین، ایڈیٹر "ڈان" — هک خط ۱۸۱
۴۷. خان عبدالولی خان — تی خط ۱۸۲
۴۸. سید ذاکر علی، آگره — هک خط ۱۸۶

٤٩. محمد حسين عنقا بلوچ — چار خط ١٨٩
٥٠. سردار شوكت حيات خان — هڪ خط ١٩٤
٥١. مولوي غلام‌محمد، جماعت اسلامي — هڪ خط ١٩٥
٥٢. مظهرعلي خان، ايڊيٽر "پاڪستان ٽائيمس" لاهور — هڪ خط ١٩٧
٥٣. محمودالحق عثماني — ٽي خط ١٩٨
٥٤. هاشم خان غلزئي — هڪ تار ٢٠٠
٥٥. ڊاڪٽر سيد ظفرالحسن — ٻه خط ٢٠١
٥٦. سردار عطاءالله خان مينگل — هڪ خط ٢٠٣
٥٧. نواب غوث بخش رئيساڻي — هڪ خط، هڪ تار ٢٠٤
٥٨. مسٽر موڊي، گورنر، سنڌ — چار خط ٢٠٦
٥٩. ميان ممتاز محمد دولتانه — هڪ خط ٢٠٩
٦٠. مخدوم مريد حسين قريشي، ملتان — هڪ خط ٢١١

پاڻو ٻيو — سنڌ جا سياستدان ۽ قومي ڪارڪن

١. رئيس غلام‌محمد خان پرڪڙي — هڪ خط ٢١٣
٢. سيٺ حاجي عبدالله هارون — ٻاويهه خط ٢١٤
٣. شيخ عبدالمجيد سندي — ڏهه خط ٢٤٧
٤. جمشيد نسروانجي ميهتا — ست خط ٢٥٥
٥. مسٽر غلام علي چاڪلا — ٻه خط ٢٥٨
٦. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي — چار خط ٢٥٩
٧. ڊاڪٽر چوٿرام گدواڻي — ٽي خط ٢٦٥
٨. شري جيرام داس دولترام — ٻارنهن خط ٢٦٨
٩. دادا چيملداس پرسرام گلراجاڻي — ٽي خط ٢٧٦
١٠. مسٽر حاتم علوي — ٻارنهن خط ٢٧٨
١١. پير علي محمد راشدي — ست خط ٢٨٩
١٢. حاجي محمد هاشم گزدر — پندرهن خط ٣٠١
١٣. مير علي احمد خان تالپر — ڇهه خط ٣١٢

۰۱۴ لالجي مهروترا — هڪ خط	۳۲۱
۰۱۵ ڊاڪٽر تاراچند لالواڻي — ٻه خط	۳۲۲
۰۱۶ مسٽر رستم خورشيد سدوا — هڪ خط	۳۲۴
۰۱۷ مسٽر عبدالرحماڻ، باريسٽر — ڏي خط	۳۲۵
۰۱۸ مير ايوب خان، باريسٽر — هڪ خط	۳۲۶
۰۱۹ رئيس حاجي علي محمد مري — چار خط	۳۲۷
۰۲۰ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي — پنج خط	۳۳۰
۰۲۱ مسٽر عبدالحفيظ قريشي — ڇهه خط	۳۳۳
۰۲۲ مسٽر سوپو گياچنداڻي — چار خط	۳۳۸
۰۲۳ مسٽر غلام علي الانا — ڏي	۳۳۹
۰۲۴ مسٽر درگداس آڏواڻي — هڪ خط	۳۴۵
۰۲۵ مسٽر سنتداس منگهارام، ايڈووڪيٽ — هڪ خط	۳۴۶
۰۲۶ ڪامريڊ برڪت علي آزاد — هڪ خط	۳۴۷
۰۲۷ سيد شاهنواز شاهه شڪرالاهي — ڏي خط	۳۵۰
۰۲۸ ارباب نور محمد پليجو — هڪ خط	۳۵۴
۰۲۹ مير جعفر خان جمالي — هڪ خط	۳۵۵
۰۳۰ خانبهادر ولي محمد حسن علي — چار خط	۳۵۶
۰۳۱ ڪامريڊ غلام محمد لغاري — ٻه خط	۳۵۸
۰۳۲ قاضي فيض محمد، نوابشاهه — ڇهه خط	۳۵۹
۰۳۳ رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڪڙي — هڪ خط	۳۶۴
۰۳۴ مسٽر يوسف هارون — پنج خط	۳۶۵
۰۳۵ مس جيٿي سواميلاڻي — اٺ خط	۳۷۲
۰۳۶ نور محمد لاکير، وڪيل — ڏي خط	۳۸۱
۰۳۷ حاجي مير محمد بلوچ — ٻه خط	۳۸۲
۰۳۸ مسٽر حاجي محمد، وڪيل — هڪ خط	۳۸۵
۰۳۹ مسٽر ٽيڪمداس واڏومل، ايڈووڪيٽ — ٻه خط	۳۸۶
۰۴۰ ڊاڪٽر حاجي غلام حسين قاسم — ٻه خط	۳۸۷
۰۴۱ سر شاهنواز پٽو — ٽيويهه خط	۳۸۹

۴۲. سر غلام حسين هدايت‌الله — چھ خط	۴۰۲
۴۳. شهيد الهه بخش سومرو — ست خط	۴۰۶
۴۴. خانبهادر محمد ايوب کھڑو — اوٹنيھ خط، ۽ ٻه جوابي خط	۴۱۰
۴۵. مير بنده علي تالپر — ڏي خط	۴۴۹
۴۶. مير غلام علي تالپر — چار خط	۴۵۳
۴۷. سردار واحد بخش خان پٹو — ٻه خط	۴۵۶
۴۸. سردار نبي بخش خان پٹو — چار خط	۴۵۷
۴۹. ذوالفقار علي پٹو — ڏھ خط ۽ هڪ تار ۽ ٻه جوابي خط	۴۶۰
۵۰. سيد ميران محمد شاهه — چار خط	۴۷۶
۵۱. پيرزادو عبدالستار — ٻه خط	۴۷۹
۵۲. پير الاهي بخش — خط	۴۸۰
۵۳. نھچلداس وزيرائي — پندرهن خط	
۵۴. ديوان ڈيئل مل دولترام — هڪ خط	۴۹۹
۵۵. سيد ميان خير شاهه — پنج خط	۵۰۰
۵۶. سيد محمد علي شاهه، ڊيرو — پنج خط	۵۰۴
۵۷. سيد نور محمد شاهه، پريا — ڏي خط	۵۱۴
۵۸. مسٽر اي. ڪي. بروهي — هڪ خط	۵۱۷
۵۹. مکي گوبندرام — هڪ خط	۵۱۹
۶۰. سيد غلام حيدر شاهه — چار خط	۵۲۰
۶۱. آغا بدرالدين دراني — هڪ خط	۵۲۲
۶۲. آغا غلام نبي خان پٹاڻ — چار خط، هڪ تار	۵۲۳
۶۳. قاضي محمد اڪبر — ٻه خط	۵۲۷
۶۴. حاجي مولا بخش سومرو — ٻه خط	۵۳۰
۶۵. وڏيرو محمد عثمان سومرو — چار خط	۵۳۲
۶۶. خانبهادر محمد جعفر خان بلوڊي — ڏي خط	۵۳۵
۶۷. آنريبل ميان علي بخش — ٻه خط،	۵۳۷

٦٨. خان صاحب عبدالحميد خان پٹاڻ ـــ هڪ خط ٥٣٩
٦٩. خانبهادر الهه بخش گبول ـ پنج خط ٥٤٢
٧٠. مسٽر لوڪامل گوبند بخش ـ هڪ خط ٥٤٥
٧١. سيٺ پرتابراء ڪيسڪداس ـ ٻه خط ٥٤٧
٧٢. مير رسول بخش تالپر ـ هڪ خط ٥٥٠
٧٣. حاجي عبدالحميد جتوئي ـ پنج خط ٥٥١
٧٤. رئيس حاجي عبدالمجيد خان جتوئي ـ ٽي خط ٥٥٤
٧٥. شيخ بهاوالدين صاحب ـ ٻه خط ٥٥٦
٧٦. پير قربان علي، نوشهروفيروز ـ ٻه خط ٥٥٨
٧٧. مرزا فرخ بيگ، نوابشاهه ـ چار خط ٥٦٠
٧٨. خان صاحب علي حسن هڪڙو ـ هڪ خط ٥٦٣
٧٩. ميان صادق علي ميمڻ، ٺٽو ـ چار خط ٥٦٤
٨٠. سيد حاجي قادر ڏنو شاهه ـ هڪ خط ٥٦٨
٨١. ديوان همت سنگهه، وڪيل، حيدرآباد ـ هڪ خط ٥٦٨
٨٢. مسٽر غلام قادر بلوچ ـ ٽي خط ٥٧٠
٨٣. راء بهادر شيوارام ڏيون مل ـ هڪ خط ٥٧٣
٨٤. سيٺ ايسرداس ورندمل ـ هڪ خط ٥٠٤
٨٥. ڊاڪٽر ٽلومل ڏيرواڻي ـ هڪ خط،
ان جو جواب ٥٧٥
٨٦. خانبهادر غلام نبي شاهه ـ چار خط ٥٧٧
٨٧. خانبهادر غلام محمد اسراڻ ـ چار خط ٥٠٩
٨٨. خانبهادر امام بخش خان جتوئي ـ ٽي خط ٥٨٢
٨٩-٩٠. سردار خانبهادر قيصر خان بوزدار ،
سردار علي گوهر خان مهر ـ هڪ خط ٥٨٥
٩١. مسٽر علي احمد قريشي ـ چار خط ٥٨٧
٩٢. مولوي نذير حسين جلالي جتوئي ـ هڪ خط ٥٨٩
٩٣. ميان عبدالڪريم گدائي ـ هڪ خط ٥٩٠
٩٤. ڊاڪٽر چمنداس جڪتياڻي ـ هڪ خط ٥٩٢

۹۵. مسٽر پرسرام ٺهراماڻي ـ ٻه خط ۵۹۴
۹۶. ڀاءُ آتم، بمبئي ـ ڏي خط ۵۹۸
۹۷. سيد شمس‌الدين شاهه، سکر ـ هڪ خط ۶۰۲
۹۸. سيد محمد ڪامل شاهه ـ ست خط ۶۰۳
۹۹. پير عالي شاهه، بدين ـ ٻه خط ۶۰۷
۱۰۰. سيد حاجي عبدالرحيم شاهه ـ اٺ خط ۶۱۰
۱۰۱. رئيس عطا محمد خان لُنڊ ـ ڏي خط ۶۱۴
۱۰۲. رئيس ڪريم بخش نظاماڻي ـ پارٿين خط ۶۱۶
۱۰۳. مير غلام محمد ٽالپر ـ ٻه خط ۶۲۸
۱۰۴. مخدوم محمد زمان "طالب‌المولي" ـ پنج خط ۶۳۱
۱۰۵. سيد محمد علي شاهه، مٽياري ـ چار خط ۶۳۵
۱۰۶. پير صاحب سڪندر علي شاهه پاڪارو ـ پنج خط ۶۳۷
۱۰۷. مولوي محمد معاذ ـ چار خط ۶۴۱

ڪي اهم معاهدا

۱. نيشنل عوامي پارٽيءَ ۽ ريپبليڪن پارٽيءَ وچ ۾ معاهدو ۶۴۳
۲. ريپبليڪن پارٽيءَ ۽ نيشنل عوامي پارٽيءَ جي وچ ۾ معاهدو ۶۴۴
۳. مسلم ليگ ۽ نيشنل عوامي پارٽيءَ جو "ڪڏهل حڪومت" بنائڻ لاءِ معاهدو ۶۴۴
۴. مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ ۽ نيشنل عوامي پارٽيءَ جو "ڪڏ حڪومت" بنائڻ لاءِ پروگرام ۶۴۵
۵. ون يونٽ جي خاتمي لاءِ ٺهراءُ جو متن ۶۴۷

موا ڳ ـ ۱

هِن کان اڳي اسين چار خطن جا مجموعا پيش ڪري چڪا آهيون ـــ (۱) "رهاڻ"، عزيزم ميران محمد شاهه جا، (۲) "خطّ....."، عزيزم علي محمد شاهه راشديءَ جا، (۳) "ساهڙ جا سينگار"، بزرگوارين علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ جا، ۽ (۴) "اڄ ڀڻ ڇڪيو چاڪ"، مختلف دوستن، واقفڪارن، مهربانن ۽ سائين جا، اسان ڏانهن لکيل خطّ. هيءُ اُن سلسلي جو پنجون مجموعو "ڪجهه خطّ" جي نالي سان سندّ کان پاهر جي سياستدانن ۽ ڀڻ سندّ جي سياستدانن ۽ قومي ڪارڪنن طرفان اسان ڏانهن لکيل ۽ اسان وٽ محفوظ ڪجهه خطن جو مجموعو آهي. اميد تہ اسان جي لائق پڙهندڙن کي هِنن خطن جي مطالعي مان اسان جي تازي گذريل دور جي تاريخي، سياسي ۽ سماجي حالات جو ڪجهه قدر اندازو لڳي سگهندو، ۽ سندن آڏو پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي موجوده مسئلن کي سمجهڻ ۽ اُنهن جي مناسب حل لاءِ گهربل شعور ۽ عمل جي راهه ڪجهه قدر روشن ٿي سگهندي.

خطن جي هِن مجموعي جي ترتيب ڏهاڪو ڪن سال اڳ جي ڪيل آهي. مسودي کي پريس ۾ موڪلڻ کان پوءِ بہ اُن جي طباعت جي تڪميل ۽ اشاعت لاءِ ڪافي عرصو انتظار ڪرڻو پيو، جنهن ۾ پريسن جي دستوري مسئلن سان گڏ، معزز محمد ابراهيم جي مصروفيتن، ذاڇاڻيءَ، ۽ ڀڻ ڪجهه قدر تساهُل جو دخل رهيو آهي. بهرحال، هيءُ ضخيم ڪتاب شايع ٿيو، اِها اسان لاءِ خوشيءَ جي ڳالهه آهي ۽ اُن لاءِ اسين هِن پنهنجي پياري سائيءَ ۽ پين سڀني دوستن ۽ رفيقن جا ٿورائتا آهيون، جن مسودي جي

ترتيب ۽ مدد ڪئي ۽ پريس لاءِ آن جو نقل تيار ڪيو. ڪتاب جي اشاعت ۽ آن تاخير سبب سوانحعمرين جي تعارفي نوٽن ۽ ڪي احوال تازه يا آپ-ڏٺ-ڏيٺ نظر نه ايندا -- جنهن سهو يا اڻپورائيءَ کي اميد ته لائق پڙهندڙ درگذر ڪندا.

مجموعي ۽ آيل ڪافي کي خط اصل انگريزيءَ ۽ اردوءَ ۽ لکيل هئا، جن جا سنڌيءَ ۽ ترجما پيش ڪيا ويا آهن -- اهڙن خطن جي سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ مان ترجمي لاءِ تاري جو نشان * ۽ اردو جي حالت ۽ لفظ 'اردو' ڏنو ويو آهي.

-- غلام مرتضيٰ

سن
نومبر، ۱۹۸۴ع

کجھ خط

(سیاستدانن ۽ قومي ڪارڪنن جا)

مسٽر محمد علي جناح

هيءُ آغاخاني خوجن جي ڪٽنب مان ڪراچيءَ جو رهاڪو هو. ۲۵ - ڊسمبر ۱۸۷۶ع تي ڪاريءَ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو جيٺو پونجا واڻجي هو. محمد علي پيءُ جو وڏو پٽ هو. سندس مائٽ چمڙي جو واپار ڪندا هئا، جن ڪيس پڙهائي، ولايت موڪلي، بئريسٽر ڪرايو. ان کان پوءِ هيءُ دادا ڀائي نوروزجي، ڪانگريس جي سڪيه قومي ليڈر، جو سيڪريٽري ٿي رهيو. پهرين ڪانگريس ۾، ۽ پوءِ مسلم ليگ ۾ شريڪ ٿيو، جنهن جو ٿوري وقت بعد ڪيس پريزيڊنٽ بنايو ويو. هيءُ پهرياڻين قوم پرست خيال رکندو هو، پوءِ ردعمل ۾ اچي، فرقي پرست سياست اختيار ڪيائين. هيءُ ۱۹۴۷ع ۾ پاڪستان جو پهريون گورنر جنرل ٿيو، ۽ ۱۳ مهينن بعد ۱۱ - ڊسمبر ۱۹۴۸ع تي وفات ڪيائين.

سندس زندگيءَ جو سموورو احوال مون پنهنجي ڪتاب، "جديد سياست جا نو رتن" ۾ ڏنو آهي، ان ڪري وڌيڪ هتي ڏيڻ جي ضرورت محسوس نٿو ڪريان. ان کان سواءِ هن جي زندگيءَ تي ڪيترا ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ۽ ڇپجن پيا، تنهنڪري هيءُ وڌيڪ تعارف جو محتاج نه آهي.

منهنجو سائٽس ۱۹۳۰ع کان ولي لاڳاپو رهندو آيو، ۽ خاص طرح سان ۱۹۴۲ع ۾، مسلم ليگ ۾ داخل ٿيڻ بعد، سائٽس وڌيڪ تعلقات پيدا ٿيا. پاڪستان بنجڻ کان اڳ سائٽس اختلافراءِ ڏي پيا، ۽ آڻ مسلم ليگ کان باهر نڪري آيس. انهيءَ دور ۾ سائٽس گهڻو وقت خط و ڪتابت رهي، جنهن کي جدا ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرڻ جو ارادو آهي. سندس جملي ۴۲ خط مون وٽ محفوظ آهن، جن مان ۴ خط ۽ هڪ پريس بيان هتي ڏيان ٿو.

هيءُ جيتوڻيڪ پيدا سنڌ ۾ ٿيو هو، ليڪن پنهنجي سياسي فڪر ۽ عمل ۾ هن ڪڏهن به سنڌي مفاد کي بنيادي اهميت ڪانه ڏني. ڳالهه جي طوالت کي ڇڏي، هيءُ قصو، جيڪو آءٌ پنهنجي مختلف ڪتابن ۾ بيان ڪري چڪو آهيان، ان کي وڌيڪ دهرائڻ مناسب نٿو سمجهان. شاهه سائين جو بيت آهي ته:

ويلي جنين وٽ، ڏکندو ڏايو ٿئي،
سا مجلس ٿي مٽ، جي حاصل هوءِ هزار جو.

* (۱)

۱۰ - اورنگزيب روڊ، نئين دهلي، ۸ - فبروري، ۱۹۴۰ع.

پيارا سيد، مون کي اوهان جو ۱- فبروريءَ وارو خط پهتو. افسوس اٿم جو گهڻي ڪم سبب، جلدي جواب ڏيئي نه سگهيس. اوهان جي خط ۾ اڪثر اهڙو احوال لکيل آهي، جنهن سان آءٌ متفق راءِ آهيان، پر اوهان جي ڪانگريس بنسبت ان اميد جي برصواب ٿيڻ جي اميد گهٽ ڏي نظر اچي ته "اهي پنهنجي اصولن مطابق، سنڌي عوام (جيڪي سنڌ ۾ اڪثر مسلمان آهن) جي حالتن سڌارڻ ۾ مدد ڏيندا." اوهان تمام گهڻيءَ خوش فهميءَ ۾ مبتلا آهيو. آءٌ چاهيان ٿو ته اوهان ان ڏي چڱيءَ طرح غور ڪري ڏسو ته ڪانگريس ۾ ان جي هاءِ ڪمانڊ جا ڪهڙا ارادا آهن! اوهان کي، هنن جي ظاهري وعدن تي پلجي وڃڻ نه گهرجي.

هندو مسلم سمجهوتي جو سوال ساري هندستان جو مسئلو آهي، ۽ منهنجي راءِ موجب جيڪي مسلمان اهو خيال ڪن ٿا ته هر صوبي ۾ ان جي حالتن پٽاندر جدا جدا سمجهوتو ڪيو وڃي، اهي غلطيءَ تي آهن- چاڪاڻ ته اهو طريقو مسلمانن جي يڪجهتيءَ کي ٽوڙڻ لاءِ راهه ڏيکاريندو.

سکر جو حادثو [مسجد منزل‌گاهه وارو] نهايت افسوسناڪ آهي. منهنجي خيال ۾ اهو ڏوهه انهن مسلمانن جو آهي، جيڪي

اسيمبليءَ ۾ اندر ۽ باهر اكثريت ۾ آهن. جيكڏهن انهن ۾ طاقت جو احساس، بي غرضي ۽ اتحاد هجي ها، تہ اهو واقعو وجود پذير نہ ٿئي ها.

ـ اوهان جو خيرخواهہ، محمد علي جناح.

* (۲)

مائونٽ پليزنٽ روڊ، ملبار هل، بمبئي، ۱۳- آگسٽ، ۱۹۴۰ع.

محترم پيارا سيد، اوهان جي ۹- آگسٽ واري خط لاءِ بيحد ٿورائتو آهيان. هتي پهچڻ بعد فون كندوس تہ آءٌ اوهان سان كنهن به وقت (جو اوهان لاءِ سهولت وارو هوندو) ملي گهٽي خوشي محسوس كندس.

اميد تہ اوهان بمبئيءَ ۾ رهائش دوران كنهن ڏينهن سون وٽ پنهنجي مائي كائي، سون كي خوشيءَ جو موقعو فراهم كندا.

ـ اوهان جو مخلص، ايم- اي- جناح.

* (۳)

مائونٽ پليزنٽ روڊ، ملبار هل بمبئي، ۱۱- جنوري ۱۹۴۱ع.

محترم پيارا سيد، اوهان جو ۳۰- ڊسمبر وارو خط پهتو، جنهن ۾ اوهان سر حاجي عبدالله هارون ڏانهن موكليل خط جي كاپي موكلي آهي. مون كي اهو انتظار آهي تہ اوهان ۳- جنوريءَ تي ميرپورخاص ۾ كهڙو فيصلو كيو؟

مون كي اوهان جو ۱- جنوريءَ وارو خط به پهتو، جنهن ۾ اوهان مسٽر ابوالكلام آزاد جي تار جو نقل، ۽ پنهنجو جواب موكليو آهي.

آءٌ نهايت ٿورائتو رهندس، جيكڏهن اوهان سنڌ ۾ وقت به وقت پيدا ٿيندڙ حالتن كان مون كي واقف كندا رهندا.

سون کي معلوم آهي ته اوهان هن وقت ڪوٽ ۾ آرامي آهيو، ان ڪري پورو احوال سوڪلي نه سگهندو. تاهم به اميد الله ته جلد تندرست ٿيندا، ۽ ان خبر معلوم ڪرڻ لاءِ منتظر رهندس ته اوهان اسيمبليءَ ۾ مسلم ليگ پارٽيءَ کي منظم ڪرڻ ۽ باهر مسلم ليگ کي زور وڌائڻ لاءِ چا ڪيو. سون کي خوشي ٿيندي، جيڪڏهن اوهان مسلم ليگ جي حڪم موجب، گڏيل چوند جي مخالفت ڪندا ۽ اسيمبليءَ اندر ليگ پارٽي قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪندا. اميد ته جلد تندرست ٿيندا.

ـ احترام سان، اوهان جو خيرخواهه، ايم- اي- جناح.

* (۴)

۱۰ - اورنگزيب روڊ، نئين دهلي، ۱۵- فبروري، ۱۹۴۴ع.

محترم پيارا سيد، آءٌ هن سان گڏ سر غلام حسين کان پهتل خط جي ڪاپي سوڪليان ٿو، جنهن جي پڙهڻ سان احوال معلوم ٿي سگهندو.

اسان پاڻ ۾ جيڪي گالهيون ڪيون هيون، مان سمجهان ٿو بحث بعد اوهان سون سان هيٺين بن گالهين تي راضي ٿيا هئا:

صوبه سنڌ مسلم ليگ ۾ اوهان ان جا صدر، وزارت جي انتظامي يا قانون سازيءَ جي روزانه ڪمن ۾ دستاندازي نه ڪندا، سواءِ ان فيصلي جي، جو اسيمبلي پارٽيءَ جي حيثيت ۾ ڪريو. پر ان جو مطلب اهو نه آهي ته وزارت کو اهم مسئلو هٿ ۾ کڻي، ۽ صوبه مسلم ليگ جي خيال موجب اهو سوال مسلمانن جي پلي وٽان نه هجي، ته هروڀرو ان ۾ ساڻن شامل راءِ ٿئي! جيڪڏهن صوبائي مسلم ليگ ۽ وزارت جي وچ ۾ ڪو اهم اختلاف پيدا ٿي پوي، ته اوهان ۽ هنن لاءِ رستو کليل آهي ته اهو مسئلو سون ڏانهن موڪليو وڃي يا آل انڊيا مسلم ليگ ورڪنگ ڪاميٽيءَ

آڏو پيش ڪيو وڃي.

مٿين ڳالهين کي ساڻهون رکندي، صوبائي مسلم ليگ کي وزارت جي سڌ ڪرڻ گهرجي، ۽ جملي پاڻهرين سازشن کي، جيڪي پارٽيءَ جي يڪجهتي ختم ڪرڻ لاءِ ڪيون وڃن، روڪڻ گهرجي. اوهان کي اها ڄاڻ هوندي تہ هن وقت وزارت مسلم ليگ جي ضابطي ۽ نگهداريءَ هيٺ هلي رهي آهي. اميد تہ اوهان مون سان شامل راءِ ٿي، ان مطابق عمل ڪندا.

ـ اوهان جو مخلص، ايم- اي- جناح.

* (۵)

مسٽر جناح جو پريس بيان

بمبئي، ۱۲- فبروري ۱۹۴۵ع.

"مون کي مسٽر جي- ايم- سيد سان ملي، ۽ سائس گفتگو ڪري، ڏاڍي خوشي ٿي.

آڳ سنڌ جي مسلم ليگي ليڈرن، خاص طور سر غلام‌حسين هدايت‌الله ۽ مسٽر سيد، کي اپيل ڪندس تہ منجهن تازو پيدا ٿيل اختلاف ۽ جهگڙا ختم ٿيڻ گهرجن، ۽ کين گهرجي تہ هن نازڪ دور ۾ مسلم ليگ جي سڀني گروهن ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. آڳ کين هيءَ اپيل، مسلم ليگ جي ان مقصد جي ناليءَ ۾، ڪريان ٿو، جنهن جي حاصل ڪرڻ لاءِ هوءَ جدوجهد ۾ مشغول آهي. پاڪستان جو حصول، اسان جي موت ۽ زندگيءَ جو سوال آهي.

مون کي نهايت خوشي حاصل ٿي آهي تہ صوبائي مسلم ليگ جي سالياني چونڊن جو سوال، محترم جي- ايم- سيد، صدر سنڌ مسلم ليگ ۽ ورڪنگ ڪاميٽيءَ، ۽ قاضي محمد عيسيٰ [جنهن کي مرڪزي مسلم ليگ اڪثر ڪميٽيءَ انهيءَ مقصد لاءِ سنڌ ۾ موڪليو هو] جي باهمي مشورن سان خاطر خواهه نموني حل ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن سمجهوتي مطابق ڪم ڪيو ويو، تہ پوءِ چونڊون صحيح ۽ منصفانہ نموني ٿي سگهنديون."

پنڊت جواهر لعل نهرو

جواهر لعل نهرو، پنڊت موتي لعل جو فرزند، ڪشميري پنڊتن جي ڪول قبيلي مان هو. ١٤- نومبر ١٨٨٩ع ۾ ڄائو. هيءُ ننڍي هوندي، مسٽر فريبنند بروڪس، مسز اينيبيسنٽ جي موڪليل استاد، جي تعليم هيٺ ٽياسافيڪل سوسائٽيءَ جي اثر هيٺ آيو، جيڪا صوفيانه خيالن جي جماعت هئي. هيءُ ولايت مان بئريسٽري پاس ڪري، اچي ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيو. ٽي دفعا آل انڊيا ڪانگريس جو پريزيڊنٽ ٿي رهيو. وڏو عالم ۽ اديب هو. ڪيترا ڪتاب لکيا اٿس،جن مان (١)Glimpses of World History،(٢) آٽوبايوگرافي، ۽ (٣) ڊسڪوري آف انڊيا مکيه آهن.

هيءُ ١٩٤٦ع ۾ وائسراءِ هند جي ڪئبينٽ ۾ وڏو وزير ٿيو، ۽ هندستان جي ورهاڱي بعد، آگسٽ ١٩٤٧ع کان، پارٽ جووزيراعظم مقرر ٿيو، جنهن عهدي تي هيءُ ٢٧- مئي ١٩٦٤ع تي وفات وقت قائين رهيو.

سون سان هن جا تعلقات ڏاڍا چڱا هئا، ۽ پاڪستان کان اڪ ۽ ٻوءِ وقت بہ وقت ملاقاتون ٿيندیون رهيون. سندس وڏيڪ احوال منهنجي لکيل ڪتاب "جديد سياست جا نو رتن" ۾ سندس ڇهيل مختصر سوانح عمرين مان ملي سگهندو. ان ڪري هن ڪي وڏيڪ تعارف جو محتاج نہ سمجهي، سندس مون ڏانهن آيل هڪ شخصي خط هت ڏجي ٿو.

هيءُ جيڏو وڏو عالم هو، اوترو تواضع وارو ۽ نهنو هو. هڙن لاءِ ٽي شاهہ سائينءَ جو چوڻ آهي تہ:

وينيي جنين وٽ ڏکندو ڏور ٿئي،
تون تني سين ڪٽ، اوڏا اڏي پکڙا!

(ذاتي) *

محڪمه وزارت خارجه انڊيا، ۱۷- يارڪ روڊ، نئين دهلي،
۸- سپٽمبر ۱۹۴۶ع.

منهنجا پياراسيد، توهان جو ۶- سپٽمبر وارو خط، توهان جي گورنرڏانهن موڪليل خط جي نقل سان گڏ، پهتو. سنڌ ۽ جيڪي ڪجهه وهي واپري رهيو آهي، اسان ان کي پوري غور سان ڏسي رهيا آهيون. اڄ سون انهيءَ مسئلي تي مسٽر وزيراڻيءَ سان گفتگو ڪئي. اسان کان جيڪي ڪجهه ٿي سگهيو، هتان ان مسئلي ۽ سڌ ڪندا رهنداسون. اوهان کي ان جي خاطري هئڻ گهرجي.

- اوهان جو مخلص، جواهر لعل نهرو.

[نوٽ:- هيءُ اهو وقت هو، جڏهن سنڌ جي مسئلن بنسبت منهنجو مسلم ليگ وزارت سان اختلاف ٿي پيو هو ۽ مسلم ليگ ليڊر شپ وزارت کي بچائڻ لاءِ، انگريز گورنر سان سازباز ڪري، اسان کي الڪشن ۽ نقصان پهچائڻ جا سڀ طريقا اختيار ڪيا هئا. اسان مجبور ٿي سنڌ اسيمبليءَ ۽ ڪانگريس پارٽيءَ سان سنڌ جي مسئلن بابت اتحاد ڪيو هو. گورنر ۽ مسلم ليگ وزارت طرفان مخالفتن جو احوال، وقت بوقت پنڊت جواهر لعل کي لکي پئي موڪليوسون. ان جي جواب ۽ هيءُ خط آيل هو.]

سردار ولپ پائي پٽيل

هيءُ ٣١- آڪٽوبر، ١٨٧٥ع تي، گجرات جي نادياڊ ڳوٺ ۾، پٽيدار ڪٽنب ۾ جاڻو هو. هيءُ ولايت مان پڙهي، بئريسٽر ٿي، ١٩٣١ع ۾ احمدآباد ۾ اچي، وڪالت ڪرڻ لڳو. مهاتما گانڌيءَ جي ڏکڻ آفريڪا مان موٽڻ بعد، ان جي اثر هيٺ اچي، ڪانگريس ۾ شامل ٿيو. هڪ دفعو ان جو صدر به ٿيو. آزاديءَ بعد، هيءُ پارٽ جي مرڪزي حڪومت ۾ وزير داخلم ٿي رهيو.

هيءُ سياست عمليءَ ۾ ويساهم رکندڙ هو، جيتوڻيڪ سندس ليڊر، گانڌيجي، آئيڊيلسٽ هو. ڪانگريس جي زور وڌائڻ ۾ هن‌جو گهڻو هٿ هو. سندس زندگيءَ جو احوال به مون "جديد سياست جا نو رتن" ڪتاب ۾ ڏنو آهي، ان ڪري هتي وڌيڪ ڏيڻ جي ضرورت نه آهي. سندس زندگيءَ جو احوال ڪيترن ماڻهن لکيو آهي.

مون سان هن جو لاڳاپو ١٩٣٨ع کان ولي رهندو آيو. پهرين هن اسان جو نقطي نگاهه، پوريءَ طرح نه سمجهي، مخالفت ڪئي. پر پوءِ جيئن وڌيڪ واقفيت ٿيندي ويئي، تيئن دوستي به وڌندي ويئي؛ ۽ سندس حقيقت شناسيءَ مون کي هن جي ويجهو ڪري ڇڏيو. سندس هڪ خط هيٺ ڏجي ٿو:

* انڊين نيشنل ڪانگريس مرڪزي انتخابي بورڊ، برلا هائوس، نئين دهلي، ١٣- سپٽمبر ١٩٤٦ع.

پيارا دوست، مون کي اوهان جو ١١- سپٽمبر وارو خط ۽ ان سان گڏ موڪليل لکپڙهه جا نقل پهتا. مون گذريل رات توهان سان ٽيليفون تي به گالهايو هو.

توهان جي ڪاميابيءَ جو سدار، اوهان جي الیکشن وقت

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڪيل محنت ۾ همت تي ٻڌل آهي. سنڌ ۾ عام چونڊون جلد ٿينديون. اسان جي هر ممڪن ڪوشش جي باوجود، اوهان کي گورنر ۾ ان جي آڏار تي بيئل عارضي وزارت جي مخالفت جو هر طرح مقابلو ڪرڻو پوندو ۾ اليڪشن وقت پيش ايندڙ هرمشڪلات کي منهن ڏيڻو پوندو.

ـ اوهان جو خيرخواهه، ولهه پائي پٽيل.

مولانا ابوالڪلام آزاد

مولانا جو سڄو نالو محي‌الدين احمد بن خيرالدين، ڪنيت "ابوالڪلام" ۽ تخلص "آزاد" هو. سندس والد مولانا خيرالدين، مولانا افضل جي ننڍي صاحبزادي محمد هاديءَ جو فرزند هو. مولانا هادي، مغل شهنشاهه شاهجهان جي زماني ۾ آگري شهر ۾ سرڪاري ملازم هو. هن جا وڏا بابر بادشاهه جي ڏينهن ۾ هرات کان هندستان ۾ آيا. پهرين آگري ۾ ان بعد دهليءَ ۾ سڪونت اختيار ڪيائون.

مولانا آزاد، آگسٽ ۱۸۸۸ع ۾، مڪي شريف ۾ باب السلام ويجهو، محلي قدوه ۾ ڄائو. دنيا جي وڏن عالمن مان هڪ هو. هن جميعت‌العلماء هند جي اثر هيٺ، منڊي کان ئي ڪانگريس ۾ شموليت ڪئي، ۽ آخر تائين ان ۾ رهيو. ڪيترو وقت هيءُ آل انڊيا ڪانگريس جو صدر به رهيو. هندستان جي جدا ٿيڻ بعد، هيءُ، ۲۱- فيبروري ۱۹۵۸ع ۾ وفات ڪرڻ تائين، پارت جو وزير تعليم ٿي رهيو.

منهنجي ساڻس واقفيت ۱۹۲۰ع کان ٿي، جڏهن هو لاڙڪاڻي ۾ خلافت ڪانفرنس وقت آيو هو، ۽ آخر وقت تائين هلندي آئي. سندس زندگيءَ جو احوال به، سون "جديد سياست جا نو رتن" ڪتاب ۾ ڏنو آهي. هن جي حياتيءَ تي ڪيترائي ڪتاب لکجي چڪا آهن. وڏي عالم هڻڻ جي حيثيت ۾، هن جون ڪيتريون ٿي تصنيفون آهن، جن مان "تفسير القرآن" ۽ "انڊيا ونس فريڊم" شهپارا آهن.

سياست ملڪ جو به عجيب معاملو آهي، ان ۾ سنڌي چوٽيءَ سوجب، "ڪڏهن چور ٿي چاڪلا ۽ ڪڏهن سور ٿي محتاج" ٿيو پون.

هندستان جي تڏهوڪيءَ سياسي صورتحال ۽ مسلم ليگ جي طرفان قيام پاڪستان لاءِ جا پروپئگنڊا ڪئي، تنهن مسلمانن ۽ مولانا آزاد کي سندس درجي حاصل ڪرڻ جو موقعو نہ ڏنو— اهي ماڻهو، جي دين اسلام کان بيبهره، انگريز پسند ۽ ابن‌الوقت هئا، سي اسلام جا علمبردار بنجي ويا، ۽ هيءُ صاحب، باوجود آزادي پسنديءَ، ۽ علمي ۽ اخلاقي بلنديءَ جي، تنقيد جو نشانو بنيو رهيو. پر سندس عزت افزائي اهائي ڪافي آهي ته "سرمد شهيد" جهڙي حق پرست جي سايي ۽ مدفون آهي.

مولانا آزاد، چند شخصي دوستن کان سواءِ، پين ڏانهن خط ڪونہ لکندو هو. سون ڏانهن، مختلف مسئلن تي سندس موڪليل تارون محفوظ آهن، جن مان ٻہ هيٺ ڏجن ٿيون:

(۱) [تار] *

ڪلڪتو، ۲۱- آگسٽ، ۱۹۳۸ع.

جناب غلام مرتضيٰ شاهم، توهان جي تار، ۽ ان‌سان گڏسردارپٽيل ڏي موڪليل خطن جون ڪاپيون ٻہ پهتيون. جيڪڏهن ضرورت هجي، ۽ سردار پٽيل لکي، ته آءٌ هوائي جهاز رستي (سنڌ) اچي پهچندس.
- ابوالڪلام آزاد.

[نوٽ:- سنڌ وزارت سان "ڏلن جي مسئلي" تي اختلاف ڏيڻ ڪري، سنڌ ڪانگريس پارٽيءَ، مؤقف مٽائي، پنهنجي ڪيل وعدن تان ڦرڻ شروع ڪيو. ان وقت، سون مناسب سمجهيو تہ پنهنجي پاليسي بدلائڻ کان اڳ، ڪانگريس هاءِ ڪمانڊ کي آگاهہ ڪجي. انهيءَ لاءِ ڪيس سنڌ ۽ اچڻ لاءِ تار ڪيل هئي، جنهن جي جواب ۾ هيءَ تار موڪلي ائس.]

(۳) [تار] *

دهلي، ۳۱- ڊسمبر، ۱۹۴۱ع.

جناب غلام مرتضيٰ شاهه، سون کي يقين آهي ته سنڌ ۾ منهنجي گذريل آمد وقت، ڪڏهن وزارت ۾ پروگرام بابت جيڪو فيصلو ٿيو هو، ان تي اوهان قائم هوندا. مهرباني ڪري، ۲- جنوريءَ تي سون کي دهليءَ ۾ تار رستي اطلاع ڪج.

- ابوالڪلام آزاد.

[نوٽ:- سنڌ جي سرزمين ۾ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي باهمي اختلافن اهڙيون حالتون پيدا ڪون هيون، جو مسلمان ميمبرن سنڌ جي مفاد کي درڪنار ڪندي، ذهني اغراض ۽ اقتدار لاءِ سنڌ کي نقصان رسائڻ جون سازشون ڪيون. ان کي ختم ڪرڻ لاءِ سون استعفا ڏيڻي، وزارت ۽ خانبهادر الهبخش سومري کي آڻي، سنڌ ۾ آل پارٽيز وزارت بحال ڪرائي، سيني مسلمان ميمبرن کي متحد ڪيو هو. ان سلسلي ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد تمام گهڻي مدد ڪئي هئي. جنهن صورت ۾ جناح صاحب کي ڪانگريس ۽ مولانا سان اختلاف هئا، تنهن ان سمجهوتي کي ٽوڙڻ لاءِ هر طرح جي ڪوشش ڪئي. اهي ڳالهيون زبان زد عام ٿي ويئون، جن کي ٻڌي، هيءَ تار موڪلي ٿس.]

منهنجي جوابي تار *

ڪراچي، ۱-۱-۱۹۴۲ع.

جناب مولانا ابوالڪلام آزاد، صدر ڪانگريس، دهلي.

اوهان جو وزارت بنسبت جيڪو فيصلو ڪيل آهي، آءٌ ان تي قائم آهيان، ۽ سورهن ميمبرن جي ڪاميٽيءَ سان گڏ ڪم ڪري رهيو آهيان. ڪاميٽيءَ اڃا پروگرام تيار ڪونه ڪيو آهي.

ليگ طرفان، گڏيل چونڊن جي مخالفت ڪرڻ ۽ اسيمبليءَ اندر جدا ليگ پارٽي قائم ڪرڻ جو حڪم پهتل آهي.

- غلام مرتضيٰ.

(۵)

خان عبدالغفار خان

خان عبدالغفار خان، محمدزئي قبيلي جي پٺاڻن سان آهي. هيءُ اتمانزئي ڳوٺ ۾ ۱۸۹۰ع ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم کان پوءِ ايڊورڈ مشن هاءِ اسڪول پشاور ۾ تعليم ورتائين. حالتن جي ناهمواريءَ سبب وڌيڪ تعليم حاصل ڪري نه سگهيو. سندس والد، بهرام خان، خان ۽ زميندار طبقي مان هو. سندس انگريز آفيسرن وٽ چڱي عزت ۽ اثر رسوخ هو. مقامي طرح نه پڙهي سگهڻ جي حالت ۾ خان غفار کي سندس والد ولائت موڪلڻ گهريو، مگر ماءُ جي محبت ڪري باهر وڃي نه سگهيو.

هيءُ ۱۹۱۹ع ۾ رولٽ ايڪٽ خلاف تحريڪ ۾ حصو ورڻ سان سياست ۾ داخل ٿيو، ۽ ڇهه مهينا قيد ڪاٽيائين. ۱۹۲۰ع ۾، هجرت تحريڪ ۾ شريڪ ٿي، افغانستان ويو، پر ان جي ناڪامياب ٿيڻ سبب موٽي وطن آيو. هن ۱۹۲۱ع ۾ پنهنجي ڳوٺ اتمانزئي ۾ هڪ ديني مدرسو قائم ڪري، ان کي قوميرستيءَ جي نقطي‌نگاه کان هلائڻ شروع ڪيو. انگريز چيف ڪمشنر، سر جان ميفي، سندس پيءُ کي گهرائي، مدرسي بند ڪرڻ لاءِ چيو، چو ته ان ۾ انگريزن خلاف تعليم ڏني ٿي ويئي. باوجود ان جي، مدرسو هلندو رهيو. ان تي ناراض ٿي، انگريزن کيس ضمانت داخل ڪرڻ لاءِ چيو. جنهن کان انڪار ڪرڻ تي کيس جيل موڪليو ويو. ۱۹۲۱ع ۾ ٿي خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتائين ۽ ٽي سال سزا آيس. ۱۹۲۴ع ۾ جيل کان باهر نڪتو. جيل کان موڻ بعد، مسلمانن مان غلط رسمون دور ڪرڻ لاءِ "انجمن اصلاح افغان" قائم ڪيائين. ۱۹۲۶ع ۾ سيني ڪارڪنن سان گڏ ڪلڪتي ۾ ڪانگريس اجلاس ۾ شريڪ ٿيو. ۱۹۲۹ع ۾ هن آل انڊيا ڪانگريس لاهور جي اجلاس

۾ حصو ورتو. ۱۹۳۰ع ۾ هن "خدائي خدمتگار تحريڪ" شروع ڪئي، جنهن کي "سرخ پوش" (Red Shirts) به سڏيو ويو ٿي.

۱۹۳۰ع ۾ گانڌيجيءَ ستياگره جي تحريڪ شروع ڪئي. خان غفار خان، اپريل ۱۹۳۰ع ۾، ڪانگريس جي پروگرام "لوڻ جو قاعدو ٽوڙڻ" لاءِ هزارين ماڻهن سان گڏ صوبائي ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي ماتحت شاهي باغ ۾ حصو ورتو. ۲۲- اپريل تي جلوس ڪيڏ جو فيصلو ڪيو ويو. ۲۳- اپريل تي جلوس نڪتو. قصه خواني بازار ۾ پهچڻ تي مٿن گوليبازي ڪئي ويئي، جا چار ڪلاڪ هلي، جنهن ۾ سوين ماڻهو (هندو ۽ مسلمان) شهيد ٿيا. ۵۷ ماڻهن جا نالا ظاهر ڪيا ويا، ۳۸ لاش اسپتال وارن ڏاسعلوم ڪري دفنائي ڇڏيا، ۵۵۰ اسپتال ۾ داخل ڪيا ويا. ۳۰ اپريل ۱۹۳۰ع تي خان غفار خان کي گرفتار ڪري، ڏن سالن لاءِ گجرات جيل ۾ موڪليو ويو.

۱۱- مئي ۱۹۳۰ع تي سول نافرماني ڪئي ويئي، جنهن تي غلام محمد لنڊخور کي گرفتار ڪري ڏن سالن لاءِ جيل موڪليو ويو. ان تي ماڻهو مشتعل ٿي ويا. سرڪار طرفان فائرنگ ڪئي ويئي، جنهن جي نتيجي ۾ ستر (۷۰) ماڻهو مئا ۽ ۱۵۰ زخمي ٿيا.

۳۱- مئي ۱۹۳۰ع تي هڪڙو سک، سردار گنگا سنگهه (جو سرڪاري ملازم هو)، وڏيءَ بازار سان پنهنجيءَ زال ۽ بن ٻارن سان گڏ ٽانگي ۾ وڃي رهيو هو، تہ هڪ انگريز سپاهيءَ کيس ۽ سندس ٻن ٻارن کي ماري وڌو. ان جو جنازو ڪڍي، هزارين ماڻهو جلوس جي شڪل ۾ وڌي رهيا هئا، تہ انگريزن سندن رستو اڇي بند ڪيو. ماڻهن چيو تہ هو صرف جنازو ڪڍي پيا وڃن ۽ سندن ڪوبہ خراب ارادو نہ آهي، پر انگريزن فائرنگ ڪئي، جنهن ۾ ۱۱ ماڻهو شهيد ۽ ۲۰ زخمي ٿيا.

۲۸- فيروري ۱۹۳۱ع ۾، اتمانزئيءَ ۾ هڪ وڏو جلوس ٿيو. پوليس جي لاٺي چارج جي باوجود ماڻهو منتشر نہ ٿيا، تہ مٿن

گولي هلائي ويئي، جنهن ۾ ڪيترا ماڻهو شهيد ۽ زخمي ٿيا.

۱۰- مارچ ۱۹۳۱ع تي گانڌي ارون پڪٽ ٿيو. ٻين سياسي قيدين کي آزاد ڪيو ويو، ليڪن بادشاهه خان کي نه ڇڏيو ويو. ان تي گانڌي جيءَ، لارڊ ارون سان ملي، ڪيس چيو ته جيڪڏهن بادشاهه خان کي نه ڇڏيو ويو ته هو، معاهدو ختم ڪري، جيل ۾ وڃڻ لاءِ تيار ٿيندو. ان بعد گانڌي جيءَ، بادشاهه خان سان جيل ۾ ملي، ڪيس چيو ته انگريزن جو چوڻ آهي ته "سرخپوش جماعت" کي ڪانگريس ۾ ضم ڪيو وڃي. بادشاهه خان ان لاءِ تيار نه هو، پر سر عبدالقيوم خان، جو انگريزن جو ماڻهو هو، ان کي جڏهن خبر پئي ته انگريز ڪهڙيءَ به طرح پنڌاڻن جي طاقت کي ٽوڙڻ گهرن ٿا، ته هن خان غفار کي چوائي سوڪليو ته اوهان کي ڪنهن آل انڊيا جماعت ۾ شامل ٿيڻ گهرجي، نه ته نقصان ۾ ايندؤ. ان تي بادشاهه خان هاڪار ڪئي ۽ باقاعدي ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيو. گجرات جيل مان ڪري، جڏهن پشاور پهتو ته هن جي آجياني جلوس ۾ لکين ماڻهو شريڪ ٿيا. ان کان پوءِ هن کي "سرحد جو گانڌي" سڏيو ويو. هن باهر نڪرڻ سان ئي ڪانگريس جي پروگرام موجب، سرحد ۾ ڪانگريس جو پرچار شروع ڪيو، جنهن تي وري کيس جيل سوڪليو ويو. سندس آزاديءَ لاءِ ساري صوبي ۾ هلچل هلي، ۽ نتيجي طور ڏهه پندرهن هزار رضاڪار جيل ۾ ويا. ۱۹۳۲ع کان ۱۹۳۴ع تائين خان غفار هزاري جيل ۾ رهيو. آزاديءَ بعد سندس سرحد ۽ پنجاب ۾ داخلا تي بندش وڌي ويئي. ان بعد ڪجهه وقت هو وارڌا ۾ گانڌيجيءَ وٽ رهيو.

۱۹۳۵ع ۾ هندستان کي صوبائي خودمختياري ملي ۽ ڊاڪٽر خانصاحب ۽ بادشاهه خان تان پابندي لاڻي ويئي. ڊاڪٽر خانصاحب سرحد ويو، ليڪن بادشاه خان بمبئيءَ ۾ آل انڊيا سوديشي نمائش جي افتتاح تي تقرير ڪئي، جنهن تي کيس بغاوت جي کيس ۾

ڏن سالن لاءِ جيل سوڪليو ويو.

۱۹۳۷ع جي آخر ۾ هو وري پنهنجي وطن موڏيو، تہ زبردست استقبال ڏيس، انڪ کان پشاور تائين جلوس ڪڏيو.

سپٽمبر ۱۹۳۷ع ۾ ڊاڪٽر خانصاحب جي هٿ هيٺ سرحد ۾ ڪانگريس وزارت ٺهي.

سپٽمبر ۱۹۳۹ع ۾ پي وڏي جنگ لڳي، جنهن ۾ ڪانگريس، حڪومت سان جنگ ۾ حمايت جو شرطي اعلان ڪيو. ان تان ڪاوڙجي، بادشاهه خان ڪانگريس گان جدا ٿي ويو ۽ وري پنهنجي "خدائي خدمتگار تحريڪ" کي زور وڌائڻ شروع ڪيائين. نيٺ جڏهن انگريزن، ڪانگريس جا شرط نہ قبوليا، تہ ان برخلافت ڪئي، ۽ بادشاهه خان پهر ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيو.

۸- آگسٽ ۱۹۴۲ع تي جڏهن آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ "هندستان ڇڏيو" جو نهراءُ پاس ڪيو، تہ سرحد ۾ به گرفتاريون ٿيون، ۽ بادشاهه خان کي جيل سوڪليو ويو، جتان ۱۹۴۵ع ڏاري آزاد ٿيو. ان سال بهار ۽ بنگال ۾ زبردست ڏڪار پيو، ۽ بادشاهه خان بهار ۾ پهچي، ساري صوبي جو دورو ڪيو.

۱۴- آگسٽ ۱۹۴۷ع ۾ ملڪ ورهائجي پيم حصا ٿيو. خان غفار خان، باوجود ورهاڱي جي خلاف هئڻ جي، ڪانگريس جي فيصلي کان انڪار نہ ڪيو. ان بعد جڏهن فرقيوار فسادن منهن ڪڍيو، تہ مسلم ليگ، ڊاڪٽر خان جي وزارت برخاست ڪري، خان عبدالقيوم خان کي وزارت ۾ آندو، جنهن "بابڙا" ۽ سرخپوشن تي گولين هلايون ۽ سوين مائهو شهيد ڪيا.

منهنجي خان غفار سان واقفيت، پهريون پيرو ۱۹۳۱ع ۾ جڏهن پاڻ آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي سالياني اجلاس ۾ آيو هو، ڪراچي ۾ ٿي هئي. ڪيس جاءِ تي گهرائي، چاءِ پارٽي ڏنيم. ان بعد آهستي آهستي سائن لاڳاپو وڌندو رهيو.

۱۹۴۸ع ۾ خان غفار خان ۾ اسان گڏجي "پيپلز پارٽي" ٺاهي، جنهن تان خوفزده ٿي حڪومت هن کي جيل ۾ وڌو ۾ مون کي نظربند ڪيو. ۱۷- جولاءِ ۱۹۵۵ع تي خان غفار خان آزاد ٿيو. پشاور پهچڻ تي لکين ماڻهن سندس استقبال ڪيو.

۱۹۵۵ع ۾ حڪومت پاڪستان، "ون يونٽ" قائم ڪري، صوبن جي حيثيت ختم ڪئي. ان تي خان غفار خان ۾ اسان "اڪثري ون يونٽ فرنٽ" ٺاهي، ان جي مخالفت ڪئي. جنهن تي خان غفار کي ورهي جيل ۾ سوڪليو ويو. ۶- سپٽمبر ۱۹۵۶ع تي هن عدالت عاليه ۾ پنهنجو هڪ تاريخي تحريري بيان پيش ڪيو. جنهن بعد کيس سزا ملي، جتان ۲۵- جنوري ۱۹۵۷ع تي آزاد ٿيو. ان بعد اسان گڏجي "نيشنل پارٽي" ٺاهي، جنهن ۾ "سنڌ هاري ڪاميٽي" "آزاد پاڪستان پارٽي"، "خدائي خدمتگار" ۽ "سنڌ متحده محاذ" شموليت ڪئي. ان کان ٿورو وقت پوءِ مولانا ڀاشاني صاحب جي دعوت تي اسان ۾ بادشاهه خان ايرندي بنگال وياسون. اتي "نيشنل پارٽي" ۽ "عوامي ليگ" کي گڏي، "نيشنل عوامي پارٽي" ٺاهي ويئي. مولانا ڀاشانيءَ کي سڄي پاڪستان جو صدر ۽ شيخ عبدالمجيد کي نائب صدر چونڊيو ويو. خان عبدالغفار خان الهندي پاڪستان جو اڳواڻ چونڊيو ويو. ان بعد گڏجي ون يونٽ ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئيسون. چونڊن جي ڊپ کان مستقل مفاد کي حڪمران طبقي، اسڪندر مرزا ۽ جنرل ايوب خان کي تيار ڪري، مارشل لا لڳايو، ۽ اسان کي جيل جي حوالي ڪيو. خان بادشاهه کي ڇهن مهينن کان پوءِ آزاد ڪيو ويو، ليڪن هتي حالات سازگار نه ڏسي، هو افغانستان هليو ويو، جتي هن جي وڏي عزت ۽ احترام ڪيو ويو. اتان ڪجهه سالن بعد ۱۹۷۲ع ۾ واپس آيو. ڪجهه وقت گذارڻ بعد کيس نظربند ڪيو ويو ۽ سال بعد نظربنديءَ کان پوءِ آزاد ٿي، وري افغانستان ويو، جتي ئي هاڻي گهڻو وقت هو گذاري ٿو. آءٌ ان وقت کان ولي (سواءِ ٿوري عرصي جي آزاديءَ جي)

نظرنند آهيان.

هيءُ صاحب، اخلاق جـو مجسمو، سادگيءَ جو پتلو، وڏو باهمت ۽ مخلص قومي ڪارڪن آهي. آءٌ ان جو ڪوبه وڏاءُ نٿو ڪريان، جيڪڏهن چوان تہ پاڪستان جي جملي سياستدانن ۾ هن جو ڪردار ايترو تہ بلند ۽ روشن آهي، جيترو تارن ۾ چوڏهينءَ جي چنڊ جو!

سندس ڏاهڪو ڪن خط ۾ تارون هتي پيش ڪجن ٿيون:

(۱) [اردو]

۱۹-۵-۱۹۴۸ع.

پيارا سيد صاحب، السلام عليڪم و رحمتہ‌الله و برڪاته!

اسان اڄ شام واريءَ گاڏيءَ ۾ روانا ٿي وياسون. اوهان جي مالي ياد اچي رهي آهي- مهرباني.

سهروردي صاحب ۽ دت صاحب سان ڪافي گالهيون ٿيون. پنهي جيو آهي تہ بنگال وڃـي توکي اطلاع ڪنداسون. ادريس سون انهن کي ڏني آهي.

شيخ صاحب سان ملاقات جو موقعو نہ مليو. اسان سڀني ياران کيس ۽ توهان کي گهٽا گهٽا سلام!

پنهنجي خيريت کان ڪڏهن ڪڏهن مطلع ڪندا رهندا.

ـ فقط توهان جو، عبدالغفار.

(۲) [اردو]

سنٽگمري جيل، ۵-۳-۱۹۵۳ع.

پيارا سيد صاحب، السلام عليڪم و رحمتہ‌الله و برڪاته!

ڪيل‌وعدي‌موجب، اوهان کي جيل مان هيءُ خط لکي رهيو آهيان. پارسل متعلق هڪ خط آءٌ اسپتال مان لکي چڪو آهيان، اميد تہ مليو هوندو.

اخبار مان معلوم ٿي ويو هو ته توهان چين هليا ويا هئا، جتان وائينا ۾ ويا هئا. آءٌ هڪ مهيني کان هن جبل ۽ آهيان، پر سون کي اهو معلوم نه ٿي سگهيو آهي ته اوهان وائينا مان موٽيا آهيو يا نه؟ ان ڪري خط لکڻ ۾ دير ٿي.

دنيا جي سير ۽ اهڙي قسم جي جلسن ۾ شرڪت سان انسان کي گهڻو فائدو رسي سگهي ٿو ۽ هـو گهڻو ڪجهہ پرائي سگهي ٿو. اسان مسلمانن جي اها وڏي بدنصيبي آهي، جو سدائين ڪنهن نه ڪنهن جي سهاري تي بيهڻ گهرندا آهيون، ۽ جڏهن اهو سهارو هٽي ويندو آهي، تـه اسان ڪري پوندا آهيون، جا قـوم پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي ڪوشش نه ڪندي آهي، اهـا دنيا ۾ ڪڏهن به ترقي ڪري نـه سگهندي آهي. ان ۾ مسلمانن جـو ڪو ڏوهہ ڪونه آهي، هنن غريبن کي ته دين ۽ ملت جي بزرگن اهـو ذهن نشين ڪرايو آهي ته توهان هٿ تي هٿ رکيو ويٺا هجو، امام صاحب ايندو ۽ اچي اوهان لاءِ سڀڪجهہ ڪندو.

منهنجي طرفان شيخ صاحب ۽ بين پائرن لاءِ (جي سون کي ياد ڪندا آهن) گهڻا گهڻا سلام ۽ دعائون.

ـ فقط اوهان جو عبدالغفار.

[سينسر ٿيل]

(۳) [اردو]

لاهور، ۸-۳-۱۹۵۴ع.

پيارا سيد صاحب، السلام عليڪم و رحمةالله و برڪاته.

اوهـان جـو پيغام پهتم- مهرباني. جيڪڏهـن سـون کـي اجازت ملي ويئـي تـه ڪراچيءَ ايندس. جيڪڏهن اڪيلو هوندس ته اوهان وٽ رهندس، ۽ جي سون سـان ٻيا ماڻهو گڏ هوندا ته اوهان کي تڪليف نه ڏيندس. ان حالت ۾ جيڪڏهن اوهان اسان جي لاءِ هڪ جڳهہ (گهر) تجويز ڪندا، ته مهرباني

ڏيندي، تہ جيئن اسان ان گهر ۾ رهي، پنهنجو انتظام پاڻ ڪري سگهون.

شيخ صاحب ۽ ٻين دوستن کي منهنجي طرفان گهڻا گهڻا سلام.

ـ فقط اوهان جو، عبدالغفار.

(۴) [قلم]

پشاور، ۲-۵-۱۹۵۵ع.

جناب جي- ايم- سيد، مسلم ڪالوني، ڪراچي. ۲۴ تاريخ خيبر ميل رستي پهچندس.

ـ عبدالغفار خان.

(۵) [اردو]

اوتمانزئي، تعلقو چارسده، ۱۱-۱۱-۱۹۵۵ع.

پيارا سيد صاحب، خوش ۽ سلامت رهو! السلام عليڪم و رحمةالله و برڪاته. مون رهيل صوبي جو دورو ختم ڪري چڏيو آهي، باقي رڳو هزاره ضلعو وڃي رهيو آهي. اڄ اوڏانهن پيو وڃان، اميد آهي تہ هڪ هفتو اتي لڳي ويندو. هزاره کان موڪلندي ڪراچيءَ اچڻ جو ارادو آهي.

اميد تہ اوهان ۽ شيخ صاحب چڱا پلا هوندا. اوهان طرفان اڄ تائين خير و عافيت جو ڪو خط نہ آيو آهي. رئيس صاحب جي صحت ڪيئن آهي؟ خدا اوهان سائڻن کي پنهنجي قوم ۽ ملڪ جي خدمت لاءِ سڀي صحت عطا فرمائي! آمين ثم آمين!

سڀني دوستن کي گهڻا گهڻا سلام ۽ دعائون!

ـ فقط اوهان جو، عبدالغفار.

(۶) [تار]

۳- فبروري، ۱۹۵۶ع.

طبيعت ٺيڪ نه هئڻ ڪري سفر ڪرڻ جي قابل نه آهيان. پشاور اچو ته ملڻ ۾ وڌيڪ سهوليت ٿيندي.

ـ عبدالغفار خان

(۷) [اردو]

اسلاميه ڪاليج پشاور، ۱۰-۲-۱۹۵۶ع.

پيارا سيد صاحب، خوش ۾ سلامت رهو! السلام عليڪم و رحمةالله و برڪاته. ڪالهه توهان جي تار ملي- مهرباني.

آءٌ عجهه ڏينهن شاهي باغ ۾ رهيس، پر ڊاڪٽر جي هدايتن کي اڻي پورو ڪري نه سگهيس. ان ڪري ڊاڪٽر جي حڪم موجب مون کي هتي اچڻو پيو. هاڻي خدا جي فضل سان عجهه آرام آهي. ۾ ڊاڪٽر به شاهي باغ وڃڻ جي اجازت ڏني آهي. ان ڪري اڄ اوڏانهن وڃي رهيو آهيان. اتي وڃي چار پنج ڏينهن آرام ڪندس ۾ ان بعد مردان جي دوري تي وڃڻ جو ارادو آهي. دعا ڪندا ته الله تعالي مون کي خدمت لاءِ همت، طاقت ۾ صحت عطا ڪري!

مون کي اميد آهي ته ڊسمبر ۲۳- فبروريءَ تي ضرور پشاور ايندا. شهزادي عبدالڪريم کي به لکندا ته هو پنهنجي پاران هڪي ڪنهن کي نه موڪلي، پر خود ضرور اچي. رئيس صاحب کي به ضرور اچڻو پوندو- ائين نه ٿئي جو اوهان کيس چڏي ڏيو. جيڪڏهن آءٌ دوري تي هليو ويس ته ۲۱ يا ۲۲ تاريخ ضرور پشاور واپس ايندس ۾ اوهان جي اچڻ جو انتظار ڪندس. اوهان پنهنجي اچڻ جو اطلاع هيٺينءَ ائڊريس تي لکندا:

"پروفيسر عبدالعلي خان، اسلاميه ڪاليج، پشاور."

اڄ اميد ٿو ڪريان ته عبدالصمد خان ۽ شيخ صاحب جن ڏيڪ ٺاڪ هوندا. منهنجي پاران کين گوڙا سلام ۽ دعائون عرض رکجو. اميد ته اوهان جي صحت پڻ درست هوندي. واسي ۽ غني اوهان کي تمام گوڙا سلام چون ٿا. منهنجي پاران سڀني دوستن کي سلام.

ـ فقط اوهان جو، عبدالغفار.

(۸) [اردو]

شاهي باغ، ۲-۲-۱۹۵۷ع.

پيارا سيد صاحب! السلام عليڪم و رحمةالله و برڪاته. مون لاهور وڃڻ جو ارادو ڪيو هو، پر منهنجي طبيعت ڏيڪ نه هئي، ۽ ڏون کي وڃڻ کان منع ڪئي ويئي.

هن معاملي ۾ اوهان سان متفق آهيان ۽ هر قيمت تي ون يونٽ کي ٽوڙڻ چاهيان ٿو. ليڪن جيڪي ماڻهو اسان سان گڏ آهن، اهي قابل اعتماد آهن؟ اهي اسان سان جو وعدو ڪندا، سو پورو ڪندا؟ ان تي خوب غور و فڪر ڪرڻ گهرجي. ائين نه ٿئي، جو اسان مان پنهنجو مطلب ڪڍي، پوءِ اسان کي دوکو ڏين. پنهي جماعتن سان گڏالهيون ڪريو ۽ تمام سوچي سمجهي قدم کڻو. شيخ صاحب ۽ ٻين دوستن کي سلام.

ـ فقط اوهان جو، عبدالغفار.

* (۹)

شاهي باغ، چارسدہ، ۱۷- مارچ ۱۹۵۷ع.

پيارا سيد! کلهم شام، محمود علي قصوريءَ جو ٽيليفون تي پيغام مليو ته لاهور ۾ منهنجي حاضري تمام ضروري آهي. اوهان

به ان مسئلي بنسبت اڃڻ لاءِ سون کي تار ڪئي آهي.

قصوري صاحب ٻڌايو ته مسلم ليگ وارا ٻئي راند ڪيڏي رهيا آهن. هڪ طرف هو اسان سان گفتگو ۽ سوديبازي ڪرڻ چاهين ٿا، ۽ ٻئي طرف ريپبلڪن پارٽيءَ سان ڦهڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن، ۽ امڪان آهي ته اهي وزارت سان ملي وڃن. هن سون کي ٻڌايو ته صدر ۱۷- تاريخ تي هنن جي صلح ڪرائڻ لاءِ اچي رهيو آهي.

اوهان کي معلوم آهي ته هنن ڏينهين ڏيڪ ٽئو رهان ۽ مسافري ڪرڻ جي لائق نه آهيان. بيءَ حالت ۽ سنهنجي تندرستيءَ تي وڏو بوجو پوندو. ان کان سواءِ ٻيا ڪيترا انتظامي مسئلا درپيش اٿم، جي هتي ڪاني طرح سون کان سواءِ فيصل نه ڪري سگهن. امير محمد خان جي طبيعت به ڏيڪ نه آهي.

ان کان سواءِ اوهان سنهنجي راين کان واقف آهيو آءٌ اوهان سان هر ڳالهه ۾ شامل راءِ آهيان. توهان جيڪو فيصلو ڪندا، سو سون کي قبول آهي، ڇاڪاڻ ته اتي جي سر زمين تي اوهان ئي پوريءَ طرح اندازو لڳائي فيصلو ڪري سگهو ٿا، ۽ منڊ کان وڌي اوهان ئي ان معاملي کي پئي نياپو آهي.

مهرباني ڪري، محمود عليءَ کي ان ڳالهه جو اطلاع ڪندا، ته آءٌ لاهور اچي نه سگهندس. کيس سنهنجا سلام ڏيندا.

شيخ صاحب، رئيس پرڳڙيءَ ۽ ٻين دوستن کي سلام چئجو!

ولي خان جا سلام رسن.

ـ اوهان جو، عبدالغفار.

(۱۰) [تار]

پشاور شهر، ۱۴- مئي، ۱۹۵۷ع.

جي- ايم- سيد، مسلم ڪالوني، ڪراچي. ـ ضلعي نيشنل

ڪانفرنس لاءِ عثماڻيءَ ۽ قاضي فيض محمد کي مدعو ڪج.

ـ عبدالغفار، پشاور.

(۱۱) [اردو]

جلال‌آباد، ۲۴-۴-۱۹۷۱ع.

پيارا سيد! اوهان جو پهريون خط به مون کي مليو هو، پر گهڻي وقت بعد، جڏهن ته حاجي حج ڪري واپس اچي رهيا. آءٌ اوهان کي خط لکڻ وارو هئس، ليڪن منهنجي هڪ دوست مون کي چيو ته مون پڏو آهي ته سيد صاحب اچي رهيو آهي ۽ ان اهو به چيو ته هو جلال‌آباد ۾ اوهان سان ملندو.

سيد صاحب! اوهان جو هيءُ خط به به ٽي ڏينهن ڏينڊا ته مليو آهي. اوهان جڏهن ته گهرو مون سان ملي سگهو ٿا، جيڪڏهن اوهان جو مقرر (fix) وقت مون کي معلوم ٿي وڃي ته آءٌ ڪابل يا قندار ۾ اچي اوهان سان ملندس.

ـ فقط اوهان جو، عبدالغفار.

(نوٽ: مٽيان سڀ اکر خان عبدالغفار خان بابا جا آهن، جيڪي اوهان جي خدمت ۾ لکي رهيو آهيان- مون طرفان حج ۽ عمري جون مبارڪون قبول ڪندا.

ـ توهان جو هڪ پراڻو واقفڪار، حسين بخش ڪوثر، صدر نيشنل عوامي پارٽي، پشاور، ۽ ڪنوينر ائٽمي ون يونٽ فرنٽ، سرحد.

راقم براءِ خان عبدالغفار خان، جلال‌آباد.)

خان عبدالصمد خان اچکزئي

هيءَ صاحب، پنائن جي اچکزئي قبيلي مان گلستان (بلوچستان) جو ويڙهل هو.

ابتدا کان ولي قومپرست خيالن جو هو، جنهنکري کيئي پيرا جيل کاڌيا هئائين. انگريزن جي ڏينهن ۾ آزاديءَ جي تحريڪ جي مک مدارالمهامن مان هو. ان ڪري کيس "بلوچستان جو گانڌي" ڪري سڏيو ويندو هو. پنهنجي هٿ جي باوجود، هو عدم تشدد جو حامي رهيو. ورهاڱي بعد جڏهن پاڪستان قائم ٿيو، تہ انگريزن جي جانشين، مسلم ليگي حڪمرانن، به هن تي سختيون ڪرڻ شروع ڪيون. ۱۹۴۸ع ۾ جڏهن اسان خان عبدالغفار خان جي هٿ هيٺ ڪراچيءَ ۾ پيپلز پارٽي قائم ڪئي هئي، تہ ان ۾ به حصو ورتو هئائين. جنهن بعد خان غفار خان، ۽ اسان سڀني کي نظربندين ۾ موڪليو ويو هو. گهڻي وقت جيل ۾ رهڻ بعد جڏهن آزاد ٿي آيو، تہ اسان سڀني ونيونٽ جي ڀاهڙ لاءِ ڪراچيءَ ۾ منهنجي ٻنگلي تي "اڻنٽي ون يونٽ ڪانفرنس" خان عبدالغفار خان جي صدارت هيٺ سڏائي، جنهن ۾ به هيءَ شريڪ ٿيو هو. پوءِ "اڻنٽي ون يونٽ ڪانفرنس" کي وڌائي اسان "نيشنل پارٽي" ناهي، ان ۾ به هيءَ مدار المهام هو. ان کانپوءِ جڏهن ڀاڪا ۽ وڃي، مولانا ڀاشانيءَ ۽ بنگال وارن جي شموليت سان "نيشنل عوامي پارٽي" ناهيسون، تہ ان ۾ به خاص حصو ورتائين.

بدقسمتي اها ٿي، تہ بلوچستان ۾ ٻي ڏر بلوچن جي، جا قومپرست هئي، تنهن ۽ هن جا ڪن مقامي ڳالهين تان اختلاف پيدا ٿي پيا،

۾ اڳتي هلي خان عبدالغفار خان جي نئشنل عوامي پارٽيءَ جي گروه سان ٻه اختلاف پيدا ٿي پيس. جنهنڪري پڇاڙيءَ جي وقت هيءُ بلوچن ۾ پشاور جي پختونن کان جدا ٿي، پنهنجي راهه اختيار ڪرڻ لڳو. هن جو چوڻ هو ته پاڪستان جي حڪمران مستقل مفاد جي استحصال کان آزادي، سواءِ ڏارين حڪومتن جي مدد جي حاصل ٿيڻ واري نه هئي؛ ان ڪري افغانستان سان گڏجي، پنهنجي حڪومت ناهڻ گهرجي. هوڏانهن خان عبدالولي خان وارن جو چوڻ هو ته افغانستان ۾ بادشاهت هئي ۽ اهي پاڪستان کان گهٽ ترقي يافته هئا، ان ڪري سندن مدد وٺڻ ۾ ڪين اعتراض نه ٿيندو؛ ليڪن پختونستان، افغانستان کان جدا، پاڪستان اندر ٺهڻ گهرجي. اهو ٿي سبب هو، جو عبدالولي خان، پٽي صاحب جي پيش ڪيل "پاڪستاني آئين" تي صحيح ڪئي. پيو اختلاف اهو هو ته، عبدالصمد خان جي چوڻ موجب، سوويٽ سرحد، آزاد رياستن ۽ علائقن، بلوچستان ۽ افغانستان وارن سڀني پنهنجي ڪي گڏجي، هڪ "پختون حڪومت" قائم ڪرڻ گهرجي. جنهن تجويز سان ولي خان وارا، ڪن سببن ڪري، شريڪ نه ٿيا. نتيجو اهو نڪتو، جو هيءُ (اچڪزئي) نئشنل عوامي پارٽيءَ کان ٻهر نڪري ويو- ۽ قومپرستن، مٿس پٽي حڪومت سان ساز باز ڪرڻ جا الزام لڳايا. ليڪن منهنجو سائين آخر وقت تائين لاڳاپو رهيو. انهيءَ جي بنياد تي آءٌ چئي سگهان ٿو ته هيءُ پنهنجي آزاديءَ جو آخر وقت تائين حامي هو؛ البت بلوچستان کي ٽوڙي پختونستان ۾ شامل ڪرڻ واري سندس خيال سبب، بلوچ قومپرستن سان سندس اختلاف رهندا آيا.

اوچتو ۽ ڊسمبر ۱۹۷۳ع تي معلوم ٿيو ته ڪيس کي ماڻهو سندس جاءِ تي ئي هڻي شهيد ڪري ويا. جنهن مان ڏسجي ٿو ته شهيد ڪندڙن جو ارادو، بلوچن ۾ پنهنجن ۾ اختلاف پيدا ڪرڻ، ۽ حڪمران مستقل مفاد طرفان سڀني عوام دوست قومي ڪارڪنن

کي ختم ڪرڻ واريءَ سازش جي هڪ ڪڙي هو. ان ڏس ۾ هنن خان عبدالولي خان تي ڪيترا پيرا خوني حملا ڪرايا، مون تي مسلم ڪاليج حيدرآباد ۾ بم اڇلرايو ويو، ۽ بلوچستان ۽ سرحد ۾ ڪيترا خون ڪرايا ويا.

عبدالصمد خان جهڙا مرد مجاهد، قومن ۾ مشڪل سان پيدا ٿيندا آهن. سندس لاءِ هيءُ بيت چوڻ ڪافي ٿيندو:

هزارون سال نرگس اپني بي‌نوري پي روتي هي،
بڙي مشڪل سي هوتا هي چمن ۾ ديده‌ور پيدا.

(۱) [اردو]

ڪوئٽا، ۶-۷-۱۹۵۴ع،

برادرم سيد صاحب، السلام عليڪم- معلوم ٿيو آهي ته اوهان جي تعلقي نل، ضلعي جيڪب‌آباد جي هڪ مختيارڪار صاحب، ڀل جي وصوليءَ جي سلسلي ۾ برادرم محمد امين خان ڪوسي سان نامناسب ۽ غيرقانوني سلوڪ ڪيو آهي. آن جي گهر تي چڙهائي ڪري ويو آهي. اميد ته اوهان کي خبر پيئي هوندي. اگر موجوده (پيرزاده) حڪومت ۾، جن جي حامين ۾ اوهان به شامل آهيو، اسان جي ويجهن دوستن سان اهڙي قسم جو سلوڪ ٿيندو رهي، ته اها ڏڪ جهڙي ڳالهه آهي. اميد ته اوهان ان جو تدارڪ ڪرائيندا. ان جي بهتر صورت اها ٿي سگهي ٿي ته غير مناسب ۽ ناروا سلوڪ ڪندڙ آفيسر کي اِنان هٽائي، تحقيقات ڪرائي وڃي.

اميد ته اوهان پڻ سون سان متفق هوندا.

ـ اوهان جو، عبدالصمد اچڪزئي.

(۲) [اردو]

محترم جناب سيد صاحب، السلام عليڪم. خير طلب عافيت سان آهي. اوهان جو خط وڏيءَ دير بعد مليو. ان ڪري اڄ ئي ڊاڪٽر اختر کي موڪلي رهيو آهيان، خدا ڪري هو اوهان سان ملي سگهي. اوهان کي هڪ تار به ڪري رهيو آهيان ته جيڪڏهن اوهان نه هجو، ته هو جيب ڪنهن کان ونڊي وڃي. اميد ته اوهان جيب سان گڏ لاڏو اسپيڪر به موڪلي ڏيندا.

اوهان جي خط ۽ اوهان جي بيماريءَ بابت ڪجهه لکيل هو- خدا خير ڪري، اوهان خيريت سان هجو.

مولانا پٺاڻي صاحب کي نياز ۽ سلام عرض هجن.

- والسلام. اوهان‌جو، عبدالصمد.

(۳) [اردو]

گلستان، ۱۶-۲-۱۹۵۷ع.

محترمي جناب سيد صاحب، السلام عليڪم. خير طلب خيريت سان آهي. توهان جي تار ملي، جنهن ۾ مون کي حيدرآباد ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني هئي. آءٌ ضرور حاضر ٿيان ها، پر اوهان کي خبر آهي ته ڏکهي خبر حاضريءَ کان پوءِ گهر آيو آهيان ۽ مهمانن ۽ ايندڙن ويندڙن ۾ اڃا تائين ايترو ته گهيريل آهيان، جو هيءُ خط به اهڙيءَ حالت ۾ لکي رهيو آهيان، جو پرانهن ڪولن سان آيل مائهو (جي پرسان وينا آهن)، ان کي پنهنجي حق تلفي تصور ڪري رهيا آهن. اميد ته اوهان مون کي مجبور سمجهي معاف ڪندا. اوهان کي املاءِ تار به حيدرآباد موڪلي رهيو آهيان.

اوهان جي تار کان اڳ، دادوءَ مان ڪانفرنس جي سيڪريٽري

صاحب جي تار آئي هئي. هن جي خدمت ۾ به معذرت پيش ڪري ڇڏيندا: آءٌ هينئر ڪان ئي ڪوشش ڪري رهيو آهيان ته لاهور جي ڪوئايل سيٽنگ تائين پاڻ کي فارغ ڪري سگهان.

ڪانفرنس جي دعوت لاءِ دلي گهرائين سان مشڪور آهيان، ۽ اميد رکان ٿو ته اوهان ۽ جناب شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ پاران آزمودگار ۽ مخلص ماڻهن جي رهنمائيءَ ۽ دادوءَ جي ڪانفرنس سان سنڌي عوام کي اهڙي رهنمائيءَ ملندي، جا سنڌ جي مظلوم عوام سان گڏ پاڪستان جي سڀني مظلومن جي ترقيءَ جي ضامن هوندي.

اوهان صاحبن کي خبر آهي ته پاڪستان ۾ جمهوريت جو نڪ، هن ملڪ جي هر ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۽ خود هن ملڪ جي استحڪام ۽ بقا لاءِ ضروري آهي. جنهن ڪنهن پهريون قدم فوري طور عام ۽ آزاد نه چونڊن جي صورت ۾ کڻي سگهجي ٿو.

- والسلام، اوهان جو، عبدالصمد اچکزئي

* (*)

ڪوئٽا، ٦- جون ١٩٥٧ع.

پيارا سيد صاحب، هينئن تار اوهان کي موڪلي ويئي هئي، جا پهتي هوندي! "ميان افتخارالدين صاحب جي روبرو دعوت مطابق، آءٌ "امن ڪانفرنس، سيلون" لاءِ منتظر آهيان. حقيقت هينئن آهي ته سون ان لاءِ انٽرنيشنل پاسپورٽ ميان جعفر شاهه جي معرفت هٿ ڪرڻ گهريو آهي، جنهن کي جيو اٿر ته جڏهن پاسپورٽ پهچي ته توهان کي پهچائي ڏئي. اميد ته هن توهان سان گفتگو ڪئي هوندي، جيڪڏهن نه ته مهرباني ڪري ڪيس يادگيرو ڏيارينداً.

ابتدا ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو هو، ته ٧ ۽ ٩ جي وچ ۾ اسين ڪراچيءَ گڏباسون، پر اها گڏجاڻي ملتوي ٿي ويئي. تنهن ڪري هيءَ تار موڪليان ٿو.

سون کي اطلاع ڏيندا، تہ آءٌ ان موجب پنهنجي مستقبل جو پروگرام رکان.

ـ عبدالصمد خان، نشنل عوامي پارٽي.

نوٽ:- سيلون ۾ "بين الاقوامي امن ڪانفرنس" جو اجلاس هو، جنهن ۾ نمائندن موڪلڻ جو ڪم سون تي رکيو ويو هو. سون خان عبدالصمد خان کي موڪلڻ جي ترجيح ڏني هئي. پر حڪومت طرفان کيس پاسپورٽ نہ ملڻ سبب، کيس روانو ڪري نہ سگهياسون. هيءَ ان سلسلي جي تار آهي.

(۵) [تار]

ڪوئٽا، ۹- سپٽمبر ۱۹۵۷ع.

جي- ايم- سيد صاحب، مسلم ڪالوني، ڪراچي. آءٌ ڪو نہ ٿو اچان. سيٽ رد ڪرائيندا.

ـ عبدالصمد خان.

(۶) [تار]

ڪوئٽا، ۱۵- سپٽمبر، ۱۹۵۸ع.

ڪراچيءَ کان پوءِ بادشاهه خان جي هٿي اچڻ تي، حڪومت طرفان ٽن مهينن لاءِ بلوچستان آرڊيننس هيٺ، داخلا تي بندش وڌي ويئي آهي. ان حڪم کي غير مناسب سمجهي، هن ڪالي اختياريءَ وارن سان ملڻ گهريو. پر رهندو کيس گرفتار ڪيو ويو.

مهرباني ڪري، ان معاملي ۾ مناسب تحرڪ ولندا.

ـ عبدالصمد، نشنل عوامي پارٽي.

(۷) [اردو]

ڪوئيٽا، ۴-۷-۱۹۶۹ع.

محترم سيد صاحب، السلام‌عليڪم. خير طلب بعافيت آهي. اوهان جي حڪم تي عمل ڪيو ويو آهي، تسلي رکندا. جدا لفافي ۾ پنهنجي ان ياداشت جو نقل سوڪلي رهيو آهيان، جنهن ۾ بين گالهين کان سواءِ، قصدا جناب باچا خان، اوهان ۽ بين ون يونٽ جي مخالفن جي حب‌الوطنيءَ تي زور ڏنو ويو آهي. ان جي مطالعي سان اوهان کي بلوچستان جي مسئلي کي سمجهڻ ۾ مدد ملندي.

ڪلهه هتي صدر يحيٰي خان سان ملاقات ٿي. پنجابي انتظاميه صرف ڏهن منٽن جو وقت ڏنو، پر گالهيون ڏيڍ ڪلاڪ تائين هليون. منهنجو تاثر آهي ته هو ون يونٽ کي هرحال ۾ ٽوڙيندو، سو به چونڊن کان اڳ. البت ون يونٽ ٽوڙڻ کان پوءِ، هن کي ڪجهه مشڪلاتن جو احساس هو، خصوصاً بلوچن جي مسئلي بابت. جنهن جو معقول فوري حل ميز غوث بخش بزنجو ۽ ان جا بلوچ ساٿي به پيش نه ڪري سگهيا هئا، ته کين مختلف صوبن جا ڪجهه ڏکر چني ڏنا وڃن، جيئن هميشه کان هو تجويز ڪندا آيا آهن. صدر صاحب وٽ وقت تمام گهٽ هو ۽ ان گالهه جو حل جلد ممڪن نه هو. مون پنهنجي ياران ان جو حل اهو بڌايس ته فوري طور موجوده بلوچ علائقن (سابقه بلوچ رياستن) تي مشتمل هڪ ننڍو صوبو بنائي، سندن حوالي ڪيو وڃي، ۽ کين موقعو ڏنو وڃي ته هو آئيندي ڪجهه وقت کان پوءِ، ڏڏيءَ دل سان پنهنجي مستقبل جو فيصلو (جدا يا ڪنهن سان ملي) ڪري سگهن. ۽ اهو ئي حل منهنجي خيال ۾ "اوهان جي وڏي اسڪيم" سنڌ پختونستان بلوچستان جي اتحاد لاءِ مفيد رهندو.

هي سڀ گالهيون، ان لاءِ عرض ڪريان ٿو، ته اوهان ۽

اوهان جا دوست ۽ صدر صاحب سان ان مسئلي تي گفتگو ڪريو- ۽ ها، صدر کي پنجابي پروپئگنڈا جي خلاف تسلي ڏيڻ جي ضرورت آهي تہ اسان، وقت جي تقاضا هيٺ، هر انهيءَ تجويز جي خلاف هئاسون، جيڪا صدر صاحب کي سنڌس راءِ خلاف سنڌس ڪرسيءَ تان هٽائڻ جي درپيءَ هجي.

هيءُ عثماني‌ءَ جي ڪابيءَ ڏر جو اجتماع ڇا آهي؟

حضرت شيخ عبدالمجيد صاحب جي خدمت ۾ سلام عرض هجن، ۽ پين سڀني سائين ۽ خير خواهن ڄاڻي خدمت ۾ ٻڌ.

ـ والسلام. اوهان جو، عبدالصمد اچڪزئي.

سيد حسين شهيد سهروردي

هيءُ صاحب ڪلڪتي ۽ ڄائو هو. هن جـو تعلق بنگال جي مشهور سهروردي خاندان سان هو، جنهن مـان ڪيترا نـامور سياستدان پيدا ٿيا. هيءُ تعليم جون اعليٰ ۽ اعليٰ ڊگريون حاصل ڪري، سياست ۾ داخل ٿيو. بنگال مسلم ليگ ۾ مکيہ حصو ورتائين. خود دار ۽ خود خيال ماڻهو هو. جناح صاحب سان هن جا سخت اختلاف هئا، جي لياقت علي خان جي سياست ڪاريءَ سبب پيدا ٿيا. پاڪستان جي حڪمران مستقل مفاد (جنهن جو جناح صاحب معتمد هو) لاءِ اهو برداشت ڪرڻ ناممڪن هو تہ بنگال جو ڪويہ مکيہ ليڈر اڳواڻ رهي، ان ڪري هنن پهرين "شير بنگال" مولوي فضل الحق سان جناح صاحب جا اختلاف پيدا ڪرائي، ان ڪي مسلم ليگ مان ٻاهر ڪڍايو، ۽ پوءِ حسين شهيد سهرورديءَ ڪي بنگال ۾ نئين وزارت ناهڻ کان محروم ڪيو. جيتوڻيڪ هـي ڪيترا ڀيرا گڏيل بنگال جو وزير ۽ آخر ۾ آڻان جـو وزير اعظم ٻہ رهي چڪو هو. انهن حڪمران مستقل مفادين بعد ۾ خود خواجہ ناظم‌الدين سان ٻہ ساڳي روش اختيار ڪئي. ليڪن، ڪن مقامي بنگالي ليڈرن، مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ ۽ حڪمران مستقل مفاد جي سازشن کان بيخبر رهندي، سهروردي صاحب جـي خلاف مرڪزي حڪمران طبقي جو ساٿ ڏنو، ۽ هڪ وقت تہ ڪيس مسلم ليگ مان ئي ڪڍي ڇڏيو. ان بعد هن جدا "عوامي مسلم ليگ" ناهي، بنگالين کي متحد ۽ منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن حتي الامڪان اهل پنجاب جي حڪمران طبقي کـي ناراض ڪرڻ نٿي گهريو. هو سياست عمل ۾ ويساهہ رکـڻ سبب، اهل پنجاب جي رضامندي خاطر "ون يونٽ" ٽوڙائڻ لاءِ تيار نہ ٿيو، جن جـو

اعتماد پوءِ ۾ هو حاصل ڪري نه سگهيو، جو ته هو گروهي مفاد جي خيال کان، پين صوبن کي پنهنجي هدايت ۽ ضابطي هيٺ هلائڻ کان گهٽ ڪنهن به ڳالهه تي رضامند ٿيڻ لاءِ تيار نه هئا. آخر- جڏهن ۱۹۵۸ع ۾، ملڪ سان مارشل‌لا لڳائي، هن کي ڪجهه وقت لاءِ نظربند رکيو ويو، ۽ ڪيس سياست ۾ حصو وٺڻ کان خارج ڪيو ويو، تڏهن وڃي هن کي ڪجهه هوش آيو. ان بعد هو سون سان ملیو. آءٌ نظربند هئس. منهنجي فرزند امير حيدر طرفان منهنجي بنگلي تي هڪ وڏي ميٽنگ ۾ دعوت ڪوڏائي ويئي، جنهن ۾ سنڌ جي هر طبقي جي سياستدانن حصو ورتو- ۽ سهروردي صاحب کي يقين ڏياريائون ته مارشل‌لا جي مصيبت دور ڪرڻ لاءِ هو سائس هر طرح جو تعاون ڪندا. بشرطڪ آئيندي ملڪ جي جوڙجڪ ۾ سنڌ کي ون يونٽ کان جدا ڪري، مڪاني خودمختياري ڏياري وڃي.

هي صاحب، بعد ۾ حالتن جي ناسازگاري ڏسي، ۽ طبيعت جي خرابيءَ ڪري، ولايت علاج لاءِ ويو- ۽ واپسيءَ ۾ بيروت ۾ وفات ڪيائين.

پچاڙيءَ ۾ شيخ مجيب‌الرحمان جي ليڈرشپ هيٺ، جا اهل بنگال آزادي حاصل ڪئي، ان جو بنياد رکندڙ سيد حسين شهيد سهروردي هو- خدا ڪيس بخشي، آزاديءَ ۾ خاص طرح بنگال جي ترقيءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙن جو مدارالمهام هو.

منهنجو سائس واسطو ۱۹۴۰ع کان وٺي مسلم ليگ ۾ گڏ ڪم ڪرڻ جي وقت کان رهيو. باوجود فروعي اختلافن جي آخر تائين تعلقات قائم رهيا- سندس هڪ خط هتي پيش ڪجي ٿو.

* وزير اعظم پاڪستان، ڪراچي، ۳- اپريل، ۱۹۵۷ع.
پيارا سيد صاحب! آءٌ نهايت خوش ٿيندس، جيڪڏهن اوهان،

مغربي پاكستان جي موجوده حالتن، خاص طرح آئين جي ۱۹۳ قلم لاڳو ٿيڻ بابت، مون سان اچي گفتگو كندا.
ـ اوهان جو مخلص، ايڇ- ايس- سهروردي.

[نوٽ: اسان ون يونٽ خلاف، مغربي پاكستان اسيمبليءَ ۾، مسلم ليگ سان گڏجي، ٺهراءُ پيش كيو هو؛ ان تي اهل پنجاب طرفان هن تي بار وڌو ويو تہ اسان جي اتحاد كي ٽوڙائي، ون يونٽ جي مسئلي كي ٽڏو كري. ان سلسلي ۾ هن سون كي ۾ ممتاز محمد دولتانہ صاحب كي دعوت ڏيئي گهرايو، ليكن ان ۾ هو كاميياب نہ ٿيو. هيءُ ان سلسلي جو خط آهي. پاڻ اُن وقت پاكستان جـي وزيراعظم جي درجي تي فائز هو.]

مولانا عبدالحميد خان پاشاني

مولانا پاشاني، سلهٽ جو ويندل هو. پاڪستان جي هلچل ۾ وڏو حصو ورتو هئائين. بهترين مقرر هو. فقيرتن هٿ ڪري، عوام تي هن جو ڪافي اثر هو. انهيءَ ڪري، جڏهن حسين شهيد سهروردي ۽ شيخ مجيب‌الرحمان اهل بنگال کي عوامي ليگ جي نالي هيٺ منظم ڪرڻ لاءِ تحريڪ هلائي، تہ هن کي ان جو صدر بنايائون، جو ساڻن ڪافي وقت گڏجي ڪم ڪندو رهيو. ليڪن آهستي ٿي، هن تي ڪاهيءَ ڏر جي نوجوان ڪارڪنن جو اثر ٿيو، ان ڪري سهروردي صاحب جي سياست عمليءَ جي ڪراچين کان بدظن ٿي، عوامي ليگ مان باهر نڪري، اسان سان گڏ نيشنل عوامي پارٽي ناهڻ لاءِ آمادگي ڏيکاريائين. جنهن بعد اسان جولاءِ ۱۹۵۷ع ۾ ڈاڪا ۾ گڏ ٿي، نيشنل عوامي پارٽي ناهي، ۽ ڪيس سجي پاڪستان جو صدر مقرر ڪيوسون- شيخ عبدالمجيد نائب صدر ۽ محمود الحق عثماني جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو، ۽ خان عبدالغفار خان مغربي پاڪستان نيشنل عوامي پارٽيءَ جو صدر ٿيو.

ڪجهہ وقت لاءِ گڏجي ڪم ڪيوسون. بنگال جي نيشنل عوامي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيندڙ ڪارڪنن جي اڪثريت ڪميونسٽ هئي، جيڪي باهر پنهنجا پاڻ ۾ فيصلا ڪري انهن موجب نيشنل ڪميٽيءَ ۾ هلائڻ چاهيندا هئا. مون، خان عبدالغفار خان، عبدالصمد اچڪزئي ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ انهي پاليسيءَ جي مخالفت ڪئي. ليڪن پاشاني صاحب پنهنجو پاڻ انهيءَ گروه کان ڇڏائي نہ سگهيو ۽ آهستي ٿي، نيشنل عوامي پارٽيءَ کي ٻن گروهن ۾ ورهائڻ جو ڪارڻ بنيو- هڪ گروه اڳتي هلي، خان عبدالولي خان جي صدارت هيٺ ڪم ڪرڻ لڳو ۽ ٻيو هن جي ماتحت رهيو.

هن جو لاڳاپو ڪميونسٽ پارٽيءَ جي چيني گروه سان رهيو ۽ ۽ مغربي پاڪستان جاپرو- رشين ڪميونسٽ ولي خان واريءَ نيشنل عوامي پارٽيءَ سان وابسته رهيا. اسان پنهنجي گروهن کان جدا رهي، سنڌ متحده محاذ (پوءِ جيئي سنڌ محاذ) ناهي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

پاڪستان، سندس کان وٺي، جمهوري قدرن مطابق نه هليو، ۽ پاڪستاني حڪومتن تي حڪمران مستقل مفاد جو تسلط رهندو آيو، جي ان کي وقت بوقت پنهنجي ضرورتن مطابق جدا جدا وزير اعظمن يا صدرن معرفت هلائيندا رهيا. اسان انهيءَ ڳالهه کي تاڙي، انهيءَ نتيجي تي پهتاسون، ته پاڪستان انهيءَ مريض جي درجي تي پهتل هو، جنهن جي تندرست ٿيڻ جا روشن امڪان گهٽ هئا. تنهنڪري، سنڌ متحده محاذ ناهي، سنڌ جي خود اختياريءَ جي تحريڪ شروع ڪئيسون. مولانا پاشانيءَ ۽ شيخ مجيب‌الرحمان وارن به ساڳئي نموني تي اپرندي پاڪستان کي منظم ڪري پنهنجي صوبي جي خود اختياريءَ جي تحريڪ هلائي. پر پاشاني صاحب، پرو- چين ڪميونسٽن جي حڪم مطابق، پهرين سوشلزم ۽ پوءِ قوميرستيءَ جي نعري جو قائل رهيو، ۽ شيخ مجيب الرحمان وارا قوميرستيءَ جي آڌار تي بنگلا ديش جي مڪاني خود مختياري لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا. پر جنهن صورت ۾ حڪمران مستقل مفاد هنن سان ڪنهن به صورت ۾ نڀاءُ ڪرڻ لاءِ تيار نه هو، ان ڪري هنن مجبور ٿي، سختيون سهي، قربانيون ڏيئي "بنگلا ديش" کي آزاد ڪرايو.

مولانا پاشانيءَ ۱۸ نومبر ۱۹۷۶ع تي، ۹۶ ورهين جي ڄمار ۾، وفات ڪئي. سندس ۵ خط ۽ ۳ تارون، هيٺ ڏجن ٿيون.

* (۱)

ڊاڪا، ۲۱-۵-۱۹۵۶ع.

جناب سيد صاحب! اڄ اوهان جو نهايت شڪرگذار آهيان،

جو اوهان سون کي بک هڙتال ختم ڪرڻ تي مبارڪباد سوڪلي آهي ۽ انهيءَ مقصد لاءِ پنهنجي همدردي ۽ مدد ظاهر ڪئي آهي، جنهن لاءِ سون بک هڙتال ڪئي هئي.

اوپر پاڪستان تاريخ جي نازڪ دور مان گذري رهيو آهي. اسان سخت مشڪلاتن ۽ گهيريل آهيون. اسان کي لکين ماڻهن جي زندگين بچائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي- الله ۽ ايمان رکي، نڪري پئجي.

ـ عبدالحميد خان پاشاني.

* (۲)

سنتوش، سيمن سنگهه، ۲۷-۱-۱۹۵۷ع.

جناب جي- ايم- سيد، تسليم! سون کي اميد آهي ته اوهان کي معلوم ٿي ويو هوندو ته سنتوش ڪاگماريءَ ۽، ۸- ۹- ۱۰- ۱۱- فبروري ۱۹۵۷ع تي، هڪ زبردست "ڪلچرل ڪانفرنس" ٿي رهي آهي.

اوهان جي پنهنجي دوستن سميت ان ۾ شموليت، اسان لاءِ خوشيءَ جو باعث ٿيندي.

سون کي يقين آهي ته اوهان جو هتي اچڻ ڪانفرنس جي ڪاميابيءَ جو باعث ٿيندو. مهرباني.

ـ عبدالحميد خان پاشاني.

* (۳)

۳- بي جانسن روڊ ڊاڪا، ۱۰- آگسٽ، ۱۹۵۷ع.

پيارا سيد صاحب! آءٌ پارٽيءَ جي آئين جي ڪاپي موڪلي رهيو آهيان- مهرباني ڪري اردوءَ ۾ ترجمو ڪرائي، اردو ۽ انگريزيءَ

۽ چپارائيندا. اسان بنگاليءَ ۽ اڳ ۽ ٿي ترجمو ڪري چپائي ڇڏيو آهي. ديرسان سوڪلڻ جو افسوس اٿم- ڪوڻن ۽ گشت لاءِ وڃڻ ان جو ڪارڻ آهي.

آءٌ خوش آهيان، ۽ اوهان جي خوشي مطلوب اٿم. اميد تم روبصحت هوندا.

- اوهان جو مخلص، عبدالحميد خان پاشاني.

(۴) [تار]

داڪا، ۲۵- نومبر ۱۹۵۷ع.

جي- ايم- سيد، ڪراچي. اتي جي سياسي احوالن کان سون کي، شوڪت جي جاءِ (ائڊريس) تي، واقف ڪندا.

- پاشاني.

(۵) [تار]

داڪا، ۴- مارچ، ۱۹۵۸ع.

جي-ايم- سيد، ڪراچي. مسلم ڪالوني، ڪراچي. مهرباني ڪري داڪا ۽ شوڪت وٽ اچي رهندا.

- عبدالحميد پاشاني.

(۶) *

پنج- ٻيبي، ۱۰-۴-۱۹۵۸ع.

پيارا سيد صاحب! آءٌ سمجهان ٿو ته جيستائين روزانه اخبار شروع نه ڪريان، آءٌ گهٽو ڪم نه ڪري سگهندس. ۲- اپريل ۱۹۵۸ع کان باءِ- يڪلي "ڊمڪلي" نالي سان اخبارباقاعدي‌شايع‌ڪيندي رهي ٿي. هفتيوار "نيو ورلڊ" جلد شايع ڪيڻ جو امڪان آهي.

ڇپائيءَ جو خرچ تمام گهڻو آهي. جيستائين سون کي پنهنجي پرس، گهٽ ۽ گهٽ ٻن فليٽ مشينن سان نه آهي، تہ سون لاءِ ٻيئي اخبارون هلائڻ ڏاڍو مشڪل ٿيندو. ڪاميابيءَ جو قوي امڪان آهي. هڪ پريس جديد ساسان سان (روزانين بنگالي ۽ انگريزي اخبارن لاءِ) وڪري لاءِ موجود آهي- سادا ٽي لک روپيا قيمت اٽس- آءٌ ڪيتري به ڪوشش ڪريان، اها خريد ڪري نٿو سگهان. اسان کي روزانہ اردو، بنگالي ۽ انگريزي اخبارون هڻڻ به لازمي آهن- وقت تمام ٿورو آهي. طبيعت جي ناسازيءَ هوندي به آءٌ ڪوشش ۽ لڳو پيو آهيان. مهرباني ڪري، اوهان کان جيڪي ڪجهہ ڇڄي سگهي، هن ڪم ۽ منهنجي مدد ڪندا.

ـ اوهان جو مخلص، عبدالحميد پاشاني.

(۷) [تار]

ڊاڪا، ۱۱- اپريل ۱۹۵۸ع.

جي- ايم- سيد، ڪراچي. اتر بنگال، سخت ڏڪار، ماڻا، ڪالرا ۽ ٻين وڇڙندڙ بيمارين ۽ مبتلا ٿي چڪو آهي. تمام گهڻو نقصان ٿي چڪو آهي. علاج لاءِ آيل دوائون بيڪار ثابت ٿيون آهن. پاڻي خراب هڻڻ ڪري، سخت تڪليف آهي. ڪيترا موت بک وگهي ٿيا آهن. ماڻهو هزارن جي تعداد ۽ مري رهيا آهن. جيستائين سرڪاري ۽ غير سرڪاري مدد نہ پهتي آهي، تيسين تائين تمام جلد خانگي چندن ۽ امدادن جي ضرورت آهي. مهرباني ڪري، ان جو انتظام ڪندا.

ـ عبدالحميد خان پاشاني.

* (۸)

لنڊن، ۸-۸-۱۹۵۸ع.

پيارا سيد صاحب! اهو پڌي، ڏاڍو انتظار ٿي پيو آهي تہ

اوهان جي طبيعت اڃا درست نه ٿي آهي. اوهان جي جلد صحتيابيءَ لاءِ خدا در دعاگو آهيان. "امن ڪانفرنس" جي ڪاميابيءَ سان ختم ٿيڻ بعد، آءٌ هتي پنهنجي دوستن، ڪارڪنن ۽ هم وطنين سان ملڻ لاءِ آيو آهيان. جيڪڏهن خدا گهريو ته سڀاڻي ۹ آگسٽ تي، آءٌ هوائي جهاز رستي مصر ۽ ٻين وچ مشرق جي ملڪن ڏسڻ لاءِ ويندس. اتي ٻن هفتن کان وڌيڪ نه رهندس. دعا ڪندا ته ٻن هفتن بعد خيريت سان ملڪ موٽي اچان.

آءٌ نهايت خوش آهيان- پنهنجي اولاد کي دعائون ڏيندا- اميد ته هن وقت تائين اوهان چاڪ ٿي ويا هوندا.

منهنجا سلام قبول ٿين- شيخ سنڌي صاحب کي پڻ سلام ڏيندا.

- اوهان جو مخلص، عبدالحميد ڀاشاني.

نواب محمد اسماعيل خان، ميرٺ.

هيءُ ميرٺ جي نواب خاندان سان تعلق رکندڙ، قومپرست سياستدان هو. مخلص ۽ آزاد خيال هئڻ ڪري، هن جو ڪانگريس توڙي مسلم ليگ ۾ چگو اثر هو. جڏهين يو- پي- جي ڪارڪنن، انگريزن جي اشاري تي، پاڪستان ۾ پنهنجي مرغزار (چراگاهم) قائم ڪرڻ خاطر مسلم ليگ کي زور ونائڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ هيءُ مجبور ٿي مسلم ليگ ۾ رهجي ويو، ۽ ڪيس يوپي مسلم ليگ جو صدر چونڊيندا آيا. آل انڊيا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ تي هن سون سان گڏجي ڪم ڪيو.

هيءُ، خود دار ۽ آزاد خيال هئڻ ڪري، جناح صاحب جي رضامندي حاصل ڪري نہ سگهيو، ۽ انهيءَ ڪري هو مڪمہ سرڪاري عهدن کان محروم رهيو، ۽ خود دار ۽ وطن دوست هئڻ سبب هن ملڪ نہ ڇڏيو ۽ اتي ئي رهجي ويو ۽ وفات ٻہ اتي ڪيائين.

ڪاش! مسلم ليگ ۾ هن جهڙا گهٽا مخلص، ايماندار، باهمت ۽ آزاد خيال ورڪر هجن ها، تہ مسلمانن کي هي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا نہ پون ها. افسوس، جو لياقت علي خان جي سياسي رقابت نواب صاحب کي مسلمانن جي انهيءَ اعليٰ خدمت جو موقعو نہ ڏنو، جنهن جو هو اهل هو.

نواب صاحب سان نہ رڳو سون گڏجي ڪم ڪيو، پر هن جي اخلاص سبب آءٌ سندس مداح ٿيو رهيو هئس. جڏهن قيام پاڪستان کان پوءِ هتي آيو، تہ مون مسلم ليگ کان باهر هئڻ جي باوجود سندس وڏي ضيافت ڪري، کيس خوش آمديد چيو. هينئر سندس هڪ فرزند (جي- اي- مدني) سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر

ٿي ڪم ڪري رهيو آهي. مون سان واقفيت ڪائم اڻس ۽ نه ڪا ٿي ملاقات ٿيل آهي- تنهنڪري چئي نٿو سگهان ته پنهنجي والد مرحوم جي نقش قدم تي هلي، ملڪ جي حالات سازگار بنائڻ لاءِ ڪارگر ٿي سگهندو يا نه؟ افسوس آهي، جو نواب صاحب وفات ڪري ويو آهي- خدا کيس جوار رحمت بخشي!

جيتوڻيڪ سائس گهٽي لکپڙهه ڪائم هوندي هئي، پر تعلقات تمام گهاڻا هوندا هئا- ۽ جڏهن به ڪراچيءَ اينڊو هو ته اڪثر مون کي سندس ميزبانيءَ جو شرف عطا ڪندو هو. سندس هڪ خط هيٺ پيش ڪجي ٿو.

* (۱)

مصطفيٰ محل، ميرٺ، ۲۷-۹-۱۹۴۴ع.

پيارا سيد صاحب! آل انڊيا مسلم ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس جو ادارو، تمام پراڻو ادارو آهي، جيڪو مرحوم سر سيد احمد ۱۸۸۶ع ۾ ٻرپا ڪيو هو. هيءُ هڪ اهڙو ادارو آهي، جو مڪمل طرح مسلمانن جي تعليمي مفاد جي حفاظت ڪري سگهي ٿو، بشرطيڪ ان جي پاليسي ۽ پروگرام مسلمانان هند جي جذبات جي سچي ترجماني ڪندڙ هجن. هي ادارو موجوده وقت ۾ درحقيقت فعال نه رهيو آهي، ان جو مکيه سبب اهو آهي ته اوهان جهڙا ماڻهو ان ۾ دلچسپي نٿا رکن. هاڻي وقت آيو آهي ته اسان ان مان مسلمانن جي مفاد لاءِ پورو پورو ڪم وٺون.

مسلمانن جي تعليمي مفاد ۾ دلچسپي رکندڙن جي حيثيت ۾ آءٌ سمجهان ٿو ته اوهان جهڙي ماڻهوءَ کي هن ۾ دلچسپي وٺڻ گهرجي ۽ ان جي مرڪزي استئنڊنگ ڪاميٽيءَ تي ڪنيا وڃو. ان ڪري آءٌ اوهان کي استدعا ٿو ڪريان، ته -/۱۲۵ روپين جو ڪراس چيڪ (*Cross Cheque*)، "آل انڊيا مسلم ايڊيوڪيشن

ڪانفرنس" جي سيڪريٽريءَ سٽر اي- ڊبليو- خيري کي، "٦-شملي روڊ مسلم يونيورسٽي عليگڙھ" جي اڊريس تي موڪلي ڏيندا، ته هو اوهان جو نالو "لائيف ميمبرن جي لسٽ" ۾ داخل ڪري، اوهان کي رسيد موڪلي ڏيندو.

ـ اوهان جو مخلص، محمد اسماعيل خان.

(۱۰)

نوابزادو لياقت علي خان

هيءُ آڪٽوبر ۱۸۹۵ع ۾ ڪرنال (پنجاب) ۾ ڄائو هو. هيءُ شمشير جنگ نواب بهادر رستم علي خان ڪرنال جو ٻيو نمبر فرزند هو. هن ابتدائي تعليم ڪرنال ۾ ورتي. عليگڙھ مان گريجوئيٽ ٿيو. ۱۹۲۱ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان ايم- اي- ڪيائين. ۱۹۲۲ع ۾ بئرسٽر ٿيو. ۱۹۲۳ع ۾ مسلم ليگ ۾ داخل ٿيو. ۱۹۳۶ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جو جنرل سيڪريٽري ٿيو، جنهن عهدي تي ۱۹۴۷ع تائين رهيو. آل انڊيا مسلم ليگ جي ائڪشن ڪميٽيءَ جو ڪنوينر ٿيو ۽ مرڪزي پارليامينٽري بورڊ مسلم ليگ جو چيئرمن ٿيو. هيءُ مرڪزي اسيمبلي انڊيا جو ۱۹۴۰ ۾ ميمبر ٿيو ۽ مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ جو ۱۹۴۳ع کان ۱۹۴۷ع تائين ڊپٽي ليڈر رهيو- ۱۹۴۶ع ۾ گورنمنٽ آف انڊيا جو وزير مال ٿيو- ۱۹۴۷ع کان ۱۹۵۱ع تائين پاڪستان حڪومت جو پهريون وزير اعظم ٿيو- ۱۹۵۰-۵۱ع ۾ مسلم ليگ پاڪستان جو صدر ٿيو- ۱۶- آڪٽوبر ۱۹۵۱ع ۾ راولپنڊيءَ ۾ قتل ڪيو ويو.

هيءُ پاڪستان ۾ مهاجر گروهي مفاد جو نمائندو هو، جن ڪي اهو گمان ويٺل هو تہ يو-پي ۽ سي-پي جا باشندا برهمڻ ۽ يهودين وانگر خدا جي چونڊيل تخليق هئا، جن ڪي مستقبل ۾ پنهنجي حڪومت بنائي راج ڪرڻو هو. انهي نقطي نگاهہ کان هنن پاڪستان تحريڪ ۾ حصو ورتو. ان دوران ان گروهہ ڪي معلوم هو تہ نئين آزاد ملڪ پاڪستان، خصوصا سنڌ ۾ لڏي (جتي جا ماڻهو پنڌي پيل هئا)، اتي جي ڪن خود مطلب ۽ ويڪو وڏيرن ۽ سياستدانن ڪي لالچون ڏيئي، خريد ڪري، پنهنجون ڪالونيون بنائي، حڪومت قائم ڪندا. جناح صاحب ڪي خبر هئي تہ مسلمانن ۾ يو- پي- ۽

سي- پي- جو گروهہ نهايت هوشيار ۽ باشعور هـو، ۽ سندس اها سڌ تہ "هو مسلمانن جو قائد بنجي آئيندي حڪومت جو سربراهہ بنجي" صرف انهيءَ ڪري انهيءَ گروهہ طرفان پوري ٿيڻ واري هئي. ان ڪري هن انهيءَ گروهہ جي نمائندي، لياقت علي خان، کي چونڊي پنهنجو دست راست بنايو، ۽ انهيءَ جي ذريعي حڪومت هـلائڻ لڳو. جناح صاحب جي انتقال بعد لياقت علي خان کي حڪومت جون واڳون مليون، جنهن پاڪستان کي پنهنجي گروهي مفاد جي حق ۾ هلائڻ گهريو. سندس ان ارادي ۽ منصوبي جي راهہ ۾ ٻہ گروهہ، هڪ بنگال جو حڪمران مفاد ۽ ٻيو پنجاب جو حڪمران مفاد، مخالف هئا. بنگال مان مولوي فضل الحق ۽ سهروردي‌ءَ کي جناح صاحب جي جيئري ئي، سائس سازباز ڪري، ڪمزور ڪري ڪڍي ڇڏيو هئائين. ان بعد پنجاب سان ٻہ ساڳي حالت ڪرڻ شروع ڪيائين، ليڪن اهي سندس اها روش برداشت نہ ڪري سگهيا، ۽ هـن جـي قتل جو واقعو پيش آيو.

اهل سڌ سان هن پنهنجي دور ۾ جيڪي زيادتيون ڪيون، سي منهنجي ڪيترن ڪتابن ۾ درج ٿيل آهن، جن مان کي مختصر هيٺ ڏجن ٿيون:-

۱- هن يو-پي، سي-پي ۽ بين هندستاني علائقن مان مهاجر گهرائي، منظم طور کين سڌ جي ڪراچيءَ ۾ بين وڏن شهرن ۾ ڪالونائيز ڪرڻ شروع ڪيو.

۲- سڌ جي وڏي وزير کهڙي صاحب، جڏهن هن جي اِن پاليسيءَ جي مخالفت ڪئي، تہ هيءُ سندس مخالف ٿي پيو ۽ جناح صاحب جا ڪن پري، هن کي ڪيائي، ان جي جاءِ تي پير الاهي بخش کي مقرر ڪيائين. جنهن (۱) ڪراچيءَ ۾ پير الاهي بخش ۽ ٻيون ڪالونيون مهاجرن لاءِ برپا ڪرايون، (۲) اردوءَ کـي سڌي ٻارن لاءِ پڑهڻ لازمي ٺهرايو، (۳) ڪراچيءَ کي سڌ کان ڇني، مرڪزي

حڪومت جي حوالي ڪيو، (۴) ڪراچيءَ ۾ ٻين هندن تي سنڌي هندن جي ڇڏيل جائدادن، ڪارخانن ۽ نوڪرين کي پناهگيرن جي حوالي ڪيو.

۳- هن جي ڏينهن ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ فساد ٿيا ۽ سنڌي هندن لڏڻ شروع ڪيو، سنڌ حڪومت جي معاملن ۾ دست اندازي عمل ۾ آئي، ۽ هندستان مان آيل وڏن عملدارن جي حوالي حڪومت جون واڳون ٿيون، ۽ سنڌي عملدار ان حڪمراني اقتدار ۾ پاڻي پائيواريءَ کان محروم رهيا.

۴- هيءُ سنڌين لاءِ غير دوستانہ جذبات رکندو هو. جدهن هن سنڌ ۾ اردو زوريءَ مسلط ڪئي، تہ مسلم ليگ جو صدر سيد حاجي علي اڪبر شاهہ وٽس وفد وڃي ويو تہ سنڌ جي زبان ۽ ڪلچر جي حفاظت ڪئي وڃي- تہ کين اهنکار پرئي لهجي ۾ چيائين تہ "سنڌين جو ڪلچر اٿ ڪاهہ ۽ گڏهہ هڪڙ آهي، ان جي ڪهڙي حفاظت ٿي سگهندي؟"

سنڌس انهن ڪاروائين سبب، سنڌي عوام جي دلين ۾ ۽ سنڌس لاءِ دوستانہ خيال نہ رهيا، ۽ هو هنن جي نظرن ۾ بہ هيٺ ڪري ٻيو.

آءٌ، جڏهن مسلم ليگ ۾ داخل ٿيس، تہ هن مون کي انڊي ٿي شڪي نگاهن سان ڏسي، منهنجي مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي- ۽ سنڌ جي ٻوڏي مسلم ليگ گروهہ سان ساز باز ڪري، نيٺ جناح صاحب جي ذريعي مون کي مجبور ڪري، مسلم ليگ مان باهر ڪڍيو.

آءٌ پاڪستان جي جملي، خاص طرح اندروني مسئلن ۽ خرابين جو ڪارڻ هن کي سمجهان ٿو.

سنڌس مون ڏانهن موڪليل هڪ خط هت پيش ڪجي ٿو:

(١) [مخفي]

گل رعنا، هارڊنگ ايوينيو، نيو دهلي، ١٧-٥-١٩٤٤ع.

پيارا سيدا! توهان ائڪشن ڪميٽيءَ جـو ١٤- تاريخ وارو پاس ڪيل ٺهراءُ، اخبارن ۾ پڙهيو هوندو، جيڪو ملڪ خضر حيات ڏانهن منهنجي ٣- تاريخ جي لکيل خط جي جواب بعد پاس ڪيو ويو هو. ان لاءِ ٢٧- تاريخ، لاهور ۾، آخري فيصلي ڪـرڻ بابت، ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ رکي ويئي آهي. ان مسئلي تي غور ڪرڻ لاءِ اوهان جي حاضري نهايت ضروري آهي، ان ڪري اوهان ميٽنگ ۾ ضرور ايندا.

مسٽر ستار سيٺ، هن موقعي تي اچي نه سگهندو- ان ڪري باقي ميمبرن کي ضرور حاضر ٿيڻ گهرجي. اها تاريخ عارضي طرح مقرر ڪئي ويئي آهي، پر آءٌ اوهان کي ٢٣- تاريخ پڪي تاريخ جو تار رستي اطلاع موڪلينديس. اوهان تيار وينا هوندا، تہ جيئن تار پهچڻ شرط هليا اچو.

مهرباني ڪري هن ڳالهہ کي في‌الحال مخفي رکندا.

سون کي نهايت خوشي رسي آهي، جو اوهان متفق راءِ سان صوبہ سنڌ مسلم ليگ جا صدر ٿي ويا آهيو.

اميد اٿم تہ توهان خوش هوندا.

- احترام سان، اوهان جو لياقت علي خان.

(۱۱)

علامہ عنایت اللہ مشرقي

علامہ عنایت اللہ مشرقي، کنھن تعارف جو محتاج نہ آھي. ھيءُ پنجاب جو رھاڪو، لاھور جي اچرہ محلي ۾ رھندڙ ھو. ھيءُ ابتدا ۾ گورنمنٽ آف انڊيا جي مرڪزي تعليم کاتي ۾ وڏي عھدي تي ھو. اتان، مسلمانن ۾ صحيح تعليم جي تبليغ ۽ کين منظم ڪرڻ خاطر استعيفا ڏيئي باھر نڪري آيو ۽ خاڪسار تحريڪ جو بنياد وڌائين. ھيءُ وڏو عالم ۽ اسلام جي صحيح ڄاڻ مان ھڪ ھو. ھن ڪيترا ڪتاب تصنيف ڪيا. خاڪسار تحريڪ کي منظم ڪري، انڪل لڪ کن خاڪسار پيدا ڪيائين.

مذھب جي بنياد تي، ھن جون ٽي خاص ڳالھيون نھايت اھلي ھيون:

(۱) ھر صالح ماڻھو، جو صحيح خيالات رکندڙ، عمل ۽ اخلاق ۾ اھلي ھجي، سو مسلمان آھي- پوءِ ڪٿي ھو ظاھري طور ڪھڙي ب مذھب جي پوئلڳن ۾ شمار ٿيندو ھجي- اھڙيءَ تعليم جي تشريح ھن پنھنجي ڪتاب "تذڪره" ۾ ڪئي آھي.

(۲) مذھب جو تصور، جيڪو مولوي صاحبان پيش ڪن ٿا، سو غلط آھي- ان مسئلي تي "مولوي کا غلط مذھب" نالي ڪتاب لکيائين.

(۳) مسلمانن مان، صوفين جي ورد وظيفن ۽ مولوين جي ظاھري روزي نماز - حريت جو جذبو مفقود ڪري ڇڏيو ھو، ان ڪري کين جنگي تعليم ونڊ گھرجي - ان مقصد لاءِ ھن "خاڪسار تحريڪ" برپا ڪئي.

ھيءُ، سياست ۾، انگريزن جي تتبع تي پيدا ڪيل جمھوريت جي نقطي نگاھ کي غلام قومن لاءِ نقصانڪار سمجھندو ھو ۽

مسلمانن توڙي هندن کي جنگي تعليم جي حصول لاءِ آماده ڪرڻ جي تعليم ڏيندو هو.

هن جو سڄو نظريو بقاي اصلح جي بنياد تي ٻڌل هو، تنهنڪري هو بيڪار اڪثريت کان فعال اقليت کي وڌيڪ سمجهندو هو- گهٽن گدڙن ۾ هڪ شينهن جو مثال سندس سامهون رهندوهو.

هڪ وقت هيءَ مسلمانن ۾ ايترو تہ مرغوب ۽ مقبول ٿي ويو، جو امڪان هو تہ هن سڀني جماعتن - مسلم ليگ، جميعت العلماء هند ۽ احرار جماعت - کان هن جي جماعت زور ونڊي وڃي. ليڪن ملڪ جي سياست انهيءَ درجي تي پهتل هئي، جو ان ۾ صرف اصول ۽ اعليٰ مقصد، سواءِ ڪن عملي ۽ مدبرانہ تدبيرن جي، ڪاميابي ٿيڻ مشڪل هئا.

انگريزن هن جي جماعت کي فسطائي جماعت سڏي، ان جي مخالفت ڪئي. مسلم ليگ جي ڪارڪنن، ان ۾ سندن اقتدار جي حصول کي خطرو سمجهي، ان کان پاسو ڪيو. جميعت العلماء هند، ڪانگريس سان ملحق هجڻ ڪري، هن کي جمهوريت جي خلاف سمجهي، اُن سان تعاون نہ ڪيو. احراري جماعت، ان کي پنهنجي رقيب جماعت سمجهي، هن جي مخالفت ڪئي.

خاڪسار جماعت جي ناڪاميءَ جا ٻيا ڪارڻ اهي هئا تہ ٻيون سڀ جماعتون ان جون مخالف ٿي ويون ۽ سڄيءَ جماعت جي پاليسيءَ جو مدار صرف علامہ صاحب تي رهيو. جنهن ڪٿيٽري نموني سان ان کي هلائڻ گهريو، جنهن ۾ ڪيتريون غلطيون سرزد ڪري ويٺو. جيئن تہ (۱) شهيد گنج مسجد لاهور جي زوريءَ ونڊ لاءِ حڪومت ۽ سکن جي مخالفت ۾ وڃي، پنهنجي ڪارڪنن جو گهٽو نقصان سڏائين؛ (۲) يوپيءَ ۾ سني ۽ شيعي فرقن جي وچ ۾ زوريءَ اتحاد پيدا ڪرڻ لاءِ، هيءَ جهڪو طريقو اختيار ڪري سڀني سميت جيل ۾ ويو، ان بہ سندس تحريڪ جي بدنامي پيدا ڪئي؛ (۳) باوجود

جمهوريت ۾ نه مڃڻ جي، پنهنجا اميدوار اسيمبلين ۾ بيهاري، شڪست کاڏائين.

اهي ئي ڳالهيون هيون، جن هن جي تحريڪ کي اسرڻ نه ڏنو. ليڪن هن ڳالهه کان انڪار ڪري نٿو سگهجي ته هو هڪ مخلص، مجاهد ۽ اسلام جو وڏو چاڙو هو.

منهنجي ساڻس واقفيت ۱۹۳۸ع ۾، ٽنڊي باگي جي "ادوري ڪئمپ" وقت ٿي. ان کان پوءِ آءٌ خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿيس ۽ گهڻو وقت سندس تحريڪ ۽ شخصيت سان ملحق رهيس. سندس مان پيا به ڪيترا صاحب ساڻس شريڪ ٿيا، جن مان رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي ۽ مير علي احمد خان ٽالپر مکيه هئا. اڳتي اسان ٿيئي، مختلف سببن ڪري، سياست ۾ هن کان ڏار ٿي ويا سون ليڪن هن اسان تان شفقت جو هٿ نه لاڏو. سندن هڪ ڳالهه نهايت اعليٰ هئي ته جڏهن به خاڪسارن ڏي کو حڪم ڪيندو هو، تـه باوجود اُن علم جي تـه اسين خاڪسار تحريڪ ڇڏي ويا هئاسون- هو اسان کي به حڪم پيو موڪلينڊو هو. ڪيس صلاحڪار چوندا هئا ته "ساڻين! هو تحريڪ ڇڏي ويا آهن، اُنهن ڏي حڪم موڪلڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟" ته پاڻ فرمائيندو تـه "بابا! اسان هنن کي صالح سمجهي، تحريڪ ۾ ورتو هو، هو ڪٿي به هجن اسان جا آهن، هنن اسان کي ڇڏيو آهي، اسين نه ڇڏينداسون."

افسوس، جو پوئين وقت ۾ گهٽي عرصي کان وٺي اسان جي ساڻس ملاقات ڪانه ٿـي. وفاتَ وقـت جڏهن پنهنجا جاءنشين نامزد ٿي ڪيائين، تہ ان لسٽ ۾ پرڳڙي صاحب، مير علي احمد خان ٽالپر ۽ مون کي به شامل ڪيائين - چي: صالح ماڻهو سندس جاءنشين ٿيڻ جو حقدار هو، پوءِ اُن وقت ڪٿي آهو ساڻس شامل نه هو!

بدقسمتي اها آهي، تہ مسلمانن ۾ خود مطلب، بي اصول،

فرعون صفت، صحيح اسلام جي علم کان عاري شخص مسلمانن جا علمبردار ٿي ويا، ۽ هيءُ اخلاق جو مجسمو، با اصول، سادگي پسند ۽ صحيح اسلام جو جاڻو صاحب پوئتي رهجي ويو

علامہ صاحب جهڙا اعليٰ اصول، اخلاق ۽ علم جا صاحب کي ٿورا پيدا ٿيندا آهن. شاهہ لطيف جو هيٺيون بيت سندس صحيح ترجماني ڪري سگهندو:

سون سي ڏڻا ساڻ، جني ڏنو پرينءَ (حق) کي،
تني سنديءَ ڪاڻ، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي!

[اردو]

بـاب السياست، پـوليٽيڪل ڊپارٽمينٽ آف دي سينٽرل خاڪسار آرگنائيزيشن - از اداره علميه، اچره، لاهور، (١٩٤٥ع) شمارو ٣٢٨٦٣.

محترم جي- ايم- سيد، السلام عليڪم! هينئر هينئر اداره علميه ۽ غلام رسول خان، سالار ضلعي، دادوءَ جي اوهان سان ملاقات جي رپورٽ ملي آهي، جنهن ۾ اوهان چيو آهي تہ "سان هڪ پراڻو خاڪسار آهيان" - "آئين جو تعلق مرڪز سان آهي ۽ آئين ساز اسيمبليءَ جي چونڊ ٿي چڪي آهي، ۽ آئين پارٽيءَ جو هاڻي سوال ئي پيدا نٿو ٿئي"- "سنڌ ۾ اوهان جي پارٽيءَ وٽ سنڌ جي عوام جي بهتريءَ جو پروگرام آهي" - "اسان خاڪسار تحريڪ جـي معاونت لاءِ تيار آهيون ۽ اڳ ۾ بـه ڪندا رهيا آهيون- اوهان اسان جـي پارٽيءَ جي مدد ڪريو..." وغيره وغيره.

ملاقات سان معلوم ٿئي ٿو تہ اوهان پنهنجي جدا جماعت بنائڻ جي حق ۾ آهيو ۽ ان کي نجات جو ذريعو سمجهو ٿا. خبر ڏاهي تہ اوهان جو اهو چوڻ تہ "آءٌ هڪ پراڻو خاڪسار آهيان"- ڪهڙو مقصد آڏو رکي ٿو؟ جيڪڏهن اوهان خاڪسار آهيو تہ

خاڪسار تحريڪ جي نظام کي قبول ڪريو ۽ ان مقصد هيٺ ٿي اسيمبليءَ جا اميدوار ٿيو، جنهن مقصد لاءِ تحريڪ بيٺي آهي. اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي ته خاڪسار تحريڪ جو مقصد سواءِ ان جي ٻيو نہ آهي ته هندو ۽ مسلمان ملي انگريز کي هندستان کان ٻاهر ڪن ۽ پوءِ جيڪا حڪومت ٿئي سا عوامالناس جي بهتريءَ لاءِ هجي- ۽ انگريزن وانگر سرمائيدارانہ نظام نہ هجي، بلڪ صحيح معنيٰ ۾ اڪثريت جي بهتريءَ جو نظام هجي. توهان کي چڱيءَ طرح معلوم آهي ته ليگ ۽ ڪانگريس ٻيئي انهيءَ مقصد جي ابتڙ هلي رهيون آهن ۽ انهن کان اهي اميدون هرگز رکي نٿيون سگهجن - ليگ ۽ ڪانگريس مان ڪنهن پارٽيءَ جي حڪومت صرف جهنم ٿيندي.

آئين پارٽيءَ جي تجويز صرف ان مقصد لاءِ آهي ته عوامالناس کي معلوم ٿي وڃي ته اسين هڪ اهڙي آئين لاءِ بيٺا آهيون، جنهن ۾ عوامالناس جي بهتري آهي.

اوهان کي بحيثيت قائد تحريڪ لکان ٿو ته توهان سنڌ ۾ ڪا علحده جماعت يعني "مسلم جماعت" نہ بنايو. بلڪ خاڪسار تحريڪ جي ماتحت حاجي مولا بخش، غلام مصطفيٰ پرڳڙي، پٽو پارٽي، مير حسين بخش پارٽي، کهڙو پارٽي، الغرض سڀني پارٽين کي گڏجي وڃڻ جي دعوت ڏيو. خاڪسار تحريڪ جي نظام جي ڪامل ۽ غير مشروط اطاعت ڪريو. جدا جدا جماعتن ٺاهڻ مان صرف انتشار ٿي پيدا ٿيندو ۽ اوهان مسلم ليگ جو مقابلو ان طرح هرگز نہ ڪري سگهندؤ. بعد ۾ پشيمان ٿيڻ نيڪ نہ آهي. آءٌ وڌيڪ تفصيل ۾ وڃڻ نٿو گهران، صرف اوهان کي اهي اشارا ڪيا اٿم. جيڪڏهن سنڌ ۾ اوهان سڀني ماڻهن آئين پارٽي بنائي، ته ان ۾ سڀني جماعتن جا ماڻهو شامل ٿي سگهن ٿا ۽ خاڪسارن لاءِ اهڙي زمين تيار ٿي سگهندي، جو مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جو

ڪامياب مقابلو ڪري سگهيو ۽ ليگ ته صرف هڪ ننڍي پارٽي ٿي رهجي ويندي. ڪانگريس هن وقت انگريز جي چال سبب پوريءَ طرح هڪ فرقيوارانه جماعت بنجي ويئي آهي ۽ ان ۾ اوهان يا ڪنهن مسلمان لاءِ ڪا جڳهه نه رهي آهي. اوهان هي سڀ ڳالهيون سوچيو، ۽ ڪ جيڪڏهن آئين پارٽيءَ جي پوري اڪثريت نه ٻڌي، ته پين جماعتن سان ملي، اسان هڪ غالب وزارت سنڌ ۾ قائم ڪري سگهون ٿا. جيڪڏهن آئين پارٽيءَ کي اوهان سنڌ ۾ مضبوط ڪري ڇڏيو، ته پوءِ ان بعد آل انڊيا آزاد مسلم ليگ به ڪامياب نموني قائم ٿي سگهي ٿي.

اوهان سوچيو ته اوهان جي سامهون غير مشروط طور تي خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿي، آئين پارٽيءَ کي ڪامياب بنائڻ ۾ هندستان جي مستقبل کي بهتر بنائڻ جو ڪهڙو نه پروگرام پيدا ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن اوهان انهي پارٽي بازيءَ ۾ لڳا رهيا، ته اوهان نه سنڌ ۾ نه هندستان ۾ ڪجهه پيدا ڪري سگهندؤ، ۽ ڪ صرف هڪ مقامي طور تي چند سيٽون حاصل ڪري سگهندو.

حاڪم اعليٰ عنايت الله کوکر کي سنڌ ۾ موڪليو ويو آهي. اوهان، پرڳڙي، حاجي مولا بخش ۽ ٻيا دوست ان سان مڪمل تعاون ڪجو ۽ سون کي فورن لکندا ته اوهان جو ڪهڙو ارادو آهي ته سان هتان حڪم جاري ڪري سگهان.

منهنجا اهي لفظ غلام مصطفيٰ پرڳڙيءَ ۽ حاجي مولا بخش کي به ٻڌايا وڃن. عبدالمجيد سنڌي به سون کي به يقين آهي ته انهن لفظن کان متاثر ٿيندو.

ـ مخلص، عنايت الله مشرقي.

شيخ مجيب الرحمان شهيد، وزير اعظم بنگلاديش

شيخ مجيب الرحمان، بنگلاديش جي ضلعي فريدپور جو رهاڪو هو. هن عوامي ليگ ۽ جنرل سيڪريٽريءَ طور بهترين ڪم ڪرڻ جي صلاح ۽، صوبي بنگال ۽ اهميت حاصل ڪري ورتي. هيءُ سيد حسين شهيد سهروردي‌ءَ جي خاص پوئلڳن مان هو. سهروردي‌صاحب جيستائين زندهه هو، هيءُ سندس پوئلڳ رهيو ۽ سندس حڪمن موجب عوامي ليگ کي منظم ڪندو رهيو. هيءُ ڪجهه وقت صوبائي حڪومت ۽ وزير ٿي رهيو ۽ ڪيترا ڀيرا پاڪستان جي حڪمران مستقل مفاد سان ٽڪر کائڻ ڪري جيل ۽ ويو. هڪ دفعو اگرتلا سازش ڪيس ۽ ذري گهٽ ڦاسيءَ کان بچي ويو. جڏهن جنرل يحيٰ خان نيون چونڊون ڪرايون تہ ان وقت هن بنگال ۽ اهڙو اثر پيدا ڪري ورتو، جو ۹۹ع۹۹ سيڪڙو سيٽون صوبي ۾ مرڪز ۽ هن حاصل ڪري ورتيون. جمهوري اصول مطابق هن کي گڏيل پاڪستان جو وزير اعظم ٿيڻو هو، ليڪن جنهن صورت ۽ حڪمران مستقل مفاد جي سياسي لابي ڪنهن بہ ڏر کي جمهوري طريقي تي آزادي ڏيڻ ۾ پنهنجي هٿ مان طاقت ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئي، ان ڪري هنن شيخ صاحب جا شرط قبول نہ ڪيا، ۽ بنگال وارن کي ماري مڃائڻ گهريو. پر حالتون انهيءَ درجي تي پهچي ويون هيون، جو بنگلا ديش زوريءَ آزاد ٿي ويو، جنهن ۽ هنن جون ۳۰ لک جانيون قربان ٿيون، ۽ ملڪ کي اربين روپين جو نقصان سهڻو پيو. بد قسمتي اها آهي تہ اهو سڀ اسلام جي نالي ۽ ڪيو ويو، جنهن ڪالهه هر سمجهدار مائٿوءَ کي مغربي پاڪستان جي مستقل مفاد حڪمران سياسي لابيءَ جي گروهي مفاد جي اسلامي تشريح جي مخالف ڪري ڇڏيو ۽ هو ان کي ڏوڪو تصور ڪرڻ لڳا.

بنگلاديش جي آزاديءَ بعد، پاڪستان حڪومت کي مجبور ٿي، شيخ صاحب کي آزاد ڪرڻو پيو ۽ هن آزاد بنگلاديش جي حي حڪومت جون وڃي واڳون ورتيون.

منهنجي هن سان واقفيت ۱۹۵۳ع ۾، "ورلڊ ايڪانامڪ ڪانفرنس، ماسڪو" جي موقعي تي ٿي. ان کان پوءِ سوئيڊن ۾ چين جي "بين‌الاقوامي امن ڪانفرنس" ۾ گڏ رهياسون. هيءُ يحيٰ خان جي ڏينهن ۾ ڪرايل آخري اليڪشن کان اڳ ڪراچيءَ آيو هو، جتي سون هن سان صلاح مصلحت ڪري، صوبن کي خود اختياريءَ جي سلسلي ۾ سندس "ڇهن نقطن واري پروگرام" جي بنياد تي سائس سمجهوتو ڪيو ۽ ڪيس سڃيءَ سنڌ جو دورو ڪرائي مرحبا ڏني.

هيءُ وڏو آزادي پسند ۽ ملڪ جو خيرخواهه شخص هو. بنگلاديش جي ماڻهن هڪ وقت ڪيس "بنگلابنڌو" ڪري اڪيان آندو، ۽ ٻئي وقت ڏارين حڪومتن جي پٺسي ۽ اشاري تي ڪيس خاندان سميت شهيد ڪري ڇڏيو. چوٽي آهي تہ "نيڪي ڪري کوهه ۾ وجهه"ـ پيغمبر صلي الله عليه وسلم عربن جهڙيءَ پنتي پيل ۽ جاهل قوم کي اسلام سان مشرف ڪرائي، سنجهن اتحاد آڻي، دنيا جي گهڻي حصي تي غالب ڪري ڇڏيو ـ تن ان جي بدلي ۾ سندس سوٽ ۽ نياڻي حضرت علیءَ کي شهيد ڪيو، ڏهٽي امام حسين کي شهيد ڪري، ان جو سر نيزي تي ٽنگي، بدن تي گهوڙا دوڙائي، هن ۽ سندس خاندان سان هر طرح جون بيعزتيون ڪرايون؛ ۽ رسول جي خاندان مان گهڻن مڪيم صاحبن کي عرب جي سر زمين ۾ دفن ڪرڻ بہ کونہ ڏنو. جيڪڏهن شيخ مجيب‌الرحمان سان بنگالين اهو سلوڪ اختيار ڪيو، تہ ڪا نئين ڳالهه ڪانهي.

شيخ صاحب سان منهنجا سڀا تعلقات ۽ خط و ڪتابت رهي، نموني طور سندس ڏي خط هتي ڏجن ٿا.

* (۱)

۶۷۷- ڏان منڊي، روڊ نمبر ۳۲- ڊاڪا، ۲۵ اپريل- ۱۹۶۹ع.

محترم جي-ايم- سيد، صدر سنڌ ائنٽي ونيونٽ فرنٽ-منهنجا پيارا جي-ايم- سيد، اوهان جي ۲۶- فبروري ۱۹۶۹ع واريءَ تار لاءِ مهرباني. ڏاڍو افسوس اٿم، جو زبردست مصروفيت سبب، آءٌ اوهان کي ترت جواب ڏيئي نه سگهيس.

الله، اسان کي همت ۽ طاقت عطا فرمائي، تہ جيئن اسان پنهنجي پياري وطن کي خوشحاليءَ ۽ ڪاميابيءَ جي رستي تي ڏيهاري ۽ هلائي سگهون.

اميد تہ اوهان سان ويجهڙائيءَ ۾ ملاقات ٿيندي.

- اوهان جو مخلص، شيخ مجيب الرحمان.

* (۲)

۶۷۷، ڏان منڊي، ڊاڪا، ۱۱ جون، ۱۹۶۹ع.

پيارا دوست! قاضي فيض محمد، نائب صدر عوامي ليگ، هتي آيو. ان سان گفتگو ڪئيسون. هيءُ اوهان سان ملندو ۽ سڀني مسئلن تي بحث ڪندو.

اهو تمام بهتر ٿيندو تہ توهان ڊاڪا اچو، جتي اسان وڌيڪ ڳالهايون. اها اوهان جي مهرباني ٿيندي، جيڪڏهن اوهان هتي اچڻ لاءِ رضامند ٿيو- جيترو جلد ٿي سگهي، تہ جيئن تفصيل سان صلاح مشورو ڪري سگهون.

- احترام سان، اوهان جو وفادار، مجيب.

* (۳)

۶۷۷- ڏان منڊي، روڊ نمبر ۳۲- ڊاڪا، ۲۰-آڪٽوبر ۱۹۷۰ع.

منهنجا پيارا سيد صاحب، السلام عليڪم! اميد تہ روبہ صحت هوندا.

هيءُ نوجوان چوڪرو توهان ڏانهن موڪليان ٿو. هن‌کي مدد جي ضرورت آهي. آءٌ نهايت خوش ٿيندس، جيڪڏهن هن کي صبر سان ٻڌي، سندس مدد ڪندا.

ـ توهان جو مخلص، مجيب (شيخ مجيب‌الرحمان).

(۱۳)

ميان افتخار الدين مرحوم

ميان افتخارالدين، لاهور جو ويڙل، آرائين خاندان جي مڪيم ماڻهن مان هڪ هو. هن انگلنڊ جي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان اعليٰ تعليم ورتي ۽ ڪانگريس ۾ شرڪت ڪئي. هڪ وقت صوبي پنجاب ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو صدر به رهيو. گانڌيجيءَ جي آشرم ۾ به رهيو، ۽ پنڊت جواهر لعل نهروءَ جي خاص دوستن مان هو- پنڊت صاحب لاهور ۾ اڇڻ وقت وٽس رهندو هو. هيءُ قومپرست ۽ سوشلسٽ خيالن جو ماڻهو هو. پر پنجاب ۾ جڏهن فرقي پرستي زور وڌي ويئي، تڏهن هيءُ حالتن کان مجبور ٿي، ڪانگريس کان ٻاهر نڪري، مسلم ليگ ۾ داخل ٿيو، ۽ پنجاب مسلم ليگ جي وزارت ۾ وزير به ٿي رهيو. پر پوءِ حالتون سازگار نه ڏسي، ازخود وزارت تان استعيفا ڏيئي ويو. ان بعد پاڪستان جي مرڪزي اسيمبليءَ ۾ آزادانه نڪتہ چيني ڪرڻ جي ڏوهه ۾ هن کي مسلم ليگ مان ٻاهر نڪرڻو پيو. ٻاهر نڪري، هن "آزاد پاڪستان پارٽي" قائم ڪئي. اڳتي هلي، ان پارٽيءَ سنڌ ائنٽي ون يونٽ فرنٽ ۽ خدائي خدمتگار پارٽيءَ کي گڏي "نيشنل پارٽي" ناهيسون، جنهن بعد "نيشنل عوامي پارٽي" ناهي ويئي.

هن جي مون سان واقفيت ۱۹۴۲ع کان ٿي- جا اڳتي هلي، دوستانه حد تائين پهچي ويئي. هڪ دفعي منهنجي ڪراچيءَ واري بنگلي تي هڪ ميٽنگ ڪئي ٿي، جنهن ۾ هيءُ، سهروردي صاحب، چوڌري خليق الزمان، خان عبدالغفار خان، عبدالصمد اچڪزئي، شيخ عبدالمجيد، رئيس غلام مصطفيٰ پرڳڙي، عبدالرحمان صديقي وغيره گڏ ٿياسون. مشورو ٿيو ته مسلمانن کي جناح ۾ لياقتعليءَ جي غلط تسلط کان ڇڏائڻ لاءِ مناسب طريقا اختيارڪري، پاڪستان

کي صحيح رستي تي هلائجي. ليڪن ڪو متفق طريقهڪار مقرر ڪري نه سگهياسون. ميان افتخارالدين ۽ چوڌري خليق‌الزمان جو چوڻ هو ته مسلم ليگ ۾ سڀ داخل ٿي، اندر هلي، اُن جي ليڊرشپ کي شڪست ڏيئي، مسلم ليگ کي راهه راست تي آڻجي. خان عبدالغفار خان، اسان ۽ سهروردي‌ءَ وارن جو اهو چوڻ هو ته 'سوسن هڪ دفعو جنهن ٻر مان ڏنگجي، ٻيهر ان ۾ هٿ نه وجهي.' ليگ ۾ ابن‌الوقت، خود مطلب ۽ انگريزن جا سڏيار وڃي گڏ ٿيا هئا، انهن کي راهه راست تي آڻڻ ناممڪن هو. ان ڪري بهتر آهي ته جدا جماعت ناهي، مقابلو ڪرڻ گهرجي. ليڪن سهروردي‌ءَ ۽ ميان عبدالغفار خان جي وچ ۾ وري هن ڳالهه تي اختلاف ٿي پيو، ته ٻاهر جيڪا جماعت ناهي وڃي، اها فرقيوار بنيادن تي هجي يا غير فرقيوار. سهروردي صاحب سياست عمل جو پوئلڳ هو. ان جو چوڻ هو ته مسلمانن تي ايڏا مذهب جي غلط تصور جو جادو چانيل آهي. ان ڪري ڪابه غير فرقيوار جماعت ڪاميابه نه ٿي سگهندي، تنهنڪري فرقيوار جماعت ناهڻ ضروري هئي. ٻئي طرف خان غفار خان جو چوڻ هو ته فرقيوار جماعتن اڳي ئي سياسي ابتري آندي هئي، تنهنڪري رڳي ڪاميابي مقصد نه هڻڻ گهرجي، پر اصولن کي ترجيح ڏيئي، غير فرقيوار جماعت ناهڻ گهرجي. نتيجو اهو نڪتو ته ميان افتخارالدين ۽ چوڌري صاحب مسلم ليگ کي آزمائڻ لاءِ ان ۾ رهجي ويا ۽ سهروردي صاحب ”عوامي مسلم ليگ“ ناهي مسلمانن کي منظم ڪرڻ شروع ڪيو، اسان خان عبدالغفار خان جي صدارت هيٺ ”پاڪستان پيپلز پارٽي“ ناهي، جنهن ۾ هندو ۽ مسلمان گڏجي ڪم ڪرڻ لڳا.

ٿوري وقت کان پوءِ، ميان افتخارالدين کي تجربي ثابت ڪرايو ته مسلم ليگ ۾ رهي ڪم ڪري نٿو سگهجي. تنهنڪري هن ٻاهر نڪري، هڪ غير فرقيوار جماعت ”آزاد پاڪستان پارٽي“

ٿاهي. خان عبدالغفار خان ۾ اسان کي جيلن ۾ نظربندين ۾ رکيوويو.

منهنجي سيان صاحب سان گهڻو وقت صحبت رهي. هيءُ مهمان‌نواز، خوش اخلاق، باهمت ۽ آزاد خيال سياستدان هو.

بدقسمتيءَ سان پنجاب جي سياست تي فرقي پرست سرڪاري ٽولين ۾ خود مطلبين جو تسلط هٿ ڪري، هيءُ اڳتي وڌي نه سگهيو، ۽ پچاڙيءَ جو انهن جي ظلمن هٿان، بيماريءَ جي حالت ۾ وفات ڪري ويو.

پنجاب جي سياست ۾ احرارين کان پوءِ هيءُ صاحب نمايان حيثيت جو مالڪ هو. جيڪڏهن پنجاب وارا هن جي پوئلڳي ڪن ها، تہ گهڻين مشڪلاتن ۾ نہ ڦاسن ها.

هن جي مون سان گهڻي خط و ڪتابت ۽ لاڳاپا رهيا، پر اڪثر وقت تارن، ٽيليفونن ۽ روبرو ملاقاتن ۾ گذرندو هو. نموني خاطر سندس هڪ تار پيش ڪجي ٿي.

[تار] *

لاهور، ۲۶- نومبر ۱۹۵۶ع.

جي-ايم-سيد، مسلم ڪالوني، ڪراچي- اوهان جي بطور مهمان رهائش جو بندوبست پنهنجي جاءِ تي ڪيو اٿم. ۲۹- تاريخ ضرور ايندا تہ جيئن ڪنوينشن کان اڳ ۾ پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪجي.

رئيس پرڳڙي، سوپي گيانچنداڻي ۽ حيدر بخش جتوئيءَ کي ب اطلاع ڪندا.

- افتخارالدين.

(۱۴)

سيد حسن محمود

هيءُ رياست بهاولپور جي ڳوٺ ـ پنڊي غلام ميران شاهجو رهاڪو آهي. سيد غلام شاهه ميران شاهه جو وڏو فرزند آهي.وڏيءَ ملڪيت جو مالڪ آهي. پير صاحب پاڳارو، سندس همشيره سان پرٽيل آهي. هيءُ هڪ وقت رياست بهاولپور جو وزير اعليٰ رهي چڪو آهي. ونيونٽ دوران، ڊاڪٽر خان صاحب جي حڪومت ۾ به وزير ٿي رهيو آهي. سندس سياست، عام زميندارن نموني تي اقتدار جي حصول جي بنياد تي رهي آهي. سائس پاڪستان اسيمبليءَ ۾ گڏ ڪرڪرٽ جي موقعي تي واقفيت وڌي. هن آخر ۾ ڊيموڪريٽڪ پارٽي مغربي پاڪستان سان ون يونٽ ڊاهڻ جي سوال تي سمجهوتو ڪرائڻ ۾ وڏو حصو ورتو.

اسان جا پاڻ ۾ ڪي گهاٽا تعلقات پيدا ڪونه ٿيا، چاڪاڻ ته طبيعتن ۽ اصولن جا اختلاف ويجهو آڻڻ کان مانع هئا. پر جنهن صورت ۾ سياست ۾ هيءُ هڪ مڪمل رڪن هو، ان ڪري سندس هڪ خط پيش ڪري، واقفڪار سياستدانن جي لسٽ ۾ ڪيس شمار ڪريان ٿو.

* منسٽر فار سوشل ويلفيئر اينڊ لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ، ويسٽ پاڪستان، لاهور ۴- فيبروري ۱۹۵۸ع.

پياراسيدصاحب!سون ڪي اوهان جو ۲۳-جنوريءَ وارو خط پهتو،جنهن ۾ اوهان سن نوٽيفائيڊ ايريا ڪميٽيءَ جي مڪمل گهٽين بابت لکيو آهي. سون ضروري ڪاغذات گهرائڻ لاءِ ۽ ان تي ٽيندڙ خرچ بابت، ايڊيشنل چيف انجنيئر سوشل ويلفيئر کي لکيو آهي، ته تخمينو

(اسٽيميٽ) ناهي، خرچ جو اندازو لکي موڪلي. جيترو جلد سون ڪي پيئي مڙيون خبرون پهچنديون، آءٌ هڪدم ڪم ڪرائڻ جو حڪم ڪيي موڪلينڊس.

ـ اوهان جو مخلص، سيد حسن محمود.

(۱۵)

ايم.اي حسن اصفهاني

هيءُ ڪلڪتي جي اصفحاني خاندان سان اعليٰ تعليم يافتہ صاحب آهي. پارسيءَ ۽ (جا سنڌس مادري زبان آهي) اعليٰ درڪ رکي ٿو، ۽ انگريزيءَ ۽ بئريسٽر آهي. سنڌس وڏو پاءُ، احمد اصفهاني وڏو تاجر ۽ صنعتڪار آهي. هي شاهوڪار گهر جا ماڻهو آهن. هرتاجر وانگر، هيءُ هندو تجارت پيشہ صاحبن جي مقابلي (Competition) کان بيزار ٿي، فرقيوار سياست جو رکن ٿي ويو.

جڏهن مسلم ليگ زور ورتو تہ هيءُ جناح صاحب جي خاص پوئلڳن سان شمار ٿيڻ لڳو. جناح صاحب وڏي پٺسي وارو ماڻهو هو ۽ هن کي شاهوڪار طبقي جي مکيہ ماڻهن سان رغبت رکڻ ۽ دلچسپي رهندي هئي. ان ڪري هن کي صوبي بنگال مسلم ليگ ۽ خزانچيءَ جي عهدي تي رکيائين ۽ آل انڊيا مسلم ليگ ۽ ورڪنگ ڪاميٽيءَ تي بہ نامزد ڪيائين. ورڪنگ ڪاميٽيءَ ۽ ڪم ڪندي، منهنجي سائس واقفيت ٿي. بنگال جي ٻين ڪارڪنن، جيئن حسين شهيد سهروردي، مولوي فضل الحق ۽ خواجہ ناظم الدين وغيره کان هن جي راءِ علحده ۽ آزاداڻہ هئي. ڪن مکيہ مسئلن تي هيءُ ورڪنگ ڪاميٽيءَ ۽ بہ آزاد راءِ ڏيڻ کان ڪيهائيندو نہ هو. پاڪستان حاصل ڪرڻ جي تحريڪ ۽ هن ڇگو حصو ورتو.

پاڪستان جي قيام کان پوءِ هيءُ لڏي اچي ڪراچيءَ ۽ ويٺو. هڪ وقت جناح صاحب کيس آمريڪا ۽ پاڪستان جو سفير مقرر ڪيو.

جناح صاحب سان اختلاف ڏيڻ ڪري، منهنجا تعلقات گهٽو ڪري سيني مسلم ليگ جي ڪارڪنن سان ٿٽي ويا هئا، ليڪن هيءُ ۽ راجا محمود آباد (جي پاڻ ۽ دوست هئا) ايترا تہ فراخدل هئا، جو پوءِ بہ هڪٻئي سان ملندا رهندا هئاسون.

هيءُ صاحب اڄا تائين فرقيوار سياست جو قائل آهي، مسلمانن جي جداگانه قومي نظريي ۽ مڃي ٿو، هندو مسلم اختلاف ڪاري نه سگهيو آهي. پر باوجود ان جي، ڪيترين اهڙين ڳالهين آهن، جن ۽ اسان بقاي باهمي (Co-existence) جي بنياد تي پئي ملاقاتون ڪيون آهن. سندس هڪ خط، هتي ڏجي ٿو!

* اصفهاني بلڊنگ، ميڪلوڊ روڊ، ڪراچي، ۲۶- جون ۱۹۶۷ع.

پيارا سيد! آءٌ هيءُ خط لکي، اوهان کي يادگيري ڏيارڻ گهرا نٿو تم مهرباني ڪري، وعدي موجب، پاڻ ۽ بحث ڪيل مسئلي بابت (جو اسان منهنجي گهر ٻنهڙن جي مانيءَ وقت ڪيو هو) توهان جو لکيل سنڌي ڪتاب (۱) مون کي موڪلي ڏيندا. جيترو ٻ جلد ٿي سگهي، ان ڪتاب موڪلڻ جي ڪوشش ڪندا، چو تم آءٌ ان کي پنهنجي رکارڊ تي رکڻ چاهيان ٿو.

مون کي اميد آهي تم دادوءَ طرف ايتري سخت گرمي نم هوندي، جيتري گذريل هفتي کان ڪراچيءَ ۽ رهي ٿي.

ـ اوهان جو مخلص، ايم-اي-ايچ اصفهاني.

قلم تازو:. خط لکڻ بعد پتو پيو تم ڪراچيءَ آهيو، ان ڪري خط هتي موڪليان ٿو.

---

(۱) "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد" ڪتاب بابت لکيو اٿس.

(١٦)

سر ڪريم پائي

هيءُ صاحب، بمبئيءَ جي ڪريم پائي خوجي خاندان سان وڏي شاهوڪار ۽ تاجر گهراڻي جو ساڻهو هو. هن جي والد کي انگريزن طرفان "بئرونيٽ" جو خطاب مليل هو، جنهنڪري هي پشت ۾ پشت "سر" سڏائڻ جا حقدار ٿيا ٿي. هن خاندان مسلمانن جي تعليمي ۽ سماجي مسئلن ۾ ڇڪي دلچسپي ورتي، خرچ ڪيا هٿا. ان ڪري بمبئي ۾ معزز ليکيا ويندا هٿا. جناح صاحب خوجو هو ۽ هيءُ پڻ خوجو ۽ اثر وارو هو، ان ڪري هن کي ورڪنگ ڪاميٽيءَ تي نامزد ڪندو آيو. آتي ڪم ڪندي اسان جي واقفيت ٿي. هيءُ جناح صاحب جو سچو پوئلڳ هو، پر هوشيار ۽ چالاڪ نه هئڻ ڪري، هيءُ سواءِ ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ٻئي ڪنهن درجي تي مقرر ٿي نه سگهيو. جناح صاحب جي عادت هوندي هئي ته جيڪو ساڻهو چلتو پرزو هوندو هو، ان سان ڪم وٺندو هو. وفاداريءَ ۽ صداقت جو هن وٽ قدر گهٽ هوندو هو. ان ڪري پچاڑيءَ جو هن ڏان نظر تلطف گهٽ ٿي ويس.

ورڪنگ ڪاميٽيءَ ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ ڪري، اسان جا پاڻ ۾ جي مراسم قائم رهيا، تن جي آڏار تي بعضي خط و ڪتابت ٿيندي رهي، ان ڪري سندس هيءُ هڪ خط پيش ڪجي ٿو.

* يونائيٽيڊ انڊيا بلڊنگ، سر فيروز شاهه مهتا روڊ، فورٽ، بمبئي، ١٠- جنوري ١٩٤٧ع.

پيارا سيد صاحب! سون کي پڪ آهي ته اوهان سون کي ياد ڪندا هوندا. آءٌ توهان جي صوبي ۾ ڪجهه سال اڳ مسٽر جناح سان گڏ آيو هئس، ته مليا هٿاسون.

آءٌ اهو پڌي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان تہ اوهان پنهنجون سموريون ڪوششون سيني مسلمانن ۽ سيني پارٽين کي گڏ ڪرڻ لاءِ ڪري رهيا آهيو. اميد تہ ان ۾ ڪامياب ويندا.

ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ مسٽر جناح پنهنجي ضد تي قائم آهي ۽ پين مسلم جماعتن جي راين کي اهميت نٿو ڏئي. مسلمانن کي گڏجڻ گهرجي. خدا اوهان کي توفيق عطا فرمائي تہ جيئن اوهان سيني پارٽين کي گڏ ڪري، مسلمانن کي متحد ڪري سگهو. اسلام اهو ئي سبق ڏنو آهي.

آءٌ توهان کي اطلاع ڏيئي رهيو آهيان تہ مٽين حالتن ڪري، هاڻي آءٌ مسلم ليگ جو ميمبر نہ رهيو آهيان.

ـ توهان جو، ڪريم پاڻي ابراهيم.

ميان محمود علي قصوري

ميان محمود علي قصوري، پنجاب جي شهر قصور جو رهاڪو آهي. سندس والد مولانا عبدالقادر قصوري جميعت‌العلماء هند جو مڪيم رڪن هو. نهايت پرهيزگار ۽ مخلص ڪارڪن هو. محمود علي وڪالت جو امتحان پاس ڪري، لاهور ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو ۽ ملڪ جو نامياروڪيل ثابت ٿيو. آزاد خيال هئڻ ڪري، هن مسلم ليگ کان پاهر اول ميان افتخار الدين جي آزاد پاڪستان‌پارٽيءَ ۾ حصو ورتو. ان کان پوءِ نئشنل عوامي پارٽي، مغربي پاڪستان شاخ، جو خان عبدالغفار خان جي صدارت هيٺ جنرل سيڪريٽري ٿيو. لائق ۽ قابل هئڻ ڪري، هن جي گهر هر جماعت ۾ ٿي. پر جيئن ته سارو پنجاب فرقيوارانه سياست ۽ سامراجي ذهنيت سان پرپور هو، هن جي عوام وٽ سياسي حيثيت سان قدرداني ڪانه ٿي. هيءُ ڪيترا دفعا خان عبدالغفار خان ۽ بين قومي ڪارڪنن جي خلاف سرڪار طرفان ڪيل ڪاروائين ۾، بچاءَ جي وڪيل جي حيثيت سان مدد ڪندو رهيو. جڏهن جنرل ايوب خان جي خلاف هلچل هلي ۽ پٽي صاحب ان ۾ نمايان حصو ورتو، تڏهن هيءُ صاحب هڪڪجي، پيپلزپارٽيءَ ۾ هليو ويو. پٽي ڪيس قومي اسيمبليءَ جو سيمبر چونڊائي، اقتدار ۾ اچڻ بعد وزير قانون مقرر ڪيو. ليڪن جنهن صورت ۾ هيءُ آزاد خيال، ايماندار ۽ باهمت ڪارڪن هو، ان ڪري پيپلزپارٽيءَ جهڙي ڳندي ماحول ۾ گهڻو وقت رهي نه سگهيو، ۽ پٽي صاحب سان اختلافن ڪري باهر نڪرڻو پيس. هن وقت قومي اسيمبليءَ جو سيمبر آهي ۽ ولي خان وارن جي ڪيس ۾ بچاءَ جو ڪم ڪندو رهي ٿو. ڪجهه عرصو اڳ هن "تحريڪ استقلال پارٽيءَ" ۾ شموليت ڪئي آهي.

مون سان مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ونيونٽ جي مخالفت ڪرڻ وقت، نيشنل عوامي پارٽيءَ طرفان لاڳاپي ۾ آيو، ۽ مڪمل ڪارڪن جي حيثيت ۾ سائس گهٽي لکپڙهه ڏيندي رهي، ۽ لاهور ۾ اڪثر سندس ڪشادي دسترخوان تي ماني کائڻي پوندي هئي. سندس ۳ تارون ۽ ۹ خط هت ڏجن ٿا.

* (۱)

لاهور، ۶- نومبر ۱۹۵۶ع.

پيارا سيد صاحب! مونکي اطلاع مليو آهي ته "ورور پختون جماعت" هڪ پارٽيءَ ۾ گڏجڻ جي تصديق ڪئي آهي. اخباري اطلاع مليا آهن ته "استمان‌گل جماعت" به شرطيه طور گڏجڻ قبول ڪيو آهي. اسان کي توهان کان به تار رستي خبر پهتي آهي ته اوهان جي "عوامي محاذ" به توثيق ڪئي آهي ۽ وفد جا سيمبر ڪنوينشن لاءِ نامزد ڪيا آهن. "هاري ڪاميٽيءَ" کان کوبه‌اطلاع نه مليو آهي. جڏهن ته مسٽر امير احمد خان، "فرنٽيئر آرگنائيزيشن" جي صدر هن فيصلي جي توثيق لاءِ وڏيڪ وقت جي گهر ڪئي آهي. هنن جو چوڻ آهي ته ڪنوينشن کي هڪ هفتي لاءِ مهمل ڪيو وڃي.

"آزاد پاڪستان پارٽيءَ" تازو پنهنجون سالياڻيون چونڊون ڪيون آهن، ۽ انهن چونڊن جي ڪري اسان فيصلو ڪيو آهي ته نئين پارٽيءَ بنائڻ جي رٿن جي توثيق نئين ڪائونسل کان ڪرائي وڃي ۽ نه پراڻيءَ کان - جنهن جو مدو ختم ٿي چڪو آهي، ۽ جيئن ته اوهان کي اخبارن مان پتو پيو هوندو ته اسان گهڻي وقت تائين بين‌الاقوامي حالتن ۾ گڏيل چونڊن جي سوال ۾ مشغول رهيا آهيون - انهن ڏنهي معاملن اسان لاءِ ڪائونسل کان توثيق‌حاصل ڪرڻ ناممڪن بنائي ڇڏي آهي. ڪائونسل جي هڪ ميٽنگ ۱۷-۱۸-

نومبر ١٩٥٦ع تي ڪونٽائي ويئي آهي ۽ سون ڪي يقين آهي ته ڪائونسل جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي انهن فيصلن جي تصديق ڪرڻ ۾ ڪابه تڪليف نه ٿيندي، جيڪي هوءَ اڳي ڪري چڪي آهي.

سرحد جي دوستن جي گذارش ۽ اسان جي پنهنجي حالتن جي مد نظر "آزاد پاڪستان پارٽيءَ" جي ورڪنگ ڪميٽيءَ فيصلو ڪري، شموليت ڪنڊ سيني پارٽين کي تجويز ڏني آهي ته ڪنوينشن جي تاريخن کي ١٥ ڏينهن لاءِ مهمل ڪيو وڃي. اسان جي تجويز آهي ته ڪنوينشن ٣٠ نومبر - ١ ۽ ٢ ڊسمبر ١٩٥٦ع، جمعي، چنڇر ۽ آچر جي ڏينهن تي ٿئي. اسان اوهان جا نهايت مشڪور ٿينداسون، جيڪڏهن اوهان جي تنظيم ان ڳالهه جي قبوليت ڏني هيءُ عرض تاکيدي سمجهندا ۽ پنهنجي راءِ کان جلد آگاهه ڪندا.

- توهان جو مخلص، محمودعلي.

[تار] *

لاهور ٢٠- نومبر ١٩٥٦ع.

"آزاد پاڪستان پارٽيءَ" منظور ڪيو آهي ته ڪڊيل پارٽي ناهجي. سنڌ، پنجاب ۽ سرحد سان دوستن تجويز ڏني آهي ته نمائندن کان سواءِ سبصرن کي به ڪنوينشن ۾ اچڻ ۽ حصي وٺڻ جي اجازت ڏني وڃي، پر کين ووٽ جو حق حاصل نه هوندو.

اسان ٣٠- نومبر ۽ ١ ۽ ٢ ڊسمبر تي لاهور ۾ ڪنوينشن سڏائڻ لاءِ توهان جي تصديق (منظوري) چاهيون ٿا. اسان جي تجويز آهي ته نمائندن توڙي سبصرن کان ١٠ روپيا في ورتي وڃي. ان جي عيوض سندن رهائش ۽ کاڌي جو انتظام مفت ڪيو ويندو. سيني حصي وٺندڙن کي پنهنجو بستر و آڏو پوندو. اطلاع ڏينداته اوهان وٽان ڪيترا سبصر ايندا، ۽ توهان سبصرن جي اچڻ جي

اجازت ڏيڻ لاءِ رضامند آهيو يا نہ؟ ان کان سواءِ آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جي نالن ۽ تعداد جو تار رستي اطلاع ڪندا.
ـ محمودعلي قصوري.

* (۳)

[شيخ عبدالمجيد ڊانهن - ڪاپي جي- ايم- سيد لاءِ]
لاهور، ۲۴- فبروري ۱۹۵۷ع.

پيارا شيخ صاحب! گذريل هفتي لاهور ۾ جڏهن عوامي ليگ جا اڳواڻ گڏيا هئا، تہ مون اوهان ۽ سيد صاحب سان فون تي گالهائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر اوهان سان ملي نہ سگهيس، نہ ئي ميان افتخارالدين ملیو. مون کي بعد ۾ معلوم ٿيو تہ اوهان سڀ حيدرآباد هئا. منهنجون عوامي ليگ جي اڳواڻن سان دوستاڻي ماحول ۾ گالهيون ٿيون. مون کي مڪمل يقين آهي تہ جيڪڏهن حالتون سازگار رهيون تہ بنان ڪنهن تڪليف جي اسان انهن سيني کي پنهنجي پارٽيءَ ۾ آڻي سگهنداسون. آءٌ اميد ٿو ڪريان تہ اوهان ان معاملي کي پنهنجي هٿ ۾ ڪٺندا ۽ قاضي صاحب کي سمجهائيندا. مسٽر رسول بخش ٽالپور، جي- ايم- سيد سان اختلاف رکڻ سبب، اسان جي پارٽيءَ ۾ شامل نہ ٿيندو. اها بدقسمتي آهي، جو شخصي عنصر اسان جي سياست ۾ فيصليڪن پارٽ ادا ڪن ٿا ـ پر ڇا ڪجي، حالت ائين آهي. جيڪڏهن سيد صاحب کي فراخدل ٿيڻ تي آماده ڪجي ۽ مير رسول بخش جا خدشات دور ڪيا وڃن، تہ پوءِ هيءُ پارٽيءَ ۾ اچي سگهندو. پر سيد صاحب ائين ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو.

مغربي پاڪستان جي بجيٽ جو اجلاس ۱- مارچ ۱۹۵۷ع تي ٿيندو. اوهان جي خيال ۾ آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ان کان اڳ ڪوناڻي وڃي، يا ۹ ۽ ۱۰ مارچ مناسب تاريخون

ٽيندیون. جنهن صورت ۾ گذريل پن هفتن ۾ جيڪي ڪجهه ٿي گذريو آهي، ان جي مون کي ڄاڻ نه آهي، ان ڪري آءٌ اهوفيصلو نٿو ڪري سگهان ته انهن ٻنهي تاريخن مان ڪهڙي تاريخ مناسب ٽيندي؟ تڏهن اوهان مسٽر سيد سان براءِ مهرباني مشورو ڪري، تاريخن متعلق ضروري اطلاع تار رستي موڪلي سگهندا ته اوهان ۽ مسٽر سيد لاءِ ڪهڙيون تاريخون وڌيڪ مناسب ٽيندیون. ٻيو طريقو اهو آهي ته اوهان مون سان ٽيليفون تي ڳالهائيندا ته ان بعد آءٌ آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ جي ٽيندڙ ميٽنگ لاءِ ضروري اطلاع تار رستي موڪلي سگهان.

اسان، اوهان جي پنجاب جي دوري جا منتظر آهيون. پورو وقت ڏڻ ٿا ڏيئن اسان ضروري انتظام ڪري سگهون.

ـ اوهان جو مخلص، محمودعلي.

* (۴)

لاهور، ۱۲-۴-۱۹۵۷ع.

پيارا سيد صاحب! آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي فيصلي موجب، مون قيصر افضل کي پارٽيءَ جوآفيس سيڪريٽري، ۵- اپريل ۱۹۵۷ع کان -/250 روپين ماهوار پگهار تي مقرر ڪيو آهي. مسٽر افضل سابق آرمي آفيسر ۽ صحافي آهي. هو انگريزي ۽ اردو سٺي لکي‌ڄاڻي ٿو، ۽ جاچ مان معلوم ٿيو آهي ته هو اعتماد جوڳو مائهو آهي. هن آفيس ۾ ڪم جي چارج ورتي آهي، ۽ اميد ته سندس مقرريءَ سان ڪم جو معيار ۽ تنظيم جي رفتار وڌندي.

آءٌ اهو به اطلاع ڏيان ٿو ته چوڌري محمد اسلم M.A.,LL جيڪو آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر آهي، پاڪستان نيشنل پارٽيءَ جي پنجاب واري شاخ جي سيڪريٽريءَ جون جوابداريون کڻڻ قبول ڪيون آهن. اميد آهي ته پنهنجي تجربي ۽ لياقت سان

هو پاڻ کي پنجاب ۽ پارٽي تنظيم لاءِ لائق ثابت ڪندو.

آءٌ توهان کي پارٽيءَ جي مرڪزي آفيس کي هلائڻ لاءِ فنڊن مهيا ڪرڻ واسطي جلد قدم کڻڻ لاءِ عرض ڪندس. اڳينءَ گڏجاڻيءَ ۽ گڏ ڪيل پئسا، اڳيئي خرچ ٿي چڪا آهن، ۽ اهو ضروري آهي ته آفيس جي فنڊ گڏ ڪرڻ لاءِ تڪڙا قدم کڻڻ گهرجن. پنجاب ۾ سرحد صوبن مان هرهڪ مان هزار هزار روپين جو چندو پهتو آهي، ۽ ميان افتخار الدين -/1500 روپيا امداد ڏني آهي. پر سنڌ ۾ بلوچستان جي دوستن طرفان وعدو ڪيل رقم اڃا رهي پيئي آهي. جڏهن ته ڪراچيءَ جي دوستن وٺان وعدي ڪيل رقم جو فقط اڌ ملیو آهي. جيڪڏهن اهي بقايائون وصول ٿيون، ته پوءِ مهيني ٻن لاءِ ڪافي ٿيندين، پر مرڪزي آفيس کي هلائڻ لاءِ وڌيڪ فنڊن جي ضرورت ٿيندي، ۽ سون کي اميد آهي ته موجوده سيٽ شاخون پنهنجي فنڊن جو حصو جلد موڪلڻ جي ڪوشش ڪنديون.

منهنجي خيال ۾ ميمبرشپ وسيلي جمع ٿيل رقم جو ۲۵٪/ پارٽيءَ جي مرڪزي تنظيم کي موڪلڻ گهرجي. جيڪڏهن صوبائي شاخون ميمبرشپ وڌائين ۽ مرڪزي تنظيم کي پنهنجو حصو ادا ڪن، ته آفيس کي چندي وٺڻ کان سواءِ ٻي هلائڻ ڏکيو نه ٿيندو. پر پئسن گڏ ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي ڪوشش وٺڻ گهرجي. اميد اٿم ته هن ضرورت جي پورائيءَ لاءِ جلد قدم کڻندا.

اوهان کي معلوم ٿي چڪو هوندو ته اسان عيد کان جلد پوءِ مئي مهيني ۾ پنجاب صوبي جي دوري ڪرڻ جو پروگرام رٿيو آهي. مهرباني ڪري اطلاع ڏيندا ته اوهان يا اوهان جا دوست، هن سڄي دوري يا ان جي ڪجهه حصي لاءِ، اچي سگهندا؟ خان غفار خان مئي مهيني ۾ پنجاب صوبي جي دوري ڪرڻ جو انجام ڪيو آهي. مون کي به اميد آهي ته آءٌ سائس گڏ دوري ڪرڻ

لاءِ وقت کڏي سگهندس، پر جيڪڏهن اڄ نه ڪري سگهيس، تڏهن به دوري جو گهڻو عرصو ساڻس گڏ هوندس.

سون کي اميد آهي ته اوهان کي اڳ ۾ ئي معلوم ٿي چڪو هوندو ته پشاور ۾ ۱۷-۱۸ ۽ ۱۹ مئي ۱۹۵۷ع تي ڪانفرنس ٿي رهي آهي. جيئن ته آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ڪنهن به وقت مئي ۾ ڪوناٿي آهي، ان ڪري براءِ نوازش مناسب تاريخ ۽ هنڌ تجويز ڪندا.

- مخلص، محمودعلي.

* (۵)

لاهور، ۲۴- مئي ۱۹۵۷ع.

پيارا دوست! سون کي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته پشاور ۾ آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي جيڪا ميٽنگ ۱۹-۵-۱۹۵۷ع تي ٿي هئي، تنهن ۾ ڪراچيءَ ۽ سنڌ جي آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن مان سيد صالح شاهه کان سواءِ ٻيو ڪوبه حاضر نه ٿيو. سنڌ جي ميمبرن درخواست ڪري تقاضا ڪئي هئي ته آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي ٻي ميٽنگ ڪراچيءَ ۾ ٿيڻ گهرجي. ڪاميٽيءَ اها گالهه قبول ڪندي، ميٽنگ لاءِ ۷-۸-۹ جون ۱۹۵۷ع جون تاريخون عارضي طرح مقرر ڪيون آهن. ظاهر آهي ته ڪراچيءَ واري ميٽنگ تڏهن ئي فائديمند ٿيندي، جڏهن انهن مقرر ٿيل تاريخن تي ڪراچيءَ ۽ سنڌ جا ميمبران ميٽنگ ۾ حاضر ٿي سگهن. ان ڪري اوهان کي عرض ڪجي ٿو ته پڌاٿيندا ته آيا اهي تاريخون مناسب آهن يا نه؟ اها به گالهه زير غور آڻي ته ۱۰ جون تي ڪولمبو ۾ ٿيندڙ "امن ڪانفرنس" جي پيش نظر، ۸ جون کان اڳ يا پوءِ تاريخ مقرر ڪرڻ زياده مناسب ٿيندي. سهڻائي ڪري اطلاع سوڪلينڊا ته جيڪڏهن اهي تاريخون اوهان لاءِ سهوليت واريون هجن، ته آءٌ

پين سيني سيمبرن کي انهن تاريخن جو اطلاع ڏيان.

ميٽنگ ڪوناٿ لاءِ اوهان جي جڳهه تجويز ڪئي ويئي آهي. مهرباني ڪري پڌائيندا، تہ آيا اوهان جي ڪراچيءَ واري جاءِ ميٽنگ ڪوناٿ لاءِ مناسب ٿيندي يا ڪا بي جاءِ موزون ٿيندي؟

منهنجو پروگرام ۶- تاريخ شام، هوائي جهاز رستي ڪراچيءَ پهچڻ جو آهي ۽ ۷- تاريخ واپس ٿيندس، چاڪاڻ تہ ۸- تاريخ صبح جو منهنجو ڪيس لاهور ۾ آهي. آءٌ وري ۸- تاريخ شام جو ڪراچيءَ موٽي ايندس. پر جيڪڏهن ڪيس ۱۰ بجي کان اڳ ختم ٿي ويو، تہ پوءِ ۸- تاريخ صبح جو ئي پهچندس. پرمون کي ۸ تاريخ صبح جو ڪجهه ڪلاڪن لاءِ لاهور ۾ رهڻو آهي.

سيني سيمبرن جي مرضي هئي تہ جتي بہ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ڪوناٿي وڃي، تہ ميٽنگ وارا اهي ڏينهن سيمبرن کي صرف بحث مباحثي لاءِ ڏنا وڃن تہ جيئن ڪافي اهم معاملن، جن بابت پارٽيءَ کي پاليسي فيصلا ڏيڻا آهن، تي آزاد بحث ڪري، انهن کي آڪلايو وڃي.

اهو خاص عرض ڪيو ويو تہ آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي نشست روزانو سڄو ڏينهن هلڻ گهرجي، جيئن آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ جي پيءَ ميٽنگ لاءِ صحيح مباحثو ۽ واڌارو ڪري سگهجي.

نشست صبح جو ۷-۸ بجي کان ٻنهڑن تائين هلي ۽ ڪجهه وقفي بعد وري ۴- بجي کان رات جي ۱۱، ۱۲ بجي تائين ٿيڻ گهرجي.

ـ اوهان جو مخلص، محمودعلي.

* (۶)

لاهور، ۳-۶- ۱۹۵۷ع.

پيارا سيد صاحب! آءٌ هي ۽ خط، پنهنجي اڳئين خط، مورخہ ۲۴-مئي

۱۹۵۷ع جي سلسلي ۾ لکي رهيو آهيان. سون کي افسوس آهي ته اوهان معاملي جي جلدائيءَ جي باوجود، ان جي هن سهل ڳالهين جواب ڏيڻ جي کوشش نه ڪئي آهي. آءٌ آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جي ان صلاح سان پڻ آهيان، ته ۷-۸-۹ جون تي ڪراچيءَ ۾ ٽينڈڙ آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ سڏيو ڪئي وڃي. توهان ان ڳالهه تي غور ڪري ڏسندا ته انهن تاريخن تي ڪن ميمبرن ڪراچيءَ ۾ هجڻ جو آزمائشي پروگرام بنايو هو، تن کي توهان طرفان جواب نه ملڻ جي صورت ۾ ڪيتري نه تڪليف پهتي هوندي. ميٽنگ سڏيو ڪرڻ جي فيصلي ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه رستو نه هو. آءٌ سمجهان ٿو ته اها ڳالهه اوهان جي ذاتي مشغولين ۽ سيلون وڃڻ سبب ٿي هوندي. سون اڄ صبح جو ان متعلق اوهان کي هيءَ تار موڪلي آهي.

"توثيق جي غير موجودگيءَ ڪري، ڪراچيءَ جي ميمبرن، ڪراچيءَ جي ميٽنگ جي تاريخ ۽ جاءِ منسوخ ڪئي آهي. خط ٻه موڪلي رهيو آهيان."

ساڳيو اطلاع مسٽر هاشم غلزئيءَ کي ڪوئٽا، شهزادي عبدالڪريم کي قلات، خان عبدالصمد خان کي گلستان ۽ قاضي فيض محمد کي نواب‌شاهه ۾ موڪليو ويو هو. اهو فيصلو خان عبدالغفار خان سان ٽيليفون تي صلاح مشوري ڪرڻ ۽ تڪليفن کان ڪيس آگاهه ڪرڻ بعد ڪيو ويو.

آءٌ اوهان جو ڏيان ان حقيقت طرف ڇڪائڻ گهران ٿو ته آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ جي ميمبرن لاءِ اها تمام ڏکيائي ٿيندي، جيڪڏهن کين ميٽنگ ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ پندرهن ڏينهن کان به گهٽ عرصي جو اطلاع ڏنو وڃي. آءٌ اوهان کي تجويز ڏيان ٿو ته هن خط پهچڻ شرط سون کي اطلاع ڪندا ته آيا اوهان آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي ٻي ميٽنگ ڪراچيءَ ۾ رکائڻ گهرو ٿا يا نه؟ جي

ها، تہ ڦوءِ ۲۲- ۲۳- ۾ ۲۴ جون جون تاريخون مناسب ۾ سهوليت واريون ڏيندیون؟

خان عبدالصمد خان جي خواهش آهي تہ آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي گڏجاڻي ڪوئيٹا ۾ ٿيڻ گهرجي. ٻئي طرف قاضي فيض محمد صلاح ڏني آهي تہ اها ميٽنگ سنڌ ۾ ڪئي وڃي. ظاهر آهي تہ هو چاهيندو تہ اها نوابشاهه ۾ ٿيڻ گهرجي يا اندرون سنڌ جي ڪنهن به قبوليت جوڳي هنڌ تي ٿئي. جيڪڏهن ڪراچيءَ جا ميمبر، ڪنهن به سبب ڪري، اها ميٽنگ ڪراچيءَ ۾ ڪوئٹا نہ گهرن، تہ ڦوءِ آءٌ صلاح ڏيندس تہ اها لاهور، ڪوئٹا يا نوابشاهه ۾ ٿيڻ گهرجي. سون‌کي اميد آهي تہ اوهان به سون سان تار رستي جواب موڪلي همراءِ ڏيندا، تہ جيئن ميٽنگ جا دعوتناما جيترو جلد ٿي سگهي موڪليا وڃن.

ڪجهه ڏينهن اڳ پنجاب ۾ سرحد جي ميمبرن کي، ڪراچيءَ واريءَ ميٽنگ نہ ٿيڻ، ۽ قلات، ڪوئٹا، نوابشاهه ۽ گلستان ڏانهن ان ميٽنگ جي رد ٿيڻ متعلق تارون ۾ اطلاع موڪليا ويا. اڄ شام جو شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي تار پهتي آهي تہ ڪراچيءَ جي ميمبرن لاءِ اهي تاريخون (۷-۸-۹) ۾ هنڌ موزون آهن. توهان ان ڳالهه کي قدر جي نگاهه سان ڏسندا، تہ پاڪستان جي مختلف حصن ۾ رهندڙ آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ جي ميمبرن کي، ۷- تاريخ واري آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ، اڄ ۳ تاريخ کان مطلع ڪرڻ مشڪل آهي. جيڪڏهن هيءَ تار ڪٿ ۾ ڪٿ هفتو اڳ پڄي ها، تہ آءٌ کين تار رستي اطلاع موڪلي ڏيان ها. مٿين ڳالهين کي سامهون رکندي، اوهان کي عرض ٿو ڪريان تہ سون‌کي تار رستي اطلاع ڏيندا. سون کي اميد آهي تہ اوهان ائين ڪندا. پيا به ڪيترا ٽڪڑا ۾ اهم سوال غور طلب آهن، جن جا نتيجا آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ نہ ڪوڻڻ سبب ڏکيا ثابت ٿيندا.

مون پڌو آهي ته "امن ڪانفرنس" لاءِ جلد وفد وڃڻ وارو آهي، جنهن ۾ مان اوهان ۾ هڪ آهيو. مهرباني ڪري ٻاهر وڃڻ کان اڳ جواب ڏيڻ فرمائيندا.

ـ اوهان جو مخلص، محمودعلي.

* [تار]

لاهور ۲۲- جون ۱۹۵۷ع.

سيد غلام مرتضيٰ- مسلم ڪالوني، ڪراچي. توهان جي تار ڏٺي. ڇا، توهان انفلوئنزا جي حالت ۾ مناسب سمجهو ٿا ته ڪراچيءَ ۾ ٿيندڙ آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ۲۸ کان ۳۰ تاريخ تائين سڏائي وڃي. ڪن ميمبرن جي راءِ آهي ته ميٽنگ حيدرآباد يا نوابشاهه ۾ ۲۸ تاريخ ڪوٺائي وڃي، بشرطيڪ اتي مناسب بندوبست ٿي سگهي. جواب جلد ڏيندا ته جيئن جواب ملڻ شرط ميمبرن کي تار يا فون رستي اطلاع ڪريان.

ـ محمودعلي.

* (۸)

لاهور، ۸-۷-۱۹۵۷ع.

پيارا دوست! توهان اخبارن ۾ مولانا ڀاشانيءَ جي گروپ ۾ گنتانتنتري دل جي اڳواڻن جا ڪيئيل بيان پڙهيا هوندا، جن ۾ باريسال ٽائون هال ۾ ۲۱-۲۲-۲۳ جولاءِ تي ٿيندڙ گنتانتنتري دل جي ڪانفرنس ۾ اولهه پاڪستان جي سياسي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن کي مدعو ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ مولانا ڀاشانيءَ طرفان ۲۵-۲۶ جولاءِ تي ڪوئيل سياسي ڪانفرنس ۾ شرڪت جو سڏ ڏنو ويو آهي. آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي اڳينءَ گڏجاڻيءَ ۾ ٿيل مباحثي، ۽ ڪن پين ميمبرن سان ٿيل منهنجي ڳالهين جي بنياد

تي آڻڻ سمجهان ٿو، ته آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جو ڪوبه ميمبر ان ڳالهه تي اختلاف نه رکندو ته اسان کي اهي دعوتون قبول ڪري، ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ گهرجي. حقيقت ۾ هيءَ بهترين موقعو آهي ته اسان پنهنجي پارٽيءَ کي اوپر پاڪستان ۾ متعارف ڪرايون، ۽ مولانا پاڻ ني ۾ گنتاتنتري دل جي اڳواڻن کي پاڻ سان ملائڻ لاءِ پوريءَ طرح رضامند ڪري سگهون.

گنتاتنتري دل جي اڳواڻن ۾ ڍاڪا سياسي ڪانفرنس جي استقباليه ڪاميٽيءَ جي چيئرمن جي ڪيبل بيانن مان ظاهر آهي ته اهي ڪانفرنس ۾ مغربي پاڪستان جي اڳواڻن ۾ سياسي اڳواڻن جي وڏي تعداد ۾ شموليت کي وڏي اهميت ڏئي رهيا آهن.

آڻڻ اوهان کي تجويز ڏيندس ته جيڪڏهن اوهان کي ڪي تمام اهم مصروفيتون نه هجن، ته پوءِ انهن ٻنهي ميٽنگن ۾ شامل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا. ڪراچيءَ ۾ ڍاڪا جي وچ ۾ روزانه هوائي سروس آهي، جڏهن ته ڍاڪا ۽ لاهور جي وچ ۾ هفتي ۾ ٻهرواز ويندا آهن. لاهور کان ڍاڪا تائين ٽوئرسٽ ڪلاس ٽڪيٽ جو هڪ سئي پاڙو -/۲۰۵ روپيا آهي. ٽوئريسٽ ڪلاس جي واپسي ٽڪيٽ ونڊ سان به پاڙو گهٽ نه ٿيندو.

سون کي خبر پيئي آهي ته اوپر پاڪستان جي ڪانفرنس ۾ پنجاب طرفان ۱۰ ماڻهن جو هلڻ ممڪن آهي. اميد اٿم ته سنڌ، سرحد، بلوچستان ۽ ڪراچيءَ مان وڏي تعداد ۾ ميمبر انهن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندا. جيڪڏهن پاڪستان نيشنل پارٽيءَ جي آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ جي ميمبرن جو وڏو تعداد ڍاڪا ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ هليو ته انهن لاءِ اوپر پاڪستان ۾ آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي هنگامي ميٽنگ ڪوڻائڻ ضروري ٿيندي. جيڪڏهن اوپر بنگال ۾ ميٽنگ ڪوڻائڻ تي ڪي ميمبر اعتراض وارين، ته پوءِ اسان کي باهمي صلاح مشوري خاطر خانگي ميٽنگ سڏائڻ تي اڪتفا ڪرڻي پوندي.

جيڪي دوست لاهور کان ڊاڪا هوائي جهاز رستي وڃڻ گهرن، تن کي اطلاع ڏيڻو پوندو ته پاڪستان ايئرلائينز وارا ۱۶- جولاءِ ۱۹۵۷ع کان پنهنجي پروازن جي وقتن ۽ هيڈنگ ريت تبديلي ڪري رهيا آهن:

ڊاڪا ڏانهن روانگي- سومر ۽ خميس تي صبح جو ۸ بجي بجاءِ ۷-۵۵ بجي، ۽ واپسي آچر ۽ اربع تي ۱-۲۵ بجي بدران ۶-۳۰ بجي شام.

آڱ ۱۸- تاريخ ويندڙ جهاز ۽ پنهنجي سيٽ بوڪ ڪرائي رهيو آهيان. جيڪڏهن پيا ٻه کي دوست ان تاريخ تي هلڻ گهرن ته اهي مون کي يا پاڪستان نيشنل پارٽيءَ لاهور، جي دفتر کي اطلاع موڪلين ته سندن لاءِ شرطي سيٽون "رزروڊ" ڪرائي ڇڏجن- پر P.I.A وارا ٽڪيٽ جا پئسا رزرويشن کان اڳ گهرن ٿا. مون اڄ P.I.A جي آفيس مان پڇا ڪئي ۽ مون کي مطلع ڪيو ويو ته ۸ کان ۱۰ تائين سيٽون جهازن تي ميسر ٿي سگهن ٿيون، جيڪي هن مهيني جي ۱۸-۲۱ ۽ ۲۵ تاريخ تي روانا ٿيندا. جهازن جي هفتي ۽ ٻه دفعا آمدرفت هڻڻ سبب آهي جلد پرجيو وڃن، ان ڪري اڳواٽ سيٽون رزرو ڪرائڻ جي ضرورت آهي.

ڪن دوستن مون کان پڇا ڪئي آهي ته ڇا اهو ممڪن آهي ته خاص "ڊيڪوٽا" جهاز مهيا ٿي سگهندو، جيڪو لاهور کان ڊاڪا ۱۹-۲۰ مسافر کڻي سگهي. لاهور جي مڪاني آفيسر هائوڪار ڪئي آهي ۽ چيو آهي ته جيڪڏهن هفتو ڪن اڳ اطلاع ڪيو ويو ته پوءِ پاڙي ۽ ٻه گهٽتائي ڪري سگهن ٿا. هن چيو ته پاڙي جا مڪمل تفصيل پوءِ ڏيندو. پر امڪان آهي ته سڄي جهاز چارٽر ڪرڻ سبب گهٽي ڪفايت ڏيندي.

منهنجي راءِ موجب، اهو نهايت ضروري آهي ته اسان مان اڪثر کي گنتاتنتري دل ڪانفرنس ۽ شموليت ڪرڻ گهرجي.

جيڪڏهن اسان گنتاتنتري دل ۾ مولانا ڀاشانيءَ جي گروپ کي پاڪستان نيشنل پارٽيءَ ۾ اچڻ لاءِ رضامند ڪرڻ گهرون ٿا، تہ پوءِ گنتاتنتري دل جي ڪانفرنس ۾ شموليت کي اسان ابتدائي فيصلن لاءِ ڪم آڻي سگهون ٿا. اهي ٻئي ماڻهو آهن، جيڪي اسان جي نقطي نگاه سان وڌيڪ همدردي رکن ٿا. تنهنڪري باريسال ۾ ۲۱ کان ۲۳ تاريخ تائين اسان جي حاضري اپرندي بنگال جي ماڻهن کي اسان ڏانهن راغب ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندي، جيڪي ۲۵-۲۶ تاريخ تي ڍاڪا واريءَ ڪانفرنس ۾ گڏ ٿي رهيا آهن.

- اوهان جو مخلص، محمودعلي.

* (۹)

لاهور، ۱۳- ۷- ۱۹۵۷ع.

پيارا سيد صاحب! مون کي ڪالهه شام اوهان وٽان هيٺين تار پهتي آهي: "اوهان جو دعوتنامون، بادشاهه خان، عبدالصمد خان، شهزادي عبدالڪريم ۽ ٻين آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ جي ميمبرن کي ۲۵- ۲۶ تاريخ تي مدعو ڪرڻ بابت پهتو. آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ڍاڪا ۾ مقرر ڪريو ۽ ميمبرن کي تار رستي اطلاع ڪريو تہ اسان ۱۹ تاريخ پهچي رهيا آهيون."

مون بادشاهه خان ۽ آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي ٻين سڀني ميمبرن کي اڳيئي ۲۵- ۲۶ جولاءِ تي پاشاني صاحب طرفان ڍاڪا ۾ ٿيندڙ سياسي ڪنوينشن جي دعوت موڪلي چڪو آهي.

آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ سڏائڻ بابت مون کي ڪالهه صبح جو خان عبدالغفار خان کان رجسٽرڊ خط پهتو آهي، جنهن ۾ هن ڄاڻايو آهي تہ هن لاءِ مولانا ڀاشانيءَ واري ڪنوينشن يا آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي ٻيءَ ڪنهن ميٽنگ ۾ مستقبل قريب ۾ حاضر ٿي سگهڻ ناممڪن ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ طبيعت جي ناسازيءَ

سبب ڪيس مڪمل آرام ڪرڻ جو مشورو ڏنو ويو آهي. انڪري، هو آرام ڪرڻ واسطي سوات طرف وڃي رهيو آهي.

هن تجويز ڏني آهي ته آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ آگسٽ جي آخر ۾ سڏائي وڃي. ڪلهوڪي پاڪستان ٽائيمس ۾ هن جي چيف پريس بيان ۾ مولانا پاشانيءَ کي مطلع ڪيو ويو آهي ته هو (خان بادشاهه) ڊاڪا ڪنوينشن ۾ اچي نه سگهندو. جيڪڏهن هن جي موجودگي ضروري هجي ته ڪنوينشن آگسٽ جي پڇاڙيءَ تائين ملتوي ڪيو وڃي.

آءٌ فرنٽيئر صوبي پارٽيءَ جي سيڪريٽري ماسٽر عبدالڪريم سان ملي نه سگهيس، پر مون حسين بخش ڪوثر سان گفتگو ڪئي آهي، جنهن ٻڌايو ته خان عبدالغفار خان اڄ صبح جو سوات روانو ٿي ويو، ۽ مائٽن کي جهلي ڇڏيو اٿس ته سوات نه اچن ۽ نه ئي هن جي آرام ۾ مداخلت ڪن. ڊاڪٽرن جو اهوئي مشورو آهي. مون انهن تاريخن تي ڊاڪا ڪنوينشن ۽ آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ مسٽر امير خان جي اچي سگهڻ بابت به پڇا ڪئي. مون کي ٻڌايو ويو ته هيءُ پڻ بيمار آهي ۽ ٻاهر نڪري نه سگهندو. انهن ٻنهي اهم ميمبرن جي غير موجودگيءَ ۾ شهزادي عبدالڪريم ۽ ٻين ڪن ميمبرن طرفان پڪ نه هئڻ جي صورت ۾ آءٌ نٿو سمجهان ته اوهان آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ڊاڪا ۾ ڪوٺائڻ بابت اصرار ڪندا. اوهان جي تار جي نقطيءَنگاه کان، آءٌ آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن کي اوهان جي ان درخواست جو اطلاع موڪلي رهيو آهيان، ته جيڪڏهن ڊاڪا ۾ آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي باقاعده ميٽنگ نه ٿي سگهي، ته ميمبر خانگي طرح مشوري لاءِ ملي سگهندا يا نه؟ جيڪڏهن اوهان اڃا ٻئه چاهيو ته خانگي ميٽنگ ڪوٺائي وڃي، ته مهرباني ڪري هن خط ملڻ شرط تار يا ٽيليفون رستي اطلاع ڪندا ته آءٌ ميمبرن کي اهڙو اطلاع

موڪلي ڇڏيان.

آڳ ۱۸ تاريخ ڊاڪا وڃي رهيو آهيان، تہ جيئن ڀاريسال ۽ ۲۱-۲۲ ۽ ۲۳ تاريخ تي ڊينڊڻ گنتاتنتري دل جي ڪانفرنس ۽ شريڪ ٿي سگهان. آڳ ڊاڪا ۲۴ تاريخ واپس ايندس. مسٽر محموعلي، ريوينيو منسٽر اوپر پاڪستان، سون کي فون رستي اطلاع ڏنو آهي تہ ڀاريسال پاڻيءَ جي جهاز ۽ وڃي سگهجو، مسافري ۱۲ ڪلاڪ وٺندي. هيءَ ۱۹ تاريخ ڊاڪا مان ڀاريسال طرف اسهي رهيو آهي ۽ سون بہ چيو اٿس تہ سون لاءِ بہ جهاز ۽ بندوبست ڪري. منهنجي خيال ۽ اوهان ٻڌ ۱۹ تاريخ صبح جو ڊاڪا پهچندا، چاڪاڻ تہ اوهان بہ ڀاريسال جي ڪانفرنس ۽ شريڪ ٿيڻ چاهيندا هوندا. جيڪڏهن اٿين ٿيو تہ پوءِ چار ڏينهن پاڻ ۽ بحث مباحثي لاءِ ملي ويندا. ان کان سواءِ آڳ بہ ۱۹ تاريخ ڊاڪا ۽ هوندس ۽ ڀاريسال وڃڻ کان اڳ اوهان سان ملڻ جو موقعو ملي ويندو.

– اوهان جو مخلص، محمودعلي.

* (۱۰)

لاهور، ۲۸-۸- ۱۹۵۷ع.

پيارا سيد صاحب! سون کي اوهان جي تار پهتي آهي ۽ سون ۱۲ سيپٽمبر ۱۹۵۷ع واريءَ ميٽنگ لاءِ گهربل دعوتون موڪلي ڇڏيون آهن. هڪ سوال حل ڪرڻ سون لاءِ مشڪل ٿي پيو آهي، ان تي اوهانجي راءِ وڻڻ ضروري ٿو سمجهان. اولهہ پاڪستان عوامي ليگي ميمبرن جي هڪ گروپ جي فيصلي جي مدنظر اسان فيصلو ڪيو آهي تہ اسان پنهنجي ميٽنگ جي دعوتين جي لسٽ ۽ ڇهن وڌيڪ ماڻهن جو اضافو ڪريون، جيڪي سڀئي اصل ۽ عوامي ليگ جا آهن. جي آهن: محمودالحق عثماني، قاضي فيض محمد، چوڌري محمد اسلم، سابق ڪموڊور جنجوعا، سابق ميجر محمد

اسحاق ۽ ارباب عبدالغفور خان. اهو معلوم هجڻ گهرجي ته آخري معزز مائهوءَ پارٽيءَ ۾ ڪجهه شرطن سان شموليت اختيار ڪئي هئي، باقي بيا بناڪنهن ذهني استثنيٰ جي شامل ٿيا آهن. ڊاڪا ۾ سابق ڪموڊور جنجوئا ۽ ڪنهن حد تائين ميجر اسحاق ۽ محمودالحق عثماني اهو ظاهر ڪيو هو ته هو اڃا پاڪستان نيشنل پارٽيءَ ۾ شامل نه ٿيا هئا. ان حالت ۾ آءٌ صاف نه آهيان ته ميٽنگ جون دعوتون ڇڻي ڏي وڃن، يا ڪنهن کي به نه سوڪلجن، يا پين سڀني ڏانهن سواءِ ايئر ڪموڊور جي، سوڪلجن، جنهن اها گالهه واضح ڪئي هئي ته هو پاڪستان نيشنل پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿي نه هو. مهرباني ڪري مون کي خبر ڏيندا ته ان باري ۾ اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي. ٽي سگهي ته ٽيليفون تي گالهائجو. جيستائين چوڌري محمد اسلم جو تعلق آهي، ته هيءُ پنجاب نيشنل پارٽيءَ جو سيڪريٽري آهي. هن ڪڏهن به ائين نه چيو آهي ته سندس پاڪستان نيشنل پارٽيءَ ۾ شموليت شرطيه هئي. ساڳي حالت قاضي فيض محمد جي هئي. آءٌ نٿو سمجهان ته ڪين دعوتون نه موڪلڻ ڪيترقدر درست ٿيندو.

مون کي پاڪستان نيشنل عوامي پارٽيءَ جي آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي پيءَ ميٽنگ بابت خان غفار خان روبرو چيو هو ۽ لکيو به آهي ته اها لاهور ۾ سڏائي وڃي. جيڪڏهن اوهان هن سان متفق راءِ هجو ته پوءِ مولانا ڀاشانيءَ کي لکندا ته آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي پي ميٽنگ لاهور ۾ سڏائي وڃي ۽ نه ٻئي ڪنهن هنڌ.

اخباري اطلاعن مطابق قانون‌ساز اسيمبليءَ جو اجلاس ۲۴- تاريخ تي لاهور ۾ ٿي رهيو آهي. توقع آهي ته اجلاس سيپٽمبر جي پڇاڙيءَ تائين يا ان کان وڌيڪ وقت هلندو، ان ڪري ميٽنگ جي تاريخ سيپٽمبر جي آخر ۾ رکڻ زياده موزون ٿيندي. ان وقت لاهور ۾ سنڌ توڙي ٻين حصن جا ڪيترا دوست گڏ ٿيندا.

پاڪستان نيشنل عوامي پارٽيءَ جي سيڪريٽريشپ لاءِ آءٌ وري به اوهان کي عرض ڪندس ته اها جوابداري اوهان کي ڪٽڻ گهرجي. جيتريقدر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته سيڪريٽري شپ ان کي ٿي ڏني ويندي، جو نيشنل پارٽيءَ جو ناسرد هوندو. انهيءَ نقطهنگاهه کان اوهان کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن‌کي ترجيح نه ملندي. ان‌کان‌سواءِ اوهان ۾ ڪيترين ڳالهين ڪري وڌيڪ لائق آهيو. اوهان‌سون‌کان وڌيڪ وقت ڪير سگهندا، منهنجي بنسبت اوهان ملڪ جو گشت سهوليت سان ڪري سگهو ٿا. اوهان کي منهنجي مقابلي ۾ وڌيڪ وقت ۽ سهوليتون ميسر آهن. ان ڪري آءٌ اوهان کي عرض ڪندس ته منهنجي اصلوڪي تجويز تي غور ڪريو ته جيئن آءٌ پنهنجي پوزيشن درست ڪري سگهان. مون کي شخصي طرح ڪوبه اعتراض ڪونهي، جيڪڏهن محمودالحق عثمانيءَ کي سيڪريٽري چونڊيو وڃي، پر اها ڳالهه اصولي طرح غلط ٿيندي. خاص طرح انهن ماڻهن لاءِ، جيڪي پاڪستان نيشنل پارٽيءَ سان تعلق رکندا هئا، اها ڳالهه ناقابل برداشت ٿيندي ته سٽن اهڙن ماڻهن کي ترجيح ڏني وڃي، جي اڳ ۾ عوامي ليگ سان واسطو رکندڙ هئا، ۽ هاڻي وري سيڪريٽري به ٿيڻ گهرن ٿا.

ـ اوهان جو مخلص، محمودعلي.

* (۱۱)

۴- فيض روڊ، لاهور، ۲۵- جنوري، ۱۹۵۸ع.

پيارا سيد صاحب! جڏهن آءٌ ڪراچيءَ ۾ ڪيس جي سلسلي ۾ آيو هئس، ته اوهان سان ملڻ جي ڪوشش ڪيم. اوهان جيئن ته ڪراچيءَ کان ٻاهر ويل هئا، ان ڪري ملاقات ٿي نه سگهي. مسٽر پرڳڙي ۽ پير صاحب سان به ملڻ جي ڪوشش ڪيم، پر اهي به ملي نه سگهيا. آءٌ مسٽر صوپي گيانچنداڻيءَ جو نهايت شڪرگذار

آهيان، جنهن ڪراچيءَ جي دوستن جي گڏجاڻيءَ جو بندوبست ڪيو ۽ مون کي ساڻن ملڻ جو موقعو مليو. شيخ صاحب جن به مهرباني فرمائي، اتي آيا.

مسٽر عثمانيءَ، مولانا پاشانيءَ کان پيغام آندو آهي ته ايندڙ چونڊن ۾ اسان کي پنجاب تي وڌيڪ توجهه ڏيڻ گهرجي، ۽ ڪوشش ڪري گهٽي کان گهٽيون سيٽون هٿ ڪرڻ گهرجن. مون کي معلوم ٿيو آهي ته اوهان ملتان ضلعي ۾ وڌيڪ مدد ڪري سگهو ٿا. اوهان گذريل پيري جڏهن هتي آيا هئا ته اوهان چيو هو ته ملتان جي نوجوانن کي پارٽيءَ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندا. ان لاءِ اوهان کي يادگيري ڏيارڻ گهران ٿو ته جيترو جلد ٿي سگهي، ان مسئلي ۾ ڪوشش ڪندا. جيڪڏهن ممڪن هجي ته مولانا پاشانيءَ کي خرچ لاءِ ڪجهه رقم موڪليندا ته آڻ مهرباني سمجهندس.

- اوهان جو مخلص، محمودعلي.

(۱۸)

اجمل خٹک

ميان اجمل خٹک، پناڻن جي مشهور خٹک گهراڻي سان تعلق رکندڙ آهي. گهڻي وقت کان وڃي قومي کارکن ڻي رهيو آهي، کانگريس ۾ خدائي خدمتگار جماعتن سان واسطو هئس. سوشلسٹ خيالن جو ماڻهو آهي. سنو کارکن هئڻ کري، خان عبدالولي خان جي ڏينهن ۾ هن نئشنل عوامي پارٽيءَ ۾ وڏيک حصو ورتو. جڏهن خان عبدالولي خان جي خلاف پيپلز پارٽيءَ وارن راولپنڊيءَ ۾ نامناسب روش اختيار ڪئي، تہ انهيءَ کان ناراض ڻي، هيءُ ملک ڇڏي، افغانستان ۾ وڃي ويٺو آهي. جتان حتي‌الامکان پختونستان ۾ ننڍين صوبن جي حقن جي حفاظت لاءِ آواز کڏندو رهي ٿو.

نئشنل عوامي پارٽيءَ ۾ رهڻ کري، هن جا سون سان تعلقات پيدا ٿيا، جيڪي اسان جي نئشنل عوامي پارٽيءَ سان باهر نڪرڻ بعد شخصي تعلقاتن طور قائم رهندا آيا.

سندس هڪ خط ڏجي ٿو:

[اردو]

پاکستان نئشنل عوامي پارٽي.

مکرمي جي-ايم‌سيد صاحب، ليڈر پارليامينٽري‌پارٽي، نئشنل عوامي پارٽي، مغربي پاکستان اسيمبلي، السلام عليڪم! مزاج‌شريف. اسان جي پارٽيءَ جا قبائلي ميمبر خاص طرح ۾ صوبائي ميمبر عام طرح ان مسئلي جي باري ۾ تشويش ۾ آهن تہ ايجنسين ۾ قبائلي علائقن جي عوام کي بالغ راءِ دهي جي بنيادن تي نمائندن چونڊڻ جو حق حاصل نہ آهي، بلڪ چاليهه لک انسانن جو اختيار

چند سردارن کي ڏنو ويو آهي. ان تي مستزاد اهو تہ راءِ عامہ کي بيدار ڪرڻ لاءِ ڪنهن قسم جي ڪوشش جي اجازت نہ آهي.

ان باري ۾ اوهان اڳ ئي ڪافي ڪجهہ ڄاڻو ٿا، ۽ جماعتي پليٽفارم تان قرارداد ۾ پاس ڪيا ويا آهن. انهيءَ ضمن ۾ اوهان کي اسان جي قبائلي ميمبر راحت خان جي تار ملي هوندي.

اسان چاهيون ٿا تہ اوهان ان مسئلي کي اسيمبليءَ جي حاليہ سيشن ۾ چيڙيو ۽ پنهنجي ممڪن جدوجهد سان ان غير جمهوري طريقي خلاف موثر نتيجا پيدا ڪريو.

ـ اجمل خٽڪ، قائم مقام جنرل سيڪريٽري، نيشنل عوامي پارٽي، سرحد.

(۱۹)

شهزادو عبدالکريم

شهزادو عبدالکريم، والي ۽ قلات احمد يارخان جو نندو ڀاءُ آهي. هو منڊ کان وٺي آزاد خيال، بي‌ڊپو، قومي کارکن ٿي رهيو آهي. پهرين بلوچ قومپرست جماعتن ۾ حصو ورتائين ۽ پاکستان سرکار، ان کان معترض ٿي، ڪيس ست سال سزا ڏني. ان کان‌پوءِ به ڪيس ڪيترا دفعا سزائون ڏنيون ويئون آهن، جي هن مردانگيءَ سان برداشت ڪيون آهن. هيءُ سچو، مخلص ۽ ايماندار کارکن آهي. نئشنل عوامي پارٽيءَ ۾ گهڻو بهرو ورتو اٿس. سون سان انهيءَ سلسلي ۾ تعلقات رهيا اٿس. خدا سندس عمر زياده ڪري ۽ همت بخشيس، جيئن هو پين بلوچستان جي کارکنن سان گڏجي، بلوچن جي فلاح ونجات لاءِ ڪم ڪندو رهي.

[تار] *

۹- نومبر، ۱۹۵۵ع.

خاص ڪا گالهه ڪانهي. پبلڪ ميٽنگ ۱۱- تاريخ تي رکيل آهي. ڊاڪٽر خان کي چيو ويو آهي ته رپورٽن بنسبت پنهنجي راءِ ظاهر ڪري. سردار عطاءالله خان سان رابطو رکندا. مهرباني ڪري ميٽنگ تي ايندا.

- شهزادو عبدالکريم.

* (۲)

ڪراچي، ۲۱-۲-۱۹۵۶ع.

محترم جي-ايم-سيد صاحب، السلام‌عليڪم. اوهان جواطلاع

مختصر ۾ بي ايجنڈا هو. منهنجي جماعت جي محترم ميمبرن کي شڪايت آهي ته انٽي ون يونٽ ڪنوينشن ۾ ضبط و نظم ۾ ذميواريءَ جو احساس گهٽو گهٽ آهي. هر ميٽنگ، وقت ۾ ايجنڈا ڏيڻ کان سواءِ، تارن جي ذريعي ڪئي وڃي ٿي. اسان جو نمائندو ويندو آهي، جماعت کان خرچ وٺندو آهي، مگر ان کي ڪجهه به معلوم نه ٿيندو آهي ته بحث هيٺ ڪهڙو مسئلو آهي- ان بابت جماعت جو مشورو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ اهي شڪايتون ڪٿي آڻڻ ۾ ٿي ڏينهن اڳ ڪراچيءَ پهتس ته جيئن اوهان سان روبروگفتگو ڪريان، پر اوهان بمبئيءَ هليا ويا هئا. مخض ڪنوينشن جي احترام ۾ آڻڻ هن دفعي وري پنهنجي خاص رفيق عنقا صاحب کي پنهنجي طرفان نمائندو بنائي، موڪلي رهيو آهيان.

خود اوهان جي علم ۾ آهي ته بلوچ قوم جي اڪثر ڪارڪنن کي گذريل ڪجهه سالن کان بي‌بنياد نه پر ڪن ٺوس واقعن جي بنياد تي مخض شڪايت ٿي نه، پر پريشاني ۽ اضطراب آهي ته بلوچن جو جداگانه قومي وجود خود ڪنوينشن وٽ سجيل نه آهي. هيءَ اتحاد جي نه، نفاق جي ڳالهه ٿي. هن شڪ کي هميشه لاءِ ختم ڪرڻ واسطي آڻڻ هڪ ريزوليشن موڪلي رهيو آهيان.

وڌيڪ ڳالهيون عنقا صاحب سان ڪري سگهو ٿا. منهنجي طرفان ڪنوينشن جي سيني صاحبن کي سلام ۽ نياز عرض ڪندا.

- پرنس ڪريم خان بلوچ، صدر، جماعت استمان گل، حال ڪراچي.

* (۳)

ڪراچي، ۳- جون، ۱۹۵۶ع.

بخدمت جناب جي- ايم- سيد صاحب، معزز رڪن انٽي ون‌يونٽ مشاورتي ڪاميٽي، السلام‌عليڪم. "استمان گل" فيصلو ڪيو آهي ته ۷- جولاءِ کان ۱۴- جولاءِ ۱۹۵۶ع تائين "بلوچستان

جي خود اختياريءَ جو هڪ" ملهايو وڃي. پوري اولهه پاڪستان ۽ سياسي حالتن جيڪو نئون رخ اختيار ڪيو آهي، ان جي تقاضا اها آهي ته ان تي سوچ ويچار ڪرڻ لاءِ اُنٽي ونيونٽ مشاورتي ڪاميٽيءَ جو اجلاس به ذڪر ڪيل هفتي ۽ ڪوئٽا ۽ ڪوڻايو وڃي. اُميد ته جملي ذڪر ڪيل معزز رڪن، اُن سان اتفاق ڪري اطلاع کان نوازيندا.

ـ شهزادو ڪريم خان بلوچ، صدر، استمان گل، بنگلو نمبر-۱

* (۴)

بخدمت جناب جي- ايم- سيد صاحب، السلام عليڪم.

منهنجي ڪراچيءَ اچڻ جي خواهش هئي، پر طبيعت ذرا خراب ٿي پئي. اوهان جي تار آئي هئي. طبيعت خراب هڻڻ ڪري اچي نه سگهيس. هيءُ جيڪو ماڻهو اچي رهيو آهي، اسان جو خدمتگار آهي. هن سبيءَ ۽ وڏو عالیشان جلسو ڪوڻايو هو. هر زبان جائيٽو ۾ سنڌي وڏيرا جائنس ٿا. جڏهن هيءُ بعرو هڻندو آهي ته سڀ هن کان ڊجندا آهن. سون هن کي ڇڱيءَ طرح ڏٺو آهي. ڪم ڪندڙ ۽ ايماندار ماڻهو آهي.

آءٌ سڄي بلوچستان جو دورو ڪري رهيو آهيان. هن کي اوهان ڏانهن موڪلي رهيو آهيان. هن کي به ڪيڏانهن موڪلي ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته هيءُ ڪم وارو ماڻهو آهي. هن جي هر حالت ۽ مدد ڪجانءِ. هيءُ ڪافي هوشيار ۽ ڪارآمد ماڻهو آهي. عبدالصمد اچکزئي اوهان طرف آيو هو. هن کي به اوهان ڏانهن موڪليان ٿو.

ـ از طرف شهزادو عبدالڪريم

[تار] *

۳- سپٽمبر، ۱۹۵۶ع.

لاهور ۾ نيشنل پارٽيءَ جي ميٽنگ ۾ اچڻ لاءِ وفد روانو ٿي چڪو آهي.

- شهزادو عبدالڪريم.

[تار] *.

ڪوئٽا، ۳۰- سپٽمبر، ۱۹۵۷ع.

جي- ايم- سيد، مسلم ڪالوني، ڪراچي. مولانا پاشاني اولهه پاڪستان جو دورو ڪرڻ وارو آهي. اسان، هن ۾ پين بنگالي دوستن ۾ ريجنل آرگنائيزنگ ڪاميٽي اولهه پاڪستان جي ميمبرن کي نومبر جي پهرئين هفتي ۾ ٽن ڏينهن لاءِ دعوت ڏيئي رهيا آهيون. اوهان مهرباني فرمائي، هنن سان مشورو ڪري، مقرر تاريخ جو اطلاع موڪلينداً.

- شهزادو عبدالڪريم خان.

[تار] *

۱۷- آگسٽ، ۱۹۵۸ع.

جي- ايم- سيد، مسلم ڪالوني، ڪراچي. ڪران نعپ، تربت ۾ آفيس هٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪران جي ڊپٽي ڪمشنر نواب ڪران سان سازباز ڪري، مسلح سپاهي پارٽي ميمبرن تي حملي ڪرڻ لاءِ موڪليا. ان مسئلي تي غور ڪرڻ لاءِ ۲۰- آگسٽ تي مرڪزي بلوچستان جماعت ڪڏجاڻي ڪري رهي آهي.

- شهزادو عبدالڪريم.

(۲۰)

سيد عبدالله بريلوي

هيءُ بريلوي سادات مان هڪ اعليٰ تعليم يافتہ قومپرست ڪانگريسي ڪارڪن هو. صحافت ۾ درڪ رکڻ ڪري، ڪيس "بمبئي ڪرانيڪل" جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو، جتي هيءُ گهڻي وقت تائين ڪم ڪندو رهيو.

بمبئيءَ ۾ وڃڻ وقت اڪثر ساڻس ملاقات ٿيندي رهندي هئي. سنڌ ۾ ڪانگريس سان اختلاف پيدا ٿيڻ بعد، هن صاحب اسان جي گروهہ سان همدردي ظاهر ڪئي. ساڻس جي تعلقات قائم ٿيا، سي پڇاڙيءَ تائين مضبوط رهيا. ان ڪري سندس هڪ خط ۾ هڪ تار هتي ڏجن ٿا.

* (۱)

ريڊ بلڊنگ، پار سٽي بازار، فورٽ، بمبئي، ۱۹-سپٽمبر، ۱۹۴۰ع.

پيارا سيد! اوهان جو خط پهتو. اوهان جڏهن هتي آيا هئا تہ سون کي اوهان سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي هئي، ۽ سنڌ جي مسئلن بابت اوهان وٽان جاڻ ميسر ٿي هئم.

مهرباني ڪري، سنڌ ۾ جيڪي ڪجهہ وهي واپري رهيو هجي، ان کان وقت بوقت واقف ڪندا رهندا. سنڌ ۾ مضبوط حڪومت جي ضرورت آهي، جا اميد تہ جلد قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندا.

ـ اوهان جو مخلص، سيد عبدالله بريلوي، ايڊيٽر، بمبئي ڪرانيڪل.

[تار] *

بمبئي، ٦- جنوري، ۱۹۴۵ع.

مسٽر سيد ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي، معرفت آصف علي، پرٿوي راج روڊ، نئين دهلي. معاف ڪندا، طبيعت ناساز هئڻ سبب بمبئي ڇڏي نٿو سگهان. آءٌ قومپرست مسلمانن جي گروپ ناهيان جي راءِ کي خوش آميد چوان ٿو ۽ ان مسئلي ۾ مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. بهتر ٿيندو تہ اها پارٽي ڪانگريس سان ملحق ڪئي وڃي.

- بريلوي.

(۲۱)

پروفيسر مظفر احمد، ڍاڪا

هيءُ ڍاڪا يونيورسٽيءَ جي پروفيسرن مان هڪ هو. ترقي پسند هٿ ڪري، هيءُ سياست ۾ حصووٺ لڳو، ۽ اوپر پاڪستان اسيمبليءَ ۾ چونڊجي ويو. نئشنل عوامي پارٽيءَ ۾ وڏو حصو ورتائين. اڳتي هلي نئشنل عوامي پارٽي ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويئي. هڪ مولانا ڀاشانيءَ جي اثر هيٺ هو، ۽ ٻيو ولي خان جو حامي گروهه هو. مولانا ڀاشاني ان وقت تائين چيني ڪميونسٽ گروهه جي اثر هيٺ اچي ڏيو هو، جن هندستان دشمني ۾ ٻين ڪيترن سببن ڪري پاڪستان سرڪار جي رجعت پسند پاليسيءَ جي مخالفت نٿي ڪئي. هيءُ ولي خان واري گروهه سان وابستہ رهيو. هن سان نئشنل عوامي پارٽيءَ ۾ ڪم ڪرڻ وقت لاڳاپا پيدا ٿيا. ملاقاتون ٿينديون هيون ۽ خط و ڪتابت نہ رهي. سندس هڪ خط ڏجي ٿو.

* پروفيسر مظفر احمد، ايم-اي، سيمبر صوبائي اسيمبلي.
اڏايان- ڪاڪريل، رامنا، ڍاڪا، ۸-۸-۱۹۵۷ع.

پيارا سائين! توهان جي وڏي پڇاڻان، آءٌ بخار ۾ مبتلا ٿي چڪو آهيان، ۽ ان سان گڏ ٻيون به ڪي بيماريون لاڳو ٿيل آهن، ۽ بستري داخل آهيان، جتان ٿسي هيءُ خط لکي رهيو آهيان. مون کي پڪ آهي تہ اوهان هن وقت تائين ڪم ۾ لڳي ويا هوندا. مولانا ڀاشاني پنهنجي ڳوٺ بوگره ويو آهي ۽ جلد واپس ورندو. هتي ڪم ڪرڻ وقت جيڪي مشڪلاتون سامهون اچن ٿيون، اهي بيان ڪرڻ کان وڌيون آهن. توهان هڪ تجربيڪار ۽ ڪهنہ مشق سياستدان جي حيثيت ۾ حالتن جو پاڻ اندازو ڪري ويا آهيو. منهنجي حريف جو اڄا تائين ساڻيو رويو رهيو آهي. مون کان،

اوهان جي مشوري موجب، جيڪي ٿورو گهڻو ڪم پڄي سگهيو آهي، سو ڪيو اٿم.

سون کي معلوم ٿيو آهي ته سپاڻي وزيراعظم ۽ صدر ٻيئي ڊاڪا پهچي رهيا آهن.

منهنجا سلام ۽ پيار اوهان ۽ ٻيا دوست مطالع ڪندا.

اميد ته هيءُ خط اوهان کي موچاريءَ ساعت ۾ ملندو.

- اوهان جو مخلص، مظفر احمد.

(۲۲)

چوڌري حميدالحق

هيءُ صاحب اعليٰ تعليم يافتہ، سنو وڪيل ۽ سياسي ڪارڪن ٿيئي رهيو آهي. هڪ وقت بنگال اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ وزير رهيو، تہ ٻئي وقت مرڪزي اسيمبليءَ ۾ ميمبر ٿيو، ۽ وزير خارجہ جي چارج سنڀاليائين. هيءُ نهايت سنو ڪارڪن آهي. سڀ کان منهنجا تعلقات سندس وزارت جي ڏينهن ۾ قائم ٿيا، جي هلندا آيا.

هن "*East Pakistan*" نالي سان هڪ اخبار ڪڍي هئي، جا آخر تائين هلائيندو آيو.

بدقسمتي اها ٿي، جو هڙي لائق ۽ قابل ماڻهوءَ کي عوامي 'ڀگ ۾ ڪن سببن ڪري جاءِ ملي نہ سگهي ۽ هو مخالفت ۾ رهيو. هن وقت هيءُ بنگلاديش جي آزاد حڪومت ٿيڻ بعد ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو.

سندس هڪ تار ۽ هڪ خط ڏجي ٿو.

* گارڊن روڊ، ڪراچي ۹- جولاءِ ۱۹۵۸ع.

پيارا سيد صاحب! سون کي خبر پيئي آهي تہ اوهان کي بخار سبب بيچاڪ هئا. اميد تہ تڪليف زياده نہ هوندي. سون کي نهايت خوشي ٿيندي، جيڪڏهن اوهان وٽان تندرستيءَ جي خبر پهچندي. بخار چڏي وڃڻ بعد به اوهان کي ڪجهہ وقت خبرداري ڪرڻي پوندي.

آڪ اوهان کي پارٽي مسئلن، خاص طرح اوهان جي پارٽيءَ متعلق، وڌيڪ تڪليف ڏيڻ نٿو گهران. شيخ عبدالمجيد جو بيان

نهايت ڪارگر هو ۽ گهڻن کي پسند آيو. شيخ صاحب کي منهنجا سلام ڏيندا. اميد ته اوهان جلد تندرست ٿيندا.

آڱ ۱۸ جولاءِ تي ڪراچيءَ ايندس ۽ ۲۰ جولاءِ تائين اتي رهندس.

ـ اوهان جو مخلص، حميدالحق.

[تار] *

ڊاڪ، ۱۱-سپٽمبر، ۱۹۵۸ع.

محترم جي-ايم- سيد، مهرباني ڪري جلد ايندا.

ـ حميدالحق چوڌري.

شيخ محمد ظهيرالدين مومن

هيءُ صاحب اصل وچ هندستان جي طرف جـو ويندل هو. چـگو ائبووكيٽ، ۽ قومپرست خيالن جو كاركن هـو. جڏهن هندستان جي وچولي طبقي تي مسلم ليگ جو اثر ٿيو، تہ هن پنهنجي قبيلي جي ماڻهن کي اِن اثر مان ڪڍڻ لاءِ، هندستان جي "ڪورين" (جي پاڻ کي "مومن" سڏائيندا هئا) جي هڪ جماعت ٺاهي، ان جو نالو "آل انڊيا مومـن كانفرنس" رکيو. ان طرفان ٺهراءُ پاس ڪري ظاهر ڪرڻ لڳو، تہ مسلم ليگ جو مسلم غريب عوام جي پلائيءَ سان ڪوبہ تعلق نہ آهي، ۽ اهي مسلمان ڪاموري، جاگيردار ۽ واپاري طبقي جا ماڻهو، جن جو هندو ڪمورن، واپارين ۽ هارين سان اقتصادي تصادم هو، تن طبقاتي نقطي‌نگاهہ کان اسلام جي نالي ۽ مسلمانن‌کي مشتعل ڪرڻ لاءِ، هروپرو ڪفر ۽ اسلام‌جو مسئلو پيش ڪيو هو.

هندو ۽ مسلمان غريب طبقي جا ماڻهو، جن حدن ۽ رهندا هئا، سـي ساڳي ٻولي ڳالهائيندڙ، هڪٻئي جـا پاڙيءَ جهڙا رستا رکندڙ ۽ پيرن ۽ فقيرن ۽ اعتقاد رکندڙ هئا، تنهنڪري هن سمجهيو تہ انهن غريب مسلمانن کي هندن سان ويڙهائي، پاڪستان بعد ملڪ‌بدر ڪرائڻ وڏو گناهہ هو. هن ڏسي ورتو هو تہ ملڪ جي ورهاڱي ٿيڻ سان ڪيڏي نقصان ٿيڻ جو امڪان هو. هن ڪـي اهو بہ پتو هو تہ هندستان جي صوفي بزرگن: خواجہ معين‌الدين اجميريءَ، سلطان بختيار ڪاڪيءَ، خواجہ نظام‌الدين اوليا، خواجہ گيسو دراز، ڪبير پڱٽ، دادو پڱٽ، گرونانڪ ۽ ٻين، محبت جي پيغام جي وسيلي، هندن ۽ مسلمانن کي ويجهو ڪري، ڪڏيل قوم بنائڻ لاءِ جـا راهہ هموار ڪئي هئي، سـا هن نئين فرقيوار

پرچار سبب ختم ٿي ويندي. جيڪي ماڻهو مذهب جي نالي ۾ هندو مسلم نفرت جو بج ڇڏي رهيا هئا، اهي مسلم عوام جا سچڻ نه هئا، ۽ کين صحيح اسلام جي ڄاڻ ئي نه هئي. اهي طبقاتي مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ غريب مسلمانن کي تباهيءَ جي طرف ڇڪي رهيا هئا، ان ڪري هن صاحب "مومن جماعت" برپا ڪري مسلم ليگ جي مخالفت ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

هن سان منهنجي واقفيت ان وقت وڌي، جڏهن مون، شيخ عبدالمجيد، هن ۽ ٻين قوميپرست مسلمانن طرفان مسلم ليگ کان ٻاهر ٻين سڀني مسلم جماعتن جي ڪڏيل ڪانفرنس ڏهليءَ ۾ ڪوٺائي هئي.

اهڙيءَ طرح تعلقات وڌندا رهيا. آن ڪانفرنس ۾ اسان جي ترقي پسند مسلم جماعت سنڌ، آل انڊيا مومن ڪانفرنس، آل انڊيا شيعه ڪانفرنس، آل انڊيا احرار اسلام جماعت، آل انڊيا خاڪسار تحريڪ، آل انڊيا مسلم مجلس، آل انڊيا مسلم ڪانفرنس ۽ جميعت العلماءِ هند جي ڪارڪنن حصو ورتو، مسلمانن کي مسلم ليگ کان ٻاهر منظم ڪرڻ گهريو ٿي.

هيءَ تحريڪ گهڻو ڪجهه ڪم ڪري نه سگهي، ڇاڪاڻ ته تمام دير سان شروع ڪئي ويئي هئي. ان کان سواءِ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جماعتون منظم ۽ طاقتور جماعتون ٿي ويٺون هيون ۽ ٻي مهاڀاري جنگ بـ هلندڙ هئي- جنهن ۾ ڪانگريس انگريزن جي مخالفت ڪرڻ ڪري، سنڌن دشمنيءَ جو شڪار بنيل هئي ۽ مسلم ليگ انگريزن جي طرفداري ڪرڻ ڪري، سنڌن سرپرستي حاصل ڪري چڪي هئي، ۽ ان کي سرمائيدار ۽ جاگيردار مسلمانن جي ڀڻ پشت پناهي حاصل هئي.

اسان سياسي مسئلن بابت مسلمانن طرفان جيڪي تجويزون تيار ڪيون، سي ڪانگريس وارن قبول نه ڪيون، ۽ مسلم ليگ

تہ اُنين ٻي اسان جي نقطي نگاهہ جي خلاف ۽ ڪنهن بہ هندو مسلم سمجهوتي جي حق ۾ نہ هئي، ان ڪري اهي تجويزون عمل ۾ نہ اچي سگهيون.

قدرت کي شايد اهو منظور هو، جو پچاڙيءَ ۾ ساري هندستان ۾ هندو مسلم فساد ٿيا، جنهن ۾ غريب مسلمانن ۽ هندن کي ڪافي نقصان ٿيو. مسلمان ڪامورا، نواب ۽ تاجر، جي مسلم ليگ جا پشت پناهہ هئا، بوريا بستر بڌي، اچي پاڪستان سهڙيا.

هي، حالتون ناسازگار ڏسي، پاڪستان لڏي آيو. پاڪستان بنجڻ بعد خان عبدالغفار خان جي سرپرستيءَ ۾ جڏهن اسان قوم پرست جماعت "پيپلز پارٽي" ٺاهي، تہ هيءُ بہ ان ۾ شريڪ ٿيو. ان کان پوءِ حالتن اهڙو رخ اختيار ڪيو، جو ٻاهران آيل قومي ڪارڪن روزگار جي مسئلي سبب خاموش ٿي ويا ۽ هيءُ بہ حالتن جو شڪار ٿي ويو. مجاهد ۽ وسيع دل جو مالڪ هو. گهڻي وقت کان وٺي نظربنديءَ سبب منهنجو ٻاهرينءَ دنيا سان تعلق ڪٽجي ويو. خبر ناهي هن وقت جيئرو آهي يا وفات ڪري ويو. پنجاب ۾ سرگوڌا طرف سڪونت اختيار ڪئي هئائين.

سندس بہ خط هتي ڏجن ٿا.

*(۱)

سرگوڌا، دلاڪ ۱۲ - هائوس ۱ - ايس - ۱، ۱۴- اپريل، ۱۹۵۷ع

پيارا شاهہ صاحب! آءٌ اوهان جو شڪر گذار آهيان، جو اوهان مون لاءِ ڪراچيءَ ۾ تڪليف ورتي هئي.

مسٽر ڪاظم کي، ڊئريڪٽر جنرل مسٽر بي-اي قريشيءَ لاءِ، مسٽر دولتانہ جي سفارش جي ضرورت آهي. اوهان وٽ منهنجو خط ڪٽي اچي ٿو. هيءُ مون کي پيءُ جيان عزت ڏيندو آهي ۽ آءٌ بہ

هن ۾ ڪافي دلچسپي رکان ٿو. مهرباني ڪري اوهان مسٽر دولتاڻ سان ڳالهائيندا، مسٽر قريشي سنڌس گهاڻو دوست آهي. توقع اٿم ته مسٽر دولتاڻ جي سفارش سان هن جو ڪم ٿي ويندو. مون‌کي اميد آهي ته اوهان کي جيڪا تڪليف ڏيئي رهيو آهيان، اُن جو خيال نه ڪندا.

اها اوهان جي مهرباني، جو اوهان اسان کي‌ڪڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو عطا ڪيو آهي.

شيخ عبدالمجيد صاحب کي سلام ڏيندا.

اوهان جو مخلص، محمد ظهيرالدين

*(۲)

سرگوڌا- بلاڪ ۱۲، هائوس ۱- ايس- ۱، ۱۵- اپريل،۱۹۵۷ع.

پيارا سيد صاحب!

واپس موٽڻ کان اڳ ، آءٌ اوهان کي ڏسڻ آيو هئس ، پر اوهان جاءِ تي ڪونه هئا. اوهان جي مهمان نوازي ۽ دوستاڻي روش لاءِ نهايت شڪر گذار آهيان.

مسٽر ڪاظم مون کي پٽ برابر آهي. سنڌس ترقي ۾ بهتري منهنجي دل وڻان آهي. هن کي لاهور ۾ هڪ جاءِ (Post) لاءِ آسرو ڏنو ويو هو ، پر پُگهار تمام مختصر هو. منهنجي سمجهه موجب هن کي پاڪستان حڪومت ۾ آفيسر جي حيثيت ۾ ڪا جاءِ ملي ويئي ته هن لاءِ بهتر ٿيندو. ان لاءِ ڪيس سنڌس ڏالا عملدار ڊئريڪٽر جنرل انڊسٽريز ، مسٽر بي- اي قريشيءَ جي مهرباني‌ءَ جي ضرورت آهي. مون کي پڌايو ويو آهي ته جيڪڏهن هن لاءِ مسٽر دولتاڻ سفارش ڪندو، ته هن جوڪم ٿي ويندو. جنهن صورت ۾ اسان جي لاءِ توهان ئي مددگار ۽ روشنيءَ جا ڪرڻا آهيو ، ان ڪري آءٌ اوهان‌کي عرض ٿو ڪريان ته مسٽر دولتاڻ- جيڪو هن وقت ڪراچيءَ

۽ آهي- ان کي چوندا ته مسٽر ڪاظم جي سفارش ڪري. ان مهرباني‌ءَ لاءِ آءٌ اوهان جو نهايت شڪر گذار رهندس. مسٽر ڪاظم، اڄڪلهه مسٽر قريشي‌ءَ وٽ پسند پيل آهي. پر هن جي پٽ مضبوط نه آهي، تنهنڪري اوهان جي مدد هن لاءِ ڪار آمد ٿي سگهندي.

منهنجا سلام شيخ صاحب کي ڏيندا.

آءٌ آهيان اوهان جو ، محمد ظهيرالدين.

شيخ حسام الدين احراري

شيخ صاحب امرتسر جو ويندل هو. خلافت ڪاميٽيءَ ۾ ڪانگريس ۾ خاص دلچسپي ورتي هئائين. جڏهن خلافت ڪاميٽيءَ ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا تہ ڪيترن قوم پرست مسلمانن ڳڏجي "مجلس احرار اسلام" ناهي، جنهن جو مرڪز لاهور (پنجاب) ۾ ٿيو. ان جماعت مسلم عوام جي حقن لاءِ گهڻيون قربانيون ڏنيون. ڪانگريس سان سندن تعلقات سدا هئا. منجهائن ڪيترن جا جميعت العلماءِ هند سان لاڳاپا هئا. هن جماعت ڪيترا بهترين ليڈر، جهڙوڪ داؤد غزنوي، عطاالله شاه بخاري، چوڌري افضل حق، مظهر علي "اظهر" وغيرہ پيدا ڪيا.

هن سان سنهنجا تعلقات، مسلم ليگ خلاف پين سڀني قوم پرست مسلمان جماعتن جي دهليءَ ۾ سڏايل ڪانفرس وقت، پيدا ٿيل جيڪي پوءِ گهڻو وقت قائم رهيا.

پنجاب ۾ هندو، مسلم ۽ سک فسادن ٿيڻ سبب قوم پرست مسلمانن جي وقعت گهٽجي ويئي، ۽ فرقي پرست ۽ انگريزن جي پوئلڳ ماڻهن جو اثر وڌڻ لڳو. هيءَ صاحب باوجود سمجهه، فراست ۽ وسيع خياليءَ جي، ملڪي سياست ۾ ڪو اهم ڪردار ادا ڪرڻ کان رهجي ويو، ۽ پڇاڙيءَ ۾ خاموشيءَ جي زندگي اختيار ڪري، گذر معاش جي چڪر ۾ ڦاٿل رهيو.

هيءَ اسان سان خان غفار خان جي سهاري هيٺ "پيپلز پارٽي" ناهڻ وقت ڪڏهن، جنهن ۾ سنڌ متحده محاذ، بلوچستان ۽ سرحد جي قوم پرست جماعتن، خدائي خدمتگار، احرار اسلام جماعت ۽ پنجاب جي سوشلسٽ گروهن شموليت ڪئي هئي. هن وقت وفات ڪري ويل آهي. سندس هڪ خط پيش ڪريان ٿو.

لاهوري گيٽ، امرتسر، ۲۸- مئي، ۱۹۴۶ع.

محترم ڀاءُ- سلام مسنون! اوهان جي وچ ۾ پڇاڻان هن وقت تائين اسان قوميپرست مسلمانن جي فارمولا جي اصولن ڪي عمل ۽ آڻڻ لاءِ جدوجهد جاري ڪئي آهي. اوهان اهو تہ بخوبي ڏسي چڪا آهيو تہ ان جي ڪجهہ ضروري بنيادي اصولن کي "مشن" جي سفارشن ۽ رکيو ويو آهي. البت نمائندگيءَ جي باقي معاملن کي ڇنهن ڇاڙي ڇڏيو آهي- يعني هاڻي انهن کي عمل ۽ آڻڻ لاءِ دستور سازيءَ وقت جدوجهد جاري ڪرڻي پوندي. ان لاءِ اهو ضروري آهي تہ ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽيءَ سان فيصلي ڪن گفتگو ڪئي وڃي. ٻئي طرف اهو بہ ضروري آهي تہ "مشن" جي سفارشن متعلق بہ قوميپرست مسلمانن جو فيصلو اجتماعي حيثيت ۽ سامهون اچي وڃي. اوهان ڏٺو هوندو تہ اسان مان ڪنهن بہ جماعت اڄا تائين پنهنجن خيالن کي مخالفت ۽ ظاهر نہ ڪيو آهي. ان ڪري نہ، تہ ڪو اسان ان مسئلي بابت ڪا راءِ نڏ رکون، پر ان لاءِ تہ جڏهن گذريل ڪجهہ مهينن کان اسان هن نهايت اهم معاملي ۽ گڏيل جدوجهد ۾ گڏيل اظهار خيال جي اهميت کي سامهون رکي، باهمي گفتگو ڪري رهيا هئاسون، تہ ڪنهن هڪ پارٽيءَ جو اڪيلي طور اظهار خيال جڏي اجتماعي زندگيءَ جي بنيادي اصول جي منافي ٿيندو، اُتي جماعتن لاءِ هڪ اهڙي پيچيدگيءَ جي صورتحال پيدا ڪندو، جنهن کان پوءِ تصادم جا امڪان وڌي ويندا آهن. ان ڪري اسان خاموش رهياسون ۽ انتظار ڪندا رهياسون تہ "مشن" جن سياسي جماعتن سان ڳالهائي، رهي آهي آهي پنهنجو فيصلو ظاهر ڪن. فطري طور اوهان جي جماعت کان بہ ان احتياط جي اُميد هئي، پر خبر ڏاهي ڪهڙين مصلحتن جي آڌار تي اوهان پنهنجي پارٽي اجلاس ۽ مشن جي سڌارن (سفارشن) بابت اظهار خيال ڪرڻ پسند ڪيو. بهرحال هاڻي جيئن تہ مسلم ليگ جي مجلس عاملہ ۽ ڪائونسل جا اجلاس ۳ ۽ ۵ جون تي ترتيب وار دهليءَ ۾ ٿي رهيا آهن ۽ ڪانگريس جي مجلس عاملہ جو اجلاس ۹ ۽ ۱۰ جون تي ٿيندو،

ان ڪري اسان باهمي گفتگو وسيلي اهو طيءَ ڪيو تہ سيني قومپرست جماعتن جا اجلاس ۱۰ ۽ ۱۱ جون تي ڏهليءَ ۾ ڳهرايا وڃن. هن وقت تائين يقيناً قطعيطور ملڪ سامهون "مشن" جي سفارشن جي سياسي نوعيت اڃي چڪي هوندي. جمعيت العلماء، مجلس احرار، مسلم مجلس، مومن ڪانفرنس، سينٽرل مسلم پارليامينٽري بورڊ جي ورڪنگ ڪاميٽين جا اجلاس انهن ئي ڏينهن ۾ ٿيندا. ڇا اهو بهتر نہ ٿيندو تہ اوهان، شيخ عبدالمجيد ۽ حاجي مولابخش ۽ انهن ڏينهن ۾ ڏهليءَ اچو، تہ جيئن هن ڳڙيل اجلاس ۾ اوهان ۽ اسان ڪي مفيد مشورن سان هن نازڪ ترين دور ۾ ملت جي رهنمائيءَ لاءِ مددگار ثابت ٿي سگهو. اوهان بيشڪ پنهنجي پارٽيءَ جا ٻيا معزز دوست ۽ ٻاڻ سان گڏ آڻي سگهو ٿا. اهڙي شاندار نمائندہ اجلاس ۾، جنهن ۾ ملت جي مستقبل لاءِ نهايت دور رس سياسي مسئلن جو فيصلو ٿيڻ وارو آهي، ڇا اهو بهتر نہ ٿيندو تہ سنجيدگيءَ سان ان مسئلي تي ۽ غور ڪيو وڃي، تہ اها ڪهڙي عملي صورت ٿي سگهي ٿي، جنهن ڪي اختيار ڪري قومپرست مسلمان هڪ ٿي سياسي پليٽفارم تي هميشه لاءِ هڪ جماعت جي نالي تي گڏجي ڪم ڪن، تہ جيئن مستقبل قريب ۾ سياسي تبديلين جي عملي دور ۾ اسان پنهنجون سڀ قوتون ۽ وسيلا گڏيل طور استعمال ڪري، ٿوريءَ ئي محنت سان گهٽي ۾ گهٽا مفيد نتيجا پيدا ڪري سگهون. اسان جي آڏو وقت جي ضرورت جي اها اهم تقاضا آهي تہ اوهان ۽ شيخ صاحب جهڙا آزمودگار جرنيل، هن معاملي ۾ مناسب ذميدارانہ رهنمائيءَ کان نہ لٽائيندا. برادرم شيخ صاحب جي خدمت ۾ عرض ڪندا تہ خلافت ڪاميٽيءَ جي زماني ۾ جهونن ڪم ڪندڙن جي هڪ جماعت اهڙي ۾ اڄ موجود آهي، جيڪا پراڻي دور کي زنده ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قرباني ڪرڻ لاءِ تيار آهي. اچو ۽ هن وقت جي صورتحال جي تقاضائن هيٺ هن اهم ترين ضرورتن کي پوري ڪرڻ جو سهرو پنهنجي سر تي کڻو، تہ جيئن ايندڙ نسل اوهان کي مناسب عقيدت سان ياد ڪري سگهي.

گهڻو کجهه چوڻ چاهيم ٿي، پر في الحال هن درخواست تي ختم ٿو کريان ته هيءُ موقعو وري وري قومن جي تاريخ ۾ نه ايندو آهي. ضرورت آهي ته اُن مان مناسب فائدو ورتو وڃي. بقول حضرت "شاد" عظيم آبادي،

يه بزم مئي هے يان کوتاه دستي مين هے محروميء
جو خود بڑهکر اٹهائے مينا اسي کا هے .

والسلام - نيازمند - شيخ حسام الدين.

نوٽ:- سيالي بهاولپور وڃي رهيو آهيان ۲۰ جون تي موٽندس. کوشش اهائي هوندي ته ۸ جون تائين امرتسر رهان. اُن کري خط جو جواب مون کي امرتسر ملڻ گهرجي. جيڪڏهن اوهان هن تجويز کي پسند کريو ته پريس ذريعي اعلان کندا، ته اوهان ۱۰- ۱۱ جون تي قومپرست مسلمانن جي اجتماع ۾ شرکت کندا يا نه! مهرباني.

پير امين الحسنات مانڪي شريف

هيءَ پير صاحب، نوشهره (سرحد) جي پر ۾ مانڪي شريف جي ڳوٺ ۾ وڏي خانقاهه جو مالڪ هو. هن مسلم ليگ ۾ پاڪستان جي حصول ۾ گهڻي دلچسپي ورتي هئي. هيءَ مسلم ليگ ۾ آزاد خيالن جو ماڻهو هو. جڏهن ڏنائين ته پاڪستان ٻنجڻ بعد، سرحد ۾ ڊاڪٽر خان صاحب جي وزارت کـــي ڊسمس ڪري خان عبدالقيوم خان جي هٿ هيٺ حڪومت برپا ڪئي ويئي جنهن ناانصافين ۾ ارهم زوراين جو دور دورو شروع ڪري ڇڏيو، ته هن پهرين مسلم ليگ کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ ان بعد آن مان نااميد ٿي، سهروردي صاحب جي عوامي مسلم ليگ ۾ شريڪ ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. جڏهن ونيونٽ برپا ڪئي ويئي، ته آن خلاف هن اسان سان گڏجي ڪم ڪيو. چين ۾ سوئيڊن جي امن ڪانفرنسن ۾ اسين گڏ هئاسون. پچاڙيءَ جو هيءَ قومپرست خيالن جو ٿي ويو، ۽ پوءِ اسان گڏجي ڪم ڪيو. پر سندس حياتيءَ بقا نه ڪيو ۽ جوانيءَ ۾ رحلت ڪري ويو. آءٌ سرحد ۾ جڏهن به ويندو هئس ته سندس ڳوٺ وچي هن جي مهمان‌نوازيءَ مان مستفيض ٿيندو هئس. پاڻ به ڪراچيءَ ۾ اچڻ وقت مون کي ملاقات کان مشرف ڪندو هو ۽ شرف ميزباني عطا ڪندو هو.

سندس ٣ تارون ۽ هڪ خط هتي پيش ڪجن ٿا.

(۱) [تار] *

نوشهره، ٨- ڊسمبر، ١٩٥٢ع

جناب جي - ايم - سيد! جيڪڏهن واڌاويڙ لاءِ تيارهجو ته اطلاع ڏيندا، ته اوهان کي "امن ڪانفرنس" لاءِ وفد جو ليڊر مقرر ڪيو وڃي.

- پير مانڪي شريف.

(۲) [تار] *

۱۶- آگسٽ، ۱۹۵۳ع

جناب جي - ايم - سيد صاحب، روزانه الوحيد ڪراچي.

مهرباني ڪري، ۲۹ تاريخ هتي مون کي اليڪشن ۽ مدد ڪرڻ لاءِ پهچندا.

- پير آف مانڪي شريف.

(۳) (اردو)

۱۵-۲-۱۹۵۶ع

جناب محترمي جي - ايم - سيد صاحب!

السلام عليڪم! تار ۽ خط مليو - ياد آوريءَ لاءِ بيحد ممنون آهيان. جواب ۽ دير منهنجي غير حاضريءَ سبب ٿي. مون کي ڏاڍي خوشي آهي، جو اوهان پشاور اچي رهيا آهيو. جيڪڏهن مون وٽ رهندو تہ جڳهه يعني غريب خانو حاضر آهي. نہ تہ بہ هڪ وقت جو کاڌو تہ ضرور مهرباني ڪري مون وٽ کائيندا.

والسلام، اوهان جو مخلص محمدامين الحسنات، مانڪي شريف.

(۴) [تار] *

۲- جولاءِ، ۱۹۵۸ع

عبدالولي خان کي ' امن ڪانفرنس ' استاڪهام لاءِ وفد ۽ چونڊيو ويو آهي- واٽينا وارن کي اطلاع ڪجو.

- پير آف مانڪي شريف.

ارباب عبدالغفور "خليل" صاحب

هيءَ صاحب، سرحد جو رهاکو، ارباب گهراڻي مان، آزاد خيال قومپرست ڪارڪن هو. هو خدائي خدمتگار جماعت ۾ مکيہ ڪارڪن ٿي رهيو، ۽ خان عبدالغفار خان سان گڏجي ڪم ڪيائين. ليڪن مڪاني اختلاف پيدا ٿيڻ بعد هيءَ سهروردي صاحب جي عوامي ليگ ۾ شامل ٿيو. قومپرست خيال بدستور رکندو آيو، ۽ مون سان سندس خاص تعلقات رهيا. ون يونٽ جي مخالفت ۾ اسان سان گڏ رهيو. نيشنل عوامي پارٽيءَ ۾ به ڪم ڪيائين، پر خان عبدالغفار خان ۽ عبدالولي خان جي مخالفت سبب هن کي خاص اهميت نہ ملي. پر قومپرست مسئلن ۽ مسلم ليگ ۾ پين رجعت پسند جماعتن خلاف هيءَ اسان سان هميشه سان ساڻ ڏيندو آيو. وڏو سمجهو، مخلص ۽ ايماندار ڪارڪن هو. سرحد ۾ ڪارڪنن جي وچ ۾ ذاتي معاملات سبب جيڪي اختلاف پيدا ٿي پيا، تن خان عبدالغفار خان جي ڪيل ڪمائيءَ کي گهٽو نقصان پهچايو. نہ تہ خان عبدالقيوم، غلام محمد خان لنڊخور، ميان جعفر شاهہ ۽ سردار عبدالرب نشتر سڀ خدائي خدمتگار جماعت جا رکن هئا، جي اختلافن جو شڪار ٿيڻ ويا ۽ انهن مان ڪن وڃي مسلم ليگ ۾ جناح جي پوئلڳي اختيار ڪئي ۽ ڪي عوامي ليگ ۾ شامل ٿيا.

ارباب عبدالغفور صاحب جا ڪجهہ خط هت ڏجن ٿا.

(۱) (اردو)

تهڪال بالا - پشاور. ۱۸- جولاءِ ۱۹۵۷ع

محترم سيد صاحب! السلام عليڪم - مون کي اوهان جي آن خط جو نقل ملیو آهي، جيڪو اوهان ۱۱ جولاءِ تي مولانا پاشانيءَ کي لکيو هو. خان عبدالغفار خان کي ۽ اوهان جو خط ملیو آهي.

عرض آهي ته مون پڻ مولانا صاحب کي هڪ خط ان موضوع تي لکيو هو ، جنهن جو نقل غالبا اوهان کي ملیو هوندو . اوپر بنگال ۽ اسان جي پارليامينٽري پارٽيءَ جو رويو بلڪل عجيب آهي. پارليامينٽري بورڊ هڪڙا فيصلا ڪري ٿو ۽ آهي وري پيا ڪن ٿا . اها ڳالهه قطعا ناقابل برداشت آهي. ۽ اسان اوهان جي راء سان بلڪل متفق آهيون. اگر آئي جي اسان جي پارليامينٽري پارٽي پنج - نڪاتي پروگرام کي پوريءَ طرح سڄي ڪان سواء عوامي ليگ جي حمايت ڪري ٿي، ته اها بورڊ جي فيصلي جي صريحا خلاف ورزي آهي. مولانا صاحب کي بنا پس و پيش جي آنهن خلاف انتظامي ڪاروائي ڪرڻ گهرجي، ۽ جيڪڏهن ائين نٿو ڪئي ته اسان مغربي پاڪستان جي ننڍن صوبن جا رهاڪو مجبور آهيون ته پنهنجي لاء ڪو ٻيو رستو متعين ڪرڻ طرف سوچيون. جو ته پورو پنج نڪاتي پروگرام، خاص ڪري ون‌يونٽ جو مسئلو ، اسان لاء موت ۽ زندگيءَ جو مسئلو آهي، جو ڪنهن به صورت ۽ اسان ڇڏي نٿا سگهون .

مولانا صاحب جي واپسيءَ تي اوهان ساڻن ڳالهائجو. ڪي ٻوڪي فيصلو ڪرڻ ضروري آهي- اسان اوهان سان آهيون- شيخ صاحب ۽ عثماني صاحب کي سلام .

- اوهان جو مخلص، عبدالغفور خليل .

(۲) (اردو)

خليل آباد - ورڪ ڪالوني، پشاور . ۲۵- جون، ۱۹۶۹ع

محترم سهد صاحب - السلام عليڪم !

اميد ته اوهان خيريت سان هوندا. گهڻي وقت کان وڻي، اهو خيال هئم ته خط رستي يا پاڻ اچي اوهان کان احوال پچان . پر افسوس جو هن وقت تائين ائين نه ڪري سگهيس، جنهن جو ڏک اٿم .

عزيزم قاضي فيض محمد صاحب ائڊووڪيٽ ڪجهه عرصو اڳ

پشاور آيو هو. ان کان اوهان جي خيريت جـو پڇيو هئم، ۽ ڪجهه حالتون معلوم ٿيون هيون. قاضي صاحب ٻڌايو ته اسان جلد ڪراچيءَ ۽ سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي همخيال دوستن جو هڪ ڪنوينشن ڪوٺائڻ وارا آهيون، جنهن ۾ اسان ون يونٽ ۽ مغربي پاڪستان ۾ نندين صوبن جي آئيندي بابت صلاح مشورا ڪنداسون. مون ساڻس وعدو ڪيو هو ته جڏهن به اوهان اسان کي سڏيندؤ، اسان اينداسون. ۽ اها هڪ موزون تجويز آهي. ان بعد خبر نه اٿم ته قاضي صاحب ڇا ڪيو؟

تازو ۽ جون تي اوهان جي پريس ڪانفرنس جي خبر A.P.P جي حوالي سان اخبارن ۾ پڙهيم، جنهن ۾ اوهان "سنڌ متحده محاذ" جو اعلان ڪيو آهي. ان جماعت سان اوهان جيڪڏهن سرحد ۽ بلوچستان جو به الحاق ڪريو ته بهتر ٿيندو، ته جيئن اسان سڀ متفق ۽ متحد ٿي جدوجهد ڪريون. منهنجو پنهنجو اهو خيال آهي ته جيڪڏهن اوهان ڪراچيءَ يا حيدرآباد ۾ ڪجهه دوست ۽ ساڻي سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان سان گهرائيندا، ته گڏيل مشوري سان هڪ متفقه فارمولا تيار ٿي ويندو، جنهن تي بلوچ، سنڌي ۽ پٺاڻ سڀ متفق هوندا. منهنجو پنهنجو هيءُ خيال آهي ته نوان صوبا، زبان ۽ ڪلچر جي بنيادن تي نهڻ گهرجن، جيئن اسان سڀني اڳ طيءَ ڪيو هو. ڪوئٽا کان پشاور تائين سڀ پٺاڻ هڪ صوبي ۽ هجن، جنهن ۾ صرف هڪ صوبائي نظام هجي- ڪابه پوليٽيڪل ايجنسي ۽ رياست نه هجي- مغربي پاڪستان جا مختلف صوبا مرڪز جي ماتحت هجن، ڪا علحده زونل فيڊريشن وغيره نه هجي- الميت بين الصوبائي محڪمن لاءِ هڪ گڏيل بورڊ هجي. بلوچستان جا بلوچ ۽ بروهي مرضيءَ جا مالڪ آهن، چاهي پنهنجي جدا صوبي جو مطالبو ڪن يا سنڌين سان ملڻ گهرن يا پٺاڻن سان ملڻ گهرن. اسان انهن ڏنهي تجويزن سان متفق آهيون، جيڪا به بلوچ ۽ بروهي پائر منظور ڪن- وغيره.

آءٌ اوهان جي جواب جو نهايت بيتابيءَ سان منتظر رهندس.

محترم شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کي دعا سلام عرض رکندا. عزيزم امير حيدر شاهه ۽ بين نندين وڏن کي سلام.

والسلام- اوهان جو نيازمند، (ارباب) عبدالغفور "خليل".

(۳) (اردو)

خليل آباد - ورسڪ ڪالوني، پشاور. ۲۵- جولاءِ ۱۹۶۹ع

محترم سيد صاحب!

السلام عليڪم- اوهان جو خط مليو اٿم. ٿورائتو آهيان. غالبا مون اڳئين خط ۾ اهو به ذڪر ڪيو آهي ته اوهان جي ڪم ۾ پروگرام سان اسان جو مڪمل سانڍ آهي. اسان هتي صوبي سرحد ۾ هڪ سال کان اهوئي "ائنٽي ون يونٽ فرنٽ" جو ڪم "خدائي خدمتگار شوريٰ" جي نالي سان ڪري رهيا آهيون. عبدالولي خان ۽ ارباب سڪندر وغيره دوست، نيشنل عوامي پارٽيءَ ۽ ڪم ڪري رهيا آهن، ان ڪري اسان جي ڪاز کي نقصان پهتو آهي. اسان جا ڪجهه ساڻي پير صاحب مانڪي شريف ۽ ماسٽر خان گل کي اصرار ڪري رهيا آهن ته عوامي ليگ ۽ شيخ مجيب الرحمان سان ملي ڪم ڪرڻ گهرجي، چاڪاڻ ته مجيب الرحمان جي ڇهن نڪاتي پروگرام ۽ ون يونٽ ٽوڙڻ سر فهرست آهي. انهن سيني ڳالهين تي مشورو ڪرڻ ضروري آهي، ته جيئن هڪ متفقه لائحه عمل صلاح مشوري سان تيار ڪيو وڃي. ڪلهه، ٽيون ڏينهن مون کي خان عبدالصمد خان اچکزئيءَ جو خط مليو آهي- اهو به چاهي ٿو ته ٻاڻ ۾ صلاح مشور ڪيو وڃي.

شيخ مجيب الرحمان ۸-۹ آگسٽ تي موجوده پروگرام مطابق ڪراچيءَ اچڻ وارو آهي. جي پروگرام اهو رهيو ته پير صاحب مانڪي شريف، ماسٽر خان گل ۽ آءٌ به ۸-۹ آگسٽ تي ڪراچيءَ اچي ويندا سون.

اڄ ڏي آءٌ خان عبدالصمد خان اچکزئيءَ کي لکي رهيو آهيان ته هو پڻ ڪراچيءَ اچي. ان موقعي تي اوهان جي ڪراچيءَ ۾ موجودگي ضروري ٿيندي. شايد شيخ عبدالمجيد سنڌي ته ڪراچي ۾ ئي هوندو.

سڀني دوستن احبابن کي دعا سلام.

والسلام، اوهان جو مخلص، عبدالغفور "خليل"

(۴) (اردو)

خليل آباد، ورڪ کالوني، ۲- سيپٽمبر، ۱۹۶۹ع.

محترم سيد صاحب - السلام عليڪم!

اوهان کي اخبارن رستي معلوم ٿيو هوندو ته اسان متفقہ طور "سرحد يونائيٽيڊ فرنٽ" ناهي ورتو آهي، جنهن ۾ سرحد جون سڀ سياسي جماعتون ۽ سرحد جا آزاد سياستدان، قانون ۽ آئين جا ماهر ۽ اهل فڪر ۽ دانشور به شامل ۽ شريڪ آهن. اسان ڪنوينشن ۾ جو ڪجهه ڪيو آهي، ان جو مختصر تفصيل پشاور جي انگريزي اخبار "خيبر ميل" جي ڪٽيل ڪڍ (جو موڪليان ٿو) ۾ اوهان پڙهندا. ان مان اوهان کي معلوم ٿي ويندو ته اسان جو هڪ نهايت ذميدار ۽ نمائنده وفد صدر پاڪستان سان مطالبن پيش ڪرڻ لاءِ ملي رهيو آهي.

هيو ته ڇڏيو پر هڪ ڳالهه نهايت اهم آهي، اُن بابت آءٌ چاهيان ٿو ته اوهان سون کي مشورو ڏيو. بلڪ هي مشورو سنڌ جي قانون ۽ آئين جي ماهرن جي صلاح مشوري بعد هجي. ته اُهي محڪما جيڪي اسان جي اولهه پاڪستان جي ڇهن ئي صوبن جا مشترڪ هجن، انهن جو ڪهڙو انتظام ٿيندو؟ جيڪڏهن اهي مرڪز وٽ رهن، ته اوپر پاڪستان جو سمورو اچي ٿو وڃي ۽ جيڪڏهن کو بورڊ وغيره

هجي ته اهو ڪهڙي اسيمبليءَ جي ماتحت هوندو؟ غالباً اوهان منهنجو مطلب سمجهي وياهوندا. اوهان جيڪڏهن هڪهفتي اندر اهو جواب ڏيئ فرمائيندا ته نهايت مشڪور رهندس، جو ته ۱۱ سپٽمبر ڪان پوءِ جلد اسان جو وفدصدرپاڪستان سان ملاقات ڪندو. ملاقات بعد اوهان کي اسان جو ايندڙ پروگرام لکندس.

ـ والسلام، اوهان جو نيازمند، ارباب عبدالغفور "خليل"

(۵) (اردو)

خليل آباد - ورڪ ڪالوني، ۸- ڊسمبر ۱۹۶۹ع.

محترم سيد صاحب ! اوهان جوءِ سپٽمبرجو لکيل خط ڪالهه مون کي مليو- ياد آوريءَ لاءِ مهرباني. مون اوهان کي ڪراچيءَ واريءَ ائڊريس تي لکيو آهي. هينئر خبر پيئي ته اوهان ڳوٺ آهيو. اسان جو هڪ چوند وفد صدر پاڪستان سان ملڻ وارو آهي ته جيئن سائس ڪنوينشن جي پاس ڪيل قراردادن متعلق ڳالهائجي. مون خط ۾ هڪ ضروري معاملي جي وضاحت ڪهري هئي ته مغربي پاڪستان ۾ انهن ڪاتن لاءِ چا ڪري سگهجي ٿو، جيڪي پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جا گڏيل هوندا. هيءُ هڪ قانوني ۽ آئيني مسئلو آهي. آءٌ چاهيان ٿو ته ڪراچيءَ ۽ سنڌ جا قانوندان ۽ آئيني ماهر اسان کي آن جو ڪو قانوني ۽ آئيني حل ٻڌائين، چوته زونل فيڊريشن ته اسان ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسون.

مون هتي جي قانون ۽ آئين جي جاڻن کي به مطالعي ڪرڻ لاءِ چيو آهي. ممڪن آهي ته صدر پاڪستان سان گالهين وقت اهو مسئلو زير بحث اچي. باقي شيخ عبدالحميد صاحب سابق جج ۽ عبدالولي خان مان مون کي زياده اميد نه آهي، ويچارا خودفريبيءَ ۾ مبتلا آهن. پيا سڀ ماڻهو دل و جان سان شامل آهن.

جڏهن آءٌ اوهان کي لکان تڏهن توهان سرحد جو پروگرام ٻڌائيندا- هن وقت نه.

- والسلام، اوهان جو نيازمند، عبدالغفور.

(٦) (اردو)

۱۸- سپٽمبر، ۱۹۶۹ع.

محترم سيد صاحب! السلام عليڪم- هينئر هينئر اوهان جو خط مليو آهي- پڙهي ڏاڍي خوشي حاصل ٿي، جو منهنجا ٻيئي خط اوهان کي پهچي ويا آهن.

جيئن ته اسان جي ڪنوينشن فيصلو ڪيو هو ته هڪ وفد "سرحد يونائيٽڊ فرنٽ" طرفان صدر پاڪستان سان ملي، ان سلسلي ۾ مون هڪ خط صدر پاڪستان کي لکيو، جنهن ۾ وفد جي سيمبرن جا نالا ۽ پاس ڪيل قراردادون شامل هيون. ملاقات ۽ جڳهه جي ٻڌا ڪيو. جنهن جو جواب اڃا تائين نه آيو آهي. شايد ۸-۱۰ ڏينهن جواب نه ملي، ڇاڪاڻ ته صدر رباط ڪانفرنس ۾ شموليت لاءِ ملڪ کان ٻاهر هليو ويندو.

ڏاڍو سٺو، جو اوهان انهن مسئلن تي ماهرن جي ڪاميٽي ويهاري آهي. سندن سوچ ويچار ۽ مطالعي جو جيڪو به نتيجو نڪري، اهو مون کي موڪلي ڏيندا، ته جيئن اسان به ان مان فائدو وٺي سگهون.

جسٽس عبدالحميد صاحب انهن مسئلن تي "خيبر ميل" ۾ هيءُ مضمون لکيو آهي، جيڪو هن ٽي خط ۾ اوهان جي مطالعي لاءِ موڪلي رهيو آهيان.

ايندڙ ڪنوينشن جي معاملي ۾ گذارش آهي ته مون پنهنجي تنظيمي ڪاميٽيءَ جي سيمبرن سان خط و ڪتابت وسيلي مشورا شروع

ڪيا آهن. جڏهن به آءٌ ڪنهن نتيجي تي پهتس تہ اوهان کي اطلاع ڪندس. هيءَ ڪنوينشن اسان وٽ وڏي پئماني تي ٿيندي ۽ ان لاءِ ڪافي تياري ڪرڻي پوندي. انشاءالله بهترين ٿي ويندي. اخبار ذريعي معلوم ٿيو آهي تہ بلوچستان ۽ به متحده محاذ نهي ويو آهي، جنهن جو صدر نوابزاده غوث بخش رئيساڻي آهي. جيڪڏهن اوهان پسند ڪريو تہ سرحد جي ڪنوينشن ۽ هڪ وفد بلوچستان مان به مدعو ڪنداسون.

- نيازمند، عبدالغفور "خليل"

(۷) [اردو]

سرحد يونائيٽيڊ فرنٽ

۷- آڪٽوبر، ۱۹۶۹ع

محترم سيد صاحب!

السلام عليڪم- غالبا منهنجو خط اوهان جي ڪراچيءَ واري ائڊريس تي پهتو هوندو- ۵ آڪٽوبر تي اسان جي ڪڏجاڻي ٿي گذري، جنهن ۾ اسان ڪن گالهين کان سواءِ سڄي صوبي جي دوري ڪرڻ جو پروگرام بنايو آهي. شيخ عبدالحميد صاحب جن آيا هئا، ساڻس مون توهان جي خطن جو ذڪر ڪيو هو- شيخ صاحب هاڻي سرحد يونائيٽيڊ فرنٽ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو آهي. البت ولي خان وغيره وارن مڪمل بائيڪاٽ ڪيو آهي، جنهن جو اسان جي ڪم تي ڪوبه اثر نٿو پوي، بلڪ هو خود پنهنجو پاڻ کي بدنام ڪري رهيو آهي.

پٽو صاحب اوهان سان تعاون ڪري رهيو آهي يا نہ؟ مير رسول بخش جو نالو تہ مون اوهان جي حيدرآباد واري اجلاس ۾ پڙهيو هو- هتي پيپلز پارٽيءَ جي ڪنوينر حيات محمد خان شيرپاٽو مون سان شڪايت ڪئي تہ پٽي صاحب سان سندن ۽ اوهان جا تعلقات بهتر نہ آهن.

بهرحال اسان جي دوري جو پروگرام رمضان شريف کان اڳ پورو ٿي ويندو. پوءِ اوهان کي مطلع ڪندس. صدر پاڪستان سان اڃا تائين اسان جي ملاقات نه ٿي آهي - جڏهن به ٿي ويئي تہ ان اوهان کي لکندس. هونءَ تہ سون پنهنجي طرفان ڪيس پاس ڪيل قرارداد موڪلي ڏني آهن.

شيخ عبدالمجيد سنڌي صاحب، امير حيدر شاه صاحب ۽ امداد محمد شاه صاحب کي دعا سلام.

- اوهان جو نيازمند، عبدالغفور "خليل"

(۸) [اردو]

سرحد يونائيٽيڊ فرنٽ

۱۸- نومبر ۱۹۶۹ع

محترم سيد صاحب! السلام عليڪم - ڪلهه شام اوهان جو نوازشنامو مليو. ڏاڍي خوشي ٿي تہ اوهان خيريت سان آهيو.

جيئن تہ سون پوئين پيري اوهان کي لکيو هو تہ اسان سچي سرحد ۽ سيڙ ڪوئٽا شروع ڪيا آهن- پشاور، ڪوهاٽ، بنون ۽ ديري اسماعيل خان، چئني ضلعن جا جلسا تمام ڪاميابيءَ سان ٿي گذريا- ۽ اڃا مردان ۽ هزاره ۽ مالاڪنڊ ۽ اجلاس ڪرڻا آهن، جي به انشاء الله ٿي ويندا.

"سرحد يونائيٽيڊ فرنٽ" راءِ عامه کي ڪافي بيدار ۽ منظم ڪيو آهي. ديرو اسماعيل خان ۽ هزاره به اهڙا ضلعا آهن، جتي ڪافي ماڻهن جي هولي پنجابيءَ سان ملندڙ جلندڙ آهي. اتي به وڏن وڏن ۽ اجلاسن ۽ ون يونٽ ٽوڙڻ جو مطالبو زور شور سان ٿي رهيو آهي. مگر عجيب ڳالهه آهي تہ ولي خان ۽ ان جي نيشنل عوامي پارٽي

"سرحد يونائيٽيڊ فرنٽ" کان بلڪل الڳ ٿلڳ آهن. ممڪن آهي انهن ماڻهن کي اهو مشورو ڪابل مان بادشاهه خان ڏنو هجي چاڪاڻ ته ڪابل ۾ عبدالصمد خان اچڪزئي ۽ ولي خان وغيره جا بادشاهه خان سان صلاح مشورا ٿيا آهن. پر هيءُ طرز عمل انهن ماڻهن لاءِ نقصانڪار ٿيندو. جيڪڏهن زندگي هوندي ته اوهان ڏسي وٺندؤ ته سرحد جو اهو پراڻو نقشو هاڻ بلڪل بدلجي ويو آهي. هي همراهه سخت غلط فهميءَ ۾ مبتلا آهن. مون سان جسٽس حبيب الرحمان، جسٽس فيض الله خان، بيرسٽر يوسف خٽڪ، بيرسٽر ظهورالحق، بيرسٽر جمع خان، بيرسٽر ميان ضياءُ الدين، ماسٽر خان گل ۽ حيات محمد خان شيرپائو نهايت تندهيءَ سان ڪم ڪري رهيا آهن. هونءَ جسٽس شيخ عبدالحميد، خان سعد الله خان، خدا محمد خان سابق ايم-اين-اي، ڪريم الله خان درائي ايڊووڪيٽ ۽ محمداسماعيل ذبيح گڏ آهن. هي همراهه، ڪجهه آزاد سياستدان، ڪجهه مسلم ليگ جي مختلف گروپن سان واسطو رکندڙ ۽ ڪجهه عوامي ليگ، پيپلز پارٽي، پي-ڊي-پي ۽ خدائي خدمتگار جماعت سان واسطو رکندڙ آهن. سرحد جي جمعيت العلماء ۽ جماعت اسلامي به پوريءَ طرح اسان سان ساڻ ڏيئي رهيون آهي. پر هيستائين اسان انهن ٻنهي جماعتن کي پنهنجي تنظيمي ڪم کان الڳ رکيو آهي. هن وقت منهنجي اهائي ڪوشش آهي ته هي جلسن جو ڪم جيترو جلد ٿي سگهي ختم ٿي وڃي، ته پوءِ ڪنوينشن ڪوٺائجي.

صدر سان ملاقات جي باري ۾ مون صرف اهو چيو هو ته اسان جي ڳالهه ٻولهه مفصل ۽ اطمينان بخش ٿي آهي. ون يونٽ، صوبائي خودمختياري، آبادي جي تناسب تي نمائندگي، مرڪز ۽ ٻه ايوان، اولهه پاڪستان ۾ مختلف صوبن جي ڳڏيل محڪمن کي مرڪز جي انتظام هيٺ هلائڻ، نئين آئين ساز اسيمبليءَ جون چونڊون وغيره-ڪنهن ڳالهه کي اسان وضاحت کان سواءِ نه ڇڏيو آهي. ايتري تائين

جو گورنرن جي مقرريءَ بابت نه ڳالهه پولهه ٿي آهي. پر اهي سڀ تفصيل سون ڏيئس کي نه ٻڌايا آهن. هاڻ وقت اچي ويو آهي، ۽ اسان اهو ڏسڻ گهرون ٿا ته عملا ڇا ٿو ٿئي؟ غالبا هن مهيني ۽ هيءَ ڳالهه بلڪل واضح ۽ صاف ٿي ويندي، ۽ جيڪو ڪجهه ٿيو، انشاء الله اوهان اسان کي تيار ڏسندا.

باقي سڀ خيريت آهي. اوهان جي خيريت لاءِ خداوند ڪريم کان دعاگو آهيان.

شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ ننڍين سيد صاحبن کي مون ياران دعا ۽ سلام!

ـ اوهان جو مخلص، عبدالغفور "خليل".

(۲۷)

خان امير احمد خان

هيءُ مردان هوتيءَ جو رهاڪو هو. نواب هوتيءَ جي گهراڻي سان تعلقات هئس. پر نواب هوتي وڏو جاگيردار ۽ سرمائيدار هئڻ ڪري هميشه سرڪاري طرفدار رهيو، ۽ هيءُ ڪانگريس ۽ خدائي خدمتگار جماعت ۾ رهيو. خان عبدالغفار خان جو دست راست هو. سرحدي ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو به صدر ٿي رهيو.

پيپلز پارٽي، ائنٽي ون يونٽ فرنٽ ۽ نئشنل عوامي پارٽيءَ ۾ گڏجي ڪم ڪيوسون. هندستان جي آزادي لاءِ ڪوشش ۽ انگريزن جي مخالفت ڪرڻ ڪري، هن گهڻيون قربانيون ڏنيون. خان عبدالغفار خان جي نيازمنديءَ رکڻ سبب هن سان منهنجا گهاڻا تعلقات رهيا.

هڪ به دفعو صوبي سرحد جو هن سان گڏ دورو ڪيم ۽ سندس گوٺ ۾ حاضري ڏنم.

پڇاڙيءَ جي وقت گهڻو وقت جيلن ۾ رهڻ ۽ سختيون سهڻ سبب، سندس طبيعت ٺيڪ نه رهندي هئي ۽ وفات ڪري ويو. سرحد نئشنل عوامي پارٽي ۾ قوم پرست جماعت لاءِ هيءُ وڏو ڏيڻ ۽ سمجهدار ماڻهو هو. سندس وفات سرحدي ڪارڪنن ۾ وڏو خال پيدا ڪيو آهي.

سندس هڪ خط پيش ڪجي ٿو.

* شاهي باغ، ۱۸- مارچ، ۱۹۵۷ع

منهنجا پيارا شاهم صاحب! هيءُ خط، اسان جي عزيز ۽ تمام مخلص سياسي ڪارڪن امير خسرو خان جي واقفيت لاءِ سندس هٿان موڪلجي ٿو. هيءُ پنهنجي تڪليف اوهان جي اڳيان پيش ڪندو. هيءُ جيڪب آباد ۾ زمين جي مٺا سٺا جي ڪيس ۾ قائل آهي. اميد ٿو رکان ته ان لاءِ جوڳو بندوبست ڪندا.

- امير احمد خان.

(۲۸)

ڊاڪٽر سيد حسين

هيءُ يوپي جي طرف جو رهاڪو، اعليٰ تعليم يافته نوجوان هو. ڪجهه وقت پنڊت موتي لعل نهروءَ جي طرفان نڪرندڙ هڪ انگريزي اخبار "الڊ پينڊنٽ" جو ايڊيٽر ٿي رهيو. ڪانگريس جو مکيه ڪارڪن هو. ڪجهه وقت کان پوءِ، ڪن ڳالهين تان اختلاف پيدا ٿيڻ سبب، هن کي ڪانگريس طرفان آمريڪا ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو، جتي هيءُ گهڻي وقت تائين رهيو ۽ ملڪ جي آزاديءَ کان ٿورو وقت اڳ واپس موٽي آيو. جڏهن مسلم ليگ خلاف سڀني مسلم جماعتن جي ڪنونشن سڏائي، قوم پرستن جي متحده محاذ ناهڻ جي تجويز رڦي ويئي، تہ ان ۾ هن گهڻي مدد ڪئي ۽ حصو ورتو. ملڪ جي ورهاڱي بعد جواهر لعل نهروءَ هن کي هندستان طرفان مصر جو سفير ڪري موڪليو. سندس زندگيءَ گهڻو وقت بقاءُ نہ ڪيو ۽ وفات ڪري ويو. سائس لاڳاپي هيٺ ڪري خط و ڪتابت ٿيندي هئي. سندس هڪ خط هت پيش ڪجي ٿو.

۱۴- راجپوت روڊ، دهلي. ۲۴- فبروري، ۱۹۴۷ع [اردو]

مڪرمي جناب ! تسليم ! هڪ عرصي کان مسلمان قوم پرست صاحبن جو خيال هو تہ هڪ اهڙي ڪنڊيل جماعت ناهي وڃي، جيڪا مسلم عوام جي سامهون هڪ اهڙو سياسي، سماجي ۽ معاشي پروگرام پيش ڪري، جيڪو هندستان جي نهندڙ آئين ۽ هر لحاظ کان سندن لاءِ ڪارائتو ۽ بهتر هجي. ان مقصد لاءِ ڪجهه سائين گذريل مهيني اهو طيءِ ڪيو تہ پنجن ڇڻن جي هڪ ڪاميٽي ناهي وڃي، جا مسلمان جماعتن کي صلاح مصلحت جي دعوت ڏئي ۽ ڳالهين ٻولهين جا ٻيا انتظام ڪري.

لهاڏا اسان ڪاميٽيءَ جا رڪن اوهان کي عرض ڪا ڪريون تہ اوهان چنچر ۽ آچر تاريخ ۱۵-۱۶ مارچ اچي ڏهليءَ ۽ ڏينڊڙ صلاح مصلحت لاءِ پنهنجي جماعت جا ٻي نمائندا چونڊي موڪلينداء جيڪي اوهان جي جماعت پاران هن اجلاس ۾ شرڪت ڪن ۽ پنهنجي قيمتي مشورن سان هڪ مرڪزي جماعت ٺاهڻ ۾ مدد ڪن. اوهان جي جماعت جي نمائندن جا نالا ۽ ايڈيسون مٿي ڏنل ايڈريس تي ۶- مارچ ۱۹۴۷ع تائين پهچي وڃڻ گهرجن، تہ جيئن انهي اجلاس جي ڏينهن جي وقت ۾ هنڌ جو جلد اطلاع ڏيڻ موڪليو وڃي.

اميد تہ اوهان پهرينءَ واندڪائيءَ ۾ هن معاملي تي غور فرمائيندا ۽ هن خط جو جواب ڏيڻ فرمائيندا.

- اوهان جا مخلص،

ڊاڪٽر سيد حسين (صدر)

ڊاڪٽر شوڪت الله شاه انصاري

عبدالمجيد خواجه (بار ايٽ لا)

ميرعبدالقيوم (ايڈووڪيٽ)

عبدالله بٽ (سيڪريٽري)

(۲۹)

مسٽر آصف علي

مسٽر آصف علي پاڻنا جو وينل، بئريسٽر هو. ڪانگريس ۽ نمايان حصو ورتو هئائين، جنهن جي ڪري ڪيئي دفعا جيل ۽ ويو هو.

جڏهن آڳ مسلم ليگ ۽ هئس، تن ڏينهن کان وٺي مون سان تعلقات هئس ۽ هڪيئي وٽ اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. بلڪ هن جي واقفيت مون سان ۱۹۳۰ع ۽ ڪانگريس جي آل انڊيا اجلاس ڪراچيءَ جي وقت کان وڌي.

هن جي زال، اروڻا آصف علي، سوشلسٽ ليڊر رهي آهي. اُن سان به سياسي ڳالهين بابت ملاقاتون ٿيندڙيون رهيون.

شملي ۽ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي ليڈرن سان گفتگو وقت جڏهن لارڊ ولنگڈن طرفان دعوت ملي هئي، تہ اُتي هيءَ ۽ آڳ ويئي وياهئاسون. اسان گڏجي ڪوشش ڪئي تہ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۽ باعزت تجويزن تي ڪو سمجهوتو ٿي سگهي. ليڪن اُڻين ٿي نہ سگهيو. آصف علي صاحب ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ اوڙيسا ۽ ڪانگريس طرفان ڪجهہ وقت گورنر ٿيو ۽ ڪجهہ وقت هندستان جي مرڪزي سرڪار ۽ وزير ٿي رهيو. جلد ٿي وفات ڪري ويو. نهايت مخلص، باهمت ۽ سمجهدار قوم‌پرست ڪارڪن هو. سندس هڪ خط ڏجي ٿو.

* ڪوچہ چيلان، دهلي. ۱۶- آگسٽ، ۱۹۴۰ع

پيارا سيد! توهان جي ۱۰- آگسٽ واري خط ۽ ان سان گڏ موڪليل ڪاغذن لاءِ مهرباني!

مون بابت اڇوٽي هندو وزير جي راءِ، انهن لاءِ دلچسپيءَ جو باعث ٿيندي، جيڪي منهنجي خلاف هوندا. آڳ ڏيءَ دل سان مخالف

راءِ ٻڌڻ جو عادي ٿي ويو آهيان. منهنجو تعلق ان ڳالهه سان آهي ته موافق توڙي غير موافق حالتن ۾ پنهنجي فرض ادائي ڪندو رهان. نڪته چيني ۽ مخالفت سون تي اثر انداز نه ٿيندي. پر ان جي معنيٰ اها نه آهي ته آءٌ جوابدار ماڻهن جي نڪته چيني طرف توجهه به نه ڏيان. آءٌ ڪراچيءَ ۽ هڪ ڪيس جي سلسلي ۾ سپٽمبر ڏاري اچڻ وارو آهيان. اوهان سان پيهر ملاقات ڪري سون کي نهايت خوشي حاصل ٿيندي.

ـ اوهان جو مخلص، آصف علي.

(۳۱)

خواجہ سید حسن مثنيٰ نظامي

هيءَ صاحب، خواجہ نظام الدين اوليا دهلوي رح جي خدمتگارن مان هو. وڏو اديب، ۽ هڪ وقت سياست ۾ حصو وٺندڙ ڪارڪن هو. ليڪن سندس سياسي خيال رجعت پسندانہ هئا. جڏهن ڪانگريس ۾ خلافت تحريڪون زور وٺي ويٺون هيون، تڏهن اُنهن جي طاقت کي ختم ڪرڻ لاءِ انگريزن، هڪ "آريا سماج" (جنهن جو موجد سوامي ديانند سرسوتي هو) جي مڪمل ڪارڪن سوامي شردانند جي معرفت "شدّي" جي تحريڪ هلائي مسلمانن کي هندو ڪرڻ شروع ڪيو. ٻئي طرف خواجہ حسن نظاميءَ ۾ ٻين "تبليغ اسلام" جون ڪارواين شروع ڪري، مسلمانن کي شدّ ٽيڻ کان هڪ طرف بچايو تہ ٻئي طرف هندن کي مسلمان ڪرڻ جي تحريڪ شروع ڪئي. جنهن سبب آزاديءَ جي تحريڪ کي وڏو ڏڪ رسيو ۽ هندو مسلم اختلاف پيدا ٿي ويا. ليڪن ذاتي طور هيءَ وڏو صاحب دل ۽ ڪم ضرر صاحب هو. منهنجي ساڻس واقفيت، ۱۹۲۷ع ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ طرفان سڏايل مسلم ڪانفرنس جي موقعي تي ٿي. ان بعد ۱۹۳۰ع ۾ ساڻس دهليءَ ۾ حاجي عبدالرحيم شاهہ سان گڏ وڃي مليس. اهڙيءَ طرح وقت بہ وقت ملاقاتون ٿيندیون رهيون، پر اُنهن جو سياست سان واسطو ڪونہ هو. اُهي زياده تر شخصي ۽ صوفيانہ خيالات جي سلسلي ۾ هيون. پاڻ بهترين اديب هو، ۽ ڇڪا ڪتاب لکيا اٿس. سون سان وقت بہ وقت خط و ڪتابت ڪندو رهيو. سندس ۳ خط ڏجن ٿا.

[اردو] (۱)

از درگاہ، حضرت خواجہ نظام الدين اوليا، دهلي.

۲۷-۳-۱۹۴۰ع

مڪرم و محترم محب‌الفقراء جناب سيد صاحب، دام اقبالكم!

نڪتو تہ سندس وزير اعليٰ ٿيڻ بعد سازشون وڌنديون ويئون ۾ گورنر جنرل، غلام محمد، هن جي حڪومت کي ڊسمس ڪري، آئين کي سسپينڊ ڪري راج هلائڻ شروع ڪيو. ان بعد سڪندر مرزا گورنر جنرل ٿيو ۾ خواجہ صاحب سياست کان باهر رهيو. پوءِ ملڪ جي حالتن سڌارڻ لاءِ گهڻي ئي کوشش ڪيائين. ان سلسلي ۾ سون سان به ملندو رهيو. آخر ۱۹۵۸ع ۾ ملڪ سان مارشل لا لاڳو ٿيو ۾ ملڪ جي حالتن کي درست ٿيڻ جي اميدن کي طويل مدت لاءِ ختم ڪيو ويو.

هن سان منهنجي واقفيت ۱۹۳۸ع ۾، صوبي سنڌ مسلم ليگ جي ڪانفرنس سڏائڻ جي وقت کان ٿي. پوءِ آل انڊيا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ تي گڏ هڻڻ ڪري ملاقاتون ٿيندڙيون رهيون.

جڏهن فيلڊمارشل محمد ايوب خان پاڻ کي پيرو پيرو صدر چونڊائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ، ۾ پاڪستان جي ڪيترن ڪارڪنن مارشل لا جي چنبي کان باهر نڪرڻ ۾ جمهوريت کي نئين سر بحال ڪرڻ لاءِ محترمہ فاطمہ جناح کي صدارت لاءِ اميدوار بڻهاريو تہ هيءُ صاحب اُن جي مدد ۾ ڪم ڪندو رهيو.

ان کان پوءِ طبيعت ۾ نازساز رهڻ لڳو ۾ سگهوئي وفات ڪري ويو. خدا رحمت ڪريس، هيءُ اهو شخص هو، جنهن نہ ڏٺو نہ ڏکويو. سندس هڪ خط ڏجي ٿو.

* B/۱۷۱- بلاڪ نمبر ۲، پي- اي- سي- ايڇ- ايس، ڪراچي ۲۹-

۳- مئي، ۱۹۵۷ع

پيارا سيد ! عيد مبارڪ لاءِ شڪريو. اوهان کي به عيد مبارڪون هجن. اميد تہ اوهان خوش هوندا هوندا.

ـ احترام سان، اوهان جو خواجہ ناظم الدين .

(۳۰)

خواجہ ناظم الدین

هيءُ صاحب ڊاڪا جي نواب گهرائي سان تعلق رکندڙ هو. ملسم ليگ ۾ ابتدا کان وٽي هن دلچسپي ورتي. مخلص ۽ ايمانڊار ڪارڪن هو. ليڪن سياسي طرح سان رجعت پسند طبقي سان واسطو رکندڙ هو، ۽ سڊائين مسلم ليگ جي ماتحت هلندو رهيو. ڪجهہ وقت بنگال ۾ وزرات جي عهدن تي قائم رهيو ۽ ورهاڱي بعد سهروردي صاحب سان لياقت علي خان جي اختلافن پيدا ٿيڻ ڪري، جناح صاحب هن کي اپرندي پاڪستان جو وزير اعليٰ ڪري رکيو، ۽ جناح صاحب جي انتقال کان پوءِ بنگال کي راضي ڪرڻ لاءِ لياقت علي خان هن کي ڪم ضرر سمجهي، پاڪستان جو گورنر جنرل مقرر ڪيو. پر کيس اختيارن کان محروم ڪري ڪوڪي طور رکيو ويو.

لياقت علي خان انهيءَ ڪوشش ۾ رهيو تہ ساري پاڪستان کي پنهنجي قبضي هيٺ آڻڻ لاءِ، پنهنجا هٿ ٽوڪيا وزير اعليٰ رکي يا جماعتون ناهي. هن سرحد ۾ ڊاڪٽر خان جي وزارت کي ڪڍي، ۽ خان عبدالقيوم خان کي لالچ تي ڪانگريس مان مسلم ليگ ۾ آڻي، وزير اعليٰ ڪري رکيو؛ پنجاب ۾ نواب ممدوٽ کي هٽائي، سندس جاءِ تي ممتاز دولتانہ کي وزير اعليٰ مقرر ڪيو؛ سنڌ ۾ کهڙي کي هٽائي، پير الاهي بخش کي طاقت ۾ آندو؛ ۽ بنگال ۾ سهرورديءَ کي ڪڍي خواجہ ناظم‌الدين کي مقرر ڪيو. لياقت عليءَ جي قتل بعد، خواجہ صاحب وزير اعظميءَ جا زياده اختيارات ڏسي، پاڻ کي وزير اعليٰ مقرر ڪيو ۽ غلام محمد خان وزير کي گورنر جنرل مقرر ڪري، پنجاب کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. خواجہ صاحب، باوجود مخلص هڻڻ جي، سياسي نقطي نگاه کان رجعت پسند هو. نتيجو اهو

السلام عليكم - مزاج عالي! كالهه ۲۶- مارچ ۱۹۴۰ع تي جناب سيد حسين بخش شاهه آف محرابپور ۽ پير محمد معصوم آف نوابشاهه، درگاهه شرتف محبوب الاهي رحم ۽ زيارت لاءِ آيا ۽ سون کي پڌرايائون ته توهان مسٽر الهه بخش جي وزارت جي موجوده کشمکش دور ٿيڻ بعد حڪومت سنڌ جا وزير مقرر ڪيا ويا آهيو. آءٌ هيءَ مبارڪ خبر ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيس ۽ هن خط وسيلي اوهان کي اُن خوشنوديءَ تي هديه مبارڪ پيش ڪريان ٿو، ۽ دعا ٿو ڪريان ته خدا سائين هميشه هميشه اوهان جا ديني ۽ دنياوي درجا اهڙا بلند فرمائي ۽ دائما اوهان کي بااقبال رکي.

- اوهان جو دعاگو، چوڌري سيد حسن مثنيل نظامي، آف درگاه شريف حضرت خواجه نظام الدين اوليا، محبوب الاهي - دهلي.

[اردو] (۲)

درگاه حضرت خواجه نظام الدين اوليا، دهلي.

۳-۲-۱۹۴۶ع

محب الفقراء، امين الغربا جناب سيد غلام مرتضيل شاه دام اقبالهو اجلاله - السلام عليكم ورحمة الله وبركاته. اوهان جي ڪاميابيءَ جي خبر اخبار ۽ ڏسي مسرت ٿي. خداوند عالم، پيران عظام جي طفيل اوهان کي شاد ۽ آباد رکي. آمين! اوهان جي ڪاميابيءَ جي خبر حيرت انگيز آهي. سڄي هندستان ۽ شور محشر آهي. ٻميئي ۽ حسين پائي عبدالله لالجيءَ جهڙي معزز هستي ناڪامياب ٿي. اوهان ان جي ابتڙ ڪري ڏيکاريو. جو اوهان جي مقابلي ۽ آيو، ناڪامياب ٿيو. هيءَ به خبر اخبار ۽ آهي ته سيد گروپ جي پارٽيءَ کي ملائي وزارت ليگي بنائي وڃي. جو خدا کي منظور هوندو، ٿي رهندو. فقير اوهان جو دعاگو آهي ۽ زندگي پر خير جون دعائون گهرندو رهندو. خدمت مبارڪ ۽ عريضو حاضر آهي - اميد ته شاهانه توجهه فرمائيندا. گر قبول افتد زهي عزو شرف.

پنهنجي خيريت جي مزاج ۾ لائق ڪمن کان واقف ڪندا تہ بنده نوازي ڪيندي.

ـ فقط اوهان جو مخلص، دعاگو پير سيد حسن مثنيٰ نظامي.

[اردو] (۳)

درگاه حضرت خواجہ نظام الدين اوليا ، دهلي.

۱۱ـ جمادي الاول ۱۳۶۸ هـ، ۲۳-۳-۱۹۴۸ع

محب الفقرا، امين الغربا جناب جي- ايم- سيد صاحب دام اقباله واجلاله، السلام عليڪم - ورحمة الله و برڪاته .

درگاه شريف سان واسطو رکندڙ دولتمند ماڻهو گڏيڙ سبب جهازن ذريعي پڄي ويا. ڪجهہ توڪلي ماڻهو درگاه شريف جي غلاميءَ ۾ پيا آهن. ساسان سان ناهي. روزگار لاءِ موجوده وقت ڪو سهارو نہ آهي. اسان پارن جي گذر معاش جو ڪو ذريعو ڪونہ آهي. گهر جا ڏانو ڏيا، جي گهرن ۾ هٿ، وڪڻي، معاشي زندگيءَ ۾ صرف ڪري چڪا آهيون. اوهان صاحب في سبيل الله پنهنجي پڇن جي خيرات سمجهي، مني آرڈر وسيلي ڪجهہ مدد موڪليندا. اوهان جي در تان ڪو سوالي خالي نہ ويو آهي. اوهان فقير ۾ غريب نواز آهيو. اوهان سان ملاقات ۱۹۳۱ع ۾ ٿي هئي. اوهان سان گڏ سيد عبدالرحيم شاه سجاول وارو درگاهہ شريف تي آيو هو. ۾ مهينا اڳ ڪيس ڪيترا نياز ناما روانا ڪري چڪو آهيان، پر شاهاڻي توجهہ سان سرفراز نہ ڪيو اڻن. اوهان جي اخلاق حميده مان وڏي اميد اٿم تہ بندي جو خيال ڪندا. ۾ پنهنجي خيريت جو احوال پڻ ڏيندا.

ـ فقط اوهان جو پراڻو دعاگو، پير سيد حسن مثنيٰ، نظامي چوڏري

(۳۲)

سر فيروز خان نون

هيءُ پنجاب جو رهاڪو ۽ "نون" خاندان جو اعليٰ تعليم يافتہ فرد هو. هڪ وقت هيءُ پنجاب جي وزارت ۾ به رهي چڪو هو، ۽ وائسراءِ هند جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو ميمبر ۾ رهيو. پنجاب جو وزير اعليٰ ۽ بنگال جو گورنر به ٿي رهيو. آخر ۾ ۱۹۵۷ع ۾ "ريپبليڪن پارٽيءَ" طرفان پاڪستان حڪومت جو وزير اعظم مقرر ٿيو، ۽ نئين چونڊن ڪرائڻ لاءِ سڀني سياسي پارٽين سان صلاح مشورو ڪري پروگرام تيار ڪرايائين. اهو ڏسي، صحيح جمهوري نمائندن جي طاقت ۾ اچڻ جي ڊپ کان گورنر جنرل سڪندر مرزا ۽ جنرل ايوب خان ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪري، هن جي وزارت ڊسمس ۽ آئين کي ختم ڪري، حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ ورتيون.

هيءُ قابل، لائق ۽ آزاد خيال ماڻهو هو، پر اڪثر برطانوي سرڪار سان حمايت ڪرڻ سبب مسلم ليگ ۾ به ڪا نمايان حيثيت حاصل ڪري نہ سگهيو.

سون سان ۱۹۳۴ع کان وٺي لاڳاپا رهيس، جڏهن هيءُ وائسراءِ جي ڪئبينيٽ جو ميمبر هو.

جڏهن اسان سان ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ ريپبليڪن پارٽيءَ عهدنامو ڪيو هو، تہ اُن تي وزير اعظم پاڪستان ۽ ريپبليڪن پارٽيءَ جي مرڪزي ليڈر جي حيثيت ۾ هن به عهدنامي تي صحيح ڪئي هئي.

هن پنهنجي سياسي يادگيرين کي انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب "مارشل لا کان مارشل لا تائين" ۾ لکي پيش ڪيو آهي.

سندس وزارت عظميٰ پاڪستان جي ڏينهن ۾ سون ڏانهن لکيل به خط پيش ڪجن ٿا.

* (۱)

۱۳-۹-۱۹۵۷ع هيٺيون فيصلو ريپبليڪن پارٽيءَ طرفان هڪ طرف ۽ ٻئي طرف پاڪستان نيشنل عوامي پارٽيءَ پاران منظور ڪيو ويو آهي:

"اولهه پاڪستان ليجسليٽو اسيمبليءَ جي تازي اجلاس دوران پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ جي منظوريءَ لاءِ هڪ ٺهراءُ پيش ڪيو ته اولهه پاڪستان جي صوبن کي لساني بنياد تي ڇيو وڃي، ۽ انهن صوبن کي صوبائي خودمختياري ڏني وڃي، جڪي اولهه پاڪستان جي زونل فيڊريشن ٺاهيندا. مٿيون ٻئي پارٽيون آن جي مڪمل تائيد ڪن ٿيون.

"وڌيڪ لاءِ هيءُ ته ساڳيون ٻئي پارٽيون ان قسم جي ٺهراءُ جي قومي اسيمبليءَ ۾ به حمايت ڪنديون. - فيروز خان نون.

* (۲)

وزير اعظم جي سيڪريٽريٽ ڪراچي، NO PMS 33/7/58

۱۸- جولاءِ، ۱۹۵۸ع

عزت ماب جي - ايم - سيد ڏانهن. سائين! وزير اعظم فيصلو ڪيو آهي ته مختلف سياسي پارٽين جي گڏجاڻي، چنچر ۱۹ جولاءِ، ۱۹۵۸ع تي ۱۰ بجي صبح جو پراڻي سنڊ اسيمبلي هال ۾ رکي ويئي آهي، جنهن ۾ هيٺيان مسئلا غور هيٺ اينداً:

(۱) تاريخ مقرر ڪرڻ، جنهن تي مختلف پارٽيون صوبائي ۽ مرڪزي اسيمبلين لاءِ نالا ڏين.

(۲) پولنگ جي انتظامن تي بحث ڪرڻ.

(۳) پولنگ کان اڳ ۾ پوءِ امن ۽ سلامتيءَ واري ماحول قائم رکڻ لاءِ بحث ڪرڻ.

مون کي حڪم ڪيو ويو آهي ته اوهان کي عرض ڪريان ته اوهان مذڪور ميٽنگ تي ضرور اچو.

- اوهان جو مخلص (ز - حيدر) اسسٽنٽ سيڪريٽري.

(۳۳)

مشتاق احمد گرماني

هيءَ ضلعي مظفر آباد (پنجاب) جي گرماني بلوچن جي نواب خاندان سان آهي. ۱۹۳۷ع جي چونڊن ۾، هيءُ پنجاب اسيمبليءَ ۾ "يونينسٽ پارٽي" جي ٽڪيٽ تي چونڊجي آيو. اُن وقت سرسڪندر حيات خان پنجاب جو وزير اعليٰ هو، جنهن کيس پارليامينٽري سيڪريٽريءَ جو عهدو ڏنو. اُن کان پوءِ ڪجهه وقت لاءِ هيءُ بهاولپور رياست ۾ وزير اعليٰ ٿي رهيو ۽ پاڪستان ٺهڻ بعد ونيونٽ سرڪار ۾ مغربي پاڪستان جو گورنر مقرر ٿيو.

هيءُ نمازي، نيڪ بخت، بي اصولو ۽ ابن الوقت سياستدان هو. باوجود بلوچ هڻڻ جي، ون يونٽ جو زبردست حامي رهيو.

مون سان سندس تعلقات ۱۹۳۸ع جي سنڌ مسلم ليگ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ بعد پيدا ٿيا. هيءُ جڏهن مغربي پاڪستان جو گورنر هو، اُن وقت سائس وقت به وقت ملڻ ٿيندو هو.

اسان جا ون يونٽ جي مسئلي تي هڪٻئي سان اختلاف هلندا آيا ۽ ڪيس گورنريءَ تان هٽائڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ٿيون، تن ۾ اسان جو به هٿ هو. نيٺ سڪندرمرزا کيس ڪيڊي، پيو گورنرمقرر ڪيو.

سندس هڪ خط ڏجي ٿو.

*گورنرهائوس، لاهور. حڪومتپاڪستان. ۱۸- ڪٽوبر ۱۹۵۶ع

پيارا سيد صاحب! آءٌ اوهان جي ۱۲ سپٽمبر ۱۹۵۶ع واري خط جي پهچ موڪليان ٿو. اوهان جي خط ۾ جي ڳالهيون چاڙيل آهن، انهن کي آءٌ مختلف ڪاتن ڏانهن جوابن واسطي موڪلي رهيو آهيان. جڏهن مون کي جواب پهتا، تہ آءٌ اوهان کي اطلاع ڪندس.

مون کي افسوس آهي تہ آءٌ اوهان کي جلد جواب ڏيئي نہ سگهيس، چاڪاڻ تہ آءٌ باهرهئس. ـ اوهان جو مخلص، مشتاق احمد گورماني.

(۳۴)

غلام محمد خان، گورنر جنرل، پاکستان

هيءُ پنجاب جو ويندل، گورنمنٽ آف انڊيا جي مالي کاتي جو وڏو عملدار هو. گورنمنٽ آف انڊيا کان اڳ ڪجھ وقت هيءُ حيدرآباد دکن ۾ ڪنھن عھدي تي رھيو. جناح صاحب پاڪستان ٻنجڻ بعد ھن کي پاڪستان سرڪار ۾ وزير خزانہ ڪري رکيو. ٿوري وقت بعد لياقت علي خان ھن ۾ ان خطرو سمجھي، کيس ڪيڊ جي ڪوشش ڪئي. پڻ ۾ اچي ٿو تہ ان ڳالھہ جي مدنظر، ھن پنھنجي دوستن نواب گرماني نجيب خان آءِ جي پوليس ۽ ٻين عملدارن ذريعي لياقت علي خان کي راولپنڊيءَ ۾ قتل ڪرائي، پنھنجي جان آزاد ڪرائي. لياقت علي جي سڙڻ کان پوءِ خواجہ ناظم الدين ھن کي گورنر جنرل مقرر ڪيو. پچاڙيءَ ۾ ھن خواجہ ناظم الدين کي وزارت مان ڪڍي، پنھنجاھٽ ٿوڪيا ماڙھو رکي، ملٽريءَ وارن ۽ ٻين پنجابين کي سنڌ ۾ زمينون ڏيڻ شروع ڪيون. آن تي احتجاج ڪرڻ سبب سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊيل وزير اعليٰ پھرزادي عبدالستار کي ڊسمس ڪري، ھن خانبھادر کھڙي (جو پروڊا ھيٺ پنجن سالن لاءِ سياست کان خارج ھو) کي سنڌ جو وزير اعليٰ ڪري، ون يونٽ قائم ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو. ان ڪري ننڍن صوبن ۾ ھن جي مخالفت شروع ٿي. پر پنجاب جي زور سبب ھن کي ڪجھ ٿي نہ سگھيو. نيٽ اڌرنگ جي بيھاريءَ ھيٺ گورنر جنرلي ڪري نہ سگھيو، ۽ سڪندر مرزا کيس ڪڍي، پاڻ آن جاءِ تي آيو.

* فنانس منسٽر، گورنمينٽ آف پاڪستان، ڪراچي.

۱- فبروري - ۱۹۵۰ع

پيارا سيد صاحب! توھان جو ڪتاب "نئين سنڌ لاءِ جدوجھد" ڏھتو مھرباني.

- اوھان جو مخلص، غلام محمد.

(۳۵)

نواب احمد يار خان والیءِ قلات

هيءُ پنهنجي والد خدايار خان جي وفات کان پوءِ رياست قلات جو والي بنيو. ان وقت نوجوان ۽ اعليٰ تعليم يافته هو ۽ مسلمانن ۾ وڏن ماڻهن جو رجحان مسلم ليگ طرف ڏسي، هن به جناح صاحب جي خوشامد شروع ڪئي. جناح صاحب قاضي محمد عيسيٰ کي بلوچستان مسلم ليگ جو صدر بنايو، ته هيءُ ان جي سرپرستي ڪندو رهيو. پاڪستان بنجڻ بعد هن بلوچستان کي آزاد رياست بنائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جڏهن پاڪستان سرڪار ان تبديليءَ کي قبول نه ڪيو، ته هن هندستان سرڪار سان ساز باز ڪئي. پر اُن ۾ هنن سندس همت افزائي نه ڪئي. اُن تي سندس پاءُ شهزادي عبدالڪريم بغاوت شروع ڪئي ۽ افغانستان هليو ويو. ليڪن جڏهن خان احمديار خان تي زور بار پيو، ته وڏن ماڻهن وانگر بزدليءَ جو شڪار ٿي، پاءُ کي افغانستان مان گهرائي، حڪومت پاڪستان جي حوالي ڪيائين، جن هن کي سزا ڏيئي ڇڏي.

هيءُ سڌن ۾ سوايو ۽ همت ۾ هيٺو پئي رهيو. جڏهن ون يونٽ ٿهڻ واري هئي ته اُن وقت پڌڻ ۾ اچي ٿو ته سڪندر مرزا هن کي دلاسو ڏنو ته جيڪڏهن بلوچستان ۾ بغاوت ڪئي ويئي، ته ممڪن آهي ڪيس رياست موٽائي ڏني وڃي. عام طور پاڪستان ۾ رياستون ختم ڪيون ويئون هيون، جن مان هن جي رياست به هڪ هئي. هن اُن آڌار تي پاڻ ۽ ٻين سردارن کان بغاوت ڪرائي. نتيجو اهو نڪتو ته حڪومت پاڪستان سان مقابلو ڪري نه سگهيو، ۽ ڪيس گاديءَ تان لاهي، ڪجهه وقت لاءِ پٽس کي جانشين ڪيو ويو. ٻين جن بلوچن بغاوت ۾ حصو ورتو هو، تن کي پاڪستان سرڪار ڪنهن طرح، هٿ ڪري، ڪن کي قاسي ڏني ۽ ڪن کي قيد

ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح ٻيو ٻيرو ٻ هن جي بغاوت ڪي ناڪام بنايو ويو. ٿوري وقت بعد هيءُ معافي وٺي، وري پاڪستان سرڪار طرفان گاديءَ تي وينو، جيتوڻيڪ رياست ٻهر موٽي ڪانه ملي.

مون سان گهٽي وقت ڪان واقفيت هيس، اُن واقفيت جي آڌار تي هڪ خط، جڏهن مون مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۽ ون يونٽ ڀاهڻ لاءِ ڪوشش ڪئي، تہ محمدحسين عنقا جي معرفت موڪليائين. جنهن جي معنيٰ اها هئي تہ هو ان ڳالهہ ۽ منهنجو همدرد هو! ۽ اها ٻ اميد هئس تہ ڪيس وري مغربي پاڪستان سرڪار وٽ منظورنظر ٿيڻ جو موقعو ملندو. سندس اُهو خط هيٺ ڏجي ٿو.

هيءُ ٻوءِ پاڪستان سرڪار جي عام پاليسيءَ مطابق بلوچستان جو گورنر ٻ مقرر ٿيو، جهڙيءَ طرح پنجاب ۽ بهاولپور جي امير غلام عباس ڪي گورنر ڪيو ويو، صوبي سرحد ۽ ملٽريءَ جي جنرلن مان هڪ ڪي گورنر بنايو ويو، ۽ سنڌ ۽ بهرين بيگم رعنا لياقت عليءَ ڪي رکيو ويو ۽ ٻوءِ نواب جهونا گڙهہ جي پٽ دلاور خانجيءَ ڪي گورنر مقرر ڪيو ويو.

خط [اردو]

گورنمنٽ آف قلات.

۳۱-۱-۱۹۵۷ع

مڪرمي و محترم جناب جي - ايم - سيد صاحب، دام عنايت!

السلام عليڪم ورحمة الله! اميد تہ اوهان خيريت سان هوندا. اسيمبليءَ جي حالهہ ڏينهن ۽ اڄ جي نين حالتن هيٺ مير محمد حسين عنقا ڪي پنهنجي طرفان آءٌ اوهان لاءِ هڪ خاص پيغام ڏيئي موڪلي رهيو آهيان. هيءُ پيغام، آءٌ ملڪ جي خيرخواهيءَ جي جذبي هيٺ موڪلي رهيو آهيان.

اميد آهي تہ اوهان ٻ اُن جي روشنيءَ ۽ اُن تي غور ڪندؤ!

- اوهان جو مخلص، احمد يار خان.

(۳۶)

سر لئنسيلاٽ گرهام، گورنر سنڌ

هيءَ انڊين سول سروس جو جهونو عملدار هو. آخر ۾ گورنمنٽ آف انڊيا جي مرڪزي سرڪار ۾ سيڪريٽريءَ جي عهدي تي هو. سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿيڻ بعد هيءَ سنڌ جو پهريون گورنر مقرر ٿيو. هن سر غلام حسين کي باوجود چٽن ميمبرن جي پوئلڳيءَ جي، وزرات ناهڻ جي اجازت ڏيئي، سنڌ ۾ جمهوريت کي ختم ڪرڻ جي شروعات ڪئي. ليڪن اها وزارت هلي نه سگهي ۽ سگهوئي اسان ڪانگريس ۽ هندو ميمبرن سان گڏجي، آن وزارت کي ٽوڙي، خانبهادر الهه بخش جي ماتحت وزرات قائم ڪئي. جنهن کان هن ڏلون وڌرائي، هن کي بدنام ڪري، هن جو اتحاد پارٽيءَ سان اختلاف پيدا ڪرايو. ٿوري وقت کان پوءِ مسجد منزل گاهه پري ٽيل فسادن سبب، هندن پنهنجي غلطي محسوس ڪري، مسلم ليگ کي وزارت ۾ آندو ۽ آءٌ به وزارت ۾ شامل ٿيس. هيءَ منهنجي آزاد خياليءَ کي ناپسند ڪندو پئي رهيو، ۽ اهڙو نوٽ پنهنجي رپورٽ ۾ برطانوي گورنمينٽ کي موڪليو هئائين.

مون مسلمان ميمبرن ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ لاءِ وزارت تان استعيفا ڏيئي، خانبهادر الهه بخش کي پنهنجي جاءِ تي آندو. آن کان پوءِ آل پارٽيز گورنمينٽ جي ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري ٿي ڪم هلائڻ لڳس. پنج سال پورا ڪري جڏهن هيءَ گورنري ڇڏڻ وارو هو، تہ آن وقت هن آخري دربار ڪوٺائي، زميندارن سان ملاقات ڪرڻ گهري. مون کي به دربار جي دعوت موڪلياٿين. مون کيس لکي موڪليو تہ "دربار جو سرشتو سامراجي دور جو يادگار آهي، آن ۾ آءٌ شريڪ ٿيڻ جهموريت جي خلاف ٿو سمجهان، ان ڪري مون کي معاف ڪندا." آن خط جي جواب ۾ هيٺيون خط موڪليو اٿس، جو پيش ڪريان ٿو!

* (۱)

گورنرس ڪئمپ، سنڌ.

۱۸- ڊسمبر ۱۹۴۰ع

پيارا سيد! مسٽر ڪورن اوهان جو خط مون کي ڏيکاريو، جنهن ۾ اوهان منهنجي آخري درٻار ۾ شامل ٿيڻ کان معذرت ڏيکاري آهي.

مون کي افسوس آهي، جو اوهان اهڙين محفلن خلاف پنهنجي راءِ رکو ٿا. پر اڄ تہ اوهان جي اها راءِ ايماندارانہ هوندي. آءٌ اهڙن راين تي ناراض نہ ٿيو آهيان. پر آءٌ انهن درٻارن متعلق، جيڪا پنهنجي راءِ رکان ٿو، سا اوهان آڏو پيش ڪرڻ چاهيان ٿو.

آءٌ اوهان وانگر جمهوريت پسند طبيعت جو مالڪ آهيان، ۽ غير ضروري خرچ ۽ ڏيکاءَ ۾ ايمان نٿو رکان. پر جيسين تائين صوبي جو انتظام زميندارن جي تعاون سان واسطو رکي ٿو، تيسين تائين آءٌ سمجهان ٿو تہ اُنهن زميندارن جي خدمتن کي درٻار ۾ تسليم ڪرڻ ۽ انعام ڏيڻ جاري رکجي- جڏهن صوبو ايڈي ترقي ڪري وڃي (جنهن لاءِ اوهان ۽ آءٌ ساڳيا خيال رکون ٿا)، جو آزاد آبادگار طبقو پيدا ٿي، پوريءَ طرح خوشحاليءَ جي حالت ۾ ڦوٽن ۾ رهي، اُن وقت ٿي جمهوريت جي شروعات ڏيندي. پوءِ درٻارون از خود ختم ٿي ويندیون. پر جيسين تائين مون کي پنهنجي انتظام جي سڌاري لاءِ زميندارن تي مدار رکڻو ٿو پوي، تيسين تائين آءٌ ضروري ٿو سمجهان تہ درٻارن ۾ سندن شڪرگذاري ڪندو رهان.

- اوهان جو مخلص، ايل - گرهام.

مسٽر ايبل، سيڪريٽري، وائسراء هند

هيءَ گورنمنٽ آف انڊيا جي سول سروس جو ماڻهو هو. وائسراء هند جو پرسنل سيڪريٽري ٿي رهيو.

جيڏن ته مسلم ليگ وزارت ۽ گورنر سنڌ مسٽر موڊيءَ جي مخالفت وقت اسان کي سنڌ حڪومت طرفان هلندڙ البڪشن ۽ يا ٻيءَ طرح مشڪلاتون پئي ٻهتيون، تنهنڪري هر هڪ مسئلي تي آءٌ مخالف پارٽيءَ جي ليڈر جي حيثيت ۾، وائسراء هند کي سارين ڳالهين کان وقت بہ وقت واقف ڪندو آيس. آنهن جا جواب هن طرفان ايندا هئا. هيءَ منهنجو ذاتي طرح واقف ڪوٺ هو، پر جيڏن ته لکپڙهه گهٽي هئي ۽ وقت بہ وقت وائسراء طرفان جواب پئي ڏنا هئا، ان ڪري آءٌ مناسب نٿو سمجهان ته هتن خطن کي نظرانداز ڪيو وڃي. سندس ۽ خط هتي ڏيان ٿو.

*(۱)

وائسراء هائوس، نئين دهلي.

۱۰- سيپٽمبر ۱۹۴۰ع. پيارا سائين! ڪاڪا توهان جي تار پهتي، آها آءٌ وائسراء اڳيان پيش ڪندس.

- اوهان جو مخلص، جي - اي - بي - ايبل.

*(۲)

وائسراء هائوس، نئين دهلي.

۲۱- مارچ، ۱۹۴۶ع. پيارا سيد صاحب! منهنجي ۱۸ مارچ واري اڳئين خط جي حوالي سان مون کي چيو ويو آهي ته آءٌ اوهان کي دعوت ڏيان ته اوهان ۲- اپريل تي، اڳاري جي ڏينهن ۱۲ بجي

هز ايڪسيلنسي وائسراءِ ۽ برٽش ڪئبينٽ ڊيليگيشن سان اڄي ملاقات ڪريو.

- مخلص، جي - اي - بي - ايل.

[نوٽ :- جڏهن برٽش ڪئبينٽ جي وزيرن، وائسراءِ هند سان گڏ، هندستان جي مکيه جماعتن جي ليڈرن، صوبن جي وڏن وزيرن ۽ مخالف پارٽين جي ليڈرن کي آئين سازيءَ جي معاملي ۾ گهرايو هو، تہ مون کي به سنڌ اسيمبليءَ ۽ مخالف پارٽيءَ جي ليڈر جي حيثيت ۾ دعوت ڏني ويئي هئي. سنڌ مان مون کي ۽ سنڌ جي وزير اعليٰ سر غلام حسين کي مدعو ڪيو ويو هو. مون ۲- اپريل ۱۹۴۶ع تي وڃي، برٽش ڪئبينٽ جي ڊيليگيشن ۽ وائسراءِ آڏو پنهنجا رايا پيش ڪيا هئا.]

* (۳)

وائسراءِ هائوس، نئين دهلي.

۹- سپٽمبر، ۱۹۴۶ع. پيارا سائين! توهان جي ۴- سپٽمبر واري گورنر سنڌ ڏي موڪليل خط جي ڪاپي پهتي، جا آءٌ گورنر جنرل اڳيان پيش ڪري رهيو آهيان.

- اوهان جو وفادار، جي - اي - بي ايل.

* (۴)

وائسراءِ هائوس، نئين دهلي.

۳- سپٽمبر، ۱۹۴۶ع. پيارا سائين! مون کي وائسراءِ جو حڪم پهتو آهي تہ اوهان جي اڄ پهتل خط جو جواب، موڪليان، جنهن ۾ اوهان گورنر طرفان سنڌ اسيمبليءَ کي ٽوڙڻ بابت لکيو آهي، تہ ان کي نہ ٽوڙڻ گهرجي.

وائسراءِ اوهان جا رايا نوٽ ڪيا آهن، پر افسوس سان ظاهر ڪرڻو ٿو پوي تہ اسيمبلي ٽوڙي ويئي، ۽ اهڙو اعلان ٻڌي چڪو آهي.

- اوهان جو مخلص، جي - اي - بي - ايل.

[نوٽ :- ۱۹۴۶ع جي چونڊن وقت سنڌ اسيمبليءَ ۾ اسان جي ڪوليشن پارٽيءَ جا ۲۹ ميمبر ۽ مسلم ليگ جا ۲۷ ميمبر چونڊجي آيا. پر باوجود ان جي، سنڌ جي گورنر مسلم ليگ جي رضامندي لاءِ سر غلامحسين کي گهرائي وزير اعليٰ ڪيو ۽ ٽن يورپي ميمبرن طرفان سر غلامحسين جي حمايت ڪرايائين. (اهي هميشه آزاد رهندا هئا .) جيئن ته هيءَ اڪثريت هٿراڏو پيدا ڪيل هئي، سا گهڻو وقت هلي نه سگهي ۽ وقت بہ وقت وزارت کي شڪست ايندي رهي. ليڪن گورنر سوڀي ان کي بچائيندو آيو. آخر ۾ جڏهين سر غلامحسين جي وزارت اقليت ۾ اچي ويئي، تہ مخالف پارٽي (جنهن جو ليڈر آءٌ هوس) کي وزارت ٺاهڻ جي دعوت ڏيڻ بدران اسيمبليءَ کي ڊوڙي، گورنر طرفان نئين اليڪشن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ويو- ۽ اليڪشن جي موقعي تي ساڳي وزارت قائم رکي، هر طرح مخالف پارٽيءَ کي نقصان پهچائڻ جا طريقا اختيار ڪيا ويا. گورنر جي اهڙي غير جمهوري ۽ نامناسب قدم تي مون وائسراءِ هند ۽ برطانوي وزير اعظم کي واقف ڪيو، ليڪن جيئن تہ ان سازش ۾ سڀ شريڪ هئا، ان ڪري گورنر جي ان غير قانوني فعل تي ڪوبہ قدم نہ کنيو ويو ۽ نيون چونڊون ڪرايون ويئون. جيتوڻيڪ اُن وقت اسان جي طرف ۳۱ ۽ ليگ جي طرف ۲۹ ميمبر هئا.

مٿيون خط ان سلسلي ۾ آهي.]

قاضي محمد عيسيٰ خان

قاضي محمد عيسيٰ خان، بلوچستان جي رياست قلات جي وزير اعليٰ، قاضي جلال الدين، جو فرزند هو. هيءُ ولايت مان پڙهي، بئريسٽر ٿي آيو. مائٽن جي ورثي ۽ ڇڏيل ملڪيت سبب، هن کي سياست ۾ حصو وٺڻ لاءِ فراغت جو موقعو مليو. جناح صاحب سان ولايت ۾ ملاقات ٿيس ۽ واقفيت وڌيس. جنهن هن کي صوبي بلوچستان مسلم ليگ جو صدر مقرر ڪيو ۽ انهن وقت ۾ وقت هو آل انڊيا مسلم ليگ ورڪنگ ڪاميٽيءَ تي ميمبر به چونڊيو آيو. هيءُ جناح صاحب جو دست راست هو. مون سان مسلم ليگ جي زماني کان وٺي دوستانه تعلقات رهيس، ليڪن جڏهن آلَ مسلم ليگ کان باهر نڪري آيس، تہ اهي تعلقات قائم نہ رهيا.

پاڪستان ٺهڻ بعد ڪجهہ وقت لاءِ برازيل ۾ پاڪستان جو سفير مقرر ڪيو ويو. مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۽ مسلم ليگ سان ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ جيڪو معاهدو ٿيو هو، ان ۾ هيءُ به شريڪ هو. اُن متعلق سندس هڪ خط ڏجي ٿو.

*

خط

لاهور، ۱۸-۳-۱۹۵۷ع

مسلم ليگ ورڪنگ ڪاميٽي، پنهنجي ۷ مارچ ۱۹۵۷ع تي لاهور ۾ ٿيل ميٽنگ ۾ هيٺين نتيجي تي پهتي :

"مغربي پاڪستان جي موجوده حالات تي مڪمل غور ڪرڻ بعد پاڪستان مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ چڱيءَ ريت سمجهيو آهي تہ اوهان پاڪستان ۾ ون يونٽ جي اسڪيم مڪمل ناڪامياب ويئي آهي، ۽ مسلم ليگ ان جي حمايت نٿي ڪري سگهي. مسلم

ليگ، جيئن ته عوام جي جماعت آهي، ان ڪري اها هڪدم پنهنجي طريقه ڪار بابت هيءُ اظهار ڪري ڏي، جيڪو قبوليت جوڳو ۽ سڀني علائقن جي مائهن جي مرضي مطابق آهي."

بهرحال، اهو فيصلو ڪيو ويو آهي ته هيءُ فيصلو هن وقت شايع نه ڪيو ويندو.

ـ قاضي محمد عيسيٰ، جنرل سيڪريٽري، پاڪستان مسلم ليگ.

سردار بهادر خان

هيءَ هزاره ضلعي جي ترين خاندان جو فرزند هو. سندس وڏو پاءُ جنرل ايوب خان ملٽريءَ ۾ پرتي ڏيو ۽ هيءُ سياست ۾ داخل ٿيو. صوبي سرحد اسيمبليءَ جو اسپيڪر چونڊيو ويو. ان کان پوءِ پاڪستان جي قيام بعد مرڪزي سرڪار ۾ وزير ٿي رهيو. هيءُ هڪ وقت ۾ پنجاب جو گورنر به ٿيو. ون يونٽ جي زماني ۾ هيءُ مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ جو ليڈر ٿي رهيو. ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ مسلم ليگ سان جيڪو معاهدو ڪيو ويو هو، اُن ۾ ميان ممتاز دولتانہ، خان قيوم خان، محمدايوب کهڙي ۽ قاضي محمد عيسيٰ سان گڏ هن به صحيح ڪئي هئي.

هن مون سان شخصي تعلقات قائم رکيا. جڏهن جنرل ايوب خان جي ڏينهن ۾ هيءُ مرڪزي اسيمبلي پاڪستان ۾ حزب اختلاف جو ليڈر هو، تہ منهنجو فرزند امير حيدر شاه هن سان گڏ مخالفت ۾ رهيو. ان وقت جو سندس هڪ موڪليل خط ڏجي ٿو.

ايوبي دور ۾ جڏهن آءٌ نظربند هئس، تہ هيءُ سيوهڻ ۾ قلندر شهباز جي درگاهہ تي زيارت لاءِ آيو. سوٽندي، سن مون وٽ آيو، پر پوليس گارد کيس اجازت نہ ڏني، ۽ هو اهڙو خط ڇڏي ويو.

هن ۱- جنوري ۱۹۷۶ع تي وفات ڪئي. سندس هڪ خط هيٺ ڏجي ٿو.

*

لاهور، ۲۰-۳-۱۹۵۷ع

بلڪل مخفي ۽ ذاتي

منهنجا پيارا سيد! مسلم ليگ اسيمبلي پارٽي، ون يونٽ خلاف نهرا جي حمايت ڪندي. اُن تي اسيمبليءَ ۾ ۲۸ مارچ يا هيءَ ڪنهن تاريخ تي بحث ڪيو ويندو.

- اوهان جو مخلص، سردار بهادر خان.

(۴۰)

چندو لعل ديسائي، هاءِ ڪمشنر انڊيا

هيءُ انڊين گورنمنٽ جو پاڪستان ۾ هاءِ ڪمشنر ٿي رهيو. هند سرڪار جي پاليسيءَ مطابق، پاڪستان جي مڪمل سياستدانن سان دوستانہ تعلقات رکيائين ۽ وقت بہ وقت ڪين مجلسن ۽ دعوتن ۾ گهرائيندو رهيو ۽ پاڻ بہ وڃي اينڊو رهيو. نتيجي طور هن ڪراچيءَ اندر دوستن جو ڪافي تعداد پيدا ڪري ورتو. جڏهن هي بدلي ٿي ويو، تہ ڪيترن سياستدانن طرفان هن جون الوداعي پارٽيون ڪيون ويئون، جن مان چوڌري خليق‌الزمان، مسٽر گزدر، ۽ بيا ڪيترا سر فهرست هئاسين. اها ڳالهہ ڪنهن فرقي پرست الطاف حسين، ايڊيٽر ڊان، کي پسند نہ پيئي ۽ هن ان خلاف ايڊيٽوريل لکيو.

هن وقت هيءُ وفات ڪري ويل آهي. سندس هڪ خط هن ڪتاب ۾ يادگيريءَ طور ڏجي ٿو.

خط *

هاءِ ڪمشنر انڊيا، ڪراچي.

۷- جنوري، ۱۹۵۵ع. پيارا سيد، مون کي اوهان جي فرزند جي شاديءَ جو ٻڌي، نهايت خوشي ٿي. منهنجي طرفان کيس دلي مبارڪون ڏيندا. اسان ڪنوار ۽ گهوٽ جي ڏکهي ۾ پرمسرت شاديءَ واريءَ زندگيءَ لاءِ دعا گهرون ٿا ۽ سندن ڪامياب زندگيءَ جا تمنائي آهيون. اسين هن مبارڪ موقعي تي اوهان کي خوهيءَ جون واڌايون ڏيون ٿا، جي قبول ڪندا.

آءٌ پنهنجي محبت جي يادگار طور ڪنوار لاءِ هڪ ساڙهي موڪليان ٿو، جا اميد تہ قبول ڪري، هڪر گذار ٿيڻ جي موقعو فراهم فرمائيندا.

نئين سال جي مبارڪ هجيو - خدا ڪري سڪيو سال گذاريو!

- اوهان جو مخلص، چندو لعل ديسائي.

محمد عباس عباسي، امير آف بهاولپور

هيءُ بهاولپور رياست جو امير هو. سنڌس رياست اڳ ۽ ئي ختم ٿي چڪي هئي، ليڪن هيءُ ڪوشش ڪندو آيو ته مڪيم سياستدانن سان تعلقات قائم رکي.

ورهاڱي کان پوءِ هن جي پيءُ طرفان، بهاولپور رياست جي وزير اعليٰ، نواب گرمانيءَ، معرفت، هندستان سرڪار کي عرضداشت ڪئي ويئي هئي، ته سنڌس رياست کي بحال رکي هندستان سان ملحق ڪيو وڃي. ليڪن ڏڻ ۽ آيو ته سردار ولپ پائي پٽيل کين صاف جواب ڏيئي ڇڏيو ته "جنهن صورت ۾ اسان پنهنجون رياستون ئي بحال نه ٿا رکون، ته پوءِ ڪهڙي اصول تحت قبول ڪيل ورهاڱي جي خلاف اسان بهاولپور رياست پاڻ سان ملحق ڪري، ان کي رياستي درجو ڏيون." آن بعد پاڪستان سرڪار رياست بهاولپور ختم ڪري، ون يونٽ وقت، مغربي پاڪستان ۾ ملائي ڇڏي.

جڏهن اسان ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ ڪوشش ڪري اڳين صوبن جي بحاليءَ جي جدوجهد هلائي هئي، ته آن وقت بهاولپورين طرفان رياست بحال ڪرڻ جي گهر ڏيندي رهي. جنهن صورت ۾ اسان رياستن جي بحاليءَ جي خلاف هئاسون، ان ڪري کين چيو ويو ته جيڪڏهن اهي سرائيڪي صوبي جي گهر ڪندا، ته ان کي جائز سمجهي، اسان آن تحريڪ جي همت افزائي ڪنداسون.

ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ جڏهن سرائيڪي صوبي جو سوال اڀريو، ته اسان ان معاملي ۾ سنڌن حمايت ڪئي، جنهن جي سلسلي ۾ امير آف بهاولپور هيٺيون خط لکيو آهي، جو هت ڏجي ٿو.

*

خط

ذاتي ۽ خانگي

صادق گڙهه محلات، ۳۰- اپريل، ۱۹۷۰ع.

پيارا شاهه صاحب ، جيتوڻيڪ آءٌ نه سياست ۾ آهيان نه ڪڏهن ليڊرشپ جي دعويٰ رکان ٿو، پر هڪ بهاولپوريءَ جي حيثيت ۾ مون کي اجازت ڏيندا ته آءٌ بهاولپورين، اتان جي ليڊرن ۽ پنهنجي پاران، اوهان جي شڪرگذاري ۽ تعريف ڪريان، جو اوهان بهاولپوري عوام جي گهر (سرائڪي صوبي) بابت غير جانبدارانه ۽ محڪم مدد جي حمايت ڪئي آهي. اها اسان لاءِ همت افزا ڳالهه آهي ته اسان جي گهور بنسبت ، اوهان جهڙن قومي اڳواڻن جي لاءِ اخلاقي مدد شامل حال آهي .

اسان نهايت شڪرگذار آهيون، جو اوهان قومي ليڊر جي حيثيت ۾ پاڻ ۽ پنهنجي پارٽيءَ طرفان مهرباني فرمائي، هن علاقي جي سوال کي هٿ ۾ کنيو آهي ، جيڪو گهڻي وقت کان وساريل ۽ نڈڪو پئي رهيو آهي.

منهنجون دعائون ۽ نيڪ خواهشون هميشه اوهان سان شامل حال آهن.

ـ محمد عباس عباسي، امير آف بهاولپور .

(۴۲)

ميئر عبدالقيوم خان، ايڊووڪيٽ

هيءَ لائلپور جو ويڙهل، قوم پرست ڪارڪن ۽ وڪيل هو. مولانا ابوالڪلام آزاد جي مداحن مان هو. جڏهن اسان ۱۹۴۶ع ۾ مسلم ليگ کان ٻاهر جملي جماعتن کي گڏي، متحدهمحاذ قائم ڪرڻ لاءِ دهليءَ ۾ ڪانفرنس سڏائي هئي، تہ ان ۾ هن به شرڪت ڪئي هئي. انڪان پوءِ هيءَ وقت به وقت لاڳاپا رکندو آيو.

ون يونٽ جي قيام بعد هيءَ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيو، آتي اسانجي واقفيت گهري ٿي ويئي. حالتن جي مجبوريءَ کان هيءَ وڃي ڊاڪٽر خان جي ريپبلڪن پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو، ليڪن دوستائا تعلقات ختم نہ ڪري سگهيو. هن جا خيال قوم پرستانہ هئا. ون يونٽ جو مخالف هو. هن وقت وفات ڪريويل آهي. سندس ۵ خط ڏجن ٿا.

* (۱)

لائل پور، ۲۹-۷-۱۹۴۷ع. پيارا سيد صاحب، مون کي اوهان جي تار تڏهن پهتي، جڏهن مون کي سخت بخار هو. گذريل ڏن ڏينهن کان بخار جي ايڏي تہ شدت رهي، جو آءٌ اڻي نہ پئي سگهيس. هن وقت بخار چڏي چڪو آهي، پر اڃا ڪراچيءَ سفر ڪرڻ لائق نہ آهيان- باوجود ان جي، توهان ۽ پين دوستن سان جلد ۾ جلد ملڻ جو مشتاق آهيان. ممڪن آهي ڏن چئن ڏينهن ۾ هوائيجهاز رستي ڪراچيءَ اچان. اچڻ کان اڳ تار ڪندس ۽ توقع آهي تہ هفتو ڪن اوهان وٽ اچي رهندس.

مون کي اوهان جو پاڪستان بابت پمفليٽ اڄ پهتو. اسان جي

نقطي نظر جي مڪمل وضاحت ڪيل آهي. مون کي ٿ ريعتي راج ۽ اسلامي سوشلزم جي باري ۾ ڪافي شڪ شبها آهن. انهن ڳالهين مان مذهبيت جي بوءِ اچي رهي آهي، ۽ اهي ڳالهيون جناح صاحب جي ڪيل شريعت جي نالي ۾ مذهبي استحصاليءَ جي ڳالهين کان مختلف نه ڏيندیون. پر ان تي وڌيڪ گفتگو تڏهن ڪبي، جڏهن روبرو ملنداسون. اوهان کي ڪلهوڪي تاريخ تي موڪليل منهنجي تار پهتي هوندي. آءٌ سمجهان ٿو ته جڏهن ايڏانهن ايندس ته اوهان ڳوٺ نه ۾ ڪراچيءَ هوندا. مهرباني ڪري پنهنجي پروگرام کان واقف ڪندا ته آئينده ۾ هفتا ڪٽي هوندا.

آءٌ ڪراچيءَ ۾ آگسٽ جي پهرئين هفتي ۾ پهچي سگهندس، بشرطيڪ اوهان دوستن لاءِ اهو وقت سهوليت وارو هجي.

هيءَ خط اميد ته اوهان کي موچاريءَ ساعت ۾ موصول ٿيندو.

- ازهان جو مخلص، مير عبدالقيوم.

* (۲)

پاڪستان ريپبلڪن پارٽي لاهور

ميڪلوڊ روڊ، لاهور. ۲۷- آگسٽ، ۱۹۵۶ع. پيارا سيد صاحب! اميد ته خوش باش هوندا. ڪامنويلٿ پارليامينٽري ايسوسيشن ويسٽ پاڪستان برانچ جي صدر مون کي عرض ڪيو آهي ته (۶-۸-۱۹۵۶ع تي اسيمبلي نهراءَ جي فيصلي موجب) آءٌ ڪيس برانچ جي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽيءَ لاءِ نالا موڪليان. هن جي خواهش آهي ته ۶ نالا ريپبلڪن پارٽيءَ مان ۽ ۾ نالا عوامي محاذ مان موڪليا وڃن، جن مان هڪ غير مسلم هجي. ان ڪري آءٌ اوهان کي عرض ٿو ڪريان ته مون کي ۾ نالا لکي موڪليندا، ته جيئن چاٽايل ايسوسيشن جي صدر ڏانهن موڪلي ڏيان.

- اوهان جو مخلص، ايم - اي- عبدالقيوم، جنرل سيڪريٽري.

* (۳)

لائل پور، ۱۶-۵-۱۹۵۷ع.

پيارا سيد صاحب! اوهان جي ۱۳ تاريخ واري موڪليل خط لاءِ لک لک مهربانيون- اها ته اوهان کي خبر آهي ته آءٌ اوهان سان ڳڏ ڪيڏانهن هلڻ ۽ پنهنجي خوشي، خوش قسمتي ۽ عزت محسوس ڪندو آهيان. پر مسافريءَ لاءِ خرچ ڪٽان آڏجي- منهنجو پيو نمبر پٽ انگلنڈ اعليٰ تعليم جي حصول لاءِ ويو آهي، جنهن سبب مون کي مالي بوجو برداشت ڪرڻو پيو آهي.

جيڪڏهن ڪولمبو هلڻ لاءِ مناسب خرچ ڪرڻو پيو ته آءٌ برداشت ڪري سگهان ٿو.

اولهه پاڪستان جي سياسي بحران بابت ڇا خيال آهي؟ اسان کي دلاسو ملڻ آهي ته سهروردي‌ءَ جي لاهور اچڻ بعد جمهوريت بحال ڪئي ويندي.

مهرباني ڪري منهنجا سلام شيخ صاحب ۽ ٻين دوستن کي ڏيندا.

- اوهان جو مخلص، مير عبدالقيوم.

* (۴)

لائل پور، ۲۸-۶-۱۹۵۷ع. پيارا سيد صاحب. مون کي اوهان جي ۲۴-۶-۱۹۵۷ع واري خط ۾ اهو پڙهي تڪليف پهتي، ته اوهان بخار ۾ مبتلا آهيو. اميد ته هينئر چاق نوُبنا ٿي ويا هوندا.

اوهان کي معلوم هوندو ته ريپليڪن وارا پيچ ڏک ڪري رهيا آهن ته جيئن ۲- جولاءِ ۱۹۵۷ع تي ميمبرن جي اڪثريت حاصل ڪري سگهن. انهن مون کي به ٽي پيرا ڇپو آهي. پر مون ڇپو اڻ ته اول اوهان سيد صاحب کي ڏاهيو، آءٌ اُن بعد جواب ڏينڊس. هنن مون کي يقين ڏياريو آهي ته هنن اوهان کي ڪن شرطن تي راضي ڪيو آهي. مهرباني ڪري خبر ڏيندا ته اوهان سان ڏاهه ڪيو ويو آهي يا نه- آءٌ اوهان جي فيصلي سان بڌل آهيان.

- اوهان جو مخلص، مير عبدالقيوم.

* (۵)

لائل پور، ۳۰-۱-۱۹۵۸ع.

پيارا سيد صاحب، آءٌ ۹-۲-۱۹۵۸ع تي ڪراچيءَ اچي رهيو آهيان، چاڪاڻ ته منهنجو پٽ ۱۱-۲-۱۹۵۸ع تي انگلنڈ مان اچي رهيو آهي. مون کي معلوم نه آهي، ته اوهان انهن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ هوندا يا نه. ايتري طويل عرصي کان پوءِ اوهان کي ڏسي تمام گهڻي خوشي حاصل ٿيندي. اميد ته اوهان ٺيڪ ٺاڪ هوندا.

- اوهان جو مخلص، ميرِ عبدالقيوم.

(۴۳)

ميان بشير احمد

ميان بشير احمد پنجاب جي وڏي زميندار طبقي جو فرد ۽ اعليٰ تعليم يافتہ هو. سندس والد جسٽس شهاب الدين پنجاب هاءِ ڪورٽ جو جج هو، جنهن جو تخلص "همايون" هو. ان جي نالي تي هيءُ هڪ اعليٰ معياري رسالو ڪڍندو هو. پنجاب ۾ مسلم ليگ جي زور وٺڻ بعد هن آن ۾ شرڪت ڪئي. جناح صاحب جي تعريف ۾ هڪ ٻه شعر لکيائين. هن سر شفيع جي نياٽيءَ سان شادي ڪئي. بيگم شاهنواز سندس سالي هئي. پنجاب جي وڏي خاندان طبقي سان واسطو رکڻ سبب، جناح صاحب هن کي آل انڊيا مسلم ليگ ورڪنگ ڪاميٽيءَ تي ميمبر ڪري رکيو. انهيءَ سلسلي ۾ اڪثر اسان جو ملڻ پيو ٿيندو هو. هيءُ وڏو مهمان نواز ۽ خوش خلق دوست هو. مسلم ليگ جي زماني ۾، جڏهن اڪثري لاهور وڃڻ ٿيندو هو، تہ هن جي بنگلي لارينس روڊ نمبر ۳۰ تي رهندو هوس، جتي وڏي علمي ۽ سياسي ماحول سان مستفيض ٿيٽو پوندو هو. آتي ليڈي شفيع، سندس نياڻي بيگم شاهنواز، بيگم بشير، مس ممتاز شاهنواز ۽ بيگم نسيم ميجر جنرل اڪبر خان سان ملاقاتن جا موقعا ميسر ٿيندا هئا.

هيءُ ڪم ضرر ۽ علمي ذوق جو ماڻهو هو. پاڪستان ٺڻڻ بعد جناح صاحب کيس ترڪيءَ جو سفير ڪري موڪليو. ان بعد هو وفات ڪري ويو.

سندس ٻه خط هتي ڏجن ٿا.

* (۱)

۳۲- لارينس روڊ، لاهور، ۲۵-۱-۱۹۴۴ع

پيارا سيد صاحب، اوهان جو ۲۰ جنوريءَ تي موڪليل خط پهتو، جنهن ۾ لکيو اٿو تہ اوهان ۱- فبروريءَ تي لاهور ۾ مون وٽ

اچي رهندا. آءٌ سمجهان ٿو ته اوهان ۳۰-۵ وڳي ڪراچي ميل ۽ هتي پهچندا.

نواب ممدوت مون کي ٻڌايو ته هن نوابزادي لياقت علي‌خان کي لکيو آهي ته انڪشن ڪاميٽيءَ جا سڀ ميمبر وٽس اچي رهن. نواب ممدوت هينئر ڪجهه ڏينهن لاءِ ٻاهر ويل آهي- اميد ٿو ڪريان ته اوهان مون وٽ اچي رهندا- بهرحال، اڃا ڪان پوءِ جيڪڏهن ضرورت پيئي ۽ اوهان کي وقت آيا ته اوهان ائين ڪري سگهو ٿا.

- اوهان جو مخلص، بشير احمد.

* (۲)

نئين دهلي، ۸-۴-۱۹۴۵ع

پيارا سيد صاحب، توهان جو ۳۱- مارچ ۱۹۴۵ع وارو خط مون کي هت موڪليو ويو آهي. آءٌ هتي خصوصا مسٽر جناح جي طبع پرسيءَ لاءِ آيو هوس. سائس ڇهين تاريخ مليس. خدا جي فضل سان هينئر چاق آهي. هن کي مڪمل تندرست ٿيڻ لاءِ ڪجهه ڏينهن گهربل آهن. هيءُ ۱۱ تاريخ بمبئيءَ ويندو. ڏسڻ ۽ اچي ٿو ته مسلم ليگ جو اجلاس، سرءَ ۽ آڪٽوبر يا نومبر ۽ ٿيندو.

آءٌ پنهنجي ڪنٽب جي اونهاري جي پروگرام جو اڃا فيصلو نه ڪري سگهيو آهيان. اوهان کي چند ڏينهن ۽ اطلاع ڪندس. آءٌ سياڻي لاهور وڃي رهيو آهيان. في‌الحال ائين پيو ڏسڻ ۽ اچي ته شايد اسان مئي جي آخر ۽ ڪشمير وڃون. آءٌ ڪوشش ۽ آهيان ته سرينگر ۽ ڪا جاءِ هٿ اچي وڃي.

مون کي تمام گهڻي خوشي حاصل ٿيندي، جيڪڏهن اوهان لاهور ۽ مون وٽ رهندا.

هميشه جيان گهڻي ڪم ڪرڻ ڪري آءٌ بيچاق ٿي پيو آهيان- پر اها پراڻي تڪليف الم.

سلامن سان، اوهان جو مخلص، بشير احمد-

سيد امير حسين شاهہ، مئنيجر پاڪستان ٽائيمس، لاهور

هيءُ بٹالا جي سيد خاندان مان اعليٰ تعليم يافتہ ۽ قوم پرست ڪارڪن هو. سيان افتخارالدين هن ڪي اخبار پاڪستان ٽائيمس جو مئنيجر ڪري رکيو. جڏهن اسان لاهور ۾ نيشنل پارٽي ٺاهي، تہ ان جي دستور العمل ٺاهڻ جون ميٽنگون هن جي گهر تي ٿينديون هيون. هيءُ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر هو ۽ نيشنل عوامي پارٽيءَ جي وجود ۾ اچڻ بعد آن ۾ شريڪ ٿي، منهنجي ليڈر شپ هيٺ رهيو. جڏهن نيشنل عوامي پارٽيءَ جي ميٽنگ، خان عبدالغفار خان جي صدارت هيٺ سيان محمود علي قصوريءَ جي جاءِ تي ٿي، ۽ آن ۾ ٿن ڏينهن جي بحث بعد فيصلو ٿيو تہ جنهن صورت ۾ ريپبلڪن پارٽيءَ ڪيل عهدناميءَ مطابق ون يونٽ ڪي ڌاهڻ بابت مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ نهراءَ پاس ڪرڻ کان پوءِ ڪو عملي قدم نہ کنيو هو، ان ڪري آن جي وزرات کي ڌاهڻ گهرجي. ليڪن باوجود ان فيصلي جي سيان عبدالحميد جتوئيءَ ۽ سيان امير حسين شاهہ، پارٽيءَ جي فيصلي جي پڇڙي ڪري، ريپبليڪن پارٽيءَ کي ووٽ ڏيئي، بچائڻ جي ڪوشش ڪئي. ان مان معلوم ٿيندو تہ آن وقت نيشنل عوامي پارٽي پنجاب جا اڪثر ڪارڪن ون يونٽ ڌاهڻ لاءِ ڪو عملي قدم کڻڻ لاءِ تيار نہ هئا.

جنرل ايوب خان جي ڏينهن ۾، سيان افتخارالدين کان پاڪستان ٽائيمس اخبار سرڪار کسي، پنهنجي قبضي ۾ ڪئي، جنهن ڪري آن جو ايڈيٽر مظهر علي خان ۽ مئنيجر امير حسين شاهہ باهر نڪري ويا.

هن جي خاندان مان اسان جي مٽياري سيد حاجي فضل علي شاهہ جي شادي ڪيل آهي.

هيءُ نوجوان ۽ خوش خلق ڪارڪن هو. سندس هڪ خط ڏجي ٿو.

خط *

لاهور، ۷-۱۰-۱۹۵۶ع. پيارا سيد صاحب، آءٌ پارٽيءَ جي آڏين جون ۲۵ درافٽ ڪاپيون، مائهوءَ هٿان موڪليان ٿو. مون هن کي پنهنجي خانگي ڪم لاءِ به چيو آهي، جنهن بابت روبرو ڳالهائيندو. اوهان کي ياد هوندو ته ڪجهه ڏينهن اڳ مون اوهان جي دوست سان لاهور ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. گفتگو ۾ ڪاميابي ٿي ۽ مون سمجهيو هو ته سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويو. پر تازو هاڻ وري قير گهير ٿي آهي. حالتن اهڙو ڦيرو ڪاڏو آهي، جن مون کي شش و پنج ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. قاصد وڌيڪ تفصيل سان احوال ٻڌائيندو. آءٌ سمجهان ٿو ته اوهان جو دوست سنڌ ۾ گشت ڪري رهيو آهي ۽ ممڪن آهي اوهان سان ملاقات ڪري. آءٌ شڪر گذار ٿيندس، جيڪڏهن اوهان آن سان ملي، منهنجي ڪم جي پورائي ڪندا، چاڪاڻ ته مون کي ان ۾ ڪافي دلچسپي آهي. مهرباني ڪري ان ڪم ۾ هر ممڪن مدد ڏيندا.

اميد ته خوش هوندا.

- احترام سان، اوهان جو، امير حسين شاهه.

(۴۵)

سيد محمد قصور گرديزي

هيءُ شاهہ صاحب ملتان جي گرديزي سادات جي خاندان سان تعلق رکندڙ قومي ڪارڪن آهي. پنجاب نيشنل عوامي پارٽيءَ جي مکيہ ڪارڪنن مان هڪ آهي. هن سان منهنجي پهرين واقفيت ۱۹۵۳ع ۾ "بين الاقوامي ايڪاناڪ ڪانفرنس، ماسڪو" ۾ ٿي. پوءِ موٽندي سوئٽزرلئنڈ، فرانس ۽ انگلئنڈ ۾ ڪڏهن هٿاسون. هي اهل دل ۽ وفادار دوست آهي. مخدوم مريد حسين قريشيءَ ملتان واري جو نياڻو آهي. ڪنهن وقت نيشنل عوامي پارٽي ولي خان گروه جو مکيہ ڪارڪن هو. ان سلسلي ۾ ڪيترا پيرا سزائون به ڪائي چڪو هو.

(۱) [اردو]

ڪربلائي معلائي، ۱۸-۵-۱۹۵۲ع.

مڪرمي شاهہ صاحب، سلام و شوق! شهيد اعظم جي مزار کان ڪجهہ سو گز پنڌ تي هڪ مهمان خاني ۾ نهايت ٽٽ ڦاٽڪر سان جلوه گر آهيان. منهنجو ڪيترا دفعا خيال ڏيو ته اوهان کي ٽيليفون ڪريان پر ڪيسي ۾ صرف پنج پائونڊ وڃي رهيا آهن ۽ جئن ڏينهن جي مسافريءَ کان علاوه جهاز جي سامان جي پاڙي جو ڊپ کائي رهيو آهي. ان ڪري مجبور آهيان. سيد صاحب! اوهان ته چيو ته دوري سپ ڪجهہ وسارايو ڇڏي ٿي، پر هتي پهچي عشق جو پوت اڃا به شدت سان سوار ٿي ويو آهي. آءٌ اڃا به بارگاهہ حسينيءَ ۾ نہ ويو آهيان. ڏجان ٿو ته جيڪڏهن هتي به تسڪين نہ ملي، ته پوءِ ڪيڏانهن ويندس ۽ ڪنهن جو در کڙڪائيندس. هن جدائيءَ ته برباد ڪري ڇڏيو آهي، پوءِ جدائي ڪيئن سپ ڪجهہ وسارائي سگهندي! هاڻ ته صرف وقت جي راهہ ڏسي رهيو آهيان ته شايد وقت ڪجهہ امداد

ڪري ۽ باعث سڪون بنجي، پر حضور مون کي اها ڳالهه به ڏيندي نظر نٿي اچي. آءٌ وڌيڪ وقت گذرڻ تي به شايد وقت کان دوڪو نه ڪائي سگهان! هاڻي توهان ئي ٻڌايو ته آءٌ ڇا ڪريان؟

اوهان مسٽر جناح جهڙي ماڻهوءَ سان (جنهن کان سپ ڏڇندا هٿا) مقابلو ڪيو، ليڪن هڪ بدبخت ۽ مظلوم لاءِ ڪجهه ڪري نٿا سگهو. شايد اوهان به بيوس آهيو. مون کي ته سڄي ڪائنات بيوس معلوم ٿئي ٿي- ليڪن خدا ته بيوس ناهي، اهو ڇو نه ٿو امداد ڪري، آهو هن معاملي سان مٿي ڪٿي ڇونه ٿو وڃي؟

دوري ۽ وقت وسارائي ڇڏين ٿا! لعنت آهي اهڙي جدائيءَ تي ۽ لعنت آهي اهڙيءَ وقت تي، جو ڪنهن کان سواءِ گذري! ڇڪو! سڀاڻي شهيد اعظم جي بارگه تي دل جو بخار ڪيندس.

الله ڪري اوهان جو سفر بيخطر پورو ٿئي ۽ اوهان صاحب پنهنجن عزيزن سان خوشيءَ سان ملي سگهو- ليڪن سيد صاحب! خدا واسطي مون بدبخت لاءِ به ڪوبه ڪو طريقو سوچي ڪيو. خوش قسمتيءَ سان اوهان ڪرم فرمائي ڪئي آهي- هاڻ اوهانٿي ٻڌايو ته ٻوءِ اوهان کان وڌيڪ بهتر سوچڻ وارو ڪير ٿي سگهي ٿو! اوهان اُن کي مذاق سمجهي ٽاري نه ڇڏيندا ۽ غريب نوازي ڪري ضرور امداد ڪرڻ جو خيال ڪندا.

ـ اوهان جو مخلص، ايم - قصوري گرديزي.

[اردو] (۲)

ملتان، ۱۸-۶-۱۹۵۲ع.

محترمي شاهه صاحب، سلام و شوق! مون رات خواب ۾ ڏٺو هو ته اوهان ڪراچيءَ اچي ويا آهيو. خواب جي ڳالهه آهي، ڏسجي سچي آهي يا غلط.

از راه ڪرم، ذاڪر مشهديءَ سان گڏ ان جو فوٽو، جو اوهان وٽ آهي، سو روانو ڪندا. منهنجي صحت بدستور خراب آهي، بلڪ

وڌيڪ دورا پڄي رهيا آهن.

- اوهان جو مخلص، ايم - قصوري گرديزي -

* (۳)

ملتان، ۲۲-۱۲-۱۹۵۲ع.

پيارا سائين، اوهان جي ۹-۱۲-۱۹۵۲ع جي خط لاءِ مهرباني! آءٌ جنوري ۱۹۵۳ع جي ڪنهن به تاريخ تي ڪراچيءَ، هڪ هفتي جي نوٽيس تي اچي سگهان ٿو.

- اوهان جو وفادار، سيد محمد قصور گرديزي.

(۴) [اردو]

ڪنيس پئليس هوٽل، بغداد، ۱۹۵۳ع.

حسب عادت خط گذريل ڀن ڏينهن کان ڪيسي ۽ پيو آهي، اڄ انشاء الله پاڻ پوسٽ ڪندس. سڀاڻي جمعي ڏينهن، ۴ بجي شام K.L.M. کان ڪراچيءَ روانو ٿي ويندس ۽ رات يارهين بجي ڪراچيءَ ۽ ڪنهن هوٽل جو سهارو وٺندس. بغداد هڪ اهڙو شهر آهي، جيڪو ڀن يا ڇهن ڏينهن ۽ نهايت سٺي نموني ڏسي سگهجي ٿو، بلڪ به ڏينهن به ڪافي آهن. هتان لاءِ گهٽو پروگرام نه ٺاهجو- ها، جيڪڏهن اوهان چاهيو ته ڪربلا، نجف معلا جو چڪر- جو اڪل به سئو ميل جو سفر ٿئي ٿو- هڪ ڏينهن ۽ ٽيڪسيءَ ۽ ۱۵ پائونڊن ۽ لڳائي سگهجي ٿو. ٽيڪسي هتي تمام سستي آهي ۽ جنهن هوٽل ۽ آءٌ رهان ٿو، اُن ۽ روزانو سوا به پائونڊ ڀريان ٿو. مگر کاڌو ۽ ناشتو وغيره سڀ هوٽل جو آهي. مسٽر مصطفيٰ هتي جو پاڪستاني شاردي افيئر آهي، هڪ چاءِ اُن وٽ به پي آيو آهيان. پيو راجه محمودآباد ڪربلا ۽ رهيل هو، اُن سان به ملاقات ٿي. کاڌو هر جڳهه مفت ۽ سواري به تقريبا مفت رهي. گذارو ٿي ويو آهي. سڀاڻي هوائي اڈي تي ويندس، ڏسان آهي کهڙي کل ٿا لاهين. اکيلائيءَ ۽ خوب

مزي سان ڳائيندو آهيان ۽ ڪنهن ڪنهن وقت تہ اهو محسوس ڪريان ٿو تہ خاندان گرديز سان نہ پر ڪالو قوال جي خاندان سان تعلق رکندڙ آهيان. خير زندگي آهي- جا گذري رهي آهي.

تعريف اس خدا کي جس نے زمين بنائي-

جيڪڏهن اوهان خراب نہ سمجهو تہ "پرديس جي هڪ رات" بڌي وڃو. هونءَ تہ مون اڳ ئي عرض ڪري ڇڏيو آهي تہ اهڙا فرسوده خط ڪڏهن به نہ لکندس.

پرديس کي ايک رات

پرے اشجار کے سائے گھنيرے هوتے جاتے هيں
مسلط آستانوں پر اندهيرے هوتے جاتے هيں
روانی نيل کی لحظہ بہ لحظہ تهمتی جاتی ہے
کنارے پر ملاحوں کے بسيرے هوتے جاتے هيں
اداسی چارسُو لمحہ لمحہ چهائی جاتی ہے
ذهن ميں ياد رفتہ چپکے چپکے آتی ہے
دل ناشاد کی رفتار مدهم هوتی جاتی ہے
نظر کی روشنی هر آن کچهہ کم هوتی جاتی ہے
مجهے محسوس هوتا ہے مقدر سونے والا ہے
خدايا آج کی شب دير ميں کيا هونے والا ہے
اندهيرے هی اندهيرے ميں وہ مست ناز آئيگی
جلو ميں ميرے درد زيست کا سامان لائيگی
مجهے تاريکيوں ميں کس طرح سے ڈهونڈه پائيگی
فقط اک بيوفا کا لفظ کهہ کر لوٹ جائيگی
سنا ہے نيل کے اُس پار اب تک بهي اُجالا ہے
مرا محبوب شايد اس طرف سے آنے والا ہے
جهاں تک هوسکے گا روشني کے ساتهہ دوڑوں گا
پہ تاريکي ميں تيری جستجو هرگز نہ چهوڑوں گا
خدايا اس زمين و آسماں کے
خدايا!

هڪ خط ۾ پورو ٿي ويو ۽ پرديس جي هڪ رات ۾ ختم ٿي. هاڻي ان کان وڌيڪ اوهان کي کهڙو تنگ ڪريان. هاڻي اجازت گهران ٿو- خدا اوهان جي 'ٽريولرز چيڪس' ۾ برڪت ڏئي.

- اوهان جو محمد قصور گرديزي.

(۵)

[اردو]

۱۲- سول لائينز، ملتان، ۷-۱۱-۱۹۵۵ع

محترم المقام سيد صاحب، سلام و شوق. اڄ ۱۹۵۲ع جي ڊائريءَ جا پنا اُلٽائيندي، حادثن ۾ واقعن جي خاڪي ۾ اوهان جي اُڊيس نظر مان گذري. اوهان جون ڪرم نوازيون ذهن ۾ اڃاگر ٿيون. اوهان چا ڪلندا، آءٌ خود به '۵۲ماڊل' قصور گرديزيءَ کي جڏهن مڙي ڏسان ٿو تہ خوب ڪلان ٿو. اوهان کي ياد آهي تہ اوهان ۾ پرڳڙي صاحب وعدو ڪيو هو تہ اوهان گهوڙيسوار ماٺهو روانو ڪندؤ، جو ايڏي مسافري طئي ڪري اڇي منهنجي مدد ڪندو ۽ آءٌ سڀ ڪجهہ سمجهندي به بي عقل هئس، جو سوچيو هئم تہ شايد سنڌ جا جاگيردار راجپوتاڻ جي راجپوتن کان به وڌيڪ وعدي جا پڪا ٿيندا آهن- ڪجهہ ڪجهہ يقين ڪري ونڊندو هوس. خير! اوهان وعدو ڪيو هو ٿہ ملتان اينداسون، مگر اٽين نہ ٿيو. آءٌ ڪجهہ پيرا ڪراچيءَ آيس، پر اوهان يا تہ جيل ۾ هئا يا ڪوٽ- هر پيري ڪارڊ ڇڏي واپس ٿيندو رهيس- خدا جاڻي اوهان کي ملڻا به يا نہ؟ سال ۾ هڪ پيرو ضرورلکندا ڪريو.

توهان کيترا به Serious سياستدان هجو، مون کي ان سان ڪوبہ واسطو نہ آهي، مون فيصلو ڪيو آهي تہ آءٌ اوهان کي فيض جا شعر ٻڌائي ٿي رهندس- ٻڌو

آ ڪہ وابستہ هيں اُس حسن کي يادیں تجھ سے
جس نے اس دل کو پريخانہ بنا رکھا تھا
جس کي اُلفت ميں بھلا رکھي تھي دنيا ھم نے
دھر کـــو دھـر کا افسانہ بنا رکھا تھا

تجھ سے کھیلی ہیں وہ محبوب ھوائیں جن سے،
اُس کے ملبوس کی افسردہ مہک باقی ہے۔
تو نے دیکھی ہے پیشانی و رخسار و ہونٹ،
زندگی اِن کے تصور میں لٹادی ہم نے۔
تجھ پہ اُٹھی ہیں وہ کھوئی ہوئی ساحر آنکھیں،
تجھ کو معلوم ہے کیوں عمر گنوادی ہم نے۔

جيڪڏھن اوھان کي ڏنو، تہ آءٌ سمجھندس تہ مون ھڪ ڪامياب خط لکيو آھي.

ـ قصور گرديزي

[اردو] (٦)

ملتان، ۱۲-۱۱-۱۹۵۵ع

ڪرمفرماي بنده! سلام و شوق! اوھان جو چين مان نوازھناسو ملبو. قدري بيچيني محسوس ڪيم. ليڪن طبيعت ٺي تہ آھي، آخر سنپالي ٻہ وڃي ٺي. جيڪڏھن سچ پچو تہ مون لاءِ اوھان ڪراچيءَ ۽ آھيو، تڏھن ٻہ چين ۽ آھيو. چو تہ اوھان ايترو وقت ياد نہ فرمايو ۽ آءٌ اوھان جي لنڊن جي آخري فقري ٺي عمل ڪندي، خاموش رھيس. اوھان کي ياد ھوندو تہ اوھان فرمايو ھو تہ "جيستائين ڪو ٻاڻ خواھش نہ ڪري اڳتي وڌڻ نہ گھرجي." اھو فقرو اوھان پرڳڙي صاحب کي تصوير ڏسڻ جي سلسلي ۾ فرمايو ھو. اوھان ايترو وقت ياد نہ ڪيو ۽ آءٌ مجبوراً نيازمنديءَ جو اظھار نہ ڪري سگھيس.

ٻي ڳالھہ ڏجي ڏجي عرض ڪريان تہ ليڊر حضرات ۽ وڏن ماڻھن سان موجوده دور ۾ ڪوڙ ماڻھو محبت ڪندا نظر اچن ٿا. ليڪن مون ان ڏپ کان تہ ڪٽي غلط نہ سمجھيو وڃان، ھمت تہ ڪٽي. گذريل ڏڻ سالن کان منھنجو سوٽ (Cousin) وزير صنعت پنجاب آھي ۽ ايتري عرصي کان سڀاڻ افتخارالدين سان چگا موچارا

لاڳاپا آهن، ۽ اڄ تائين مون انهن کي ڪو سفارش ۽ تڪليف نه ڏني آهي. ان ڪري اوهان کي گذارش آهي ته اوهان تڪليف کان سواءِ مون کي ڪڏهن خط لکي، پنهنجي خيريت کان واقف ڪندا رهندا. آءٌ ڪنهن قسر جو بوجهه نه ٻنجندس. خدا اوهان کي بام عروج تي پهچائي. اها خوشي ۽ ڪا گهٽ آهي؟ آءٌ هنن لفظن جي معافي گهران ٿو. اميد ته هڪ اهل دل هٿ جي حيثيت ۽ اوهان ان کي منهنجي قلندري ڪاتي ۽ وجهندي، معاف ڪندا.

يقينا اوهان کي اهو ٻڌڻ جو شوق هوندو ته آءٌ هينئر ڪيئن آهيان! ته زيب داستان لاءِ عرض ڪندو هلان، ته آءٌ هن وقت لنڊن کان ۴۰ پائونڊ وزن ۽ گهٽ آهيان. ڊرگري صاحب کان ڪجهه ٽلهو ۽ اوهان کان ذرا سنهو آهيان. Vitamins باقاعدي کائيندو آهيان ۽ هفتي ۽ ۾ ڀيرا ڊاڪٽر کان معائنو ڪرائيندو آهيان. دماغ جو توازن ڪافي حد تائين اعتدال ۽ آهي. لنڊن کان ولي اڄ تائين، حڪومت جي تجارتي پاليسيءَ هيٺ اڌڪل ٦٦ هزارن جو خسارو (ڪوٽ) ڪري چڪو آهيان. موٽر، گهر وغيره اڃا بچيل آهن. پروگرام مطابق جنوري، فيبروريءَ تائين انشاء الله ڪاروباري لحاظ کان وري مستقل ڪرائونڊ بنائي وٺندس. وڌيڪ ڇا عرض ڪريان؟ اوهان جي وس جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ جيڪڏهن مون کي خبر هجي ها ته اوهان چين وڃي رهيا آهيو، ته آءٌ دوستن جو دعوت نامون ضرور قبول ڪريان ها. مگر اوهان جي وڃڻ کان پوءِ اوهان جي خبر ملي. افسوس! اوهان اڳ ياد نه فرمايو، نه ته ڪيٽ لاءِ قرض ۾ ڪٽي وڃان ها.

ها ــ هتي هيءَ عرض ڪندو هلان ته جيئن اوهان مسڪرايو ۽ دل جي اونهاين ۽ ٻڌي سگهو. مون هڪ ڀيرو تي ڪنهن سرمائيدار ملڪ جي مهر ڏني ۽ هڪ شعر بيساخته چئي ڏنو. اوهان ۾ ٻڌي ڇڏيو.

چاند کی مخلوق نے بھیجا ہے الفت کا پیام،
المدد اے جذبۂ دل المدد اے دور جام!

هيءَ چئي مون کي ڪجهه ڏينهن ٽيا ٿہ ملي. عدا جاڻي ڪنهن لکي هوندي ۽ ڪيئن لکي هوندي. مون کي ياد آهي، جيڪڏهن مون کي لکڻ واري جي ائڊريس معلوم هجي ها ته مان غالب جو هيئيون شعر لکي موڪليان ها:

غالب خستہ کے بغیر کون سے کام بند ہیں،
کیجیے ہائے ہائے کیوں! ہوئیے بیقرار کیا!

اڇڪلهه ملتان جي موسم سٺي آهي. جيڪڏهن وقت مليو ته ڪڏهن هن طرف به اينداء. اڳڙوس ۽ چين واري ڳالهه ته ملتان ۾ نه آهي، تڏهن به بابا فريد شڪرگنج جي عنايتن سان سٺو وقت گذري سگهي ٿو. اوهان جي رڪارڊنگ مشين جو ڇا حال آهي؟ اوهان عام طرح ڇوٽ رهو ٿا يا ڪراچيءَ ۾.

پرڳڙي صاحب جيتوڻيڪ سوشلزم جي بحث مباحثي ۾ مون کان ڪجهه رنجيدو ٿيندو هو، ۽ آڻ ڪم بخت به سندس صحت جو خيال نہ ڪندي، ساڻن خواه مخواه بحث ڪندو هئس ـ جيڪڏهن ڪٽي ملي وڃيوَ ته منهنجا سلام ڏجون.

آڻ انشاء الله اميد ته هن مهيني جي پچاڙيءَ ۾ ڪاروباري سلسلي ۾ ڪراچيءَ ايندس ته سندن خدمت ۾ سلام پيش ڪندس. پرڳڙي صاحب جي ٻئي عزيز کي به منهنجا سلام پهچائيندا ته بهتر ٿيندو.

ـ نيازمند، محمد قصور گرديزي

(۷) [اردو]

۱۰-۳-۱۹۵۶ع، مڪرمي سيد صاحب، سلام! پاڪ سوويت انسوسيئشن جي اڻجڻا ماڻي. مون کي افسوس آهي ته هن مهيني جي ۱۵ تاريخ خدمت ۾ حاضر ٿي نہ سگهندس، چاڪاڻ ته ڪجهه ڏينهن

کان هٿي جون حالتون بهتر ٿي آهن. غير ملڪن کان منهنجو سال ڪراچيءَ پهچي چڪو آهي. ان سلسلي ۾ مون کي هفتي ڏهن ڏينهن تائين ڪراچيءَ اچڻو پوندو. اميد ته اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿي، ملاقات جو شرف حاصل ڪري سگهندس. عوامي پارٽيءَ متعلق مبارڪباد قبول فرمائيندا. جيڪڏهن ٿي سگهي ته سوٽ ۾ منشور روانو ڪندا.

غير دوران ۾ غير جانان جا گهٽا قصا آهن، جيڪي اوهان جي حضور تائين پهچائڻا آهن. توهان شايد بدلجي ويا هوندا، پر مون کي يقين آهي ته آڳ اوهان کي ساڳيو مشفق پائيندس. سياسي طور مون کي ڪجهه ائين محسوس ٿي رهيو آهي ته پنجاب جي آزاد پارٽيءَ جو منشور گهڻو ڪري جداگانه نه هوندو. انشاء الله مارچ ۾ ٿي نماز جو شرف حاصل ڪندس ۽ چين جون گهاٽيون پڌندس.

- اوهان جو، محمد قصور گرديزي

(۴۶)

مسٽر الطاف حسين، ايڊيٽر "ڊان"

هيءَ اصل بنگال جو ويڙهل، نهايت سٺو ليکڪ هو. هن‌کي پهرين دهليءَ ۾ هفتيوارروزاڻو (Dawn) جو ايڊيٽر ڪري رکيو ويو. پوءِ جڏهن پاڪستان ٺهڻ بعد Dawn اخبار ڪراچيءَ ۾ شروع ٿي، تڏهن هيءَ ان جو ايڊيٽر رهندو آيو. ڪٽر قومي پرست هو. ۱۹۴۸ع ۾ هندن جي جبڪا ڪراچيءَ ۾ قرلٽ ڪئي، ان ۾ پڏڻ ۾ ڪي آيو تڏهن جو به هٽ ۾ ساز باز هئي.

جڏهن کان ولي منهنجو مسلم ليگ ۾ جناح سان اختلاف ٿيو تڏهن هيءَ مسلم ليگ طرف رهي، منهنجي مخالفت ڪندو رهيو. ڪڏهن ڪڏهن ملڻ ٿيندو هو. سندس بنگلو، ڪراچيءَ ۾ منهنجي بنگلي جي سامهون اولهه طرف هو.

آخر ۾، جنرل ايوب جي ڏينهن ۾، هيءَ مرڪزي حڪومت جو وزير ٿيو. جنهن عهدي تي رهندي، وفات ڪري ويو.

سندس حڪ خط ڏجي ٿو:

خط ۵

ڪراچي، ۳۱- مارچ ۱۹۵۱ع.

پيارا سائين، اوهان جو ۳۰ تاريخ وارو خط پهتو. آءٌ مصر جي ڪشت تي وڃي رهيو آهيان، جتان موٽڻ بعد اوهان جو خط PNEC ڪراچي ڊسڪشن سرڪل جي اڳيان رکندس، ۽ ان جي فيصلي جو اوهان کي اطلاع ڏيندس.

- اوهان جو مخلص، الطاف حسين.

(۴۷)

خان عبدالولي خان

هيءَ خان عبدالغفار خان جو ٽيون نمبر فرزند آهي. پهرئين نمبر جو نالو عبدالغني خان ۽ ٻئي جو عبدالعلي خان آهي.

پهريون ڪجهه وقت سياست ۾ رهي، پوءِ خانگي معاملن سبب رٽائر ڪري ويو. ٻيو منڊ کان ولي تعلم ڪاتي ۽ ملازم رهيو آهي. خان عبدالغفار خان جي فرزندن مان عبدالولي خان ئي آهي، جنهن سياست ۾ حصو ورتو ۽ خان بادشاهه جي افغانستان وڃڻ بعد "نيشنل عوامي پارٽي" جي واڳ سنياڻي ڪئي.

هيءَ سياست عمليءَ جو پوئلڳ رهيو آهي، ان ڪري حسين شهيد سهرورديءَ وانگر هن جي دماغ ۾ اها ڳالهه ويهي ويل آهي، ته پاڪستان جي سياست ۾ مستقل مفاد حاوي آهي، ان ڪري ڪوبه ڪم انهن جي ناراضگي حاصل ڪرڻ بعد حاصل ڪري نه سگهندو، ان ڪري بنيادي اصولن کي ڪهٽ وڌ ڪري به هن ڪم هلائڻ گهرجو آهي.

خان عبدالغفار خان لاءِ ٻي انتها عزت هڪ سبب، جڏهن به هيءَ ڪراچيءَ ۾ اينڊو رهيو، آءٌ سندس خاطر تواضع ڪندو رهيو آهيان. پر تجربي بعد معلوم ٿيو ته هيءَ پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلي، سياست کي صاف بنيادن تي هلائڻ لاءِ تيار نه هو. ۱۹۷۰ع واري چونڊن کان اڳ اسان سنڌ ۾ جدا "سنڌ متحده محاذ" ٺاهي ڪم هلايو ۽ ڪوشش ڪئيسون ته پين ننڍين صوبن (سرحد ۽ بلوچستان) ۾ به اهڙا متحده محاذ ٺهن. پر عبدالولي خان ۽ بلوچستان جي قومپرستن اها ڳالهه ناپسند ڪري، آل پاڪستان پارٽيءَ جي

بنياد تي، نيشنل عوامي پارٽيءَ کي قائم رکيو. جڏهن شيخ مجيب‌الرحمان کي مشرقي پاڪستان (بنگلاديش) ۾ اڪثريت حاصل ٿي هئي، تہ هن ڪن مصلحتن جي مدنظر ان سان ناهہ نہ ڪيو. ٻيتوڻيڪ شيخ مجيب الرحمان چهن نقطن وارو فائدو سندس فرنٽيئر ۽ بلوچستان کي ۽ ولي ڏيڻ لاءِ تيار هو، ناهہ نہ ڪرڻ لاءِ ولي خان جا ڪيترا دليل هئا، تہ صوبن کي ٽيڪسن وڌهڻ جو اختيار نہ هجي، ۽ هڪ صوبي مان ٻئي صوبي ۽ پنسن جي منتقليءَ تي بہ بندش نہ هڻڻ گهرجي. جنهن مان مون کي معلوم ٿيو تہ حڪمران مستقل مفاد ۽ پنهنجا مستقل مفاد ساڳيا هڻڻ ڪري، هن اها راهہ اختيار ڪئي هئي.

هن بلوچستان ۽ سرحد جي صوبائي حڪومتن جي مسئلي کي پٽي حڪومت سان ناهہ هڪ طرف ڪيو تہ ٻئي طرف مرڪز ۽ جماعت اسلامي، مسلم ليگ ۽ ٻين گروپن سان گڏجي محاذ ناهي، پٽي حڪومت جي غلط بنيادن تي مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي. هن ٻيهار پارٽيءَ جي حڪومت طرفان تيار ڪيل پاڪستاني آئين تي صحيح ڪئي، جنهن ۾ ڇٽن قومين جي فطري وجود کان انڪار ڪيل هو، قومي زبانن (سنڌي، باوچي، پشتو ۽ پنجابيءَ) کي رٽي اردو کي قومي زبان بنايو ويو هو ۽ سڀ اختيار مرڪز کي سونهيل هئا جن مهاجرن جي رضامندي لاءِ مشرقي بنگال جي سانجهي کان پوءِ ٻهارين کي مغربي پاڪستان اچڻ تي خوش آمديد چيو، جيتوڻيڪ هن اهو چاتو ٿي تہ اهو سڄو نزلو سنڌ تي ڪرندو. هن سڄيءَ مخالفت جو بنياد ٻيلز پارٽيءَ جي اڳواڻ ذوالفقار علي ٽٽي جي شخصيت خلاف بنايو. آهستي ٿي ڪري ٽٽي صاحب سائس ڪيل صوبائي ناهہ ختم ڪري، نيشنل عوامي پارٽيءَ جون حڪومتون ٽوڙي، پنهنجون حمايتي حڪومتون قائم ڪيون، ۽ ان بعد نيشنل عوامي پارٽيءَ تي بندش وجهي، عبدالولي خان ۽ سندس ساٿين کي گرفتار ڪرائي، مٿن بغاوت جو ڪيس هلايو. هيءَ ٻيڙيءَ سوڌو

پاڪستان جي بڪجهتيءَ ۽ سالميت جو راڳ گائيندو وتيو، ليڪن باوجود ان جي حڪومت مواد ڪلو ڪري، مٿس بغاوت جو ڪيس هلايو.

ڪاش! هيءَ خان عبدالغفار خان وانگر ڪليو ڪلايو پاڪستان جي لنڊن ۾ مظلوم صوبن جي نجات جي گفتگو ڪري ها، ته تاريخ ۾ سندس نالو نمايان لکيو وڃي ها. باوجود اُن جي، خان غفارخان جي فرزند جي ناتي هيٺ، اسان جون همدرديون ۽ دعائون سائس هاڻل حال آهن.

(۱)

۷- جولاءِ ۱۹۵۶ع.

منهنجا پيارا سيد صاحب، منهنجي تار جي موٽ ۾ اوهان جي موڪليل تار لاءِ مهرباني. آءٌ اوهان سان ٽيليفون تي ملي ڪوڙ سگهيس، ڇاڪاڻ ته تار ڏير سان پهتي هئي.

هروعات ۾ مون نه ٿي ڪهريو ته اوهان کي عرض ڪريان ته بروهيءَ کي ڪيس ڪٿي لاءِ ڇڏو، ڇاڪاڻ ته بروهيءَ کي اهو چوڻ هاڻان خان نه هو ته اسپيشل مئجسٽريٽ (جو ڪليڪٽر جي گريڊ جو آهي) وٽ هلي وڪالت ڪري. پر هن وقت مغربي پاڪستان سرڪار ڪيس هاءِ ڪورٽ ۾ تبديل ڪرڻ جو حڪم ڪيو آهي. ان ڪري ٿي مون اوهان کي بروهيءَ سان ملڻ لاءِ تار ڪئي. آءٌ اها ڳالهه اوهان کي ذهن نشين ڪرائڻ ضروري نٿو سمجهان ته هن خاص ڪيس جي فيصلي تي ملڪ جي آئيني حقن واري اهم ۽ مڪمل اصول جو مدار آهي. خصوصاً بادشاهه خان جي خواهش آهي ته ون يونٽ ۽ لنڊن صوبن جي حقن بابت ڪيتري قدر آزادي آهي ان جو فيصلو ٿي وڃي.

هيءَ چاهي ته ٿو اهو ڪيس سنڌ جو مڪمل وڪيل بروهي هٽ ۽ ڪٽي. اوهان کي اها خبر پڌايان ٿو. مهرباني ڪري جواب موڪلينداٿ ته اوهان بروهيءَ سان چا ڳالهايو؟

جڏهن ڪيس هاءِ ڪورٽ ڪنڊي تہ اهڙو اطلاع روانو ڪندس. بروهيءَ کي ب اطلاع ڪجو.
ـ ولي خان

[تار] (۲)

۱۰ـ جولاءِ ۱۹۵۶ع. عنوائي [بادشاهه خان جي ڪيس جي]
۲۳ تاريخ لاهور ۾ مقرر ڪئي ويئي آهي. تار رستي جواب ڏيندا تہ بروهيءَ سان ڪٿي ۽ ڪڏهن ڪاغذ ڪٿي ملجي؟
ـ ولي خان

[تار] (۳)

۹ـ نومبر ۱۹۵۶ع. جي. ايم. سيد، مسلم ڪالوني ڪراچي.
۱۳ـ تاريخ جي ميٽنگ مهمل ڪئي ويئي آهي.
ـ ولي خان

(۴۸)

سيد ذاڪر علي، آگرو

سيد ذاڪر علي پراڻو علافتي ڪارڪن هو. پوءِ مسلم ليگ ۾ شريڪ ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. يوپي مسلم ليگ جو جائنٽ سيڪريٽري ٿي رهيو. آزاد خيال ماڻهو هو. منهنجو سائس لاڳاپو مسلم ليگ ۾ هڻڻ وقت پيدا ٿيو، جو هلندو آيو. سندس هڪ خط هت پيش ڪجي ٿو.

[اردو]

لوري دروازو، آگرو. ۳۰- مئي ۱۹۵۱ع.

مڪرمي سيد صاحب، السلام عليڪم! اميد ته اوهان خيريت سان هوندا. ڪجهه عرصي کان ملڻ ته پري رهيو، پر خط به لکي نه سگهيو آهيان. جيترپقدر ياد اٿم ته اوهان سان آخري ملاقات ڪراچيءَ ۾ ٿي هئي، جڏهن مون صوبائي مسلم ليگ جي آفيس جو معائنو ڪيو هو. ان کان ٿورو وقت پوءِ اسان ۾ اوهان جي دنيا جدا جدا ٿي ويئي ۽ جيڪي ملڻ جاڻ جون سهوليتون هيون، ڪنجي ويون. مون پنهنجي عادت پٽاندر پراڻن دوستن کي خط لکيا، پر ڪن ٿورن کان سواءِ ڪنهن وٽان به جواب نه آيو: ان مايوسيءَ سبب مون اوهان کي ڪو خط نه لکيو. مگر ان سڄيءَ ڳالهه جو ڏوهاري پاڻ کي سمجان ٿو.

آڱ هن سالن کان وڌي نظر جي ڪمزوريءَ ۾ مبتلا آهيان. موتيا بند جي تڪليف هئي. هڪ اک جو آپريشن ڪرايم، پر ناڪامياب ٿيو، ۽ هن وقت بيءَ اک جو آپريشن ڪرايو اٿم. هن آپريشن کي ڪامياب ٻڌايو وڃي ٿو. مگر جيسين تائين عينڪ تيار

نہ لڳي، لکڻ پڙهڻ جي جهل آهي. هفتي ڏهن ڏينهن ۾ عينڪ تيار ٿي ويندي. انشاء الله ايندڙ خط پاڻ لکندس.

منهنجي هڪ دوست جو بٽ شرافت الله ڪراچيءَ پهچي ويو آهي. سندس خط مان معلوم ٿيو ته اوهان ان سان شفقت سان پيش آيا آهيو. ان ۾ ان کان‌پوءِ اوهان جيڪا شفقت فرمائيندا، ان جو شڪريو ادا ڪريان ٿو.

مٿئين چوڪر کي ڪجهه اک ڏيکارج ته جو ڪجهه ڪمائي، ان کي اڏائي نہ ڇڏي، پر پنهنجي پوڙهي پيءُ ۽ ماءُ جي خدمت ۽ ننڍين پائرن جي ضرورتن جو خيال رکندي، ڪجهه بچائيندو رهي. ان کان سواءِ اوهان کي هڪ تکليف ميءَ ۾ ڏيڻي آهي ته عزيزم شرافت الله جي ننڍي ڀيڻ به اڻي آهي، جنهن سان سندس مڙس بدسلوڪي ڪري ٿو. مڙس جو تفصيلي پتو شرافت الله اوهان‌کي ٻڌائيندو. اوهان ڪنهن پنهنجي دوست وسيلي، جنهن جو هن معصوم جي زبان نياڻيءَ جي مڙس تي اثر هجي، انتظام ڪرائجو، ته جيئن هو اڳتي لاءِ بد سلوڪي نہ ڪري. ان جو آءٌ اڪوات شڪريو ادا ڪريان ٿو ۽ اميد ته اوهان قبول ڪندا. سيد صاحب! جيتوڻيڪ هن وقت اوهان ۽ اسان جي دنيا ڏار ڏار ٿي ويئي آهي، پر اسان جو تعلق ايتريقدر ته موجود آهي ۽ رهندو، ته اسان توهان جي دنيا جا دعائو آهيون ۽ چاهيون ٿا ته اها اهڙي بنجي وڃي، جنهن جو اسان عالم اسلام سان وعدو ڪيو هو.

هيءَ عجيب معاملو آهي ته جيڪو جوش ۽ جذبو محڪوميءَ جي زماني ۾ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ هوندو آهي، اهو آزاد ٿيڻ بعد گهٽجي ويندو آهي، ۽ اها گاله ذهن مان وسري ويندي آهي ته آزاد ٿيڻ بعد ڪافي ڪجهه تعمير رهيل آهي. آزاديءَ مان ايترو ته فائدو ضرور رسيو آهي، ته ان تعمير لاءِ موقعا پيدا ٿي ويا آهن، پر تعمير رهيل آهي. آزاديءَ کان پوءِ عهدن ۽ منصبن لاءِ جيڪا ناگريز خواهش ٿيندي آهي، اها دل ۽ دماغ تي اهڙي مسلط ٿي

ويندي آهي، جو تعبير جو خيال بس پشت رهجي ويندو آهي. اوهان ماڻها الله مڪرن مان آهيو ۽ مون کي اميد آهي ته توهان غور ۽ فڪر سان انهن لاينحل عقدن (نه حل ٿينڊڙ مسئلن) کي هوش اسلوبيءَ سان حل ڪندا.

نه معلوم شيخ عبدالمجيد صاحب جن ڪٿي آهن؟ جيڪڏهن سائن ملڻ ٿئي ته منهنجا کين سلام عرض ڪندا. ان کان سواءِ، هن دنيا ۽ تمام ٿورا اهڙا ماڻهو هوندا، جن کي اها جاڻ هوندي ته الهآباد جي هڪ وڏي جلسي ۽ ان منزل جو وڏو مرحلو شيخ عبدالمجيد طئي ڪيو هو.

اميد ته اوهان مون پاران منهنجن پراڻن دوستن کي سلام چوندا. ۽ پنهنجي خيريت کان ضرور باالضرور مون کي آگاهه ڪندا ته جيئن هڪڙي جي خيريت معلوم ڪي سگهي. جيڪڏهن اوهان کي خبر هجي ته مڪرمي سيد علي محمد شاه جو پتو مون کي لکندا. هو گذريل سال ا ان جي صوبي ۽ آيو هو ۽ سائن ملاقات ڪي هئي.

ـ والسلام، سيد ذاڪر علي، ايم. ايل. اي.

(۴۹)

محمد حسين عنقا بلوچ

هيءَ صاحب بلوچستان جي مکيہ قومي ڪارڪنن مان آهي. ڪو وقت اڳ انهيءَ سان ملي ۽ ڪيترا ڀيرا جيل بہ ڪاٽي آيو آهي. نيشنل عوامي پارٽيءَ لهڻ بعد ان جي مرڪزي ڪاميٽيءَ تي هيءَ ميمبر هو ۽ ڪيترا ڀيرا فرنٽيئر ۽ پنجاب جا ڪڏجي دورا ڪياسون، سندس ۽ سون سان اڪثر اڃي ملندو جلندو هو.

خان قلات ۽ شهزادي عبدالڪريم وارن سان خاص تعلقات هئس. بلوچستان جي آزاديءَ جي تحريڪ هلائي، خان قلات جيڪا قيري ڪاڌي هئي، ان تي هن هڪ دردناڪ مرثيو بلوچيءَ ۽ لکيو هو. هيءَ بلوچيءَ جو سڀ کان وڏو شاعر آهي، سندس ڪجهہ خط هيٺ ڏجن ٿا.

[اردو] (۱)

۱۵-۸-۱۹۵۵ع. محترم جي. ايم. سيد صاحب، السلام عليڪم.

اخبارون، ڪاڏين جي رستي خراب هڻڻ ڪري، پوري وقت تي نہ ٿيون ملن. اڄ ۹/۸ جي "امروز"، لاهور ملي، جنهن ۽ خبر هئي تہ سڀ جماعتون هڪ محاذ بنائي رهيون آهن.

انهن ۽ 'سرخپوش'، 'عوامي محاذ' ۽ 'استمان گل' بہ شامل آهن. ۹/۳ تي ڪنوينشن ڪوڏايو ويو آهي. مهرباني فرمائي، ان جي تفصيل کان آگاهہ ڪندا تہ جيڪڏهن واقعي ۹/۳ تي ڪنوينشن آهي تہ ڪٿي؟ ڪراچي ۽، لاهور ۽، پشاور ۽؟ مجبوري بي ڪالهہ آهي، نہ تہ موسم جي لحاظ کان ڪوئٽا ۽ ڪراچي (جيڪو مرڪزي هنڌ

آهي) بهتر ٿيندو. 'استمان گل' جي نمائندگيءَ جو تعداد، ۽ ايجنڊا جاڻڻ ته ضروري آهن، ته جيئن جماعتي طور ان ڏي بحث ڪيو وڃي ۽ نمائندا چونڊيا وڃن.

هيءَ اطلاع جيترو جلد ڏيئي سگهو، ڏيندا. اسان جا ميمبر هري پري رهن ٿا، سواريءَ جون سهوليتون گهٽ آهن. پوسٽ ۽ تار جو انتظام بنهه نه برابر آهي. انهن سيني کي گڏ ڪري، ۽ گالهيون ٻوليون ڪرڻ بعد فيصلو حاصل ڪرڻو پوندو. جيئن ته آءٌ سچ ۽ رهان ٿو، پر محض ان ڪري لاءِ ۲۰/۸ تي ڪوئيٽا وڃي رهيو آهيان. ۲۰/۸ تائين اوهان جو تفصيلي خط اچڻ گهرجي. آءٌ اڄ ئي شهزادي عبدالڪريم خانصاحب ڪي، جو قلات جي ڇوٽ سري ميل هليو ويو آهي، خط لکي رهيو آهيان. اهو به ۲۰/۸ تائين ڪوئيٽا پهچي ويندو.

انڊريس: محمد حسين عنقا، معرفت اخبار "تنظيم"، ميراحمد خان روڊ، ڪوئيٽا.

[اردو] (۳)

۱۷-۲-۱۹۵۶ع. محترم جي. ايم. سيد صاحب، السلام‌عليڪم.

اوهان جي تار ۽ ٻيئي خط مليا. آغا صاحب کي اطلاع ڪيو ويو. سيٽ رزرويشن لاءِ تڏهن کان ڪوشش جاري هئي، جا مشڪل سان ڪلهه رزرو ڪرائي ويئي آهي. سيائي ۱۸/۲ تي هتان روانگي آهي. ۱۹/۲ تي ڪراچيءَ پهچنداسون. تار جاڻي واڻي نڏو ڪريان. خط لکي رهيو آهيان. ان جي ضرورت به ان ڪري ٿي ته جيڪڏهن ڪراچيءَ کان پشاور لاءِ سيٽ رزرو ڪرائڻي پوي ته اوهان هاڻي ئي ڪرائي ڇڏيو. اسين به آهيون ـ هڪ آغا صاحب ۽ ٻيو مان. آءٌ ڪوشش ڪندس ته ۱۹/۲ تي ئي اوهان سان ملان. ممڪن آهي جي نه ملي سگهيس، ته هيءَ خط ان کميءَ کي پورو ڪري

ڇڏيندو. آغا صاحب شايد منڪسي هائوس، گارڊن ويسٽ، بنگلي ۱۳۳، ۽ رهندو.
- عنقا بلوچ.

[اردو] (۳)

۲-۵-۱۹۵۶ع. محترم سيد صاحب، السلام عليڪم.

اوهان اتي موجود هجو ۽ اسيمبليءَ جي ڪارروائي پشتو ۽ سنڌيءَ ۽ چپجي، پر بلوچيءَ ۾ نه؟ اسان ته اوهان کي پنهنجو نمائندو ٻين کان وڌيڪ سمجهون ٿا. ۽ اوهان کي ڇڪيءَ طرح عام آهي ته آغا صاحب انهيءَ احتجاج جي پيش نظر ڪراچيءَ ۽ پشاور اچڻ کان لهرائيندو هو. ان جي قوم ۽ زبان کي (جيڪڻ ته اها جدا آهي) جدا تسليم ڪرڻ گهرجي.

اوهان کي هي ٽي ڪم ڪرڻا آهن. آءٌ بلوچستان ۽ ڪراچيءَ جي بلوچن کي جدا لکي رهيو آهيان، پر اهي سڀ نوان آهن.

هڪ ته اسيمبليءَ جي ڪارروائي پشتو ۽ سنڌيءَ سان گڏ بلوچيءَ ۾ چپجڻ گهرجي. جيڪڏهن هن وقت انتظام نه آهي ته انتظام ڪيو وڃي. پوءِ ٻي سهي، پر منظور ته ٿي وڃي!

ٻيو ته بلوچي زبان کي اسڪولن ۾ رائج ڪيو وڃي، جيڪڻ پشتو ۽ سنڌي آهن.

ٽيون ته هن بجيٽ سيشن ۾ بلوچستان کي جدا ريڊيو اسٽيشن ڏني وڃي، غالباً اها اسڪيم اڃ ٿي حڪومت جي غور هيٺ آهي.

آغا صاحب تي ضلعي قلات جهالاوان ۾ وڃڻ تي ۽ (۱) الف- بلوچستان ببلڪ سيفٽي ريگيوليشن هيٺ، ڊپٽي ڪمشنر بندش وجهي ڇڏي آهي.

- ۵/۶ تي اسان جماعت استمان گل جي گڏجاڻي سڏائي آهي. غالباً ان حڪم جي پڇڙي ڪڍي ويندي. آغا خان تي پابندي

چو، جڏهن ته بادشاهه خان تي نه آهي؟ آغا صاحب جو جهالاوان وچڻ ايترو غير فائديمند نه آهي، جيترو ان کي روڪڻ نقصانڪار آهي. جهالاوان جي حيثيت ۽ردار عطاء الله خان مينگل چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو، جو ان علاقي جو رهڻ وارو آهي، ان کان بچي سگهو ٿا. بهرحال، اها پابندي هٽڻ گهرجي.

ـ محمد حسين عنقا، معرفت "تنظيم"، مير احمد روڊ، ڪوئٽا.

[اردو] (۴)

سيد صاحب محترم، السلام عليڪم. اوهان کي ڳالهه جي جلسي ۽ اچڻ لاءِ تار موڪلي ويئي هئي. اوهان نه آيا. پر هتا اسان جي ڪشمڪش لڳي رهي. پر ڏينهن پهلڪ جلسو ٿيندو رهيو. جلوس ڪڍندا رهياسين. شهزادي صاحب تان پابندي هٽائڻ لاءِ ستياگره ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. حڪومت پابندي هٽائي ڇڏي.

ڊاڪٽر خانصاحب آيو هو. ان سان بادشاهه خان ۽ عبدالصمد خان جي گرفتاريءَ تي احتجاج ڪيو ويو. پريس کي ڏيجارو ويو. انهن اسان سان تعاون نه ڪيو. سڌي سنئين رابطي قائم ڪرڻ کي ناممڪن بڻايو ويو.

اسان قومي هفتو ملهائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اوهان کي اڳ ۾ دعوت ڏني ويئي آهي، هاڻي ان جي پروگرامڪان ۾ اوهان کي مطلع ڪيو ٻيو وڃي. ان کي اوهان پريس ۽ ڇپائي سگهو ٿا ڇپرائيندا. اوهان کي پنهنجي سيني رفيقن سان ۶/۷ تي بولان ڏرهي ۾ ڇو لهڻو آهي. غريب خاني ۽ ڪجهه ڪلاڪ آرام ڪرڻ بعد ڪوئٽا هليو. ان کان سواءِ جن صاحبن کي لکي رهيو آهيان، سي آهن: صوبي سرحد وارا ۽ ميان افتخارالدين ۽ ميان محمود علي قصوري. کين اڳ ۾ لکي ۽ دعوت ڏيئي چڪو آهيان. شيخ صاحب کي ۾ عرض ڪيو الم ۽ اوهان کي ۾ عرض ڪريان ٿو ته مولانا ياهانيءَ کي پنهنجي سالڊن سميت هن قومي هفتي ۽ هريڪ ليگ جي دعوت

ڏيندا. مهينو اڳ اطلاع ڪري چڪو آهيان، پر خبر ناهي ٻاڻ ائين ڪيائون يا نه؟ ان کي تار رستي اطلاع ڏيئي سگهبو يا نه؟ مون کي ته ان جي ائڊريس جي به خبر ناهي. مون کي اميد آهي ته اوهان صاحب ضرور ايندا.

ـ عنقا نظامي منزل، مير احمد خان روڊ، ڪوئٽا.

(۵) [اردو]

۲۴-۱۱-۱۹۵۶ع. مڪرم محترم جي. ايم. سيد صاحب،
السلام عليڪم.

اوهان جي خط لاءِ مهرباني. هن کان اڳ شايد اوهان کي شهزادي صاحب طرفان اطلاع ملي ويو هوندو. مون بروقت اوهان جي خط کان اڳ ميان محمد علي قصوريءَ کي اطلاع ڏيئي ڇڏيو. اوهان جي خدمت ۾ عرض آهي ته اسان ۲۷ نومبر تي بولان ميل ۾ روانا ٿي رهيا آهيون. جا، اهو ممڪن نه ٿيندو ته اوهان حضرت ۽ ساڻس ڏينهن روانا ٿيو. شهزادو صاحب اڃي رهيو آهي ۽ اها سندس خواهش آهي ته هو اوهان سان هڪ ڏينهن اڳ ملي ڳالهيون ڪري سگهي ٿو.

ـ محمد حسين عنقا بلوچ

(۶) [اردو]

... ـ ۱۹۶۸ع. عيد مبارڪ، السلام عليڪ! اڄ ٿي عيد هئي ۽ اڄڪي صبح جو معلوم ٿيو ته دهلي ريڊيو ٻڌايو آهي ته اولهه پاڪستان جڏن حصن ۾ ورهائجي ويو. پنجاب ۾ بهاولپور، سنڌ ۾ خيرپور، صوبو سرحد قبائلي رياستن جي علائقي سميت ته ليفٽيننٽ گورنري علائقا ٿي ويا ۽ بلوچستان رياستن سميت چيف ڪمشنري ٿيندو؟ ائين چو؟ ان جا تفصيلات معلوم ڪرڻ ۾ اوهان سان صلاح مشوري ڪرڻ لاءِ منهنجي خيال ۾ ڪراچيءَ ضرور اچڻو پوندو.

شهزادو صاحب ايا تائين دوري ٿي آهي. عيد ۽ باهر گذاري رهيو آهي. مهيني کان وڌيڪ عرصو ٿي ويو آنس. هو جيئن ٿي ايندو، آءٌ ان سان اها ڳالهه ۽ ڪندس، جا سيد خير شاهه صاحب جي موجودگيءَ ۾ اوهان فرمائي هئي ۽ هيءَ چيف ڪمشنريءَ جي خبر ۽. ڪئي اها سابقه حالت ٿي هجل ۽ نه آندي پيئي وڃي - نه ووٽ، نه اسيمبلي، نه ڪئبينٽ: اسان ۽ چيف ڪمشنري ۽ بس!

مهرباني فرمائي اطلاع ڪندا ته اوهان ڪهڙن ڏينهن ۽ ڪراچيءَ ۾ هوندا ته جيئن الهن ڏينهن ۾ ٿي اچون. جيڪڏهن اوهان کي لياري ڪوارٽرز ۽ فنڪشن جو انتظام ۽ ڪرڻو هجي ته وڌيڪ سٺو - هڪ خرما هڪ ثواب ڏيندو.

سڀني دوستن کي عيد مبارڪ.

- محمد حسين عنقا، معرفت اخبار تنظيم، مير احمد خان روڊ، ڪوئٽا.

(۵۰)

سردار شوڪت حيات خان

سردار شوڪت حيات خان، سردار سڪندر حيات خان (سابق وزير اعليٰ ڪنڊيل پنجاب) جو فرزند آهي. هيءَ پهرين ملڪيءَ ۾ هڪ وڏي هيثي ٿي هو ۽ جرمن جي جنگ ۾ نظر بند ٿي. انگلينڊ جي قيد ۾ رهيو، جتان آزاد ٿيڻ بعد وطن واپس موٽيو ۽ نوڪري چڏي، سياست ۾ حصو ورتائين. مسلم ليگ ۾ داخل ٿيو. پاڪستان کان ٿورو وقت اڳ هيءَ ۽ سندس افتخارالدين پيئي مسلم ليگ وزارت پنجاب ۾ وڏو هٿ بٽائن بعد ۾ اختلافن ٿيڻ ڪري باهر نڪري آيا. سي آزاد حيثيت سان آهي. ڪڏهن ڪڏهن مارشل لا لاڳو ٿيڻ بعد هيءَ گرفتار ڪيو ويو هو. هن وقت مرڪزي اسيمبلي پاڪستان ۾ مخالف ڌر جو ميمبر آهي. سندس ممتاز دولتانه ڀيڻ لائق ليڊر پٽي صاحب جي ڀيڻي ۽ اڄڪلهه جو سفير ٿيڻ وارو

آهي، ليڪن هيءَ اڃا ٽائين بچيو اڃي. جيتوڻيڪ سنڌس مخالفت جي شدت گهٽي گهٽجي ويئي آهي.

افسوس ته آخر ۽ هيءَ به وڃي پيپلس پارٽيءَ ۽ داخل ٿيو ۽ والد جي روايات کي قائم رکي نه سگهيو. سنڌس هڪ خط ڏجي ٿو.

*(۱)

ارم، جي. بلاڪ، ماڊل ٽائون، لاهور. ۲۰ ڊسمبر ۱۹۵۳ع.

پيارا شاهر صاحب، آءٌ اوهان جو شڪرگذار آهيان، جو اوهان سون کي 'سوويٽ ڪلچرل ايسوسيئشن' جي اڌهاڪ ڪاميٽيءَ جي صدر ٿيڻ لاءِ دعوت ڏني آهي، آءٌ نهايت خوشيءَ سان ميمبر ٿي ڪر ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. منهنجي سمجهه موجب، اهو مون لاءِ مناسب نه ٿيندو ته آءٌ پاڻ تي صدر ٿيڻ جي جوابداري کڻان ـ خصوصا ان حالت ۽ جڏهن آءٌ ايندڙ سال جهن مهينن لاءِ باهر وڃي رهيو آهيان. ان کان سواءِ "نيشنل فرنٽ" تي پنهنجن ڪمن جي آءٌ پوري فرض ادائي ڪري نه سگهندس. باوجود ان جي، آءٌ اوهان کي انهيءَ ڪم ۽ مڪمل مدد جو يقين ڏياريان ٿو.

ـ هوشڪت حيات خان

(۵۱)

مولوي غلام محمد، جماعت اسلامي

مولوي غلام محمد صاحب، جماعت اسلاميءَ جو اسير ٿي رهيو آهي. جماعت اسلاميءَ سان اسان جا تعلقات خاص نه رهيا آهن، بلڪ هنن سان اسان جا اختلاف پڻي رهيا آهن.

مولانا مودودي صاحب سان ته هڪ ٻه ڀيرا ملاقات ٻه ٽيل آهي ـ ميمبر ٿاهي هن سان ملاقات ٽيل ٻه هوندي يا نه، پر جنهن صورت ۽ هيءَ هڪ وڏيءَ جماعت جو ڪارڪن آهي، ان جو خط نه پيش ڪرڻ مناسب نه ٿيندو.

خط [اردو]

۹- لوٽيا بلڊنگ، رام باغ روڊ، ڪراچي نمبر ۱، ۹-۵-۱۹۵۲ع.

مڪرمي و محترمي، السلام عليڪم و رحمتالله و برڪاته.

مزاج شريف! ڪلهه اوهان جي ٻنگلي تي ويس ته معلوم ٿيو ته اوهان ڪوٽ هليا ويا آهيو. جيڪڏهن تمام ضروري ڪم نه هجي ها، ته هاڻ خدمت ۾ اچي حاضر ٿيان ها. هاڻ هن خط ذريعي ٿي عرض ڪريان ٿو.

اهو ته اوهان کي معلوم ٿي ويو هوندو ته مولانا سيد ابوالاعليٰ مودودي ۽ ان جي ٻن رفيقن جي نظربنديءَ ۽ وڌيڪ ڇهن مهينن جو اضافو ڪيو ويو آهي، باوجود ان جي ته ملڪ جي هرڪنڊ مان سندس رهائيءَ لاءِ درخواستون اچي رهيون آهن. در اصل اسان جا هاڏوڪا حاڪم، نه ته ڪنهن اصول جا پابند آهن ۽ نه کين راءِ عامه جو احترام آهي، ۽ نه ڪنهن عدل ۽ انصاف جي منجهائڻ توقع آهي. ان صورتحال جو مقابلو ته هر حال اسان کي ڪرڻو آهي ۽ هن ملڪ ۾ اهڙيون حالتون پيدا ڪرڻيون آهن، جيئن هر شهريءَ جي آزادي محفوظ هجي. هاڻي اسان کي راءِ عامه هموار ڪرڻي آهي. ڪن حلقن ۽ ڪنهن حد تائين اڄ به جماعت اسلاميءَ جي خلاف هڪ شيهو موجود آهن، جيڪي اسان جي صاحب اقتدار طبقي طرفان پيدا ڪيا ويا هئا. انهن جو ازالو تمام ضروري آهي ۽ اسان پوريءَ طرح ڪوشش ڪري رهيا آهيون. ان سلسلي ۾ تازو ڪهڙي تعداد ۾ ٻمغليٽ به ورهايا ويا آهن. انهن جا نقل به خدمت ۾ موڪلجن ٿا. هاڻي ارادو آهي ته ملڪ جي سڀني اڪابرن طرفان احتجاج ڪرايو وڃي ۽ انهن جي صحيحن سان پوسٽر ۽ ٻمفليٽ شايع ٿين، ته جيئن عام ماڻهن کي معلوم ٿي وڃي ته ملڪ جا سڀ اڪابر انهن ماڻهن کي جيل کان ٻاهر ڏسڻ چاهين ٿا، ۽ انهن ماڻهن کان پاڪستاني شهرين جي "سيفٽي" (سلامتيءَ) کي خطرو نه آهي. جيڪڏهن خطرو آهي ته فقط انهن ماڻهن کي

جيڪي اسلام جو نالو وٺي، سرمائيدارانه ڊڪٽيٽرشپ قائم ڪرڻ گهرن ٿا. ان سلسلي ۾ هن پوسٽر جو مضمون اوهان جي خدمت ۾ موڪلي رهيو آهيان. براهه ڪرم ان تي صحيح ڪري، واپس موڪلينداً، ته جيئن ٻين معززن جون صحيحون به وٺي سگهان. اميد آهي ته اوهان هيءَ ڪم پنهنجي پهرينءَ واندڪائيءَ ۾ ئي ڪري ڇڏينداً. جيڪڏهن ضرورت ڪئي ته آءٌ به خدمت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ تيار آهيان. اميد ته اوهان بلڪل خوش باش هوندا.

- والسلام، مخلص غلام محمد. قيم جماعت اسلامي، حلقه سنڌ.

(۵۲)

مظهر علي خان، ايڊيٽر "پاڪستان ٽائمس" لاهور

هيءَ صاحب اعليٰ تعليم يافته ۽ قوم‌پرست خيالن جو آهي. سردار سڪندر حيات خان جو نياڻو ۽ سندس چاچي نواب مظفرخان جو فرزند آهي. هن سان پهرين واقفيت "بين الاقوامي اڪاماڪ ڪانفرنس، ماسڪو" وقت ٿي. ان بعد ڀين ۽ ٻه ڪڏهن ٿاسون. پاڪستان ٽائيمس ميان افتخارالدين جي اخبار هئي. ميان افتخارالدين سان جنهن صورت ۽ ڪهڙا تعلقات هئا، ان ڪري هن سان ٻه ملاقاتون ٿيندڙ رهنديون هيون.

هي قوم‌پرست ۽ نڪشنل عوامي پارٽيءَ جو سرگرم ڪارڪن هو. پاڪستان ٽائيمس ۽ نهايت عمدا ايڊيٽوريل لکندو هو. سندس فرزند طارق اڃڪلهه لنڊن ۾ نوجوان ڪارڪنن جو ليڊر آهي. گهڻي وقت کان وٺي مظهر علي خان سان ملاقات جو شرف حاصل نه ٿيو آهي، پر اهم شخصيت جي حيثيت ۾ سندس مختصر احوال پيش ڪري، سندس هڪ خط هيٺ ڏيان ٿو.

*(۱)

پاڪستان ٽائيمس، لاهور، ۵ جنوري، ۱۹۵۳ع.

پيارا سائين، اوهان جي ۹- ڊسمبر واري خط لاءِ مهرباني.

آڻ پاڪ سوئٽ ڪلچرل انسوسئيشن جي انڊپاڪ ڪميٽيءَ تي ڪم ڪرڻ ۽ خوشي محسوس ڪندس.

آڻ پڪ سان نٽو چٽي سگھان تہ گھٽ ۽ گھٽ جنوريءَ ۽ ڪراچيءَ جلد اچي سگھندس. پر جيڪڏھن ٻئي ڪنھن ڪم سان ان طرف آيس تہ اوھان کي اھڙو اطلاع ڪندس.

- اوھان جو مخلص، مظھر علي خان ٭

(۵۳)

محمود الحق عثماني

ھيءَ اصل سي٠ ٻيءَ جو ويندل ۾ اتان لڏي آيل مھاجرن مان آھي. ھتي اچڻ سان ھن جا تعلقات مسلم ليگ سان نہ رھيا. پھرين حسين شھيد سھروردي جي عوامي ليگ جو سڪيم ڪارڪن رھيو. بعد ۾ جڏھن سھروردي ۽ پاڪستاني جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿيا تہ ھن نيشنل عوامي پارٽيءَ ۾ شرڪت ڪئي، ۽ ان جو مسلسل جنرل سيڪريٽري رھندو آيو. شيخ مجيب الرحمان ۽ سھروردي سان ھن جا سڀا تعلقات رھيا، پر ھن کي، سواءِ ڪن ترقي پسند ادبين ۽ ڪارڪنن جي، ٻين مھاجرن ڪا اھميت نہ ڏني. ڪجھ وقت کان پوءِ ھن نيشنل عوامي پارٽيءَ کي ڇڏي، تحريڪ استقلال ۾ شامل ٿي ڪم ڪيو. ھن وقت اتان ب استعفا ڏيئي، خاموش زندگي گذاري رھيو آھي.

. نيشنل عوامي پارٽيءَ ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ سبب سائس خط و ڪتابت ۾ لاڳاپا قائم رھيا: ڪراچيءَ ۾ منھنجي بنگلي جي نزديڪ سڪونت پذير آھي. سندس ۳ خط ڏجن ٿا.

٭(۱)

۳۵۲- نصرت روڈ، ڪراچي، ۵- جون، ۱۹۵۷ع.

پيارا شاھ صاحب، مون اميد ٻڌي رکي تہ اوھان ۲۹-۳۰ تاريخ ڪراچيءَ اينداٰ. پر ڪجھ ڏينھن ٿيا تہ شيخ صاحب (جو

حيدرآباد ٻڌي ويو) کان معلوم ٿيو تہ اوهان عيد کان پوءِ ڪراچيءَ اينداً.

اوهان کي اخبارن مان معلوم ٿي ويو هوندو تہ ڊاڪا ۾ استقبالير ڪاميٽي لاهي ويئي آهي ۽ اينڊرڪنوينشن لاءِ تيارين عروج آهن. توهان اها خبر ٻڌي هوندي تہ ميان افتخارالدين اوچتو انگلنڊ هليو ويو آهي. جيتوڻيڪ هن پڪو وعدو ڪيو آهي تہ هو ۸ جون تي واپس ورندو. پر منجهائنس اهڙي اميد رکڻ عبث آهي.

سون بادشاهہ خان ۽ ارباب عبدالغفور کي خط لکيا آهن ۽ محمود علي قصوريءَ کي به ڪنوينشن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ خط لکي رهيو آهيان، اوهان کي عرض آهي تہ شهزادي عبدالڪريم ۽ عبدالصمد خان کي خط لکي اطلاع ڪندا تہ ۲۵-۲۶ جون تي ڪنوينشن ۾ شامل ٿين. سون ان سلسلي ۾ هوائي جهاز جون اڏ ڏيڻ سڀڪنهن ۲۵ تي روانگي ۽ ۲۷ تي. موٽ جون رزرو ڪرائي چڪيون آهن. آءٌ ۱۷- تاريخ ڊاڪا وڃي رهيو آهيان. اصل ۾ سون ڪجهہ ڏينهن ڪوه مري وڃڻ چاهيو ٿي، پر اوهان جي ڪراچيءَ نہ اچڻ سبب سنهنجو پروگرام هيٺ مٿي ٿي ويو آهي. يار محمد خان گذريل آچر تي سون کي ٽيلهفون ڪري، جلد مالي مدد ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي، جا کين ڪنوينشن لاءِ گهربل آهي.

- اوهان جو، محمود الحق عثماني.

*(۲)

پاڪستان نيشنل عوامي پارٽي

ڪراچي، ۲۴- ڊسمبر، ۱۹۵۷ع.

پيارا سيد صاحب، مولانا عبدالحميد خان پاشانيءَ جي چوڻ موجب اوهان کي اطلاع ڪجي ٿو تہ پاڪستان نيشنل عوامي پارٽيءَ جي آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ۲۵ ۽ ۲۶ جنوري ۱۹۵۷ع تي لعب آفس ڊاڪا ۾ ٿيندي.

ميٽنگ جي ايجنڈا هيءَ آهي:

۱- ملڪ جي سياسي حالت تي بحث مباحثو.

۲- صدر جي اجازت سان پيش ٿيندڙ ٻيو ڪو مسئلو.

مون کي اميد آهي ته توهان ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ضرور ايندا ۽ اوهان جي علاقي جي آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن کي پڻ اطلاع ڪندا. جيتوڻيڪ مون به انهن ميمبرن کي اطلاع موڪليو آهي.

ـ اوهان جو مخلص، محمود الحق عثماني، جنرل سيڪريٽري.

*(۴)

ڪراچي، ۲۴-۱۲-۱۹۵۷ع. پيارا ڀاهم صاحب، مولانا ڀاهانيءَ جي حڪم موجب ايجنڈا جاري ڪئي ويئي آهي. مون مولانا کي توهان جي ڏاڍي جو اڳ ۾ اطلاع ڪيو آهي. امڪان آهي ته ميٽنگ مهمل ڪئي وڃي.

ـ اوهان جو مخلص، محمود الحق عثماني.

(۵۴)

هاشم خان غلزئي

هيءَ بلوچستان جو قومي ڪارڪن آهي. هن جي جملاءِ ۱۹۰۷ع ۾ ولادت ٿي. B.A,B.T آهي. هن ۱۹۳۲ع ۾ لوڪل مسلم انسوسئيشن بلوچستان جو بنياد وڌو. ۱۹۳۷ع ۾ لکنو ۾ آل انڊيا مسلم ليگ ڪانفرنس ۾ بلوچستان پاران شامل ٿيو. ۱۹۴۸ع بلوچستان ٽرائيبل انسوسئيشن ۾ سيڪريٽريءَ طور ڪم ڪيائين. ۱۹۵۱ع ۾ پهريون پيرو جيل ۾ ويو. ۱۹۵۴ع ۾ ون يونٽ بنائڻ جي مخالفت ۾ ٻيو پيرو جيل ويو ۽ ۱۹۵۶ع ۾ آزاد ٿيو. سيپٽمبر ۱۹۵۶ع ۾ لاهور ۾ نيشنل عوامي پارٽيءَ جي ڪانسٽيٽيوشن بنائڻ ۾ اسان سان گڏ هو. بلوچستان نعپ جو صدر ۽ جنرل سيڪريٽري، ۽ آل پاڪستان نعپ جو نائب صدر ٿي رهيو. اڳتي

هلي پاڪستان نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جو ميمبر ٿيو. ۱۹۷۳ع ۾ بلوچستان سان پاڪستان سينيٽ جو ميمبر ۽ سينيٽ ۾ اپوزيشن جو ليڊر آهي. حيدرآباد ۾ هليل بغاوت جي ڪيس ۾ مسٽر ولي‌خان ۽ ٻين ليڊرن سان گڏ هيءَ به جوابدار هو.

سندس هڪ تار ڏجي ٿي.

[تار]

ڪوئٽا، ۱۳ نومبر، ۱۹۶۸ع. اوهان جو خط پهتو. ڪنوينشن جي تاريخ ملتوي ڪرڻ واري اوهان جي تجويز منظور ڪجي ٿي.
- هاشم غلزئي.

(۵۵)

ڊاڪٽر سيد ظفرالحسن

ڊاڪٽر سيد ظفرالحسن جيتوڻيڪ سياستدان نه هو، پر عليگڙھ يونيورسٽيءَ جو ڊاڪٽر آف فلاسافي ۽ آزاد ڪارڪن هڻڻ جي حيثيت ۾ مون سان تعلقات رکندو آيو. ماڪ جي ورهاڱي بعد جڏهن هيءَ پاڪستان ۾ لڏي آيو تہ مون سان بدستور لاڳاپا رهندا آيس. هن جي خواهش هئي تہ سنڌ ۾ رهائش اختيار ڪري، پر پنجاب ۽ وڃڻ بعد اتي ٻين ويجهن عريزن جي موجودگيءَ سبب هن خيال بدلائي ڇڏيو ۽ اتي رهي پيو. آزاد خيال، اهل دل، سفيد ريش ۽ سياسي فلسفي جو وڏو ماهر هو.

سندس ٻه خط هتي ڏجن ٿا.

*(۱)

۶- ڪلب روڊ، مال، لاهور، ۱-۱۱-۱۹۴۷ع، پيارا شاهصاحب، توهان کان موڪلائي، آءٌ هير سان ۲۷- آڪٽوبر تي لاهور پهتو آهيان. توهان صحيح هئا تہ هوائي جهاز تي ۱۵-۲۰ منٽ اڳ پهچڻ

ڪافي وقت هو، آءٌ هروپرو تڪڙ ڪري ٻه ڪلاڪ اڳ ۽ پهتس.

الله جو شڪر آهي، مون لاهور ۽ پنهنجا مائٽ مٽ سلامت پهتل ڏٺا، باقي رڳو منهنجو ننڍو ڀاءُ امبالا ۾ آهي. آءٌ اڳاري تي راولپنڊيءَ ويندس. پنهنجي خاندان کي ٽائيڪو ڪري سلامتيءَ سان وٺهاري، پوءِ ڪراچيءَ ايندس. منهنجو ارادو آهي ته ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيان، پر خاندان سان گڏ ڪونه رهندس. مون کي ڪراچيءَ ۾ هوتوءَ وارن جي جاءِ جي ٻر پاسي ڪنهن سانيتڪيءَ جڳهه ۾ رهڻ جو ارادو آهي. هن مون سان بندوبست ڪري ڏيڻ جو وعدو ڪيو هو.

آءٌ انشاء الله هفتي ڪن اندر هوائي جهاز رستي موٽي ايندس ۽ اوهان جي ڪتاب کي نظر مان ڪيندس. پر ان لاءِ وقت لڳندو. ۽ جي جلدي چاهيو ته مسودي جي ٻهرين ٽائيپ ڪاپي لاهور موڪلي ڏيندا. جيڪڏهن اوهان کي تمام گهڻي تڪڙ هجي ته ان ڪم لاءِ ٻيو ڪو قابل ماڻهو مقرر ڪندا. مون ان کي پڙهي سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. درستيون ۽ زبان تبديلائين درست ڪري نه سگهندي، جيتائين اوهان سان صلاح مشورو نه ڪيو ويو آهي. مون وٽ درستيءَ لاءِ گهڻو وقت لڳندو، بشرطيڪ چپائيءَ ۽ ڏير ڏيڻ جي اعتراض نه هجيو. هن وقت آءٌ ايترو واندو نه آهيان.

مهرباني ڪري پير حسام‌الدين راشديءَ ۽ مسٽر ظهيرالاسلام کي چوندا ته اهي اوهان جي مدد سان مون لاءِ ۽ منهنجي خاندان جي رهائش لاءِ ڪنهن جاءِ هٽ ڪرڻ جو بندوبست ڪن، هڪڙي جي ٻر ۾ ڪي به سٺا فليٽ ملي وڃن ته بهتر، ڪين منهنجا سلام ڏيندا. هنن مون سان تمام بهترين برتاءُ ڪيو آهي. مهرباني ڪري منهنجي نوڪرن کي به اهو اطلاع ڪندا ته آءٌ جلد اچڻ وارو آهيان.

ـ سيد ظفرالحسن

[نوٽ :- مون پنهنجو تيار ڪيل ڪتاب "Struggle for New sind" علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ ۽ هن صاحب کي ڏسڻ ۽ نظر مان ڪيڻ لاءِ ڏنو هو. پر پيئي صاحب فراغت نه هڻڻ سبب ان کي درست نه ڪري سگهيا. مون لاءِ اها تسڪين ڪافي هئي ته ڪتاب

وزارت کي بچائڻ لاءِ مخالف جماعت کي گهرائڻ جي عيوض مير بنده علي خان (جنهن سر غلام حسين وزارت خلاف ووٽ ڪري سرڪاري ڏر کي شڪست ڏني هئي.) کي پنهنجي سيڪريٽريءَ ايندي. اي فاروقيءَ کي موڪلي، وزير ڪري، وري وزارت کي هٿرادو سهارو ڏنائين. ان بعد به ميه ر وزارت کان ڪري، اسان سان اچي ملايا. هڪڙو سردار خان کوسو ۽ يو خانبهادر فضل محمد لغاري. ان تي هن فضل محمد خان لغاريءَ کي خاص ماڻهو موڪلي، وزارت طرف ڪرايو. نتيجي ۾، وزارت ڏر کي ۲۹ ۽ اسان وٽ ۳۰ ميمبر رهيا، جتهن ڪري وزارت کوهه ڪاروبار هلائي نه سگهي. ويتر ين ميمبرن محمد پوسٽ چانڊئي ۽ سيد نور محمد شاهه وزارت کي ڇڏي، مخالف ڏر ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو. اهڙيءَ طرح مخالفت ۾ ۳۲ سرڪار وٽ ۲۷ ميمبر رهيا. باوجود ان جي گورنر مخالفن کي گهرائڻ بدران اسيمبلي ٽوڙي، نئين چونڊن جو اعلان ڪيو. اسان گهٽوئي وائسراءِ ۽ انگلنڊ جي وزير اعظم کي پڪاريو، پر ڪنهن به نه ٻڌي، ڇاڪاڻ ته ان وقت انگريز ۽ مسلم ليگ هڪ ٿي چڪا هئا. پوءِ چونڊن ۾ هن گورنر جيڪا خرابي ڪرائي، ان کان هوند شيطان به شرمائجي ويو. ڪوڙا ووٽ ڏيارائي، بيٽون پچارائي، هرهنڌ مسلم ليگ اميدوارن کي ڪامياب ڪرائڻ جو سهرو هن گورنر تي هو. جنهن جو پتو پنهنجي الیکشن پٽيشن جي ٽربيونل رپورٽ مان پڄي سگهي ٿو.

ان وقت، مخالف پارٽيءَ جي ليڈر جي حيثيت ۾، سون جيڪي خط گورنر، وائسراءِ هند، سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا ۽ پرائيم منسٽر انگلنڊ کي وقت به وقت لکيا، انهن جو تعداد ۳۰ کان به مٿي آهي. اهي هڪ تاريخي رڪارڊ آهن، جي سون وٽ محفوظ آهن.

جنهن صورت ۾ هيءَ هڪ خاص ڪردار جو مالڪ هو، تنهنڪري سندس خط هتي ڏيڻ مناسب ٿو سمجهان.

*(۱)

گورنر آف سنڌ

گورنر جي ڪئمپ، زيارت، ۲۵- جولاءِ ۱۹۴۶ع.

پيارا سيد، آءٌ وزير اعليٰ جي مشوري بعد، ان حيثيت ۾ آهيان، تہ اوهان جي ۱۳ جولاءِ واري خط جو جواب ڏيان، جنهن ۾ اوهان لکيو هو تہ سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس جلد سڏايو وڃي ۽ رمضان ۾ ڪوئٽہ ٿي اوهان کي اعتراض نہ ٿيندو. اوهان اهڙي قسم جا ڪيترا مثال پيش ڪيا هئا. آءٌ اهڙا سابقہ مثال هٿ ڪري نہ سگهيو آهيان. مون کي وزارت صلاح ڏني آهي تہ رمضان جي مهيني ۾ سڏائي، انهن مسلمان ميمبرن لاءِ تڪليف ده ٿيندو، جن کي ڪراچيءَ ۾ گهر نہ آهي. ان ڪري مون فيصلو ڪيو آهي تہ اسيمبليءَ جو اجلاس رمضان بعد سيپٽمبر جي پهرين هفتي ۾ سڏايان. ان بابت پڌراءِ جلد ظاهر ڪئي ويندي. آءٌ جيترو جلد ٿي سگهيو اسپيڪر سان صلاح مشورو ڪري، مقرر تاريخ جو اطلاع گزيٽ ۾ ظاهر ڪندس.

ـ توهان جو مخلص، مودي.

*(۲)

گورنمينٽ آف سنڌ

گورنر جي ڪئمپ، زيارت، ۳۱- جولاءِ ۱۹۴۶ع،

پيارا سيد، اوهان جي ۲۵ جولاءِ واري خط لاءِ مهرباني. ان ساڳيءَ تاريخ تي لکيل منهنجو خط اوهان کي مليو هوندو، جنهن ۾ مون اطلاع ڪيو آهي تہ رمضان جي گذرڻ بعد جلد اسيمبلي اجلاس سڏائيندس. آءٌ سمجهان ٿو تہ اوهان لاءِ ۽ انهن ماڻهن لاءِ جن کي رمضان ۾ ڪراچيءَ ۾ گهر نہ هئڻ سبب روزن رکڻ ۾ تڪليف درپيش هئي، اهو وقت سهوليت وارو ٿيندو.

ـ توهان جو مخلص، مودي.

غوث بخش رئيسائيءَ جي صدارت هيٺ ڪنوينشن ڪرائي، "متحده محاذ" ناهيو. جنهن صورت ۾ سائين ان وقت جو لاڳاپو هو، ان کي سندس هڪ خط ۾ هڪ تار پيش ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. هيءَ صاحب ڏني حڪومت ۾ مرڪزي وزير ۽ بلوچستان جو گورنر ٿي رهيو، ۽ پوءِ به ڪافي وقت بلوچستان سرڪار جي صلاحڪارن مان هڪ ٿي رهيو.

(۱) [اردو]

بلوچستان متحده محاذ

۲۲-۹-۱۹۶۹ع. بخدمت جناب جي. ايم. سيد صاحب، برٽو روڊ، حيدر منزل، ڪراچي.

السلام عليڪم، ون يونٽ جي قيام کي ڏهن سالن جيڪي مشڪلاتون ۽ مصيبتون پيدا ڪيون آهن، انهن کي سامهون رکي، صوبي سنڌ ۽ صوبي سرحد ۽ ون يونٽ کي ٽوڙڻ لاءِ باضابطه عوامي متحده محاذ قائم ٿي چڪا آهن. جيئن ته صوبو بلوچستان به انهن حالتن ۽ گهيريل آهي، ان ڪري ان اهم قومي ۽ سياسي مسئلي تي غور ڪرڻ لاءِ ۱۰- سيپٽمبر ۱۹۶۹ع تي، مير شاهه صاحب جي بنگلي، شاه زمان روڊ ڪوئٽا ۾، بلوچستان جي معزز شخصيتن جي هڪ ميٽنگ زير صدارت نوابزادي تيمور شاه جوگيزئي ٿي گذري، ۽ فيصلو ڪيو ويو ته بلوچستان ۾ ۵ آڪٽوبر ۱۹۶۹ع تي انهن بنيادن تي قومي محاذ قائم ڪرڻ لاءِ ڪانفرنس ڪئي وڃي. مون کي متفق راءِ سان ان جو ڪنوينر مقرر ڪيو ويو آهي. ان ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ سڄي بلوچستان ۽ ان جي پاڙيسري صوبن سنڌ ۽ سرحد مان همخيال دوستن کي دعوت ڏني ويئي وڃي. اوهان کي به گذارش آهي ته هن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي، هن قومي فرض کي سر انجام ڏيڻ ۾ شاياشان حصو وٺندا.

ڪانفرنس رئيسائي هائوس، رئيسائي روڊ ڪوئٽا ۾ ۵-۱۰-۶۹

تي ۱۰ بجي صبح جو منعقد ٿيندي.
ـ نواب غوث بخش رئيساڻي، ڪوئٽا، ڪنويز

ڏار

ڪوئٽا، ۱ آڪٽوبر ۱۹۶۹ع.
جي. ايم. سيد، مسلم ڪالوني، سرڪلر بازار ڪراچي.

اوهان جي زبردست ڪوشش وسيلي، ون يونٽ جي ٽٽڻ جون دلي مبارڪون.
ـ غوث بخش رئيساڻي

(۵۸)

مسٽر مودي، گورنر سنڌ.

سر مودي، يو. پي. گورنمينٽ ۾ سيڪريٽري ٿي رهيو. چوڏري خليق الزمان جي ڪتاب مطابق، هو مسلم ليگ جو پڪو حمايتي هو. سنڌ ۾ اسان ۽ مسلم ليگ جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿيڻ سبب انگريز سرڪار مسلم ليگ جي مدد لاءِ سنڌ ۾ هن کي گورنر مقرر ڪيو هو. هن اچڻ سان جيڪي ڪارروايون ڪيون، سي مسلم‌ليگ جي هڪ ڪٽر مددگار جي حيثيت ۾ هيون.

۱۹۴۵ع جي اول ۾ اسان ۽ ڪانگريس گڏجي، جا ڪوالشن لاهي، ان ۾ اسان کي صريحا اڪثريت هئي. باوجود ان جي هن آزاد يورپين ميمبرن کي چئي، مسلم ليگ جو مددگار بنائي، سر غلام حسين کي وزارت لاهڻ جو وڇو ڏنو. پر جنهن صورت ۾ اسان جي طرف ۲۹ ۽ هنن کي ۳۰ ميمبر هئا، ان ڪري هو ڪاروبار هلائي نه سگهيو. هڪ به دفعو وزارت کي شڪست آئي، پر باوجود ان جي، وزيرن وڏائڻ ۽ ميمبرن کي ٻئو چواڻ وسيلي ان وزارت کي طاقت ۽ رکندو آهو. هڪ دفعي پيرزادي عبدالستار کي وزارت ۽ آئي، وزارت کي شڪست کان بچايائين. ٻئي پيري شڪست آيل

وزارت کي بچائڻ لاءِ مخالف جماعت کي گهرائڻ جي عيوض ميجر هنڊه علي خان (جنهن سر غلام حسين وزارت خلاف ووٽ ڪري سرڪاري ڊر کي شڪست ڏني هئي.) کي پنهنجي سيڪريٽريءَ ايندي. اي فاروقيءَ کي موڪلي، وزير ڪري، وري وزارت کي هٿرادو سهارو ڏنائين. ان بعد ۽ سيد ۽ وزارت کان ڦري، اسان سان اچي ملايا: هڪڙو سردار خان کوسو ۽ يو خانبهادر فضل محمد لغاري. ان تي هن فضل محمد خان لغاريءَ کي خاص ماڻهو موڪلي، وزارت طرف ڪرايو. نتيجي ۾، وزارت ڊر کي ۲۹ ۽ اسان ووٽ ۳۰ سيمبر رهيا، جنهن ڪري وزارت کوبه ڪاروبار هلائي نه سگهي. ويتر ين سيمبرن محمد يوسف چانڊئي ۽ سيد نور محمد شاهه وزارت کي جڏي، مخالف ڊر ۽ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو. اهڙيءَ طرح مخالفت ۽ ۳۲ سرڪار ووٽ ۲۷ سيمبر رهيا. باوجود ان جي گورنر مخالفن کي گهرائڻ بدران اسمبلي ٽوڙي، نئين چونڊن جو اعلان ڪيو. اسان گهڻوئي وانسراءِ ۽ انگلنڊ جي وزير اعظم کي پڪاريو، پر ڪنهن ٻڌ نه ٻڌي، چاڪاڻ تہ ان وقت انگريز ۽ مسلم ليگ هڪ ٿي چڪا هئا. پوءِ چونڊن ۾ هن گورنر جيڪا خرابي ڪرائي، ان کان هوند شيطان ٻ هرمائجي وڃي. ڪوڙا ووٽ ڀرائي، پيتون پچرائي، هرهنڌ مسلم ليگ اميد وارن کي زوريءَ ڪاميابه ڪرائڻ جو سهرو هن گورنر ئي هو. جنهن جو ٻنو ٿنهنجي الڪشن پٽيشن جي ٽربيونل رپورٽ مان پڌجي سگهي ٿو.

ان وقت، مخالف پارٽيءَ جي ليڈر جي حيثيت ۾، سون جيڪي خط گورنر، وانسراءِ هند، سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا ۽ پرائيم منسٽر انگلنڊ کي وقت ۽ وقت لکيا، انهن جو تعداد ۳۰ کان ٻ مٿي آهي. اهي هڪ تاريخي رڪارڊ آهن، جي سون ووٽ محفوظ آهن.

جنهن صورت ۾ هيءَ هڪ خاص ڪردار جو مالڪ هو، تنهنڪري سندس خط هٿي ڏيڻ مناسب ٿو سمجهان.

*(۱)

گورنر آف سنڌ

گورنر جي ڪئمپ، زيارت، ۲۵- جولاءِ ۱۹۴۶ع.

پيارا سيد، آءٌ وزير اعليٰ جي مشوري بعد، ان حيثيت ۾ آهيان، تہ اوهان جي ۱۲ جولاءِ واري خط جو جواب ڏيان، جنهن ۾ اوهان لکيو هو تہ سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس جلد سڏايو وڃي ۽ رمضان ۾ ڪوشش ڪي اوهان کي اعتراض نہ ٿيندو. اوهان اهڙي قسم جا ڪيترا مثال به پيش ڪيا هئا. آءٌ اهڙا سابقہ مثال هٿ ڪري نہ سگهيو آهيان. سون کي وزارت صلاح ڏني آهي تہ رمضان جي مهيني ۾ سڏائي، انهن مسلمان ميمبرن لاءِ تڪليف ده ٿيندو، جن کي ڪراچيءَ ۾ گهر نہ آهي. ان ڪري سون فيصلو ڪيو آهي تہ اسيمبليءَ جو اجلاس رمضان بعد سيپٽمبر جي پهرين هفتي ۾ سڏايان. ان بابت پڌرائي جلد ظاهر ڪئي ويندي. آءٌ جيترو جلد ٿي سگهيو اسپيڪر سان صلاح مشورو ڪري، مقرر تاريخ جو اطلاع ڪريٽ ۾ ظاهر ڪندس.

ـ توهان جو مخلص، مودي.

*(۲)

گورنمينٽ آف سنڌ

گورنر جي ڪئمپ، زيارت، ۳۱- جولاءِ ۱۹۴۶ع.

پيارا سيد، اوهان جي ۲۵ جولاءِ واري خط لاءِ مهرباني. ان ساڳيءَ تاريخ تي لکيل منهنجو خط اوهان کي مليو هوندو، جنهن ۾ سون اطلاع ڪيو آهي تہ رمضان جي گذرڻ بعد جلد اسيمبلي اجلاس سڏائيندس. آءٌ سمجهان ٿو تہ اوهان لاءِ ۽ انهن ماڻهن لاءِ جن کي رمضان ۾ ڪراچيءَ ۾ گهر نہ هجڻ سبب روزن رکڻ ۾ تڪليف درپيش هجي، اهو وقت سهوليت وارو ٿيندو.

ـ توهان جو مخلص، مودي.

*(٣)

گورنمينٽ آف سنڌ

گورنر هائوس، ڪراچي، ١٠- آگسٽ، ١٩٤٦ع.

پيارا سيد، مون اوهان جي ٣- آگسٽ واري خط تي هرنقطي نگاهه کان پوريءَ طرح غور ڪيو آهي. مون کي يقين آهي ته اوهان اڳوڻي وزير هٿ جي حيثيت ۾ سمجهي سگهو ٿا، ته مون لاءِ اهو ناممڪن آهي ته آءٌ پنهنجي وزيرن جي ڪارنامن بنسبت ٻئي ڪنهن ميمبر سان بحث ڪريان.

ان ڪري آءٌ اوهان کي مشورو ڏيان ٿو ته اوهان جي خط ۾ ڏيکاريل حقيقتن بابت وزير اعليٰ سنڌ سان گفتگو ڪندا. آءٌ اوهان کي هڪ ڏياريان ٿو ته وزارت Law and order قائم رکڻ لاءِ هرممڪن ڪوشش ڪندي اوهان دلجاءِ رکندا.

- اوهان جو مخلص، مودي.

*(٣)

گورنمينٽ آف سنڌ

گورنر هائوس، ڪراچي، ١٠- سپٽمبر، ١٩٤٦ع.

پيارا سيد، اوهان جي اچوڪي موڪليل خط لاءِ مهرباني.

هن وقت جڏهن وزارت ۾ مخالف ڌر هڪجيترن ميمبرن ۽ ورهايل آهن، تڏهن سنڌ اسيمبليءَ جي اسپيڪر ۾ ڏيڻي اسپيڪر جون هڪ ئي وقت استيفائون ڏيڻ، اهڙو سوال آهي، جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. مون ان مشڪل مسئلي تي مڪمل غور ڪيو آهي، ۽ ان وچ ۾ سون لاءِ صرف هڪ رستو بچيل هو ته اسيمبليءَ جي اجلاس کي ملتوي ڪري ڇڏيان، سو اختيار ڪيو اٿم.

- اوهان جو مخلص، مودي.

(٥٩)

ميان ممتاز محمد دولتانه

هيءَ ميان نواب احمد يار دولتانه جو فرزند ۽ ملتان جي

پاسي جو وڏو زميندار آهي. آڪسفورڊ يونيورسٽي انگلنڊ سان بئريسٽري پاس ڪيل آهي. واپس اچڻ بعد هيءُ پنجاب مسلم ليگ ۾ شريڪ ٿيو. پهرين ان جو جنرل سيڪريٽري ٿيو، ان بعد پنجاب گورنمينٽ جو وزير اعليٰ ٿي رهيو. هن جي ڏينهن ۾ مسلمانن ۾ قاديانين جي وچ ۾ فساد ٿيڻ سبب مارشل لا لڳو. پوءِ هيءُ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ميمبر رهيو ۽ ڪجهه وقت لاءِ مرڪزي سرڪار ۾ وزير دفاع به ٿي رهيو.

هيءُ نهايت قابل ۽ لاڪاپڻ وارو سياستدان آهي، ليڪن پنجاب جي هوا مطابق ۽ مرڪزي حڪومتن جي دست اندازيءَ ڪري هيءُ پنهنجي شايان شان مقام حاصل ڪرڻ کان محروم رهجي ويو. ۱۹۷۰ع جي چونڊن ۾ ڪامياب ٿيڻ بعد هيءُ حڪومت سان سمجهوتو ڪري، ڪجهه وقت انگلنڊ ۽ پاڪستان جو سفير رهيو.

مسلم ليگ جي وقت کان وٺي، باوجود سياسي اختلافن جي، هن جا مون سان دوستانا تعلقات قائم رهندا آيا.

سندس هڪ خط ڏجي ٿو:

خط ۽

جاويد ڪورٽ، بار ايٽ لا، ڪراچي، ۲۹-۵-۱۹۶۹ع.

پيارا ڀيلا جي، ايم. سيد صاحب، مون کي هينئر اوهان کان خط پهتو آهي، جنهن ۾ ۱۰- جون ۱۹۶۹ع تي ڪن سياسي پارٽين جي ميٽنگ ڪوٺائڻ جي تجويز ڏنل آهي.

اسان مان ڪن يا سڀني کي خالڪي طرح هاڻ ۽ ماڻ تبادلہ خيال ڪرڻ کپي، تہ جيئن اسان سڀني جي سهڪار سان پاڪستان جي مستقبل بابت ڪنهن ڪڏيل پروگرام بابت ڪڏهن ڪوشش ڪرڻ ڪهڙي. پر آءٌ ان راءِ جو آهيان تہ رسمي ميٽنگ ڪرڻ بدران اڪ مشهوري نہ ڪجي ۽ بلڪ ۽ خانگي طرح ملي ڪالهيون ڪرڻ ڪهڙن پيلسي، اسان جي مقصد کي فائدي بجاءِ نقصان پهچائيندي. ان ڪري منهنجي تجويز آهي تہ رسمي ميٽنگ ڪوٺائڻ

بدران (جنهن ۽ مارشل لا ريگيوليشن موجب حصو ورتو سگهان) اسان مان ڪن مخلص ڪارڪنن کي ۱۰- جون ڏاري ڪراچيءَ ۽ ملڻ گهرجي. ان کان پوءِ جيڪڏهن حالتون لهڪ ڏسڻ ۽ اچن، تہ مستقبل جو ڪڏهن پروگرام ٺاهجي. منهنجو پنهنجو تجربو آهي، تہ اڳ تياريءَ کان سواءِ ڪليل سيٽنگن ڪرڻ ڪري، مخالفن کي غلط پروپيگنڈا ڪرڻ جو موقعو ملیو وڃي. اسان کي جون جي ٻئي هفتي ۽ اوهان جي معرفت ملڻ گهرجي، ان بعد عثماني صاحب چند ماڻهن کي صلاح مصلحت لاءِ گهرائي سگهي ٿو.

اوهان جاڻو ٿا تہ آءٌ هڪ نديي الميٽ ۽ رهان ٿو، ان ڪري منهنجي خيال موجب منهنجو گهر ڪڏجاڻيءَ لاءِ موزون نہ ٿيندو. باوجود ان جي آءٌ تيار آهيان تہ ڪنهن بہ وقت ۾ ڪٽي بہ مون کي گهرايو ويندو تہ آءٌ هليو ايندس.

مون کي ڪراچيءَ ۽ بخار ٿي پيو آهي، ان ڪري لاهور پيو وڃان. آءٌ اتي موجود هوندس. جڏهن بہ اوهان وٽان اطلاع ڏيو تہ سنگت تيار آهي، تہ آءٌ ڪنهن بہ وقت هليو ايندس. منهنجي لاهور جي ايڊريس آهي.

۸- ڊيورنڊ روڊ ـ لاهور.

اميد تہ خوش هوندا.

ـ اوهان جو مخلص، ممتاز محمد دولتانہ

(٦٠)

مخدوم مريد حسين قريشي ملتان

هيءُ ملتان واري مشهور بزرگ غوث بهاوالحق جو سجاده نشين هو. جيڪڏهن تہ سڄيءَ سنڌ ۽ هن جي درگاه جا مريد پکڙيا پيا آهن، تنهن ڪري سنڌ جي سياست ۽ هر موڙ تي هن جي مدد ۽ صلاح جي ضرورت رهندي ٻئي آئي. هن سان سنهنجي ابتدائي واقفيت

مسلم ليگ جي صدر هٿ وقت، هڪاريءَ ۽ ڪيس مسلم ليگ اميدوار جي مدد لاءِ گهرائڻ وقت ٿي، جا گهٽو وقت هلندي آئي. هن سان وقت بہ وقت ملاقاتون ٿيندیون هيون. ملتان ۽ بہ هڪ بہ پيرا هن وٽ حاضري ڏني هئم. سندس فرزند سجاد حسين قريشي صاحب بہ ان سلسلي ڪري لاڳاپو قائم رکندو اچي.

جيتوڻيڪ هيءَ پير طريقت هو، پر پنجاب اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو ۽ ملکي سياست ۽ حصو ورتائين، ان ڪري مناسب سمجهان ٿو تہ سندس هڪ خط هتي پيش ڪريان.

*

ملتان شهر، ۲۸- نومبر ۱۹۴۴ع.

توهان جو ۲۰ تاريخ وارو خط پهتو. ان جي جواب ۾ لکجي ٿو تہ گذريل ضمني چونڊ بعد مون کي پتو پيو آهي تہ اوهان طرفان مريدن جي پلائيءَ لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪيو ويو آهي. اهي غريب ويچارا الیڪشن کان پوءِ اڪيلي سر نقصان پوڳيندا رهيا ۽ ڪنهن بہ سندن تڪليفن هٽائڻ لاءِ ڪوشش نہ ڪئي آهي. مريدن لاءِ منهنجي دل ۾ الاهہ پيار آهي. آءٌ پيهر کين تڪليفن ۽ وجهڻ نٿو گهران. ان ڪري مون کين آزاد ڇڏيو آهي، تہ جنهن بہ اميدوار کي وٹين مدد ڪن. هي ووٽ ڪرڻ لاءِ پنهنجي مرضيءَ جا مالڪ آهن، آءٌ سندن آزاد خياليءَ ۽ دست اندازي ڪرڻ نٿو چاهيان.

ـ اوهان جو مخلص، مريد حسين.

پاڳو ٻيو

(۱)

رئيس غلام محمد خان پرڳڙي

رئيس غلام محمد خان پرڳڙي، سنڌ جي انهن هستين مان آهي، جي آزاديءَ جي تحريڪ جا علمبردار ۽ مخلص قومي ڪارڪن هئا. اهڙن بزرگن تي ملڪ ۽ قوم کي بجاطور فخر ڪري سگهي ٿو. سنڌ جي زميندارن ۽ اڪثريت انهن ماڻهن جي آهي، جي ڏاڍين جا غلام، ايجنٽ، ۽ بزدل، ۽ بي اصول ڏين ٿا. جڏهن زميندار جو نالو ڪو ڪڍي ٿو ته دل کي بچان پيئي اڇي. پر جيڏن سنڌ ۽ کي دودا ته ڪي جنيسر پيدا ڏيندا آيا آهن، اهڙيءَ طرح زميندارن ۽ رئيس غلام محمد خان پيدا ڪيا، انهيءَ طبقي جي عزت بچائي ورتي. سندس زندگيءَ جو زياده احوال "جنب گذاريم جن سين" ڪتاب ۽ ڏنل آهي، تنهنڪري هتي گهڻو احوال نٿو ڏجي. رڳو ايترو چوڻ ڪافي آهي ته هيءَ آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ جز جنرل سيڪريٽري ۽ آل انڊيا مسلم ليگ جو صدر رهي چڪو هو. جڏهن سنڌ جا اڪثر مسلمان زميندار حڪومت جي خوف کان پيا ڇرڪندا هئا، ته ان وقت هن مرد مجاهد کليو کلايو هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ ۽ سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ جي تحريڪ ۽ حصو ورتو.

تاريخ ۽ هڙن ماڻهن جو نالو سدائين دائم قائم رهندو، پر اهڙا ماڻهو، جي ملڪ سان غداري ڪري، اوچي درجي تي نه پهچن ۽ مٿن ڪروڙن روپين جا قبا نه جڙيا وڃن، تڏهن نه تاريخ جو اهڙو ڪو دور نه ايندو، جو سندن نالا نشان سڃي ويندا.

"رئيس صاحب، ديڪنگ پرڳڙي (ضلعي ڪرپارڪر) جو ويندل،

رئيس ولي محمد خان جو فرزند هو. هن جي ولادت ۱۸۷۵ع ڌاري ٿي ۽ ۶. مارچ ۱۹۲۴ع تي وفات ڪيائين.

هن وقت سنڌس فرزند رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي زنده آهي، جو پنهنجي والد مرحوم جي روايتن کي قائم رکندو اچي.

آءٌ پاڻ کي وڏو خوش قسمت سمجهان ٿو. ته اهڙي لائاني بزرگ جي واقفيت ۽ لاڳاپي جو شرف حاصل آهي.

سنڌس هڪ خط ڏجي ٿو.

خط

حيدرآباد ۱۹- آڪٽوبر ۱۹۲۳ع.

بخدمت جناب حضرت شاه صاحب، سيد سيان غلام مرتضيٰ شاه صاحب سلمه المنان! بعد السلام عليڪم جي عرض ته اسان جو خاص ماڻهو محمد اسماعيل اوهان ڏانهن اچي ٿو. روبرو احوال عرض رکندو، الیڪشن جي ڪم بابت، جو مان اميدوار بيٺو آهيان، جنهن جي اوهان صاحبن کي اڳ خبر ڏني آهي. سنڌس احوال ٻڌي، اسان جي نالي ووٽ وٺارائي ڏيندا، ته عين احسان سمجهنداس.

- غلام محمد پرڳڙي

(۲)

سيٺ حاجي عبدالله هارون

سنڌ جي سياسي ڪارڪنن ۽ رئيس مرحوم غلام محمد خان پرڳڙيءَ کان پوءِ مسلمان واپاري طبقي مان سيٺ حاجي عبدالله هارون مڪيءَ جاءِ والاري ٿو. هيءٌ ۱۸۷۳ع ڌاري ڄائو هو. ڪچ جي ميمڻ خاندان سان واسطو رکندڙ هو. منڊي ۽ هيءٌ غريب هو، پوءِ آهستي ڪري وڏيءَ ملڪيت جو صاحب بنجي ويو. هن صاحب نه صرف سنڌ جي سياسي معاملن ۽ دلچسپي ورتي، پر تعليم، مسجدن، اسپتالن ۽ بين عام پلائيءَ جي ڪمن ۽ بـ دل کولي چندا ڏنا. سنڌس زندگيءَ جو مفصل احوال "جنب گذاريم جن سين" ۽ ڏنو آهي،

ان ڪري، وڌيڪ ڏيڻ مناسب نٿو سمجهان.

مون سان سنڌس تعلق ۱۹۲۰ع ۾ 'سنڌ پوليٽيڪل ڪانفرنس' سکر جي وقت کان قائم ٿيو ۽ آخر وقت تائين هلندو آيو. سنڌس سوين خط مون وٽ موجود آهن، جن مان ڪجهه هتي ڏجن ٿا.

ڪيس خدا صالح اولاد عطا ڪيو آهي، جن ۾ يوسف هارون محمود هارون ۽ سعيد هارون سنو نالو ڪيو آهي.

(۱) [چيل سنڌي]

دفتر مجلس خلافت صوبه سنڌ، ڪراچي، ۲۰- جون، ۱۹۲۲ع.

محترم من، پيرسيد ميان غلام مرتضيٰ شاهه صاحب! السلام عليڪم

اوهان صاحبن کي خبر هوندي ته ٻن سالن کان سنڌ خلافت ڪانفرنس جو سالياڻو اجلاس نه ٿي سگهيو آهي. انهيءَ گهٽتائيءَ کي محسوس ڪري ۽ ڏيز انهيءَ ڪالهه لاءِ ته صوبي سنڌ ۾ نئين سر بيداري پيدا ٿئي، سکر ۾ ڪانفرنس جو سالياڻو اجلاس مورخه ۷-۸-۹ جولاءِ ۱۹۲۲ع مطابق ۱۱-۱۲-۱۳ ذي القعده ۱۳۴۰هـ مقرر ڪيو ويو آهي. هن اهم اجلاس جي صدارت لاءِ خادم خلافت مسٽر محمد پڪتال، نومسلم انگريز، "بمبئي ڪرانيڪل" اخبار جي ايڊيٽر کي درخواست ڪئي ويئي آهي. اميد آهي ته هو صاحب قبول ڪندو. اهڙيءَ طرح هندستان جي مشهور مسلمان ۽ هندو ليڈرن کي دعوت ڏني ويئي آهي، جنهن جي منظور ٿيڻ جي گهٽي اميد آهي.

توهان جي خدمت ۾ هن اطلاع عرض ڪرڻ سان گڏ هيءَ به درخواست آهي ته ايڏي وڏي ڪم جو بار اوهان جي مدد ۽ ڪوشش کان سواءِ اسان جا ضعيف ڪلها برداشت نه ڪري سگهن ۽ پٺسي ڏوڪڙ جي به ضرورت آهي. اوهان جي عنايت ۽ همدرديءَ ۽ اميد آهي ته اوهين اسان جي مدد ۽ فروگذاشت نه ڪندا. هن جي لاءِ پنهنجي حاڪم اثر مان گهٽن ماٿهن کي ترغيب ڏيارينداتو ته هو ڪانفرنس جا ڊيليگيٽ ٿين. دعوتناما ۽ ٽڪٽن جا اکهه وغيره ڪالهيون وقت بوقت اوهان جي خدمت ۾ عرض رکيبون.

فقط والسلام ـ

حاجي عبدالله هارون، صدر مجلس خلافت صوبه سنڌ، ڪراچي.
حڪيم شمس‌الدين احمد، سيڪريٽري مجلس خلافت صوبه سنڌ.
ڪراچي.

(۲) [سنڌي]

نيپئر روڊ، ڪراچي، ۱۸- جنوري، ۱۹۲۶ ع.

مڪرمي و مشفقي ام جناب سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب،
سلامت! السلام عليڪم. اوهان کي نيڪروشن هجي ته دوستن احبابن جي صلاح موجب مون ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي اسڪالبورڊ جي ميمبريءَ لاءِ اميدواريءَ جي درخواست ڏني آهي ۽ جنرل (عام) ڪلاس ۽ جيڪي ۽ ميمبر چونڊجڻا آهن، تن مان هڪ جي واسطي آءٌ به اميدوار آهيان.

ابتدائي تعليم جي ترقي ۽ مسلمانن جي فائدي لاءِ جيڪڏهن منهنجو اسڪولبورڊ تي هجڻ ضروري سمجهو ته اوهان مهرباني فرمائي، پنهنجا سپ ۽ ووٽ يا انهن ۽ ووڻن مان جيترا ووٽ اوهان ڏيئي سگهو، سي منهنجي نالي ۽ ڏيئي، مون کي چوند ۽ ڪامياب ڪرڻ سان ڪراچي ضلعي جي تعليمي ترقيءَ لاءِ خدمت ڪرڻ جو موقعو ڏيئي مشڪور فرمائيندا.

رسم ۽ دستور آهي ته اميدوار ووڙن ووٽ وجي ووڻن لاءِ ست ستاءُ ڪندا آهن، پر آءٌ ائين ڪرڻ مناسب نٿو سمجهان. تنهنڪري جيڪڏهن آءٌ اوهان وٽ يا اليڪشن واري ڏينهن ميٽنگ ۽ روبرو حاضر ٿي نه سگهان، ته اميد ته اوهان ان جو ڪو خيال نه ڪندا ۽ جيڪي اوهان کي مناسب نظر اچي سو ڪندا.

ـ اوهان جو نيازمند، خادم قوم، حاجي عبدالله هارون M. L. C،
نيپئر روڊ، ڪراچي.

(۳) [چٺيل، سنڌي]

نيپئر روڊ، ڪراچي، ۳۰- اپريل، ۱۹۲۶ ع.

محترم معظم دام الطافڪم. السلام‌عليڪم و رحمة الله و برڪاته.

اما بعد، اوهان صاحبن کي اخبار ذريعي معلوم ٿيو هوندو ته هي خاڪسار خادم وائسراء هند جي ڪائونسل يعني انڊين ليجسليٽو اسيمبليءَ جي ايندڙ اليڪشن ۾ سنڌ جي عام مسلمانن جي طرفان اميدوار بيٺو آهي. آءٌ اوهان صاحبن جي خدمت ۾ يقين ٿو ڏياريان ته مون کي سواءِ پنهنجي مسلمان پائرن جي خدمت ڪرڻ ۽ پنهنجي قوم جي بهتري ۽ بهبودي ڇوڙڻ جي، ذاتي طرح ڪوبه ٻيو غرض ڪونهي.

جيڪڏهن اوهان صاحبن مون کي پنهنجو خادم سمجهي، پنهنجو عيوضي چونڊي موڪليو ۽ مون پاڻ کي اوهان صاحبن جو پورو عيوضي ثابت ڪيو ۽ قوم جي ڪا چڱي خدمت مون خاڪسار کان ٿي، ته آءٌ پنهنجي لاءِ وڏا ڀاڳ ۽ خوش قسمتي سمجهندس. آءٌ اوهان جي خدمت ۾ هي عرض ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان ته آءٌ بفضل تعالىٰ آزاد طبع خادم آهيان ۽ ورهين کان وٺي پنهنجي مسلمان پائرن جي خدمت ۽ مسلمانن جي قومي حقن جي حفاظت ڪرڻ منهنجي حياتيءَ جو مقصد ٿي ڇڪو آهي. مون کي اوهان پائرن جا حق حقوق وڌيڪ پيارا آهن. انهيءَ ڪري اوهين صاحب پنهنجي حقن جي حفاظت جو گهٽو ڪر مون کان وٺي سگهندا.

اميد ته اوهان صاحب پنهنجا ۽ پنهنجي دوستن جا ووٽ مون کي ڏيئي اوهان جي خدمت ڪرڻ جو موقعو ڏيندا. مهرباني فرمائي تسلي بخش جواب جلد موڪلڻ سان سرفراز ڪندا.

- نيازمند خادم قوم، عبدالله هارون M.L.C

(پنهيان لکيل)

محترم بنده، السلام عليڪم، آءٌ اوهان جي ان ڪرمفرمائيءَ جو بي انتها مشڪور آهيان، جو اوهان پنهنجي گذريل ميٽنگ ۾ منهنجي مڪمل مدد فرمائي ۽ پين بزرگن کي به منهنجي تائيد لاءِ آماده ڪيو. ۽ مان اميد ٿو ڪريان ته آئيندي وقت اچڻ تي به منهنجي مڪمل مدد ڪرڻ فرمائيندا.

آخر ۾ هڪ ڀيرو وري شڪريو ادا ڪريان ٿو.
- فقط نيازمند، حاجي عبدالله هارون.
ليمڪٽر روڊ، ڪراچي، ۲۶-۴-۱۹۲۸ ع.

(۴)

بخدمت جناب سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب، السلام عليڪم ۽ رحمة الله و برڪاته. عرض ته هن ڪڏهن هڪ ڪڏيل اعلان، جو ڪراچي شهر جي معزز حضراتن پاڻ ۾ مشورو ڪري تيار ڪيو آهي، جنهن جي ڪاپي اوهان صاحبن جي خدمت ۾ موڪلي وجي ٿي. اميد آهي ته ٿس ڪافي غور ڪري جلد کان جلد پنهنجي روشن خيال کان مستفيض فرمائيندا، جنهن بعد کو manifesto اخبارن ۾ شايع ڪرڻ لاءِ موڪليو ويندو. زياده خير والسلام.
- نيازمند، حاجي عبدالله هارون.

ڪاپي

صوبه سنڌ کي جدا ڪرڻ جو سوال
سنڌ جي مستقبل، ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جو مسئلو
مسلم پوليٽيڪل ڪانفرنس سڏائڻ جي اشد ضرورت
مسلمان پائرن کي شريڪ ٿيڻ لاءِ اپيل

برادران اسلام، هن وقت ساري هندستان ۾ سنڌ کي جدا پرڳڻي ڪرڻ جي سوال تي تمام جوش ۽ خروش سان بحث ٿي رهيو آهي. آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽي، انڊين نيشنل ڪانگريس، آل انڊيا مسلم ليگ، آل پارٽيز ڪانفرنس ۽ پڻ سنڌ ۾ هندستان جون ڪي قومي جماعتون ۽ اخبارون ساڳئي قسم جي تقاضا ڪري رهيون آهن. جيتري قدر اسان کي خبر آهي ته اها ملڪ ۾ هلچل ڏسي، گورنمينٽ پڻ ان ڳالهه تي سنجيدگيءَ سان سنڌ جي مالي، زباني ۽ جاگرافيائي حالتن کي مد نظر رکي ويچار ڪري رهي آهي، ۽ مختلف خيالن جا سنڌ جا آفيسر ۽ گورنمينٽ آف انڊيا جا وقتا فوقتا خانگي ملاقاتن ۽ انهيءَ بابت معلومات حاصل ڪرڻ جي

ڪوشش ڪري رهيا آهن. مگر افسوس آهي ته سنڌ ۽ ڪي هندو سڀا جا ڪارڪن مسلمانن ۽ محض خيالي ني ڀروسي جي ڪري سنڌ جي جدا ٿيڻ جي سخت مخالفت ڪري رهيا آهن. نه رڳو ايترو پر اهي هندوسڀا جي ليڈرن ۽ بين هندن کي ٻڌ هندوسڀا جي زهريلي Organization جي ماتحت زور شور سان مخالفت ڪرائي رهيا آهن: مگر گهڻي خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته ڪيترائي سمجهدار هندو پاڻ جن کي سنڌ ملڪ جي بهبودي ۽ واڌاري جي واجبي خواهش آهي، اهي سنڌ جي جدا ڀرڪڻي ٿيڻ ۽ نهايت خوش آهن. نه رڳو ايترو پر سرجوشيءَ سان ڪم ڪري رهيا آهن، تن جو هڪ سنڌ جي هندو خواه مسلمان کي شڪرگذار ٿيڻ گهرجي.

۲- حقيقت ۽ سنڌ جي علحدگيءَ جو سوال هڪ ملڪي ترقي ۽ بهبوديءَ جو سوال آهي. جنهن جي تائيد وقتا فوقتا هندو مسلمان ليڈرن مختلف موقعن تي ڪئي آهي. مثال طور ڇڏهن ۱۹۱۳ع ۽ انڊين نيشنل ڪانگريس ڪراچيءَ ۾ ٿي هئي، تنهن ۽ سرڪواسي سيٺ هر چند راءِ وهنداس صاحب چيئرمن رسيپشن ڪاميٽيءَ جي حيثيت ۽ پنهنجي دوران تقرير ۽ هن طرف اشارو ڪيو هو ۽ وري مختلف موقعن تي سنڌ پراونشل ڪانفرنسون ٿيون آهن، تن ۽ به الهيءَ ساڻئي مسئلي جي فائدي ۽ نهراءَ پاس ٿيا آهن. وري ڇڏهن ۱۹۱۸ع ڌاري ٽئين سڌاري جي وقت سنڌ جي پاران جيڪا Representation گورنمينٽ ڪي پيش ڪئي وئي هئي، تنهن ۽ زوردار دليلن سان جي نقصان سنڌ ڪي بمبئي ڪاني سان گڏ رهڻ ڪري ٿي رهيا آهن، سي واضح طور ڊيڪاريسا ويا هئا، ۽ پڻ Chamber of Commerce ڪراچيءَ، جي وقتا فوقتا بمبئي جي گورنر ۽ وائسرائن کي انڊريس پيش ڪيا آهن، تن ۽ به سنڌ کي بمبئي سرڪار جي بيپرواهيءَ ڪري جي نقصان ٿي رهيا آهن، تن بابت شڪايتون ڪيون ويون آهن. وڏي خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته گذريل سال اسان جي اڳوڻي سنڌ جي ڪمشنر صاحب (مسٽر ڪئبل) لنڊن ۽ هڪ جلسي جي موقعي تي نهايت صاف ۽ زوردار

الفاظن سان سنڌ جي بمبئي ڪاتي ڪان جدا ڪرڻ تي اشارو ڪيو هو. مٿين حقيقتن تي غور ڪندي، اسان کي اميد آهي ته موجوده وقت جا هندو مسلمان ليڈر صاحب به انصاف ڏي مد نظر رکي انهيءَ واجبي تجويز جي پرتائيد ڪندا.

۳- هندو سڀا جي غلط پروپيگنڊا کي پنجي ڪرڻ لاءِ نهايت ضروري آهي ته سنڌ جا مسلمان، جن جي آبادي منو حصو آهي، سڀ کان وڌيڪ پنهنجي پرڳڻي جي مستقبل بابت پنهنجو رايو تمام صاف ۽ زوردار لفظن ۾ پبلڪ ۽ گورنمينٽ جي سامهون ظاهر ڪن. ۽ وقت اچي ويو آهي جڏهن جلد کان جلد سنڌ جي مسلمانن جي هڪ پوليٽيڪل ڪانفرنس سڏائي وڃي، جنهن ۾ سنڌ جي علحدگيءَ جي سوال سان گڏ مسلم ليگ، ڪانگريس ۽ آل پارٽيز ڪانفرنس جي ٻين ٺهرائن تي به غور ڪيو وڃي ۽ ملڪ جي آئينده آئيني دستور العمل جي متعلق سنڌ جي مسلمانن جو غور شده فيصلو ملڪ جي سامهون پيش ڪيو وڃي.

اهڙيءَ ڪانفرنس کي ڪامياب بنائڻ لاءِ اميد رکي، اسان سنڌ جي هرهڪ مسلمان کي اپيل ڪريون ٿا ۽ جنهن صورت ۾ سنڌ محمدن ايسوسيشن ۽ صوبه سنڌ خلافت ڪاميٽي ٻڻ گهٽو وقت اڳي اهڙي ڪانفرنس سڏائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي آهي، تنهن صورت ۾ اسان کي کو شڪ ڪونهي ته سنڌ جي مختلف پوليٽيڪل خيالن جا ماڻهو گڏجي اهڙيءَ ڪانفرنس کي ڪامياب ڪندا. اميد آهي ته سنڌ جا ذميدار ۽ سربرآورده مسلمان انهيءَ تجويز بابت واضح طور پنهنجو رايو ٻڻ پريس جي ذريعي ظاهر ڪندا.

اسان انهيءَ راءِ جا آهيون ته اها ڪانفرنس سنڌ جي مرڪز ڪراچي شهر ۾ سڏائي وڃي، پر تنهن هوندي به جيڪڏهن ٻئي ڪنهن شهر جا مسلمان ڪانفرنس سڏائن جو بار پاڻ تي هموار ڪندا ته اسان ان ۾ گهٽي خوشيءَ سان شامل ٿينداسون.

لياڙمندان

۱- صحيح مير محمد بلوچ
۲- صحيح عبدالله هارون
۳- صحيح قاضي عبدالرحمان
۴- الحبد ولي محمد حسنعلي
۵- طيب علي علوي
۶- شيخ عبدالمجيد

(۵)*

ليڊر روڊ، ڪراچي، ۱۸- نومبر، ۱۹۳۰ع.

پيارا سيد غلام مرتضيٰ شاهه، اوهان کي اخبارن مان معلوم ٿي چڪو هوندو ته پروفيسر شاهاڻي سنڌ - هندو انسوسيشن جي صدر ياران کجهه ڏينهن اڳ، سنڌ جي ورهاڱي بابت وزير اعظم انگلنڊ، سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا ۽ ڪن ٻين وڏن کي ٻي بنياد ۽ غلط تارون موڪليون ويون آهن. (ان جو نقل هن گڏ موڪلجي ٿو). ان غلط فهميءَ کي دور ڪرڻ لاءِ مون انهن ڏي وضاحتي خط موڪليو آهي (جنهن جي ڪاپي به موڪلجي ٿي) جو خود پنهنجي تشريح آهي ۽ اميد ته اوهان کي پسند پوندو.

منهنجي خيال موجب هيءُ پروپيگنڈا جو صحيح وقت آهي ۽ نه خاموش ٿي ويهڻ جو. اهو پڻ ضروري آهي ته سنڌ محمدن انسوسيشن جي مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ سڏائي، هن سوال تي غور ڪري، ڪو عملي قدم کنيو وڃي.

جيڪڏهن اوهان موزون سمجهو ته ذاتي طور يا انسوسيشن ياران ساڻئي قسم جون تارون مٿين ماڻهن (جن جو مٿي حوالو ڏنل آهي) ڏانهن مون وانگر ڪريو.

- اوهان جو مخلص، حاجي عبدالله هارون

[تار]

وزير اعظم، برٽش ڪئبينٽ، لنڊن "پروفيسر شاهاڻيءَ جي سنڌ. جي جدائيءَ ۾ بيت غلط بيانيءَ تي مشتمل ٽيليگرام تي ڪوبه توجهه نه ڏيندا، جنهن ۾ سنڌ ۽ تازن ڏاڙن لڳڻ جو ذڪر آهي. ڦرلٽ ۽

قتل عام جي الزامن کي وڏائي ۽ غير ضروري فرقيوار رنگ ڏيڻي پيش ڪيو ويو آهي. سڄيءَ سنڌ ۽ سکر ضلعي کان سواءِ ڪٿي به ڪو ڏاڙو نه لڳو آهي اتي به ٻوڏ ۽ معاشي تنگيءَ ڪري اهڙا واقعا ٿيا آهن، جن ۽ هندن ۽ سکن ٻنهي حصو ورتو آهي. زرعي آبادگار طبقو مڪمل طرح وياج خورن جي قبضي ۽ آهي، سکر ضلعو وڏ ۽ وڏ قرض هيٺ آهي. هر آبادگار تي سراسري طرح ۵۰۰ روپيا قرض آهي.

نيڪ روهڻ هجي ته گذريل ڪيترن سالن کان هندو مسلم عام راءِ سنڌ جي جدائيءَ لاءِ تاريخي، جاگرافيائي، لساني، انتظامي ۽ اقتصادي بنيادن تي مطالبو ڪندي آئي آهي.

ـ حاجي عبدالله هارون، ميمبر ليجسليٽو اسيمبلي.

نقل

۱- سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا،
۲- هزهائينس سر آغا خان نمائنده
۳- محمد علي جناح، نمائنده
۴- ڊاڪٽر شفاعت احمد خان نمائنده
۵- ايم. آر. جيڪر، نمائنده
۶- سر ڪواسجي جهانگير، نمائنده
۷- نواب سر عبدالقيوم، نمائنده
۸- سر فيروز سي سيٺنا، نمائنده
۹- سر شاهنواز ڀٽو نمائنده
۱۰- سر محمد شفيع نمائنده
۱۱- مولانا محمد علي، نمائنده
۱۲- ڊاڪٽر مونجي، نمائنده، گول ميز ڪانفرنس.

گول ميز ڪانفرنس جي اڳواڻن ڏانهن تار جي ڪاپي

هيٺين تار مسٽر ايس. سي. شاهاڻي M. L. C طرفان، جناب رامسي ميڪڊونالڊ، جناب وڄ وڊيين، سرتيج بهادر سپرو، جناب جيڪر ۽ ڊاڪٽر مونجي ڏانهن موڪلي ويئي آهي.

"اوهان جي ڏيان ڏي سنڌ ۽ ڪيل تازين ۾ سو ڦرن جا واقعا آڻجن ٿا. هندن کي سکر ۾ روهڙيءَ ۽ بسريءَ طرح ڦري لٽي، زخمي ۽ بيعزتو ڪري، قتل ڪيو ويو آهي. سنڌ جي جدائي انتهائي غير ضروري آهي ۽ ڪنهن به صورت ۽ نه ٿيڻ گهرجي. ٻيءَ حالت ۽ سنڌي هندو مڪمل طرح تباهه ٿي ويندا."

(٦)*

نيپئر روڊ، ڪراچي، ۴- جنوري، ۱۹۳۱ع.

پيارا سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب، آءٌ اوهان کي هن خط سان گڏ، نواب محمد اسماعيل خان، ميرٺ (صدر آل انڊيا مسلم ڪانفرنس) ڏانهن مولانا محمد عليءَ طرفان لنڊن سان ڪيل تار جو نقل موڪليان ٿو، جو آل انڊيا مسلم ڪانفرنس جي سيڪريٽريءَ پاران اڄ مون کي پهتي آهي. ان سان گڏ خط به هو، جنهن ۽ چاڻايل آهي ته:

"موجوده اهم سياسي مسئلن بابت، لنڊن جي نمائندن طرفان هندستان جي معزز مالهن ڏانهن موڪليل تارن تي غور ڪرڻ لاءِ آل انڊيا مسلم ڪانفرنس جي ورڪنگ ڪاميٽي ۶- تاريخ ميرٺ ۽ گڏ ٿيندي. جنهن ۽ مون کي حاضر رهڻ گهرجي."

اطلاع تمام مختصر عرصي جو آهي. ان ڪان سواءِ کي ضروري مصروفيتون به ان دعوت کي قبول ڪرڻ ۾ ميٽنگ ۽ حاضر

رهڻ کان مانع آهن، ان ڪري سون اوڏانهن نه وڃڻ جو فيصلو ڪيو آهي. پر خانبهادر الهه بخش طرفان ۷- تاريخ جيڪب‌آباد ۾ سڏايل سنڌ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندس.

ضروري آهي ته اسان انهن تارن تي ڇڪيءَ طرح غور ڪري فيصلو ڪريون ته انهن حالتن ۾ اسان ڪهڙو رويو اختيار ڪرڻ گهرجي. سون اڳواٽ اهڙو انتظام ڪري ڇڏيو آهي، ته ۶- تاريخ ميرٺ ۾ ٿيندڙ آل انڊيا مسلم ڪانفرنس جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ طرفان جيترو جلد ٿي سگهي تار رستي جيڪب‌آباد فيصلو پهچڻ گهرجي، ته جيئن ان جي رهنمائيءَ ۾ اسان پنهنجي طرفان ڪو فيصلو ڪري سگهون.

انهن حالتن هيٺ، سون ڪي اميد آهي ته اوهان پنهنجون سڀ مصروفيتون سيڙائي، ۷- تاريخ جيڪب آباد ۾ حاضر ٿيندا، ته جيئن اوهان جي مفيد مشورن سان ڪانفرنس ڪنهن خاص پڇاڙيءَ تي پهچي سگهي.

- اوهان جو مخلص، حاجي عبدالله هارون

تار - خط (Cablegram)

لنڊن - ۲۹ ڊسمبر ۱۹۳۰ع، ۳۵-۱۱ وڳا صبح
[پهچ - ۳۱ ڊسمبر ۱۹۳۰ع، ۱۵-۹ وڳا صبح]

اسماعيل خان، مصطفيٰ محل، ميرٺ

ڏري گهٽ ۲۰ تاريخ مري ڇڪو هئس، پر وري هوش واريءَ حالت ۾ اچڻ بعد ڪم شروع ڪيو اٿون. هن نازڪ موقعي تي ڪيترون تارون پهچنديون رهن ٿيون. پر سون کي اوهان جي مشوري ۽ دهلي ڪانفرنس جي لهراءَ جي ضرورت آهي. مشورو ڏيندا ته آيا آڻ پنجاب ۽ بنگال جي اڪثريتن جي سوالي کي ڇڏي، وڳو جدا چونڊن تي اصرار ڪريان يا جدا چونڊن جي مسئلي کي مٿين سوالن جي حصول خاطر ڇڏي ڏيان، جيئن دهلي ڪانفرنس

جي نمراءَ ۽ آهي. جيڪڏهن هندو خاص ڪري، پنجاب ۽ بنگال کي اڪثريت ڏيئ، صوبي سرحد کي سڏارا ڏيئ ۽ سنڌ جي جدائيءَ جون سڀ تجويزون (جي اسان ڪنهن به صورت ۽ ڇڏڻ لاءِ تيار نہ آهيون) قبول ڪن، تہ هن سوال کي ڇڏي ڏجي. منهنجي پاليسيءَ جو اختصار اهو آهي تہ هندن کي سندن گهٽائيءَ وارن صوبن ۽ مڪمل اختيار ڏيئ گهرجن ۽ اتي مسلم اقليت کي اهڙو تحفظ ملئ گهرجي، جهڙو مسلم گهٽائيءَ وارن صوبن ۽ هندو اقليت کي ڏنو وڃي.

اَنسوسئيشن ۽ جمع نمازن جي ميڙن ۽ اهڙين گهرن بابت نمراءَ پاس ڪرائي، لنڊن (گول ميز ڪانفرنس لاءِ) آغا خان کي رٽز هوٽل ۽ موڪليا وڃن.

هيءَ منهنجي تار سيني مسلمان اخبارن ۽ چپائي وڃي. سڀاڻي اوهان جي تار جي جواب لاءِ منتظر رهندس.

ـ محمد علي، هائيڊ پارڪ هوٽل

(۷)

نيپئر روڊ، ڪراچي، ۱۰ - جنوري ۱۹۳۱ع.

پيارا سائين، آءٌ هن سان گڏ اوهان جي خاص مطالبي لاءِ سنڌ مسلم ڪانفرنس جيڪب آباد جي نمرائن جي ڪاهي موڪلڻ ٻيو، جا منهنجي صدارت ۽ ٿي گذري هئي.

ـ اوهان جو مخلص، حاجي عبدالله هارون.

سنڌ مسلم ڪانفرنس

خانبهادر الهہ بخش، ميمبر ليجسليٽو ڪائونسل جي دعوت تي جيڪب آباد ۽ ۹- جنوري ۱۹۳۱ع تي سنڌي مسلمانن جي ڪانفرنس ٿي گذري. اٽڪل هزار ڪن مسلمانن، جن ۽ ڪيترا زميندار ۽ جيڪب آباد جا دعوتي شامل هئا، شرڪت ڪئي. انهن مان خصوصا ڪيترا بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۽ ليجسليٽو اسيمبليءَ

ٿي سنڌ مان چونڊيل مسلمان ميمبر هئا. سيٺ حاجي عبدالله هارون متفق راءِ سان ڪانفرنس جو صدر چونڊيو ويو. سنڌ جي مسلمانن جي پلائيءَ جي مختلف مسئلن بابت حاضرين خاص دلچسپي ڏيکاري. صدر، سيٺ حاجي عبدالله هارون M. L. A جي تجويز ٿي اهو قبول ڪيو ويو ته "سنڌ مسلم ليجسليٽرس ايسوسيشن" قائم ڪئي وڃي ۽ خانبهادر الهه بخش M. L. C کي گذارش ڪئي ويئي ته نهندڙ ايسوسيشن جا قاعدا قانون ترتيب ڏئي.

ڪانفرنس ۽ هيٺيان ٺهراءَ پاس ڪيا ويا:

ٺهراءَ

(۱) هيءَ ڪانفرنس حڪومت کان زوردار گهر ڪري ٿي ته مقرر ڪمل زرعي ڀل، جا هن سال زمينداران کي ڏيڻي آهي، سا گهٽائي وڃي، جاڪاڻ ته زرعي جنسن جي اگهه ڪري پوڻ ڪري هنن لاءِ ادائيگي مشڪل آهي.

وڌيڪ فيصلو ڪيو ته ڪانفرنس طرفان مقرر ڪيل هيٺين ميمبرن جو وفد، ۱۱- جنوري ۱۹۳۱ع تي عزت مآب ميمبر ريونيو جي لاڙڪاڻي ۾ آمد تائين انتظار ڪري ــ اهو ۽ فيصلو ڪيو ته سب ڪاميٽيءَ جي ميمبرن طرفان سنڌ ۾ ڏڻ جي گهٽائڻ جي مقصد جي حصول لاءِ آئيني حدن اندر احتجاج ۽ عوامي تحريڪ جو پروگرام لاهيو وڃي. ان کان سواءِ هيءَ گڏجاڻي سيني ليجسليٽرن ٿي زور ڀري ٿي ته اهي سرڪار تي زوربار وجهڻ لاءِ ڏلن گهٽائڻ واسطي ڪائونسل ۾ ٺهراءَ پيش ڪن.

۱. سيٺ ليجسليٽر
۲. خانبهادر محمد پناهه ڏکڻ
۳. خانبهادر علي حسن هڪڙو
۴. خانصاحب عبدالحميد خان
۵. خانصاحب غلام محمد خان
۶. غلام مرتضيٰ عيسائي
۷. خانصاحب امير بخش
۸. خانبهادر غلام نبي خان
۹. خانصاحب درمحمد خان
۱۰. خانبهادر دلمراد خان

۱۱. اوستو عبدالله.

خانبهادر الهه بخش هن ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري ٿي ڪم ڪندو ۽ ڪاميٽيءَ کي وڌيڪ ميمبرن شامل ڪرڻ جو اختيار هوندو.

رٽ ڏني: خانبهادر محمد پناهه ڊڪٽ

تائيد ڪندڙ: مير بنده علي خان M. L. C

(۲) ته هيءَ ڪانفرنس مضبوطيءَ سان ان راءِ جي آهي ته غير مشروط طور سنڌ کي جلدي بمبئي صوبي کان جدا ڪيو وڃي، ان کان سواءِ سنڌ جا ماڻهو ڪوبه سڌارو قبول نه ڪندا. هن سوال کي ڪنهن به فرقيوار نقطي نگاهه کان ڏسڻ نه گهرجي.

هن ڪانفرنس جي راءِ گول ميز ڪانفرنس لنڊن جي ميمبرن ڏانهن جلد موڪلي وڃي.

رٽ ڏني: سيد ميران محمد شاهه

تائيد ڪئي: مولوي عبدالڪريم چشتي.

(۳) ته هيءَ ڪانفرنس حڪومت جي ان فيصلي خلاف سخت احتجاج ڪري ٿي، جنهن موجب سنڌ انتقال ايراضي بل کي ڪائونسل ۾ آڻڻ کان روڪيو ويو. سرڪار تي زور ڀريو ٿو وڃي ته اهو بل سنڌ جي آبادگارن جي مفادن جي تحفظ جي نقطي نگاهه کان ڪائونسل ۾ آندو وڃي.

رٽ ڏني: سيد غلام مرتضيٰ شاهه سنائي

تائيد ڪئي: وڏيرو احمد خان پٺ

(۴) ته هيءَ ڪانفرنس، ڪائونسل جي ميمبرن تي زور ڀري ٿي ته جيڪڏهن سرڪار باوجود سنڌ جي مسلمان آبادگارن جي زوردار تقاضا جي، انتقال ايراضي بل کي ڪائونسل ۾ پيش ڪرڻ ۾ ناڪامياب وڃي، ته اهي ان کي غير سرڪاري بل طور جيترو جلد ٿي سگهي ڪائونسل ۾ پيش ڪن.

رٽ ڏني: سيد غلام مرتضيٰ شاهه سنائي

تائيد ڪئي: وڏيرو احمد خان پٺ

(۵) ته هيءَ ڪانفرنس انهيءَ خيال جي آهي ته عدليه کي ريونيو ڪمن کان جدا ڪيو وڃي، جيئن انصاف جي تربيونلن (ادارن) کي انتظامي ڪاتي طرفان ڏيندڙ خرابين کان صاف ڪري سگهجي.

رٽ ڏني: خانبهادر محمد پناهه ڊڪڻ

تائيد ڪئي: وڏيرو واحد بخش ٻڌو

(۶) ته هيءَ ڪانفرنس ان خيال جي آهي ته مال جي چوريءَ جي سزا ستن سالن کان وڌيڪ نه هجڻ گهرجي ـــ وڌيڪ رٽ ڏجي ٿي ته مال جي چوريءَ جي قانون ۽ ترميم ڪري. ٻاڻاريدارن لاءِ سزا مقرر ڪئي وڃي ته جيئن اصلي ڏوهارين کي سزا ڏيئي سگهجي.

رٽ ڏني: مسٽر عبدالحڪيم خان

تائيد ڪئي: مسٽر عبدالعزيز خان

(۷) ته هيءَ ڪانفرنس، سائيمن ڪميشن ۽ گورنمينٽ آف انڊيا جي ان روپي تي سخت ڏک جو اظهار ڪري ٿي، جنهن سوجب مستقبل جي آئين ۽ برٽش بلوچستان ۽ سڌارن جي سوال کي نظرانداز ڪيو ويو آهي ـــ ۽ گول ميز ڪانفرنس جي ميمبرن تي سختيءَ سان زور ڀري ٿي، ته بلوچستان جي معاملي کي صحيح نموني ۽ ڪٿي، ته جيئن بلوچستان ۽ڪي اڌر - اولهه سرحدي صوبي وانگر، هندستان جي نئين آئين ۽ ساڳين ٻرن تي ٻهاري سگهجي.

رٽ ڏني: عبدالحميد خان

تائيد ڪئي: مولوي عبدالڪريم چشتي

(۸) ته هيءَ ڪانفرنس سنڌ جي مسلمانن کي لاهور ۽ ڏيندڙ مسلم ڪانفرنس ۽ عربڪ ٽيڪ جو مشورو ڏئي ٿي، جنهن ۽ پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان جي مسلمان رهاڪن جي مفاد کي تحفظ ڏيڻ بابت غور ڪيو ويندو.

رٽ ڏيندڙ: صدر

(۹) جيئن ته نصيرآباد ضلعي جي زمين سنڌو درياهه جي

پاڻيءَ تي ايگزيڪيوٽو انجنير بيگار ڪئنال جي نگرانيءَ هيٺ آباد ڏيندي آهي؛ نصيرآباد تعلقو سنڌ جي اپر سرحدي ضلعي سان لاڳو آهي؛ نصيرآباد جي زميندارن جون زمينون سنڌ جي اپر سرحدي ضلعي ۾ آهن ۽ سندن لاڳاپا هن ضلعي سان بلوچستان کان وڌيڪ ويجها آهن، ان کان سواءِ نصيرآباد جي انتظامي اپر سرحدي ضلعي جي آفيسرن جي نگرانيءَ هيٺ بهتر نموني هلائي سگهجي ٿي — ان ڪري سنڌي مسلمانن جي هيءَ نمائنده ڪانفرنس حڪومت ٿي زور ڀري ٿي ته نصيرآباد تعلقي کي اپر سنڌ سرحدي ضلعي سان ملايو وڃي.

رٽ ڏيندڙ: خانبهادر الهه بخش M. L. C

تائيد ڪندڙ: عبدالحميد خان

(۱۰) جيئن ته سنڌ فرنٽيئر ريگيوليشن قديم دور جو قانون آهي، جو سنڌ جي اپر سرحدي ضلعي ۽ بهنهنجو صحيح استعمال وڃائي چڪو آهي، ان ڪري هيءَ ڪانفرنس سرڪار ڪي عرض ڪري ٿي، ته سنڌ فرنٽيئر ريگيوليشن ختم ڪري، سنڌ جي اپر سرحدي ضلعي ۽ عام سول قانون لاڳو ڪيا وڃن، جيئن سنڌ جي ٻين حصن سان لاڳو آهن.

رٽ ڏيندڙ: سيد غلام مرتضيٰ شاهه سنائي

تائيد ڪندڙ: سردار محمد خان ڪوسو

حمايتي: خانبهادر الهه بخش خان M. L. C

هن ٺهراءَ تي جناب عبدالعزيز خان ۽ عبدالرحيم خان متفق واه نه ٿيا، پر ٺهراءُ وڏيءَ اڪثريت سان پاس ٿي ويو.

ڪانفرنس جي ڇاڻي، صدر سيٺ حاجي عبدالله هارون جي تهدل عڪريي سان ڪئي ويئي، جنهن جون خدمتون مسلمان برادريءَ لاءِ قابل تعريف هيون. *(۷)

۱۹- ونڊسر پئلس، نئي دهلي، ۲۹- جوري، ۱۹۳۱ع.
پيارا سيد صاحب!

"گول ميز ڪانفرنس ۽ مسلمان"

گول ميز ڪانفرنس جي خاتمي تي وزير اعظم طرفان هندستان جي آڏني ترقيءَ لاءِ وڏو اميد افزا اعلان ڪيو ويو آهي. جيتوڻيڪ ڪيترن ئي اعلان جي مرحبا ڪئي آهي، خصوصا ان مسئلي بنسبت جنهن ۾ هن هندستان جي مستقبل جي آئين ۾ مسلمانن ۽ ٻين اقليتن جي مفاد جي تحفظ جو ذڪر ڪيو آهي، پر مسلمانن جي نقطي نگاهه کان اهو اڃا بر اطمينان جوگو نه آهي. وزير اعظم طرفان اهڙو اعلان ٿئي ئي نه ها، جيڪڏهن گول ميز ڪانفرنس وقت مسلمان نمائندن پاران انگلنڊ جي اختياريءَ وارن تي حد درجي جو زوربار نه پوي ها! اوهان کي اها ته ڄاڻ هوندي ته هڪ پيرو هنن ڪانفرنس جي بائيڪاٽ جي ڏمڪي به ڏني هئي. اها ڳالهه پڌري، اسان دهليءَ ۾ هز ايڪسيلينسي وائسراءِ هند سان ملياسون جنهن اسان جا رايا وزير اعظم اڳيان پيش ڪرڻ جي خاطري ڏني. اهڙو احوال اوهان پريس ۾ به پڙهيو هوندو.

حالتن جي رخ ۽ ليبر سرڪار جي اختيار ڪيل رويي جي مد نظر اسان کي سرڪار مان زياده اميدون رکڻ نه گهرجن. مسلمانن کي پنهنجي مقصدن جي حصول لاءِ پنهنجن پيرن تي بيهڻو پوندو ته جيئن پنهنجا حقوق ۽ مفاد حاصل ڪري، ملڪ جا معزز شهري بنجي سگهن.

اسان کي ڪوشش وڌ گهرجي ته هندو پائرن سان سڌا ۽ بهتر لاڳاپا قائم ڪري سگهون، جن سان اسان کي هن ملڪ ۾ ڪنهن به آئين هيٺ ڪڏهي ڪڏارڻو آهي. اسان کي سندن مخالفت نه ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان سندن ڪا مدد نٿا ڪري سگهون، ته سندن جدوجهد (تحريڪ آزادي) ۾ رندڪ بنجڻ نه گهرجي.

هن خط پهچڻ شرط اوهان ڏسي چڪا هوندا ته مهاتما گانڌي ۽ پيا ليڈر آزاد ڪيا هوندا، جاڪان ته سرڪار چاهي ٿي ته ڪانگريس

۽ ٻين مختلف الخيال ليڊرن کي ڪنهن عمل جوڙي آڻين تيار ڪرڻ جي سلسلي ۾ گڏ ڪري سگهي.

هاڻي سوال ٿو اڀي ته سنڌين کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

اول ته 'سنڌ - جدائي ڪاميٽي' سفارش ڪئي آهي ته 'سنڌ جدا ڪرڻ گهرجي'، پر صلاح آهي ته هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي وڃي، جا مالي مسئلي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، جنهن جي هن وقت ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ اسان کي پڪ هڻڻ گهرجي ته ڪاميٽي صحيح معلومات ۽ انڪ اکر گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي. آڏ اهو يقين رکندي تجويز عرض رکان ٿو ته اسان کي هڪ ڪاميٽي (مسلمانن جي) مقرر ڪرڻ گهرجي، جيڪا انڪ اکر گڏ ڪري، سرڪاري ڪاميٽيءَ اڳيان پيش ڪري.

ٻيو ته - جڏن ته اوهان کي خبر هوندي ته پنجاب ۽ هڪ تحريڪ، هندستان جي اترين صوبن جهڙوڪ پنجاب، سنڌ، بلوچستان ۽ اتر اولهه سرحدي صوبي جي حقن ۽ مفادن لاءِ هلي رهي آهي، ان ڪري اسان کي ان تحريڪ سان ملڪهل سان ڏيڻ گهرجي.

ٽيون ته - اسان کي پاڻ ۽ منظم ٿي، عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ، ميٽنگن سڏائڻ ۽ آئيني مسئلن بابت پريس ۽ ٻين ذريعن سان پروپيگنڈا ڪرڻ گهرجي ته جڏن سرڪار ۽ هندو اها حقيقت مڃڻ لاءِ تيار ٿين ۽ اسان جي اها گهر قبول ڪن ته جن صوبن ۾ اسان (مسلمانن) جي گهٽائي آهي، اتي اسان کي اقتدار حاصل ٿئي، جوڙيءَ طرح يو. پي، سي. پي، مدارس، بهار ۽ اوڙيسا ۾ هندن کي اقتدار حاصل آهي.

پچاڙيءَ ۾ آڏ وري به اها ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهران ٿو ته اسان اهي مقصد سرڪار يا هندن تي پاڙي ويهڻ سان حاصل ڪري نه سگهنداسون. ان لڳ اسان کي سخت محنت ڪري، پنهنجو وقت سيڙائي، پئسو ۽ طاقت خرچ ڪري (جڏن اسان جي ابن ڏاڏن ڪيو)، ڪم ڪرڻو آهي، جوڙيءَ طرح هندو سياسي سان انڊين نيشنل ڪانگريس ۽ هندو مهاسبا وغيره ذريعي ڪري رهيا

آهن. اسان جيڪ ۾هن ائين نه ڪيو ته پنهنجو وجود قومي توڙي شخصي حيثيت سان هندستان جي آئيندي آئين ۾ وڃائي ويهنداسون.
ـ اوهان جو مخلص، حاجي عبدالله هارون.

(۹) *

۱۶- بي- فيروزآباد روڊ، نئين دهلي، ۱۸- فيبروري، ۱۹۳۲ع.

ياران :

حاجي عبدالله هارون، ايم. ايل. اي،
چيئرمن، استقباليه ڪاميٽي، "آزاد سنڌ ڪانفرنس"

ڏانهن :

۱. سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب
۲. مسٽر قاضي عبدالرحمان
۳. مسٽر ايس. ايم. شفيع
جائنٽ سيڪريٽريز آف "آزاد سنڌ ڪانفرنس"، ڪراچي.

محترم صاحبو! اوهان کي اهو ٻڌائيندي، مون کي نهايت خوشي ٿي رهي آهي، ته سر محمد اقبال، ۲۷-۲۸ مارچ تي ٿيندڙ "آزاد سنڌ ڪانفرنس" جي صدارت ڪرڻ لاءِ رضامندي ڏيکاري آهي. پرچاري ڪم شروع ڪيو ويو آهي ۽ ڪانفرنس کي مڪمل ڪامياب ڪرڻ لاءِ تيارين ۾ ڪيون ويٺون وڃن.

هيٺيون تجويز ڪيل ڳالهيون لازمي ڪرٽيون آهن، جي اميد ته اوهان جائنٽ سيڪريٽرين جي حيثيت سان پوري ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏيندا.

(۱) استقباليه ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جو الدراج.

(۲) فنڊ گڏ ڪرڻ، ته جيئن باهرانڙ اينڊڙ دعوتين ۽ وفدن جي مفت (يا چارج تي) ڪاڏي جو بندوبست ڪري سگهجي.

(۳) پمفليٽ ۽ پوسٽر (جيڪي، منهنجي پهلڪ وزٽ آفيس ۽ ڇپائي، رکيا ويا آهن) سنڌ جي اٽڪل هڪ هزار مسلمانن کي

پوسٽ ذريعي موڪلڻ ــ هر بنڊل پنجن پوسٽرن تي مشتمل هوندو.

(۴) اهو فيصلو ڪرڻ ته ڪانفرنس پنڊال ۽ ڪجي يا خالقڊلي هال ۽ ان سلسلي ۾ تياري ۽ انتظام ڪرڻو پوندو.

(۵) باهرين دعوتين ۽ وفدن جي رهائش واسطي محمد مولو مسافرخاني ۾ بندوبست ڪرڻ لاءِ ميونسپل اختياريءَ وارن سان لکپڑهه ڪرڻ.

(۶) پريس ذريعي سنڌ جي مسلمانن کي اپيل ڪري دعوت ڏيڻ ته جيئن ڪانفرنس ۾ وڌ ۾ وڌ شرڪت ڪن.

(۷) پرچاري ڪم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪي رڪون سوچڻ.

جواب جلد ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا.

ـ اوهان جو وفادار، حاجي عبدالله هارون.

[نوٽ:- اها ڪانفرنس، بمبئي ڪائونسل جي سنڌي ميمبرن جي رٽ تي ٻوءِ ملتوي ڪئي ويئي هئي.]

*(۱۰)

نيپئر روڊ، ڪراچي، ۲- جون، ۱۹۳۳ع.

پيارا سائين! آءٌ نهايت هڪرگذار ٿيندس. جيڪڏهن اوهان سيد امين الحسيني مفتيءِ اعظم جيروسام ۽ محمد علي پاشا سابق مصري وزير جي مان ۽ ۴- جون، ڏيڍ بجي منجهند جو، منهنجي گهر، وڪٽوريا روڊ، ڪئمپ، تي ڈنل دعوت ۾ اچي شرڪت ڪندا.

ـ اوهان جو مخلص، حاجي عبدالله هارون.

*(۱۱)

نيپئر روڊ، ڪراچي، ۱۴-۶-۱۹۳۸ع.

پيارا شاهه صاحب، آءٌ هتي چنيرڏينهن، ڪوئٽا ميل ذريعي پهتو آهيان. بمبئيءَ ۽ مسٽر جناح سان سنڌ متعلق طويل ڳالهيون ڪيون. هيڪ عبدالمجيد به موجود هو.

هينئر منهنجي خواهش آهي ته اوهان سان دلي طرح گالهيون ڪريان. هفتي ٻن اندر جيڪڏهن اوهان جو ڪراچيءَ اچڻ ٿئي ته مهرباني ڪري مون کي اطلاع ڪندا.

جيڪڏهن اوهان اطلاع نه ڏيو ته آءٌ اوهان جي جڳهه تي پاڻ ايندس. مهرباني ڪري پنهنجي پروگرام کان واقف ڪندا.

هن سان گڏ آءٌ اوهان کي مسٽر جناح جي پنهنجي لکيل اصل ڊرافٽ ڪاپي موڪليان ٿو (جيڪا مخفي طور لکيل آهي). ان مان اوهان کي معلوم ٿي ويندو ته سنڌ اسيمبليءَ ۽ موجوده وزارت جي حمايت ۽ متحده محاذ ناهن ممڪن ٿي سگهندو.

ـ اوهان جو مخلص، حاجي عبدالله هارون.

*(۱۳)

ڪراچي، ۱۱- جنوري، ۱۹۴۰ع.

پيارا شاهه صاحب، آءٌ سچ پچ اهو معلوم ڪري ڏاڍو خوش ٿيس، ته اوهان آزاد ٿيا آهيو، ۽ ڏک الم جو اوهان کي وري نظر نٿا ڪيو ويو آهي.

ان جو اهو مقصد نه آهي ته اسان پنهنجي سڀني مشڪلاتن تي غالب پئجي ويا آهيون. اسان کي ايندڙ مشڪلاتن لاءِ جيڪي وقت بوقت رونما ٿيندڙ آهن، اڳ- تياري ڪرڻي پوندي. اسان کي اهو سوچي دلشڪستو ۽ بي همت نه ٿيڻ گهرجي ته اسان جي محنتن ۽ ڪشالن جو ڪو ڦل نه نڪتو آهي. جيڪڏهن اسان حق تي آهيون، ته اسان کي ان جو عيوضو مناسب وقت تي ملي ويندو.

خان عبدالقيوم ايم. اي. ايل. اي (سينٽرل) پشاور مان اڄ هتي ڪانگريس طرفان سڪر هنگامن جي انڪوائريءَ بابت آيو. منهنجو دوست هڻڻ سبب، مون وٽ رهيو. هو هيائي ويندو. اسان هن آڏو پنهنجا رايا ۽ دستاويزي شاهديون پيش ڪيون.

آءٌ ۱۳- تاريخ ٻڌڻيءَ ٻيو وڃان، جتان هن مهيني جي ۲۰ تاريخ وريندس.

ـ نيڪ خواهش سان اوهان جو مخلص، حاجي عبدالله هارون.

*(۱۳)

ڊيئر روڊ، ڪراچي، ۱۲- فيبروري، ۱۹۴۰ع.

پيارا سيد. اوهان ڪڏهن کان خاموشي اختيار ڪئي آهي. اسان کي، سنڌ ۽ جيڪي ڪجهه وهي واپري رهيو آهي، ان متعلق اخبارن مان مختصر احوال معلوم ٿئي ٿو. "آبزرور" جا جوشيلا ايڊيٽوريل ۽ اسان غور سان پڙهندا آهيون.

اسان اوهان کي تجويز ڏيون ٿا ته هيٺيون بنيادي ڳالهيون ذهن ۾ رکندا، ۽ جيڪڏهن اوهان کنهن به وقت انهن ۾ ڦيرڦار ڪرڻ چاهيو، ته مهرباني ڪري اسان سان فون يا تار رستي ضروري مسئلن بابت صلاح مصلحت ڪندا:

(۱) الهه بخش ۽ غلام حسين وزارت کان باهر نڪرڻ گهرجن.

(۲) هنن ٻنهي طرفان مسلمانن جي اتحاد لاءِ ٺيندڙ هرڪاله، گذريل تجربن جي بنياد تي، رد ڪرڻ گهرجي.

(۳) موجوده حالتن ۾ وزارت ناهڻ جي جوابداري مسلم ليگ کي کنهن به صورت ۾ پنهنجن کلهن تي نه کڻڻ گهرجي.

(۴) بهتر رٽ آهي ته اڳ ۾ وزارت ختم ڪجي، ان بعد جيڪڏهن ضروري هجي ته مستقبل بابت ڳالهين ۾ حصو ونجي.

(۵) مسلم ليگ کي پنهنجو روشن مستقبل آهي، جنهن کي، موجوده ميمبرن جي موجودگيءَ ۾ (سواءِ ڪن خاص يقين ڏهانين جي) پوريءَ مضبوطيءَ سان پنهنجي پروگرام تي هلندي، گندو ڪرڻ نه گهرجي، جيڪڏهن اڄ سگهي ته حالتن کي اهڙيءَ طرح هلائڻ گهرجي. جو اسيمبلي ختم ڪري نيون چونڊون ڪرائجن. اهوئي اسان جي مشڪلاتن جو مڪمل حل آهي. جناح ۽ ساڳيءَ راءِ جو آهي. اوهان، اسان سان کنهن به وقت صلاح مصلحت ڪري سگهو ٿا.

آءٌ هن سان گڏ وزارت پارٽيءَ جي مسلمان ليجسليٽرن طرفان

موڪليل تار جي منهنجي جواب جو نقل موڪليان ٿو، جو الوحيد ۽ ڇپيو آهي.

ـ اوهان جو مخلص، عبدالله هارون .

[سنڌي] (۱۴)

حيدرآباد سنڌ، ۹- جنوري، ۱۹۴۱ع.

بخدمت جناب سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب، السلام‌عليڪم. اوهان جيڪڏهن حيدرآباد اچو ها، تہ ڏاڍو چڱو ٿئي ها. مگر هاڻي دعا ڪجو تہ اسان جو سفر خداوند ڪريم ڪامياب ڪري. منهنجي فقط ڪوري ڪوشش آهي. الله تعالىٰ فتح ڏيندو. توهان صاحب جيڪر اچو ها تہ روبرو ۽ گهڻيون ئي گالهيون ڪريون ها.

وائسراءِ سان روبرو ملاقات ڪئي ويئي. وزارت جي باسي سنڌس خيالات سون کي ڏسڻ ۽ چڱا نہ آيا. والله اعلم بالصواب. مگر سون ٻڌو آهي تہ وزيرن سان هن گهڻي گالهہ ٻولهہ نہ ڪئي آهي: رڳو هن چيو انس تہ توهان سون کي لکي موڪليو تہ توهان جون گورنر بابت گهڙيون شڪايتون آهن، تہ ان جو غور ڪندس.

شايد اڄ لکي ڏنو هوندائون ۽ سنڌ چڏڻ کان اڳ هو مڪمل فيصلو ڪيو ويندو. وڏيڪ خدا صاحب بهتر ڄاڻي ٿو.

توهان جي ماڻهوءَ کي چئي لکي ڏني ويئي آهي تہ لاري ڪراچيءَ سان ڪٽي اچي، جو اسان هت لاري نہ آندي هئي ۽ ڪارڊ ۽ پٽ يوسف کي لکيا اٿو، جي نہ ڪيس ونئي ڏيندو. دعا آهي تہ اوهان جو سفر ڪامياب ڪندو.

سيد حسن بخش کان ..ع روپيا محمد بخش آندا هئا. اوهان مهرباني ڪري سيد حسن بخش شاهه کان باقي اٺ سؤ روپيا ترت ونرائي ڏيو تہ سنڌس ڀالي تي سؤ هيئر داخل ڪيا وڃن ۽ اهڙيءَ ريت آءٌ ۽ وڏيڪ هيئر داخل ڪري، ڪمپنيءَ جو ڪاروبار شروع ڪري ڏيان. هن ڪر ۽ جيڪڏهن توهان صاحب دل ۽ جان سان

ڪوشش ڪندا ته سيد حسن بخش شاهه صاحب ضرور پٺسا ڏيندو.

آغا غلام نبي خان پٺان ڪيترا خط لکيا آهن ته روهڙي ڊويزن ۾ جيڪا جاچ ڪميٽي مقرر ٿي آهي، ان اڃا ڪم شروع نه ڪيو آهي. ان لاءِ اوهان صاحب مهرباني ڪري ڪنبر ڪانفرنس ڪڍڻ بعد روهڙي ڊويزن جو ضرور گشت ڪرڻ جو پروگرام مقرر ڪندا، جيئن آغا غلام نبي ساڻ گڏيڪ شڪايت ڪرڻ جو موقعو نه ملي.

ڪٽهڙ شهر ۾ مسلم ليگ جون به پارٽيون ٽيون آهن. هڪ ڏر سيد الهڏنو شاهه راشدي آهي ۽ بي ڏر قربان علي برڙو آهي، جن جدا جدا مسلم ليگ برانچون قائم ڪيون آهن. موجوده ڪانفرنس قربان علي برڙي جي ڏر ڪرڻ واري آهي. اسان ڏرين کي بار بار خط لکيا آهن ته پاڻ ۾ گڏجي ناهه ڪري، مسلم ليگ جي هڪ برانچ قائم ڪري ڪم ڪريو. هن بابت سرائي علي گوهر خان لاهوريءَ کي به خط لکيو هئوسون، ته روبرو وڃي ڏرين جو ناهه ڪيو. مگر ان به کو جواب نه ڏنو آهي ۽ نه ناهه ڪرايو آهي. هينئر تازو قاضي فضل الله وڪيل کي به ڏرين جي ناهه لاءِ لکيو اٿون، مگر ان جو جواب به کوڙ آيو آهي. اوهان صاحب مهرباني ڪري ڏرين کي ناهي ڇڏيندا، جيئن گڏجي ڪم ڪن ته هڪرڪڙار رهندس.

هن پنهنجي سفر ۾ الوحيد جي هيئرن وڪري ڪرڻ جو بندوبست ضرور ڪندا. درخواستن جا فارم اوهان جي ماٿوءَ هٿ موڪلجن ٿا. هيءَ ضروري ڪم آهي، هن لاءِ ضرور ڪوشش ڪندا. ڪنبر ڪانفرنس ۾ ضرور چڱا چڱا ماڻهو ايندا، انهن کان ضرور هيئر پرائيندا، جو اوهان صاحبن جو پنهنجو ڪم آهي. اميد ته خداوند صاحب اوهان کي ڪامياب ڪندو.

اميد ته اوهان صاحب هر طرح خوش خورم هوندا.

ـ والسلام، نيازمند، عبدالله هارون.

(۱۵)

ليمڙ روڊ، ڪراچي، ۱۵- جنوري، ۱۹۴۱ع

پيارا هاڻ صاحب، اوهان جي خانبهادر کهڙي ڏانهن موڪليل خط جي ڪاپي موڪلڻ لاءِ مهرباني. آءٌ خوش آهيان جو اوهان مون کي اعتماد ۽ ورتو آهي. مون کي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته آءٌ اوهان جي راين کي هيٺين ڪارڻن ڪري قبول ڪري نٿو سگهان.

(۱) ته مولانا آزاد سان ڪن وزيرن جو ڏيل سمجهوتو سندن شخصي حيثيت ۽ هو. ان ۽ شيخ عبدالمجيد شريڪ نه هو. ان ڪلي ان ۽ شرڪت کان انڪار ڪيو آهي.

استعيفا شيخ عبدالمجيد کي ڏيڻي هئي، پر اوهان ڏيڻي ڇڏي. ان جو مقصد ته اهو سمجهوتو منڊ کان ئي ٽٽل سمجهڻ گهرجي.

(۲) منهنجي اها راء آهي ته مسلمان ميمبرن ۽ وزيرن کي اقتدار ۽ اچڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. پر جيڪڏهن اها اميد نه هجي ته مسلم ليگي وزيرن کي استعيفا ڏيڻي ٻاهر نڪري اچڻ گهرجي ۽ بين کي حڪومت ۽ چڏي ڪين مخالفت ۽ رهڻ گهرجي.

ٿوهان جا خانبهادر الهه بخش بابت رايا ممڪن آهي صحيح هجن، پر آءٌ انهن سان متفق نه آهيان. اسان کي مسلم ليگ جو وقار ڪيرائڻ نه گهرجي. اوهان کي معلوم هجي ته مسلم ليگي وزيرن کي تيستائين ڪنهن به پارٽيءَ سان شريڪ نه ٿيڻ گهرجي، جيستائين مسلم ليگي وزير اعليٰ نه رکيو وڃي. آءٌ ان ڪري اوهان کي عرض ٿو ڪريان ته ڏاهر بابت پنهنجا رايا ظاهر نه ڪندا، جو ته مسلمانن کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي. فيصلي ڪرڻ کان اڳ اسان کي پاڻ ۽ ملي، گڏيل مشوري سان ڪنهن فيصلي تي پهچڻ گهرجي.

ـ اوهان جو مخلص، عبدالله هارون.

*(۱۶)

ليمٽر روڊ، ڪراچي، ۱۸- جنوري، ۱۹۴۱ع.

پيارا جي. ايم. سيد صاحب، اوهان جي ۱۷- تاريخ واري خط جي جواب ۾ مون کي افسوس سان لکڻو پوي ٿو ته اوهان جي راءِ سان متفق نه آهيان.

موجوده حالتن ۾ آڳ ڏسي رهيو آهيان ته مسلمان ميمبرن جو اتحاد(Muslim solidarety)، جنهن لاءِ اوهان ڪوشش ڪري رهيا آهيو، اسان جي فرقي کي نيٽي کڏ ۾ هڻندو، جنهن سان نڪرڻ لاءِ اسان گذريل ڏهرن سالن کان ڪوشش ڪندا رهيا آهيو.

مکيه سوال گڏيل چونڊن جو آهي، جو نه رڳو سنڌ جي مسلمانن لاءِ بربادي۽ جو باعث بنيو، پر سڄي هندستان جي مسلمانن کي به ان طرف گهلي ويندو، ۽ مسلم ليگ کي به ان ۾ شامل سمجهيو ويندو. ان جي پي معنيٰ اها ٿيندي ته اسان پنهنجو گلو پاڻ پنهنجي هٿن سان ڪٽي رهيا آهيون ۽ اوهان پٽيل اکين سان بخوشي۽ ان کي قبول ڪري رهيا آهيون.

مون کي ڏک سان اظهار ڪرڻو ٿو پوي ته جنهن صورت ۾ مسلم برادري۽ مون تي اعتماد جو اظهار ڪيو آهي، ان حالت ۾ ڪم از ڪم آڳ ته ان تجويز جي سختي۽ سان مخالفت ڪندس.

اوهان کي صحيح حقيقت ڏيڻ لاءِ مثال طور ظاهر ڪريان ٿو، ته صلاحڪار ڪاميٽي۽ جي تازي ٽيل ميٽنگ ۾ چيئرمن ڏانهن منهنجو موڪليل خط غور لاءِ پيش ڪيو ويو. اٺ ميمبر حاضر هئا. هڪ نهراڻ پاس ڪري مون کي چيو ويو آهي ته گڏيل چونڊن جي مخالفت نه ڪريان، جو ته اهي ملڪي قانون جي حيثيت اختيار ڪري ويون آهن.

مسٽر گزدر اڪياڻي سر نهراڻ جي مخالفت ڪئي، جڏهن ته سر غلام حسين، پير الاهي بخش ۽ ٻيا گڏيل چونڊن جي فائدي ۾ هئا. مير بنده علي۽ مون ڏانهن ڏمڪي۽ جو خط ڏياري موڪليو

۽ ان سان گڏ ڪانگي نيابو موڪلياٽين تہ هن اهو خط انڊوائيزري (صلاحڪار) ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جي راءِ تي موڪليو آهي - جيتوڻيڪ هو مون سان مڪمل طرح متفق راءِ هو . آءٌ نٿو سمجهان تہ اهڙا قاعدا ۽ قانون ٺهڪ ۽ "سازگار ماحول" پيدا ڪندا .

منهنجي خيال ۽ اسان لاءِ بهتر ٿيندو تہ آل انڊيا مسلم ليگ جي پاليسيءَ تي سختيءَ سان عمل پيرا ٿيون ۽ ڪنسٽ ڪانئ جي حالت ۽ مخالفت ۽ وهون ۽ ٻهر "مخالف وزارت" هٿان سختيون سهون، بنسبت ان جي تہ مسلمان برادري "اسان مسلم اتحاد جي اڳواڻن" هٿان متاثر ٿئي .

اوهان پنهنجي خط ۽ ظاهر ڪيو آهي تہ اوهان (اسيمبليءَ ۽ حاضر نہ رهڻ) جي موڪل ونڊي رهيا آهيو ۽ ٻئي طرف لکو ٿا تہ اوهان پنهنجي ("آزاد" سان ڪيل سمجهوتي)وعدن تي قائم رهندا پوءِ ڪهڙو به نتيجو نڪري. منهنجي نظر ۽ اوهان جو اهو رويو مسلمانن لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندو. اوهان کي سمجهڻ گهرجي تہ جڏهن فرقي (مسلم برادري) جو سوال آڏو اچي، تہ ان اڳيان شخصي سمجهوتا معمولي حيثيت رکن ٿا ۽ انهن کي وڏي مقصد خاطر قربان ڪرڻ گهرجي. اوهان مسٽر جناح سان ڪيل اهو وعدو وساري رهيا آهيو تہ ليگي ميمبرن کي وزير اعظم ملڻ کان سواءِ وزارت ۽ شامل نہ ٿيڻ گهرجي. اوهان شيخ عبدالمجيد جا بيان ڏٺا هوندا تہ هو ڪيڏي نہ سختيءَ سان ان پاليسيءَ تي قائم آهي، ۽ جيو انس تہ کنهن کي به انفرادي طرح ڪوبہ وعدو (سمجهوتو) نہ ڪرڻ گهرجي. جو تہ اهي پارٽي ضابطي هيٺ آهن. مون کي اميد آهي تہ اوهان ٻڻ ساڳيو رويو اختيار ڪندا .

آءٌ ۽ اوهين لکيو آهي تہ اوهان پنهنجا رايا مون تي مڙهڻ نٿا گهرو ۽ مون لاءِ آزاد ميدان ڇڏڻ چاهيو ٿا. اوهان غلطيءَ تي آهيو، مون وٽ ذاتي رايا ۽ نقطہ نگاه نہ آهن. آءٌ مسلم ليگ جي حڪمن موجب ايمانداريءَ سان هلڻ گهران ٿو.

آءٌ يقين ٿو ڏياريان تہ مون وٽ ڪوبہ ذاتي رايو نہ آهي

پر ليگ، ڪائونسل سان بدل آهيان. مون کي اميد آهي ته اوهان مخصي (وعدا) وساري، پارٽي ضابطي هيٺ رهندا. پاڻيءَ جو ڏڙو بسر خود مڪتوب به نه آهي، پر گهڻن سان ملي سمند بنجي ٿو.

مهرباني ڪري، ۲۶ تاريخ شڪارپور ۽ ڪوئيل ليگ ڪائونسل جي ڪڍاڻيءَ ۽ ايندا، ته روبرو صلاح مصلحت ڪري سگهون.

- اوهان جو مخلص، حاجي عبدالله هارون

(۱۷)

نيپئر روڊ، ڪراچي، ۲۸-۱-۱۹۴۱ع.

اوهان جي ان خط جو جواب ڏيئي رهيو آهيان، جنهن ۽ سنڌ صوبائي مسلم ليگ ڪائونسل آڏ و رکڻ لاءِ خط ۽ صلاحڪار ڪاميٽي جي سيڪريٽريءَ کي موڪليل خط جي ڪاپي ب ڇڻي.

آڏ سمجهان ٿو ته اختلاف راءِ تي ڏکهي لکڻ ڪرڻ بيڪار ۽ غلط فهمي پيدا ڪندڙ ثابت ٿيندي. ۽ اوهان جي ناخوش طبيعت تي بڻ بار جو باعث بنبي. ان ڪري آڏ بهتر ٿو سمجهان ته پاڻ ۽ ڪڏهن ٿائين انهيءَ اختلافي خط و ڪتابت کي بند ڪريون.

اوهان جي خواهش موجب اوهان جو خط ڪائونسل آڏ و رکيو ويو. ان جي جواب ۾، ميٽنگ ۽ پاس ٿيل ٺهرائن جي ڪاپي موڪلبان ٿو. مون کي توقع آهي ته اوهان ڪائونسل جي فيصلي موجب هلندا ۽ ان خلاف رويو اختيار نه ڪندا. آڏ اوهان کي عرض ڪندس ته اوهان ڪڏهيل چوندن لاءِ ڪوشش ڪري انهن کي هڪ سال لاءِ ملتوي ڪرائيندا.

- اوهان جو مخلص، عبدالله هارون.

(۱۸)

نيپئر روڊ، ڪراچي، ۸ فبروري ۱۹۴۱ع.

پيارا سيد، اوهان جي ۵ فبروريءَ واري خط لاءِ مهرباني. مون کي افسوس سان ظاهر ڪرڻو ٿو پوي ته آڏ ۲۲ فبروريءَ

تي سن ۾ ٽيندڙ ميٽنگ ۾ حاضر رهي ڪوٺ سگهندس. جاڪاٽ تہ آڳ ۱۴ تاريخ ڪراچيءَ کان لائلپور پيو وڃان، جتي مون کي ڊسٽرڪٽ اسٽوڊنٽس ڪانفرنس جي صدارت ڪرڻي آهي. اتي ٻہ ڏينهن گذارڻ بعد آڳ دهليءَ اسيمبلي اجلاس ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ شرڪت لاءِ ويندس.

اسان جي (مسلم) برادريءَ جي بهتريءَ لاءِ اوهان جيڪي ڪوششون ڪري رهيا آهيو، آڳ انهن تي نهايت خوش آهيان. ۽ منهنجون دعائون ۽ نيڪ خواهشون توهان سان آهن. منهنجي تمنا آهي تہ اوهان جون ڪوششون مڪمل ڪاميابي حاصل ڪن.

ـ اوهان جو مخلص، حاجي عبدالله هارون.

[سنڌي] (۱۹)

ليڊر روڊ ڪراچي، ۷-۶-۱۹۴۱ع.

بخدمت ۽ جناب شاهه صاحب، السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته. اوهان صاحبن جو ۽ جون وارو نوازشناسو ڀهتو. احوال معلوم ٿيو.

اوهان ڀهراڙين ۽ فلمن ڏيکارڻ لاءِ تجويز پيش ڪئي آهي. مان الهيءَ سان متفق آهيان. الـهـيءَ سلساي ۽ مئجڪ لئنٽرن (Magic lanturn) ذريعي به ڪولمبس کي ونڊرائي سگهجي ٿو. مون پنهنجي آفيس جي ماڻهوءَ کي چيو آهي تہ ڪوٽ سڌار آفيس مان روبرو ملي، انهيءَ بابت حال احوال وٺي.

مٿيون آفيسر اوهان کي خبر آهي تہ ڪوئٽہ جي سڌاري لاءِ مقرر ٿيل آهي. هن وٽ فلمون، مشين ۽ Magic lanturn ٽيئي هوندا ۽ هن کان سڀ ۽ سڀ صلاح ملي سگهندي. ان کان سواءِ مٿيون ماڻهو Agriculture ۽ ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ مان بہ انڪوائري ڪندو. بهرحال سموري انڪواري ختم ٿيڻ تي وڌيڪ احوال موڪلبو.

پي ڳالهه اوهان دوائن بابت لکي آهي. اها به نيڪ صلاح آهي. واقعي جيڪڏهن سلسلو جاري ڪيو ويو ته عام مسلمانن تي جائي سنو اثر ٿيندو ۽ اهوئي نمونو صحيح معنيٰ ۽ خدمت جو ڏيت ٿيندو. پر سوال آهي ته دوائون ڏئي ڪير؟ ڪهڙ ۽ ڪهت ان لاءِ اوهان سان گڏ ڪو سوچارو حڪيم به ساڻ شامل هجڻ کپي. چاڪاڻ ته ڪنهن حد تائين مريض جي بيماريءَ جي به ڄاڻ هجڻ کپي. تاهم آءٌ هت ڪوشش ڪريان ٿو ته ڪن Patent دوائن جا نالا هٽ ڪريان، جي دوائون رواجي ۽ روزمره جي نندين عام بيمارين ۽ ڪتب اچن ٿيون ان بابت بس تحقيقات ڪري ۽ دوائن جي قيمت هٽ ڪري، اوهان کي ان جو اطلاع ڏنو ويندو.

ٻي ڳالهه لٽريچر بابت آهي. هن کان اڳ مون اوهان کي ڪافي لٽريچر موڪليو آهي ۽ اڃا به منهنجي دفتر ۾ پيو آهي. ان مان به ڪافي حصو جدا ڪندل ۽ موڪلجي ٿو. هن کان وڌيڪ پيو مان چا ڪري سگهان ٿو. جتي به ڪا نئين برانچ کلي ٿي ته به اسان جي دفتر مان لٽريچر موڪلجي ٿو.

سڄ پڄ اوهان جا خيالات تمام نيڪ ۽ مبارڪ آهن. خدا شل اوهان کي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ڪري، اهوئي رستو سچي خدمت ڪرڻ جو آهي.

- نيازمند، عبدالله هارون.

(۲۰)

نيپئر روڊ، ڪراچي، ۱۱-۶-۱۹۴۰ع.

مڪرمي جناب مسٽر جي. ايم. سيد صاحب، السلام عليڪم،

خط توهان جو مورخه ۱۰ جون جو پهتو. نهايت مهرباني.

توهان صاحبن جي گشت جو احوال پڙهي، ڏاڍي خوشي ٿي. خدا صاحب اوهان کي صحت ڏئي ۽ پيو ڏوڻ پروگرام جيڪو رڪيو اٿو، ان ۾ خداوند ڪريم اوهان کي ڪامياب ڪري. آمين.

محمد صديق جڏن ڏينهن کان سخت بيمار آهي، تاهم اسان

اوهان کي پارسل موڪليو آهي، جنهن ۾ ۱- خطبہ صدارت محمد علي جناح ۲- پراونشل ڪانفرنس جي چيئرمن جو خطبو، ۳- صوبہ مسلم ليگ جي سالياني رپورٽ، ۴- سياست اسلاميہ هند، ۵- سنڌ ۾ مسلم ليگ جي ضرورت، ۶- پيغام حق، ۷- خطبہ صدارت سلطان ڪوٽ ڪانفرنس وغيره: ٻيا جيڪي ڪتاب رهيل آهن، ان جي اچڻ تي اوهان کي تفصيلوار ٻڌائيندس.

اوهان جو اڳيون خط آيو هو، جنهن ۾ فاضل يا ٻين پروپيگنڊا جي تصويرن لاءِ لکيو، تنهن بابت جيڪا تلاش ڪئي آهي، ان جي رپورٽ انگريزيءَ ۾ هن ڪڍ موڪلجي ٿي ۽ سڪرٽري جي ڪانفرنس ۾ هن رپورٽ مطابق سڪرٽري جي استقباليہ ڪاميٽي لکپڙهه ڪري.

هن ڪانفرنس جو پريزيڊنٽ ٻاهران هٽ لڳڻ مشڪل آهي، جو وقت لورو آهي، مگر شيخ عبدالمجيد يا خانبهادر کهڙو پريزيڊنٽ ڪيو ته چڱو ٿيندو.

توهان مون کي جيڪا وقت بر وقت تڪليف ڏيو ٿا، تنهن جي واسطي آءٌ هڪرگذار آهيان ۽ يقين ٿو ڏيان ته جيڪي مون کان ٿي سگهندو، ته توهان جهڙي مجاهد کي مدد ڏيڻ آءٌ پنهنجو فرض ٿو سمجهان، ڪاش! سان نہ توهان جهڙو جوان هجان ها، ته توهان سان گڏ گهمي پنهنجي دل کي خوش ڪيان ها.

توهان جو تخمينو بلڪل صحيح آهي ته جيڪڏهن چار لاريون ۽ چار ڪر ڪرڻ وارا هجن ته هڪ سال ۾ سنڌ آرگنائيز ٿي وڃي، مگر افسوس آهي جو هي اسباب، نہ ساڻهو نہ لاريون، اسان وٽ آهن. اسان کي وڏيڪ ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته ورڪر پيدا ٿين ۽ دولتمند ساڻهو پنهنجي قوم جي بهتريءَ لاءِ باهر اچن، ته اهو ڪر آسان ٿي پوي. اسان جي ڪوشش جاري رهڻ گهرجي.

خداوند ڪريم اسان کي اسان جي هٿن ۾ مدد ڏيندو ۽ خداوند ڪريم اسان جي ملڪ جي هندن کي هدايت ڏني، جو

خواه مخواه شور شر نه ڪن. رستم جي ڳوٺ ۽ جيڪو شور شر ٿيو، تنهن جي سموري احوال بنسبت آغا غلام نبيءَ جي خط جي ڪاپي هن ڏڪ موڪليان ٿو. هينئر الواهم بڏڻ ۽ آيو آهي ته سڪرنڊ ۽ بہ هنڊن هٽ تاڙ جي تياري ڪئي آهي.

اوهان جا موڪليل پليج، پوسٽر، غزل چاپڻ لاءِ تيار آهيان، مگر مسلم ليگ انهيءَ لاءِ ڪوبہ فيصلو نہ ڪيو آهي. اوهان پنهنجي ٽالي تي يا ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ جو نالو ڏيو ته چاپڻ لاءِ ڏنا وڃن.

مسٽر جناح جي انگريزي ڪتاب جو سنڌيءَ ۽ ترجمو ٿيڻ لاءِ اوهان لکيو آهي؛ ان لاءِ اوهان اڄ تائين جواب نہ ڏنو آهي ته پمفليٽ جي صورت ۽ يا ڪو ڪتاب جي صورت ۽ چاپجي.

بروقت جيڪي ۴-۵ برانچن جا اطلاع پهتا آهن، ان کان سواءِ ٻين سيني جو اطلاع نہ پهتو آهي. نہ وري انهن جي اڊريس يا عهديدارن جو توهان تفصيل لکيو آهي. انهيءَ ڪري ڪابہ خط و ڪتابت انهن سان ڪري نٿي سگهجي. براه نوازش سموري تفصيل کان واقف ڪندا ته انهن جي داخلا رکي خط و ڪتابت شروع ڪجي. اميد ته اوهان صاحب هر طرح خوش خورم هوندا.

سہ زياده خير والسلام، عبدالله هارون.

رسيد بوڪ پنجاهم نواب شاهہ ضلعي لاءِ موڪلجن ٿا. صحيح اڊريس لکڻ فرمائيندا ته پيا بہ پارسل ڪري موڪلجن.

(۳۱)

ڪراچي، ۱۴- جون، ۱۹۴۱ع.

پيارا سائين، آءٌ هن موقعي جو فائدو ولي، اوهان کي اطلاع ٿو ڪريان، ته نواب شاهہ ضلعي جي مسلم ليگ ڪانفرنس، سڪرنڊ ۽ ۶- جولاءِ ۱۹۴۱ع تي ٿيندي، جتي ۱۰ هزار ڪن ماڻهن جي شرڪت جي اميد آهي، جن مان اڪثريت سنڌ جي مختلف مرڪزن تان اچي حاضر ٿيندي.

ماڻهن جي ان وڏي هجوم ۽ اوهان کي سڏو موقعو ملندو

تہ پنهنجي نقطي نگاهہ جو صحيح پرچار ڪري سگهو.

مون کي توقع آهي تہ اوهان ان تاريخ تي پنهنجي پارٽيءَ کي موڪلڻ جو بندوبست ڪندا.

مسٽر حسن بخش شاهہ اوهان لاءِ هر سهولت مهيا ڪندو ۽ هر ضروري انتظام جو بندوبست ڪندو. مهرباني ڪري، مون کي اڳواٽ پنهنجي اچڻ جو اطلاع ڏيندا.

ـ اوهان جو وفادار، حاجي سر عبدالله هارون.

[سنڌي] (۲۳)

نيپئر روڊ، ڪراچي، ۲۵ اپريل، ۱۹۴۲ع.

بخدمت جناب شاهہ صاحب، السلام عليڪم. عنايت نامو ۲۴ اپريل جو سکر مان لکيل پهتو. هن کان اڳ ۳-۴ خط اوهان کي ڇوٽ جي انڊريس تي موڪليا ويا آهن، جي اميد تہ پهتا هوندا.

ڪوئيٽا هلڻ لاءِ قاضي عيسيٰ کي تار موڪليان ٿو. سرحد پاسي ڪهڙا ڏينهن لڳائي آيا. دل گهري ٿي تہ روبرو گالهيون هوليون ڪجن. افواهہ آهي تہ ۲۷ تاريخ ڪانسٽيوشن سسپينڊ ڏيندو. ڪيتريقدر گالهہ سچي آهي، سو چئي نٿو سگهجي. پي ڪا خاص گالهہ ڪانهي، جنهن بابت احوال ڏيان. بهتر ڏيندو تہ هڪ ڏينهن لاءِ ڪراچيءَ اچي مون وٽ مهمان ٿيو، تان تہ دل کي آرام اچي. سيد غير شاهہ هن وقت مون وٽ ويٺو آهي، چوي ٿو تہ مان ۽ ڪڏجي اوهان سان ڪوئيٽا هلنداسين.

ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ جلد سڏائڻ گهرجي. اوهان جو ڪراچيءَ اچڻ ڪڏهن ٿيندو، تان تہ ان موقعي تي الوحيد جي ہ ميٽنگ سڏائجي. جواب جو انتظار آهي.

اميد تہ اوهان خوش خورم هوندا، زياده خير والسلام.

ـ نيازمند عبدالله هارون.

قلم تازو:- الوحيد جي ڊائريڪٽرن جي ميٽنگ ہ ڪوالٽي

هيءَ سڄي زندگي فقيرتن ٿي رهيو: گذرمعاش تمام ڏکيو ٿيندو هوس. پر هن ڪڏهن به ڪنهن جي اڳيان مدد لاءِ دست دراز نه ڪيو. ڪجهه وقت لاءِ ڪيس پٽي سرڪار طرفان ماهوار وظيفو ملي رهيو هو. شيخ صاحب مسٽر ذوالفقار علي ڀٽي (وزير اعظم پاڪستان) جي والد کي پنهنجي ڪوٽ جي تڪ لاڙڪاڻي مان زبردست شڪست ڏني هئي ۽ سدائين اسندس خلاف رهيو. باوجود ان جي، پٽي صاحب طرفان هن لاءِ وظيفو جاري ڪرڻ مان سندن جي روايات ۽ شرافت جو پتو پوي ٿو.

شيخ صاحب جا سون وٽ تمام گهٽا خط محفوظ آهن، جن مان ۱۱ خط اديبن ۽ عالمن جي خطن جي ڪتاب "اڄ ڀڻ چڪيم چاڪ" ۾ ڏنا ائين، ۽ ڏهه خط هتي به ڏجن ٿا. ۲۴ مئي ۱۹۷۸ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪيائين ۽ مڪلي ٽئه ۾ مدفون آهي.

[سنڌي] (۱)

حيدرآباد سنڌ، ۲۰ نومبر ۱۹۳۱ع.

بخدمت جناب حضرت شاهه صاحب سلمه ربه، السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته. توهان جي منشيءَ وٽان نقد رقم پهتي ۽ شفقت نامو ٻڌي ملبو. ڪمشنر جو پروگرام، ڪمشنر جي آفيس مان به پوريءَ طرح نه ملي سگهيو. سنڌ آفيشل گزيٽ ۾ فقط هيترو چوبل آهي، ته فلاڻو هفتو فلاڻي ضلعي ۾ رهندو. سو به سون کان وسري ويو آهي پنتي. شام جو هٽ ڪري لکي موڪلينداس.

بابا حاجي ميرمحمد صاحب بلوچ ۽ خاڪسار ۲۴ نومبر جي صبح جو پهرين ڪاڏيءَ ۽ سن ۽ پهچنداسين. پوءِ ۲۵ تاريخ توهان سان ڪڏجي سيوهڻ ۽ آسريءَ ۽ ۲۶ نومبر ميهڙ ۽ خلافت ڪانفرنس ۽ هلنداسون، جنهن جو اطلاع ميهڙ وارن کي موڪليو ويو آهي. ۲۷ ڊسمبريءَ ڏانهن روانو ٿيٽو آهيان.

ـ زياده خير والسلام، خاڪسار عبدالمجيد.

آهي، تنهن ڪري اوهان جي اچڻ جي خبر ڏيو تہ انهيءَ ڏينهن ڪوٺائي وڃي. هن گڏ اوهان ڏي ڪٽنگ موڪلجي ٿي جنهن سان ڏسجي ٿو تہ قاضي عيسيٰ جو ڪوٺيندا ۽ اچڻ نڻو ڏسجي ۽ تنهنڪري ضروري آهي تہ سردار ميرجعفر خان جمالي ڪي توهان خط وغيره لکي پڪ ڪريو تہ بهتر ٿيندو ۽ جي سردار صاحب اچي تہ پوء پاڻ هلون.

[نوٽ: هي سنڌس آخري خط آهي، جنهن جي پهچڻ بعد جلد وفات ڪري ويو]

(۴)

شيخ عبدالمجيد سنڌي

شيخ صاحب جهڙيون مقتدر هستيون، صدين کان پوء مشڪل سان پيدا ٿين ٿيون. اهي ساڪ ۽ قومون خوش نصيب ٿين ٿيون، جن ۾ هڙا ماڻهو جنم ولندا آهن. سنڌن خداداد لياقتن مان پورو فائدو نہ ورڻ ۽ انهن جي خدمتن جي قدر شناسي نہ ڪرڻ، قومن کي عذاب جو مستحق بنائي ٿي.

هيءُ لٽي جي عامل قبيلي جي مسٽر ليلارام جو فرزند آهي. ۷- جولاءِ ۱۸۸۹ع تي جائو. هن ڪانگريس، مسلم ليگ، سنڌ آزاد ڪانفرنس، خلافت ڪانفرنس، هاري ڪاميٽي، ڪشمنل عوامي پارٽي وغيره ۾ دلچسپي ورتي.

شيخ صاحب سان منهنجي واقفيت ۷-۸-۹ فبروري ۱۹۲۰ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيل خلافت ڪانفرنس جي وقت کان ولي هلندي آئي. سنڌس زندگيءَ جو احوال سون "جنب گذاريم جن سين" ڪتاب ۾ ڏنو آهي. ان ڪري وڌيڪ هتي ڏيڻ موزون نہ آهي. ڪجهه وقت هن بيماريءَ جي حالت ۾ حافظو وڃائي، زندگيءَ جا ڏينهن، پنهنجي جاء تي گذاريا.

[سنڌي] (۲)

ڪراچي، ۱۰ سپٽمبر، ۱۹۳۲ ع.

جناب محترم، السلام عليڪم. سنڌ جدائيءَ بابت مسلمانن جي تقاضا موجب وزير اعظم ڪوبه خاطر خواهه فيصلو نه ڏنو آهي. گمان آهي ته آئيندہ جوڙجڪ ۽ انهيءَ ضروري سوال کي صفا چڏيو وڃي ۽ جي ائين ٿيو ته پوءِ سنڌ جا مسلمان هميشه لاءِ ڏهيءَ جي غلاميءَ ۾ گرفتار رهندا. تنهنڪري تازو سنڌ جي مسلم ليڊرن جي جبڪا ڪراچيءَ ۾ ڪانفرنس سڏائي ويئي هئي. ان ۾ فيصلو ڪيو ويو هو ته ۶ سپٽمبر تي ساري سنڌ جي هرهڪ ڳوٺ ۾ "سنڌ جدا ڏينهن" ملهايو وڃي. اوهان کي استدعا آهي ته پنهنجي ڳوٺ ۾ پسگردائيءَ ۾ انهيءَ ڏينهن جلسا ڪري، سنڌ جي جدائيءَ لاءِ تمام زوردار آواز بلند ڪندا. نهرائ پاس ڪري ان جا نقل وائسراءِ هند، گورنر بمبئي، ڪمشنر ان سنڌ ۽ اخبارن کي روانا ڪندا.

هيءُ وقت آهي نهايت قرٽائيءَ سان ڪم ڪرڻ جو، ائين نه ٿئي جو وقت نڪري وڃي ۽ کان پوءِ افسوس ڪرڻو پوي.

ـ والسلام. صدر ـ سرشاهنواز ڀٽو، سيڪريٽري ـ سيد ميران محمدشاهه، شيخ عبدالمجيد.

[سنڌي] (۳)

خلافت هائوس، لولين، بمبئي، ۱۶ مارچ ۱۹۳۳ ع.

جناب شاهه صاحب! السلام عليڪم و رحمة الله وبرڪاته.

خط توهان صاحبن جو مورخه ۲ مارچ اڄ پهتو. تمام گهڻي خوشي ٿي. اڳي لکڻ وارا ملندا هئا، جن کي بمبئي ڪائونسل جو احوال لکائيندو رهندو هوس. ڪڏهن ماڻهو نه ملندو هو ته خود به لکي ولندو هوس. پر هينئر نه ڪو مددگار آهي، نه خود لکي سگهان ٿو. اهوئي سبب آهي، جو الوحيد ۽ ڪجهه به شايع نه ٿيو آهي. جي فرصت ملي ته يڪو اختصار لکي پيش ڪندس. اميد آهي

ته ڪراچي ضلعي کي ۲۵ سيڪڙو ڏان جي معافي ملندي. ٻن ڇڻ ڏينهن جي اندر خبر پئجي ويندي.

ڪائونسل گهٽ ۽ گهٽ ۲۴ مارچ تائين هلندي.

جناب سيد غلام مرتضيٰ شاهسان سون‌کي‌ڪڏهن ڪڏهن رنجش ٿيندي آهي، پر اها رنجش وري لهي ويندي آهي ۽ تنهن کان سواءِ ڪنهن ٻ رنجش جي ڪري آءٌ هن جي خوبين کي ڪڏهن ٻ نظرانداز نٿو ڪري سگهان. منهنجون هن ۽ وڏيون اميدون آهن ته هو پنهنجي قوم جو بهترين خدمتگار ٿيندو. ۽ اهائي منهنجي هن جي حق ۾ دعا رهي آهي. منهنجي چوند ڀيري هن جيڪا جاني تڪليف ورتي آهي، ان جو عيوضو آءٌ هرگز ڏيئي نه سگهندس ۽ نه ڪڏهن وساري سگهندس.

منهنجي مولوي حبيب الله صاحب سان رواجي واقفيت آهي، پر ممڪن آهي ته مولوي صاحب کي منهنجي واسطي وڌيڪ عزت هجي. مون کي مولوي صاحب جي انڊريس معلوم نه آهي، تنهنڪري هن سان شامل خط لکي موڪليان ٿو، جو هن جي پوريءَ انڊريس تي ڏيڻ ۽ يا ماڻهن جي هٿان ڏياري موڪليندا.

جناب حضرت شاهه صاحب سيد حاجي عبدالرحيم شاه صاحب جن جي خدمت ۾ سلام پيش ڪندا. ٻيو ڪو ڪم ڪار هجي ته لکي موڪليندا.

ـ زياده خير والسلام، بنده: عبدالمجيد.

[سنڌي] (۴)

ڪراچي، ۲۴-۶-۱۹۴۸ع.

جناب حضرت شاهه صاحب، السلام عليڪم. خط اوهان صاحبن جو پهتو ابراهيم هٿان. عبدالستار ايندو آهي پر ڪتاب اڃا تيار نه آهن. منهنجو خيال هي آهي ته اهو ڏن مهينن جو عرصو آرام ولو ته بهتر ٿيندو. ڪنهن به مهٽنگ سڏائڻ جي ضرورت نه آهي بندش. لهڻ بعد سيني ڳالهين جو خيال ڪبو. اوهان پنهنجي ڳوٺ ۽

نظربند آهيو ۽ اسان اوهان کان سواءِ پنهنجي گهر ۽ قيد ڏيا وينا آهيون، اوهان هوندا هئا ته ڪڏهن ڪڏهن زيارت لاءِ در دولت تائين ٻاهر نڪرڻ ڏيندو هو. شال سدائين خوش هجو.
ـ زياده خير والسلام، بنده عبدالمجيد.

[نوٽ :- هيءُ خط ڪراچيءَ جي سنڌ کان جدا ڪرڻ وقت منهنجي نظربندي وقت لکيل آهي.]

(۵) [سنڌي]

۳۰ جنوري، ۱۹۵۱ع. بخدمت شريف جناب حضرت شاه صاحب.

السلام عليڪم. اڄ اوهان صاحبن جو خط پهتو. اوهان جي بزرگ هستي پڦي صاحبه جي انتقال جو پڙهي، دل کي گهٽو ملال ٿيو. موت نامعلوم ڏهن زندگيءَ جو دروازو آهي. پر مون کي معلوم آهي ته ڪنهن بزرگ هستيءَ جو خاندان ۾ سوڪلائي وڃڻ جو ڪيتريقدر صدمو پهچي ٿو ۽ ناقابل تلافي نقصان ٿئي ٿو. منهنجي دعا آهي ته خداوند تعاليٰ شال توهان کي ۽ توهان جي فرزندن کي خاص طرح سان صبر جي توفيق ڏئي ۽ مرحومه کي فردوس برين ۾ جاءِ ڏئي.

آءٌ چڱيءَ طرح محسوس ڪريان ٿو ته اوهان ترت ڪراچيءَ اچي نه سگهندو، پر مون کي اميد آهي ته جيترېقدر جلد پڄي سگهي، اڃڻ جي ڪوشش ڪندا.
ـ والسلام، بنده عبدالمجيد.

(۶) [سنڌي]

۱۶- فيبروري، ۱۹۵۴ع. جناب حضرت شاهصاحب! السلام عليڪم. برخوردار انور وڪالت جي ارادي سان اڃڻ لاءِ اٿيار آهي. هاڻي فقط اوهان جي حڪم جو انتظار آهي ته ڪڏهن اچي خدمت ۾ حاضر ٿئي. پنهنجو بورچي پاڻ سان ونيو ويندو. باقي رهڻ ۽ دفتر

لاءِ جاءِ جي ضرورت ٿيندي، جا توهان جي امداد سان حاصل ٿي سگهندي. معلوم نه آهي ته توهان ڪراچيءَ ڪڏهن ٿا اچو؟ ۽ راولپنڊيءَ وڃڻ جو خيال اٿو يا نه؟

- زياده خير والسلام، بنده عبدالمجيد.

(۷) [سنڌي]

۶۲- مشن روڊ، ڪراچي. ۱۶- آڪٽوبر ۱۹۶۱ع. جناب حضرت شاهه صاحب! السلام عليڪم. مسٽر امداد کان معلوم ٿيو ته ڳوٺ پهچي وڃڻ کان پوءِ توهان کي وري دل جي دوري کان سخت تڪليف ٿي. اميد آهي ته هينئر ڪجهه آرام ٿي ويو هوندو. حقيقت هيءَ آهي ته توهان کي لڳو لڳ ڪراچي يا لاهور جهڙي شهر ۾ ماهر ڊاڪٽرن جي هٿ هيٺ ٻه چار مهينا علاج جي ضرورت آهي. جيڪڏهن ڪوشش ڪندو ته گورنمينٽ وٽان اجازت ملي سگهندي.

هن خط جو آڻيندڙ نواب شاهه مان ڪراچيءَ ۽ توهان سان ملڻ لاءِ آيل آهي. مون کي معلوم نه هو ته توهان ڪراچيءَ مان روانا ٿي ڳوٺ موٽي ويا آهيو. هو هاري ورڪر آهي ۽ هن جو شايد ڪو اهڙو ڪم آهي، جو توهان جي سفارش سان ٿي سگهي ٿو. اميد آهي ته هن جي مدد ڪندا ۽ مشڪور ڪندا.

الله سائين توهان کي تندرستي بخشيندو، جنهن جو سڀاڻين انتظار رهي ٿو.

- زياده خير والسلام، بنده عبدالمجيد.

(۸) [سنڌي]

فبروري، ۱۹۶۳ع. مڪرمي جناب شاهه صاحب، السلام عليڪم. ڪراچيءَ جي همدرد دوستن جي هيءَ زوردار تقاضا آهي ته سنڌ ۽ ڪراچيءَ جي محبان وطن کي ڪراچيءَ ۽ صلاح مشوري لاءِ گڏ ڪيو وڃي. انهيءَ مشوري موجب وهارو دوستن کي تڪليف ڏيان ٿو.

اميد آهي ته توهان صاحب تڪليف معاف ڪندا ۽ ۱۷- فيبروري، ۱۹۶۳ع، بروز آچر صبح جو ساڍي ڏهين بجي، رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙيءَ جي ڪراچيءَ واري بنگلي نمبر ۵۱ تي "ٽنل ٽوڪس اسڪول" واري گهٽي نمبر ۱۰، اسلام‌آباد ۽ الهيءَ مشوري ۽ شامل ٿيندا، تہ گهٽو شڪرگذار رهندس.

ـ والسلام، بنده عبدالمجيد.

[سنڌي] (۹)

۶۲- مشن روڊ، ڪراچي. جناب حضرت شاهه صاحب، السلام عليڪم. جنهن ڏينهن توهان پنهنجي بزرگ ۽ محترم والده صاحبه جي انتقال جو پڏي ڪوٽ روانا ٿي ويا، تنهن ڏينهن سن پهچي وڃڻ جو خيال ڪيم، پر همت نہ جهلي سگهيس ۽ نيت ڪيم تہ حيدرآباد مان ٿي هوء ويندس. حيدرآباد ۽ تيار ٿيو ويندو هوس تہ سيد يارمحمد شاه صاحب سان گڏجي هن جي جيپ ۽ پارهين ڪ بجي، ڏينهن جو روانا ٿيندا سين. پر جيپ شام تائين نہ آئي، جنهن مان مون سمجهيو تہ شايد سيائي وڃبو. پر رات جو جيپ وارا آيا ۽ منهنجو پڇي هليا ويا. ارادو هو رسمي فاتحه خواني‌ءَ جي لاءِ حاضر ٿيڻ جو. توهان جي تندرستيءَ جو سدائين انتظار رهي ٿو.

اهڙيءَ حالت ۽ توهان جو خاندان ڪ بزرگ هستيءَ جي شفقت کان محروم رهجي وڃي، سا انتهائي صدمي جي ڳالهه آهي. خداوند تعاليٰ مرحوم کي خلد بريـن ۽ جاءِ ڏيندو ۽ توهان سڀني کي صبر جي توفيق ڏيندو. آمين!

منهنجي اهليه ۽ کي پار لاهور ويل آهن ۽ انهن جي موٽي اچڻ بعد يا شايد ان کان اڳي روبرو فاتحه خواني‌ءَ لاءِ حاضر ٿيندس.

منهنجو پنهنجو خيال هي آهي تہ توهان کي پنهنجي علاج لاءِ ڪراچيءَ وڃڻ جي اجازت ونڻ گهرجي.

آءٌ پنهنجي روزگار واسطي موٽر ٽيڪسي خريد ڪرڻ جو

خيال ڪري رهيو آهيان. جيڪڏهن توهان جـو ڪو صاحبزادو هفتي ڪن جي اندر ڪراچيءَ اچي ويو تہ پوءِ صلاح ڪري خريد ڪندس.

آءٌ وري ٻہ توهان کي ۽ توهان جي صاحبزادن ۽ ٻين پس ماندن کي يقين ٿو ڏيارياں تہ توهان جو صدمو، منهنجو صدمو آهي ۽ توهان جو غم منهنجو غم آهي. ۽ حضرت آدم کا اهڙي نظر هٽي ويو آهي. جو سندس اولاد اڳوٻوءِ وٽس وڃڻ وارو آهي. انا لله و انا اليه راجعون.

ـ زياده خير والسلام، بنده عبدالمجيد.

قلم تازو :- خط ٻہ چار ڏينهن اڳ لکي رهيو هوس، پر اوءِ طبيعت ڪجهہ ناساز ٿي پيئي، اڄ ٽهال ۽ وهان ٿو. خدا حافظ. هينئر بهتر آهيان.

ـ عبدالمجيد.

[سنڌي] (۱۰)

۲۲-۱۰-۱۹۶۳ع. جناب شاهہ صاحب، السلام عليڪم. ملاقات ڪري سابق زماني ملاقات کانفرنس کان ولي اکين سامهون ڦري ويو.

درخواست داخل ڪرڻ واسطي ڪاغذات موڪلڻ جـي مهرباني ڪندا، ۽ موڪل ملي سگهي تہ ڪجهہ ڏينهن ڪراچيءَ مان ٻہ ٿي وڃو.

رات جو ميان محمود جي سوال تان توهان کي جلال جي حالت ۽ ڏنم. خدا خير ڪري، سدائين تندرست رهو. پر تندرستي قائم رکڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ جلال ۽ نہ اچو ۽ جمال يار ۽ خوش رهو ۽ ٻين ڳالهين ۽ پنهنجي راءِ ڏيئي فيصلو ڇڏي ڏيو پنهنجي صاحبزادن جي فيصلي تي اميد آهي تہ معاف ڪندا.

ـ والسلام، عبدالمجيد.

(۴)

جمشيد نسروانجي ميهتا

هيءَ پارسي قبيلي جو بزرگ، هڪ صفت موصوف، ڪانگريس ۾ ٻين تحريڪن ۽ حصي وٺڻ ۾ ملڪ جي خدمت ڪرڻ ۽ برڪ ٿي گذريو آهي. هيءَ گهڻو وقت ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو صدر ٿي رهيو. وڏيءَ ملڪيت جي باوجود سادي زندگي گذاريندو هو. سڄي عمر مجرد (چڙهو) ٿي رهيو.

جيڪڏهن درويش جون صفتون ڳولجن، تہ باوجود سياستدان، تاجر ۽ سماجي ڪارڪنن هڻڻ جي هن ۾ ملندڙ هيون. اهيءَ صاحب سياسي طور غير جانبدار هڻڻ ڪري، مڪاني سياست ۾ اهو رول ادا ڪندو رهيو، جو هوءَ بين الاقوامي سياست ۾ پنڊت جواهرلعل نهروءَ اختيار ڪيو.

مذهبي نقطي نگاهہ کان هيءَ جملي مذهبن، پويان بنهادي وحدت ڏرکي، انهن جي ڀڪجهتيءَ لاءِ ڪوشان رهيو. جنهن جو ڀرچار سنڌ جي صوفين، شاهہ، سچل ۽ ٻين اڳيئي سنڌ ۾ ڪيو هو.

شاهوڪار ماڻهو هوندي به فقيراڻي زندگي گذاري، ڪاٽ جي صندل تي سمهندو ۽ سادو کاڌو کائيندو هو. هن شخص ڪنهن کي ناراض نہ ڪيو. هن جي خواهش هوندي هئي تہ جيترو ٿي سگهي هر ماڻهوءَ کي راضي رکي ان مان سندس وسيع القلبي ۽ هر ماڻهوءَ لاءِ محبت جا جذبا ٻکي رهيا هئا. سندس زندگيءَ جو گهڻو احوال "جنب گذاريم جن سين" ڪتاب ۾ ڏيئي آيو آهيان. بار بار دهرائڻ مناسب نٿو لڳي.

سائين منهنجي واقفيت ۱۹۲۵ع کان ٿي، جا آخر تائين قائم رهي. آءٌ پاڻ کي خوش نصيب ٿو سمجهان، جو مون کي اهڙي بزرگ جي صحبت نصيب ٿي.

سندس خط هتي ڏجن ٿا.

*(۱)

ڪراچي، ۲۵- نومبر، ۱۹۲۸ع.

پيارا سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب، مون ميونسپل ڪائونسلر ۽ ڪراچيءَ جي ڪجهه شهرين کي، آنريبل ديوان بهادر هري لعل ڊيسائي، وزير لوڪل سيلف گورنمينٽ سان ملاقات ڪرڻ ۽ مون وٽ چاءِ پيئڻ لاءِ مهاتما گانڌي گارڊن ۾، ۲۱- ڊسمبر ۱۹۲۸ع، چنڊ ڏينهن شام جو ۳۰-۵ بجي دعوت ڏني آهي.

آءٌ نهايت خوش ٿيندس، جيڪڏهن اوهان پڻ ان ۾ شامل ٿيندا.

- اوهان جو مخلص، جمشيد مهتا.

*(۲)

ڪراچي، ۵- فيبروري، ۱۹۲۹ع.

پيارا غلام مرتضيٰ شاه آءٌ نهايت احسان جاڻندس، جيڪڏهن اوهان ملير واٽر ورڪس بنگلي تي سڏايل پارٽيءَ ۾، ۱۶- فيبروري، چنڊ ڏينهن، شريڪ ٿي، مون کي خوشيءَ جو موقعو فراهم ڪندا. اهو انتظام ڪيو ويو آهي ته ميونسپل آفيس ۽ ماڃي، جتان سڀني مهمانن کي واٽر ورڪس جي سير (معائني) ڪرڻ لاءِ سوارين موجود ٿي ملنديون. پارٽي، ميونسپل آفيس ۾ ۳۰-۱ بجي منجهند جو شروع ٿيندي.

- اوهان جو مخلص، جمشيد. ن. مهتا.

*(۳)

ڪراچي، ۸- فيبروري، ۱۹۲۹ع.

پيارا مسٽر غلام مرتضيٰ شاه، آءٌ اوهان کي اطلاع ڏيڻ ڪريان، چنڊ تي ملير واٽر ورڪس تي تجويز ڪيل "چانهه پارٽي"، ماهه رمضان محمدن ميمبرن جي نه اچي سگهڻ ڪري مهمل

ڪجي ٿي.

ـ اوهان جو مخلص، جمشيد. ن. مپهتا.

(۴)

بونس روڊ، ڪراچي، ۱۸- جولاءِ، ۱۹۲۹ع.

پيارا مسٽر سيد، جيڪڏهن هن نوجوان جي مدد ڪرڻ فرمائيندا تہ آءٌ نهايت احسانمند رهندس.

ـ اوهان جو مخلص، جمشيد. ن. مپهتا.

(۵)

ڪراچي (شهر). ۱۲- اپريل. ۱۹۳۸ع.

پيارا سيد، مون ڪوڙيءَ ۽ اوهان کي چيو هو تہ اوهان سدا بحرواهه بابت صلاح مصلحت ڪرڻ لاءِ ڪوڙيءَ تمام مختصر ايندا آهيو. مهرباني ڪري مون کي ٻڌائيندا تہ اوهان ڪڏهن وڃي رهيا آهيون آءٌ ٻڌ اچان.

ـ اوهان جو مخلص، جمشيد.

(۶)*

ڪراچي، ۳- اپريل، ۱۹۴۰ع.

پيارا سيد، مون کي اوهان جو ۲- تاريخ وارو خط پهتو. مون کي افسوس آهي جو آءٌ اوهان وٽ خط ڏيڻ سان پهچڻ سبب اڄي نہ سگهيس ۽ آءٌ مزدورن جي (ثالثي) فيصلي ۽ مشغول هيس. آءٌ ڪنهن ٻئي ڏينهن اچڻ تي خوشي محسوس ڪندس.

ـ اوهان جو مخلص، جمشيد. ن. مپهتا.

(۷)*

ڪراچي، ۱۸- فيبروري ۱۹۴۶ع.

پيارا سيد، آءٌ اوهان جي موڪليل دعوت لاءِ نهايت ٿوراڻو

آهيان. آءٌ اڃي نڙو سکهان. منهنجون ڪي تمنائون ۽ خواهشون اوهان سان شامل آهن.

- اوهان جو پنهنجو، جمشيد.

(۵)

مسٽر غلام علي چاڳلا

هيءَ ڪراچيءَ جي مشهور شاهوڪار خواجه خاندان سان سيٺ غلام حسين چاڳلا جو وڏو فرزند هو هيءَ خاندان اصل ۽ آغا خاني خواجن جي خاندان سان هو. پر هن پير پرستيءَ جي لعنت کي سڃاڻي ورتو ۽ بغاوت ڪري آغا خان جي پوئلڳي ڇڏي، اٺنا عشري فرقي ۾ داخل ٿيو. هيءَ فارسي ۽ عربيءَ ۾ چڱي مهارت رکندو هو. انگريزي به سٺي ڄاڻندو هو. وڏو ايماندار، بيباڪ موجد، هرهيزگار ۽ شريف انسان هو. سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنل آهي.

هيءَ ۱۸۷۱ع ۾ ڄائو ۽ ۲۶ جون ۱۹۵۰ع تي وفات ڪيائين. منهنجي ساڻس واقفيت ۱۹۲۶ع کان ٿي. ان بعد آخري وقت تائين سندس صحبت مان مستفيض ٿيندو رهيس. ڪراچيءَ ۾ سندس صحبت مون کي گهڻي زندگيءَ جي ڪامين کان دور رکڻ ۾ گهڻي مدد ڪئي ۽ مون ۾ آفيسر طبقي جي مخالفت جي همت پيدا ڪئي.

هيءَ هميشه ڪانگريسي رهيو ۽ مسلم ليگ سان زبردست نفرت هيس.

سندس ٻه خط هن ڪتاب ۾ ڏجن ٿا.

(۱)

ڪراچي، ۴- مارچ، ۱۹۳۰ع.

پيارا غلام مرتضيٰ شاهه، آءٌ نور شاهه سان گڏ ان فقير صاحب کي ڏسڻ گهران ٿو، جنهن بابت اوهان ٻڌايو هو. ۽ ڪانئس لا الله الا الله جو ذڪر ٻڌڻ چاهيان ٿو. مهرباني ڪري اوهان مون کي

لکندا تہ اسان ڪڏهن اچون، تہ جيئن اسان اوهان جي پروگرام ۽ ڀيرڦار يا تڪليف جو باعث نہ بنجون.

ـ اوهان جو مخلص، غلام علي چاڪلا.

قلم تازو:- محترم گرديال ۽ حاتم ۾ اسان سان ايندا.

[نوٽ:- پير محمد شاه ڏيکري سکرنڊ وارو تن ڏينهن ۽ گهنڊيا (تعلقي سکرنڊ) ۽ رهندو هو. ان جي ڏسڻ ۽ ملاقات ڪرڻ لاءِ خط لکيو الس. بعد ۽ چاڪلا صاحب مون سان گڏ پير صاحب سان ملڻ هليو هو.]

(۲)

ڪراچي، ۱۴- مئي ۱۹۳۱ع.

پيارا غلام مرتضيٰ شاه، خط آڻيندڙ مسٽر غلام علي . ٽ . هاشم، منهنجو نياڻو آهي. هيءُ سليو ۽ سنڌ سينٽر ڪو آپريٽو بئنڪ جي آڊٽ ڊپارٽمينٽ ۽ ڪم ڪندو آهي. هيءُ سٽ (۶۰/-) روپيا واڌو ڪاماڙيءَ کان سليو سفر خرچ کڻندو آهي. هن ترقيءَ (Promotion) لاءِ درخواست ڪئي آهي. جيڪڏهن هن جو ڪم اطمينان جوڳو هجي (جو منهنجي سمجهه موجب آهي) تہ آءٌ اوهان جو نهايت شڪرگذار ٿيندس جيڪڏهن اوهان هن جي درخواست جي سلسلي ۾ مدد ڪندا: جيئن تہ ڪم جوابداريءَ جوڳو آهي، ان ڪري پکهار ۾ چڱيڑو هڻڻ کهرجي. منهنجي نظر ۽ گهٽ ۽ گهٽ ۷۵/- روپيا هجي. وڌيڪ جيڪا اوهان جي مرضي، واجبي راستي؛

ـ اوهان جو مخلص، غلام علي چاڪلا.

(۶)

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي

مولوي فتح محمد سيوهاڻي، خليفي غلام محي الدين عباسي سيوهاڻيءَ جو فرزند هو. هي صاحب پشت به پشت علم ۽ حڪمت ۽ نامبارا رهندا آيا.

مولوي فتح محمد دستاربندي ڪري عالم بنيو. علم طب ۽ اڳيئي تربيت مليل هيس. مون سان سندس واقفيت خلافت تحريڪ جي ڏينهن ڪان ٿي، جڏهن ڪيس خلافت ڪانفرنس سن جي صدارت لاه ۱۷ مارچ ۱۹۲۰ع تي گهرايو ويو هو. ان ڪان پوء اڪثر سائن ملڻ پيو ٿيندو هو، ۽ خط و ڪتابت ۾ رهندي هئي. جهڙو عملدو شاعر هو، اهڙوئي بهترين نثر نويس هو. سندس اڪر موتين جهڙا هوندا هئا. ڪيترائي ڪتاب تصنيف ڪيل اٿس. سندس اڪثر سؤ ڪن خط مون وٽ محفوظ آهن. جن مان ۱۴ خط پنهنجي ڪتاب "اڄ پرڻ چڪيم چاڪ" ۾ ڏنا اٿم ۽ ڪجهه هتي ڏيان ٿو. سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنل آهي.

مون کي پنهنجي اولاد وانگر سمجهندو هو. باوجود ان جي ته هو مون کان وڏو ۽ بزرگ هو، پر ان زماني جي تهذيب ۽ شرافت جو اهو عالم هو، جو مون کي هر خط ۾ "سائين منهنجا" ڪري لکندو هو. مون ڪيترا ڀيرا کين چيو ته "سائين! مون کي ائين نه لکو، آءٌ اوهان جي اولاد جيڏو آهيان." پر پاڻ چوندو هو ته "بابا! ننڍين کي سليقو ۽ فضيلت سيکارڻ ۽ پاڻ ڏي راغب ڪرڻ لاء مون جيڪو اهو طريقو اختيار ڪيو آهي، ان کي نه ڇڏيندس."

پاڻ ۱۳ ڊسمبر ۱۹۴۳ع تي وفات ڪيائين.

هيءَ اديب ۽ شاعر هڪ سان گڏ قومي ڪارڪن ۽ سياستدان پڻ هو.

(۱)

ڪچهري روڊ، ڪراچي. ۲٦-٦-۱۹۳۱ع.

جناب شاه صاحب، محترم سلمڪم الله السلام عليڪم و دعاي خير. اميد ته اوهان صاحب با عافيت هوندا.

نورچشم محمد اڪبر ڀاڪريءَ جي امتحان ۾ پاس ڪين ٿي سگهيو. پر نه فقط محمد اڪبر پر جيڪي به مسلمان ويا هئا سي سڀ ناپاس ٿيا. خود هندو به ڪي به چار پاس ٿيا، نه ته پندرهن

سورهن اهي ۽ ناپاس ٿيا. اها منزل ٿي ڪا ڏکي آهي. هاڻي سوال آهي اسڪالرشپ جو. اڳي اوهان جي وقت ۾ ٿي ڪڙو هندو ناپاس ٿيو هو تہ ان کي وري ٻہ اسڪالرشپ جاري ٿي ملي هئي. هاڻي سوال آهي ڪ مسلمان يتيم ۽ خاندداني طبي ۽ ڊاڪٽري پيشي واري جو هيءَ ڪالهہ ۽ اوهان کي معاوم هوندي تہ سرڪاري اسڪالرشپ جاري رهندي. اهي بند نہ ڪندا هتي اوهان جي طرفان ٻہ ساڳي مهرباني گهرجي. وڌيڪ ڇا عرض ڪريان. يتيم ڇوڪرو آهي. جيڪڏهن پڙهي پوندو تہ اوهان کي ٻہ ثواب ٿيندو. زياد خير والسلام.

ـ حڪيم فتح محمد

قاضي صاحب ممڪن آهي تہ ڏڏا وڃهي. مگر اوهان جي همت گهرجي ۽ ميمبرن کي سمجهائڻ گهرجي نہ تہ ڪم ڪونہ ٿيندو. جيڪڏهن ڪم نہ ٿيو تہ اٽين ٽي سمجهو تہ اوهان خاص ڪوشش ۽ خاص مهرباني ڪانہ ڪئي.

[سنڌي] (۲)

ڪچهري روڊ، ڪراچي، ۲۷-۷-۱۹۳۵ ع.

سائين منهنجا السلام عليڪم. آءٌ ڪيتريقدر اوهان کي تڪليف ڏيندڙ آهيان، سا سڄي اوهان کي خبر آهي. اميد تہ منهنجي طرفان ايتري تڪليف ڪڏهن ٻہ نہ آئي هوندي، جنهن ڪري ڪ ٽي ٻيا هجو. اڄ وڏي اميد ڇاڻي لکان ٿو تہ جيڪڏهن مهرباني ممڪن ٿي سگهي تہ ڪندا، نہ تہ اهڙا تہ آهيون ٿي آهيون

مسٽر احمد سکر بڙاج ۽ اوورسيئر آهي. هالن جو ويندل آهي. منهنجو ساڻ اهڙو رستو آهي، جو هن خط مان ٿي سمجهي سگهندا، جو اوهان کي باوجوديڪ عام طرح تڪليف ڏيڻ پسند نہ ڪندو آهيان تہ ٻہ تڪليف ڏيان ٿو. چوندا آهن تہ غريب مسلمانن تي جيڏن قيامت جي قريب زماني وقت توبهہ جا دروازا بند ٿيندا، ٽيڏن هن زماني ۽ نوڪرين جا دروازا بند آهن. چو تہ شرط وڃهڻ ۽ ٿي اهڙا اڄ ڏا، جنهن ڪري ڪنهن غريب مسلمان کي چانس

نہ ملي: پر تنهن هوندي به جيڪڏهن شرطن رکڻ جا مالڪ ٿي ڪٽي نرم ٿين تہ ٿي سگهي ٿو. هي سڪر جو پڙهيل آهي، سا گالهہ هن جي آڏو نہ اچڻ گهرجي، سندس رڳو وقت جو آزمودو ڪافي ڪوالفڪيشن آهي. بهر حال آءٌ عرض ڪريان ٿو، جو منهنجو اخلاقي فرض آهي. پوء مالڪ آهيو.

اميد تہ خوش و خورم هوندا.

ـ والسلام، حڪيم فتح محمد.

[سنڌي] (۴)

"هفتيوار اصلاح"

ڪچهري روڊ، ڪراچي، ۱۵-۶-۱۹۳۸ع.

سائين منهنجا! السلام عليڪم. اوهان خير سان اوچتا هليا ويا. معلوم ڪيم تہ اوهين موجوده حڪومت جي حالت ڪان خوش نہ آهيو. اوهين سچا آهيو. اسان جي حالت بہ ساڳي آهي. مگر سوال آهي تہ هن وقت هر حالت ۾ اوهان کي بجاء تخريب جي تعمير ڏي توجهہ ڪرڻو آهي. غم کائي، تحمل ۽ بردباريءَ سان ڪم وٺڻو آهي. اوهان ۽ اسان کي هي ڏسڻو آهي تہ پ-لا پوء چا ٿيندو؟ ۽ بيا ڪهڙا ڪهڙا آهن، جن سان جڪهي اميد رکي سگهجي ٿي؟ حڪومت جو سرهٿو ٿي اصولا ناڪص آهي رفارمس بہ جڏا مليا آهن. پنهنجو پرڳڻو ڪميونٽ ڪانگريسي بہ ڪينهي. پنهنجي پرڳڻي جا ڪانگريسي بہ ايڏا اهڙا فراخ دل ۽ صاف دل نہ آهن. اسان اوهان سان چڱا ٿي هليا تہ چا ٿي پيو، سوال آهي غريب پبلڪ جي خاص سوالن قرض بل، لينڊ ايلينيشن بل وغيره جهڙن سوالن ۽ ڪشاده دل ٿيڻ. سو اوهين پاڻ سمجهي سگهندا هوندي. سچيءَ سنڌ مان مسلمان ڪانگريس ۽ داخل ٿيڻ لاء تڙپي رهيا آهن. اسان کي روز اهڙا خط اچن ٿا. مون ڊاڪٽر چونٽرام کي روبرو بہ چيو آهي تہ اوهين ضلعي ڪاميٽين کي لکو تہ پهراڙيءَ ۽ مسلمانن جي نالن داخل ڪرڻ ۽ ڪوٺن ۽ ڪانگريس ڪاميٽين ٺاهڻ جو ڪم زور شور

سان شروع ڪن. مگر ڪجھ نٿا ڪن. شايد نٿا گھرن تہ مسلمانن جي ميجارٽي ڪانگريس ۽ سنڌ ۽ ٽئي. آخر ھو بہ انسان آھن فرشتا ڪونھن. ھنن کي بہ نفس آھي، اغراض آھن. ھروپرو پاڪ نفس ۽ پاڪ دامن ڪينھن. سو اھڙين حالتن ۽ منھنجو عرض آھي تہ جيڪي ھن ٽوري وقت ۽ اڳينءَ وزارت جي پيٽ ۽ ڏيو آھي، تنھن کي بہ غنيمت سمجھو. بہ ٻي مھينا مخالفت ۽ ڪشمڪش جي حالت ۽ ايترو ڪر ڪرڻ ھروپرو گھٽ ڪونھي. سيٺي تہ غلام مرتضيٰ شاہ کين ڏيندا. خدا پنج انگشت يڪسان نہ ڪرد.

منھنجي مرضي آھي تہ اوھين ھندو ۽ ڪانگريس پارٽين کي مضبوط ڪريو تہ غريبن جي پلي جا ڪافي بل آسانيءَ سان پاس ٿي وڃن. بدقسمتيءَ سان غريب سنڌ ۽ آھن ٻي مسلمان. انھيءَ ڪري غريب مسلمانن کي غريبن جي حقن ملڻ ۽ انڪاءَ ٻڌجي رھيا آھن. انھيءَ انڪاءَ لاھڻ جو بار اوھان تي آھي. ٻوءِ اميد تہ ارڪان وزارت ڪڏھن بہ پس و پيش نہ ڪندا. انشاء الله. سون کي معلوم آھي تہ اڳين پارٽيءَ وارا وسوسہ اندازي ڪري رھيا آھن. ھن ھن کي برغلائڻ جي ڪوشش پيا ڪن. ذرا خيال ڪجو.

ٻيو عرض تہ روزانہ 'اصلاح' لاءِ جيترو ٽوروڪھڻو خيال اوھان کيو، اوترو ڪنھن بہ ٻئي دوست، ٻيا ھمدرد ڪونہ کيو. مگر اوھان بہ جيتري پڪ ڏني، انھيءَ جو حصو بہ پورو نہ کيو. گويا:

درميان قعر دريا تختہ بندم کرده ئي
بازمی گوئی کہ دامان تر مکن ھوشيار باش!

ھن عظيم ڪاز هيٺان ھمتائي ھمتائي سون کي آڻي، ٻوءِ ٻھلو تھي ڪريو، اھا ڳالھ ھڪ باعمل انسان جي منھن تي نہ ٿي ٻوي. جيڪڏھن اوھان جي خيال موجب عمل نہ ڪرڻ ڪري اوھان جي سنڪت قابل عتاب آھي، تہ اوھين بہ اسان وٽ پنھنجي ڪم توجھيءَ جي ڪري قابل عتاب آھيو. خير، ھاڻي تہ سيڪو ڀري وڃي ٻيو. آءٌ پنھنجي منھن انھن کي خطرڪي وصول ٻيو ڪريان.

ڪجهه. پس غائبانه وصولي پئي ٿئي. آءٌ هينئر پنهنجون ڏيتيون ليتيون بند ڪري، پنهنجي ڪمائي پيو خرچ ڪريان، سا ڪالهه به سنهنجي لاءِ ناقابل برداشت آهي. هينئر ٦ صفحا ڪيجن ٿا ۽ جلد ڏسي ٨ صفحا ڪبا. مسلمانن جي لاءِ هڪ جي بجاءِ ٻه روزاڙ اخبارون هجن، سا ڪالهه بلڪل ضروري آهي. هڪ اخبار ڏاڪ سائيد جي طرفدار ٿي، ملڪ کي ظلمات ڏانهن گهلي، تہ پي اخبار روشني پيش ڪري مائهن کي گمراهيءَ کان بچائيندي اچي. ابتدا ۽ ٿي خرچ جي زياده ضرورت آهي، پوءِ اسيد تہ جلد ئي پيرن ۾ بيهندي. انهيءَ ڪري آءٌ ٢٥ روپيا اوهان وٽان وصول ڪرڻ خاطر، "اصلاح" ٢٥ روپين ۽ وي. پي ڪريان ٿو. جيئن ٻين صاحبن مخدوم صاحب هالا ۽ رئيس رسول بخش وغيره ٢٥ روپيٽن جون وي پيون وصول ڪيون آهن، تيئن اوهين به از راه ڪرم جلد وي. پي وصول ڪري ممنون فرمائيندا. ضرور ضرور، جيئن مهل تي مدد ملي دنيا ۽ ضروري ۽ غير ضروري خرچ ٻها ٿين. همڙي اهم ڪم ۽ ٻيا ڪم ڇڏي به مدد ڪجي تہ ٻيڙو پار ٿئي.

ـ زياده خير والسلام، حڪيم فتح محمد.

[سنڌي] (۴)

"اصلاح" هڪ مسلم هفتيوار

ڪچهري روڊ، ڪراچي، ٢١-١٢-١٩٣٧ع.

سائين منهنجا، السلام عليڪم.

اڄ وري ٻه ٢٥ روپين جي يادگيري ڏياريان ٿو. جن بابت وعدو فرمايو هو. اوهان ڏٺو تہ سنڌ جي مسلمانن ۽ آزاد راءِ ۽ جذبه حب الوطن پيدا ڪرڻ جو ڪم ٿوري ئي عرصي اندر جيترپقدر "اصلاح" ڪري ڏيکاريو آهي، اوتريقدر ڪنهن به هفتيوار اخبار ڪونہ ڪيو هوندو. بهرحال منهنجي دل ۽ پنهنجي غافل قوم ڪي سجاڳ ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهه آهي. انشاءَ الله تعالىٰ حياتي هوندي تہ ڪجهه ڪري ڏيکاريو. اوهان جهڙن قومي همدردن ملڪي خيالات رکندڙ

حضرات تي به اهڙي ڪم ۾ مدد ڪرڻ فرض آهي. پر منهنجا ذاتي تعلقات جيڪي اوهان سان آهن، انهن جو لحاظ رکندي به اوهان کي هن ڪم ۾ معقول مدد ڏيڻ گهرجي. بهر حال بفعل ۲۵ روپين جو وعدو هن اخلاص نامي ڏسڻ شرط پورو ڪرڻ فرمائيندا ته. اسان جي هن ڪم ۾ ڪو اٽڪاءُ نه ٿئي. سون هن ڪم لاءِ هروعات ۾ جيڪو هڪ هزار روپيو ڏنو هو، اهو به ختم ٿي ويو، خريدارن وٽان حاصل ٿيل پئسا به پورا ٿي ويا. انهيءَ ڪري هينئر سخت ضرورت آهي. تنهنڪري يادگيريءَ لاءِ لکان ٿو. ته ته به جواب جا ۾ اکر لکندا ته آسرو لاهي ڇڏجي.

اميد ته خوش و خورم هوندا . والسلام.

ـ حڪيم فتح محمد.

(۷)

ڊاڪٽر چوٿرام گدواڻي

ڊاڪٽر چوٿرام ۲۵- ڊسمبر ۱۸۸۹ع ۾ حيدرآباد شهر جي گدواڻي ڪٽنبءَ ۾ ڄائو هو ۽ گدواڻي قبيلي سان واسطو رکندڙ هو. هيءَ ننڍي هوندي کان پر ايڪاري (قرباڻيءَ جو پٽلو) هوندو هو. ڊاڪٽريءَ جو امتحان پاس ڪري، ڪجهه وقت نوڪري ڪيائين. ان بعد ۱۹۱۵ع ڌاري نوڪري ڇڏي، سياسي زندگيءَ ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائين. سنڌ ڪانگريس جو گهڻي وقت ٽائين پريزيڊنٽ ٿي رهيو. سنڌ جي بهترين مقررن سان هڪ هو. هيءَ سڄي زندگي ڪنوارو رهيو ۽ شادي ڪانه ڪيائين. چوندو هو ته ملڪ آزاد ٿيڻ بعد شادي ڪندو. جڏهن ملڪ آزاد ٿيو ته چوندا هئاسين، ته "سائين هاڻي شادي ڪريو." ته ڪلي چوندو هو، ته "هاڻي ٻوڙهو ٿي ويو آهيان. شادي ڪجي ٿي اولاد لاءِ سون خدمت ڪري ڪيترائي قومي ڪارڪن اولاد طور پيدا ڪري ڇڏيا آهن. اهي ڪافي آهن."

منهنجي سائس واقفيت ۱۹۲۵ع کان ٿي ۽ پچاڙيءَ تائين قائم رهي. مون سان خاص محبت هوندي هيس ۽ مون سندس صحبت مان گهڻي ڪجهه پرايو. هو به جذباتي هو ۽ آءٌ به جذباتي رهيو آهيان. هن به گهڻيئي قيد ڪاٽيا ۽ مون به گهڻو وقت قيد ۽ نظر بندين ۾ گذاريو آهي.

سندس زندگيءَ جو وڌيڪ احوال "جنب گذاريم جن سين" مان معلوم ٿي سگهندو. سندس ڪجهه خط هتي ڏيان ٿو.

•(۱)

حيدرآباد سنڌ، ۹- جولاءِ ۱۹۳۱ع.

پيارا دوست، وقت اچي ويو آهي ته سنڌ جا سيڀي حيرخواهه گڏ ٿين ۽ سنڌ جي جدائيءَ بابت بحث ڪيل سوالن بنسبت ڪنهن ناهه ڪنهن پهچڻ لاءِ ذريعا ۽ رستا ڳوليا وڃن.

فيصلو ڪيو ويو آهي ته مختلف نقطي نگاه رکندڙ ڪاميٽين جي هڪ ڪانفرنس اگاري ڏينهن، ۱۴ جولاءِ ۱۹۳۱ع ٿي حيدرآباد ۾ ۵-۳۰ بجي شام جو سنتداس منڪهارام جي آفيس، الهندي ڪچي ۾ ڳولائي وڃي. ڪانفرنس ۱۵ تاريخ صبح جو به هلندي.

اوهان کي عرض ڪجي ٿو ته مهرباني ڪري ڪانفرنس ۾ اينداَ ۽ فيصلن متعلق مدد ڪندا.

سنتداس منڪهارام، ڇوٿرام پرتابراءِ ڪي. ٻناهه.

ميران محمد شاهه، عبدالمجيد ۽ عبدالجبار.

•(۲)

آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽي، احمدآباد

ٽرين: ۱-۱-۱۹۳۸ع.

پيارا سيد غلام مرتضيٰ صاحب، مون خانبهادر الهه بخش سان مشورو ڪري "قرضن جي معافي" ڪاميٽي جي ميٽنگ هن مهيني جي ۱۲ تاريخ ڪراچيءَ ۾ رکي آهي. خانبهادر ۱۲- کان ۱۴ تائين

اتي هوندو.

اميد آهي تہ اهي تاريخون اوهان لاءِ سهوليت پريون هونديون ۽ اوهان ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيندا. مهرباني.

- ليڪ تمنائن سان، اوهان جو مخلص، جوٿرام گدواڻي.

(۴)

ڪراچي، ۳-۵-۱۹۴۶ع.

پيارا دوست، "قرباني" اخبار ۽ جيڪي ڏاڙي ليڪ، پون ڪا، سي توهان اميد تہ غور سان پڙهندا هوندا. اسان جي بدبخت برڪٽي تي انّ جو ڪهڙو اثر ٿيندو هوندو، سو ٻہ توهان ويچار ۽ آڻيندا هوندا.

اخبار ۽ ڪانگريس، ڪانگريس اڳواڻن ۽ هندن تي خوب چوهه چنڊيا وڃن ٿا ۽ وقتي تهذيب جا ليڪا ۽ لنگهيا وڃن ٿا. خير ٿي ڪاڻهي تہ اهڙي روش اختيار ڪرڻ جي مراد ڪهڙي آهي اڄ غلام حسين جي وزارت ۾ وسري ويئي! تہ زمينداري ڌاهڻ جو نعرو ۾ ختم!

اها جيڪڏهن قرباني جي پاليسي ٿيٽي هئي، تہ پوء اسان جو تہ اهڙيءَ اخبار سان ڪوبہ تعلق نہ رهي ها، تہ بهتر ٿئي ها، جيڪڏهن توهين اسان جي جڳهہ تي هجو، تہ توهان جي دل ۽ هوند ڪيترو نہ رنج ۽ دک پيدا ٿئي.

وڌيڪ چا لکان؟ اميد تہ خوش چڱا پلا هوندا.

- ڏهوا ۽، جوٿرام پرتبراءِ گدواڻي.

[نوٽ :- مولوي خير محمد نظاماڻي اخبار جو ايڊيٽر هو. اهو پارٽيءَ جي خلاف اخبار ۽ مضمون لکندو هو. ان مضمون بابت لکي ٿو. ان وقت اسان ڪانگريس سان ڪوالیشن ۽ هئاسون. قرباني اسان جي اخبار هئي.]

(۷)

شري جيراڏاس دولترام

شري جيراڏاس دولترام حيدرآباد جي عاصل قبيلي مان اعليٰ تعليم حاصل ڪيل قومي ڪارڪن هو، سنڌ ۾ رئيس غلام‌محمدخان ۾ڳڙيءَ سان سياست ۾ پاڻهن ٻيلي ٿي رهيو. سنڌ ڪانگريس ڪاميٽيءَ جا ٿي مڪيہ ڪرتا ڏرتا، جن کي "نمورتي" سڏبو هو، تن مان هڪ هيءَ. ٻيو ڊاڪٽر چوٿرام ۾ ٽيون پروفيسر گهنشاماداس هو. هيءَ ڪيترو وقت آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو. خاموش، مهذب، محبت جو مجسمو ۾ نمرتا جو پتلو آهي. جڏهن مون ڪتاب "جنب گذاريہ جن سين" لکيو پئي، تہ ڪيس ۾ ڪجهہ احوال موڪلڻ لاءِ لکيم. جواب ڏنائين تہ "احوال مئي ڇاڻان لکيا آهن. جيڪي پنهنجو احوال يا ڪجهہ تفصيلات موڪلڻ مون لاءِ باعث شرم ڀالهہ آهي." ٻين کان کي سندس احوال هٿ ڪري ڏيڻ لاءِ لکيم، پر انهن وٽان ۾ احوال نہ ملي سگهڻ ڪري، سندس ذڪر "جنب گذاريہ جن سين" ۾ نہ اچي سگهيو.

مون سان ۱۹۲۵ع کان واقفيت ٿيس، جا سندس وفات تائين قائم رهي. هن صاحب مون کي ڪڏهن نہ وساريو هو ورهاڱي بعد پارت ۾ هڪ وقت اوڙيسا جو گورنر، راجا سيا جو ممبر ۽ مرڪزي حڪومت جو وزير ۾ ٿي رهيو ورهاڱي ڪانپوءِ سائس ۾ ٿي ڀيرا ملڻ ٿيو. خط و ڪتابت ۾ جاري رهندي آئي.

سنڌ مان سندس لڏي وڃڻ جو ارمان اٿر. سنڌ اهڙن بزرگن کي وڃائي، گهڻو نقصان سنو آهي. پر اهو اطمينان اٿر تہ اهڙا ماڻهو هندستان ۾ وڃي ۽ سنڌ جي صوفيانہ روايات، تهذيب ۽ پيغام جا پرچارڪ ٿي ڪم ڪن ٿا. آءٌ پنهنجي هڪ تصنيف ۾ لکي آيو

آهيان تہ:

"سون وٽ جناح ۽ لياقت علي خان کان جيرامداس جي، وڏيڪ عزت ۽ وقار آهي."

سندس ڪجهه خط هتي پيش ڪريان ٿو

(۱)

مارڪيٽ روڊ، حيدرآباد، تہ ۱۱-۲-۱۹۳۵ع.

پيارا سيد غلام رضوي شاه، آءٌ اوهان جي ڪولان مختصر گهمي، حيدرآباد پهتو آهيان. اتي ڪالهه ديوان طوطارام ۽ پروفيسر گهنشيام سان گڏ پهتو هوس مون کي ۹- تاريخ حيدرآباد ڊاڪٽر ٽلو مل وٽان تار پهتي، تہ اوهان ۹- تاريخ تائين سن هوندا سون سمجهيو تہ ملي سگهنداسون، چاڪاڻ تہ منهنجي خواهش هئي تہ آءٌ ايڏانهن تڏهن اچان جڏهن اوهان به موجود هجو. پر هن پيري ملاقات نہ ٿي سگهي. آءٌ تاريخ مقرر ڪري هوءِ وري موٽي ايندس. مهرباني ڪري پنهنجو پروگرام موڪليندا.

اسان اوهان جي غير حاضريءَ ۾ سن ۾ پنهنجو وقت سٺو گذاريو. اسان پاڻ سان پرت جا ڪي ڇڪا نمونا آندا هئا ۽ اسان کي مڪاني پرت جا به ڇڪا قسر ڏيکاريا ويا. اسان کي پيش جو ڪر به ڏيکاريو ويو. اسان زالن کي ڪر ڪندي به ڏٺو. اسان پيش جي ڪر جا ڪي ڇڪا نمونا آندا هئا پر زالن اسان کي ٻڌايو تہ هو انهي کان به بهتر ڪر ڪري سگهنديون. هن موجوده حالت ۾ آءٌ سمجهان ٿو تہ سن ۾ هنر کي زور وڌائڻ جو وسيع ميدان ميسر آهي. اسان ڊاڪٽر ٽلو مل سان ان مسئلي تي گفتگو ڪئي تہ جڏهن موٽي اينداسون تہ سن ۾ هڪ ڇڪي هنري اسڪيم شروع ڪنداسون، آءٌ ڪوشش ۾ لڳو پيو آهيان تہ هندستان جي هنرن بابت ڪافي مواد هٿ ڪريان.

مهرباني ڪري پنهنجي پروگرام کان واقف ڪندا.

منهنجا ديوان طوطارام ۽ پروفيسر گهنشيام جا سلام رسن. ـ اوهان جو جيرامداس.

(۲)

مارڪيٽ روڊ، حيدرآباد، ۲۰-۶-۱۹۳۸ع.

پيارا غلام مرتضيٰ شاهه، مسٽر رامچند کان اوهان جي ٻيڇا ڪائيءَ جو ٻڌي ارمان ٿيو. اميد ته اوهان جلد صحتياب ٿيندا. اوهان جي تندرستيءَ تي ڪيترين ڳالهين جو مدار آهي. ڪافي رجعت پسند طاقتون ڊاڪٽر چوٿرام جي خلاف گڏ ٿي ويٺون آهن توهان جو اتي رهڻ ۽ دوستن سان گفتگو ڪرڻ ان ڏس ۾ ڪافي مدد ڏيئي سگهي ٿي. آءٌ اوهان کي زياده تڪليف ڏيڻ نٿو چاهيان جڏهن ته اوهان تندرست ٿيو ته مهرباني ڪري لاڙ ويندا. ٽنڊي محمد خان ۾ اسان جي آفيس آهي، جتي سڀ دوست ملندا اتي اوهان سان پروفيسر گهنشام ۽ ڊاڪٽر ملي سگهندا، جي توهان جي آمد ۽ آسرو رکيو ويندا آهن مون کي اميد آهي ته اوهان اتي وڃي ٻهرين جولاءِ تي ٿيندڙ اليڪشن ۾ ڊاڪٽر چوٿرام جي مدد ڪندا وقت باقي ٿورو وڃي بچيو آهي. هو اوهان لاءِ ٽنڊي محمد خان ۾ موٽر جو بندوبست ڪندا، جنهن ۾ اوهان ورڪ ڪري سگهندا مهرباني ڪري جيڪڏهن وڃي سگهو ته مون کي اطلاع ڪندا. ـ اوهان جو مخلص، جيرامداس.

(۳)

مارڪيٽ روڊ، حيدرآباد سنڌ، ۲۶-۶-۱۹۳۸ع.

پيارا غلام مرتضيٰ شاهه، مون ٻڌو آهي ته سيد علي اصغر شاهه، هن جا ٻيا مائٽ ۽ سيد دوست ڊاڪٽر چوٿرام جي خلاف ڪم ڪري رهيا آهن. جا اوهان مهرباني فرمائي اهو جلد ڏسي سگهندا ته ائين نه ٿيو آهي. مون کي اميد آهي ته اوهان جلد کو قدم کڻڻ جي لائق هوندا.

اوهان جي صحت ڪيئن آهي؟ مون کي اميد آهي اوهان جلدئي مقرر هنڌ تي وڃڻ لائق ٿي ويندا ۽ سائھن سان ذاتي طور وڃي ملندا.

ـ اوهان جو مخلص، جيرامداس.

(۴)

مارڪيٽ روڊ، حيدرآباد سنڌ، ۶-۷-۱۹۳۸ء.

پيارا غلام مرتضيٰ شاھ، مون کي اميد آهي ته اوهان هينئر چاڪ هوندا. ۽ مون کان وڌيڪ صحت جي خبرداري رکندا.

مون کي پنهنجي رڪارڊ لاءِ اوهان جي پارٽيءَ جي آخري پروگرام جي ڪاپيءَ جي ضرورت آهي. ڇا اوهان ان جي ڪاپي مون کي حيدرآباد جي ائڈريس تي موڪلي سگھندا؟

ـ نيڪ خواهشن سان، اوهان جو مخلص، جيرامداس.

(۵)

ڪانسٽيٽيوشن هائوس، نئين دهلي، ۲۱-۱۰-۱۹۴۷ع.

پيارا سيد، مون کي اوهان جي تار پهتي. مسٽر درگداس سان رابطو رکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ڏسان ۽ اڄ ڪلھ ٿو ته هيءَ دهلي کان ٻاهر آهي. منهنجي خيال ۾ اوهان ٻي ڪاپي اڃا موڪلي هئي.

هاڻي وقت تمام ٿورو وڃي بچيو آهي ۽ ته شيخ عبدالمجيد کان تار ڪري خبر وٺان ها. اهو موقعو، جنهن تي آءٌ هيءُ مواد (Material) ڪم آڻيان ها، گذري ويو آهي.

مون اوهان جي رهائش لاءِ پورو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي هن وقت (ڪانسٽيٽيوشن) هائوس خالي نه هوندا. ليجسليٽو اسيمبلي جا سڀ ميمبر دهليءَ ۾ آهن.

آءٌ ورڻ ۲۷ تاريخ ڪوشش ڪندس. آءٌ اوهان کي صلاح ٿو ڏيان ته اوهان پنهنجي دوستن کي دهليءَ ۾ انتظار ڪرڻ لاءِ لکو ته جيئن ڪانسٽيٽيوشن هائوس ۾ بندوبست نه ٿي سگھي

ته اتي رهن.

مون اخبارن ۾ پڙهيو ته ليگ هر ضلع ۾ ڊسٽرڪٽ ڪانفرنسون سڏائي رهي آهي. اهو صحيح آهي؟

اميد ته اوهان خوش چگا پلا هوندا.

- اوهان جو مخلص، جيرامداس.

(٦)

۹۰- مان نگر، نئين دهلي. ۳- ۲۲ جون ۱۹۷۵ع.

منهنجا پيارا سيد صاحب، مون وٽان خط پهچڻ تي اوهان کي تعجب ٿيندو. پر مون اڪثر ڀٽي سوچيو آهي ته اوهان کي سنڌي ادب (Litreture) بابت لکان، جنهن تي اڃڪلهه آءٌ بچيل وقت ۾ توجهه ڏيئي رهيو آهيان. هن معاملي ۾ منهنجي مدد ڪرڻ لاءِ اوهان ٿي بهترين ماڻهو آهيو. مون کي ٻڌايو ويو آهي ته اوهان پنهنجا ڪجهه ڪتاب سنڌيءَ ۾ ڇپايا آهن، ڇا انهن جون ڪاپيون موڪلي سگهندا؟ مون کي عرب دور ۾ ۱۵ صديءَ تائين جي سنڌي زبان جا ڪجهه نمونا ٻڌ گهرجن. ڇا اهو ممڪن آهي ته پراڻن سنڌي قصن، سسئي، مارئي، سهڻي، دودي چنيسر ۽ راءِ ڊياچ وغيره جون ڪاپيون هٿ اچي سگهنديون. مون کي ٻڌايو ويو آهي "مجمل التواريخ" ۾ ڪجهه سنڌي بيت آهن. ڇا آءٌ ان ڪتاب جي ڪاپي يا حوالو، يا ان بيت جي لکيت ۾ معنيٰ حاصل ڪري سگهان ٿو؟

مون کي معلوم ٿيو آهي ته ۲۸۸هـ ۾ قرآن شريف سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيو هو، ان جي ڪا ڪاپي ملي سگهندي؟ ان کان سواءِ ان ٻي دور جي سنڌي ڪتاب "عبادات و عقائد" جي ڪاپي هٿ اچي سگهندي؟

آءٌ سنڌ جي ابتدائي تاريخ ۽ پڙهي رهيو آهيان. آءٌ سنڌ بابت، سنڌوندي جي الهندي ڪناري بابت، جيڪي ڪجهه دستياب آهي، معلوم ڪرڻ چاهيان ٿو. اوهان وٽ "سن" جي تاريخ ان جي

پسگردائيءَ ۾ اوهان جي هالدان جي تاريخ ۽ شجري بابت ڪو مواد آهي؟ آءٌ انهن سڀني ڳالهين ۾ انتهائي دلچسپي رکان ٿو. جا اوهان مون کي ان معاملي ۾ گهربل مواد هٿ ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهندا؟

مون کي اميد آهي ته اوهان خوش هوندا ۽ شيخ عبدالمجيد صاحب ۽ صحتياب هوندو، هن جي لهاڻي بلقيس ۽ هن جا پوٽا ۽ خوش هوندا. اوهان سڀني لاءِ نيڪ خواهشون.

- اوهان جو مخلص، جيرامداس دولترام.

[سنڌي] (۷)

۱۴- تغلق روڊ، نئين دهلي ۱۱- ۹-۴-۱۹۶۳ع، رات جا ساڍا ٻارهن.

پيارا دوست، ميخون محبت سنديون، هينڊي منجهه هزار، پڪا ۽ پنهنجوار، ڏئي مون ڏينهن ڏيا؟

اوهان جا ٻئي قربناما پهتا. انڊريس منهنجي مٽين آهي. جواب ۾ دير لاءِ ڪوبه سبب، ڪربه سبب، ڪوبه بهانو بيسود آهي. هن عمر ۾ به (۷۰ ورهين ۾ آهيان) ڏڪي وانگر وهان ٿو، نه ته هڙي ڪهلي وقت ڪير ويهي هٿ ۾ قلم کڻي. اوکو ڪم رکيو هو. ٿوري ۽ ڊاڪٽر صاحب لاءِ لکڻ محال هو. ٻاڻ لاءِ ڪجهه لکڻ عيب هو. منجهي بيس. انهيءَ الجهن کي سيان سيان تي ڏاريندو ويس. ورندي نه ڏيڻ جا گناهه ڪنهن تي چڙهندا ويا. هڙي ٻي فضيلتي ڪم، معاف ڪري! ليٽ ٻي واهه نه ڏسي، "هندواسي" اخبار ۽ ڊاڪٽر صاحب تي لکيل سلسليوار مضمونن جو اڇو ورقم ۾ بمبئيءَ ۾ لڳي موڪليم ته شاه صاحب کي سندس گهر اهي سڀ اخبارون پهتيون ڪريو. اميد ته پهتيون هونديون. اڄا ٻيا ليک به اڇا آهن. مان ٻاڻ لاءِ جا لکان.

مون ٻوڙائي مديون، آهن سڀ ستار،
عيبن پري آهيان، ستر ڪج ستار
ٻاڻي آيس پاند ۾، اوڳڻ عيب اپار.

هل سدا سرها سرها هجو. ڏوران خبرون پهچنديون آهن ته مارڻي ايا اسرڪوٽ ۾ آهي. سيل بچائي ويئي آهي. اوڏانهن جي واٽ ويئي نهاري. ٻنهوار ضرور اچي رسندا.

اوهان جي نورچشم جي خير سٿي خوش ٿيس، خط پهچندي لکوس ته مون کي يڪدم لکي ته ڪڏهن هتي پهچندو، ڪٿي لهندو، دهليءَ جي ڪهڙي ايڊريس ٿيندس؟ ٻنهنجو ڪم آهي ڪيس ڪولي لهڻ. دهليءَ پهچندي، مون کي ٽيليفون ڪري، نه ته ملڻ مشڪل ٿيندو. منهنجو نمبر ۶۱۷۶۴۱ آهي. يڪدم لکوس ولي وقت جي ڏاڍي سوڙهي آهي. نه ڳڏيو ته دل اندر ارمان رهجي ويندو. سو يڪدم لکوس، سندس اسم شريف ڪولڻ لکيو اٿو. اهو به مون کي ترت لکي موڪليو.

اوهان جو تن تسن ۽ هوندي به من مزي ۽ هوندو. اها خوشخبري موڪلجو. حال الوداع.

نت نهاري ڏيهه ڏي، ڳوڙها پيم ڳري.

[سنڌي] (۸)

۱۴- تغلق روڊ، نيو دهلي. ۱۱- ۳-۸-۱۹۶۷ع.

پيارا دوست، "جديد سياست جا نورتن" ڀهتو. ان کان اڳ "بزم صوفيائي سنڌ" وارا "ست خطبا" به ڀهتا هئا. ٻنهي لاءِ گهڻي مهرباني. ڀهريون گهوٽيو هوم. هي به گهوٽيندس. امڊ ته نشو ڇڪوٽي چڙهي ويندو. مهرباني. اڳتي پاڻ تائين محدود نه رکجو. اڳلي کي به پهچائجو!

شاه صاحب اڳهان ٿي کوليم هن تي نظر پيئي.

جڏهن پوي ياد، صحبت سپريان جي،
فريادون فرياد، ناڳهه وڃن نڪيو.

اهو به پهچائجو.

- ٻنهي لاءِ قرب، جيرامداس دولترام.

[سنڌي] (۹)

نئين دهلي، ۲۳-۶-۱۹۶۸ع.

سـن سندي نينهن جو، ٿنو نڙ نير،
ترت سن سرير تـان، نڳئي شال نير.

ساھ ۽ قلم ڪڏجي الوداع ڪندا ۽ نہ ڏار! ھڪڙي سان توڙ تائين نباھيندا!! سدا خوش ھجو.

"پنھنجي ڪھاڻي پنھنجي زباني" تہ ڪانہ پھتي ڏي ڏسجي.

- قرب ۽ قرب، جيرامداس.

[سنڌي] *(۱۰)

۱۴- تغلق روڊ، نيو دهلي- ۱۱، ۲۶-۲-۱۹۶۸ع.

پيارا دوست، ڳڻتي وقت ڏيو تہ اوھان وٽان ٻہ "جنتيون" پھتون ھيون. ڳڻيون ڪارائتيون لڳيون. ٻئي ڪتاب بلڪل سٹا ھٿا. ڏاڍي گھڻي محنت ڪيل ھئي. ساراھ لائق ڪتاب ھٿا.

سڄڻ کي گھٹا قرب، ڏورو ڏولکان پر گھڻي جي برابر آھي.

- ٻندو. جيرامداس.

[سنڌي] *(۱۱)

۱۴- تغلق روڊ، نئين دهلي- ۱۱، ۷-۲-۱۹۶۹ع.

پيارا سڄڻ، اھائي آس اٿم تہ تن من ٻئي تازا ٿوانا ھوندا. جيڪو آڪاسان آڪاسان ڪاسان ٿئي، ان جي مھر ھوندو. اھي ئي اميدون ڏو رکان.

ٻئي ڪتاب جي بہ جيڪر تڪليف ڏيانو - پنيور جي ڪوڙائيءَ تي آرڪيالاجيڪل کاتي ڪديو آھي، اھو ڪھندو. ئي سگھي تہ بہ ڪاپيون.

اوھان جو پنھنجو قلم تہ ٻيھڻ جو نہ آھي. ھل سدا ھلندو رھي.

- قربن سان، جيرامداس دولترام.

(۹)

چيلمل پرسرام گلراجاڻي

هيءَ صاحب حيدرآبادي عاسان جي گلراجاڻي ڪٽنب سان حيدرآباد شهر ۾ ۱۸۸۵ع ۾ ڄائو هو. انهيءَ ئي سال آل انڊيا ڪانگريس جو پايو پيو هو.

هيءَ فقيرمنش، صوفي ۽ سنڌ جي تهذيب ۽ روايات جو مجسمو هو. ڪٽرپٽي کان ڪوهين ڏور، وڏو اديب ۽ عالم هو. سندس ڪيترا ڪتاب تصنيف ڪيل آهن. سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي باني وڇوڙن مان هڪ هو. رئيس غلام محمد خان پرڳڙيءَ جو دست راڄيت ئي ڪم ڪيائين. ليائلپور ڪل سوسائٽيءَ جو ڪارڪن هو. سنڌ جو وڏو عاشق هو. جڏهن سنڌي هندن جي ڪثرت سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ جي مخالفت ڪري رهي هئي، تڏهن هيءَ اڻهن مائهن مان هو، جن هندو عام راءِ جي پرواهه نه ڪري، سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ جي حمايت ڪئي ۽ تحريڪ ۾ حصو ورتو.

سندس زندگيءَ جو احوال مون "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو آهي، تنهنڪري هتي وڌيڪ ڏيڻ ايڪ نه رهندو. ازالهواد مختصر احوال "اڄ ٿئي ڇڪير ڇاڪ" ڪتاب ۾ به ڏنل آهي. هن ۽ جولاءِ ۱۹۳۸ع تي وفات ڪئي.

ڪاش! جيڪڏهن جو اڄ زنده هجي ها ۽ اسان کي سنڌ جي بحاليءَ لاءِ ڪم ڪندي ڏسي ها ته ڪيڏو نه خوش ٿئي ها. ۽ سندس خوشي اسان جي لاءِ سعادت جو باعث بنجي ها سندس ڪل محفوظ ۲۱ خط "اڄ ٿئي ڇڪير ڇاڪ" ڪتاب ۾ ڏنا ويا، جن مان ۳ خط هتي ڏيان ٿو.

(۱)

سنڌ هيرالڊ، راجا پرنٽنگ پريس، ميڪلوڊ روڊ، ڪراچي،
۸- فيبروري، ۱۹۲۹ع.

پيارا سائين، آءٌ هوند هوشيءَ سان اوهان جي ميٽنگ ۽ اچان ها، پر هڪ هفتي لاءِ حيدرآباد وڃي رهيو آهيان، ان ڪري حاضر ٿي نه سگهندس. منهنجون مڪمل همدرديون، اوهان سان اوهان جي ڪم ۾ شامل آهن.

- جيٺمل پرسرام.

[نوٽ :- ڪوٽ سڌار هلچل جي پهرين ڪانفرنس ۹- فيبروري ۱۹۲۹ع لاءِ ملهيل ڪوٽ جو جواب ڏنو اٿس]

(۲) [ڪارڊ - سنڌي]

ٺنڊو آدم، ۱۴- آڪٽوبر ۱۹۳۳ع.

پيارا غلام مرتضيٰ ڀاءِ پروفيسر واسواڻي ۽ آءٌ ڪلهه گشت تي نڪتاسين. اڄ ٺنڊي آدم آهيون. تو وٽ ۲۷ تاريخ ڏاري پهچنداسين. اميد ته تون اتي هوندين.

۱- لبڪ مون کي ڪوڙ ڀهتو افسوس!

۲- "سنڌڙي" جي باري ۾ چا ڪيو؟

۳- اميد ته دستور کي لکي موڪلينداڻ. هيءَ ڪم ضروري آ.

- جيٺمل پرسرام.

(۳)* [ڪارڊ]

بسنت هال، ۹-۱۱-۱۹۳۳ع.

پيارا سيد، مون ڪيترا خط لکيا آهن، پر جواب ڪوڙ ڀهتو آهي، تنهنڪري سن ڪوڙ ٿو اچان. سڌو لاڙڪاڻي کان حيدرآباد آيو آهيان. خبر ناهي ته ڪٿي آهيو؟ هندو مسلم ڪانفرنس جي دعوت اوهان کي ملي هوندي. اوهان جي حاضري تمام ضروري آهي. مون کي توهان سان ڪيترن ئي مسئلن تي ڳالهائڻو آهي. توهان جا پيا ماڻهو هوشيار آهن. مون کي خبر نه آهي ته توهان چا پيا ڪريو؟ مون سر غلام حسين جي سنڌ ۾ گشت تي نظر ڦٽي رکي

آهي. سنڌين لاءِ اڃا ڪجهه ڪرڻ ڏا ڪريو. شايد مشغول آهيو.

حيدرآباد اچو تہ مون سان ضرور ملجو، جو ضروري گالهيون ڪرڻيون آهن. جي نہ آيا تہ آءٌ سمجهندس تہ. توهان هاڻ دلچسپي ڇڏي ڏني آهي. توهان حيدرآباد اچي مون سان ڪڍ رهو.

- جيئمل.

(۱۰)

مسٽر حاڪر علوي

هيءٌ ڪراچيءَ جي ڏاڏودي پورا قبيلي سان سيٽ ڪرڻ جي ساندوي واري جو ڄاڻو هو. ۲۰ آڪٽوبر ۱۸۹۸ع تي ڄائو هو ۽ ۲۶ جنوري ۱۹۷۶ع تي وفات ڪري ويو. سندس زندگيءَ جو احوال مون "جنب گذاريم جن سين" ۽ "اڄ ڪٿ ڇڪيم چاڪ" ڪتابن ۾ ڏنو آهي. وڏو عالم، سياستدان، قومي ڪارڪن، تاجر ۽ گهڻن علمن جو ڄاڻو هو. سائس منهنجي واقفيت ۱۹۲۷ع کان ٿي، جا وڏي وڃي دوستيءَ جي درجي تي پهتي ۽ آخر تائين قائم رهندي آئي. هيءٌ محبت جو پنڌار هو. هن جي صحبت ۽ مون گهڻو پرايو. سندس اوچتيءَ وفات مون کي گهرن عزيزن جي جدائيءَ کان به گهڻو دکي پهچايو. خدا کيس غريق رحمت ڪري!

هن سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ ۾ وڏو حصو ورتو هو. سنڌ جي ڪامل خود اختياريءَ جي دل ۽ پرپور تمنا هوندي هيس. سنڌ جو وڏو عيدائي ۽ انسان دوست شخص هو.

سندس ۲۵ خط "اڄ ڪٿ ڇڪيم چاڪ" ۾ ڏنا اٿم ۽ ڪجهه هتي ڏيان ٿو.

*(۱)

علوي منزل، ڪراچي، ۲۶-۱-۱۹۲۸ع. پيارا شاه صاحب! اوهان جو دعوتنامو مليو. مهرباني. جيتوڻيڪ اهو ديڙ سان پهتو آهي ۽ تازو بمبئيءَ کان موڙيو آهيان، پر مون کي توهان وٽ

اچڻ ۽ ڏوهي ٺهندي. خصوصا سنڌي ڪاڻين ٻڌڻ لاءِ.

آءٌ سياڻي ۱۱ بجي رات واريءَ گاڏيءَ ۽ روانو ٿيندس ۽ ڇنڇر ڏينهن صبح جو پهچندس. خدا حافظ.

ـ اوهان جو مخلص، حاڪم علوي.

قلم تازو :- مون اوهان جو گذريل سال وارو خط هينئر پڙهيو. ڏاڍو لاءِ ڪريو. ان وقت ناڻال جي موڪل سبب آءٌ ڪچ مانڊوي، طرف ويل هوس.

(۲)

علوي منزل، گارڊن لين، ڪراچي، ۲۶- رمضان ۱۳۴۹ هـ (۳۰-۹۲۹ ع). پيارا دوست! هن سان گڏ آءٌ اوهان کي ان مضمون جي ڪاپي موڪليان ٿو، جيڪو مون سنڌ مدرسہ ڪالنيڪل لاءِ لکيو هو.

جيڪڏهن اوهان ڪوٽ ـ سڏار ڪم شروع ڪرڻ جي سلسلي ۾ سنجيده آهيو، تہ منهنجي سمجهہ موجب ٻہ ڳالهيون ڪرڻ ضروري ٿيندیون. انهن ٻنهي ڳالهين کان سواءِ ڪجهہ ٻہ نہ ڪري سگهو ۽ جيڪڏهن اهي حاصل نہ ڪري سگهياسون تہ پوءِ اسان لاءِ بهتر آهي تہ خاموش ٿي وڃون. اهي ٻہ ڳالهيون آهن :

(۱) هڪ برين ٻرچارڪ (Missionary Brayen)

[نوٽ :- مسٽر برين گرگائون جو ڊپٽي ڪمشنر هو.]

(۲) عام ورڪر.

سڀ کان اڳ اسان کي برين (جهڙو ماڻهو) ڳولڻ گهرجي، جنهن کان سواءِ ڪوبہ ڪم ٿيڻ ناممڪن آهي. ۽ اوهان کي بخوبي خبر آهي تہ اسان جي صوبي ۽ اوهان کان سواءِ ٻيو ڪوبہ اهڙو نہ آهي. ٻہ اوهان کي اهو ٻہ ياد رکڻ گهرجي تہ سڀ ڪم هڪ ٽي وقت نہ ڪري سگهندو. ان ڪري خدا ۽ اسان جي دوستيءَ جو واسطو وجهي استدعا ٿو ڪريان تہ درجن کن اڊارن ناهڻ ۽ انهن

جي قاعدن قانونن جوڙڻ جي ڪوشش نہ ڪريو. اوهان کان اڳين نہ ٿي سگهندو.

جيڪڏهن اوهان اڳين ڪندا رهيا جيڪي اڄ ڪري رهيا آهيو، تہ زندگيءَ جي پچاڑيءَ ۾ اوهان کي ميڙو پوندو تہ اوهان پنهنجي زندگي وڃائي آهي ۽ ڪنهن کي بہ ڪو خاص فائدو نہ پهچائي سگهيا آهيو. ان ڪري شاندار ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي، جو فقط شاندار ماڻهوئي ڪري سگهي ٿو. هن برڪت ڀرئي مهيني (رمضان) ۾ خدا جي رحمت ۽ طاقت انهن ئي ماڻهن کي ملندي جيڪي وفاداريءَ سان سندس لاءِ ڪم ڪندا.

هيءُ خط اوهان کي سرگرم عبادات ۾ ملندو.

- اوهان جو پيارو، حاتم.

*(۳)

علوي منزل، ڪراچي، ۱۲-۱-۱۹۳۱ع. پيارا دوست! اوهان کي ياد هوندو تہ مون اوهان کي ڪمرشل اسڪالرشپ جي باري ۾ لکيو هو. گذريل سال جي وچ ڌاري ڪٿي لکيو هوم.

مسئلو ٻيهر ايجنڈا تي آيو آهي. آءٌ اوهان جي مهرباني ميڙيندس، جيڪڏهن اوهان ان بابت کا رٽ ڏيندا.

- اوهان جو مخلص، حاتم.

*(۴)

علوي منزل، ڪراچي، ۲- نومبر ۱۹۳۱ع.

پيارا دوست! اوهان جي ڪالهوڪي خط لاءِ مهرباني.

مون کي ڪمشنر کان صحيح خبر پهتي آهي تہ هن پلاٽ منظور ڪيا آهن. تنهنڪري مون مسٽر نارائڻ داس ڏي اوهان طرفان کو زور نہ وڌو ۽ نہ ئي اوهان کي ٻڌايو.

توهان جو جيڪ منهنجي ڪاري ڪوٽ ۾ ٻيل هو، جيڪو آءٌ اڄ ئي ٻڌڻ ۾ موڪلي رهيو آهي.

- سلامن سان، اوهان جو مخلص، حاتم علوي.

(۵)

علوي منزل، ڪراچي. ۲۹-۱۲-۱۹۳۱ع. پيارا دوست! سون کي ڏک، آهي ته آءٌ اوهان جي دعوتناميءَ جو هن کان اڳ جواب نه ڏيئي سگهيو آهيان. اڳ ۽ ڪڏهن به ائين نه ٿيو آهي، ۽ هن جو ڪارڻ اهو آهي ته آءٌ ڇٽن ڏينهن کان بخار ۽ کلي جي سور سبب بستري داخل هوس. اڄ به آءٌ هميشه جيان ليکڪ نه آهيان، ان ڪري آءٌ سمجهان ٿو ته اسان هن ڪاتال تي شايد ملي نه سگهون.

موضوع بابت چيل خط اوهان کي پهتو ۽ ضرورت پوري ڪئي هوندائين.

- پيار - پيار - پيار، حاتم.

(۶) [چيل - سنڌي]

علوي منزل، ڪراچي، ۲- مارچ، ۱۹۳۷ع. ڪرمفرماي بندهٔ! جنهن صورت ۽ ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ميمبرن جو انتخاب ختم ٿي چڪو آهي، تنهن صورت ۽ هي بي موقعيٰ نه ٿيندو جيڪڏهن آءٌ اوهان جي راءِ طلبي ڪريان ته توهان هن مسئلي تي ڪهڙو غور ڪندا - جيڪڏهن آءٌ پنهنجي پريزيڊنٽيءَ جي چونڊ لاءِ پيش ڪريان، جنهن جو انتخاب غالبا اپندڙ مهيني جي وچ ۽ ٿيندو.

جيڪڏهن سون کي اڄ ڏهليءَ طرف ضروري ڪم لاءِ نه وڃڻو هجي ها، ته يقينا آءٌ اوهان جي خدمت ۽ حاضر ٿي، هن مسئلي تي تبادلهٔ خيالات ڪريان ها.

اهي اصحاب، جي ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ڪمن سان دلچسپي رکن ٿا، انهيءَ راءِ جا آهن ته جيڪڏهن بن پارٽين (جي بورڊ ۽ موجود آهن) جي درميان بورڊ جي اهم مسئلن تي اختلاف راءِ نه هجي، ته بورڊ جو ڪاروبار هاڻوڪي نموني تي نه هلي ها، بلڪ ٻيو ڪو بهتر نمونو اختيار ڪري ها.

جيڪڏهن اوهان انهيءَ راءِ جا آهيو تہ جيڪڏهن مون کي پريزيڊنٽ ٿيڻ جو موقعو ڏنو ويندو تہ آءٌ سواءِ بغض جي بورڊ جي خدمت بجا آڻيندس، تہ آءٌ عرض ڪندس تہ اوهان نہ فقط پنهنجو گران بها ووٽ مون کي ڏيندا، بلڪ منهنجي امداد ڪري حوصلي افزائي ڪندا.

جيڪڏهن بورڊ مون کي انهي عهدي تي سرفراز فرمايو تہ اميد آهي تہ خدا جي لطف و ڪرم سان پنهنجو آزمودو، جو مون ماڻهن سان اڪثر ڪاروبار ۽ پرايو آهي، سو پنهنجي مڪمل طاقت سان بورڊ جي خدمت ۾ صرف ڪندس، ۽ پوءِ منهنجي ايامڪاريءَ جي اختتام وقت ائين چئي سگهيو تہ جيڪڏهن ڪوبہ ماڻهو پنهنجي دل ۾ جان، ديانتداريءَ ۾ نيڪ خياليءَ سان، پبلڪ جي ڪم ۾ لڳائي ٿو، تہ گهڻيءَ بهتريءَ جو امڪان ٿي سگهي ٿو.

جناب والا - آءٌ صرف تڏهن پاڻ کي اميدوار پيش ڪندس، جڏهن آءٌ محسوس ڪندس تہ جناب ميمبر صاحبن جي اڪثريت جو حصو از خود بروي انصاف و نوازش منهنجي فتحياب‌يءَ لاءِ خواهان ۽ ڪوشان آهي.

اها عجب جهڙي ڳالهہ نہ آهي جيڪڏهن آءٌ التماس ڪريان تہ اوهان پنهنجو نايات ووٽ مون کي ڏيندا ۽ اهڙو خاطر خواه جواب براه پوسٽ موڪلي، ممنون فرمائيندا.

- والسلام، حاتم. اي. علوي.

(۷)

حاتم علوي، ميئر،

ڪراچي، ۱۷- جون، ۱۹۳۷ع.

پيارا دوست! مسٽر قاضيءَ جي مسئلي کي سنڌ مدرسي ۾ ڪٿڻ بابت اوهان جو خط اسٽيڊنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ تان سوڻ ڀعد پهتو. جيئن تہ اسان آڳاٽو اوهان جي بنگلي تي ذاتي طرح طريق عمل

تجويز ڪيو هو، ان ڪري اوهان طرفان وڌيڪ ياد دهاني ڏيارڻ ضروري نه آهي.

علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ کي سنڌ مدرسي جي پرنسپال ڪري رکڻ لاءِ مون اڳواڻ ٿي بورڊ جي منظوريءَ لاءِ هڪ ٺهراءُ لکيت ۾ پيش ڪيو آهي.

اوهان کي ياد هوندو ته اسان جو پهريون انتخاب ڊاڪٽر ذاڪر حسين هو. ان ڪري مون حسن عليءَ کي چيو ته ڪيس ان مسئلي بابت لکي. ڊاڪٽر ذاڪر دهليءَ ۾ نه هو، تنهنڪري هن جي ڪنهن نائب خط ورتو ۽ ڊاڪٽر ذاڪر کي ان بابت لکڻ جو چيو.

هي خط مون کي عبدالرحمان پنهنجي ڏيل تي ڏيکاريو. مون اهو خانبهادر قاضيءَ کي موڪليو ته ان کي پڙهي ڏسي. تنهنڪري مون جڏهن لکيل ٺهراءُ چيئرمن کي پيش ڪيو. ته پوڙهي خانبهادر سچ پچ اهو سمجهي، ته ٺهراءُ ڊاڪٽر ذاڪر حسين جي مقرريءَ بابت آهي، ڪيترا پيرا منهنجي مخالفت ڪئي. ان ڪري هڪ ڀر ته ائين اسان جي وچ ۾ چٻلش ٿي ۽ اسان کي ٻنو نٿي پيو ته چا ڪيو وڃي. اسان خانبهادر جي حمايت کان سواءِ مون وارو ٺهراءُ آڻي نٿي سگهياسون. ان ڪري مون پنهنجي ٺهراءُ تان هڪدم هٽ ڪڍي ورتو، ته جيئن قاضي صاحب جي مسئلي کي نقصان نه رسي.

آخر ۾ اسان نائين مان هڪ کي چيو ته هريسن کان چارج وٺي، جو ايندڙ جمعي تي ڪراچي ڇڏي رهيو آهي. هاڻي پرنسپال جي مقرريءَ جو مسئلو بورڊ جي اڳيان پيش ڪجي.

مسٽر ڪالنس ڏينهن مقرر ڪيو آهي، جنهن ڪري اسان کي غور ڪرڻ لاءِ ڪافي وقت آهي.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ميٽنگ جمعي، ۸- جولاءِ تي صبح جو رکي ويئي آهي. جيڪڏهن ممڪن هجي ته ٻاڻ کي واندو رکندا ۽ ٽي ڏينهن اڳواڻ ڪراچيءَ ايندا، جيڪڏهن اهو اوهان لاءِ تڪليف ده ثابت نه ٿئي.

- اوهان جو مخلص، حاتم علي علوي.

*(۸)

علوي منزل، ڪراچي، ۲۴- جنوري، ۱۹۴۱ ع.

پيارا سيد! ۸ ۱- فيبروريءَ ۾ ڊسٽرڪٽ بورڊ جي چونڊ ٿي رهي آهي. مون کي اميد آهي ته اوهان هڪ ڏينهن لاءِ ڪراچي ايندا.

جيئن اوهان کي معلوم آهي ته آءٌ اميدوارن مان آهيان، ان ڪري اوهان جو ووٽ گهربل آهي.

ـ اوهان جو پيارو، حاتم.

*(۹)

۷ ۱- ڊسمبر، ۱۹۴۶ ع. پيارا دوست! اوهان ڪراچيءَ ڪڏهن اچي رهيا آهيو. عزيز ڪولمبو مان هتي آيو آهي ۽ اوهان سان ملڻ جو مشتاق آهي. هيءَ هتي جمعي تائين هوندو، پر جيڪڏهن اوهان هتي اچو ته هيءَ هفتي جي پڇاڙيءَ تائين ترسي سگهي ٿو. ان ڪري مهرباني فرمائي مون کي تار موڪليندا.

گذريل "ڊان" ۾ اوهان بابت هڪ ڪارٽون آيو آهي. جنهن ۾ ڏيکاريل آهي ته اوهان هڪ اونڌي ٻيڙيءَ ۾ طوفاني سمنڊ ۾ (دهشت جي حالت ۾) ويٺا آهيو ۽ هڪ ڪانگريسي ماڻهو پري تري رهيو آهي ۽ ٻيڙيءَ جي رسيءَ کي ڇڪي رهيو آهي.

مون کي توقع آهي ته تازين ٻيدا ٿيل حالتن بابت اوهان کي صحيح ۽ تعميري سوچ جو وقت ملي هوندو. هينئر وقت آهي ته غرور، تعصب ۽ جذبات کي ڌڪي ڇڏجي ۽ بنيادي اصول ظاهر ڪجن، جيڪي اسان جي شخصي ۽ جماعتي زندگيءَ کي هلائين.

پاڻهارو ڏڻي هال! اوهان کي ائين ڪرڻ جي توفيق ڏئي.

ـ اوهان جو پيارو، حاتم علوي.

*(۱۰)

ڪراچي ۴- فيبروري، ۱۹۶۰ ع. پيارا ياءِ، مون کي اوهان جو خط ناڻال جون موڪلون سن ۾ گذارڻ جي دعوت بابت پهتو.

منهنجي دلي خواهش هئي ته پراڻين يادگيرن کي تازي ڪرڻ، کجھ سکون حاصل ڪرڻ ۽ سالٽيڪا لمحا اوهان وٽ درياءَ جي ڪناري وٽندڙ هنڌ تي اچي گذاريان ها، پر اوهان کي معلوم هوندو ته آءٌ واهنگٽن ۽ ٽينڊڙ ورلد بئنڪ جي ميٽنگ ۽ حصي وٺڻ لاءِ اتي ويو هوس ۽ نومبر جي وچ ڌاري جپان، هانگ ڪانگ، سينگاپور ۽ سيلون کان ٽيندو ڪراچيءَ پهتس. سکھوئي آءٌ اتر - پاڪستان اسپيس ۽ ڪراچيءَ ڊسمبر جي پهرئين هفتي ۽ موٽيس. سڄو يورپ (بر اعظم) لاءِ ۱ - سيپٽمبر کان روانو ٿيو ۽ هيءُ گذريل پنجن مهينن کان اتي آهي. تنهنڪري، اسان پنهي جڻن جي ڏکهي غير حاضريءَ کافي ڪم جمع ڪري ڇڏيو هوء ۽ آءٌ پنهنجي آفيس ڇڏي نٿو سگهان، جيتوڻيڪ ڏاڍي خواهش الم.

گذريل پن هفتن کان آءٌ بستري داخل آهيان. جيئن ته اوهان کي جاڻ هوندي ته استيٽ بئنڪ ميڪلوڊ روڊ، تي هڪ ڪهڙ - مارٌ لهرائي پيئي، ۽ ان جڪهه جي معائني لاءِ آءٌ جيئن ئي هڪ ساهيءَ تڪڙو ڏهيءَ مارٌ تي ڊوڙي پهتس، ۽ اڃا ۱۱ مارٌ نه ٿي وئي، ان منهنجي دل کي تڪليف رسائي - جيئن هڪ چوٽي آهي. ته "تڪڙ ۽ ڪم ڪريو ۽ فرصت ۽ پچتايو."

هن خط جو مقصد آهي ته آءٌ اوهان کان پڇان ته سرڪار ياوان جيل ۽ اوهان کي جيڪي فرصت جون گهڙيون ميسر ٿيون، انهن ۽ ڪيترو پچتايو (غور ڪيو) اٿئي؟ زندگيءَ جي هر لمحي ۽ "ٻاڻ - برجهڻ" ضروري آهي، خاص ڪري اسان واريءَ عمر ۾. آءٌ چاهيان ٿو ته اوهان پنهنجي گذاريل زندگيءَ تي هڪ حقيقت پسندانه نگاهه سان ڏسو ۽ مستقبل لاءِ ڪو صحيح ۽ مضبوط لائحه عمل اختيار ڪيو، جنهن تي اوهان صدق دل سان، ڪهي سچي طرف نهاري کان سواءِ هلي سگهو.

تازو هڪ خط مون چيني کي لکيو، جنهن ۾ اوهان کي هڪ انارڪيسٽ بيان ڪيو هئو، جيڪو سيني حڪومتن جو مخالف آهي، پوءِ ڪٽي ڪهڙي به قسم ۽ جوڙجڪ جون هجن.

سون هڪ روسي دوست کي ٻڌايو تہ جيڪڏهن پاڪستان ۽ ڪميونسٽ حڪومت قائم ٿي ويئي، تہ ٻہ جي. ايم. سيد کي ان خلاف ڪم ڪندي ڏسندا ۽ اها گورنمينٽ بہ هن کي جيل ۽ وڃهندي. آءٌ چاهيان ٿو تہ اوهان ان تي سوچيو تہ اهي بہ حقيقتون جيڪي اوهان جي زندگيءَ جي جهولي دوست بيان ڪيون آهن ۽ جي جرجي طور ڪيل نہ آهن، واقعي سچيون ۽ اوهان سان لهڪندڙ آهن يا نہ؟

آءٌ اهو چوڻ کان رهي نٿو سگهان تہ آءٌ پنهنجي فتويٰ زوريءَ اوهان تي مڙهي نٿو گهران ۽ ان جو اهو بہ مطلب نہ آهي تہ هروپرو اوهان بابت منهنجو تجزيو لازمي صحيح هوندو. تنهنڪري اڄ تہ سنڌ جي صوبائي خود مختياريءَ جي ڏهن سالن تي نظر وجهي ڏسون تہ توهان عملي طرح هر وزارت جا مخالف رهيا آهيو ۽ اوهان جي وزير هڻڻ وقت استعيفا ڏيڻ ثابت ڪري ٿي تہ اوهان پنهنجي بہ خلاف هئا. هڪ وقت ۽ اوهان ميدان ۽ هندن سان بائيڪاٽ جي سخت تحريڪ هلائي، ۽ ٻئي وقت مسلم ليگ جي خلاف ڀيل جڏهن تہ ان وقت ڪيس مسلم عوام جي مڪمل حمايت حاصل هئي. اوهان اهو سيڪجهہ نہ ڪيو جو نيتيءَ سان ڪندا رهيا آهيو، پر هيءَ انگريزي پهاڪو اوهان تي ٺهڪي اچي ٿو تہ "دوزخ ڏاڍهن ويندڙ رستو بہ چڱن ارادن جي پٿرن سان ٺهيل هوندو آهي."

آءٌ صاف ظاهر ٿو ڪريان تہ منهنجو ارادو اوهان تي جرح ڪرڻ جو نہ آهي. برعڪس ان جي، جيئن ڪيترا ڀيرا اڳ چيو اٿم تہ هيءُ خط اوهان جو اهو پيارو دوست موڪلي رهيو آهي جنهن وٽ اوهان جي پلائي سڀ کان اوليت رکي ٿي.

ان کان سواءِ جيئن تہ آئيندي اوهان کي گذريل زندگيءَ جي سالن کان ڏورا سال ميسر هوندا، ان ڪري جيڪڏهن اوهان پنهنجي پراڻي رويي تي مضبوطيءَ سان قائم رهيا تہ اوهان کي آئيندي جو رستو ويران ۽ سنسان نظر ايندو.

پهرين ڳالهہ، جا اوهان کي تسليم ڪرڻ گهرجي، سا اها

آهي ته اوهان نه سياستدان آهيو نه انقلابي. جيتوڻيڪ اوهان زندگيءَ جا بهترين سال انهن ٻنهي مشغلن ۾ صرف ڪيا آهن.

ماضيءَ کي وساري ڇڏ - جيئن چوٽي آهي ته "ماضيءَ کي وساري دفن ڪري ڇڏيو." آءٌ جرئت سان چوان ٿو ته اوهان موجوده حڪومت کي پسند نٿا ڪريو، جيئن اوهان اڳي ڪنهن ٻ حڪومت کي پسند نه ڪيو آهي. منڪسر مزاجيءَ سان اهو تسليم ڪندا ته موجوده حڪومت کي ڏاهن، يا ان جي تابوت (ڪفن) ۾ ڪلي ٿوڪڻ، اوهان جي طاقت ۾ اختيار کان ٻاهر آهي. ممڪن آهي اوهان زندگيءَ جا باقي ڏينهن سخت ڪوشش ڪري ان کي ڪجهه قدر ڪامياب ڪيو، پر اوهان لاءِ سوچڻ جو مقام آهي ته اها ڪوشش اجائي ويندي يا سجائي ڏيندي؟

آءٌ چاڻي واڻي ان مسئلي جي مثبت پهلوءَ کي ڇڏي ٿو ڏيان ته اوهان کي مستقبل ۾ جا ڪرڻ گهرجي؟

قائد اعظم هڪ ڀيري مون کي چيو ته اسان جي ماڻهن جي ٿوري ڪمزوري اها آهي، جو سندن "سوچ منجهيل" (Confused Thinking) رهي ٿي. صاف طرح غور ڪرڻ لاءِ اوهان کي فيصلو ڪرڻو پوندو ته مون اوهان بابت جو ڪجهه چيو آهي سو ڪيترقدر درست آهي. جيڪڏهن ائين آهي، ته پوءِ اوهان کي همت ڪري گذريل کي وساريو پوندو. ان کان پوءِ پختي دماغيءَ ۾ خدا جي دعا سان اوهان مستقبل لاءِ نئون رستو ڳولي سگهندا. مون کي ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته اهو رستو اوهان جي روحاني ۽ سچي ترقيءَ لاءِ هوندو، جنهن لاءِ اوهان کي اوهان جي گذريل غلطين ۽ اعليٰ بي طمعيءَ جي ڪمن تيار ڪيو آهي، جنهن جي اوهان کي به جاڻ نه آهي.

- نيڪ جذبن ۾ پيارن سان، اوهان جو پيارو، حاتم علي علوي.

*(۱۱)

ڪارنر هائوس، پريڊي اسٽريٽ ڪراچي ۳، ۱۴- نومبر ۱۹۶۶ع.

منهنجا پيارا سيد! اوهان جي بزم صوفياي بابت چيل دعوتنامي لاءِ مهرباني. مون کي جمع ۽ چنڊر ٿي لاهور ۽ سمروفيتون آهن، جيڪي هڪ مهينو اڳ، تجويز ڪيون هيم، جي مون کي سن اچڻ کان مانع آهن. ان لاءِ مون کي نهايت ڏک آهي.
ـ پيار ۽ سلامن سان، اوهان جو مخلص، حاتم علوي.

*(۱۲)

ڪارلر هائوس، پريڊي اسٽريٽ، ڪراچي ۳. ۲۱- فيبروري، ۱۹۷۰ع. پيارا سيد! اڄ اسان پنهنجي بنگلي تي، سن ۽ پنهنجي وچ ۽ ڏيل ڳالهين بابت، گڏجڻ وارا هڪسون، پر اوهان مون کي سنڊي اڳواڻن جا ٻالا موڪلي نه سگهيا، ۽ نه ئي وري احمد آڪي قدم واري مون سان رابطو رکيو، تہ ڪراچيءَ ۽ چا ڪرڻ گهربو هو.

شايد اوهان قيوم جي جواب درجواب جي تمارين ۽ رڏل هڻا، جيڪو اچوڪي "دان" ۽ مختصر چيو آهي ۽ ٿورو گهڻو "سارننگ نوز" ب ڏنو آهي. اردو اخبارن چونہ ڏنو؟ اهو بهريون بهترين بيان آهي ۽ متحده محاذ کي گهٽ ۽ گهٽ اهو هڪ ڪتابچي جي صورت ۽ چاپڻ گهرجي، جنهن ۽ اوهان ڏانهن قائد اعظم جي خطن ۽ عهدنامن جون پڙهڻ جوڳيون فوٽو اسٽيٽ ڪاپيون بہ شامل هجن.

جيڪڏهن محاذ ائين ڪرڻ گهري ٿو تہ ان کي جلد ڪرڻ گهرجي ۽ مسودي جون ڳالهيون درست ڪرڻ گهرجن. خصوصا "گولڊ اينڊ گنس" جا کي حوالا ڪيڻ گهرجن، (جي قيوم لاءِ روشني مهيا ڪن ٿا.) چاڪاڻ تہ ان ڪري هن جي بہ خراب ڪارين تي پردو پئجي وڃي ٿو.

جيڪڏهن اوهان يا محاذ ان کي چاپڻ گهرو تہ بهتريت چاپائيءَ لاءِ احمد آڪي قدم واري کي ڏيڻ گهرجي، چاڪاڻ تہ ان

کان بهتر ڇپائي ٻيو ڪوبه نه ڪري سگهندو. ان بعد اهو پمفليٽ جملي پاڪستاني پريس ۽ سڀني سياسي اڳواڻن ۽ ورهائڻ ڪيو. جيڪڏهن ائين ڪيو ويو ته ٻوءِ مولوين طرفان اوهان خلاف ڪيل فتوائن جو اثر ختم ٿي ويندو. مون پليجي کي به ٻڌايو هو ته اوهان جا مخالف ممڪن آهي ان فتويٰ کي چوڌڻ وقت پبلسٽي ڏين. اهو نه وساريندا ته شيخ عبدالمجيد سر شاهنواز ٻڌي کي ڪهڙيءَ طرح سنڌس ٿي تڪ ۽ شڪست ڏني هئي، ستان تاريخ وري پنهنجو پاڻ ٻڌرائيندو (تبديل ٿيندو) طرف ڏهرائي؟

- اوهان جو مخلص، حاتم علي علوي.

[نوٽ - مرحوم برادرم حاتم علويءَ، اوپر آمريڪا ۾ وفات ڪئي، جنان ڪيس ۲۷- جنوري ۱۹۷۶ع جي رات جو ڪراچيءَ ڪٽي آيا. اخبار ۾ خبر پڙهي، سرڪار کان اجازت طلب ڪيم، جا هنن مهرباني ڪري ڏني. ۽ ۲۸ تاريخ صبح جو مرحوم جي جنازي جي تدفين ۾ شامل ٿيس. قبرستان مان واپسيءَ بعد سنڌس بيگم صاحبه سان عذر خواهي ڪيم. جنهن چيو ته "ادا! هاڻي اڇ ٻند ڪري ڇڏيو اڙو" چيومانس ته "ادي! سرڪار بند ڪيو ويئي آهي." ان تي ڀائين ته "پاڻهين (حاتم) کي گهٽوئي چوندي هيس ته پنهنجي دوست کي گهر دعوت ڏيئي وڃي اڇ. پر چوندو هو ته ملڪ ۾ ڀرپائي زور وڌي ويئي آهي. نه پاڻهين پنهنجي هوڏ تان ٿو لهي ۽ نه ئي سرڪار فراخدليءَ کان ڪم وڃي، مٿانئس پابندي ڦي هٽائي. ڀالهه منهنجي وس کان ڇڙهي ويئي آهي."]

(۱۱)

پير علي محمد راشدي

پير علي محمد راشدي، لاڙڪاڻي ضلعي جو ويڙل، راشدي خاندان جو مکيه فرد آهي. سنڌس زندگيءَ جو احوال منهنجي ڪتابن "جنب گذاريم جن سين" ۽ "راشديءَ جا خط ۽ مضمون"

۽ مفصل ڏنل آهي.

هيءَ عجيب طبيعت جو مالڪ آهي. هن جا ڪيترا دوست ۽ دشمن آهن. سندس جي ٻهٻيءَ کان جدائيءَ لاءِ هن تمام گهڻي ڪوشش ڪئي ۽ سندس سان بيحد محبت هئس.

سندس کي ون يونٽ ۽ داخل ڪرڻ واري ڪڏي ڪم سبب، سندس جو اڪثري نوجوان طبقو هن کان نالان ۽ ناراض آهي. پر مون منجهائس اميد نه لاٿي آهي. سندس جي بحاليءَ لاءِ اسان جيڪا ڪوشش شروع ڪئي آهي، ان ۾ جيڪڏهن ڪن مجبورين سبب هو حصو وٺي نٿو سگهي، تڏهن به مون کي پڪ آهي ته سندس همدردیون اسان سان آهن، ۽ ان مقصد جي حاصل ٿيڻ تي وڏي خوشي هن کي ٿيندي.

سندس ڪجهه خط سندس خاص خطن جي ڪتاب ۾ ڏنا اٿم، ۽ ڪجهه هتي ڏجن ٿا.

[سنڌي] (۱)

دادو، ۵-۵-۱۹۶۷ع. سائين منهنجا!

دل ٿـي گهري گهاريان نه هت،
آڏري وچان پنهنجي يـار ڏي!

پر اڄا ڪالهه هت پهتو آهيان، چار مهينا بيمار رهڻ بعد، اڄا تائين اهڙي سڪت ڪاهه اٿم، جو ڏکي ڏوڙي سگهان. جيڪڏهن اوهان پاڻ هڪ اڏ ڏينهن اچي دادوءَ رهو ته ڏاڍيون محفلون ڪجن. ميان يارمحمد ڪلهوڙي جي ورسي ملهائڻ جو به سوال آهي. سپٽمبر جو اهو ميلو وڏي پيماني تي ڪرڻو آهي. ميان يارمحمد سنڌ جو تمام وڏو ماڻهو ٿي گذريو آهي. سنڌ کي آزاد ڪرائڻين ۽ مدتن کان پوءِ سنڌ جا ويل علائقا ورائي سنڌ جي ايمپائر جو بنياد وڌائين. علاوه ان جي وڏو عالم ۽ جري پهلوان به هو. جيڪڏهن اجازت ڏيو ته اهو ميلو ٻـزم

صوفياء جي نالي ۽ ڪريون.

هيو عرض ته حسين شاهه خاص طرح خدمت ۽ موڪلياڻو. منهنجي هتان چار مهينا غير حاضر رهڻ ڪري فارم جو ڪم گهڻو پنتي پئجي ويل آهي ۽ جيڪڏهن هڪدم ان باري ۽ قدم نه کنيو ويو ته سالن جا پروگرام پوئتي پئجي ويندا. صرف تن ڏينهن لاءِ ڊريڪٽر ڪهي. جيڪو ڪٽان ڪونه ٿو سگهي. منهنجو پنهنجو ايجا ڊليور ڪونه ٿيو آهي، ايگريڪچلر وارن وٽ ڪوبه صحيح سالم موجود ڪونهي. فقط تن ڏينهن جي گهاله آهي. جيڪڏهن رهي، ۽ هيءَ وانگار صاحبزادن مان ڪو پاڻ به اچي اهي ٿي ڏينهن وهي، ڊريڪٽر ڪاهي وڃي، ته زهي نصيب!

بهرحال: شرط هيءَ آهي ته ڊريڪٽر هڪدم بهچي، جو ته جيڪا پوک پوکڻي آهي، سا ۱۵ مڻي کان اڳ پوکجي وڃڻ گهرجي. ٽيل وغيره جو هت بندوبست ٿيل آهي.

ٿيون عرض ته حيدرآباد مان روزانا اخبار ڪيون ٿا، جيڪا ايڊي پابي جي هوندي، جو گويا "جنگ" جي سنڊي ايڊيشن هوندي. سڄو انتظام ٿي ويل آهي، صرف جاءِ ۽ فرش لڳي پوري ٿيڻ جي دير آهي. ان اخبار لاءِ به اوهان کي سلسلو مضمونن جو لکي تيار ڪرڻ گهرجي. اها اخبار انشاء الله ڏينهن جوت جاڳائيندي، ۽ هن اصول تي هلندي ـ

اگر غم لشکر انگيز د که خون عاشقان ريزد،
من و ساقي بهم سازيم بنيادش بسر اندازيم.

ـ والسلام، علي محمد راشدي.

(ذاتي ۽ مخفي)

ڪراچي، ۱۵-۱۲-۱۹۶۹ع، جي. ايم. جيٽينر! اوهان جي رواني ٿيڻ کان پوءِ ڪهڙي صاحب جو پيچو ڪيو. معلوم ٿيو ته پاڻ عيد ڪري لاڙڪاڻي وڃي چڪا آهن، جنهنڪري سائن گهاڻڻ اڄ ڏينهن ڏاڍين ٿي نه سگهيو آهي.

ان وچ ۾ آءٌ حيدرآباد ۾ قاضي اڪبر سان ڳالهائڻ لاءِ وڃي نڪتس. گفتگو ۾ قاضي صاحب کان سواءِ مسٽر غلام نبي ميمڻ ۽ جام صادق علي صاحب به شريڪ هئا. ان گفتگوءَ جي ذريعي هن نتيجي تي پهتاسون:

(۱) متحده محاذ کي انتشار کان بچائڻ، ۽ محاذ جي دشمنن لاءِ خوشنوديءَ جي سامان مهيا نه ڪرڻ خاطر نه ڪهڙي صاحب وارن کي ۽ اوهان ۾ اسان کي تڪڙ ۾ تعديل کان ڪم وٺڻ گهرجي. وڏين جماعتن جي شروعاتي زندگيءَ ۾ امتحان اينڊا آهن ۽ انهن کي تحمل سان نباهيو آهي جناح صاحب يا سڪندر حيات واري دور ۾ اهڙا موقعا اينڊا رهندا هئا، جن کي جناح صاحب وقتي طور تحمل اختيار ڪرڻ سان نباهي ويندو هو.

(۲) متحده محاذ کي قائم رکيو ويندو ۽ دشمنن جون ڪوششون ته ان کي هن منزل تي ئي منتشر ڪيو وڃي، ڪامياب ٿيڻ نه ڏنيون ويندیون.

(۳) قاضي اڪبر صاحب کهڙي سان ٽيليفون تي گالهائيندو ۽ ڪيس چوندو ته ان قسم جي تڙ تڪڙ نه ڪرڻ گهرجي.

(۴) جيڪڏهن کهڙي صاحب قاضي صاحب جي گالهه نه مڃي ته قاضي صاحب ان سان شريڪ نه ٿيندو.

(۵) بهريان هن مهيني جي آخر ۾ دوائتو صاحب ۽ متحده محاذ جي هاءِ ڪمانڊ جي سامهون سٽنگ ٿيندي، جنهن ۾ بنهي جماعتن جي سامهون سمجهوتو ڪيو ويندو. انهن گالهين ۾ متحده محاذ طرفان جناب پير سائين پاڳاري کي به شريڪ ڪرڻ جي تڪليف ڏني ويندي.

(۶) ان سمجهوتي ٿي وڃڻ کان پوءِ متحده محاذ، انهن صاحبن کي، جيڪي ڪائونسل ليگ جا ميمبر ٿيڻ گهرن، اجازت ڏيندو ته جو انفرادي طور وڃي ميمبريءَ جا فارم ڀرين. ساڳيءَ طرح جيئن عوامي ليگ جي باري ۾ طريقو اختيار ڪيو ويو هو.

(۷) ان طريقي سان عوامي ليگ سان گڏ ڪائونسل مسلم ليگ به متحده محاذ جي زير اثر اچي ويندي، ۽ سڄڻ سان ويل نسوان

ميمبر آهوئي رول ڪائونسل ليگ ۽ ادا ڪندا رهندا، جيڪو عوامي ليگ جي باري ۽ آغا غلام نبي خان ۽ جام صادق عليءَ وارا ادا ڪندا رهن ٿا.

(۸) مگر ان ساري پروگرام جي باري ۽ پهريان پير سائين پاڻ ساري سان گالهائجي. ان کي باخبر ۽ تيار ڪيو ويندو، تاڪ غلط فهمي پيدا ٿئي جو امڪان باقي نه رهي ۽ دشمنن کي انهن کي پڙڪائڻ جو وجهه نه ملي.

(۹) جام صادق علي صاحب پاڻ تي هنن گالهين جو ذمو کنيو آهي - پير سائين جن جي باميد منظوري:

(الف) هو سيائي يعني ۱۶ يا ۱۷ تاريخ درگاهه شريف تي پهچي، پير سائينءَ جن کي اوهان طرفان عرض ڪندو ته هو (يعني پير سائين جن) ۲۱ تاريخ واري نوابشاهه واريءَ ميٽنگ ۽ ضرور شامل ٿيڻ فرمائين ته اتي نواب شاهه جو گلعاملو طئي ٿي وڃي.

(ب) ان کان پوءِ پٽي ڏينهن تي يعني ۲۲ يا ۲۳ تاريخ پير سائين جن اوهان کي دعوت ڏيندا ته اوهان پنهنجن سائين سميت درگاهه شريف تي وڃي، سائين ساري پاليسيءَ جي باري ۽ گفتگو ڪريو ۽ انتهائي Statesmanship کان ڪم ولي، کانئن مٿي ڏنل واجبي فارمولا منظور ڪرايو.

(ج) پوءِ پير سائين جن ۽ اوهان ڪراچيءَ تشريف فرما ٿيو ۽ هت دولتانه وغيره سان گڏجي، عهدنامو ڪري، معاملي کي اڪٽي هلايو.

(۱۰) جيستائين اهو طريقو ولي نه ڪجي، اوسيتائين اهي گالهيون باهر نه نڪرن. نه بيوقوفن جي بيانن تي مشتعل ٿيڻ گهرجي، نه پاڻ بيان بازي ڪرڻ گهرجي.

سائين منهنجا! موجوده حالتن، ماڻهن جي جبلي حماقتن، ڪوتاهه نظرين، ڪرسيءَ جي لالچ ۽ سنڌ جي مخالفن جي منصوبن کي اکين اڳيان رکندي، آءٌ مناسب سمجهان ٿو ته ان طريقه ڪار کي اختيار ڪرڻ گهرجي. ان ۽ محاذ ۽ سنڌ جي پلائي آهي.

آءٌ سمجهان ٿو ته کهڙي صاحب جي عاجلانه بيانن تي اوهان کي هرگز هرگز مشتعل نه ٿيڻ گهرجي. في الحال اوهان کي انهن ڏيکارڻ گهرجي، جيئن اهو سڀڪجهه "نارمل ڪورس" ۾ ٿي رهيو آهي.

اڄا تائين اسان مسلم ليگ جي ۱۹۴۴ع واري دور تائين نه پهتا آهيون، جڏهن حضر حيات خان کي ڊوڙائي باهر ڪڍي سگهجي. اڄا اسان جناح ـ سڪندر حيات دور مان گذري رهيا آهيون. ٽنهنڪري اسان کي اوتري ئي تحمل ۽ بردباريءَ کان ڪم وٺڻو آهي. هر حال ۾، دشمنن جي هٿن ۾ کيڏڻو نه آهي. مناسب وقت ۽ محاذ جي قوت جي مناسب ڏگريءَ جو انتظار ڪرڻو پوندو.

مان دولتانه صاحب ڏانهن ٽيليفون بڪ ڪرايو ويٺو آهيان. ان کي به سمجهائيان ٿو ته پنهنجي مائٽ کي خودڪشي ڪرڻ جي صلاح نه ڏئي. اها خبر به اوهان ڏانهن موڪلي ڏيندس. باقي ڳالهيون خير خاه کي سمجهايون ويون آهن.

ـ علي محمد راشدي.

ذاتي ۽ مخفي (۳)

۲۳۹- امبن ولا، پيسٽنجي اسٽريٽ، گارڊن ويسٽ، ڪراچي ۳- ۱۹- جنوري ۱۹۷۰ع.

پيارا پاءُ! منهنجو خيال آهي ته اوهان مهرباني فرمائي لاڙڪاڻي وڃي، کهڙي صاحب جي دل آوري ڪريو، جو ته هو جڏهن اوهان جي سالگره جهڙي خوشيءَ ۽ عزت افزائيءَ واري موقعي تي شامل ٿيڻ آيو هو، ته اوهان جي دوستن هن جي ڪافي بيعزتي ڪئي هئي. آءٌ سمجهان ٿو ته انهن ڪرڻ اوهان جو اخلاقي فرض ٿيندو. ان کان سواءِ مسٽر اي. ڪي. ته مون تي سخت ناراض هو ته آءٌ ڪيس اهڙي غير مهذب مجلس ۾ چو ويس، جتي (موجود مائٽن کي) مهمانن سان تهذيب ۽ فضيلت واري برتاءَ ڪرڻ جي به خبر نه هئي.

هائسنڪيءَ جي تقاضا اها هئي ته اڳواڻ ٻڪ ڪٽي وڃي ها، ته هي غير مهذب، غير جوابدار ڇيڪرا ۽ ڇسا ڇوڪرا جڏهن اوهان جي ساراهه ڪندا، ته توهان جي مهمانن جي ته ٻيعزتي نه ڪندا. متحده محاذ طرفان ڇاپيل محمد امين کوسي جي ڪتاب (جنهن ۾ اسان مان گهڻن کي گارهون ڏيون ويون آهن) جي ورهاست ۾ ناهائستي هئي.

آءٌ ذاتي طور ته، مسئلي تي ڊگهي نظر رکندي، انهن احمقپڻي جي ڳالهين کي درگذر ڪري سگهان ٿو. ۽ ٻيا اڻين نه ڪري سگهندا. درحقيقت انهن ناپاڪ شين جي ورهاست ۽ قاضي اڪبر جي روش گهڻي قدر جوابدار هئي.

مون کي قومي گمان آهي ته ڪي ماڻهو، جي اندروني طور پٽي جا "نفٽ ڪالر" آهن، سي اوهان جي دائري ۽ گهڙي آيا آهن ۽ ڪوشش ڪري رهيا آهن ته انهن طريقن سان اندروني طرح متحده محاذ کي منتشر ڪن، ته جيئن اسان ماڻهو تنگ ٿي اوهان کي ڇڏي وڃون ۽ اوهان اڪيلا رهجي وڃو ۽ آخر ۽ پٽي جي هٿان شڪست کائي وڃو.

ڏسڻ ۽ اڃي ٿو ته بدقسمتيءَ سان اوهان پنهنجي بچاءَ ۾ رهو ٿا، جڏهن ته اهي پٽي جا "نفٽ ڪالر" دانشور اوهان جا رئيس آهن ۽ اوهان ۽ اسان ڏهني ۽ سياسي طرح سندن نوڪر آهيون. اوهان پلي ٿيو، ۽ اسان اوهان سان همولیت ڪري، ايتري بيعزتي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيون.

توهان پٽي صاحب جو تازو بيان پڙهيو هوندو، جنهن ۾ هن فاتحانه انداز ۽ ظاهر ڪيو آهي ته پير الاهي بخش ۽ پيرزادو عبدالستار اوهان جي، متحده محاذ کي ڇڏي، پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيا آهن. باوجود ان جي پيرزادي جو هڪ ڇوڪرو متحده محاذ ۾ اهم حيثيت رکي ٿو. اهي اختلاف ايترو ته ظاهر ٿي ٻيٺا آهن، جو هن حالتن هيٺ اوهان اسان کي پاڻ سان رکي نٿا سگهو. انهن اختلافن جي موجودگيءَ ۾ اوهان لاءِ متحده محاذ ۾ نه اسين ڪارآمد

ڪي سکھون ٿا ۽ نہ اھي ڇوڪرا. اوھان کي ٻنھي ڏرين مان ھڪ جو انتخاب ڪرڻو ٻوندو. اوھان کي منھنجي شخصي صلاح آھي تہ اوھان ٻنھنجي پسنديده ٽولي کي ٻاڻ سان رکو ۽ اسان کي ڇڏي ڏيو تہ اسان ٻنھنجي راھ اختيار ڪريون.

مون تي يقين ڪريو تہ آءٌ اھڙن ماڻھن (جھڪي اڃڪاھ اوھان جا روح روان بنيا ٻيٺا آھن) جي ساڻ ۽ ڪنھن بہ ملميل حيثيت کي ٺڪ ٻہ نہ ھٽندس. اھو ڪيتريقدر درست آھي تہ شريفن جي مجلس ۽، مجلس جي صدر سان مخاطب نہ ٿجي ۽ مجلس ۽ ويٺلن تي گارگند ڪئي وڃي. مون مسٽر بروھيءَ کان معافي ورتي آھي، ڇو تہ ھو منھنجي ڪري اوھان جي مجلس ۽ آيو ھو.

مقررن طرفان اظھار ڪيل بنيادي خيال، جيڪڏھن اخبارن ۽ ڇپيا وڃن، تہ اھي متحده محاذ کي ڪافي نقصان پھچائڻ جو باعث بنجن ھا. پر خوشيءَ جي ڳالھ آھي، جو اڄا تائين انھن تقريرن کي اخبارن ۽ ڇپيو نہ ويو آھي، نہ تہ ٻيءَ صورت ۽ ساري ملڪ ۽ واويلا مچي وڃي. مون کي پڪ آھي تہ انھن تقريرن ۽ نہ اوھان جو نقطي نظر پيش ڪيل ھو، نہ اسان جو. اھي تقريرون چريائيءَ واريون، بي وقتيون ۽ ناشائستون ھيون، جن ۽ خدا جي فضل سان نہ اوھان جي ترجماني ڪيل ھئي ۽ نہ اسان جي. ان حالت ۽ گھٽ ۽ گھٽ آءٌ ھڪ بيان ڪڍي، انھن خيالن جي مذمت ڪري، جماعت کان باھر ڪري ايندس.

ـ اوھان سان پيار ڪندڙ، علي محمد راشدي.

قلم تازو: ۱- ڪھڙو ۲۵- جنوريءَ تائين لاڙڪاڻي ھوندو.

۲- اوھان جڏھن ڪراچيءَ اچو تہ الڪشن پٽيشن ۽ قاضي اڪبر خلاف ٽربيونل جي ڏنل فيصلي جي ڪاپي ڪنيو اينداـ

(۴) [سنڌي]

روسا، انبلي، ۵-۳-۱۹۷۱ع. جيئين، اڃيئنر! خط پھتو. ڏاڍو انتظار ھو، جو رفع ڏيو.

آءٌ به هت ۲۷- جو خير سان پهچي ويس. روم کان پندرهن ميل باهر هي ڪوٺ آهي. هيءَ پراڻو سامونڊي بندرگاهه آهي، جت ترڪن جي بحري بيڙي ۽ پوپ جي جنگي بيڙي جي وچ ۾ جنگ ٿي هئي. پر ۽ به هزار سال پراڻين جاين جا کنڊر آهن. ڪائٽو، ٻيٽو ۽ سهڻو آهي.

ڪوٺ جون خبرون ٻيون اڃن. ڪراچيءَ ۽ اڃا خير آهي، پر هوڏانهن ممڻ مچي وهو آهي. سڄي صوبي ۾ شديد اسٽرائيڪ آهي سرڪاري ملازمن به ات اسٽرائيڪ ڪئي آهي. ڇڻ ڏينهن کان ٻيئي اسٽرائيڪ هلي. ۷- تاريخ ميان مجيب خان پنهنجي مزيد پاليسيءَ جو اعلان ڪندو. هيڏانهن صدر صاحب ۱۰ تاريخ گول ميز ڪانفرنس پاڪستان جي سموري سياسي پارٽي ليڈرن جي ڊاڪا ۾ سڏائي آهي.

ڪجھ اخباري ٽڪرا موڪليان ٿو. الله تعالي عمل ملڪ جي سلامتي، وحدت ۽ اتحاد برقرار رکي. اوهان ته سرڪار صلعم جي در تي وينا آهيو. شب و روز دعائون گهرو، لهلاهو ۽ اولٽ ڪيو ته هي ڏول ڏور ٿئي.

آءٌ اوهان ڏانهن هر ٻئي ڏينهن حال احوال لکندو رهندس. مون کي ڪافي اڪوٺ اطلاع ڏيڻ کان سواءِ اتان نه چرندا. جيڪڏهن ڪوئي Cuttings ايندڙ رهندڙ، آءٌ اوهان ڏانهن موڪلندو رهندس.

سائين زين العابدين کي نياز عرض ۽ ڪجھ چوندا ته منهنجي حق ۾ به ڪا دعا گهري. سڀني جي در تي وينو آهي. پراڻن دوستن ۽ آهنائن کي وسارڻ ڪهڙ جڳائي. سائين حسن بخش شاه هجي ته ان کي به نياز عرض.

- والسلام، علي محمد.

[سنڌي] (۵)

روما، اٽلي، ۸-۴-۱۹۷۱ع.

جي. ايم. جيئينر! اوهان جو خط ۳ تاريخ جو اڄ ۸ تاريخ پهتو. مان به لفظا اڳ، موڪلي چڪو آهيان. مصيبت هيءَ آهي

تہ ٽمال پنجين ڏينهن پهچي ٿي. هي نامراد پلي پار ڏانهن صرف مهيني ۾ ٻہ دفعا جهاز موڪلين ٿا. تنهنڪري خط اچڻ ۾ جواب پهچڻ ۾ ڏهہ ڏينهن لڳيو وڃن. شامل ٿڪرن مان اڄ تائين جو احوال اوهان ڪي ملي ويندو. اسيمبلي وري ۲۵ مارچ تي سڏائي اٿن. ان جو اعلان محترم صدر صاحب ۶ تاريخ جو فرمايو. ان جي باري ۾ ٻڌون ٿا تہ شيخ مجيب صاحب پلٽڻ ميدان ۾ ڪالهہ ۷ تاريخ، تقرير ڪندي، چار شرط ڏنا آهن. يعني: (۱) مارشل لا هٽايو وڃي. (۲) مشرقي پاڪستان مان فوج هڪدم ڪڍي وڃي، (۳) هارضي گورنر، صاحبزادي يعقوب علي خان، ڪي هڪدم مشرقي پاڪستان مان هٽايو وڃي، ۽ (۴) جيڪي ماڻهو مڃا آهن، انهن جي باري ۾ ڪورٽ آف انڪواري ويهاري وڃي.

هيءَ خبر ڪنهن دوست ڪالهہ ريڊئي تي ٻڌي ۽ ٻڌي، اسان کي ٽيليفون تي ڳالهين ڪندي ٻڌائي آهي، خبر ناهي ڪيترقدر سچي آهي. صبح ٻڌڻ-ءَ خبر ٻڌجي ويندي. ان وچ ۾ جنرل ٽڪا خان صاحب کي مشرقي پاڪستان جو گورنر مقرر ڪيو ويو آهي.

۲- ڳالهہ ٻڌو: الهيءَ خط مان پتو ٻيو پوي تہ اوهان اتان ٻرن سوڻ جا خيال ٻيا ڪريو. پر خدا جي واسطي اتان نہ نڪرجو. ڏکهو ڀل لکي، سا سندس مهرباني. پر اوهان جي روانگي سون ناچيز جي مشورن سان ڪيندي. آءٌ ٻيرن تي هٽ رکي ليلايالو ڏيو تہ حرم شريف نہ ڇڏجو. بعد جو پروگرام صلاح سان ڪجو. دل گهري ٿي تہ آءٌ ٻہ ايڏانهن هليو اچان ۽ اچي زيارتان ٻہ ڪريان ۽ اوهان سان ٻہ ملان. پر ٿمر ڪونہ آهي. مشڪل سان هيستائين ٻہ اچي پهتو آهيان. لاچار جو آچار ڪونهي نہ تہ هڪدم هليو اچان.

۲- شاهہ صاحب ۽ پير صاحب کي سلام ۽ نياز عرض ڪجون، دعا طلب آهيان.

- والسلام، علي محمد.

[سنڌي] (٦)

روماء اٽلي، ۲۱-۳-۱۹۷۱ع ڪملا! اوهان جو خط ۱۰ تاريخ جو

ڪالھ ۲۰ ملبو. مان پنج چار خط ان وچ ۽ اوھان ڏانھن لکي چڪو ھوس. جواب نہ آيو تہ سمجھيم تہ شايد اتاھون ھلڻا ويا آھيو. ڏاڍو انتظار ٿي ڪيو. خدا خدا ڪري اوھان جو خط آيو تڏھن انتظار لٿو. معلوم ٿئي ٿو تہ ٽپال سان ڪي وڌا ھاڃا ٿين ٿا. مديني کان روم تائين ڏھ ڏينھن اعتبار ۽ اچڻ جھڙي ڳالھ نہ آھي. پر معلوم ٿئي ٿو تہ ٽپال ايڏانھن ڏھن ڏينھن ۽ ھڪ دفعو اچي ٿي.

اميد آھي تہ ھيل تائين اوھان کي منھنجا خط ملي ويا ھوندا. تازين Cuttings موڪلڻ جو ضرور ڪوشش آھي، جو جيستائين اھي اوھان تائين پھچندڙ ٿين، تيستائين حالتون اھي نہ رھيون ھونديون. حالتون جلد جلد ٻيون ٿيون ٿرن.

في الحال تازي خبر پنھنجي ملڪ جي ھيءَ آھي تہ صدر صاحب جيڪو ھن وقت ڊاڪا ۾ تشريف فرما آھي ۽ مجيب صاحب جي وچ ۾ ڪو سمجھوتو ٿي رھيو آھي، جنھن جو اعلان ۲۳ تاريخ ٿيندو. ھڪ اخبار لنڊن جي اھو ٻڌايو آھي تہ ٻڏو صاحب چوي ٿو تہ منھنجي مرضيءَ کان سواءِ سمجھوتو ٿيو تہ آءٌ ٻہ استرائيڪ وغيرہ ڪرائيندس. والله اعلم بالصواب.

دولتاڻا ولي ۽ مولانا صاحبان ٻہ ڊاڪا ويل آھن. الله تعالي اسان جي وطن تي رحم ڪندو، جو ڪو صلح صلاحيت جو رستو نڪري ايندو.

اوھان پنھنجي داد خواھيءَ ۽ فرياد ۽ ڪمي نہ ڪندا. رسول پاڪ جي در تي وينا آھيو.

لبلا! ليلائيج ائٽي ماڳ منٺ جو.

دل گھري ٿي تہ اوھان سان اچي رھجي، پر ٿمر سان ڪوشش آھي. ھت بہ پراوا محتاج آھيون. رسول پاڪ کي عرض ڪريو تہ ھيڪر ھن ناچيز کي بہ پاڻ وٽ گھرائي.

اوھان مون کي اطلاع ڪرڻ کان پوءِ ٿي اتاھون روانا ٿيندا. بشرط ضرورت ھڪڙي کي تار بہ ڪري سگھون ٿا. شايد تار خط

کان جلد ملي. تکڙ ڪري روانا ڏجو.
- والسلام، علي محمد.

[سنڌي] (۷)

اٽلي، ۲۵ ۴-۱۹۷۱ع. جيئرم جيئينر! اوهان جو خط ۱۴ جو ڪيل ۲۲ هٽ ڏهتو. مان وچ ۾ خط لکڻ ان ڪري بند ڪيا هئا، جو اوهان وٽان ڪو خط نه آيو ٿي. سون کي شڪ پيو ته خدانخواسته اوهان کيڏانهن هليا نه ويا هجو. في الحال منهنجو ڀيازمنداڻو عرض آهي ته مرسل مدنيءَ جو در نه ڇڏيندا. هرگز هرگز. وقت آيو ته آءٌ اوهان کي تار ذريعي مشورو عرض ڪندس. اوهان کي پنهنجي خوش نصيبيءَ تي ناز هجڻ گهرجي ۽ سون کي پنهنجي ڪيڇ بختيءَ تي تاسف. اوهان کي ڪنهن جو در ميسر آهي ۽ سون کي ڪنهن جو در!

ڳوٺ جي خبر تازي هيءَ آهي ته اسيمبليءَ کي مهمل ڪيو اٿن. صلح جو ڪو مسودو تيار ڪيو اٿن. صدر صاحب، پٽي ۽ قيوم صاحبان کي ۽ ڊاڪا سڏايو آهي. پٽي صاحب ۽ مجيب صاحب جي به صدر وٽ چهار - چشمي ٿي آهي. صلح جو فارمولو شايع ڪونه ٿيو آهي، پر اندازو هي آهي ته مارشل ويندو. مرڪز ۽ موجوده صدر صاحب، عبوري دور ۾ Advisors جي مدد سان انتظام هلائيندو رهندو. صوبن ۾ ميجارٽي پارٽيءَ کي وزارتن ناهن جو موقعو ملندو. ان کان پوءِ آڏين ناهڻجو ڪم شروع ٿيندو. مگر هيءُ صرف اخبارن جي قياس آرائي آهي. هيءُ خط اوهان تائين پهچندو، غالبا ان کان اڳ ساري گاله صاف ٿي ويندي.

ڪجهه Cuttings موڪليان ٿو، تفنن طبع لاءِ منهنجي طبيعت درست نه ٿي رهي. سردي، تنهائي، ماحول اجنبي، بيڪاري ۽ محتاجي. پر جا مرضي مالڪ جي. جيڪا وٺيس سا واهه. جنهن جي در تي درٻان ٿيا وينا آهيو، ان کي ڪڏهن هيءُ سوال به

ڪندا تہ مون کي بہ بنهنجي چائنڊ جمڻ لاءِ سڏائي ويو.

ٻڌو الہ تہ ڪراچيءَ ۾ بہ فساد شروع ٿيا آهن. جنگ ۽ جسارت کي جلائڻ جي ڪوشش ٿي آهي. ناظم‌آباد ۽ گوليمار جي طرف بنگالين تي ڪجهه حملا بہ ٿيا آهن. والله اعلم بالصواب. افواه آهن. هر اخبار مان بہ ان جي تصديق ڪٿي ٿي.

مهرباني ڪري امير ڏاڍو ، لڪندا تہ منهنجي ٻارن کي ڪراچيءَ مان ڪڍي، سن وڃي پاڙ ور ، رهائي. هلڻ کان اڳ آءٌ بہ ڪيس ڇڻي آيو هوس، پر "امير" آهي، شايد غريب جي عرض تي غور ڪرڻ جي فرصت نہ ملي هجيس.

اوهان بنهنجي خط ۾ شعر لکيا آهن. مون کي فقط هڪ ياد رهجي ويو آهي-

تجهے فکر کيوں هے اے دل! کہ يہ شب بسر نہ هوگی؟
ہے ابھی اگر اندھيرا تو کبھی سحر بھی ہوگی!

انشاءَ الله سوئي هلنداسين ۽ هلي ڪاميابي حاصل ڪنداسين. آخر جنهن جي در تي دونهين ڏکايو ويندا آهيو، سو اوهان کي خالي هٿين ڪيئن موڪليندو؟ اها ڳالهہ سندس شان ڪريميءَ جي خلاف ٿيندي.

ـ ائين بنهي جي خدمت ۾ نياز عرض ـ ڇڇون تہ اسان دعا جي پچر ڇڏي، اوهان صرف سلام قبول ڪيو تہ مهرباني.

ـ والسلام، علي محمد.

(۱۲)

حاجي محمد هاشم گزدر

هيءُ صاحب راجپوتن جي مسوڙيا قبيلي جي اڏيپور شاخ سان واسطو رکندڙ هو. سندس وڏا اڪبرين جي سڏ فتح ڪرڻ بعد راجپوتانا کان لڏي، سڏ ۽ اچي وينا هئا. سندس والد جو نالو ميان فيض محمد هو. پاڻ ۱۸۹۵ ع ۾ جيسلمير راجپوتانا

۽ چائو هو. پوءِ انجنيرنگ پاس ڪري بمبئيءَ طرف وڃي نوڪري ڪيائين. ۱۹۲۹ع ڪان ۱۹۳۳ع تائين ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جو انجنيئر ٿي رهيو. ان وقت آءٌ ڪراچي ضلعي لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ هئس. ان بعد ۱۹۳۴ع ۽ هيءَ بمبئي ڪائونسل تي ميمبر چونڊجي ويو. هيءَ بمبئي ڪائونسل ۽ سنڌ جي بمبئيءَ ڪان جدائيءَ تائين ميمبر رهندو آيو. بعد ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ وزير ٿيو. پاڪستان ٿيڻ بعد قومي اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر ٿي رهيو.

هيءَ باهمٽ ڪارڪن هو. مون سان جيڪن لوڪلبورڊ جي وقت ڪان وٺي هن جا دوستانا تعلقات قائم رهيا، سي آخر تائين رهندا آيا. هيءَ دوستيءَ جو سچو، صاف گو ۽ بيدپو سنڌي ڪارڪن ٿي رهيو هو. مون سان خاص محبت هئس. سندس زندگيءَ جو احوال، مون پنهنجي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ۽ ڏنو آهي، تنهنڪري هتي ڏهرائڻ مناسب نه ٿيندو. سندس ڪجهه خط ڏجن ٿا.

*(۱)

ڪراچي، ۹- فبروري، ۱۹۳۰ع. پيارا شاهه صاحب! سيد سيران محمد شاهه ۽ ليجسليٽو اسيمبليءَ جا ٻيا ميمبر ۱۴ - ۵ | تاريخ ڏاري، حيدرآباد ڪان بمبئيءَ وڃي رهيا آهن. مهرباني ڪري ڪين معلوم سوال لاءِ لکندا. ممڪن آهي هن خط پهچڻ ڪان اڳ ٿي هو هليا وڃن.

آءٌ مسٽر طيب علي ۽ شيخ عبدالمجيد سان مليس. اهي نوريءَ طرح اوهان جا مددگار آهن. مسٽر طيب عليءَ چيف آفيسر خلاف بي اعتماديءَ جو ٺهراءُ پيش ڪرڻ جي ڏمڪي ڏني آهي، چاڪاڻ ته ان (چيف آفيسر) پريزيڊنٽ جي صلاح ڪان سواءِ ڪليڪٽر ڪي ڪاغذ موڪلي ڏنا آهن. سندن (طيب علي ۽ شيخ صاحب جي) راءِ آهي ته اوهان پاران ڪليڪٽر ڪي جلدي جواب ڏيڻ جي ضرورت

نہ آهي، ان سوال کي ايندڙ ميٽنگ جي ايجنڊا تي رکيو وڃي. ان وچ ۾ اسان کي ان سلاڙ (چيف آفيسر ۽ ڪليڪٽر واريءَ) کي منهن ڏيڻ لاءِ سوچڻو پوندو نہ ڇا ڪرڻ گهرجي.

ـ سلامن سان اوهان جو، مخلص، محمد هاشم گزدر.

قلم تازو: اڳتي خط آفيس جي ايڊريس تي نہ پر گهر جي ايڊريس تي موڪلينداـ

*(۲)

۱۲- نيشنل هوٽل، پونو، ۲۳-۷-۱۹۳۰ع. پيارا شاهه صاحب! سڀئي دوست پوني مان هليا ويا آهن. آءٌ اڪيلو ڪاغذن (لکپڑهه) جي ڪال لاءِ رهجي ويو آهيان. ڪم جي رفتار تمام سست آهي. الله ڀاڳهارو ۽ مهربان آهي، جيڪڏهن ان مهرباني ڪئي تہ ايندڙ سوير تائين (ڪاغذ) نيڪال ڪي ويندا. انشاء الله، اسان حڪومت کان منظوري ولڻ جي ڪوشش ۽ ڪاميابَ ٿيندا سون.

منهنجي لاءِ دعا گهرندا رهندا.

ـ پيارن ۽ سلامن سان، اوهان جو مخلص، محمد هاشم گزدر.

ـــ آءٌ اميد تہ ايندڙ مهيني جي ابتدا ۽ ڪراچيءَ اچي ويندس. سر ڀٽي جي خواهش آهي تہ آگسٽ ۽ سيپٽمبر اوهان جي بنگلي ۽ اچي رهي. مهرباني ڪري ڪيس جاءِ ڏيئي، مون کي ٿورائتو ڪندا.

*(۳)

ڪراچي، ۲۳- نومبر ۱۹۳۶ع. پيارا شاهه صاحب، آءٌ هن گڏ عزت مآب گورنر سنڌ طرفان پهتل خط جي ڪاپي اوهان جي مطالعي لاءِ موڪليان ٿو ۽ اوهان کي عرض ڪريان ٿو تہ مهرباني ڪري مون کي هن طرفان جاڻايل ٻن معاملن بابت ٻنهنجا رايا موڪلينداـ آءٌ نهايت ٿورائتو رهندس جيڪڏهن اوهان ڪرم نوازي فرمائي، انهن متعلق ٻنهنجو رايو ۳- ڊسمبر ۱۹۳۶ع تائين ڏياري موڪلينداـ

ـ اوهان جو مخلص، محمد هاشم گزدر.

خط گورنر سنڌ

گورنمينٽ هائوس، ڪراچي ۲۱- نومبر ۱۹۳۶ع. پيارا گرنڊر، مون سومر ۷- ڊسمبر ۱۹۳۶ع تي، صبح جو سائي ڏهين بجي ملاحڪار ڪائونسل جي ميٽنگ ڪرائي آهي، جنهن ۽ آڏ سومر ۾ اڳاري جا ٻيٽي ڏينهن ڪاميٽيءَ جي ميمبرن سان ويهي ڪاروبار فيصل ڪرڻ گهران ٿو. آڏ هيٺيان سوال ڪاميٽيءَ آڏو بحث لاءِ آڻڻ گهران ٿو:

(۱) ننڍين ڪاتيدارن جي قرض معاف ڪرڻ جو مسئلو.

(۲) سنڌ جي هارين جي مالي ۽ اخلاقي بهتريءَ جو مسئلو.

جنهن صورت ۽ مذڪور ٻيئي مسئلا وسيع آهن، ان ڪري آڏ اوهان کي بحث مباحثي جي ڪاول اجازت ڏيڻ گهران ٿو، ۽ نهايت خوش ٿيندس، جيڪڏهن اوهان اڄ يا سڀ اڄ جو اطلاع موڪليندا.

ـ اوهان جو مخلص، ليسيلاٽ گراهام، گورنر سنڌ.

خط (۴)*

خانبهادر الهه بخش ڏانهن

ڪراچي، ۴- ڊسمبر ۱۹۳۷ع. پيارا خانبهادر، اوهان جو ٻڌن اڄ صبح جي ڊيلي گزيٽ ۽ جي. ايم. سيد واري "قرضن چڪائڻ جي بل" بابت پڙهي، ڏاڍو ڏک رسيو.

گذريل پيري به سر غلام حسين جي آفس ۽ ٽيبل ميٽنگ ۽، جتي نهچلداس ۽ دولترام سڀ موجود هئا، اوهان "قانون انتقال ايراضيءَ" واري بل کي پيش نه ڪرڻ تي اتفاق ڪيو هو. اوهان کي پوريءَ ريت ڄاڻ گهرجي ته اهي ٻيٽي بل سنڌ جي مسلمانن لاءِ آبحيات برابر آهن. جيڪڏهن اهي ٻيٽي بل نه ڪڍيا (پيش نه ڪيا) ويا ته پوءِ مسلمانن لاءِ باقي ڇا رهندو. ڳالهه صاف ظاهر آهي ته جڏهن هندن طرفان انهن بلن جي مخالفت ڪئي ٿي وڃي.

تہ ان مان سندن مطلب مسلمانن جي ڀلائي ۽ استحصال کان آهي. جيڪڏهن اوهان ۽ انهن بلن کي ڪيڏي ڇڏڻ تي هندن سان متفق رهو ٿا، تہ پوءِ اوهان ۽ هندن جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت رهيو؟

آءٌ اوهان کي عرض ڪندس تہ مهرباني ڪري اسان جي مشوري کان سواءِ اهڙا بيان نہ ڏيندا، چو تہ اوهان جوڪجهہ ۽ ڪيو پياسو اسان جي پارٽي ليڈر جي حيثيت ۾ ڪريو پيا، ۽ ان مان اسان جي مقصد کي گهٽو نقصان پهچندو.

ـ اوهان جو مخلص، محمد هاشم گزدر.

(ڪاپي جي. ايم. سيد جي اطلاع لاءِ)

*(۵)

ڪراچي، ۸-۳-۱۹۳۹ع. پيارا شاهہ صاحب! اوهان جي خط لاءِ مهرباني. آءٌ خدا جي فضل سان چاڪ چگو پلو موتي آيو آهيان.

اوهان واپس (ڪراچيءَ) ڪڏهن ايندا؟ هن اسيمبليءَ جو ڪاروبار ڏکهو ۽ ٽڪائيندڙ ٿيندو. آءٌ سر غلام حسين، خانبهادر الهہ بخش ۽ سر شاهنواز خان پٽي سان مليو آهيان: چگا مائهو آهن، پنهنجي ذات لاءِ زندگي گذاري رهيا آهن، ۽ بنان لياقت وارن پنهنجن پٽن ۽ مائٽن کي ورسائي رهيا آهن. حق العباد (مائهن جي حقن) جي کين ڪا پرواهہ ڪانهي. ويچارا غريب! اهي زندگيءَ جي حقيقي مسئلن بنسبت گمراهہ آهن.

هي سمجهن ٿا تہ کين خدا جي اڳيان پنهنجي ڪناهن جو جواب ڏيڻو ڪونہ پوندو، ان ڪري غلط نموني طاقت جو استعمال ڪري رهيا آهن.

ـ سلامن سان، اوهان جو مخلص، محمد هاشم گزدر.

*(۶)

ڪراچي، ۱۰-۱-۱۹۴۱ع. پيارا شاهہ صاحب! اڄ شام خانبهادر کهڙي جو خط پهتو، جنهن ۾ هن ڄاڻايو آهي تہ اوهان آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ۱۱-۱۲ تاريخ ڪوٺائي آهي. سر حاجي عبدالله

هارون ۱۲-۳۰ تاريخ ميرپور خاص ۽ پارليامينٽري بورڊ جي ڪڍائي سڏائي آهي ۽ زور ويرو الي تہ آڳ ميرپور خاص پهچان. جيڪڏهن آڳ سياڻي سن لاءِ اسهان تہ ۱۱ تاريخ ڪونہ پهچي سگهندس. مون کي اوهان وٽان ميٽنگ جو اطلاع ڏيڻ ڪونہ پهتو هو. مهرباني ڪري خبر ڏيندا تہ سن ۽ مثين تاريخ تي ليندڙ ڪڍائيءَ ۽ ڇا وهيو واپريو.

- اوهان جو مخلص، محمد هاشم گرندر.

*(۷)

ڪراچي، ۳۰- جنوري ۱۹۴۱ع. پيارا هاشم صاحب! مون کي اوهان وٽان سنڌ مسلم ليگ جي تنظيم بابت ڪابہ خبر نہ پهتي آهي. ان جي پهرين ميٽنگ ڪڏهن ڪوٽائي رهيا آهيو؟ مهرباني ڪري ان باري ۽ جيڪڏهن ڪجهہ ڪرڻ چاهيو ٿا تہ جلد ڪندا.

سورهن جي فاهست ڪائونسل ڪاهہ ڪڍي جنهن ۽ "آزاد- سمجهوتي" بابت ڪافي بحث ليو ۽ اوهان جي خط پڙهڻ بعد ملتوي ڪري ويئي ۱۶- فيبروري ۱۹۴۱ع تي رکي ويئي.

انهيءَ وچ ۽ ليگ - گروپ ۽ اسيہ رکي لي وڃي تہ اهي ۱۵- فيبروريءَ کان اڳ استعيفا وغيرہ بابت فيصلو ڪري ونندا.

- اوهان جو مخلص، محمد هاشم گزدر.

*(۸)

سنڌ سيڪريٽريٽ، ڪراچي ۹-۹-۱۹۴۳ع. پيارا سيدا اوهان جي ۱۵ سپٽمبر ۱۹۴۳ع واري خط جنهن ۽ مسٽر غلام نبي پٺاڻ، ڊائب صدر، سنڌ صوبائي مسلم ليگ، کي ۲۲- سپٽمبر ۱۹۴۳ع تي اسيمبلي پارٽيءَ جي ميٽنگ ۽ شرڪت جي دعوت ڏيڻ لاءِ مون کي لکيو آهي. اطلاع ڏيڻ لو گهران تہ پارٽيءَ جي اڪوائ ۽ هن ٻين مسلمان وزيرن سان مسئلي بابت گفتگو ٿي. انهن جو موقف آهي تہ اهو صحيح نہ ليندو تہ هڪ غير ممبر کي پارٽي ميٽنگ ۽

وزارت خلاف الزام هڻڻ جي اجازت ڏني وڃي.

توهان کي خبر هڻڻ گهرجي ته قائد اعظم وزارت کي صرف اسيمبلي پارٽيءَ آڏو جوابدار رکيو آهي ۽ نه ڪنهن ٻاهرين تنظيم آڏو. اوهان اسيمبلي پارٽيءَ جا ميمبر آهيو ۽ صوبائي مسلم ليگ جا صدر ٿيو. اوهان ان معاملي بابت سيڪجهه چاڻو ٿا ۽ اوهان جيڪو ڪجهه سوچيو ٿا، ان کي اسيمبلي پارٽيءَ اڳيان بحث لاءِ پيش ڪرڻ جا جوابدار آهيو.

ـ سلامن سان، اوهان جو مخلص، محمد هاشم گزدر.

[۹) ۰ (نوابزاده لياقت علي ڏانهن]

وزير حڪومت سنڌ

ڪئمپ، حيدرآباد، ۱۰- نومبر، ۱۹۴۶ع. پيارا نوابزادا، آءٌ اوهان کي ادب سان ٻڌائڻ گهران ٿو، ته آنريبل سر غلام حسين هدايت الله خانبهادر کهڙي جي استعيفا بعد عجيب رويو اختيار ڪيو آهي. هيءَ ڏمڪي ڏيئي رهيو آهي ته استعيفا ڏيئي نئين سر وزارت ٺاهيندو. هيءَ خانبهادر جي خالي ڪيل جاءِ پرڻ جي باري ۾ پارليامينٽري اسيمبلي پارٽيءَ سان صلاح مصلحت ڪرڻ کان ڪتائي رهيو آهي. هيءَ سنڌ اسيمبليءَ ۾ هندو آزاد پارٽيءَ جي ليڈر نهچلداس وزيرانيءَ سان مشورو ڪري رهيو آهي ته غير-ليگي وزارت ڪهڑيءَ طرح ٺاهي ۽ پاڻ وزير اعليٰ رهي. ڪجهه ڏينهن اڳ هن ڪانگريس پارٽيءَ جي ليڈر مسٽر سڌوا کي پاڻ وٽ گهرائي پڇيو، ته جيڪڏهن هيءَ وزارت جي نئين سر جوڙجڪ ڪرڻ گهري. ته هن جي پارٽي ان لاءِ ڪهڙو رخ اختيار ڪندي! سون کي ڏپ آهي ته هيءَ ڪنهن نه وقت ليگ کي لت هڻي ڇڏيندو. اهو سڀ ان ڪري ڪري رهيو آهي، جو اسيمبلي پارٽيءَ هن تي زور پريو آهي ته پارٽيءَ جي پاليسيءَ ۽ پروگرام موجب هلي.

اوهان کي معلوم هوندو ته خانبهادر الهه بخش وزير اعليٰ سنڌ جي وفات سبب خالي جاءِ تي چونڊجي آيل خانبهادر احمد خان

سڏايو وفات ڪري ويو آهي. سر غلام حسين ان جي جاءِ تي پنهنجو ٻٽ انور امدوار ٻيهارڻ گهري ٿو ۽ صوبائي پارليامينٽري بورڊ کي چئي رهيو آهي ته جيڪڏهن سندس پٽ کي ٽڪيٽ نه ڏني ويئي، ته هوءَ ڪيس آزاد اميدوار جي حيثيت ۾ ٻيهاري، ليگ جي مخالفت ڪندو. منهنجي شخصي راءِ آهي ته سندس پٽ ليگ جي ٽڪيٽ تي ٽوڙي آزاد اميدوار جي حيثيت ۾ خانبهادر مولابخش سومري کان الیکشن ۾ ڪٽي نه سگهندو. مون کي اميد آهي ته مسٽر جي. ايم. سيد، صدر صوبائي مسلم ليگ، قائد اعظم کي سنڌ جي سياسي حالتن بابت پوريءَ طرح آگاهه ڪندو رهيو آهي. آڻ اوهان کي هوءَ خط سنڌ جي سياست بابت واقف ڪرڻ لاءِ لکي رهيو آهيان.

اوهان کي خبر ٻيٽي هوندي ته انڊيا حڪومت، ڪانگريس جي نظربندن کي آزاد ڪرڻ واري آهي. آڻ سمجهان ٿو ته اهي سڀ ميمبر آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن سميت هن مهيني جي ٻاڙيءَ تائين آزاد ٿي ويندا. ان ڪري ملڪ ۽ سياسي حالتون جدا رنگ اختيار ڪرڻ وارين آهن. مون کي پڪ آهي ته اوهان انهن لين حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار هوندا. جيتريقدر مون کي مقامي ڪانگريس ميمبرن کان معلوم ٿيو آهي ته اهي مسلم ليگ سان سمجهوتي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. اهي پنهنجي پاليسي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ پارٽين جي مرڪزي اسيمبليءَ ۽ تعاون جي بنياد تي ناهي رهيا آهن ۽ ڪانگريس پارٽيءَ جي مرڪزي اسيمبليءَ جي ليڊر پلو پائي ديسائيءَ جي اخباري بيان کي بنياد بنائي رهيا آهن. جنهن ۾ هن چيو آهي ته هو پنجاب جي يونينسٽ پارٽيءَ سان ڪو تعلق نه رکندو. جيتريقدر مون کي معلوم ٿي سگهيو آهي ته مسٽر نهچلداس، سر غلام حسين ۽ ن ٿين ٽن - ليگ وزارت ناهڻ کان انڪار ڪيو آهي.

اوهان جو بيگم صاحب لاءِ سلام.

- اوهان جو مخلص، محمد هاشم گزدر.

(ڪابي جي. ايم. سيد ڏانهن)

قائم تلزو: مون کي اميد آهي ته اوهان ڪراچيور مان ڪي مسون کڻي سگهڻ ۽ اچي ملندا. آءٌ اڄي ۱۹- نومبر ۱۹۴۴ع تي رسندس.

*(۱۰)

ڪراچي، ۶- فيبروري ۱۹۴۶ع.

ليڊر ڪوليشن پارٽي، سنڌ ليجسليٽو اسيمبلي، ڪراچيءَ ڏانهن!

پيارا سائين! آءٌ اسيمبليءَ جي اسپيڪرشپ لاءِ بيهڻ گهران ٿو، اوهان جي پارٽيءَ کي عرض ٿو ڪريان ته منهنجي مدد ڪندا. آءٌ ڪم واسطي مڪمل تعليم يافته آهيان، پارلياماني زندگيءَ جو ۱۴ سال تجربو اٿم. آءٌ ڪراچيءَ جو ميئر ۽ ڪيترين اهم ڪاميٽين جو چيئرمن رهيو آهيان. جيڪڏهن آءٌ چونڊجي آيس ته ان آفيس جون اعليٰ روايتون قائم رکندس.

آءٌ نهايت مهرباني سمجهندس، جيڪڏهن اوهان پنهنجي پارٽيءَ سان گڏهائي انهن جي فيصلي کان مون کي آگاهه ڪندا.

ـ اوهان جي مدد جو طالب، اوهان جو مخلص، محمد هاشم گزدر (ايم. ايل. اي)

*(۱۱)

ڪراچي، ۱۷- مارچ ۱۹۴۶ع. پيارا هاشم صاحب! آءٌ اوهان جي ۱۱- مارچ ۱۹۴۶ع واري خط جو نهايت شڪرگذار آهيان. جنهن ۾ مون کي اوهان جي سنڌ اسيمبلي ڪوليشن پارٽيءَ جي ان ڏينهن واريءَ ميٽنگ جي فيصلي کان آگاهه ڪيو اٿو، جنهن ۾ اوهان کي ۱۳-۳-۱۹۴۶ع تي اسپيڪرشپ جي ڊيندڙ چونڊ لاءِ ڪنهن به اميدوار کي اسيمبليءَ ۾ چونڊڻ جو اختيار ڏنو ويو آهي. اوهان اهو اطلاع ڪري مون تي وڏو وڙ ڪيو آهي، ته جيڪڏهن آءٌ لڪيت ۾ پڪ ڏياريان ته آءٌ اميدواريءَ تان هٽ نه ڪنڊس، ته اوهان پنهنجي ۲۹ ووٽن سان دلي طرح منهنجي حمايت ڪندا.

هيءَ خط مون کي اسان جي مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ جي ميٽنگ دوران مليو، جيڪا ۱۱-۳-۱۹۴۶ع تي ۵-۳۰ بجي شروع ٿيٽي هئي، جنهن ۾ هن سوال بابت فيصلو ڪيو پئي ويو.

مون اوهان کي پنهنجي پارٽيءَ جي غير مشڪوڪ فيصلي ڪرڻ لاءِ اڳواٽ ان ڪري عرض ڪيو هو، ته جيڪڏهن اهل منهنجي حمايت ڪندي، ته پوءِ مون کي پنهنجي پارٽي ميمبرن کان حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي وقت ملي ويندو. پر مون کي اوهان جو فيصلو ۱۲ ڪلاڪ اڳ به نه پهتو. مون کي اوهان جي هڪ ميمبر جي مدد ۽ پوري پڪ نه هئي، جيستائين ڪ آءٌ ان سان نه مليو هئس، ۽ مون کي سيني ميمبرن سان ملڻ لاءِ وقت ميسر نه هو. انهن سببن ڪري اوهان طرفان ڪهڙيل اعتماد جي خاطري ڏياري نه سگهيس.

آءٌ اوهان طرفان مڪمل حمايت ڪرڻ جو دلي ٿورائتو آهيان، ۽ اوهان کي گذارش آهي ته پنهنجي پارٽيءَ جي هر ميمبر جي مون طرفان شڪريه ادائي ڪري ڇڏيندا.

ـ اوهان جو مخلص، محمد حاضر گزدر.

۵(۱۲)

۳- جولاءِ ۱۹۴۸ع. پيارا شاهه صاحب!

احمدپور ڀرڪي جو اڳواڻ ڪراچيءَ اچي رهيو آهي. مون ڪي ڪم رکيو ويو آهي ته اوهان کي عرض ڪريان ته اوهان کيس ٻن مهينن جي رهائش لاءِ بنگلو ڏيندا. جيڪڏهن اوهان لاءِ اها گهڻي تڪليف ده نه لڳي، ته ورندڙ ٽپال ۾ ان جو اطلاع موڪليندا.

ـ سلامن سان، اوهان جو مخلص، محمد حاضر گزدر.

[سنڌي] (۱۳)

قصر ـ ناز گارڊن ڪوارٽرز، ڪراچي، ۱۸ - مئي ۱۹۴۹ع.

مشفقي محترمي عاليجاهه! واضح هجي ته اوهان صاحبن کي معلوم

آهي ته صوبہ سنڌ سان واسطو رکندڙ ڪيترا ضروري سوال هن وقت محض ان ڪري خراب ٿي رهيا آهن، جو انهن کي ڪڏهن منهن ڏيڻ لاءِ ڪوبہ انتظام ڪونہ آهي. نہ ٻاڻ ۽ ٻڌي آهي نہ ڪا اهڙي جماعت جنهن جي زير سايہ هر خيال جا ماڻهو ٻاڻ ۽ ملي سنڌ جي بهتريءَ لاءِ ڪو قدم کڻي سگهن. بي اتفاقي، لاچاري ۽ مايوسيءَ جي فضا سڀني کي نهوڙي ناس ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن هوءَ ٽيڪڻ وڌيڪ صوبي کي نقصان رسندو ٿيو وڃي. حالتون اهڙيون نظر ٿيون اچن، جو جيڪڏهن هينئر ٻہ تدارڪ نہ ڪيو ويو تہ شايد اسان جي ٻارن نسلن کي ٻہ اسان جي حالوڪي ڪئي جون سزائون ڀوڳڻيون پون.

منهنجو ارادو آهي تہ سنڌ جي سمورين پارٽين جو هڪ گڏيل ڪنونشن (جلسو) جون مهيني جي پهاڙيءَ ۽ حيدرآباد ۽ سڏائجي. ٻہ اهڙو جلسو سڏايو وڃي، ان کان اڳ ۽ ضروري آهي تہ ڪجهہ اهل راءِ ۽ ذمہوار ماڻهو ٻاڻ ۽ ملي ضروري ڪالهين بابت مصلحت ڪن.

ان خيال سان عرض ڪريان ٿو تہ اوهان صاحب پراه مهرباني تاريخ ۱۹- مئي آڏر ڪينهن ۱۰ بجي صبح جو غريب خاني تي ڪراچيءَ ۽ تشريف فرما ٿين، تہ جيئن اها مصلحت ڪري سگهجي.

ذاتي طرح مون سنڌ جي تقريبا سمورن اڳواڻن سان صلاح ڪئي آهي ۽ سڀ ان رٽ جي ڄائندي ۽ آهن.

مون کي اميد آهي تہ اوهان تڪليف واري پنهنجي صوبي جي ڀلي خاطر ۱۹ مئي واريءَ ميٽنگ ۽ ضرور تشريف فرما ٿيندا.

ـ زياده خير والسلام خادم محمد هاشم گزدر. ايم. ايل. اي (سنڌ)

(۱۴)

قصر ـ ناز، گارڊن ڪوارٽرس ڪراچي، ۲۳ جنوري، ۱۹۵۷ع. همدرد مرتضيٰ شاهہ!

۱۰ فبروري ۱۹۵۷ع تي ۱۱ بجي صبح جو. سنڌ مدرسي بورڊ جي هڪ سالياني ڪڏهائي ڪوٺائي وئي آهي. جن ڪڏهائيءَ

۽ آفيس عهديدارن ۽ استنڊنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جي چونڊ ڪئي ويندي.

آءٌ نهايت شڪرگذار ٿيندس جيڪڏهن اوهان مهرباني فرمائي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪندا ۽ اسان کي پنهنجن مشورن ۽ سنڌ جي مسلمانن جي تعليم جي بهتريءَ لاءِ تعاون ڏيو يقين ڏيارينداسين سلامن سان، اوهان جو مخلص، محمد هاشم ڪزدر، پريزيڊنٽ سنڌ مدرسه بورڊ، ڪراچي.

(۱۵)

ڪراچي -۳، ۱۰-۱-۱۹۶۶ع. پيارا هاشم صاحب! بزم صوفياء جي چين ڪانفرنس جي دعوت لاءِ اوهان جي مهرباني. آءٌ مقامي ڪمن سبب ان ۾ شروعات ڪري سگهڻ جهڙو نه آهيان؛ تاهم به جيڪڏهن شرڪت لاءِ آئي ته اوهان کي تار ڪنداسين.
- اوهان جو مخلص، محمد هاشم گزدر.

(۱۴)

ميرعلي احمد خان ٽالپر

هيءٌ ٽنڈي ميرمحمود جو ويٽل، ميرنبي بخش خان ٽالپر جو وڏو فرزند آهي. هن ڪانگريس، خاڪسار تحريڪ ۽ مسلم ليگ ۾ حصو ورتو. آزاد خيال، خوش خوراڪ ۽ خوش مزاج شخص آهي. هيءٌ سنڌ اسيمبليءَ جو به ميمبر چونڊيو ۽ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ميمبر ۽ وزير ٿي رهيو. پٽي صاحب جي پيپلز پارٽيءَ ۾ ڪيترن ڪارڪن ٿي رهيو، ان سان پوءِ ڪري هينئر مخالفت ۾ آهي. هيءٌ سڀن مقررن مان آهي، سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ اڳ ئي ڏيئي چڪو آهي، تنهنڪري وڌيڪ هتي ڏهرايان ڪونه ٿو. سون سان سندس تعلقات ۱۹۳۰ع کان ولي

رهيا آهن. عاڪسار تحريڪ ۽ ٻئي گڏ هئاسين. سنڌس ڪجهه خط حتي ٻيش ڪجن ٿا.

[سنڌي] (۱)

پشاور. ڊاڪ بنگلو، صوبه سرحد، ۳-۶-۱۹۴۱ع. مڪرم محترم جناب شاهه صاحب! السلام عليڪم. اسانجا ڪافي عرصي کان اوهان سان ملاقات ڪرڻ جي تمنا يا ڪجهه خط جي ذريعي اڌ ملاقات حاصل ڪرڻ جو خيال ٻڌي رهيو آهي. افسوس اڄ تائين الهن‌کان بهره ور نه ٿيو آهيان. انشاءَ الله سنڌ پهچي ملاقات جو شرف حاصل ڪنداس. تازو محترم الهداد خان شجراع واقف ڪيو ته سلطان ڪوٽ ڪانفرنس تي اوهان پنهنجي وساريل پائرن سان تمام سهڻو برتاءُ ڪيو. شڪريه.

اوهان جي نيڪ نيتيءَ جو اسان جي دلين تي گهرو اثر ٻيل آهي ۽ اوهان جنهن به ڪم کي کڻندا آهيو ته نهايت اخلاص، سچائيءَ ۽ ملت جي بهتريءَ جي خيال کان کڻندا آهيو. اڄ جيڪڏهن اوهان پاڪستان جي قيام لاءِ پروپيگنڊا ڪري رهيا آهيو، ته به نيڪ نيتيءَ سان ملت جي بهتريءَ لاءِ، نه ڪي ذاتي نفعي يا ذاتي جاه و جلال لاءِ. اهو اثر نه فقط مون تي پر اڪثر مسلمانن جي دلين تي ويڙل آهي. اوهان کي تحريڪ عاڪسار جهڙيءَ نفس ڪش جماعت ۽ آلي، جيڪڏهن لمبا لمبا مارچ ڪري، بيلچو ڪلهي تي کڻايو هو ته به انهيءَ اخلاص ۽ جذبي کڻايو هو. ليڪن محترم شاهه صاحب هڪ عرض ڪنداس ته پاڪستان ته ڇا، جهوپڙي حاصل ڪرڻ لاءِ به بهادر سماهين ۽ سچن رفيقن جي ضرورت رهي آهي. دنيا ۾ اڄ تائين جيڪي به انقلابون ڪاميابيون ٿيون آهن، انهيءَ ۽ بهادر سماهين ۽ مخلص رفيقن جو ئي حصو رهيو آهي، ۽ اڄ تائين هندستان ۾ جملي جماعت جي ناڪاميءَ جو وڏو سبب به اهو ڏسندا ته سماهين ۽ رفيقن پيدا ڪرڻ کان قطع نظر ڪيو صرف پروپيگنڊا ۽ تقريرن تي زور ٻڌي رهيو آهي. آڏ ته هيترو ئي عرض

ڪنڊس تہ آگسٽ ۱۹۳۹ع واريءَ ڪئمپ کان وٺي، جي اوهين سڀاهين پيدا ڪرڻ ۾ پئو ها، تہ اڄ اوهان ٻاڻ کي پنهنجي نيڪ مقصدن ۾ گهڻيءَ حد تائين ڪامياب ڏسو ها. آزاد قومن کي وقت جو نهايت قدر آهي. هنن کي معلوم آهي تہ قومن جو روح سڀاهيانہ زندگيءَ جو نظام ۽ اطاعت امير آهي. ان ڪري هو جيڪڏهن ڪا بروبيگنڈا ڪن ٿا، تہ به انهي اصول لاءِ ۽ انهيءَ عمل لاءِ - جو تہ جنهن ڪم جي سڀاڻي بہ ضرورت پوندي، جو تہ ان کي اڄ ئي حاصل ڪجي يا ڪم از ڪم ان جي ڪوشش ڪجي!

خاڪسار تحريڪ ڏهن ورهين جي مسلسل پورهئي ۽ قرباني‌ءَ سان جيڪو وڻ تيار ڪيو آهي، تہ اهل - سمجهہ مسلمانن تي واجب تہ آهي تہ ان کي باقي ڪجهہ ٻاڻي ڏيئي، سندس ڇانو ۽ ويهن؟ افسوس، صوبہ سرحد، جنهن ۽ آڳ هن وقت ويٺو آهيان، اوهان تحريڪ جي حالت تہ ڏٺي آهي، ٻنهن قبيلن جي ڪيفيت تہ ڏٺي آهي، منهنجي حيرت جي حد ئي نہ رهي جڏهن ڏٺم تہ سالار جي حليل عرصي واري حڪم تي پشاور شهر ۽ صرف شهر جا ٻارهن هزارن جي قريب خاڪسار جمع ٿي ويا! قبيلن جو تہ ذڪر ڪٽي ڇڏيو.

سنڌ ۽ صوبي سرحد کان ڪنهن صورت ۽ گهٽ نہ آهي، مگر افسوس جو منجهس مستقل طرح ڪم نہ ٿيو آهي. تاهم اڄ بہ سنڌ جي جملي جماعتن کان خاڪسار زياده جان تي کيڏڻ ۽ قرباني ڪرڻ واڪرندا. زنده قومون هميشہ متحرڪ شين مان نفعا حاصل ڪنديون آهن. هو ڪڏهن بہ لڪير جا فقير ٿي مرده شين کان تي ڪٽي ڪوڙ کهلينداآهن. هو زنده آهن ۽ زنده شين کين پسند آهن.

آڳ اوهان کي صاف چوندس تہ اهائي هڪ جماعت آهي، جنهن ۽ مسلمانن کي پناهہ ملڻي آهي، ۽ مسلمان هن سلي کي پٽڻ بدران هن جي آبياري ڪن. هن جي عملي مشڪلاتن کان گهبراڻين نہ بلڪ محسوس ڪن تہ مشڪلاتن کان سواءِ قومن جي ڪڙي ڪاله بنجي آهي. جا جماعت يا فرد جو زياده مشڪلاتن سان هم ڪنار ٿيندو،

اهوئي زياده قوم ۽ ملت لاءِ مفيد ٿيندو آهي. ان ڪري اوهان وقت جو قدر ڪندي، ٻنهنجي هن پرائن غريب سهاڻي ڀائرن جي قطار کي مضبوط ڪريو ۽ سنڌ ۽ وري اهوت کي عام ڪريو، جا ڪنهن وقت اوهان جي بازو تي بہ لڳل هئي. قومون افراد لاهيندا آهن. هڏا ۽ ملت وٽ بہ قوم جا سمجهدار افراد جوابدار آهن. هڏا کي عرض آهي تہ اوهان جي وجود کي اسلام ۽ مسلمانن لاءِ مفيد ثابت ڪري. اسلام ۽ مسلمانن جي گهڻي کان گهڻي خدمت ولي، عمل صالح ۽ اوهان کي آسائي پيدا ڪري ڏئي. آمين!

قومن جي قيامت چالو آهي. اميد تہ اوهان بہ ٻنهنجي قوم جي اعمال نامي درست ڪرڻ ۽ سندس عمل جي پڙ کي ڳيري ڪرڻ ۽ ڪوتاهي نہ ڪندا. سهاڻي ڌڻي خدا جي وڏي ڪان وڏي سهاڻي محمد عليہ الصلوات والسلام جي دين کي وري دنيا ۾ بلند ڪندا.

اوهان جي جواب جي انتظار ۾ آهيان. اميد تہ اوهان خيريت سان هوندا.

ـ والسلام، علي احمد خان.

نوٽ: جواب سنڌ جي ٻئي ڏينهن.

[سنڌي] (۲)

اونائڪمنڊ، مدراس، ۲۱-۲-۱۹۴۲ع.

مڪرم ۽ محترم سيادت پناهه، حضرت شاهه صاحب!

السلام عليڪم: اسانجا، واضح هجي تہ گهڻو وقت ٿي ويو آهي، جو خيريت جي حال کان واقف نہ ٿيو آهيان. هڏا پاڪ کي عرض آهي تہ طرفين کي خيروعافيت سان رکي. آمين!

۱۱- تاريخ مدراس لاءِ روانا ٿياسين، جاڪاڻ تہ اعليٰ حضرت امير صاحب سان ملاقات ڪرڻي هئي. ۱۴ فيبروريءَ ٻهچڻ سان ملاقات ڪئيسين. ۸۸ ڏينهن جي روزي ڪري هڪ من وزن ۽ ڪمي اڃي ويئي آهي، ناهم چستي ۽ حرڪت ۽ ڪنهن

طرح جي ڪمي ڪاڻ آهي، ٻاڻ زياده خدا پاڪ کي عرض آهي ته ڪيس سلامت رکي. سندس سايي کي اسان هندستان جي ڪروڙ مسلمانن لاءِ دراز ڪري، تا ته سندس قرآن پاڪ جي ڏسيل راهه تي، جا بلڪل ننڍي کان ننڍي ۽ سادي کان سادي ۽ بنان تڪليف آهي، هلي، نجات حاصل ڪريون. جيڪا نجات خدا پاڪ صالح قوم کي عطا ڪندو آهي. آمين!

ان بعد آءٌ ۽ محترم رئيس پرڳڙي اوتاڪمنڊ هل اسٽيشن ڏسڻ لاءِ آياسين، جا مدراس کان چار سو ميل پري آهي. دنيا جو بهترين هنڌ آهي ۽ ڏسڻ ونان آهي. ڪالهه پرڳڙي صاحب هڪ ڏينهن رهي روانو ٿي ويو. ٻوءِ آءٌ ٽپڙ ڪڻي اچي هڪ انگريز ليڊيءَ جي گهر رهيو آهيان. هيءَ خط اڃان لکي رهيو آهيان. اوهان کي غلط فهمي نه ٿئي، ماڻي صاحبه ۸۰ کان ٿورو مٿيري هوندي. جناب عالي، اسي ورهيا! مڃان سمجهو ته ۸ کي پنجاه هڪ ڏيڻ جي بدران اڳيان پل ۽ پڙي ڏيئي ويٺو آهيان. هل اسٽيشن معنيٰ دوست - اهي نه آهن ته ڪندي شهر کان به هل اسٽيشن پري آهي. اوهان ۽ ڏاڍا ڏا ياد ٿيو. دل ۽ جوان ڪاش! جي اڄ اوهان به هتي هجو. ٻوءِ سبحان الله! خير. منهنجي دل هتي صفا ٿي لڳي. اڄ انشاءالله موٽي مدراس وڃي رهيو آهيان. ڪير از ڪم اٿي دوست نه آهن. گيست هائوس ۽ رهاسين هل اسٽيشن به ڏاڍو سهڻو هوندو آهي. هل اسٽيشن واقعي عجيب آهي. عجوب و غريب نظارا آهن، هر سنگت کان سواه جيڪي ڪاڻ ڪوڙ آهي.

اميد ته اوهان خيريت سان هوندا.
- والسلام، خاڪسار علي احمد.

[سنڌي] (۴)

ٽنڊو ميرمحمود، حيدرآباد، ۸-۴-۱۹۴۷ع.

محڪم محترم جناب سيد صاحب، دام لطفه! السلام عليڪم.
امابعد، واضح هجي ته نوازڻامو حيدرآباد ارسال ڪيل ڪالهه

سائهوءَ هٿان هت ڀهنو.

ياد آوريءَ لاءِ مشڪور آهيان. انشاءَ الله ۲۳ جون حاضر خدمت ٿيو. ليڪن اوهان مستقبل متعلق ويچار ڪرڻ بنسبت لکيو آهي. ان سان اهو واضح ڪونه ٿيو آهي ته ايجنڈا تي مستقبل جو ڪيل آهي، سو هن دنيا جو يا عقبيٰ جو؟ منهنجي خيال ۾ عقبيٰ جو ئي مستقبل هوندو ۽ ان لاءِ منهنجي تجويز آهي ته سائين قلندر بادشاهه جي درگاهه کي نه وساريو وڃي. دنيا ئي مستقبل جو معاملو ڇڏي ويو، هائي آخرت جي مستقبل کي هٿان نه ڇڏجي. سڀان اتي ٻه ڪو سر غلام حسين نه ٻيڌا ئي ٻوي، ٻوه اعراف ۾ ٻيڙو ٻڌي ويندوسين.

این جا غم معیشت و انجاما سزای عصیان،
آسائش دوگیتي بر من حرام کردند.

ڪولابلن رفيقن متعلق ٻه معاملو مبهم ئي رکيو ويو آهي. ڪولابلن رفيقن ۾ اکين جا تار ٻه آهن، يا هڪ طرف سن جنون گرسيون ۽ ماحول سخت ۽ ٻئي طرف ذهني اذيتون ۽ تڪليفون. دعوت ۽ ڇاڙهو ڏسڻ ۽ ڪونه ٿو اچي. اوهان جي حسن انتخاب کي داد ٿو ڏجي. ۸ مهينن کان پوءِ ميٽنگ ڪولابو ۾ ورهي ٻه سن ۽. ڪا حيدرآباد يا ڪراچيءَ ۾ ڪريو ها، ڀر اوهان پنهنجي سهوليتن کي مدنظر رکيو هوندو.

کوئی مٹ جائے تمہیں کیا؟

البت سن ۾ اچڻ ڪري ايترو فائدو ضرور پهچندو، جو سن سان ايتري دلچسپي ۽ الفت جو ڪوڇ ڪجهه نه ڪجهه لڳي ويندو. اميد ته ۲۳ تاريخ اسٽيشن تي سواڪت وارا موجود هوندا جيئن حضر راهه اچي ٿين.

ـ والسلام، اوهان جو، علي احمد خان.

[سنڌي] (۴)

ڪراچي، ۲۶-۵-۱۹۴۹ع

پيارا سائين! السلام عليڪم: اسانجا ـــ ٻئي ڏينهن آيس ته

اوهان جو سان گوٺ روانا ٿي ويا هٿا. دل برداشت ٿي گهر موٽيو پيو. جن سان مناسب سمجهيو هوندو تن کان ته ضرور موڪلائي پوه گوٺ ويا هوندا؟ اوهان جو اچڻ خواه وڃڻ اسان لاءِ معمو هوندو آهي. ضروري ملاقاتن کان پوءِ شرف زيارت سان مشرف ڪيا ويندا آهيون. زهي قسمت!

جاگيردارن ۽ زميندارن جي ميٽنگ ٿي وڃڻ جون زبردست تيارپون هيون. مهربان روبرو دعوت به ڏني ويا هٿا، ليڪن هيءَ موقعي ٿي وڃڻ جي همت نه ساري سگهيس. دل ۽ جيءُ ته بقول حضرت مومن عرض آهي.

عمر تمام کٹ گئی عشق بتاں میں مومن!
آب آخری وقت میں کیا خاک مسلمان ہونگے؟

اڄ تائين جو عمل الهن بزرگن سان اختلاف ۽ گلريو، هاڻ يڪايڪ تاڪ لڳائڻ زيبا نه لڳو. دل ۽ جيءُ ته جني به جڳ سان. جنهن رسول ٿي ايمان آڻيو، سو غريبن سان رهڻ، غريبن جي ڪشمڪش ۽ رهڻ جي تلقين ٿو ڪري. ڪم از ڪم حيدر بخش ته نه آهيان، جو اسيمبليءَ جي سيٽ لاءِ وڃي ليڪ جو در کڙڪايان، چاڪاڻ ته ڪجهه ملي ٿو ــ يا جيڪڏهن ڪو دوست ٿي ڪري به ليڪ آفيس کي تارون ڪرائي ته نواب شاهه ۽ ٽڪيٽ خير شاهه کي ملڻ کپي ها ۽ وري ان سان سنو رستو به هليو اچي. ڪم از ڪم مون ۽ اپتري جرئت نه هجڻ کپي.

مون هت هڏو ته پنڇات بڪڙيل ڏاڍي هڻي. خدا رحم ڪندو! اوهان هاڻ ڪڏهن ايندا؟ دل اوهان کي ضرور ياد ڪري رهي آهي. خط ۽ خدا جاڻي چا چا ويهي لکيو اٿو؟

چاڪاڻ ته دماغ ۽ ڪيترين ٻي حسين الجهنون لڳيون پيون آهن.

ــ والسلام، فقير، علي احمد تالپر.

(۵)

اسٽرٽ فورڊ ڪورٽ هوٽل، آڪسفورڊ - اسٽريٽ، لنڊن
۵-۱۰-۱۹۵۵ع.

حضرت شاهه صاحب، سلمه السلام عليڪم: وڏي عرصي بعد اڄ قلم ۽ ڪاغذ کي وسيلو ڪري ٿي، اوهان سان نصف ملاقات جو شرف حاصل ڪري رهيو آهيان.

اوهان سچ ئي اڃا مهربان هوندا آهيو، جو لنڊن يا يورپ ۽ جڏهن ۽ اچو تڏهن نه فقط هڪ دفعو بلڪ پنج چار دفعا ياد فرمائيندا آهيو.

مان هت اچڻ کان پوءِ خوش ڪونه هئس، ان ڪري طبع جي ناسازگاريءَ ڪري ۽ طبع کي ڪنهن طرح حاضر نه ڪري سگهيس. ان لاءِ معافي طلب آهيان. ڪيل ڪوتاهيءَ جي انشاءالله اڳتي هلي پورائي ڪندس. لنڊن حسب معمول پنهنجي پوري جلوي ۾ آهي. البت ڏسڻ وارن ۽ تماشبينن جا نقطه نگاهه مختلف هوندا آهن. ڪي عود تماشو بنجڻ پسند ڪندا آهن، ڪي فقط تماشبين هوندا آهن، ڪي وري ڪنهي گروهن کان علحده پاڻ کي مسجد جي ڪنين سان نه سهي، ته پنهنجي روم جي دروازي سان ڏيو ويهاريو وينا هوندا آهن. مان سمجهان ٿو ته پويون گروه سڀ کان وڌيڪ فائدي ۾ رهي ٿو-

تو و طوبيٰ، ما و قامت يار،
فکر هر کس بہ قدر همت اوست.

- ڪنين ماڻڪ ميڙيا، ڪنين ميڙيا ڪڪ!

اڄ تائين ڏيڻي گروه اختلاف ۾ رهيا آهن. هرهڪ پاڻ کي حق تي سمجهي ٿو، پاڻ کي ٻي ماڻڪ ميڙڻ وارو تصور ڪري ٿو پين کي ڪڪ چونڊيندڙ ــ مسئلو ڪافي اختلاف وارو آهي، ليڪن فقير جو خيال آهي ته اڳيان ڏيڻي گروهيڪ مارين ڪا پويون

گروه ممڪن آهي ٿورو هجي، ليڪن فائدي ۽ حاصل مطلب اهو ٿو رهي. ٻيو نہ تہ ڪم از ڪم طبع ۽ ضبط جي عادت پيدا ٿئي ٿي، ڪجهہ تحمل ڪرڻ ماڻهو سکي ٿو. ممڪن آهي زندگيءَ جي ٻين بہ ڪيترين راهن ۽ اها ڳالهہ مددگار ثابت ٿئي. ڪوڪہ اهو مقام تمام مشڪل آهي، تاهم جيڪڏهن الله جي امداد شامل رهي تہ ڪافي آساني پيدا ٿي ٻوي۔

بے تابيون کے سپرد نہ کرديجئو مجھے،
اے صبر میں نے آن کے لی ہے تیری پناہ۔

سان سمجهان ٿو تہ ڪولمبس جڏهن پنهنجو جهاز ڪاهي نڪتو هوندو، تڏهن راهہ ۽ ڪيترائي نندا نندا جزيرا ڪيس ملندا هوندا. سفر جي لنبائي ۽ مسافريءَ جي ٽڪاوٽ ان ڳالهہ جي ڏيڻي هوندي تہ هاڻ جيڪو بہ جزيرو ملي ان کي منزل مقصود تصور ڪندي، لنگر اتي ٿي ڪڍي هڻجي.

ليڪن اها شايد ڪولمبس جي همت هئي يا سندس تصور جي بلندي هئي، جنهن کيس نندڙن جزيرن تي قناعت نہ ڪرائي، بلڪ امريڪا وڃي نڪتو!! وڏيون صبر آزما منزلون آهن. الله پاڪ هل توفيق عطا فرمائي. آمين!

مون کي اسير حيدر شاهہ جي ائڊريس معلوم ڪانہ آهي، نہ تہ ان عرصي ۾ ڪيس ضرور ملان ها. جي ها تہ ائڊريس ڏيندا تہ انشاء الله ڪيس ملنداس.

هن دفعي مسين پاڻيءَ جا قرب سنڊ سان بہ ڏاڍا رهيا آهن. اوهين تہ قريب ۽ رهندڙ هئا، ڪافي خطرو پيدا ٿيو هوندو؟ ٻوڏن وغيره جو اخبارن وسيلي ڪجهہ معلوم ٿيو!

اميد تہ اوهان هر طرح خيريت سان هوندا. جناب شيخ حاجي عبدالمجيد، مولانا مسرور ۽ سيد حسن بخش شاهہ کي نياز عرض رکندا. اوهان واري ابراهيم ڊرائيور کي بہ سلام ڏيندا. پي هر طرح عافيت آهي. اوهان جي عافيت مطلوب آهي.

۔ والسلام خاڪسار، علي احمد خان.

*(٦)

وزير خوراڪ ۽ سول سپلائيز

لاهور، ٦- جولاءِ ١٩٥٦ع. پيارا سيد صاحب! توهان جو وزير اعليٰ ڏانهن مخاطب ڏيل چار درخواستون مون کي موڪليون ويون آهن. مون کي اميد آهي ته جلد فيصلو ڪيو ويندو.

اوهان جي اطلاع لاءِ آهي.

ـ نيڪ خواهشن سان، اوهان جو مخلص، مير علي احمد خان تالپر.

(١٣)

لالچي ماڻهو

هيءَ هندستان جي طرف جو ويندل هو، تجارت خاطر ڪراچيءَ ۾ لڏي آيو رهيو. چگو ڪاروبار هئس، ڪراچيءَ ۾ بنگلو ۽ جوڙايو هٿائين. ڪانگريس جو مکيه ڪارڪن هو. هڪ ڀيرا پنڊت جواهر لعل نهرو ونس آيو مهمان ٿيو هو. هيءَ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو ميئر به رهيو. پاڪستان بنجڻ بعد هيءَ لڏي هندستان ويو، جتي ڪيس سفارت جو عهدو ڏنو ويو.

مون سان هن جي ١٩٤٠ع کان واقفيت ٿي، جا هلندي آئي هڪ ٻه دفعا انگلنڊ ۽ جڏهن ويس ته ساڻس ملاقات ٿي هئي. سندو پارويس ماڻهو هو. سندس هڪ خط پيش ڪريان ٿو.

*(١)

هارون ڪاٽن ڪارپوريشن لميٽيڊ، ميڪلوڊ روڊ، ڪراچي.
١٧-٥-١٩٤٩ع

پيارا شاهه صاحب! گذريل ٻن مهينن ۾ هيءَ ٻيو ڀيرو آهي، جو آءٌ باوجود ڪوشش جي، اوهان سان ڪراچيءَ ۾ ملي نه سگهيو آهيان. هن ڀيري اوهان مون کان هڪ ڏينهن اڳ نڪري ويا. آءٌ

اوهان جي جاءِ تي آءٌ ڏينهن آيو هئس، پر اوهان اڳيئي رات جو هليا ويا.

اوهان ڪهڙيءَ طرح پيا گذاريو؟

هڏو الر ته منهنجي پاڙيسريءَ کي اوهان جا همرن سان پرپور ڏکيا عط پهچي رهيا آهن. منهنجو خيال هو ته اهي شعر (بيت) اوهان کان روبرو ٻڌان، پر اوهان ملي نه سگهيا.

آءٌ ٻه ڏينهن هتي آهيان ۽ جمعي جي ڏينهن موٽي ويندس. هڪ هفتو بمبئيءَ ۾ رهي، پوءِ يورپ، ڪئناڊا ۽ آمريڪا ويندس، جتان سپٽمبر ڊاري موٽندس. تيستائين عدا حافظ!

منهنجي بمبئيءَ جي ايڊريس: ۲۲/A- سي فيس، بمبئي ۱۸ ـ اوهان جو مخلص، لالجي مهروترا.

(۱۵)

ڊاڪٽر تاراچند لالواڻي

هيءَ ڊاڪٽر صاحب ڪراچيءَ ۾ پريڪٽس ڪندو هو. سندس ياڻ ڪي دوائن جو اسٽور هو. هن ڪانگريس ۾ ڇڪو ٻهرو ورتو. ڪانگريس ۾ ٻه گروپ ٿيڻ وقت، هن ڊاڪٽر چونٿرام ۽ جيراسداس وارن جي گروپ جي مخالف سوامي گووند آنندجي گروه سان همولیت اختيار ڪئي. ان ڪري هيءَ ڪانگريس ۾ خاص طاقت حاصل ڪري نه سگهيو، ليڪن ميونسپل ڪاميٽيءَ جو ميمبر چونڊجي ويو. 'ميونسپالٽي' اخبار ڪيندو هو. ڪراچيءَ ۾ ڇڪو اثر رسوخ هئس. سون سان لاڳاپا سٺا هئس. پاڪستان بنجڻ بعد ملڪ ڇڏي وڃي، سندس ۾ ڏٺو. پر خبر ناهي ته زنده آهي يا وفات ڪري ويو. تعلقن جي مدنظر سندس ٻه عط هتي پيش ڪجن ٿا.

(۱)

ڪراچي، ۹-۸-۱۹۲۹ع.

پيارا شاھ صاحب! ڊاڪٽر ھرمانند سڀاھيملاڻي، جنھن بابت اوھان سان ڪالھ ڳالھ ڪئي ھيم، اوھان وٽ اڄ ستمن بجي ايندو.

ـ اوھان جو مخلص، تاراچند لالواڻي.

(۲)

رابسن روڊ، چاڪيواڙو، ڪراچي، ۲۷- آڪٽوبر ۱۹۳۵ع.

پيارا شاھ صاحب! مون کي معلوم ٿيو آھي تہ مسٽر ولبرام لالواڻيءَ اوھان جي سيڪريٽري ٿيڻ لاءِ اوھان کي درخواست ڪئي ھئي. آءٌ ھن کي ذاتي طرح سڃاڻان ۽ اوھان کي يقين ڏيارياں ٿو تہ ھيءُ بلڪل لائق ۽ پروسي جوڪو ماڻھو آھي، جو اوھان جي ماتحت رھي، چڱي خدمت ڪري سگھي ٿو. ھن ڪاڻي دنيا ڏٺي آھي.

ھن جو خيال آھي تہ ڪنھن عوامي خدمت ڪندڙ زميندار جي ھٿ ھيٺ ڪم ڪري. جيڪڏھن اوھان کي سچ ڀڻ ڪنھن ماڻھوءَ جي گھرج آھي تہ ھن کي جيترو جلد ٿي سگھي ياد وٽ رکندا.

اوھان پنھنجي مقصدن طرف ڪيتريقدر گامزن آھيو؟

ـ ٻيڪ تمنائن سان، اوھان جو مخلص، تاراچند لالواڻي.

(۱۶)

مسٽر رستم خورشيد سڌوا

ھيءُ پارسي فرقي جو ھڪ سٺو ڪارڪن ھو. ٻڌڻ ۽ جڏڪش مرد مجاھد ھو. ڪانگريس ۽ خاص حصو ورتائين. ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو ھڪ وقت ميئر چونڊجي ويو ۽ ڪيترن

عرصي ڪانهن ان جو ميمبر رهيو. جڏهن سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿي، تہ هيءَ ڪانگريس طرفان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ ڪجهہ وقت ڪانگريس اسيمبلي پارٽيءَ جو ليڊر بہ ٿي رهيو. آزاد خيال ۽ اوچ ماڻهو هو. اسيمبليءَ ۾ تمام گهڻا سوال پڇندو ۽ تقريرون ڪندو هو. پاڪستان ٺهڻ بعد هيءَ هندستان لڏي ويو ۽ اتي بہ مرڪزي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. مرڪزي اسيمبلي انڊيا ۾ هن ايترا تہ گهڻا سوال پڇيا ۽ تقريرون ڪيون، جو مرڪزي سرڪار تنگ ٿي، قانون پاس ڪيو تہ مقرر تعداد سوالن کان وڌيڪ اسيمبليءَ ۾ ڪوبہ سوال نہ پڇي. باوجود لياقت جي اتي وزير چونڊجي نہ سگهيو، ۽ وفات ڪري ويو.

مون سان ۱۹۲۸ع کان وٺي تعلقات هئس ۽ خط و ڪتابت بہ هلندڙ هئي. سندس ڪجهہ خط "اڄ ٻڌ ڇڪبر جاڪ" ۾ ٻڌ ڏنا ويا آهن، ۽ هتي بہ ڏجي ٿو.

(۱)

سڏوا، ايم. ايل. اي چيئرمن لوڪل بورڊ، ڪراچي. ميونسپل اسڪوليورڊ آفيس، ڪراچي ۱۰- جنوري ۱۹۴۱ع.

پيارا شاهہ صاحب، مون کي اميد آهي تہ اوهان روبصحت هوندا. ۽ تاريخ واري ڪڏجاڻي وزير اعليٰ جي چوڻ تي ملتوي ڪئي ويئي، ڇاڪاڻ تہ ڪافي وزير باهر ويل هئا. هن مون کي هن مهيني جي ۱۶ تاريخ ميٽنگ سڏائڻ لاءِ چيو آهي، جا سڏائي رهيو آهيان. اوهان کي اطلاع موڪليندس، مهرباني ڪري ايندا.

ان کان سواءِ عنايت فرمائي، ڪنريل ميٽنگ جي ڪارروائيءَ جا نوٽ موڪليندا تہ جيئن انهن جا نقل ڪرائي، ميمبرن کي موڪليان. ڪنريل ڪڏجاڻيءَ ۾ مسٽر فريزر جي خط تي بحث ڪري، جو لهراڻ پاس ڪيو ويو هو، ان جي ڪاپي بہ اوهان پاڻ سان کڻي ويا هئا، جا مهرباني ڪري موڪليندا. عيد مبارڪ!

- اوهان جو مخلص، رستم خورشيد سڏوا.

(۱۷)

مسٽر عبدالرحمان باريسٽر

هيءَ حيدرآباد جو ويڙهه هو. سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ڪتاب ۾ ڏنو ويو. هن جا ٻه لائق فرزند، هڪ طفيل علي عبدالرحمان، سنڌ بلوچستان هاءِ ڪورٽ جو چيف جج رهي، تازو وفات ڪري ويو، ۽ ٻيو حسن علي عبدالرحمان ڪجهه وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ٿي رهيو.

مسٽر عبدالرحمان سان منهنجو لاڳاپو ۱۹۲۶ع کان قائم ٿيو، جو پيڙهيءَ سوڌو هلندو آيو. سندس ۳ خط ڏجن ٿا.

(۱)

۱۹۲۳ع. جناب سڻا! بعد السلام عليڪم. جي لکجي ٿو ته اسان جو معزز دوست مسٽر مرزا علام دستگير صاحب، هن کان اڳ اوهان صاحبن کي اسان جي فائدي ۽ ووٽ ڏيڻ لاءِ لکي چڪو آهي ۽ هن ويجهڑائيءَ وارن زميندارن جو زور ۽ اوهان تي رکيو آهي. اسان کي سيڪنڊن طرح سان اميد ۽ خاطري آهي ته توهان صاحب اسان کي ممنون ڪرڻ ۽ حڪوتاهي ڪاڻ ڪندا. تنهنڪري هيءَ ياداشت ووٽرن جي، جن جو بار توهان صاحبن تي رکيل آهي، موڪلجي ٿي. انهيءَ اميد تي ته توهان انهن مائهن کي چئي، اسان جي فائدي ۽ ووٽ ڏيارينداء. ووٽ ڏيڻ لاءِ تاريخ ۱۰ نومبر ۱۹۲۳ع مقرر ڪيل آهي. مانجهندن ۽ اڄي ووٽ ڏيڻو پوندو. تنهنڪري مهرباني ڪري تڪليف معاف ڪري، انهن ووٽرن کي ٻاڻ سان يا ڪنهن طرح سمجهائي موڪلينداء جيڪڏهن کي اڻڄاڻ هجن، ته انهن کي هدايت ڪندا ته جنهن پيٽيءَ تي بائيسڪل جي شڪل هجي، ان ۾ ووٽ وجهن.

اميد ته اسان جي طرفان مسٽر مرزا ۽ انهيءَ تاريخ تي اچي

آهي ۽ مون کي اميد آهي ته آڱ سندن اعتماد تي پورو لهندس.
آڱ اوهان کي يقين ٿو ڏيارياں ته ليگ ۽ ان جي پليٽفارم تان بهبي، مسلم مفاد جي واڌاري لاءِ هر حالت ۾ اڳاڙ ڪوشش ڪندو رهندس. خدا پاڪ کي عرض آهي ته مون کي طاقت ۽ اعليٰ همت عطا فرمائي ته جيئن آڱ سياسي ميدان ۾ وڌ ۾ وڌ انساني پلائيءَ جا ڪم ڪري سگهان.

اوهان جو مخلص، يوسف هارون

ق. ت. قائد اعظم اعلان ڪيو آهي ته آل انڊيا اجلاس دهليءَ ۾ لٻندو.

٥(٢)

٦- ونڊسر پليس، ٽين دهلي، ٢٣- فبروري ١٩٤٣ء

محترم سيد صاحب! هلندڙ مهيني جي ١٧ تاريخ وارو خط مليو. نهايت خوشي ٿي. اسان سڀني کي اوهان جي تار ٻڌي. بدقسمتيءَ سان صدر منهنجي مهمليءَ جو نهراڻ اهو ڇڻي بيقاعدي قرار ڏيئي ڇڏيو ته اهو هڪ ڏينهن اڳ ٻڌڻ گهرجي ها. تنهن هوندي ٻ مسٽر لالچند "هارٽ نوٽيس ڪنسچن" اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيو، جنهن تي اسان سرڪارکي خوب دٻايو. ان بعد مسٽر ٽربوڊي، جنگي سيڪريٽريءَ، هالگي طرح مون کان تفصيل ٻڌيو. جنهن تي مون ڪيس اوهان جي تار ڏني ۽ هن وعدو ڪيو آهي ته انهيءَ معاملي تي مون سان بعد ۾ ڳالهائيندو. آڱ وس آهر انهيءَ معاملي تي ڪوشش ڪندس.

اوهان کي خبر آهي ته "الوحيد" هن وقت هاساري ۽ وڃي رهي آهي، ان ڪري هن وقت اسان عملي جو ڪهاڙ وڌائي نٿا سگهون. بني جو ملڻ ڏاڍو مشڪل آهي. اسان سوچي نٿا سگهون ته ڇا ڪجي. مون هتي آن بابت انڊيا حڪومت وٽ ڪوشش ڪئي آهي. جيڪو جواب مليو آهي آن جي ڏين محمد عليگ کي خبر آهي. انڊيا حڪومت جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن اوهان جي

صوبي کي ڪنهي جي ڪهڙي ضرورت آهي ته هوءَ سنڌ حڪومت کي ڪهڙي ته حڪ ڏئي ڏنهنجي ڪونا مان اوهان کي وڪرو ڪري ڏئي.

اوهان کي خبر هوندي ته سنڌ جي گورنر سنڌ سيڪريٽريٽ ۽ مسٽر شرما جي پارٽيءَ ۽ چيو هو ته سرڪار ڏنهنجي اخبار جو نه ٿي ڪيڊي. آن ڪري آءٌ اوهان کي عرض ڪندس ته اوهان ان مسئلي ۽ دلچسپي ونو ۽ عالمبهادر کهڙي ٿي زور ڏيو ته هو گورنمينٽ کان الوحيد لاءِ ڏني حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. مون کان جيڪي ڀڄي سگهيو آهي، ڪيو آ. اها ڳالهه ڏين محمد عليڪ کي به لکي آ.

سيد علي محمد راشدي به هتي آهي، مون کي غلام رسول مهر، ايڊيٽر "انقلاب" سان گڏ ملڻ آيو هو، هن کي پنجاب جي وڏن ليڊرن جا خط سان آهن ۽ ڪنهن وڏي ڪم لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي. مون سان به اُن سلسلي ۽ ملیو هو.

مرڪزي اسيمبليءَ جي مسلمان ميمبرن کي اهو هڏي ڪهڙي نا اميدي ٿي آهي ته سنڌ سرڪار، وعدي ڪيل بل * پيش نه ٿي ڪري. آءٌ ڀاڻ سمجهي نٿو سگهان ته سنڌ جي ليڪ وزارت هندن جي ڏب کان ائين ڇو ٿي ڪري، جو بل پيش نه ٿي ڪري.

مهرباني ڪري خبر موڪليندا ته حالتون ڪٿي ٻيهون آهن.

— اوهان جو، يوسف هارون

*(۳)

۶- ونڊسر پليس، نئين دهلي، ۱- مارچ ۱۹۴۳ء

محترم سيد صاحب! مون مرڪزي اسيمبلي اجلاس ۽ سنڌ مان مارشل‌لا هٽائڻ متعلق ڪ مهمليءَ جو نهراءَ بحث لاءِ پيش ڪيو. اسيمبليءَ ان نهراءَ کي اهو ڇڻي رول آئوٽ ڪري ڇڏيو، ته اهو بل ۱۲- فبروري تي شروعاتي ڏينهن اسيمبليءَ ۽ پيش ڪرڻ گهربو هو. ان بعد اسان اسيمبليءَ ۽ مارشل‌لا بابت سوال پڇيا،

* نوٽ- قانون انتقال اياضيءَ جو بل

سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ مونڪيو ويو. ٻيڙيو ۽ مخلص ڪارڪن هو. هن وقت سندس پٽ، حاجي محمد سرڻ، سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر آهي، اليڪشن پيٽر صاحب ياڳاري جي ٽڪيٽ تي ڪيائين پر هاڻي زوربار پوئ ڪري پيپلز پارٽيءَ ۾ داخل ٿيو آهي. ڪاش! پنهنجي والد مرحوم جي نقش قدم تي هلي، ثابت قدميءَ جو ثبوت ڏئي ها.

حاجي علي محمد خان سان منهنجا تعلقات، علاقت جي ڏينهن ۽ ۱۹۲۵ع کان رهيا. سندس ڪجهه خط پيش ڪريان ٿو.

[سنڌي] (۱)

حيدرآباد، سنڌ. ۱۴ اپريل ۱۹۳۰ع.

قبلا شاهه صاحب! بعد السلام عليڪم جي عرض ته خاڪسار ۱۸-۱۹ تاريخ، آسوس جو حاضر ٿي نه سگهندو، جو نه آڻ لکنو، آل انڊيا مسلم نيشنل ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ، وڃي رهيو آهيان. ـ زياده ادب، توهان جو خادم، علي محمد سرڻ بلوچ

(۲)

حيدرآباد سنڌ، مئي ۱۹۳۱ع.

ڪرمفرماي بنده، جناب سيد صاحب، دام اظلاه!

السلام عليڪم بعد عرض ته موجوده ملڪي حالتن تي غور ڪندي، اسان خيال ڪيو آهي ته ڪن سحبان وطن بزرگن کي تڪليف ڏيئي، ڪنهن جڳه جاءِ تي اجمع ڪري، آئيندي ملڪي ڪم لاءِ دستور العمل ناهجي. انهيءَ لاءِ اسان فيصلو ڪيو آهي ته توهان صاحبن کي حيدرآباد ۾ تشريف آوريءَ جي تڪليف ڏيون. اها ميٽنگ ۷ جون ۱۹۳۱ع بروز آرتوار، صبح جو نائين بجي، عبدالجبار وڪيل جي آفيس ۾ ٿي ويئي آهي. اسان کي اميد آهي ته انهيءَ سنڌ جي مسلم نيشنل پارٽيءَ جي ميٽنگ ۾ توهان شريڪ ٿيو، اسان کي ممنون ڪندا، ۽ سنڌ مسلم نيشنل پارٽيءَ

ڪي هڪ مرڪز تي آڻي، سندس مقصدن کي پاڻ تڪميل تي پهچائيندا.
ـ زياده والسلام، خادم وطن علي محمد مري بلوچ، ۽ عبدالجبار (وڪيل).
نوٽ : مهرباني فرمائي پنهنجي اڇ جو اطلاع اڳ ڏيڻ فرمائيندا.

(۳)

الهندو ڪچو، حيدرآباد سنڌ. ۳۱ مئي ۱۹۳۱ع.
قبلا شاهه صاحب! بعد نيازن جي عرض ته هن نيازنامي سان گڏ ٽ تاريخ جي ميٽنگ جو دعوتنامو به جدا ٽپال ۽ پهچندو.
اسان جي پارٽيءَ جي صرف توهان ۽ رهبريءَ ڪرڻ جي اميد آهي. تنهنڪري آءٌ دوباره اپيل ڪرڻ چاهيان ٿو ته نوازش فرمائي، ڪيڏن به وقت بچائي، اسان جي غريبخاني ميٽنگ کي تشريف آوريءَ جو شرف بخشيندا. توهان جي آسري تي هيءَ سڄو ساڌاڻ سڃاڻل آهي ۽ هيءَ ڪم توهان جو پنهنجو آهي. زياده ادب.
اڇ جو اطلاع اڳ عنايت ڪندا ته تسلي ٿئي.
ـ فقط توهان جو عقيدتمند، علي محمد مري بلوچ.

(۴) [سنڌي]

ويسٽ ڪچا، حيدرآباد سنڌ، ۲ | مارچ ۱۹۴۳ع.
محترم شاهه صاحب قبلا! دام الطافڪم.
بعد السلام عليڪم و شوق ملاقات جي عرض ته مون کي افسوس آهي، جو ان ڏينهن ڪراچيءَ ۽ اوهان سان دوباره ملاقات نه ٿي سگهي. چاڪاڻ ته اوهان مشغول هئا. ۽ حقيقت ۽ ملاقاتون اهڙيون ضروري به نه آهن. انهيءَ جي مقابلي ۽ جيڪو اوهين ڪم ڪري رهيا آهيو ۽ سڄي ملڪ ۽ قوم کي انهيءَ ڏوس ڪم ۽ پروگرام جي ضرورت آهي، جيڪي ڪجهه اوهان جي زير عمل ۽ ذهن ۽ آهي. مون کي خبر آهي ته منهنجا ڪيترا عزيز ۽ دوست پنهنجي ذاتي مفادن جي ڪري اوهان کان نالان آهن، پر ملڪ ۽ قوم جي پلاڻيءَ کي مد نظر رکندي، ذاتيات جي ڪا به قيمت ڪانهي. مون

کي اوهان جي ميدان لاءِ نہ رکو عزت آهي، پر منهنجو عقيدو آهي تہ ملڪ ۽ قوم جي هرهڪ خادم جو اهوئي ڪم آهي، جيڪو توهان ڪري رهيا آهيو. ها ٻ سچ تہ اڄن آهي تہ اوهان سڀني ملڪي ۽ ملت جي خادمن جي جذباتن کي عملي جامو پهرائي رهيا آهيو، جنهن لاءِ سڀني کان وڌيڪ اوهان ئي مبارکباد جا مستحق آهيو، ۽ دعا ڪريو تہ اسان سڀني ۽ وڌيڪ قربانيءَ جو مادو پيدا ٿئي، جيئن اسان به ڪجهہ خدمت ڪري سگهون.

- والسلام، عقيدتمند، علي محمد مري بلوچ.

(۲۰

ڪامريڊ حيدربخش جتوئي

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، لاڙڪاڻي ضلعي جي ٻکو ديري ڳوٺ ۾، ۱۹۰۱ع ۾ جائو هو. ٻڙهي مختيارڪار ٿيو، ۽ پوءِ ڊپٽي ڪليڪٽر جو عهدو حاصل ڪيائين. اڳتي هلي، سنڌي عوام جي محبت ۽ سرڪاري نوڪري ڇڏي، هن هارين جي پلائيءَ لاءِ پنهنجي سڄي زندگي وقف ڪري ڇڏي. بيباڪ، با همت ۽ جفاڪش فوجي ڪارڪن هو. سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۽ "اڄ ٻڌ ڪير ڇاڪ" ڪتابن ۾ ڏيئي آهي. اهي آهيان، تنهنڪري ٻار ٻار ڏيڻ موزون نٿو سمجهان. سندس ڪجهہ خط هتي پيش ڪريان ٿو.

[سنڌي] (۱)

سنڌ پراونشل هاري ڪميٽي

رسالا روڊ، حيدرآباد سنڌ، ۳۱ آڪٽوبر ۱۹۴۸ع.

پيارا رفيق محترم غلام مرتضيٰ سيد، اوهان ڄاڻهن ۶-۷ نومبر ۱۹۴۸ع جي ميٽنگ لاءِ دعوتنامو عرض رکيل آهي. اميد تہ اوهان ضرور ميٽنگ ۾ شرڪت ڪندا ۽ ڪوبہ عذر نہ ڪندا.

هڪ طرف خوفيءَ جي ڳالهه آهي، جو دنيا ۾ سزورن ۽ هارين سرمائيداري نظام کي ٽوڙي، پنهنجون حڪومتون قائم ڪيون آهن، ۽ جتي هاري مزدور تحريڪ ترقي پذير آهي. پئي طرف افسوس آهي، جو سنڌ صوبه هاري ڪاميٽيءَ جي ميٽنگن ۽ پورو ڪورم به نه ٿو ٿئي

دعوا هيءَ ته اسان جي جماعت ٽيهن لکن هارين جي واحد نمائنده آهي، ۽ عمل هيءَ آهي ته مڪي ڪم ڪندڙ ۽ ورڪنگ ڪاميٽيءَ جا ميمبر بلڪل خاموش آهن. هن افسوسناڪ حالت ۾ انقلاب اچڻ گهرجي.

اميد ته اوهان پوري وقت تي ايندا.

ـ اوهان جو رفيق، حيدر بخش جتوئي، پريزيڊنٽ سنڌ پراونشل هاري ڪاميٽي.

[سنڌي] (۲)

سنڌ پراونشل هاري ڪاميٽي

الهندو ڪچو، حيدرآباد، ۱۸ جنوري ۱۹۵۰ع.

محترم رفيق غلام مرتضيٰ شاهه صاحب سنڌ، اسان جي هاري تحريڪ ۾ ڪن غلطين ۽ غلط فهمين سبب ٽوٽ ٿي پئي آهي، جنهن لاءِ بيحد افسوس ڪجي اوترو ٿورو آهي. هر هاري دوست ۽ اڳواڻ انهيءَ خواهش رکي ٿو ته هن نازڪ معاملي ۾، جڏهن انقلاب اسان جي سامهون اچي رهيو آهي ۽ جنهن جو پورو فائدو اسان کي ۽ هارين جي آزاديءَ ۽ ترقيءَ جا رستا ڳولڻ کپن تڏهن، اهڙي زماني ۾ اسان جي تحريڪ ۾ ٽوٽ بلڪل خراب شيءَ آهي.

انهيءَ ٽوٽ کي دور ڪرڻ خاطر هڪ اهم ميٽنگ رکي ويئي آهي، جنهن ۾ سڀني هاري دوستن کي دعوت ڏني ڏجي ته اهڙيون تجويزون عمل ۾ آنڊيون وڃن، جيڏن هاري تحريڪ ۾ اتحاد ۽ اتفاق پيدا ٿئي.

اوهان هاري تحريڪ جا دوست ۽ ڪم ڪندڙ آهيو، ان لاءِ

اوهان کي دعوت ڏني ٿي وڃي ته ۲۴ جنوري ۱۹۵۰ع، اڳاري جي ڏينهن، ڏهين ٻجي صبح جو حيدرآباد سنڌ ۾ ميٽنگ ۾ شرڪت ڪندا ۽ ٻيو سڀ ڪم ڇڏي ٻه سٽن ميٽنگ ۾ شرڪت ڪندا. اوهان نه آيا ۽ ڪو ڇگو نتيجو نه نڪتو ته اوهان جي غير حاضري قصور کان خالي نه ٿيندي.

ايجنڈا

۱- هاري تحريڪ لاءِ متحده محاذ قائم ڪرڻ واسطي مناسب تجويزون عمل ۾ آڻڻ.

۲- سالياني سنڌ هاري ڪانفرنس لاءِ پروگرام رٿڻ.

حيدربخش جتوئي، عبدالخالق آزاد،

پريزيڈنٽ، سنڌ هاري ڪاميٽي. سيڪريٽري، سنڌ هاري ڪاميٽي.

غلام محمد لغاري (لڙي سر روڊ).

*(۳)

سن ريلوي اسٽيشن، ۲۰-۱۲-۱۹۵۵ع.

پيارا شاهه صاحب! سون اوهان کي ٽيليگرام ڪراڻيءَ جي ايڈريس تي ڪئي هئي ته ۲۵ تاريخ هاري ڪانفرنس جي ميٽنگ ۽ اينڊا. ميٽنگ ۲۵ تاريخ ۱۰ ٻجي صبح جو حيدرآباد ۾ رکيل آهي. اوهان کي دادو ضلعي هاري ڪاميٽيءَ طرفان ۱۷ تاريخ (جي ميٽنگ ۾) نمائندو چونڊيو ويو آهي. آڳ هيءَ خط اوهان کي سن جي ايڈريس تي سوڪلياڻ لو، ممڪن آهي اوهان اتي هجو.

مهرباني ڪري اوهان اڪوٽ ۲۶ تاريخ شام جو حيدرآباد ۾ اينڊا، ته صلاح مصلحت ڪئي وڃي.

- اوهان جو مخلص، حيدر بخش جتوئي.

*(۴)

ٽنڊو باگو، ۱۰ مارچ ۱۹۵۷ع.

پيارا شاهه صاحب! اوهان مسٽر محمد اسماعيل مڌيجيءَ واري

ڪي سڃاڻو. هن کي ڪو عرض اوهان کي ڪرڻو آهي. اميد اٿم ته ڀڏي، سندس مناسب مدد ڪندا ته مهرباني سمجهندس.

ـ اوهان جو، حيدر بخش جتوئي

(۵)

حيدرآباد سنڌ، ۱۰ نومبر ۱۹۶۷ع.

محترم شاه صاحب، ڏاڍي خوشي ٿي جڏهن قاضي فضل الله سون کي ڪالهه (۹ نومبر ۱۹۶۷ع) ٻڌايو ته اوهان تان بندش جا احڪام واپس ورتا ويا آهن.

جيڪڏهن ۱۲ نومبر جي جلسي ۽ ڳاڻي سڳهو ته ڏاڍي خوشي ٿيندي.

اميد ته سڀ جلدي اوهان سان ملندس.

ـ اوهان جو حيدر

(۲۱)

مسٽر عبدالحفيظ قريشي

محترم حفيظ قريشي پراڻن هالن جي قاضي خاندان سان تعلق رکندڙ، قاضي شفيع محمد قريشيءَ جو فرزند آهي. هن جو چاچو مولوي هو ۽ سندس والد رويندو ڪتي ۽ سرڪاري ملازم هو. زميندارين جو مالڪ ۽ دسترس وارن خاندانن مان آهي. هن وقت زميندارين سان گڏ وڪالت به ڪندو آهي. خاڪسار تحريڪ ۽ خاص ڀهرو ورتائين. سون سان ڪافي وقت ڪان وني لاڳاپا اٿس. زماني ڦيريون گهيريون ڀٽي ڪاڏيون آهن، پر هيءُ پنهنجي دوستيءَ ۽ سنگت ۽ مستقل مزاج ڀٽي رهيو آهي. مخلص قومي ڪارڪن آهي. ٻه چار ڀيرا جيل به ڪاٽي آيو آڪي. سنڌ جي بهترين مقررن مان هڪ آهي. سندس سون ڏاڍهن آيل خط مان ڇهه هتي پيش ڪريان ٿو.

[سنڌي] (۱)

حيدرآباد سنڌ، سائين! سون اوهان ڏي ۴ آڪٽوبر تي جناب

يارمحمد شاهه جي هٿان خط خدمت ۾ روانو ڪيو هو. شايد ڪونر مليو، آءٌ ۲۰ نومبر تائين هتي پڏو ٻيو آهيان، جنهن ڪري اوهان جي صحبت مان فيض پرائڻ کان محروم آهيان. اوهان دعا ڪندا ۾ ڪرائيندا تہ ۲۰ نومبر کان پوءِ وڌيڪ تڪليف نہ ڏئي. هاڻ چاڻ ۽ نقص، عيب ۾ تڪليف نہ ڏئي.

ـ وڌيڪ خير والسلام، نيازمند، حفيظ قريشي

[سنڌي] (۲)

محترمي شاهه صاحب! السلام عليڪم: ڪوڙ اچي سگهيو آهيان جو بيمار آهيان، پر اڃڙو نہ جو بلڪل بيڪار هجان ۽ ڪنهن ثواب جي ڪم کان محروم ڪيو وڃان. صبح جي ميٽنگن ۽ نہ سهي، شام جو حاضري ڏيئي سگهان ٿو، تقسيمڪار ۽ منهنجي بلي جهڪي ڪم رکيا وڃن. انهن لاءِ جوابداريءَ سان ذمو ڪٽندس. فون تيار آهي، ان تي اطلاع جي عنايت ڪندا.

ـ بنده محمد حفيظ.

[سنڌي] (۳)

۲۰-۵-۱۹۶۷ع. جناب شاهه صاحب! السلام عليڪم: خير ناهي تہ اوهان تائين منهنجو نياپو تہ "خيرپور ميرس ۽ ميان الله بخش عباسي ايڊووڪيٽ، ڪانفرنس ڪرڻ گهري ٿو، صرف اوهان جو شفقت نامو ڪيس پهچڻ گهرجي تہ اوهان شريڪ ٿيندا." پهتو يا نہ؟ مون فون تي ميان امداد شاهه کي دادوءَ مان ٻڌايو هو. مون ميان بارمحمد کي چيو هو ۽ مون ميان نورمحمد پليجي کي بہ چيو هو، جنهن اوهان ڏي خط لکائي موڪليو هو. هاڻي هيءَ خط وري ٻال رستي موڪلبان ٿو. شل اوهان کي ملي. خيرپور واريءَ ڪانفرنس جي تاريخ مقرر ڪئي ويئي آهي ۱۱ جون ۱۹۶۷ع. هاڻي وري ڪالهه "روح رهاڻ" جو جشن ڪوهريءَ ۽ ۱۱ جون ۱۹۶۷ع تي رکجي ويو آهي. اهو پروگرام روح رهاڻ وارو هڪ هفتو هٿائڻ گهرجي. نون سائين جي دلجوئي ڪرڻ گهرجي. آءٌ وڃان ٿو راولپنڈيءَ

جتان ۲۸-۵-۱۹۶۷ع واري پروگرام ۾ حاضر ٿيڻ جي ڪوشش ڪندس.
- بنده: محمد حفيظ قريشي.

[سنڌي] (۵)

سنڌ متحده محاذ

۱۹۶۹ع. سائين ايوان جو انٽرويو حريت ۾ پڙهي خوش ٿيس، ته ڪم از ڪم اردو پريس وارن آخر لاچار ٿي، اوهان جي ذات کي تسليم ڪيو آهي. اها اسان سنڌ وارن جي ڪاميابي چئبي. ان کان اڳي بنگال واري نورالامين بابت "اخبار جهان" ۾ پڙهيو هئم. جنهن سان معلوم ٿيو ته عبدالصمد اچکزئيءَ جي تحريڪ جا پٺاڻ جوان سائس ملها هٿا ته ڪوئٽا ڊويزن کي پختونستان سان ملائجي. اڳي ڏ خبر هيم ته پٺاڻ پنهنجو حق بلوچستان جي حصن تي رکيو اچن. اوهان عبدالصمد بابت لکيو صحيح آهي مگر موقعي جي مناسبت سان اوهان کي انهن سنگين لفظن ۾ لکڻ نه ڪپندو هو. عبدالڪريم عابد سنڌ جو سنگين دشمن آهي. انهيءَ هيڪاري اوهان جي مفهوم کي نهايت ڪليل لفظن ۾ ادا ڪيو آهي، جو نقصان پهچائيندو.

اڳي ٻه اوهان سان مارچ جي پهرين هفتي ۾ پريس اهو بيان منسوب ڪيو هو ته "مون کي سنڌ جي وڏيرن کان ڪراچيءَ جا مهاجر وڌيڪ پسند آهن." هن پيري حريت ۾ وري ساڳي ڳالهه اوهان جي نالي جيل آهي. آءٌ ان خيال سان متفق ناهيان.

۳- "سرائڪي ديس، انگريزن پنجاب سان ڪٽو اڳي ملايو هو. اگرچه اهو ديش ٻه پنهنجو تاريخي وجود رکي ٿو. ۽ هاڻي ان کي پنجاب جي جاگير ڪري ڪم آڻڻ جائز ڪونهي." اهو منهنجو خيال آهي. مون کي اها ڳالهه متاثر ڪاڻ ٿي ڪري ته اها تجويز جاڪاڻ ته دولتاڻه کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ رٿي ويئي، تنهنڪري غلط آهي. پي. ڊي. پيءَ وارن برابر سرائڪي صوبي جي ڳالهه ڪئي، مگر بحيثيت پنجاب جي حصي جي. آءٌ پنجاب کي ان جي اصلي سرحدن تائين ڪهڻائڻ جي حق ۾ آهيان.

ٿر ۽ ڪوهستان جا سنڌي عوام عذاب ۾ مبتلا آهن. حڪومت مان ڪهڙي توقع آهي. ڪمشنر وسيع ۽ ڪليڪٽر ڏڻي بخش صرف دوري خاطر ٻه ڪونه ويا.

٦- سيپٽمبر تي ڏڻي بخش سومري ١٦ هزار روپيا، جي هن موقعي تي جمع ٿيا، سي به لاهور موڪليا. مگر عرض آهي ته پاڻ به ان سلسلي ۾ ڪجهه ڪونه ڪيو. متحده محاذ ۽ ان جي صدر کي مناسب آهي ته ڪجهه قدم کڻن. اوهان جي عمر ضعيف آهي ۽ مصروف آهيو، مگر ته به اوهان جا ڪي عيوضي ضرور اڻي وڃن ۽ اوهان به ڪنهن سواريءَ ۽ وڃي انهن ڏڻڙين کي ڏسي اچو.

غير سنڌي منڪران وطن، ڪوڙا ڪميونسٽ، روسي روسياهه ۽ چيني مڪار، اندران اندر سنڌ جي وطني تحريڪ کي ناجائز قرار ڏيئي، بلڪل پنجابي پناهگير مولوين وانگر اسان جن ماڻهن ۽ نوجوانن کي گمراهه ڪري رهيا آهن ۽ ڪجهه قدر ڪامياب ٿيا آهن. دراصل اسلام، ڪميونزم، جمهوريت، نظريه پاڪستان جون سندون غيرن وٽ آهن ۽ سنڌ کي شڪارگاهه سمجهن وارن غيرن کي سنڌ اڪين جو ڪنڊو آهي. اسلام سچوري جا ڪوڙا مدعي ته واضح طرح اخوت اسلاميءَ جي آڙ ۽ وليونٽ جي حمايت ڪندا رهيا آهن، مگر هي ڪوڙا ڪميونسٽ منافق اسان ۽ يونٽ جي سطحي مخالفت جو مڪر بنائي، اسان کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ۽ مصروف آهن.

اٿورو خط - رات جا ٣ بجا، تاريخ ١٣ آڪٽوبر.

- حفيظ قريشي.

(۴) [سنڌي]

١٩٦٩ع، سائين!

(١) ڪتابن لاءِ روز ٥ پيرا ماڻهو وڃي ٿو، سوٽي اچي ٿو. سياڻي جو وعدو آهي ته ٥٠٠ ڪاپيون ملنديون.

(٢) ڪراچيءَ واري شيءِ ڪانه ملي.

(٣) ست شاگرد گرفتار ٿيا آهن. مسعود پيرزادو محاذ مولويءَ جو،

هير نورائي،نورائيءَ جو پاڻ،مير ليهو، مهر حسين شاه، ڏوليق صديقيءَ جو پٽ، عبدالحي پليجو. صفي منشي. انهن جي ڪوشش ۽ آهيون.
۱۳: فقير حيسبائي درگاهه وارا "لعنت يحيٰ" جي نعرن ۽ گرفتار ٿيا آهن.
- نيازمند حفيظ قريشي

(٦)

۹-۹-۷۳ ع. مڪرمي ۽ محترمي عاليجناب حضرت قبلا شاهه صاحب!
السلام عليڪم - اگرچ اوهان سان جسماني طرح ڪيترن هفتن کان ملاقات ميسر ڪانه ٿي سگهي آهي، قلبي ۽ روحاني طرح هر وقت اوهان جي حاضري ۽ احساس موجودگيءَ کان فيضياب رهان ٿو ۽ اوهان جي ڏکهي نظربنديءَ تي بلا احتجاج خاموشيءَ تي شرمسار آهيان. سنڌ تي آيل نئين ابتلا ۽ اگرچه مايوس ڪاهيان، مگر محمصي (مونجهه) ۽ گرفتار آهيان ۽ اهڙن موقعن تي هميشه اوهان جي رهنمائي، قلب جي ڪوماڻ کي دور ڪرڻ ۽ مدد ڪندي آهي.
سنڌ جا سياسي ۽ معروف نوجوان خبر ناهي ته ڇو مون سان ملاقات ۽ ڪوڙ ڏا ڪن. ته خبر پوي ته ڇا ڏا ڪريون. هڪڙي خبر آهي ته سنڌ دشمن گروپ جا روپوش بزدل پگهاردار بدمعاش سنڌ جي پنهنجن نوجوانن، جيڪي اسان جو سرمايو آهن، تي قريب قريب سوار آهن. جنهن ۽ مدد عليءَ جهڙا ۽ ملوث نظر اچن ٿا.

ساڻين سلامت ڇوڙا
- طالب دعا حفيظ قريشي.

(۲۲)

مسٹر سوپو گيانچنداڻي

هيءُ لاڑڪاڻي ضلعي جو قومي ڪارڪن آهي، قوم‌پرست ۽ ڪميونسٽ خيالن جو صاحب آهي. سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ بيان ڪري آيو آهيان. پوءِ ڏينهن ڏينهڪ لٽو لڳي. سندس ڪجهه خط "اڄ پڙ چڪيم چاڪ" ۾ به ڏنا اٿر ۽ ڪي هتي ڏيان ٿو.

(۱)

پنڊي، ۹ اپريل ۱۹۶۶ع.

پيارا شاه صاحب، مسٽر صاحب خان چنو روبرو پنهنجو مسئلو پيش ڪندو. هن کي تڪليف آهي، مهرباني ڪري سندس مدد ڪندا.

ـ اوهان جو وفادار، سوپو گيانچنداڻي.

(۲) [سنڌي]

لاڑڪاڻو، ۲۰ آڪٽوبر ۱۹۶۹ع.

محترم شاهه صاحب! موڪلاڻ وقت مسٽر تيرٿداس جي باري ۾ عرض ڪيو هوم تہ هن جو ڪم ڪونہ ٿيو آهي. مهرباني ڪري ڪيس جيتري مدد ٿي سگهي ڪندا. امداد شاهه کي ٿي پارت ڪجو تہ سندس ڪم ڇوڙو ڪري ڏٺي تہ ڇڏو. ويچارو گهڻي وقت کان بيڪار وينو آهي.

ـ توهان جو، سوپو گيانچنداڻي.

(۳) [سنڌي]

لاڑڪاڻو، ۱۳-۲-۱۹۷۱ع. محترم شاهه صاحب! خوش هجو شال!

ڪاڇا توهان لاءِ راءِ صاحب منگهرمل ڪلياڻ مان موڪليا آهن، سي موڪلجن ٿا. راءِ صاحب اهو نہ ٻاهو ڪيو آهي تہ

سندس جاءِ ۽ توهان جو ڪمرو اڃا تائين توهان جي انتظار ۾ آهي.

راءِ صاحب خاص ڪمزور ٿي ويو آهي.

سان "بولي ڪنوينشن" تي پاڻ اچڻ جو پروگرام رڏيو هو، پر حالتون اهڙيون آهن، جو منهنجو نہ اچڻ ئي بهتر ٿو لڳي.

سلام سڀني دوستن لاءِ.

- پيارن سان، اوهان جو نيازمند، سوپو گيانچنداڻي.

[سنڌي] (۴)

لاڑڪاڻو، ۲۹-۴-۱۹۷۱ع.

محترم شاهه صاحب! توهان کي ورڻ ۾ هڪ دفعو تڪليف ڏيئي رهيو آهيان. سڏاسي کي بيڪار رهندي هڪ سال ٿي ويو آهي. واپڊا مرڪز وٽ آهي. ۽ سنڌ ۽ سواءِ يونيورسٽي يا پالٽيڪنڪس ٻئي ڪنهن هنڌ اليڪٽريڪل انجنيئرن لاءِ گهرج ڪانهي. ان ڪري توهان محسوس ڪندا هوندا تہ هن لاءِ ۾ خاصو ڏکيو مسئلو آهي.

مهرباني ڪري توهان پنهنجي وس آهر سندس مدد ڪندا.

اميد تہ توهان خوش هوندا.

- اوهان جو نيازمند سوپو گيانچنداڻي.

(۲۳)

مسٽر غلام علي الانا

هيءَ آغاخاني خوجن جي قبيلي مان ڪراچيءَ جو ويٺل ۽ اعليٰ قابليت ۽ لياقت جو مالڪ آهي. پاڻ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جي ميمبر ۽ سندس گهر واري سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر رهي چڪا آهن. ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو ميئر ۽ اقوام متحده جي ڪيترين ئي ڪاميٽين جو نمائندو ۽ چيئرمن ٿي رهيو آهي. اعليٰ پايي جو شاعر ۽ اديب آهي.

سائس منهنجا تعلقات ۱۹۳۵ع کان ولي قائم ٿيا، جي اڄا تائين هلندا اچن ٿا. سندس زندگيءَ جو ڪجهه احوال "اڄ ٻڌ چڪبر جاڪ" ۾ ٻڌ ڏنو اٿم. سون ڏاڻهن سندس نڪيل عطن مان ڪجهه "اڄ ٻڌ چڪبر جاڪ" ۾ ڏنا اٿم ۽ ڪجهه هتي پيش ڪريان ٿو. اتي اديب ۽ شاعر جي حيثيت ۾ ڏنا هئم ۽ هتي سياستدان جي حيثيت ۾ ڏيان ٿو.

سندس فرزند پيار علي الانا، پيءَ جي دور حڪومت ۾ سنڌ جو وزير تعليم رهيو ــ" سنڌ صدين کان" سمينار سڏائڻ وارو سندس ڪارنامو سنڌ جي تاريخ ۾ يادگار رهندو.

(۱)

ڪراچي، ۳۱- آڪٽوبر ۱۹۳۸ع.

پيارا شاهه صاحب! آءٌ چگيءَ ۾ جاڻان ٿو ته اوهان سن جي روشن فضا ۾ وڃي آرام حاصل ڪيو آهي. آءٌ پنهنجي ياران اوهان جي خود تخليق بهشتي ماحول ۾ داخل ڏيڻ کي گناهه سمجهان ٿو. ڀلڪ تمنائن ۽ دوستيءَ وارو هيءَ خط سياسي مشن سان ٻڌ ٻه آهي. آءٌ سچ پچ محسوس ٿو ڪريان ته هيءَ خط اوهان جي سڪون کي ضرور ڦٽائيندو. ڪڏوڪڏ آءٌ سمجهان ٿو ته اوهان پنهنجو ٻاڻ ۽ ڳو ڪي، فطرت جي مشاهدي ۽ سير هوندو ۽ سياسي جهيڙن جي ڪوڙ هور ۽ سنڌ پرست سياستدانن جي ڏڪ ڏوڙ کان ڀري هوندو. سون کي اميد ته سڀ ڪنڊا ٻو هيءَ خط اوهان جي ان پرسڪون ماحول ۾ رلڊ وجهندو.

آءٌ سچ پچ ڪهڙو نه بي مقصد خط لکي رهيو آهيان. سون اها ڳالهه نه لکڻ واري پڻي. ته روايتي طور اوهان کان خوش خيرعافيت پڇان. ۽ اوهان وٽ انهن رواجي ڳالهين جي اهميت ڪار هوندي. تنهنڪري سون جاڻي واڻي ان طرف ڪو ڏيان ڪونه ڏنو. جو اوهان ان ڳالهه ڪن ڪوڙو ڪوڙو بلند آهيو.

ڇڏو، هاڻي آءٌ پنهنجي اصل مقصد تي اچان ٿو.

اوهان ضرور ۲۹ آڪٽوبر جي ڊيلي گزيٽ ۽ ڪاسرپد راشديءَ جو مضمون پڙهيو هوندو. جيتوڻيڪ اهو سر هارون جي نالي سان لکيل هو، پر اسان کان اها ڳالهه لکي نه ٿي سگهي ته اصل ليکڪ ڪير آهي. ان ڪوبه ڇڻي سگهيو آهي ته راشدي تجويزون ڏني ٿو ۽ هارون رد ڪري ٿو. ليڪ اهو مضمون پڙهي، آءٌ راشديءَ وٽ ويس هن قبول ڪيو ته گول ميز ڪانفرنس جو خيال هن جو هو، ۽ هن چيو ته هو ان باري ۾ بلڪل سنجيدو آهي. منهنجي ذهن ۾ ٻڙ هڪ رٽ هئي. ان ڳالهه جي خاطري ڪرڻ بعد سون راشديءَ اڳيان پنهنجي رٽ کولي رکي.

آءٌ محسوس ڪريان ٿو ته گول ميز ڪانفرنس جي ڳالهه هڪ مضمون ۽ ڪرڻ سان ڪو ڪڙ تيل کوڙ نڪرندو، ۽ ان کي ڪا اهميت (Response) کونه ملندو. سون کي ڇڻيءَ طرح اوهان جي هنڊن کي (ليگ ڪانفرنس کان ٿورو اڳ ڪيل) اپيل جو نتيجو ياد آهي. سو رڳو مضمون لکڻ کان وڌيڪ ڪجهه ڪرڻو پوندو. ان ڳالهه کان ڪوبه انڪار ڪري نٿو سگهي ته اسان جي صوبي جو ماحول جانبوار هوا سبب اڳيئي خراب ٿيل آهي. تنهنڪري ٻنهي جاتين جي باشعور ماڻهن جو فرض آهي ته اهي ان ڳالهه جو ثبوت ڏين ته اهي فرقيوار نفرت ۽ بدمزگي نه ڦهلائيندا. آءٌ ان راءِ جو آهيان ته پهل اوهان کي ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اهو نقطو صحيح آهي ته پوءِ سوال اٿندو ته ڪيئن ۽ ڪڏهن ڪجي؟ ان لاءِ به اسان کي نماڻ هڪ سونهري موقعو ملي رهيو آهي، جو رمضان جي عيد ٻڌان آهي. ان موقعي تي ڪراچيءَ ۾ لنچ، ڊانهر يا ڊنر پارٽي، مسلمان ميمبرن طرفان ڏيئ گهرجي، ۽ ان جي شروعات به اوهان کي ٿي ڪرڻ گهرجي. گذريل سال، توکي ياد هوندو ته سر غلام حسين رمضان جي عيد تي هڪ ڊانهر پارٽيءَ جو بندوبست ڪيو هئو، جتي سوين غير مسلمن کي به دعوت ڏيئي گهرايو ويو هو. پر جنهن صورت ۾ هيءَ لنچ، ڊانهر يا ڊنر پارٽي، هڪ خاص

گول ميز ڪانفرنس واري مقصد لاءِ ڪرائڻ جو ارادو آهي، تہ
اتي روبرو ويهي محبت واري ماحول ۾ ان بدمزگيءَ کي دور ڪجي.

راشديءَ مون واري تجويز خوشيان قبول ڪئي آهي، ۽ مون
کي چيو آهي تہ توکي لکان تہ هيءَ پڻ ان ۾ شامل راءِ آهي،
ان موقعي ۽ اڃا ڪهڙو وقت آهي، ۽ تون واسطيدار ماڻهن سان
لکپڑهہ ڪري سگهين ٿو. پر ان سڄيءَ ڳالهہ جو دارومدار تنهنجيءَ
قبوليت تي ٿي آهي. جيڪڏهن تون ان سان متفق آهين تہ مون کي
هڪدم لِک تہ جيئن آءٌ راهديءَ کي اطلاع ڏيئي سگهان تہ مسٽر
جي. ايم. سيد ان ۽ راضي آهي ۽ رمضان جي عيد تي هڪ عيد
ملن پارٽيءَ جو انتظام ڪري رهيو آهي. ان کان اڳ سنڌ جي
سياستدانن کي گول ميز ڪانفرنس ۾ شامل ٿي بهتر سمجهوتي تي
اچڻ لاءِ راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي.

هيءَ تجويز جو مختصر خاڪو آهي، اوهان ان کي پيو روپ
ڏيئي سگهو ٿا. پر اسان کي احساس آهي تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ
ضرور ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شڪ ڦٻهن ۽ مايوسين جا ڪڪر
هٽي وڃن. مون پنهنجي رٽ اوهان جي اڳيان رکي، هاڻي اوهان
جي مرضي تہ ان کي قبول ڪريو يا نہ؟

ازانسواءِ هڪ پيو مسئلو ۽ آهي جنهن طرف اوهان کي متوجهہ
ڪرائڻ گهران ٿو. اوهان کي ياد هوندو تہ بيسنٽ پوليٽيڪل ڪلب
جي لنچ جي موقعي تي مون اوهان جي ڪن تجويزن خلاف ڳالهايو
هو. جيتوڻيڪ مون اوهان جي نالي کڻڻ کان گريز ڪئي هئي. مون
هدن اندر تقرير ڪئي هئي چاڪاڻ تہ جيڪڏهن مون اوهان جي
ناپسنديدگيءَ جي ڄاڻ هجي ها تہ ان معاملي ۾ ضرور اوهان سان
صلوت ۽ ڳالهايان ها. تاهم، مون پاڻ کي ان لائق بنائي ڇڏيو آهي
تہ آءٌ اوهان جي دوستيءَ جو مستحق آهيان، تنهنڪري مون سوچيو
تہ ان کان اڳ جو آءٌ پبلڪلي اوهان جي مخالفت جو نشانو
بنجان، اوهان سان ملي اوهان جون غلط فهميون دور ڪريان. مون
کي اوهان جي شرافت ۽ اعتماد آهي. ۽ اُميد اٿم تہ جيڪڏهن ڪا

غلط فهمي هوندي ته به اها دور ٿي ويندي.

آءٌ جڏهن لکڻ ويهندو آهيان ته بس ٿي نه ڪندو آهيان. جڏهن ٽائيپ ٿي اوهان کي خط لکڻ ويٺس ته سوچيم ته جو ڪجهه اوهان کي چوڻو آهي سو هڪ صفحي ۾ ٿي لکي وڃندس، پر ٽيون صفحو پيو هليو ۽ آءٌ اڃان ڏکهو ۽ بي ذوق خط لکي اوهان کي تڪليف پيو ڏيان. آءٌ اوهان کي بڪ سان ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته مون ڏکهو خط ان ڪري نه لکيو آهي ته مون کي گهڻو ڪجهه لکڻو آهي، پر صاف‌دليءَ جو اظهار ڪرڻ ضروري ڄاڻان ٿو، ته ڏکهو خط لکي اوهان جي هر سکون کيفيت ۾ دخل ڏيڻ نٿو چاهيان.

ــ سلامن سان، تنهنجو وفادار جي. الانا.

ق. ت. جيئن ٿي خط لکي پورو ڪيم ته ڪنهن مالهوءَ اچي ٻڌايو ته اچوڪيءَ "ٽريبون لاهور" ۾ اوهان خلاف هڪ ڏاڪيدار مضمون ڇپيو آهي، آءٌ ان جي ڪٽنگ اوهان کي بڪ پوسٽ ڪري موڪليان ٿو ۽ ڪڏوڪڏ پنهنجو اسلام ته‌ي لکيل هڪ ڪتاب به موڪليان ٿو. جيتوڻيڪ آءٌ اسلام جو ايڏو ڄاڻو نه آهيان، ۽ اوهان مون کان وڌيڪ اسلام بابت ڄاڻ رکو ٿا، تڏهن به ڪتاب موڪليان ٿو، جو اميد ته پڙهندا.

*(۲)

ڪراچي، ۱۵-۲-۱۹۳۸ع.

پيارا شاه صاحب، افسوس آهي ته اوهان سان ڪراچي ڇڏڻ کان اڳ ملاقات نه ٿي سگهي. ڪيترا اهم معاملا ٿي گذريا آهن، ۽ بوس (چندربوس) اوهان کي ڏسڻ لاءِ منتظر هو، جنهن جو پتو اوهان کي سندس ڪيل تار مان پيو هوندو. سون کي معتبر ذريعن وٽان معلوم ٿيو آهي ته ڪانگريس "ڪوليشن" جي خلاف نه آهي. ان سلسلي ۾ اهي اوهان کي وڏي وزير جي جڳهه آڇڻ لاءِ تيار آهن. البت الهه بخش کي ڪنهن به صورت ۾ ڇڏڻ لاءِ راضي نه آهن. سون کي اها به خبر پئي آهي ته سر غلام حسين به ڪانگريس

جي مڪي ميمبرن کي اهڙي تجويز سوڪاري آهي. تفصيل روبرو ٻڌائيندس. اهو چوڻ ئي ڪافي آهي تہ ڪانگريس جي حلقن ۾ اها چرپر جاري آهي، ۽ اينڊرڙ جند ڏهڻا گهڻن ڳالهين جا امڪان پيدا ڪري سگهن ٿا.

اهڙيءَ صورتحال ۾ منهنجي سمجهہ موجب اوهان جو هتي هڻ اسان لاءِ نهايت ضروري آهي. مون کي اميد آهي تہ ترت جواب موڪلينڊا تہ اوهان ڪراچيءَ ڪڏهن پها اچو.

ـ سلامن ۽ نيڪ تمنائن سان، اوهان جو مخلص، جي ـ الانا.

٥(٣

ڪراچي، ۱ مئي ۱۹۳۵ع. پيارا سيد، اوهان جي خط لاءِ مهرباني. ان ڳالهہ معلوم ڪئي ٿو تہ اوهان سنڌي مسلمانن جي اتحاد لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکيو اچو ٿا. ان ڏس ۾ مون کي ب ڀاڪ سان گڏ سمجهو اوهان جي خط پهچڻ کان اڳ، مون پنهنجي پر ۽ اوهان، يوسف ۽ محمود جي وچ ۾ سمجهوتي ڪرائڻ لاءِ ميدان هموار ڪرڻ جي ڪوشش ٻڌي ڪئي آهي. مون سائن ڳالهايو آهي ۽ جڏهن اوهان ڪراچيءَ اينداتہ ان بنسبت روبرو ڳالهہ پوليہ ڪجي.

آءٌ سمجهان ٿو تہ اسان جي صوبي جو سياسي ماحول بگڙي ويو آهي. هرڪو اقتدار جي نقطہ نگاہ کان ڳالهائي ٿو. هرڪو سياسي ميدان ۽ پنهنجي جاءِ والار لاءِ ڀاڪ پتوڙي رهيو آهي. جنهن ڪري ڏي شخصي عناد، رنجشون وڌن ٿا ۽ سياسي ۽ نظرياتي اختلاف پيدا ٿين ٿا. وڌا ماڻهو پاڻ ۽ اقتدار لاءِ وڙهي رهيا آهن، ۽ غريب عوام جن جا پاڻ کي نمائندا سڏائين ٿا ــ سندن لٽڙ ۽ ڇڇي رهيو آهي، ۽ هي سمجهن ٿا تہ ڪو وڏو مقصد حاصل ڪري رهيا آهن. اهڙي ماحول ۽ مون جهڙو ماڻهو جڏهن سن مان ٻڌيءَ ۽ صلح جو آواز بلند ڪيندو ٻڌي ٿو تہ ضرور خوشي ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ تہ آءٌ محسوس ڪريان ٿو تہ اوهان ۽ مون جيان اتحاد لاءِ موقعا فراهم ڪري

سکهو لا. پيءَ صورت ۽ اسان بر ڪنهن شاعر جي لفظن ۽ اڻين آهيون ته "اهي ڀل خدمت ڪري رهيا آهن، پيڪي مضبوط بيٺا آهن ۽ انتظار ۽ آهن."

مسز الانا اوهان جي چڱيلائيءَ جي متمني آهي ۽ اوهان جي گهر وارن لاءِ سلام چوي ٿي.

سنڌ اوهان جي صحيح رهنمائيءَ لاءِ آسائتي آهي. خدا ڪل اوهان کي پوري طاقت ۽ سمجهه عطا ڪري ته جيئن غريب عوام جي اميدن تي پورا لهي سگهو.

ـ نيڪ تمنائن سان، اوهان جو مخلص، جي. الانا.

(۲۴)

مسٽر درگداس آڏواڻي

مسٽر درگداس آڏواڻي، حيدرآباد سنڌ جي آڏواڻي ڪٽنبي جو سڳيو ماڻهو هو. ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو اڪثر ميمبر چونڊيو آيو. ڪانگريس ۽ چڱو حصو ورتائين. وڏي لاڳاپي ۽ اثر وارو صاحب هو. ڪراچيءَ ۽ رهڻ وقت هن جا مون سان تعلقات قائم ٿيا ۽ خط و ڪتابت جاري رهي. سندس هڪ خط نموني طور پيش ڪريان ٿو.

[سنڌي] (۱)

ڪراچي، ۱۹۳۳ع، پيارا شاهه صاحب! اوهان جو خط پهتو. مهرباني.

(۲) اوهان جي خواهش موجب، مون ايڊورٽائيزمينٽ لاءِ حڪم ڪيو آهي.

(۳) آءٌ اوهان جو نهايت ڊوائتو ٿيندس، جيڪڏهن اوهان مون کي سنڌ جي مختلف شهرن (حيدرآباد، نواب شاهه، ميرپورخاص، روهڙي، سکر، جيڪب‌آباد، شڪارپور، لاڙڪاڻي ۽ دادو) جي اهم

ماڻهن جي لسٽ موڪليندا، جن کي هڪ غير فرقيوار جماعت ناهڻ جي سلسلي ۾ ملي ۽ لکي سگهجي.

اوهان کي خبر هوندي ته، اسان حال ئي ۾ الحال صلاح مشوري لاءِ هڪ ڪڏهائي ڪوٺائي هئي، پر ڪراچيءَ مان اوهان جي غير موجودگيءَ سبب اسان کي اوهان جي صلاحن جو فائدو حاصل ٿي نه سگهيو. سون کي اميد آهي ته اوهان آگسٽ ۾ اينڊرسن ۽ شريف ٽي، هڪ ڪڏهائيءَ جو سوقعو ڏيندا. مهرباني ڪري اهم ماڻهن جا نالا موڪليندا.

ـ سلامن سان، اوهان جو، درگداس، بي. آڏواڻي.

(۲۵)

مسٽر سنتداس منگهارام ايڊووڪيٽ

سنتداس منگهارام حيدرآباد شهر جو "ليڊنگ لائير" (وڪيل) هو. ڏياسائست خيالن جو صاحب هو، رئيس غلام محمد خان پرڳڙيءَ جي خاص دوستن مان هو، مرزا قليچ بيگ ۽ جملي پرسرام سان سڀا ناتا قائم هئس. ميران محمد شاهه ابتدا ۾ جڏهن وڪالت شروع ڪئي ته هن جو جونيئر ٿي رهيو هو. هيءُ صلح پسند، غير متعصب ۽ يارويس ماڻهو هو پاڪستان ٿيڻ کان اڳي وفات ڪمائين. جنهن صورت ۾ هي انهن ماڻهن مان هو، جن باوجود هندن جي مخالفت جي بمبئيءَ کان سنڌ جي جدائيءَ لاءِ جيٺمل پرسرام ۽ جمشيد مهتا سان گڏجي ڪم ڪيو هو. ۽ منهنجو پڻ مذڪور گروه سان لاڳاپو هو، ان ڪري هن سان به تعلقات قائم رهيا. سندس هڪ خط يادگيريءَ طور ڏيان ٿو.

حيدرآباد سنڌ ۽ جولاءِ ۱۹۳۱ع.

پيارا دوست! وقت اڳي ويو آهي ته سنڌ جا سڀئي خيرخواه

دگرگون آهن. سڀاڻو واءُ الائي ڪڏهن لڳندو؟

جيڪب‌آباد ضلعي ۽ شهر ۽ ڪم جيڪر تمام گهڻو زور ولي، پر افسوس جو بنده جون ذاتي پريشانيون اڃا بدستور اثرانداز ٿي رهيون آهن. منهنجا حالات جيستائين نه سڌرندا، تيسين تائين هن ضلعي ۽ اعليٰ پاران تي يا چڱي صحيح معنيٰ ۾ ڪم هلي نه سگهندو. هيءَ ڪا خودنمائي يا پنهنجي منهن ميان مٺو بنجڻ نه سمجهندا، پر هيءَ حقيقت آهي ته ڪم از ڪم هن ضلعي ۽ فدويءَ جهڙو سر ڏڻ جي بازي لڳائڻ وارو ٻيو ڪوبه ڪارڪن اوهان کي نه ملندو ــــ جو پنهنجو سمورو وقت قومي خدمت جي لکڻ ۽ ڏيڻ سکهي يا وري بنده جيتري نيازمندي ٻئي ڪنهن دوست کي حاصل آهي، جنهن جي ذريعي تحريڪ کي اهو فروغ ۽ تقويت حاصل ٿي سگهندي، جنهن جي هوءَ سچ پچ اڃوڪن حالتن موجب حقدار آهي.

بندو، ۱۹۲۸ع کان، جڏهن عمر ۱۲ ورهيه هئي، سائمن ڪميشن جي بائيڪاٽ جي تحريڪ کان پنهنجي قومي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي آهي. تڏهن چوٿون درجو انگريزي پڙهندو هئس. ۱۹۳۲ع جي ڪانگريس هلچل ۽ جڏهن آءٌ پهريون دفعو جيل ۽ ويو هئس تڏهن منهنجي عمر ۱۶ ورهيه هئي. ۱۵ ورهين جي عمر ۽ آءٌ سابرمتي آشرم ۽ گانڌي مهراج سان وڃي گڏ رهيو هوس. گويا هن لحاظ کان مون کي ملڪ جي آزاديءَ جي تحريڪ ۽ ذري‌گهٽ ۳ ورهيه ٿيا آهن. هن هيڏي ساري عرصي ۽ مون اڄ تائين سواءِ تباهيءَ ۽ برباديءَ جي ڪابه سکون جي گهڙي ڪانه ڏٺي آهي. مان ملڪيت، صحت، جواني، مطلب ته هر شيءِ پنهنجي مقصد ۽ مشن لاءِ قربان ڪرڻ کان پوءِ خيالات جي اختلاف ڪري پنهنجو گهرو آرام به قربان ڪري چڏيو ۽ ايتريقدر جو گهر واريءَ جي وڃڻ بعد منهنجون گهرو پريشانيون ٻارن جي پريشانيءَ ڪري اڃا به خراب ٿي ويٿون. ڏنڊو، پريس، اخبار، مطلب ته هر شعبهءِ زندگيءَ تي اثرو ته اثر ٻيو آهي، جو منهنجي مقابلي ۽ جيڪڏهن ڪو

ٻاڻ ۽ ملي، بحث مباحثي بعد ڪي طريقا سوچي، سنڌ جي جدائيءَ بابت ڪنهن سمجهوتي تي متفق ڏين.

فيصلو ڪيو ويو آهي تہ مختلف خيال دوستن ۽ مختلف جاتين جي نمائندن جي هڪ ڪانفرنس، ۱۴ جولاءِ ۱۹۳۱ع تي ۵-۳۰ بجي، حيدرآباد ۽ منهنجي آفيس ۽ ڪوٺائي وڃي. اوهان کي عرض ڪجي ٿو تہ مٿين مسئلي بابت صلاح مشوري ڪرڻ لاءِ مهرباني ۽ ضرور تڪليف ڪندا.

- اوهان جا خيرخواهه، سنتداس منڪهاراڻ، ميران محمد شاهه، شيخ عبدالمجيد، عبدالجبار، چوٿرام پرتابراءِ ۽ ڪي. ٻيا.

(۲۶)

ڪامريڊ برڪت علي زاد

ڪامريڊ برڪت علي آزاد گهڻي وقت کان ولي سنڌ ۽ ڪانگريس تحريڪ ۽ ڪم ڪندو رهيو ۽ جيڪب‌آباد ۽ جاءِ رهائش اختيار ڪيائين. هاري تحريڪ ۽ خاص حصو ورتائين. سنڌ ليڪ ۽ پرجوش قومي ڪارڪن ٻڌي رهيو آهي. مون سان سندس واقفيت هاري ڪانفرنسءَ ۽ ڪم ڪرڻ جي وقت کان ٿي، جا اڄا هلندي اچي. سندس زندگيءَ جو ڪجهه احوال "اڄ ڪهڙ ڇڪير ڇاڪ" ڪتاب ۽ به ڏنو اٿم. هڪ طرف جيڪڏهن هي سٽن صحافين، اديبن ۽ شاعرن جي لسٽ ۽ داخل آهي، تہ ٻئي طرف هن کي سنڌ جي قومي ڪارڪنن ۽ سياستدانن جي صف ۽ به شمار ڪرڻ کان رهي نٿا سگهون. سندس ڪجهه خط "اڄ ڪهڙ ڇڪير ڇاڪ" ۽ ڏنا اٿم ۽ هڪ هٿي ڏيان ٿو.

ڪئمپ، حيدرآباد، ۲-۴-۱۹۵۷ع. [سنڌي]

جناب حضرت شاهه صاحب قبلا! دام لطفه، السلام عليڪم. اميد تہ اوهان هر طرح بعافيت هوندا. ملڪي حالات ڏينهون ڏينهن

ٻيو ماڻهو هجي ها، ته ڪڏهن جو ٻيءَ دنيا ۾ وڃي پهچي ها.

سون اڃا به حوصلو نه هاريو آهي ۽ نه پنهنجي زندگيءَ جي مقصد کان منهن موڙيو آهي. پر افسوس، پنهنجي سنڪٽ ۾ رفيقن ۽ ڪوبه ڪونهي جو مصيبت ۾ منهنجي مدد ۽ دستگيري ڪري. سون اوهان کي پنهنجو مختصر احوال ڪيو هو ته آءٌ ٻارن جي ڪري سخت پريشان آهيان ۽ رڳو ٻي شادي ئي ان جو صحيح حل آهي. اوهان دلجاءَ ڏني پر افسوس جڳيءَ طرح سان ڪجهه ڪونه ڪيو. هتي حيدرآباد ۾ هڪ ٻن ڏينهن کان ڪنهن دوست جي سڏ تي آيو هئس، جنهن شاديءَ جي باري ۾ هتي هڪ هنڌ ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي. پر افسوس جو هر هنڌ منهنجي هٽ سان ڳنهيل سڃاڻي ئي آڏو اچي رهي آهي. سون اوهان کي لاهور خواه ڪراچيءَ ۾ روبرو عرض ڪيو هو ته ڪوئيٽا ۾ سون کي هڪ بهتر، بهادر ۽ بيباڪ زندگيءَ جو ساٿي ملي رهيو آهي، جنهن سان روبرو گفتگو ئي چڪي آهي، پر معاملو هتي جي ڪن خاص حالتن جي ڪري ٻن هزارن روپين جو آهي. جنهن لاءِ اوهان وعدو ڪيو هو ته اوهين ضرور هنن پئسن جو بلو ڪندا. ٻن هزارن مان ۾ سون اوهان کي ڇهو هو ته ۵۰۰ روپيا هڪ دوست ڏيڻا ڪيا آهن، باقي ڏيڍ هزار جو انتظام ئي ٻوي ته جيڪر منهنجون سموريون پريشانيون ختم ئي وڃن. هڪ بهترين دلپسند رفيق زندگي ملڻ سان منهنجون گهريلو حالتون گهٽي قدر سڌري پونديون ۽ آءٌ ٻارن وغيره جي ڳڻتيءَ کان به جيڪر آجو ٿي، پنهنجو سمورو ڌيان قومي خدمت جي ڪمن ڏانهن ڏيئي سگهان. آءٌ ٻار ٻار پنهنجي سرڪن خواه دوستن کي ليلائڻ جو قائل نه آهيان. تڏهن به توهان کي هڪ دفعو وري لکڻ لاءِ مجبور ٿيو آهيان. جيڪڏهن ڪو بلو ڪري سگهو ته ڪجهه ڪريو، ورنه سون کي صفا جواب ڏيئي ڇڏيو. جيئن آءٌ اوهان کي وري ڪڏهن به پريشان نه ڪريان ۽ نه پاڻ ڏي وڌيڪ پريشان ٿيان.

قبلا شيخ صاحب جيڪڏهن توجهه فرمائي ته هو ٻڻ منهنجي

ڪافي مدد يا رهنمائي ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن ٻئسا ڪجهه جا قائل نه آهيو، تہ ٻوءِ ڪراچيءَ ۾ يا ٻئي ڪنهن هنڌ منهنجو ڪو بلو ڪريو، ورنہ منهنجي پسند موجب شادي ڪرڻ لاءِ سون کي فقط ڏيڍ هزار روپيا کڻان بہ هٽ ڪري ڏيو. منهنجي پريشانين ڪري جيڪو ڪم کي نقصان رسي رهيو آهي، سو ڏيڍ هزار روپين جي مقابلي ۾ تمام گهٽو آهي.

تڙ تڪڙ ۾ پريشانيءَ جي حالت ۾ چند جملا روانا ڪيا اٿم، ممڪن آهي اڃا بہ ڪو نتيجو نڪري اچي. اميد تہ پوري غور ۽ ويچار کان پوءِ آخري (Final) جواب ڏيندا.

هن خط جو احوال اوهان تائين ۽ جناب قبلا شيخ صاحب تائين محدود رهي تہ چڱو.

- زياده خير والسلام، فقط عقيدتمند برڪت آزاد.

(۲۷)

سيد شاهنواز شاهہ شڪرالاهي

هيءَ شاهہ صاحب، لٽي شهر جي شڪرالاهي پاڙي جو سادات هو. سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ڪتاب ۾ ڏنو اٿم. ان ڪري زياده ڏهرائڻ مناسب نہ ٿيندو. سائس منهنجي واقفيت ۱۹۲۶ع کان ٿي، جا آخر تائين هلندي آئي. هيءَ ڪجهہ وقت ڪراچي ڊسٽرڪٽ اسڪولبورڊ جو چيئرمن بہ رهيو. پڇاڙيءَ جو درويشي زندگي گذارڻ لڳو. سندس ننڍو پاءُ سيد جان علي شاهہ بہ چڱو ڪارڪن هو، پاءُ وانگر پراڻا تعلقات تاحيات برقرار رکيو آيو.

سيد شاهنواز شاهہ جا ٻي خط يادگيري تازي ڪرڻ لاءِ هيٺ ڏجن ٿا.

[سنڌي] (۱)

۱۱ آڪٽوبر ۱۹۲۶ع

مشفق مڪرم معظم محترم جناب شاهه صاحب دائم اقباله!

السلام عليڪم. عرض ته هت سڀ خير آهي. اميد ته اوهان صاحبن ڏانهن به هر طرح خيريت هوندي.

اوهان صاحبن جي چوڻ موجب سيد محمد ڪامل شاهه صاحب جن جي الڪشن جو ڪم ڪار هتي ٿوڙي ڏٺي ۽ جاري رکيو ويو آهي ۽ سڀئي دوست خيرخواه انهيءَ ۽ مشغول آهن. انشاء الله تعالي شاهه صاحب موصوف کي فتح يابي حاصل ٿيندي.

۲- جناب سيٺ حاجي عبدالله هارون صاحب جن جي اسيمبليءَ ۽ اميدوار بيهڻ جو ڪم به بلڪل زور شور سان هلي رهيو آهي. سڄيءَ سنڌ ۽ ٽوڙي هتي جناب سيٺ صاحب جن جي ڀيرائي ڪرڻ لاءِ پنهنجي سڄي سنگت ڪم ڪري رهي آهي ۽ جيتوڻيڪ اسان سڀني کي بخوبي خبر آهي ته صاحب جن به سيٺ صاحب جن جا مددگار آهن ۽ اهڙا اعلان به ڪري چڪا آهيو، جن جي لاءِ خود سيٺ صاحب موصوف به قبولدار آهي، مگر تنهن هوندي به اميد رکي هيءَ ڪاغذ يادگيريءَ لاءِ وري به عرض رکجي ٿو ته جيترپقدر ٿي سگهي اوترپقدر جناب سيٺ صاحب کي مدد ڏيڻ جي تجويز ڪرڻ فرمائيندا ته مهرباني!

مولوي هاجي پيرمحمد صاحب به الهيءَ باري ۽ توهان صاحبن سان روبرو اچي گفتگو ڪندو. زيتاده خير والسلام. سلام سڄيءَ سنگت جا رسن.

ـ بنده شاهنواز

[سنڌي] (۲)

لڙڪاڻو ۲۱- ڊسمبر ۱۹۳۹ع.

بخدمت جناب برادرم شاهه صاحب، ميان غلام مرتضي شاهه،

سلمه الواهب!

السلام عليڪم- عرض ته نوازشناڻو ٻهتو اڄ. وڏي مهرباني جو هن وقت ٻ ياد ڪيري فرمائي الو. الحمد لله! اوهان جي تندرستيءَ جو ٻڌي خوشي ٿي آهي. برادرم صاحب! الله سائين اوهان جو حامي ۽ نگهبان آهي، جو سڀئي مقصد پورا ڪندو ۽ سيڪنهن ڪم ۾ فتح ياني بخشيندو.

ويجهو ۱۰-۱۵ ڏينهن ۾ ڪراچيءَ وڃڻ ٿيو آهي. ميونسپالٽيءَ جو ڪاروبار هلي ٻيو. جناب حضرت فقير صاحب جن جي دعا ــ لاتقنطو من رحمة الله ــ هن وقت ۾ حضرت يوسف جهڙو درجو پاڻ وارن جي نصيب ۾ آهي.

زياده خيروالسلام، انشاء الله سڀ خير ليندو.

ــ هاڻواز.

[سنڌي] (۴)

لئو، ۱۷ آڪٽوبر ۱۹۵۹ع.

برادرم صاحب دائم اقباله!

السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته. عرض بعد دعائن سلامن جي ته نوازشناڻو ٻهتو. احوال معلوم ٿيو. مهرباني، جو يادگيري فرصت ملڻ وقت فرمائي الو. انهيءَ قرب اوهان صاحبن جي ڪي سون ويهه سال ڪوٺيو. جيڏن اوهان ڪان سياسي ڳالهين ۾ الڳ ٿي ويس، تنهن وقت ڪان وٺي هن وقت تائين الحمدلله، جو اهو (قرب) اوهان ۾ موجود آهي. اوهان جي خط ملڻ ڪان اڳ- ڪيترا دفعا منهنجي مرشد صاحب ۽ سون اوهان لاءِ دعا خير ٿي ڪهري ۽ خط پهچڻ بعد وڌيڪ خيال ٿيو آهي ته هاڻي الله تعاليٰ سندس لطف ڪرم سان اسان فقراءَ جو هڪ وڇڙيل پاڻ سوڻي اسان کي عطا ڪرڻ فرمائي. آمين!

فقراءَ ڪرام دوستي و آشنائي رکي، ورڻي انهن کي وسارڻ يا بيوفائي ڪري نٿا سگهن. اهل بيتن لاءِ ٿي شيون حرام آهن:

(۱) دنيا يا حڪومت جي خوشي، (۲) حڪومت ڪرڻ ـ سواءِ انهيءَ جي جا ان ڪي زوريءَ مڙهي وڃي ۽ ٻوءِ ٻ فقط خداوند ڪريم جا حڪم تعميل ۽ آڻڻا هوندءِ ۽ (۳) روزگار حرام جو رکڻ ۽ وڌائڻ.

حڪومت جو مکيه اصول اسلامي قاعدن جو آهي، جو مالدار رعيت کان پئسا وصول ڪري غريبن مسڪينن تي خرچ ڪرڻ ۽ پنهنجي لاءِ جدا پورهئي مان گذران اختيار ڪرڻ. بلڪ اڃا ٻ وڌيڪ ته سڀ پنهنجي لاءِ جدا پورهئي مان گذران اختيار ڪرڻ. بلڪ اڃا ٻ وڌيڪ ته سڀ پنهنجو خواه اولاد جو مال ٻ راهِ خدا ۽ صرف ڪري توڪل تي گذران ڪرڻ ۽ مرڻ وقت ڪجهه ٻ دنيوي ذخيرو نه پنهنجي لاءِ نه اولاد لاءِ ڇڏڻ ـ الله‌تعالىٰ اهڙن تي ۽ پوين تي لڪهيل آهي.

اها روش جناب سرور ڪائنات، پنج تن پاڪ ۽ اصحابن جي هئي ۽ ڪن درويش حاڪمن جي.

(۲) شخصي طرح وقتي مسلم خواه غير مسلم حڪومت کي حق خدا جي پلي لاءِ نيڪ مشورو ڏيڻ. پوءِ قبول ٿيو يا نه، ته وري اعتراض ولڻ يا ڳالهه کي وڌائڻ نه گهرجي.

(۳) سڀ کان وڌيڪ حق اهليت تي هيءَ آهي، جو ٻهرين ڀاڻ سڃاڻي ۽ نورالاهي ڪنهن صاحب امانت کان هٿ ڪري جنهن جي روشنائيءَ ۽ دنياوي يا ديني ڪاروبار هلائڻي سکهي ٻنا ڪنهن غلطي ۽ گناهه جي، ۽ ڪهڙي به ڪر ۽ هٿ وجهي ته ياد الاهي ۽ قرب الاهيءَ کان دل هرگز بند نه ڪري. اهڙو دل قرب کان بند ڪرڻ الله تعالىٰ جي نظر ۽ وڏو گناهه آهي، جو قرآن ڪريم ۽ بار بار ٽانڊ آهي.

انهن مختصر خبرن کان سواءِ وڌيڪ هيءَ عرض آهي ته اوهان صاحبن جي دوستن عزيزن ۽ منهنجي نظر ۽ سواءِ ٻن دوستن جي ٻيو دلي خير خواه مشڪل هوندو، جو اوهان جي دين عافيت ۽ دينوي ڳالهين ۽ وڌيڪ خيرخواه هوندو: هڪ هي بندو فقير ۽ ٻيو برادرم حاجي

حسن بخش شاهه صاحب. جيڪڏهن ڪو هجي ته ڪوليو لهندا. جيڪڏهن ملاقات ڪليل هجي ته حاضر آهيون. ڪنداسون.

اسين اميد ٿا ڪريون ۽ دعاگو آهيون ته اوهان صاحبن کي الله تعالي حڪومت وارن جي دل تي نيڪ اثر ڪري رهائي ڪرائيندو. آمين!

ـ زياده خير والسلام، شاهنواز.

(۲۸)

ارباب نورمحمد پليجو

وڏيرو نورمحمد پليجو، ٻني جو ويڙل، ارباب عبدالحي پليجي جو فرزند ۽ سنڌ جي پليجن جو ارباب آهي. سائس منهنجا تعلقات ۱۹۲۹ع کان وٺي قائم رهيا آهن ۽ اڃا بدستور قائم آهن. سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنل آهي. سندس ڪجهه خط "اڄ ٻڌ ڪير چاڪ" ۾ ٻڌش ڪري آيو آهيان، ۽ هڪ خط هن ڪتاب ۾ ڏيان ٿو.

[سنڌي]

ميرپور بٺورو، ۱۱-۲-۱۹۵۳ع.

منهنجا ننا سائين! اوهان جي حڪم موجب بٺوري وڃڻ ٿيو. سيٺ محمد جعفر ۽ پين صاحبن کي عرض ڪيو ويو آهي. انشاء الله گهڻا ماڻهو اچي ويندا ۽ مختلف ماڻهو ملندا.

توهان جي مانيءَ لاءِ سيٺ محمد جعفر جيو، ۽ مون ڇوماڻس ته توهان جي مهرباني، مانيءَ جو انتظام مون رکيو آهي.

هي فقط توهان جي لاءِ اطلاع آهي، متان توهان ڪنهن کي چئي نه وجهو يا ڪنهن جو عرض مڃي نه وجهو.

ـ زياده خير والسلام، اوهان جو نيازمند، نورمحمد پليجو.

(۲۹)

ميرِ جعفر خان جمالي

ميرِ جعفر خان جمالي، جيڪب‌آباد ضلعي جي جمالي خاندان جو اهم ماڻهو ٿي گذريو آهي. سندس اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو. مسلم ليگ ۽ خاص ڪري ورتائين. گهڻيءَ حد تائين آزاد خيال ۽ همٿ وارو قومي ڪارڪن هو. مون سان مسلم ليگ جي وقت کان ولي تعلقات رهيس، جي پڇاڙيءَ سوڌو قائم رهيا. سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ مفصل ڏنل آهي. سندس هڪ خط پيش ڪريان ٿو.

[سنڌي]

جيڪب‌آباد، ۱۲-۱۰-۱۹۴۳ع.

بخدمت عاليشان جناب حضرت غلام مرتضيٰ شاه صاحب، پريزيڊنٽ مسلم ليگ.

بعد گهڻن سلامن نيازن جي عرض ته شاهه صاحب سيد تيمور شاهه خدمت ۾ اچي ٿو. هن واسطي ته شاهه صاحب جا اڻي تمام گهڻا مريد آهن ۽ هي اڻي رهي ڪري ورڪ ڪندو.

اوهان صاحب مهرباني فرمائي ورڪ لاءِ شاهه صاحب کي مقرر ڪندا. هن جو اوهان صاحب هر طرح خيال ڪندا ۽ جيڪي لسٽ موجب ووٽر آدمي آهن، هن کي لسٽ ڏيکاري، جيڪي ووٽر آدمي هن جي مريديءَ ۾ آهن، انهن کي هي شاهه صاحب پاڻ هر طرح پڌل رکندو.

زياده خيريت آهي. اميد ته اوهان صاحب بفضل تعالىٰ خوش و خورم هوندا.

ميان آغا صاحب غلام نبي خان کي مطلع ڪندا.

ـ وڌيڪ خير، ميرِ جعفر خان جمالي، از جيڪب‌آباد.

(٣٠)

ڪانبهادر ولي محمد حسنعلي

ڪانبهادر ولي محمد، حسن علي آفنديءَ جو فرزند هو. سيان حسن علي سنڌ مدرسہ ڪراچيءَ جو باني هو، ۽ هيءُ ٻهرين ان جو پرنسپال ٿي رهيو. سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو اٿم. اديب ۽ عالم جي حيثيت سان سندس ڪجهہ خط "اڄ ٻڌ ڇڪيم ٻاڪ" ڪتاب ۾ ڏيئي آيو آهيان. جنهن صورت ۾ هن سنڌ جي سياست ۾ خاصو حصو ورتو، مرڪزي هند اسيمبلي ۾ سنڌ پاران ميمبر ٿي رهيو، ڪراچي ضلعي اسڪولبورڊ جو چيئرمن ۽ عرصي دراز تائين سنڌ محمدن ايسوسيشن جو جنرل سيڪريٽري رهيو ۽ مون سان خاص لاڀايا هٿس ان ڪري سندس ڪجهہ خط هتي ٻه ڏيان ٿو.

تمام ضروري (٠١)*
تاريخ ١٢ ڊسمبر ١٩٢٥ ع.

جناب عالي! ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ گهڻن صاحبن اڳ ان کي اطلاع نہ ڏنو آهي تہ ١٤ ڊسمبر جناب گورنر صاحب کي ايڊريس ڏيڻ لاءِ حاضر ٿي سگهندا يا نہ تنهنڪري عرض تہ مهرباني ڪري جن ڪن پهچڻ هوءِ اسان کي تار ڪندا تہ ان موجب اسين جيڪي مناسب آڻي سگهندا تن جي ياداشت جناب ڪمشنر صاحب کي موڪليون. اها ياداشت سوءِ تاريخ ١٣ ڊسمبر جي وڃڻ گهرجي.

جيڪڏهن تہ گهڻن مسلمان ميمبرن کي جناب ڪمشنر صاحب مسلمان تعليم ۽ زميندارن اسڪول بنسبت ڪالفرس لاءِ گهراوڻو آهي، جيڪڏهن تہ اڄ ڪالهہ موڪل بعد ڪالهہ کي تمام دير ٿي ويندي تنهنڪري ڪالهہ جو وقت ٻ ڀي مقرر ڪجي ڏيڻو آهي تنهن بابت اطلاع ڏجي.

ـ ولي محمد حسنعلي، جنرل سيڪريٽري، سنڌ محمدن ايسوسيشن، ڪراچي.

(۲)

ڪراچي ۵-۲-۱۹۲۷ع.

پيارا شاهه صاحب! اوهان جو ۲ تاريخ وارو خط مون کي مليو ٿي گذريل رات آهي. شايد ڏير سان پوسٽ ڪيو ويو هو. ان ڪري افسوس سان اظهار ڪرڻو ٿو پوي ته آڳ ۵ تاريخ واري ميٽنگ ۾ اچي نه سگهندس.

ـ اوهان جو مخلص، ولي محمد حسنعلي، چيئرمن، اسڪولبورڊ، ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ، ڪراچي.

(۳) [سنڌي]

ڪراچي ۲۵-۳-۱۹۲۷ع.

جناب شاهه صاحب سلمه!

اوهان صاحبن جو نوازش نامو پهتو. سوال جيڪي اوهان مون کي وڌا آهن سي مشڪل آهن، جي اڄ داخل نه ڪري سگهيا. بهتر آهي ته جڏهن ڪراچي تشريف فرما ٿيو ته انهن بابت مشورو ۽ مباحثو ڪرڻ ۾ اچي. پهريائين ته فيصلو ڪريو ته اينرو ڪنٽراڪ ڪندو، ان سان ڪڙ تيل ڪو نڪرندو؟ جي ٻيو ڪو اوهان سان شامل نه ٿي ته پوء ڪهڙو سود؟ پهريائين ته پڻي کي شامل ڪرڻ جي رٽ ڪرڻ گهرجي.

ـ والسلام، بنده ولي محمد حسنعلي.

(۴)

۲۹-۹-۱۹۳۰ع. پيارا شاهه صاحب! آڳ اوهان سان ملڻ لاء هاڻي آيس، پر اوهان باهر هئا. ڪنهن پڻي وقت اوهان کي ڪال ڪنداس.

اميد ته خوش هوندا.

ـ اوهان جو مخلص، ولي محمد حسنعلي.

(۳۱)

ڪامريڊ غلام محمد لغاري

هيءَ ڪهاڻي ضلعي جي لغاري قبيلي مان، قومي ڪارڪن، باهمت هاري ورڪر ۽ سلجهيل سياستدان آهي. ڪانگريس، هاري ڪاميٽي ۽ نيشنل عوامي پارٽيءَ جو مکيه ڪارڪن لي رهيو آهي. تازو پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿي، پنهنجي شاندار ماضيءَ کي نقصان رسايو آهي. سندس زندگيءَ جو ڪجهه ذڪر ۽ هر هڪ "اڄ ۾ ڇڪيم جاڪ" ۽ ڏنا آهن، ۽ هر هڪ هن ڪتاب ۾ پيش ڪريان ٿو.

(۱)

روزاڻه نئين سنڌ، ميڪلوڊ روڊ، ڪراچي ۵-۸-۱۹۵۸ع.

مڪرمي قبلا شاهه صاحب، سلامت باهند، السلام عليڪم.

عرض ته توهان ته انهيءَ ڏينهن ويو ۽ آءٌ اتان اها چٺي توهان جي ڪٽي، مسٽر ٿهراماڻيءَ کي فون ڪيم. هو صاحب رات تائين هاڪس بي کان نه موٽيو. پٺي ڏينهن هو صاحب حيدرآباد ويو، جتان سڀاڻي شام شايد موٽي. آءٌ چئي ڪيسي ۽ ۽ آفيس ۾ بک ٻيو مسران. مئنيجر صاحب هڪ رپيو به ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي. انهيءَ حالت ۾ پٽ تي سمهي هيءَ رات گذاري الم ۽ پاڙو ڪونهي جو ڪجهه پهچان ۽ نه پيسو آهي جو هٿي وهي ماني کان. آخر ايتريقدو ته ذليل آءٌ به ڪونه آهيان، جو هٿي بک مرندو رهان ۽ توهان جو مئنيجر صاحب هڪ رپيو مانيءَ لاءِ به نه ڏئي. انهنڪري آءٌ صبح جو جي پاڙو ملیو ته واهه، نه ته واچ گروي رکي واپس ويندس ۽ وري نه اينديس، توهان پلي ڪنهن ٻئي مانهوءَ جو انتظام ڪندا. مون کي معاف ڪندا. جي ڪا ڪستاخي لي هجي ته اهڙيءَ حالت ۾ آءٌ واندو مل نه آهيان جو گذاريندس ۽ نه. واهيات آهيان. خير! اها حالت آهي جو ڪوبه شريف ماڻهو برداشت ڪري نه

سگهندو، مون ڪوٽ ڊيليفون ڪرڻ گهريو تہ اتان پيسا تار رستي ڪهرايان، سا ۽ اجازت نہ آهي. بهرحال انهيءَ حالت جي ڪري واپس وڃان ٿو. هيءَ اطلاع توهان کي عرض رکان ٿو.

- اوهان جو خادم، غلام محمد لغاري.

[سنڌي] (۲)

غلام محمد لغاري ايڊيٽر "سچائي" سچائي منزل، سنڌڙي روڊ، ميرپورخاص ۲-۱-۱۹۶۰ع.

بخدمت شريف قبلا جناب جي. ايم. سيد صاحب! السلام‌عليڪم اميد تہ اوهان صاحب باعافيت هوندا. عرض تہ هيءَ خط آڻيندڙ اسان جو ياءُ آهي. محمد خان ڊالو اڄ روڪو حقيقت عرض رکندس سندس هر طرح مدد ڪرڻ فرمائيندا. انهيءَ ڪم لاءِ آءٌ روبرو اچان ها ۽ ڪراچيءَ ۽ پوهوءَ جي والد هٿ ملاقات جو پيغام ڏيڻ موڪليو هوم. حالتن پڻاندڙ روبرو اچي نہ سگهيس. مون تي ٻہ ڪيس هلي رهيا آهن. هن جو ڪم ضرور ڪرڻ فرمائيندا.

- وڌيڪ خير والسلام، اوهان جو، غلام محمد لغاري.

(۳۲)

قاضي فيض محمد نوابشاهم

قاضي فيض محمد، ضلعي نوابشاهم جي هالائي شهر جو رهاڪو قاضي امي بخش صديقي جو فرزند ۽ نوابشاهم ضلعي جو سنو وڪيل آهي. مخلص قومي ڪارڪن هڻڻ ڪري هن خاڪسار تحريڪ مسلم ليگ، ڪانگريس، عوامي ليگ، نيشنل عوامي پارٽي ۽ جيئي سنڌ محاذ ۽ جڳو بهرو ورتو.

سندس زندگيءَ جو احوال "جنت گذاريم جن سون" ۽ "اڄ ٿي چڪيم چاڪ" ڪتابن ۽ ڏاڍو اٿم. سندس ڪجهه خط

اديب ۽ شاعر جي حيثيت ۽ "اڄ ٻڌ چڪيم ڇاڪ" ۽ ڏيڻي آيو آهيان ۽ ڪجهه هتي سياستدان جي حيثيت ۽ ڏيان ٿو.

(۱)

سنڌ عوامي محاذ ڪنوينشن

نوابشاهه ۱۲-۳-۱۹۵۶ع.

سائين! اسلام‌عليڪم، خط ٻهتو. مهرباني، مان تاريخ ۸ مارچ تي اچي ڪوٺ سگهندس، تنهن لاءِ معافي.

اميد تہ جناب شيخ صاحب جن ايندا. منهنجي اڳ ۽ استعيفا عرض رکيل آهي، مهرباني ڪري منظور ڪرائي چڏڻ فرمائيندا.

(۲) [سنڌي]

نوابشاهه ۱۴-۱۹۵۸ع.

سائين منهنجا! السلام‌عليڪم، عرض تہ ڪلهه ميٽنگ آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جي پوري ٿي ميٽنگ ۽ خاص لهراڻ جو پاس ڏيو، سو هاري الائين ڪي ڪليمن زميندارن کان بچائڻ لاءِ ٿيو ۽ هڪ ڊيموٽيشن جي تجويز پاس ٿي، جنهن جو ليڊر توهان کي مقرر ڪيو ويو ۽ ٻيا ميمبر عبدالحميد جتوئي، رئيس غلام مصطفيٰ پرڪڙي، شيخ صاحب ۽ عثماني‌ءَ کي چونڊيو ويو آهي ۽ ..... ڪرڻ جون اختياريون ٻڌ ڪاميٽيءَ کي آهن. هن ميٽنگ ۽ سيد علي‌بخش تالپر ۽ غلام مصطفيٰ جتوئي بہ دلچسپي ورتي هئي، تنهنڪري انهن صاحبن بہ انهي ڊيموٽيشن سان هلڻ جو انجام ڪيو آهي. مهرباني ڪري هيءَ سڄو ڪم توهان ٿي ڪندو، ٻيو ڪير ڪندو؟ مدو هن ڪم جي واسطي ٻڌ آيو ويو آهي يعني ۱۰ فيبروري جي اندر توهان کي رپورٽ پيش ڪرڻي آهي. مهرباني ڪري ورندڙ ٽپال ۽ ۽ جواب ڏيندا تہ وڌيڪ چا ڪجي؟ هن ڊيموٽيشن کي صدر وڏي

وزير ۽ ٻين سان ملڻو ٿيندو. مهرباني ڪري جواب ۾ ڏيندا ۽ ڪم ڪرڻ جو طريقو به لکندا.

-- قاضي فيض محمد جنرل سيڪريٽري

[سنڌي] (۳)

نواشاهه ۱۴-۱-۱۹۵۸ع.

سائين منهنجا! مايوسي روزانو وڌيڪ چانڊجي رهي آهي. هاري ڪاميٽيءَ وارن صاحبن ته مون کي ۽ ٻين کي هاري ڪاميٽيءَ مان ڪڍي ڇڏيو، انهيءَ تهمت هيٺ ته جي. ايم ۽ ٻين زميندارن سان اسان گڏجي ڪم ڪريون ٿا، يا NAP ڇڏيون ۽ هاري ڪاميٽيءَ ۾ رهون، ٻيءَ صورت ۾ هاري ڪاميٽي ڇڏيون. اسان انهيءَ ڪري هاري ڪاميٽيءَ ڇڏي ڏني. هر هاري ڪاميٽي ڇڏيسي مگر NAP جو ليڈر محترم جي. ايم وري NAP ۾ ڪونه آيو. آهن ته ڏاڍن تاڙهن سور. دل ته ٿئي ڇوي ته ٻيٽي پارٽيون ڇڏي، شخصي طرح جيڪي ڪم ڪري سگهي، سو ڪجي. مگر هميشه واري جلد بازي ڪونه ڪريان ۽ ڇڏڻ جو اعلان ڪونه ڪريان. مگر انهيءَ ڳالهه تي ڪوڙهو ويچار ڪري رهيو آهيان.

سائين منهنجا، نه ايم. ايل. اي ٿيڻ جو شوق ۽ نه وزير ٿيڻ جو شوق آهي. قاضي فضل الله ۽ پيرزادو منهنجي وقت جا ماڻهو آهن ۽ اسان ساڻئي وقت ۾ پڙهيا سي ۽ وڪيل ٿيا سي. چالاڪيءَ سان سيڪجهه ٿي سگهي ٿو. مگر عمر هتان جي مظلومن جي محبت ڪري گهنڊ وڃائيندا رهياسيو. توهان جي پارٽين ۾ به شريڪ ٿيڻ جو اهو ڪارڻ هو.

اڄ جيڪڏهن توهان هارين جي هن مسئلي تي ڪنهن رٽ سان ڪم ڪيرها، ته هيءَ تحريڪ نهايت آساني سان ون يونٽ جي ٽوڙڻ ۾ نه ڪم اچي ها. مگر توهان جون اسيمبليون هي غلاميءَ جا زنجير ڪوڙ ٽوڙيندیون، عوامي تحريڪون ڪم ڪنديون آهن مان ته اڻين پيو سمجهان. معاف ڪندا، منافقي ڪونه ڪندس.

شاید توهان کي سنڌ کي وري زندگيءَ ڏيڻ جو اپراسوئي ڪوبهي.
بہ ڳالهيون آهن جن ڪري هن سياسي ميدان ۾ آهيان. هڪ مظلومن کي آزاد ڪرائڻ، ٻيو وطن سنڌ کي وري زندگي ونڊي ڏيڻ، اهي ٻيئي ڳالهيون مون کي جماعتن ۽ نظر نٽيون اچن.
هي آخري وقت آهي، توهان کي بہ آزمائي ڏسون تہ توهان جي دل ۽ غريب عوام جي لاءِ ڪيترو غم آهي ٻيءَ صورت ۽ اجايون ڏيهڪيون وڃائيندي بہ ورهيہ گذري ويا. خدا شل توهان کي ۽ ٻين دوستن کي هي ياريون بخشي.
معاف ڪندا جيڪڏهن ڪا گستاخي ڪندو هجان.

— توهان جو خادم فيض محمد.

[سنڌي] (۴)

نوابشاهہ ۷-۶-۱۹۵۹ ع.

توهان ڪيئن وسريلا؟ دلي تہ اختلاف ۽ ان جيڪڏهن ڪونہ ٿيو آهي، البت اصولي اختلاف ٿيندا رهيا آهن. اهي اختلاف تہ محبت کي وڌيڪ پائيدار ڪندا آهن.
مان جڏهن بہ ڪراچيءَ ايندو آهيان تہ پرينءَ جي پار سڙهين جو ڏيدار ضرور ڪندو آهيان.
جيل بہ اڃ سوت آهي. شاهہ صاحب! سختين جي وقت ڪنبل لوهہ تہ رُڪ ڪي ۽ اچو اجرو ٿي ٻوندو آهي. توهان جي ياد مون کي ۽ منهنجي سيني ٻچڙن، عزيز دوستن کي رهندي آهي. شل ڏٺي ڪا چڱي ڪري.
سلام مولوي صاحب ۽ خواجہ صاحب جا رسن.

— خادم فيض محمد.

[سنڌي] (۵)

نوابشاهہ ۹-۱-۱۹۶۰ ع.

سائين منهنجا! السلام‌عليڪم، عرض تہ نهايت خوشيءَ جي

ڳالهه آهي، جو توهان بنديخاني مان آزاد ٿيا. مان هن کان اڳ
سنڌيو هوس ته توهان سان ملان، مگر ڪن ضروري سببن ڪري
اچي نه سگهيس.

مهرباني ڪري اطلاع ڏيندا ته ڪڏهن کان ڪڏهن تائين
سن هوندا ۽ ڪراچي ۾ ته موقعو حاصل ڪري ملي وڃجي. اميد
ته تندرستي بهتر هوندي.

السلام سڀني دوستن کي رسن.

ـ خادم، فيض محمد.

(٦) [سنڌي]

لوابشاهه، ٣١-١٢-١٩٩٠

سائين منهنجا! مون روزو ڇوڙيو. ارادو ته ستن ڏينهن جوهو
مگر جيئن ته توهان جو بار ۽ ٻين دوستن جو بار ايترو گهرو نه ٻڌي
سمجهيس، ستن ڏينهن جي منزل پوري ڪريان ها، پر جڏهن هاري
مظلوم عود جڳي انداز ۾ اچي ڏرٿو ساري، اکين ۾ پاڻي آڻي آريون
ڪرڻ لڳا! تڏهن دل کي جهيو آيو ۽ روزو ڇوڙيم.

اميد ته جيئن توهان انجام ڪيو آهي. هونءَ به توهان کي
هڪ الر ته سنڌ جي لاءِ وڏي سڪ آهي. ۽ سنڌ جو جيئڻ محال
آهي، جيستائين سنڌ جو ساهه پنهنجو عوام آزاد نه ٿئي. تڏهن هي
غريب ماڻهو وطن جا قلعا آهن ۽ جيڪڏهن قلعا اکڙي ويا. ته
پوءِ اسان ۽ پنهنجي وطن کي بچائڻ لاءِ ڪوبه دم نه رهندو ـــ
ته پوءِ توهان ڪوشش ڪريو. ڏٺي شل! پنهنجي ٻاجهه سان
ٻيڙو پار لائيندو.

ـ خادم، فيض محمد.

(۳۳)

رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي

رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي، رئيس غلام محمد خان پرڳڙيءَ جو فرزند آهي، جو سنڌ جي زميندارن ۽ ٻهريون نمبر قومي ڪارڪن هو ۽ ڪڏهن به حڪومت جي آڏو نه جهڪيو.

هيءُ صاحب منڊي کان وٺي سياست ۽ سون سان مختلف جماعتن ۽ ڳڏ رهيو آهي. آءٌ خاڪسار تحريڪ ۽ هٿس ته هيءُ به سون سان ڳڏ هو. آءٌ ليگ ۽ ويس ته هيءُ به ان ۽ شامل ٿيو. اٽنٽي ون يونٽ فرنٽ، ليشنل عوامي پارٽي، سنڌ متحده محاذ ۽ جيئي سنڌ محاذ وغيره ۽ هي سون سان ڳڏ ڪر ڪندو آيو آهي. دماغ جو سالم، همت جو مضبوط ۽ دوستيءَ جو سچو هن جوڙو ڪو مشڪل لينڊو. تندرستي ليڪ نه ٿي رهيس، ان ڪري هينئر گهڻو وقت جاءِ تي گذاريندو آهي ليڪن سنڌس صحبت ۽ مشوري مان هرڪو مستفيض لينڊو رهي ٿو. سنڌ توڙي دلبا ۽ اهڙا مثال لوڙڻا ملندا ته لائق پيءُ جو پٽ به لائق هجي، پر رئيس صاحب ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته پٽن جو اولاد پلو ٿيندو آهي، عدا ڪيس ڏينهن ڏٺي، وڏو ٻاهمٽ صاحب آهي.

سنڌس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۽ ڏنل آهي. خط لکڻ جو تمام سست آهي، باوجود ان جي سنڌس هڪ خط ٻيش ڪريان ٿو.

(۱)

۱۵- مسلم آباد، ڪراچي، ۲۹-۱-۱۹۷۱ع.

محترم شاهه صاحب، بعد السلام عليڪم اميد ته طرفين عافيت هوندي. عرض ته اسان جو عزيز برادرم علي محمد خان پرڳڙي جن اچن ٿا، احوال روبرو ڪندا. مهرباني ڪري کيس مدد ڪرڻ فرمائيندا ته نوازش.

ـ فقط غلام مصطفيٰ خان.

(۳۴)

مسٽر يوسف هارون

هيءُ صاحب، مرحوم حاجي عبدالله هارون جو وڏو فرزند آهي. هيءُ سان گڏ سياست ۾ حصو ورتو لڳو. پاڪستان ڪان اڳ جڏهن آءُ مسلم ليگ سنڌ جو صدر هئس تہ هيءُ ان جو جنرل سيڪريٽري رهيو. پاڪستان ڪان پوءِ هيءُ مکجھ وقت سنڌ جو وزير اعليٰ ۽ مکجھ وقت آسٽريليا جو سفير پڻ ٿيو. مکجھ عرصي لاءِ مغربي پاڪستان جو گورنر پڻ رهيو. هن وقت رضاڪارانہ طور آمريڪا ۾ جلاوطنيءَ جي زندگي گذاري رهيو آهي. سندس پاءُ محمود هارون پڻ باهر رهي ٿو. اهو پڻ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ پحلي گورنمينٽ ۾ مرڪزي سرڪار جو وزير ٿي رهيو آهي. ٻيئي لائق پيءُ جا لائق فرزند آهن. پاڪستان جي حصول لاءِ هنن جي پيءُ ۽ هنن ڪافي ڪوشش ڪئي. پر هنن کي ۽ ان سان فائدي بدران نقصان ٿي پهتو آهي. ۽ پاڻ جلاوطن آهن، ٽيون پاءُ سعيد هارون هتي اڪيلي زندگي گذاري رهيو آهي.

يوسف هارون جا مکجھ خط ڏهن ٿا.

*(۱)

نيپئر روڊ، ڪراچي، ۱۸- جنوري ۱۹۴۳ء

محترم سيد صاحب! منهنجي ڪاميابيءَ تي اوهان جي مبارڪبادي جي موڪليل تار جو اتهائي ڪورائتو آهيان. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ سنڌ جي مسلمانن مون کي وڏي عزت بخشي آهي. منهنجي نظر ۾ حقيقي مبارڪ جا مستحق اوهان آهيو، جو اوهان سمورو وقت مون ۽ مسلم ليگ لاءِ ڪر ڪندا رهيا، جنهن جي ڪميٽ ۾ آءُ اميدوار بڻيو هوس. آءُ سمجهان ٿو تہ مون کي چونڊيل سنڌ جي مسلمانن منهنجي مٿان وڏي جوابداري وڌي

آهي ۽ مون کي اميد آهي ته آڱ سندن اعتماد تي پورو لهندس.
آڱ اوهان کي يقين ٿو ڏياريان ته ليگ ۽ ان جي پليٽفارم تان ٻيهي، مسلم مفاد جي واڌاري لاءِ هر حالت ۾ اڳاڙو ڪوشش ڪندو رهندس. خدا پاڪ کي عرض آهي ته مون کي طاقت ۽ اعليٰ همت عطا فرمائي ته جيئن آڱ سياسي ميدان ۾ وڏ ۽ وڏ انساني پلاٽيءَ جا ڪم ڪري سگهان.

اوهان جو مخلص، يوسف هارون

ق. ت. قائد اعظم اعلان ڪيو آهي ته آل انڊيا اجلاس دهليءَ ۾ ٿيندو.

٥(٢)

٦- ونڊسر پليس، نئين دهلي، ٢٣- فبروري ١٩٤٣ء

محترم سيد صاحب! هلندڙ مهيني جي ١٧ تاريخ وارو خط مليو. نهايت خوشي ٿي. اسان سڀني کي اوهان جي تار ٻڌي. بدقسمتيءَ سان صدر منهنجي مهمليءَ جو نهراءُ، اهو ڇڻي بيقاعدي قرار ڏيئي ڇڏيو ته اهو هڪ ڏينهن اڳ ٻڌڻ گهرجي ها. تنهن هوندي ٻ مسٽر لالچند "هارٽ نوٽيس ڪنسچن" اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيو، جنهن تي اسان سرڪاري خوب دٻايو. ان بعد مسٽر ٽربوڊي، جنگي سيڪريٽريءَ، خاڪي طرح مون کان تفصيل پڇيو. جنهن تي مون کيس اوهان جي تار ڏني ۽ هن وعدو ڪيو آهي ته انهيءَ معاملي تي مون سان بعد ۾ ڳالهائيندو. آڱ وس آهر انهيءَ معاملي تي ڪوشش ڪندس.

اوهان کي خبر آهي ته "الوحيد" هن وقت هاسپاري ۽ وڃي رهي آهي، ان ڪري هن وقت اسان عملي جو ڪهاڙ وڌائي نٿا سگهون. ٻني جو ملڻ ڏاڍو مشڪل آهي. اسان سوچي نٿا سگهون ته ڇا ڪجي. مون هتي آن بابت انڊيا حڪومت وٽ ڪوشش ڪئي آهي. ڏهڪو جواب مليو آهي آن جي دين محمد عليگ کي خبر آهي. انڊيا حڪومت جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن اوهان جي

صوبي کي پني جي گهٽي ضرورت آهي تہ پوءِ سنڌ حڪومت کي گهرجي تہ هڪ تن پنهنجي ڪونڊا مان اوهان کي وڪرو ڪري ڏئي.

اوهان کي خبر هوندي تہ سنڌ جي گورنر سنڌ سيڪريٽريٽ ۽ منسٽر هرما جي پارٽيءَ ۽ جيو هو تہ سرڪار پنهنجي اخبار جو نہ ٿي ڪيڙي. آن ڪري آءٌ اوهان کي عرض ڪندس تہ اوهان ان مسئلي ۽ دلچسپي ولو ۽ عالمبهادر کهڙي تي زور ڀريو تہ هو گورنمينٽ کان الوحيد لاءِ پني حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. مون کان جيڪي پڇي سگهيو آهي، ڪيو اٿم. اها ڪالهہ دين محمد عليڪ کي ٻہ لکي اٿم.

سيد علي محمد راشدي ٻہ هني آهي، مون کي غلام رسول مهر، ايڊيٽر "انقلاب" سان گڏ ملڻ آيو هو، هن کي پنجاب جي وڏن ليڊرن جا خط سان آهن ۽ ڪنهن وڏي ڪم لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي. مون سان ٻہ اُن سلسلي ۽ ملیو هو.

مرڪزي اسمبليءَ جي مسلمان ميمبرن کي اهو ٻڌي گهٽي نا اميدي ٿي آهي تہ سنڌ سرڪار وعدي ڪيل بل * پيش نہ ٿي ڪري. آءٌ ڀاڪ سمجهي نٿو سگهان تہ سنڌ جي ليڪ وزارت هندن جي ڊپ کان انهن چو ٿي ڪري، جو بل پيش نہ ٿي ڪري.

مهرباني ڪري خبر موڪلينداتہ حالتون ڪٿي پيڻيون آهن.

— اوهان جو، يوسف هارون

*(٣)

٦- ونڊسر پليس، نئين دهلي، ١- مارچ ١٩٤٣ء

محترم سيد صاحب! مون مرڪزي اسمبلي اجلاس ۽ سنڌ مان مارشل‌لا هٽائڻ متعلق هڪ مهمليءَ جو نهراءُ بحث لاءِ پيش ڪيو. اسمبليءَ ان نهراءَ کي اهو چئي رول آئوٽ ڪري ڇڏيو، تہ اهو بل ١٢- فبروري تي شروعاتي ڏينهن اسمبليءَ ۾ پيش ڪرڻ گهربو هو. ان بعد اسان اسمبليءَ ۽ مارشل‌لا بابت سوال پڇيا،

* نوٽ- قانون انتقال ابراضيءَ جو بل

هر خاطر خواه جواب ڪونہ ڏنا ويا. اڳيءَ سلسليءَ جي- ايڇ- سيڊ (اوهان) ۽ مون کي تار ڪيو هئي، جا تار مون جنگي ڪائي جي سيڪريٽريءَ کي ڏني. جنهن آءٌ تار پنهنجي نوٽ سان هوم ڊپارٽمينٽ کي ڏياري موڪلي، هر هن وقت تائين آن مان ڪو ڪڙ تيل ڪونہ نڪتو. مون ڪيٽرن سرڪاري آفيسرن سان ٻڌ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي آهي ۽ اهڙيءَ طرح مسلم ليگ پارٽيءَ جي ميمبرن سان ٻڌ ڳالهاڻو آهي. هنن جون اسان سان همدرديون آهن، ۽ ڏاهو همدردين مان ڪجهہ ورٿو ڪونہ آهي. اسان کي ڪو خاص تجربو گهرجي، جو حاصل نٿو ٿئي. مون نوابزادي لياقت علي خان سان ۽ ان مسئلي تي ڳالهيون ڪيون آهن ۽ معلوم ٿيو تہ ڪيس ۽ ان معاملي سان دلچسپي آهي. مون سائس ٻهر ۽ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ۽ صلاح ٻڌي تہ اسيمبليءَ ۽ مسلم ليگ پارٽيءَ طرفان سنڈ ۽ مارشل لا بابت ٺهراءُ پيش ڪيو ويندو. ٺهراءُ پيش ڪرڻ کان اڳ، نوابزادي لياقت علي هيٺين مسئلن تي تفصيلوار معلومات مهيا ڪري ڏيڻ جي گهر ڪئي آهي:

۱- مارشل لا لڳڻ جي تاريخ ۽ آن جي آرڊر جي ڪاپي.

۲- مارشل لا دوران گهٽ ماڻهو قتل ٿيا آهن، ڪيترن کي قاسي ڏني ويئي آهي، يا ڪيترا گرفتار ٿيا آهن ۽ ڪيترن کي بنان ڪيس هلائي نظربند ڪيو ويو آهي؟

۳- پوليس ۽ ملٽريءَ کهڙيون زيادتيون ڪيون آهن؟

۴- سرڪار طرفان ماڻهن جي زالن ۽ ٻارن سان ٿيل زيادتين جو مختصر ذڪر.

۵- هرن جي زالن ۽ عزيزن کان زور زبردستيءَ سان کهڙيءَ کهڙيءَ طرح پڇا ڳاڇا ڪئي ٿي وڃي؟

۶- مارشل لا لڳڻ ڪري زميندارن ۽ آبادگارن کي درپيش تڪليفن جو تفصيل.

۷- اوهان جي نظر ۽ پير صاحب پاڪاري جي ملڪيت وقف ۽ آندي وڃي يا آن جو جاءِ نشين مقرر ڪيو وڃي؟

۸- مارشل‌لا سبب عوام کي ڪهڙيون تڪليفون آهن؟

۹- ان مسئلي بابت ٻيون ضروري خبرون ۽ موڪلينداً.

ليگ پارٽيءَ کي مٿين مسئلن بابت تفصيلوار معلومات ۱۲-۱۳ تاريخ تائين گهربل آهي، تہ جيئن اسان مرڪزي اسيمبليءَ اڳيان لهراءُ پيش ڪري سگهون. اوهان جو هڪ خط جناح صاحب لاءِ ۽ گهرجي، تہ جيئن هن کان اسيمبليءَ ۾ قدم کڻڻ بابت رهبري حاصل ڪري سگهون. مون کي اميد آهي تہ اوهان احوال موڪلڻ ۾ دير نہ ڪندا.

مون کي معلوم آهي تہ صوبائي مسلم ليگ جي ميٽنگ وڏن مسئلن تي غور ڪرڻ لاءِ ڪڏ ٿي رهي آهي، پر اميد اٿم تہ اوهان وقت بچائي، مون کي جلد جواب موڪلينداً.

خط جي ڪاپي خانبهادر کهڙي ۽ شيخ عبدالمجيد ڏانهن ۽ موڪلي ويئي.

— اوهان جو مخلص، يوسف هارون

خط (۴)

ڪراچي، ۲۸- آڪٽوبر ۱۹۴۳ء.

محترم سيد صاحب! آءٌ سکر کان ڪراچيءَ پهتو آهيان ۽ هتان معلوم ڏيو تہ اوهان ڪوٽ هليا ويا آهيو. مون کي اوهان سان سنڌ جي موجوده نازڪ مسئلن بابت ڪافي ڪجھ ڪٿڻو ڪرڻو هئي. مون کي خبر نٿي پوي تہ انهن اختلافن هوندي باهريان مائهو اسان کي ڪهڙيءَ نظر سان ڏسندا هوندا. سنڌ ۽ مسلم ليگ ۽ ايڏو وڏو ٻڌجي ويو آهي، حالتن ايڏو ڦيرو ڪاڏو آهي، جو آءٌ سمجهي نٿو سگهان تہ انهن کي ڪهڙيءَ طرح درست ڪري سگهيو. باوجود آن جي، پارٽيءَ جي صدر هڻڻ جي حيثيت ۽ اوهان تي ڇڏيان ڏو تہ اسان جي انهن مسئلن ۽ رهبري ڪرڻ فرمائيندا تہ حالتن کي ڪهڙيءَ طرح درست ڪري سگهجي- آءٌ سومر جي ڏينهن دهليءَ وڃي رهيو آهيان ۽ هفتي ڏيڍ ۽ موٽي ايندس، پوء اوهان

آڏو سارو معاملو پيش ڪندس تہ حالتن کي ڪهڙي نموني درست ڪيو وڃي.

ـــاوهان جو مخلص، يوسف هارون.

خط(۵)*

تلگرا INC، ۴۹۹ پارڪ آوينيو، نيويارڪ NY ۱۰۰۲۲، ٽيليفون: ۸۲۰۰-۷۵۰-۲۱۲، ٽيليڪس: ۲۳۷۰۷۴ CRES UR جنوري ۱۲-۱۹۸۲ع

مسٽر جي. ايم. سيد، سن، سنڌ، پاڪستان [ڏانهن].

منهنجا پيارا جي. ايم: منهنجي پاڻ سعيد جي تعزيت لاءِ اوهان جو پٽ اسان وٽ آيو هو ۽ اوهان جو ۲۹ نومبر وارو خط مون کي ڏاڍو. مون محمود سان گالهايو ۽ چيومانس تہ گورنمينٽ ڪيڏي نہ بي مروت آهي، جو هارون خاندان سان تعزيت ڪرڻ لاءِ به اوهان کي ڪراچيءَ اچڻ جي اجازت نٿي ڏئي ـــ ۽ سو به خاص طرح تڏهن جڏهن اُن خاندان جو هڪڙو رڪن گورنمينٽ ۾ وزير داخلہ هجي!

اِها هڪ تاريخي حقيقت آهي، ۽ تحقيق پهو ڪري مون کان وڌيڪ اِن کان واقف ڪونهي، تہ اوهان پاڪستان جي ناهڻ ۽ ڪيترين اهم خدمتون سر انجام ڏنيون ۽ ڪيئن هر قسم جي تڪليف ۽ رڪاوٽ کي منهن ڏيئي اوهان پاڪستان جي قيام لاءِ جدوجهد ڪئي هيون ۽ ڪٽيون هيون. مون ڪي سڀ ڄاڻ لازم آهي تہ اڄ پنهنجي اِن شخصي راءِ جو زوردار نموني اظهار ڪريان تہ جڏهن چونڊيون ڪٽيون وڃون هيون تڏهن اوهان پنهنجو آواز بلند ڪيو هو تہ ملڪ جي حڪومت ڪهڙي نوع سان هلڻ گهرجي، ۽ اِهو ڪو گناهہ ڪونہ هو ۽ نہ ئي اِن ۽ ڪا رياست دشمنيءَ جي گالهہ آهي. بدقسمتيءَ سان، اڄ دنيا جي سڀني ترقي ڪندڙ ملڪن ۽ جيڪڏهن حڪمران ڏر سان ڪنهن جا ڪي سياسي اختلاف آهن، تہ اُن کي رياست دشمن عناصرن سان ملايو وڃي ٿو. اسين جمهوريت لاءِ دانهون ڪريون ٿا، پر اسين خالص فڪري

قسم جي ڪنهن راءِ جو اختلاف ٻه سهڻ لاءِ تيار نه آهيون ـــ رڳو ڪو ٻنهنجي نقطي نگاهه جو اظهار ٿو ڪري، تہ آهو ٻه اسين نٿا برداشت ڪريون ـــ حالانڪ اهڙو برداشت جو مادو ئي هڪ سچيءَ جمهوريت جو نشان آهي! اسان جي اها وڏي ۽ وڏي بدبختي آهي ۽ اهو اسان جو واقعي هڪ وڏو المبو آهي تہ پاڪستان جي سرجڻ سان ئي اسان کي اهڙي قسم جي خلاف عقل ۽ تعصبي سوچ ورثي ۾ ملي، هاڻي تہ اها اسان جي عظيم ملڪ لاءِ هڪ مستعدي بيماري ئي بيٺي آهي.

منهنجو پاڪستان کي چڏي هڏانهن هليو اچڻ ۽ هتي رهي پوڻ ٻه الهيءَ سبب هو. حڪمران ڏر ان لاءِ تيار نه هئي تہ ڪو سياستدان عوام سان دل کولي گالهہ ڪري ۽ پاڻ ٻه ان ڏر اهڙا خيال ۽ امنگ نٿي رکيا جيڪي عوام لاءِ قابل قبول هجن. ۽ اِن قضا ۽، جيڪڏهن ڪنهن ٻنهنجي دل جي گالهہ ٿي ڪئي، تہ هن کي غدار ئي چيو ويو!

مون کي سچ پچ تہ اُن حڪمران ڏر تي قياس ٿو اچي، جنهن کي تاريخ جو ايترو علم ٻه ڪونهي تہ جي. ايم. سيد تہ رڳو سنڌين جي سماجي ۽ اقتصادي حقن لاءِ وڙهيو ئي، ۽ هن کي سنڌن [حڪمرانن جي] سچي سياسي آگاڻي جي درهم برهم ڪرڻ ۽ ڪا دلچسپي ڪانہ هئي هن کي سنڌن چوندن ۽ ڪا دلچسپي ڪانہ هئي ۽ نہ ئي هن کي سنڌن ڪنهن خاص هڪ قسم جي جمهوريت سان ڪو واسطو هو. هو رڳو اهو ٻه نٿا سمجهن تہ اوهان کي ٻنهنجي لاءِ اقتدار جو ڪوبہ حق ڪونهي. ذاتي طور تہ آءٌ سمجهي نٿو سگهان تہ هڪ طاقتور حڪومت کي ۽ اها جيڪا پاڻ کي ظاهري طور اسلامي حڪومت چوي ئي، ان کي هڪ آسي سال پيرمرد کان ڪهڙو خطرو درپيش هڻ گهرجي ـ ۽ خاص ڪري اهڙي ساڻهوءَ کان جيڪو رڳو سچ ۽ انصاف جا اهنڪ قدر ۽ خيال ئي دل ۾ رکي ٿو. جڏهن پاڪستان وجود ۾ آيو هو، تڏهن اسان اڃين سمجهيو هو تہ ان جي معنيٰ هئي سڀني لاءِ آزادي ۽ نہ رڳو ڪن مخصوص ٽورڙن ماڻهن لاءِ.

منهنجي اهائي خواهش آهي ته هرڪ منهنجو خط انهن ڏاڍين جيڪي صاحب اختيار آهن، پهچي سگهي، ۽ هو رڳو زندگيءَ جي اصلوڪين حقيقتن کي سڃاڻي سگهن،

جي. ايم. آءٌ تو لاءِ خداوند تعالي کان دعا ٿو گهران ته توکي دراز عمر عطا ڪري ته جيئن تون پنهنجي ملڪ، پنهنجي قوم ۽ خاص طرح غريب سنڌين جي خدمت ڪندو رهين. سچ پچ ته اسان جا هي بي آواز عوام انهن ماڻهن ڏانهن اکيون ڪٽي نهاري رهيا آهن جيڪي سنڌن اقتصادي ۽ سماجي مسئلن کي سمجهي سگهن ۽ حل ڪري سگهن ۽ پنهنجي حڪومت جي ڪارڪردگيءَ ۽ موثر حصو ولي ڏين - ۽ اهائي دراصل سچي عوام جي اصلي گهر آهي.

منهنجي دائما هيءَ دعا آهي ته خدا تعالي جي توتي رحمت هجي، ۽ پاڪستان ۾ خوشحال ٿئي.

گهڻي احترام سان — يوسف اي. هارون

(۳۵)

مس جينٽي سهاهيملاڻي

مس جينٽي، ديوان تلسيداس جي نياڻي، سهاهيملاڻي خاندان سان، حيدرآباد جي ويجهل هڻي، جتان هوءَ لڏي اچي ڪراچيءَ ۾ ويئي. سندس والد سرڪاري ملازم هو ۽ هيا به پائر واپار ڪندا هئا. هن سياست ۽ سماجي ڪمن ۾ حصو ورتو. سندن جي جدائيءَ بعد، جڏهن سندن اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون، ته هيءَ ميمبر چونڊجي ويئي. سندن اسيمبليءَ جي ڊپٽي اسپيڪر به ٿي رهي. باهمت، مخلص، مهذب ۽ سلجهيل سياستدان هئي.

پاڪستان بنجڻ بعد هيءَ مائٽن سان گڏ لڏي وڃي همٿي ۽ ويئي. اتي سارو وقت سماجي ۽ سياسي ڪمن ۾ مشغول رهي.

سنڌ مان پارت لڏي ويل هندن جي آبادڪاريءَ لاءِ ڪافي ڪجهون تعمير ڪرايائين. ڪو وقت بمبئي ڪائونسل جي ڊپٽي پريزيڊنٽ هئي.

مون سان ڪانگريس ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي ڏينهن ڪان ڏينهن لاڳاپا رهيس، آخر تائين ٽوريندي آئي. سنڌ سان وڏي محبت ۽ سڪ هيس.

سندس زندگيءَ جو مفصل احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏيئي چڪو آهيان. سندس سوين موڪلڻ خط مان ٨ خط هتي ڏجن ٿا. تازو ٢١ مئي ١٩٧٨ع تي وفات ڪئي اٿس.

[سنڌي] (١)

٣٠-٤-١٩٤٨ع

شاهه صاحب! چئي توهان جي ڏهتي. توهين ڪراچيءَ هوندا. ڪراچيءَ موٽڻ لاءِ مان سخت منتظر آهيان، پر هتي ڏنهنجي ڏاجائي اچي ۽ گهر اچي ٺاهي، تنهن ڪان پوءِ مان ڪجهه ويچار ڪري ۽ ڏينهن مقرر ڪريان. جاءِ تہ مون کي ملي آهي، پر سڀان وڃي سامان رکايان ۽ پوءِ مان ڏاجائيءَ کي گهرايان گهر ۽ ڪنهن کي چارج ڏيان تہ پوءِ موٽان. هندستان ڏلي هندستان هجي، پر منهنجو ملڪ تہ سنڌ آهي ۽ منهنجو گهر بہ حيدرآباد ۽ ڪراچي آهن. هت سڀ ڏاريا آهن. سنڌي تہ تمام گهٽا پر ڪنهن جي بہ منهن تي ڪا ٽرڪ هجي سا ٻڌهه نہ. ڀلا بي وطن ٿيڻ ڪا سولي ڳالهه آهي ڇا؟ آئيندو خبر نہ آهي تہ ڪهڙو آهي، پر ماڻهو جي مهاتما جي صلاح تي هلن تہ هندو ڇاهي مسلمان ڏنهنجي ڏنهنجي وطن موٽي وڃن، تہ سڀني لاءِ ڇگو. پوءِ ڀل بہ جدا ملڪ ٺي رهن ۽ ڀاڙيسري ٺي رهن. خير ـ اها تہ اسان جي آهي ڳالهه ڪرڻ جي، ڇا ٿيون ٻيئي سرڪارون ڪن، سا ڪهن خبر! وت ٽورو ۽ ڳالهائڻ گهٽو، سو هن ۽ آهي تہ اسين بہ ڦڙڦڙ ڪان سواءِ رهي نٿا سگهون.

ملڪائيءَ وٽ وڃجو. ڪرسٽيءَ جي گهر ۽ جيڪي ماڻهو وينا آهن، هيڊ جي معرفت آپل هڻ، تن سان منهنجي جاءِ لاءِ ڳالهائجو. جي چار سو ڏين يا ڪٿي ٺي سو ڏين تہ مون کي لکو

تہ مان چڑهي اچان. مان هت ..ع ڏيان ٿي ڀالي گهر جا. سون کي ساڳيا ٻڌسا مان تہ مان جيڪر گهٽ ۽ گهٽ مسواڙ کان تہ چٽي پوان. سامان، مان اچان تہ سون کي مدد ڪجو ٻڌڪ ڪرائڻ ۽ تہ پارن ڏانهن موڪليان. سون کي اتي رهڻ لاءِ بر ليصلو ڪرڻو آهي. اتي اچان تہ ٻوءِ خير!

سنڌ تہ وري اخبارن ۽ زور سان اچي ويئي آهي. ڪهڙو ويو، هاڻي وري ڪير ٿو اچي، سا پڪ ڪانهي. پير اينڊو يا ٻيرزادو؟ ڪهڙي اسان جي ماڻهن کي آزاري ڪيبو. صبح هڪ ڳالهہ ۽ شام ٻي. هنڊن کي ڪيڏي ۽ پاڻ سائو سکيو ٿي ويئو. هاڻ سنڌس بر وارو آيو آهي. ڪرم جهڙا ڪيا نهڙوئي قَـلُ نڪرندو. اڳتي ڏسون تہ چا ٿو ٿئي؟ لکڻ مشڪل آهي -- چاڪاڻ؟ اها تہ توهان کي خبر آهي! منهنجو خيال آهي تہ مئي مهيني جي وچ ڌاري يا ڪٿين هفتي ۽ ڪراچيءَ اچان. موڊيءَ جي مالڪ کي منهنجي لمسڪار ۽ غلام محمد کي بہ لمسڪار - چئي ٻنهي جي ملي آهي. اڄ ڪٿين جاه ۽ وڃان ٿي، سو ڪم آلم ڏاڍو.

وڌيڪ توهان لاءِ يادگيري، ۽ اميد تہ بلڪل مزي ۽ هوندا.

— جيٺي

[سنڌي] (۲)

ورلي. سي ليس، بمبئي-۱۸. آگسٽ ۱۹۴۸ع.

سيد صاحب، خط توهان جو تہ گهڻا ڏينهن ٿيا تہ مليو، بر ڪراچيءَ کان ڪو خوشيءَ جي لهر ۽ تہ نہ موڪي هيس- هڪ ليکوءَ جي جدائي، هڪ ملڪ جي جدائي ۽ تنهن سان گڏ دوستن جي جدائي! انهن ڪنهي ڳالهين جو تمام گهاڻو اثر دل ۽ من تي آهي. آڏي جي ڳالهہ بر ڪا وسرڻ جي نہ آهي — سو ڪوڙ گهمسان ۽ ٻئي پاڻ کي وجهي ۽ وسارڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. ڏسان ٿي تہ يادگيري هرو ڀرو مڏي ڪانهي. وسارڻ چاهيندي بہ لاچار آهيان. گهر هوندي بہ بي‌گهر آهيان. مائٽن هوندي بہ ليکوءَ [وڏو ٻاڻ] کان سواه يتيم آهيان ۽ سواه بسين ۽ چڙهي ۽ وقت وڃائڻ جي،

ٻيو ته ڪي ٻه نه ٿي ڪريان. اڄ ٻاڻ کي ٻه چار ٻيا هٿي ۽ قلم هٽ ۽ ڪنيو اٿو. توهان سان شروعات ٿي ڪريان. ڇڻي اميد ته ملندو. ايڏانهن جا حال احوال اصل بند! ڪنهن ٻه خبر نه موڪلي آهي. غلام‌حيدر ٻه سانت ۽ آهي. پانبان ٻيٿي ته اچي ۽ خبر سيني جي وٿي وڃان، ٻر اڃا نڪري نه سگهنديس. منهنجا مائٽ هٽ نه هجن ته جيڪر سوامي‌۽ وانگر مان ٻه اتي رهي پوان ها. جيڪر ۽ جيڪر، اڇو وڃي وچ تي! ٻوء سڏون وري چا لاء؟ سيشن جي ٽينڊي ته مان اينديس.

الي جون مون کي سموريون خبرون ڏيو. هٿي جي خبرن ۽ ته مزو ٿي ڪونهي. ٻمنهن هٿي پون ٻيا ۽ اسين پسون ٻه ٻها ته بند ٻه ٻيا ٻٽون.

منهنجي جاء جنهن ورتي سو ته وڏوڪائڪو آهي. مون کي ته خبر ٿي نه ٻٿي. توهان ته سيڪجهه پڙهيو هوندو.

ٻمنهن توهان تي ٻه ڪا مهر ڪٿي آهي يا اڃا آسري ۽ رکيو ويٺو اٿو - توهان جو ڳوٺ ته ٻمنهن کان ٻوء باغ ٿي ويو هوندو. ندي ٻه هن وقت تار هوندي. عايد هيڪلائي‌۽ ۽ من ٻه خوب ٻرپل هوندو ۽ رات جو راڳ روح کي رلائيندو هوندو - ٻلا سرڪار جي مهرباني‌۽ سان ڪجهه آرام ڪرڻ جو موقعو مليو اٿو، جو نه مزا ڪريو! توهان جا ٻار ته ڪراچي‌۽ ۽ پڙهندا آهن. اهي سو اڪيلا ٿيا هوندا. حال توهين سندن ماءُ کي جو ڪين ٿا وٽن ڏياري موڪليو. هٿي ڪابه خاص خبر ڪانهي. توهين ٻنهنجي خبر ڏيو. ڇڻي هيترا ڏينهن نه لکيم، تنهن لاء معاف ڪجو. گهر ۽ سيني کي ٻڇجو. وڏيڪ ٻٿي ٻيري.

— جيٺي

[سنڌي] (۳)

آگرو، ۸-۸-۱۹۴۹ع

شاهه صاحب! عجب لڳندو ته آگري جو آٿي آهيان. ڪاهور ويٺي هيس ليکوءَ جي ٻچا ۽ ۽ آگري آٿي آهيان وڏي‌۽ ٻيٺ جي ٻچا

۽ ويهن مهينن جي وڇوڙي کان پوء ديوي ٻه هلي پنهنجي وطن، پنهنجي پاڻ ۾ ماڻ وٽ. ويهن مهينن ۽ مالڪ مون کان ملڪ ڦريو، منهنجو مربي پاڻ کسيو، جنهن جي جدائيءَ ۽ منهنجي امڙ کين گهاري سگهي ۽ ملي وڃي هن سان. هاڻ وري قاصد موڪلي گهرائي ورتائين منهنجي ٻيڻ کي. هت آڻي گهڻ ڀر شايد مزو کين آيس ۽ اوڇتو ۵ منٽن ۽ ٦ تاريخ رات جو هن بہ ور کائي پنهنجي وطن. بس، ٻڌ ڏ آهي تہ شڪر ۽ مرضي مالڪ جي ۽ سهارو ولڙو آهي. ڀر مالڪ آڻيندي تہ مهر ڪري، اها بيڪ ڏي گهران. ڪنهن در وڃان سواء انهيءَ ڏيري جي؟ وري بہ منهنجو آسرو اهو ۽ ڏينڊم بہ سکهه ۽ سمجهه اهو! توهان حال خوش هجو!

— جيني

[سنڌي] (۴)

گانڌي ڌام، ۱۴-۸-۱۹۵٦ ع.

پيارا پاڻ! توهان جي چٺي ملي، تنهن لاء گهڻي مهرباني. منهنجي تہ تمام گهڻي مرضي آهي تہ مان ايڏانهن اچان. هتي برڪاب، دڪايل ۽ رام سان ڳالهيون ڪيون اٿم. هن وقت تہ هو بہ پٽ شاهه جي ميلي ۽ هريڪ ٽيڻ لاء سنيريل آهن. ڀر وڏيڪ پڪيون ڳالهيون ڪري ۽ پوء اوهان کي احوال ڏينديس.

هت مان Relief ڪم جي لاء آيل آهيان، پر اڄ واپس بمبئيءَ ڏي وڃان. ڪڇ ۽ ڪاٺي اندر ويڻي آهيان ۽ عجب بيحد نہ رهيو، جو سنڌي مسلمان ڏنار ۽ پيا بہ ڪيترا ڏٺم. سنڌي ڪاڦيون ڀڏايائون. هيدي ڀر ڪوٺ ڪوٺ ۽ هٽا. ڪو هاڻي ڪونہ آيل آهن. اصل جا رهاڪو آهن. پر سڏجن اڃا بہ سنڌي. ڪڇ ۽ ڪوٽن ۽ ويس تہ سمجهيم تہ گهر آڻي آهيان. ٻولي بہ ڪچي سنڌي، ڪاڦيون، آڪاٽيون ۽ هڪليون بہ پنهنجي ماڻهن جهڙيون. اَصل جو هڪ هٽاسون تہ اڃا بہ ساڳيا اثر اٿون. خير! سڄ تہ ڪيترو بہ ٻري هليا وڃون، پر پنهنجو Culture ڪو گم نہ ٿي ويندو. اهو تہ رهندو

ٿي رهندو.

توهان جي تندرستي ڪيئن آهي؟ هاڻ ڪهڙي ڦري آيا آهيو ته ضرور ٻيڪ ٿي آيا هوندا. مون اوهان کي اوڏانهن چئي موڪلي هئي، جا ڪهڙي ڦري واپس اچي مون وٽ پهتي آهي، اها به هن سان گڏ موڪلياتو ٿي.

توهان جو چوڪرو ڪٿي رهيل آهي، سا خبر ڏيو. مان پوءِ فون ڪري يا منڪهي لڏائيءَ کي موڪلي گهرائيندياسانس.

هت ڏينهن ته سٺا آهن، پر قدرت ڪجهه نه ڪجهه ٻڌي ڪري، جيئن انسان ذات ڪيس وساري نه ڇڏي. ڪافي نقصان برسات به ڪيو آهي.

توهين ۽ ٻيا گهر جا ياتي خوش هوندا. منهنجا ڪمن ۽ ٻي جيڪا سنگت آهي تن کي سلام ڏجو. ڪم ڪار هجي ته ضرور لکجو. وڌيڪ يادگيريون.

— ڇيٽي

[سنڌي] (۵)

ع. فلور، چيڊا - سدن، چرچ گيٽ - بمبئي ۲۰ - ۱۱-۱۰-۱۹۶۹ء

منهنجا پيارا پاڻ! خط اوهان جو مليو. اميد ته ضرور ويجهڑائيءَ ۾ ماڻ جو موقعو ملندو. اهو ڏينهن اينديو يا نه، هر انسان اميد نه لاهيندو ۽ آڳ ۾ اميدن تي تڳڻ ٿي چاهيان. هيل سوڏو ته آس رکي ۽ نراسائي ياتي الڳ نديي هوندي کان وٺي اميدن تي ڏينهن، مهينا ۽ سال گذاريا الڳ. باقي ڏينهن زندگيءَ جا به بنان ڪجهه حاصل ڪرڻ جي شايد اميدن آسن کي من ۾ سانديي گذاريان. پلا اميد ٿي ته انسان کي همٿه ڪجهه نه ڪرائي ٿي. نتيجو ڪهڙو به نڪري. آڳ ته وڏيءَ خوشيءَ سان ڏوڙون پائيندي اچان، پر اچڻ ڪير ڏيندو؟ مشڪل ڳالهه آهي. افغانستان مان دوست آيو. صبح جو ۵ بجي وڻ ويڻي مانس. هڪ اکر به نه ڳالهائي سگهيس. آهي ڪي يادگيريون آيون، جو اکين نير ٻڏي وهايو ۽ زبان بند ٿي ويڻي. لشڪر ۽ هار ڪلي ۽ وڇي ۽ لهي آيس. جا

خواب لڏا هئاسين ۽ چا ٿي ٻيو؟ قسمت هر قسم جا قهر ٻڌي ڪيا آهن. برداشت ڪرڻ جي سکيه نه آهي ۽ ننهنڪڙي نسون ٽٽي ٻيٺون آهن. جيئن ڪاوند هلائي تيئن هلبو ـ روئي ٻه ڪلي ٻه.

سانولائي ته مون کي ڪونه ملبو آهي. ڏنگو مل هتي هو، پر انهيءَ کي توهان جي ڪا خاص خبر نه هئي. پلا ٻڌايو ته توهان جي طبيعت ڪيئن آهي؟ هار چا ٻيا ڪن؟ ڪراچيءَ ۾ گهر اٿو يا نه؟ هڪ فرزند ته اسيمبليءَ جو ميمبر هووَ ـ ڪراچيءَ جي اڏبريس ٻه موڪليو.

مصطفيٰ ڪٿي آهي؟ ڪيئن آهي؟ منهنجا ڪيس سلام ۽ سندس ڏيئن کي. غلام‌حيدر ٻه گڏبو هوندو. حاتم چون تا ته ڏاڍو وڏو ماڻهو ٿي ويو آهي، ٻڌسن ۽ ٻيو تري. سير ۽ ٻير سڀني دوستن‌کي سلام (جهڪي جيئرا هجن)، نالا ته ڪنهن جا چئي ڪنهن جا چوان؟

خبر اٿم ته نئين سنڌ ٿي ويئي آهي، پر لکڻ مهل آهي ونڊ، اها مٽي، اهي شهر ۽ ڳوٺاڻا ـ سڀ اکين اڳيان تصويرون تري ليون اچن. مارئيءَ کي وچوڙو ماريندو هو، اهو هاڻ مان ٻه محسوس ڪري ٿي سگهان ـ مائٽن ۽ ساهيڙين کي ياد ڪري ٻڌي رُني. منهنجو ڪجهه قدر ياد ڪندي هينئون ڇڇيو پوي. ٻر وس نه آهي ته چپ ڪرڻ بهتر آهي.

بيگم صاحب کي منهنجا پيارن پرڻا سلام.

توهان لاءِ گهڻا پيار.

توهان جي ٻيڻ. ۱۱-۱۰-۱۹۶۹ء

[سنڌي] (٦)

ع- فلور- چيڊاسدن، چرچ گيٽ- بمبئي ۲۰، ۲۲-۷-۱۹۷۲ء

منهنجا پيارا ٻاڻ! هال، سڀني گهر ٻاتين، دوستن ۽ ساريءَ سنڌ سوڌو خوش هجو! هتان جو سماچار اميد ته گهڻا ڏينهن ڏيا ته پهچي ويو هوندو. ايڏهان جو حال ريڊيو تي جهڪي اچي سو ڪوشش ڪري رات جو ٻڌندي آهيان. ياد ته توهين هميشه آهيو، پر هاڻ ملڻ جي سخت تڙڦ آهي. ڏٺي جي واءُ سڃاڻو ڪندو ته

جلد گڏجي سگھنداسين. آسروندي آهيان، اميدان نہ لاهيان. يڪي لنڊ سمھان، تنھن کان اڳ سنڊوءَ جو پاڻي پيئڻ جي خواهش آهي. وري جيئن مالڪ کي وٺي.

توهين پنھنجو سماچار ڏيو. مالڪ ڪري تہ شال سدا تندرست ھجو ۽ جيڪو ڪارج ھٿ ۾ کڻو، تنھن ۾ سوپارا ٿيو.

سيني پائرن کي اتي منھنجون قرب پريون يادگيريون.

توهان سان ضرور ملڻ لينداسين، ھتي يا ھتي.

پيار ۽ دعائن سان، توهان جي پيٽ.

[سنڊي] (۷)

۴- فلور- چيدا سدن، چرچ گيٽ- بمبئي ۲۰، ۱۲-۵-۴۷ع.

پيارا پاڻ! شال ھميشہ پنھنجن مٽن مائٽن ۽ دوستن سان خوش ھجو! بدن تہ بند مان چٽو، ڏٺي اميد تہ ستيا سان گڏ صحت ۾ بخشيندو. سچو سماچار تہ آهي ٿي ڪولہ. خواب تہ عمدا ڏٺاسين، ۽ مالڪ دنيا سچي روپ ۾ ڏيکاري رهيو آهي. جيئن سھنو ٿيئن ھيءَ دنيا! نہ سھنو سچ ۽ نہ دنيا سچ. روز پردي تي سٽيما ويندا ڏسون. چوڏاري Strike جا نظارا ويندا ڏسون ۽ وري ڪهڙي 'Picture' ڏسڻي آهي، تنھن جي خبر نہ آهي— جيڪا آئي سا ڏسجي. من کي نہ ڏوڙانيو ۽ دکي پاڻ کي نہ ڪيو. اها ڪوشش ڪجي. اها سڀ مالڪ جي مرضي، جيئن وٺيس تيئن رکي. جيڪي وٺيس سو ڏيکاري، اسان تہ گھڻيئي Plans ناھيون، پر ھڪ بہ نہ ٻڌي. واريءَ جو گھر ٻڌوسين- ڏاڍو سھڻو. ھڪ جھوڙو ھوا جو ۽ سڄو اڇي ٿڌ ۽ ٻيو. دنيا سھنو آهي. ڪوڙ آهي. ڪپ ۽ ڪيڇ آهي. شيءَ کي محسوس ڪريون ۽ دل ۽ پڪ ڪريون تہ اسون، ھيءَ سرير جو لوٽ آهي، سو نہ آهيون. اسين اصلي روشنيءَ جو جزو آهيون، جنھن کي نہ ٻوڙي سگھبو، نہ ساڙي سگھبو، نہ چور کڻي سگھندو- ۽ موھ ممتا کان ھاڻ کي الڳ ڪندا وجون تہ دک گھٽجندو ويندو ۽ نيٽ پاڻ سڃاڻبو.

ٽيون ڏينهن ڪاڪي آڏارام P.M.Addvan کي ڏسڻ ويس. ڪاڪي جي بٽ آپڪهات ڪيو تنهن کي ڪجهه سال ٿيا، تنهن ۽ ان جا ٻار ڪئناڊا ۾ Emigrate ڪري ويا. ٻاڻ ۽ ڪاڪي پاروني وڃي هڪ ننڍي گهر ۾ رهيا. ڪاڪو موڪو ٿي پيو- ۽ ٻوءِ وري ڏکو ڪاڏائين - ٽنڪ پڪس. آپريشن ٿيو. (اٺهورو)

[سنڌي] (۸)

بمبئي، ۹-۱-۱۹۷۵ع.

پيارا ٻاڻ! سال سدا شاد هجين، جتي هجين آٽ آباد هجين! "واهه واهه! جتي ويهارين تون - فضل نوري نهارين تون. شڪر آهي شڪر تنهنجو - شڪر آهي شڪر تنهنجو". گهٽي گذري باقي ٿوري رهي. جنهن حال ۾ مالڪ رکي واه واه!

ٻاڻ! ٽپال برابر ڪلي، پر خبر ڪانه هئي ته ڪٽي ٿا وسو. توهان جي تندرستي، اميد ته ڪوٽ ۾ آرام وٺ ڪري نهي ٻڌي هوندي. دل آٿم ته هڪ دفعو گڏجون. هت جي اچڻ جي ڪوشش ڪريو ته تمام سٺو، گهٽائي گڏبو - خوشي اسان کي بيحد ٿيندي، پر توهان به تمام خوش ٿيندا.

توهان ڏهڙلداس جو ٻڌيو، پر هو ته چار سال اڳ گذاري ويو. پروفيسر ملڪاڻي به ۱۹۷۲ع ۾ گذاري ويو. پروفيسر ڪهنشيام به ۱۹۷۳ع ۾ راه رباني وڃي ويو. گهٽا وڌا آهن، باقي ٿورا بچيا آهن. ڪير ڪيڏيءَ مهل ويندو، خبر نه آهي! ٻيرزادو به ويو.

پرڳڙيءَ کي سلام - غلام‌محمد شاه زور هوندو.

مان به ڇڪل بدن آهيان. ڪنهن مهل ڪيئن، ڪنهن مهل ڪيئن. گوڏا به سور - ته دل ۾ درد جون دانهون ڪري. گورين جي خوراڪ ڏيڻي بدن کي هلائڻو آهي. وڏيڪ چا لکانءُ - جواب جلد ڏجو. اچڻ جو ۾ فڪر ويچار ڪجو.

سڀني کي سلام ڏاڻون.

پيارن مان، توهان جي ٻهڻ.

ڀرنسهال پٽائي به ۳ سال اڳ وفات ڪري ويو.

(۳۶)

نور محمد لاکير، وڪيل

مرحوم نورمحمد وڪيل، مبهڙ جي طرف جو ويڙل هو. سندس والد جو نالو محمد سجاول هو. هيءَ بمبئي ڪائونسل ۾ ڪجهه وقت لاءِ حيدرآباد سنڌ مان ميمبر هو. تعليم سان گهڻي دلچسپي هئس. نورمحمد شاهه اسڪول حيدرآباد، سندس يادگار آهي. سندس زندگيءَ جو احوال "آج ۾ ڪير جاڪ" ۾ مختصر ڏنو اٿم. هن جا ۽ چار خط مذڪوره ڪتاب ۾ ڏنا اٿم ۽ ٽي هتي پيش ڪريان ٿو:

(۱) [سنڌي]

حيدرآباد سنڌ، ۱۸- آڪٽوبر.

ڊيئر شاهه صاحب! السلام عليڪم ـ شاهه صاحب سيد مهان محمد ڪامل شاهه صاحب جي چوڌ جي جاين جي لسٽ هن گڏ عرض آهي. اميد ته اوهين صاحب ڪوشش ۽ هوندا. شاهه صاحب جن اڃا آئر طرف گشت ۾ آهن.

والسلام ـ نياز مند، نور محمد وڪيل

(۲) [سنڌي]

حيدرآباد سنڌ، ۲۵- آڪٽوبر.

مڪرمي سيد صاحب، دائم اقباله ـ بعد سلام مسنون جي عرض ته ڪالهه شاهه صاحب اوهان کي لکيو هو ته پڇا ڀيا ڪريون ته اوهين جيڪڏهن ماڻجهند کي چڏي ڪنهن ٻئي هنڌ نوابشاهه ضلعي ۾ شاهه صاحب جن کي ووٽ ڏيارڻ لاءِ ويندا ته آئي اوهان جو ووٽ ڪيندو يا نه ـ سو اهڙو ووٽ ٽي سگهي ٿو ٻئي هنڌ. ۽ انهيءَ لاءِ اڳواٽ ڪمشنر صاحب کان اختياري ونڊي هوندي. تنهنڪري عرض ته مهرباني ڪري واپسي ڊاڪ اطلاع ڏيندا ته بسر خود ووٽن

واريءَ تاريخ تي ڪهڙي هنڌ رهڻ مناسب ٿا سمجهو، تہ اهڙي اختياري ورتي وڃي.

ـــ خاڪسار، نور محمد.

[سنڌي] (۳)

حيدرآباد سنڌ، ۲۹- آڪٽوبر.

سائين سونهارا! السلام عليڪم ـ عنايت نامي لاءِ شڪريو. هيءَ آڪٽوبر جو مهينو آهي ۽ هاڻي هت ڪوبہ اسڪول انگريزيءَ جو ڪنهن بہ شاگرد جي داخلا نون امتحانن تائين نہ ڪندو. تنهنڪري انهيءَ طالبعلم جي هن طرف في‌الحال داخلا جي صورت ڪانہ آهي.

۲- تہ واقعي في‌الحال ڪابہ فري بورڊري خالي ڪانہ آهي.

۳- تہ اسان وٽ فري بورڊرين جيڪي ضلع ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جون آهن، سي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ٺهراءَ ۽ ڪمشنر جي حڪم موجب فقط حيدرآباد ضلعي جي ٻهراڙيءَ جي رهاڪن لاءِ آهن ۽ باقي ڪي ٻورڊرين فري بورڊرين، جي فقط بہ چار صاحب هاڻي ڏين ٿا، سي سڀ پرڀل آهن- ۽ ڪم از ڪم اينڊرسن مارچ تائين اُنهن جي خالي ٿيڻ جي ڪابہ صورت ڪانہ آهي. انهيءَ ڪري مجبورين جو تفصيل وار عرض آهي.

۴- تہ ڪمشنر صاحب جن فيصلو ڪيو آهي تہ ڪوهستان وارا ووٽ بہ اوهان وٽ مانجهندن ۽ ٿيندا، يعني اڪوٽو ٺهراءَ قائم رهيو. تنهنڪري، مهرباني ڪري خيال ڪري فرمائيندا تہ هاڻي اوهين پنهنجو هالن رهڻ مفيد ٿا سمجهو يا مانجهندن ۽، جواب جلد عنايت ڪري فرمائيندا. والسلام، نياز مند نور محمد.

(۳۷)

حاجي مير محمد صاحب بلوچ

حاجي بابا مير محمد صاحب بلوچ، ڪراچيءَ جي سهڻن قبيلي مان هو. خلافت تحريڪ ڪن وڏي سياست ۽ دلچسپي ورتائين.

بمبئي ڪائونسل تي به چونڊجي ويو هو. مرد مجاهد ۽ همٿ وارو ڪارڪن هو. سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ بيان ڪيل آهي. ساڻس منهنجو لاڳاپو خلافت جي ڏينهن کان ونيو رهيو. شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي گهاڻي دوست هئڻ ڪري، ساڻس وقت بہ وقت ملڻ ٿيندو هو. ازان سواءِ مرحوم محمد هاشم گزدر جي هر قوم ۽ عزا ۾ هئڻ ڪري به ساڻس لاڳاپا گهاڻا قائم رهيا. سندس به خط ڏجن ٿا.

(۱) [سنڌي - چوپال]

جولاءِ ۱۹۲۸ع

سنڌ مسلم پوليٽيڪل ڪانفرنس، ڪراچي

برادران اسلام - اسان جا سنڌ جا مسلمان پائر عام ڪري سياسي معاملات ۾ گهڻو ڀٽڪي پيل آهن، جنهنڪري بين همسايه قومن جي مقابلي ۾ مسلمانن جي فائدي ۽ سياسي ترقيءَ جي سوالن ۾ قوم جي مشترڪ آواز، ايجيٽيشن ۽ پروپيگنڈا ۽ هئڻ ڪري اسان جي قوم کي اڪثر نقصان پهچي ٿو. انهن گالهين کي مدنظر رکي، تاريخ ۷ ۽ ۸ جولاءِ ۱۹۲۸ع، چنچر ۾ آجر ڏينهن، ڪراچيءَ ۾ مسلمانان سنڌ جي هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي آهي، جنهن ۾ سياست حاضره جي سڀني اهم سوالن تي بحث ڪري، مسلمانان سنڌ جي متفقہ راءِ جو اعلان ڪيو ويندو. عام ڪري سنڌ جي ٻن زبردست سوالن (۱) سنڌ جو بمبئي ڪائي کان جدا ٿيڻ، (۲) لئنڈ ايلينيشن ايڪٽ (قانون انتقال اراضي)، جو سنڌ جي زميندارن لاءِ هڪ نهايت اهم ۽ مفيد سوال آهي. جنهنڪري سنڌ جا زميندار وياج خور ساهوڪارن جي چنگي مان ڇٽي، پنهنجون زمينون وڪري يا ضبطيءَ وغيره کان بچائي، پنهنجون مالي ضرورتون ڪوآپريٽو ڪريڊٽ يعني هڪبئي کي مدد ڪرڻ واريءَ جماعت جي ذريعي پوريون ڪري سگهن ٿا. اهڙن ضروري سوالن تي پوريءَ طرح

بحث ڪري مسلمانن جي متفقہ آواز کي موثر بنائڻ ۽ اهو قانون بمبئي ڪائونسل ۾ پاس ڪرائڻ جي زبردست ڪوشش ڪئي ويندي. تنهنڪري سڀني مسلمان پائرن کي پرزور استدعا ڪجي ٿي ته وڏي تعداد ۾ سنڌ جي هر هڪ حصي مان شامل ٿي، ڪانفرنس ۽ مسلمانن جي آواز کي ڪامياب بڻائين. انهيءَ کان سواءِ ٻين سوالن مثلاً سائمن ڪميشن، بردولي، مخلوط يا علحده انتخاب وغيره تي به بحث ڪري مسلمانان سنڌ جي متفقہ آواز جو اعلان ڪيو ويندو.

تمام اسلامي انجمنن ۽ خلافت ڪاميٽين کي به استدعا ڪجي ته پنهنجي حلقہ اثر ۾ انهيءَ ڪانفرنس کي ڪامياب بنائڻ جي پوري ڪوشش ڪن ۽ وڏي تعداد ۾ اچي شامل ٿين. ڪانفرنس ۾ شرڪت جي في هن موجب رکيل آهي:

استقباليہ ڪميٽي ۳ روپيا - ڊيليگيٽ هڪ روپيو - وزيٽر ۲، ۳ ۽ ۵ روپيا. تمام خط و ڪتابت ۽ ترسيل زر چئرمن استقباليہ ڪميٽي، سنڌ پوليٽيڪل ڪانفرنس آفيس جي معرفت ٿيڻ گهرجي.

حاجي مير محمد بلوچ، ايم. ايل. اي.
چئرمن استقباليہ ڪميٽي

(۲) [اردو]

۱۹۳۱ع.

مڪرمي - السلام‌عليڪم - مزاج شريف!

اوهان کان ڳجهو نہ هوندو ته ڪجهہ ڏينهن کان پوهره جماعت جو هڪ فرقو اها ڪوشش ڪري رهيو آهي ته ڪراچي اڪيڊمي هاءِ اسڪول ۾ ٻين مسلمان شاگردن کي تعليم حاصل ڪرڻ کان روڪيو وڃي. ان مقصد لاءِ هن فرقي جا ڪجهہ والنٽيئرس اسڪول عمارت تي پڪيٽنگ ڀ ڪري رهيا آهن ۽ مسلم اتحاد کي درهم برهم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهن. مسلم اتحاد ۽ محبت کي قائم رکڻ لاءِ تاريخ ۵- جولاءِ ۱۹۳۰ع، آچر ڏينهن، ۸ بجي، ماروآڙي لبير يونين هال، رنچوڙ لين ۾، شهر جي معزز ماڻهن جي ميٽنگ ڪوٺائي ويئي آهي، ته جيئن مسلم اتحاد کي برقرار رکڻ

ڏي غور ڪري ڪا تدبير سوچي وڃي، جنهن ۽ سيني جي پلائي ۽ بهبود هجي. اميد ته اوهان ضرور شرڪت ڪرڻ منظور فرمائيندا.

خادم قوم و ملڪ،

حاجي مير محمد بلوچ، ايم- ايل- اي .

حسن علي ايم حاجي هوتي،

ميونسپل ڪائونسلر

(۳۸)

مسٽر حاجي محمد وڪيل

حاجي محمد وڪيل، حيدرآباد جي ميمڻ قبيلي جو هڪ نامور وڪيل هو، جنهن قبيلي مان ميان يار محمد، ميان غلامعلي ۽ غلام نبي ميمڻ مشهور ماڻهو ٿي گذريا آهن.

هن جو مون سان سنڌ وزارت ۽ رهڻ جي وقت کان ولي تعلق رهيو. هيءُ وفادار ۽ سچو دوست هو. جڏهن ٻيا ماڻهو پڇي ويندا هئا، تڏهن به هي پاڻهن ٻيلي ٻنيو ٻيٽو هوندو هو. سياست ۽ گهٽو حصو نه ورتائين، پر خيالن ۽ همدرديون ۽ دوستائا ناتا قائم رکندو آيو. سندس هڪ خط ڏجي ٿو. ڪجهه وقت ٿيو ته گذرڪري ويو آهي.

[۰]

۲- آڪٽوبر ۱۹۵۲ع

پيارا شاهه صاحب! آءٌ اوهان کي مطلع ٿو ڪريان ته اڄ سانڍي ڏهين بجي تائين اوهان جو ماڻهو ووٽرن جي ڪلهم بابت ڪاغذ ڪڍي ڪوٺ ڀهتو. محمد آچر ۳۰- سپٽمبر جي صبح جو آيو هو ۽ اڄ سانڍي ۱۱ بجي تائين ڪاغذ ڪڍي ڀهچڻ جو وعدو ڪري ويو.

اسان ۵۴- کان ۵۴-۴ بجي تائين، وڏي مشڪل سان درخواستون پيش ڪري سگهياسون. اوهان هاڻ کو خيال نه ڪندا. آءٌ ڪوشش ڪريان ٿو ته تاريخ هن مهيني جي ۱۵ کان پوءِ مقرر ڪرايان.

مسٽر شهمير خان کاڇي ٻ درخواستن جا ڪليم داخل ڪرڻ آيو هو، پر نا اميد ٿي موٽي ويو. ۳۰- سهڻمبر تي مئجسٽريٽ حاضر هو ۽ ان حڪم ڪيو آهي ته مقرر تاريخ تي ثابتيون پيش ڪيون وڃن

ڪيس هاڻي هن مهيني جي ۳- تاريخ تي رکيو ويو آهي.

— ليک تمنائن سان، محمد مهڻ وڪيل

[نوٽ: مسٽر مدد علي شاهه ڪليڪٽر دادوءَ منهنجا ۵ هزار ووٽ داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو، ان ڀلاءِ وڪيل جي معرفت سب جج جي ڪورٽ ۾ درخواست پيش ڪري، ڪيس هلرائي، ووٽ داخل ڪرايا ويا. هن شاهه صاحب کي مون پروموٽ ڪرايو هو ۽ ڪيس دادوءَ ۾ ٻڌ رکايو هوم. پر ڪامورڪي عادت موجب هن اهو نقصان پهچايو.

جيئن سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته:

ڪامورو نه دوست، اوجهري نه گوشت.]

(۳۹)

مسٽر ٽيڪمداس واڈو مل، وڪيل

مسٽر ٽيڪمداس، سنڌ جي اامور وڪيل، مسٽر واڈو مل جو فرزند هو. ولايت ۾ مان بئريسٽري پاس ڪري، اچي وڪالت ڪيائين. ڪيترو وقت ڪراچيءَ ميونسپالٽيءَ جو ميمبر ۽ ڪجهه وقت لاءِ ان جو ميئر به ٿي رهيو. مسٽر جيرامداس دولترام سان عزازت هئس. واڈو يار ويس ۽ سنو ڪارڪن هو. مون سان ميونسپالٽيءَ جي ڪيترن ڪالن ولي لاڳاپو هئس. ڪراچيءَ جي سياسي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ سندس خاص حصو رهيو آهي. سندس به خط ڏجن ٿا.

* (۱)

واڈو مل اينڊ ڪمپني، بندر روڊ، ڪراچي. ۱۴- فبروري ۱۹۲۹ع

پيارا شاهه صاحب! ڪراچي ميونسپالٽيءَ طرفان پورٽ ٽرسٽ ٽي نمائندو چونڊڻ لاءِ ۱۵- فبروريءَ جي تاريخ مقرر ڪئي وئي آهي. آءٌ نهايت ڪوشش ڪندس، جيڪڏهن اوهان ميونسپالٽيءَ جي ميمبر ۽ اچي، سون کي ووٽ ڪندا.

اوهان جو مخلص، ٽيڪمداس واڌو مل

*(۲)

ميئر آف ڪراچي

ميئر جي آفيس، ڪراچي. ۵- سپٽمبر ۱۹۳۴ع

پيارا دوست! آءٌ اوهان جو دلي طرح ڪوشش آهيان ، جو اوهان سون کي ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي ميئر چونڊجڻ تي مبارڪباد موڪلي آهي. اهي اوهان جهڙن دوستن جون دعائون ۽ همدردیون ئي آهن، جن وسيلي آءٌ اميد ٿو آفيس جي اها اهم جوابداري بخوبي سنياڻي سگهندس.

اوهان دوستن جون دعائون ئي منهنجي ڪاميابيءَ جو باعث ٿينيون.

آءٌ آهيان اوهان جو، ٽيڪمداس واڌو مل

(۴۰)

ڊاڪٽر حاجي غلام حسين قاسم

ڊاڪٽر حاجي غلام حسين قاسم، سيٺ غلام حسين قاسم جو فرزند هو، جو ڪراچيءَ جي سياست ۽ اهم حيثيت جو مالڪ هو. هن صاحب ڪانگريس ۽ خلافت ڪاميٽيءَ ۽ چگو حصو ورتو- ڪجهه وقت لاءِ لاڙڪاڻي ضلعي جي لوڪلبورڊ جو هيلٿ آفيسر ٿي رهيو. وڏو عالم ۽ اديب هو. ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو ميمبر به ٿيو. انهن ڏينهن ڪان وٺي جيئن سون سان تعلقات پيدا ٿيس، آخر تائين هلائيندو آيو. سندس حياتيءَ جو بيان "جنب گذاريم جن سين" ۽ ڏسڻ آهي. عالم ۽ اديب جي حيثيت ۽ سندس احوال

۽ خط "اڄ ٻڌ چڪبر چاڪ" ڪتاب ۽ ڏنا الم.

آخري وقت ۽ جيتوڻيڪ هي سياست کان رٽائر ڪري ٻنهنجي ڊاڪٽري پيشي تي گذر ڪندو هو، ليڪن ٻنهنجون پراڻيون دوستيون ڪڏهن بر نہ وساريائين. شيخ عبدالمجيد ۽ سون وٽ پيرو ٻيو ڪندو هو. جنهن صوبت ۽ هيءَ سياستدان بر هو، ان ڪري سندس ٻ ٽي خط هتي ڏجن ٿا.

*(۱)

لاڙڪاڻو، ۱۸-۵-۱۹۳۱ع

پيارا شاهہ صاحب! منهنجو هڪ دوست، ڊاڪٽر گرنو مل دوداڻي، ايم-بي-بي-ايس، لاڙڪاڻي مان سنڌيءَ ۽ هڪ قومپرست هفتيوار اخبار شروع ڪري رهيو آهي، جنهن ۽ سياسي، سماجي، قومي، سائنسي ۽ ٻين موضوعن (سواه مذهبي) تي مضمون هوندا.

هن مون کي منٽ ڪئي آهي تہ آءٌ اوهان کي گذارش ڪريان تہ هن جي اخبار جي پهرئين پرچي لاءِ اوهان هڪ مضمون "آزادي" يا "آزاد هند" جي عنوان سان لکي ڏيو. مون کي اميد آهي اوهان وقت ڪڍي، هن کي هڪ عمدو مضمون لکي موڪلينداء.

اوهان جو مخلص، حاجي غلام حسين قاسم

*(۲)

رام‌پارٽ روڊ، ڪراچي. ۱۲-۱۱-۱۹۵۲ع

پيارا شاهہ صاحب! اوهان هڪ پيري "ديوان" ثنائي جي ڪاپي حاصل ڪرڻ جو اظهار ڪيو هو. مسٽر احمد علي ڪاظمي لاريءَ وٽ ٻہ ڪاپيون هيون، جن مان هڪ مون ۲۰ روپئين خريد ڪئي آهي. مون کيس ٻي ڪاپي اوهان وٽ ڪٽي اڇڻ لاءِ چئي ڇڏيو آهي.

اوهان جو مخلص، حاجي غلام حسين قاسم

(۴۱)

سر شاهنواز ٻٽو

سر شاهنواز خان جي ڏاڏي جو نالو خدابخش خان ٻٽو هو، جنهن جي نالي تي ڪڙهي خدابخش جو ڳوٺ آهي. سر شاهنواز، خدابخش خان جي فرزند غلام‌مرتضيٰ ٻٽي جو ڀريون نمبر فرزند آهي. هيءُ ۲ مارچ ۱۸۸۸ع ۽ جائو. سندس زندگيءَ جو مفصل احوال "جنب‌گذاريم جن سين" ۽ ڏنو اٿم، ان ڪري هتي وڌيڪ نٿو ڏيان.

سنڌ، انگريزن کان پوءِ وڏيرن جي اثر هيٺ رهي آهي، جنهن ۽ وڏمائهپائيءَ ۽ معتبريءَ جو معيار پئسي، راڄن ۽ سرڪار ۽ اثر رسوخ، زمين، وڏيءَ ملڪيت ۽ ڳهڻين جڳهين تي رهندو آيو آهي. ٻٽو ماندان ۾ انهن لماقتن جو مالڪ رهندو آيو آهي. جيتوڻيڪ ٻٽن جي سرداري پگ، سردار واحد بخش ٻٽي وارن کي هئي، ۽ سرڪار وٽ پڇندي ۽ سر شاهنواز ٻٽو اڳرو رهيو. ڏهين ڪائونسل جي ڊينهن ۽ هيءُ سنڌ طرفان چونڊيل ميمبرن جو ليڊر ٿي رهيو. اڌهي وقت سنڌ مان سرڪار وٽ اثر رسوخ وارا ۾ مک ليڊر هئا ـ سر شاهنواز ٻٽو ۽ ٻيو سر غلام‌حسين.

۱۹۳۴ع ۽ مون سنڌ پيپلز پارٽي ناهڻ لاءِ ميٽنگ سڏائي، اڻ ٿو ليڊر هن کي چونڊايو. ان کان اڳ هيءُ ڪهڙي وقت تائين سنڌ محمڊن اسوسيشن جو صدر رهندو آيو.

۱۹۲۵ع کان ولي منهنجا سائس تعلقات رهيا آهن. هن ۱۹- نومبر ۱۹۵۷ع تي لاڙڪاڻي ۽ وفات ڪئي.

سندس چند خط ڏجن ٿا:

(۱) *

لاڙڪاڻو، ٻٽو ڪالوني، ۲۰-۱-۱۹۲۹ع

منهنجا پيارا شاهه صاحب! هن خط جو آڻيندڙ منهنجي هڪ

پياري دوست جو سفارشي آهي. هن اوهان جي بورڊ جي ڪنهن جاءِ لاءِ درخواست ڪئي آهي. مون کي پڌڻ ۽ آيو آهي ته ڪيترن ميمبرن تي مختلف اميدوارن طرفان زور پئجي رهيو آهي. مون هن کي اوهان جي مدد جي آڌار تي دلاسو ڏنو آهي. مون کي پڪ آهي ته هن نندڙي مسئلي بابت مون کي نا اميد نه ڪندا. مون اوهان سان روبرو ملڻ جو ارادو ڪيو هو، پر جيئن ته اوهان کي معلوم هوندو ته آڳ واحد بخش خان جي مسئلي ۾ مشغول آهيان، ان ڪري حاضر ٿيڻ لاءِ لاڙڪاڻو ڇڏي نٿو سگهان. اميد ته اوهان ٺيڪ ٺاڪ هوندا.

اوهان جو مخلص، شاهنواز پٺو.

*(۲)

پٺو ڪالوني، لاڙڪاڻو، ۱۸-۲-۱۹۳۰ع.

پيارا شاهه صاحب! خط آئيندڙ اوهان جو زيردست آهي، هن ايمانداريءَ ۽ وفاداريءَ سان پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو بورڊ جي نوڪري ڪئي آهي. هن کان پوءِ ڪهڙو ڪم ڪري سگهندو — جيڪڏهن هن کان پراڻي ماسٽري ڇڏائي وڃي، جنهن ۾ هن کي زندگيءَ جو تجربو آهي. هيءَ منهنجي ڳوٺ جو رهاڪو آهي، مون کي نهايت اميد آهي ته اوهان هن جي امداد ڪندا.

ٺيڪ تمنائن سان، مخلص، شاهنواز پٺو.

(۳)

پٺو ڪالوني، لاڙڪاڻو، ۱۹- مئي ۱۹۳۰ع. تمام ضروري

جناب والا شان! هن وقت ڪيترا تمام نازڪ سوال پيدا ٿي رهيا آهن، جنهنڪري ساري هندستان جا مسلمان پوري ويچار ۽ تحمل سان مٿن غور ڪري رهيا آهن. اهڙي وقت سنڌ جو مسلمان پرڳٽو ڪونبو وڃي ٿو. انلاءضروري آهي ته مسلم قوم جا عيوضي ۽ اڳواڻ گڏجي ترت سڃيءَ حالت تي غور ڪرڻ بعد اهڙو فيصلو ڪن، جنهن ۽ مسلم قوم جي بهبودي ڪين نظر اچي. انهيءَ ڪري لوئر سنڌ جي چئن ضلعن، ڪراچي، حيدرآباد، نواب شاهه ۽ ٿرپارڪر

جي مسلمان اڳواڻن جي حيدرآباد ۽ تاريخ ۳۱ مئي جي، ڏينهن چنڊر جي ۶ بجي شام جو رئيس جان محمد خان پرڳڙي ميمبر صاحب ڪائونسل، جي بنگلي ۽ ميٽنگ ڪوڙايل آهي. تنهنڪري صاحب جن کي عرض ٿو ڪجي ته مهرباني ڪري مٿينءَ تاريخ ۳۱ مئي ڏينهن چنڊر تي، حيدرآباد ۾، تڪليف وٺي ضرور ميٽنگ ۾ شامل ٿيڻ فرمائيندا - جنهن لاءِ بندو صاحب جن جو خاص فڪر گذار رهندو.

از بنده، شاهنواز پٽو

[نوٽ: پير علي محمد شاه راشديءَ سان پهرين اتي واقفيت ٿي.]

(۴)

پٽو ڪالوني، لاڙڪاڻو، ۱۹ مئي ۱۹۳۰ع.

منهنجا پيارا شاهه صاحب! مون کي اوهان جي ۱۷ تاريخ واري موڪليل تار، ڪالهه آچر ۱۸ تاريخ، صبح جو ۹ بجي پهتي، جنهن ۾ جيو الو ته آچر ڏينهن منجهند جو ڪراچيءَ پهچان، جڏهن ته آن ساڻي ڏينهن تي مون کي تار پهتي. تار پهچڻ شرط، اوهان جي سڏ تي جيڪڏهن آءٌ ڪراچيءَ آسهڻ جي تياري ڪيان ها، ته به وقت اندر مشڪل پهچي سگهان ها. بيءَ صورت ۾ هوائي جهاز رستي به آءٌ ڪراچيءَ سومرڪان اڃ پهچي نه سگهان ها.

انهيءَ سبب جي ڪري آءٌ اوهان جو حڪم بجا آڻي نه سگهيس.

تاهم، مون کي اجازت ڏيندا ته ان ڳالهه جو اظهار ڪريان ته ڪيتري وقت کان اهو دستور پئجي ويو آهي ته اڳواڻ صلاح مشوري ڪرڻ ۽ مناسب وقت جي اطلاع ڏيڻ کان سواءِ اهم ميٽنگون ڪوڙايون ڏيون وڃن، جن ۾ اهم مسئلن جي فيصلي ۽ اڪلاءِ جا ڪم ڪرڻا پوندا آهن. مون کي نهايت ڏک سان چوڻو ٿو پوي ته اهو طريقو اطمينان جوڳو نه آهي.

سنڌ محمدن انسوسئيشن طرفان تازو ۾ ڪوڙايل ميٽنگن ۾ ڪافي نڪتا چيني ڏيندي رهي آهي، جن ۾ مناسب وقت جو اطلاع نه ڏنو ويو هو.

ان کري اوهان کي عرض ڪجي ٿو تہ آئيندي ڪڏهن بہ ڪا ميٽنگ ڪهرائي وڃي تہ ڪهڙ ۽ ڪهڙ دعوتين کي ايترو تہ اڳواٽ نوٽيس ڏيڻ گهرجي، جيڏن هو سهوليت سان ميٽنگ ۾ حاضر ٿي سگهن.

اوهان جو مخلص، شاهنواز پٽو.

(۵)

پٽو ڪالوني، لاڑڪاڻو، جون ۱۹۳۰ع.

پيارا شاهہ صاحب! اوهان جي ۱۶- واري خط لاءِ نهايت مهرباني. مون کي اهو پڌي ڏک رسيو آهي تہ اوهان اينڊڙ مهيني ۾ تاريخ، سکر ۽ ٽينڊڙ سنڌ محمدن ايسوسيئيشن جي ميٽنگ ۽ اچي نہ سگهندا.

مون لاءِ ہيو ڪو چارو ڪونہ هو، اها تاريخ ان ڪري مقرر ڪئي وئي، جو اسان کي ۽ جولاءِ تي ڪانوَنسل جي اجلاس (بمبئي) ۽ وڃڻو هو. سياسي ڪانفرنس متعلق، مون اوهان دوستن آڏو پنهنجي گذريل تجربي جي بنا تي پنهنجا رايا رکيا هئا، جڏهن تہ اهڙي ئي هڪ ڪانفرنس اڳ ظاهرا هڪ غير اختلافي مسئلي بابت ڪوڙائي وئي هئي، تہ سچ پچ اها حالت وڃي بيٺي تہ ڪانفرنس ڪراچيءَ جي ڪن غير جانبدار ماڻهن جي گرفت ۽ اچي وئي، جن جن کي ملڪ ۽ ڪاءِ حيثيت نہ هئي، ۽ جن کي سنڌ جي مسلمان زميندارن ۾ انهن جي هارين سان ڪا دلچسپي ڪانہ هئي، جيڪي سنڌ جي مسلم آبادي‌ءَ جو ڪهڙ ۷۰ سيڪڙو آهن.

سچ پچ اها نهايت گهري ڏک جي ڳالهہ آهي تہ اٿڙهيل ماڻهن کي ڪميونسٽ خيال دلنشين ڪرايا وڃن، جيڪي خاص ڪري زميندار طبقي ۽ عام طور آبادگار ڪلاس لاءِ نتيجي طور خطرناڪ (تباهہ ڪن) ثابت ٿيندا.

اها سچ پچ بدقسمتي‌ءَ جي ڳالهہ آهي تہ اسان جا مسلم زميندار نمائندا، جيڪي سرگرمي، همت ۽ لاطمعي‌ءَ جي جذبي سان پيهنجي ڏتڑيل غريب پائرن جي خدمت ڪرڻ گهرن ٿا، تن ڪي

خبر ٿي نٿي پوي ته اهي جوشيلا ۽ گمراه ماڻهو انهن (زميندارن) ۽ سندن هارين جي وچ ۾ نفاق جي پل ٺاهي رهيا آهن. اهي زميندار نمائندا ۽ آبادگار طبقو سامهين جي تڙين ۽ همت افزائي سبب اهو سڀ ڪجهه ڪري رهيا آهن. هنن کي ظاهر ٿي، مڙسيءَ سان انهن غلط رجحانن کي منهن ڏيڻ گهرجي.

انهيءَ ڪري آءٌ اوهان کي گذارش ڪري رهيو آهيان ته ڪانفرنس لاءِ اوهان کي گذارش ڪري رهيو آهيان ته ڪانفرنس لاءِ اوهان کي اهڙو هڪ منتخب ڪرڻ گهرجي، جنهن مٿين ذڪر ڪيل قسم جا ماڻهو وڪوڙ جو باعث نه بنجن، جيڪي ڪميونسٽ خيالن وسباي زميندارن ۽ هارين جي وچ ۾ ڦوٽ پيدا ڪري رهيا آهن.

مون کي معلوم آهي ته اوهان سڀ منهنجا دوست، مون لاءِ پيار جا جذبا رکو ٿا، جنهن لاءِ آءٌ اوهان جو نهايت ڪوراڻتو آهيان، پر آءٌ نٿو سمجهان ته اهو مون لاءِ بهتر ٿيندو ته اوهان کي اجازت ڏيان ته انسڌيءَ طرح منهنجو نالو گول ميز ڪانفرنس لاءِ تجويز ڪريو. آءٌ اوهان کي يقين ٿو ڏياريان ته هر ايڪسيلنسي وائسراءِ طرفان نهايت همرداريءَ ۽ غور فڪر بعد (گول ميز ڪانفرنس لاءِ) چونڊ ڪئي ويندي، تنهنڪري اسان کي گهي ته ڪيس آزاد ڇڏيون، جيئن مناسب سمجهي ٿيئن ڪري.

آءٌ ڪراچيءَ لاءِ ۲۴ جي شام جو اسهندس ۽ اميد ته ۲۵-۲۶ تاريخ آئي هوندس. جتي اميد آهي ته اسان کي هن ۽ ٻين اهم مسئلن تي بحث ڪرڻ لاءِ ڪافي وقت ميسر ٿي سگهندو.

سلامن سان، اوهان جو، هاڻوناز پٽو.

*(٦)

پٽو ڪالوني، لاڙڪاڻو، ۱۱ - آگسٽ ۱۹۳۰ع.

پيارا شاهه صاحب! ڪراچيءَ جي هڪ درگاهه بابت پنائن ۽ سيد امير شاهه جي وچ ۾ ٿيل اختلافي تنازعي جي تصفيي جو مسئلو شڏ محمدن انسوسيئشن طرفان اوهان ڏانهن موڪليو ويو هو. مون کي اميد آهي ته اوهان مسئلي جي تهه تائين پهچي ويا هوندا.

مهرباني ڪري ڪراچيءَ جي مسلمانن جي هن مسئلي جي فيصلي کان آگاهه ڪندا، جو تہ ڪراچيءَ جي ڪلهڪٽر پاران ڪيترا ڀيرا ياد دهاني‌ءَ جا خط پهتا آهن.

اوهان جو مخلص، شاهنواز پٽو.

*(۷)

پٽو ڪالوني، لاڙڪاڻو، ۱۱-۹-۱۹۳۰ع. (ذاتي ۽ مخفي)

پيارا شاهه صاحب! جيئن تہ اوهان سان ذاتي طور وعدو ڪيو هتو، ان ڪري اوهان کي اطلاع ٿو ڪريان تہ وڏيري واحد بخش سان پٽي، ميان علي‌بخش جي حق ۾ هٽ ڪنبو آهي.

فبڪ تمنائن سان، اوهان جو، شاهنواز پٽو.

[نوٽ: ميان علي بخش ۽ سردار واحد بخش پٽو، پيٽي ڪانونسل آف اسٽيٽ لاءِ اميدوار بيٺا هئا ۽ مون سردار واحد بخش جي مدد ڪئي. مون تي گهڻن دوستن طرفان زوربار ٻڌجي رهيو هو تہ آنريبل علي بخش جي مدد ڪريان. پر مون صاف انڪار ڪري ڇڏيو هو. سر صاحب بہ آنريبل علي بخش جي مدد ڪرڻ لاءِ مون کي چيو، مون کيس چيو تہ پيٽي ستدس پنهنجا آهن، سندن پاڻ ۽ سمجهوتو ڪئي ڪرائي. ان سلسلي ۾ اطلاع ڏنو الس تہ واحد بخش پٽو، علي بخش جي حق ۾ هٽ ڪئي ويو آهي.]

*(۸)

پٽو ڪالوني، لاڙڪاڻو، ۲۹-۹-۱۹۳۰ع.

پيارا شاهه صاحب! اوهان جي اڄ صبح جو پهتل، ۱۹ سپٽمبر جي خط لاءِ مهرباني. مون لاءِ، اوهان جي حڪم موجب، اهو ناممڪن آهي تہ ۳۰ تاريخ ڪراچيءَ پهچي سگهان.

آءٌ ڪراچيءَ، جلد ۽ جلد ۱- آڪٽوبر تي پنهنجن جو پهچي سگهان ٿو.

— اوهان جو مخلص، شاهنواز پٽو

(۹)

(پورٽ- توفيق مصر) پورٽ سعيد، ۱۲-۱۰-۱۹۳۰ع.

پيارا شاهه صاحب! اوهان جي ڪراچيءَ ۽ ڪيل خاطر تواضع ۽ جهاز تي اچي موڪلائڻ جو ڏکريو.

اميد ته خوش هوندا. شاهنواز پٽو.

[نوٽ: گول ميز ڪانفرنس جي موقعي تي وڃڻ وقت اسان کيس ڪراچي اڏي تي الوداع ڪيو هو. هيءُ خط ان جي ڏکر ادائيءَ طور جهاز مان لکيو اٿس.]

*(۱۰)

انڊين گول ميز ڪانفرنس

۸- چيسٽر فيلڊ گارڊنس، مي فيئر، لنڈن، ڊبليو-۱، ۳- ڊسمبر ۱۹۳۰ ع.

پيارا شاهه صاحب! اوهان جي تندرستيءَ جي دريافت لاءِ هر اڪر لکي رهيو آهيان. مون اخبارن ۽ پڙهيو ته اوهان ڪجهه وقت لاءِ (بورڊ تان) موڪل تي ويا آهيو ۽ اوهان جي جاءِ تي ڪنول ڪر ڪندو. فطري طور مون سمجهيو ته اوهان شايد بيمار ٿيڻ ڪري موڪل تي لٽا آهيو. جيئن ته مون کي اوهان جي موڪل يا بيماريءَ بابت ڪا جاڻ ڪانه آهي، ان ڪري انتظار ڪي ٻيو اٿيو.

مهرباني ڪري ٻه اکر خيريت جا لکي، منهنجي انتظار کي رفع ڪندا. مون کي اميد آهي ته اوهان بلڪل خوش ۽ تندرست هوندا، جهڙيءَ طرح هتي آءٌ آهيان.

سلامن سان، اوهان جو، شاهنواز پٽو.

*(۲)

پٽو ڪالوني، لاڙڪاڻو، ۱۲- سپٽمبر ۱۹۳۱ ع.

پيارا شاهه صاحب! ميسرز ڊيپچند چانڊو مل ۽ پين وڪيلن (جي فرم) مون کي سنڌ محمدن اسوسيئيشن جي صدر جي حيثيت

۽ ڪ نوٽيس، ڪلڻڻ درگاھ جي سيد محمود شاھ غازي ۽ سيد امير شاھ جي وچ ۽ ٽيل جھيڙي بابت، موڪليو آھي.

تنھنڪري سون کي نوٽيس جي جواب ڏيڻ لاءِ ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر طرفان سنڌ محمدن ايسوسيئيشن جي صدر ڏانھن موڪليل اصل خط جي ضرورت آھي. مھرباني ڪري اھو خط سون کي جلدي موڪليندا.

اوھان جو مخلص، شاھنواز پٽو.

*(۱۲)

پٽو ڪالوني، لاڑڪاڻو. ۲۲-۸-۱۹۳۲ ع.

پيارا سائين! جنھن صورت ۽ ھز ميجسٽيءَ جي حڪومت پاران ھڪ نھايت اھم فيصلو يعني فرقيوارانہ اوارڊ ظاھر ڪيو ويو آھي، جيڪو اصل ۽ مسلم طبقي جي مفادن تي اثر انداز ٿيڻو آھي، ان ڪري سنڌ جي مسلمان اڳواڻن کي ھاڻ ۽ گڏجاڻي ڪري، ان مسئلي تي پنھنجي نقطي نظر جو اظھار ڪرڻ گھرجي.

ان ڪري اوھان کي عرض ٿو ڪريان تہ مھرباني ڪري اڳاري ڏينھن ۱- سپٽمبر ۱۹۳۲ ع تي صبح جو ڏھين بجي، خانبھادر ولي محمد حسنعليءَ جي رھائش گاھ تي ڪوئايل ميٽنگ ۾ حاضر ٿي، اسان جي حمايت ڪندا.

اوھان جو وفادار، شاھنواز پٽو.

*(۱۳)

نيپئر ھوٽل، پونو، ۲۷-۹-۱۹۳۲ ع

منھنجا پيارا شاھ صاحب! جڏھن ھاڻ گذريل دفعي ڪراچيءَ ۽ ڪڏيا ھئاسون، تہ توھان مون کي ڊسٽرڪٽ ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ جي سالياني ڪڏجاڻيءَ جي صدارت ڪرڻ لاءِ چيو ھو. مون اھا ڳالھ قبول ڪئي ھئي، پر ان شرط تي تہ ڪانفرنس نومبر جي پچاڙيءَ ۽ سڏائي ويندي. ڊائريءَ ۽ پروگرام ڇاپيندي، مون کي معلوم ٿيو تہ آءٌ ان وقت مصروف ھوندس. ان ڪري اوھان کي

عرض ٿو ڪريان تہ اوهان جي آڇ قبول ڪرڻ جهڙو نہ آهيان. آءٌ ڀهرئين موقعي تي اوهان کي پنهنجي نہ اچڻ جو اطلاع ٿو ڏيان. ۽ عرض ٿو ڪريان تہ ان موقعي تي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کان صدارت ڪرائيندا.

ٻيڪ تمنائن سان، اوهان جو مخلص، شاهنواز پٽو

[سنڌي] (۱۴)

از لاڙڪاڻو، ۳۱ مارچ ۱۹۳۴ع.

بخدمت جناب سيد ميان غلام مرتضيٰ شاهہ صاحب!

بعد تسليمات جي واضح هجي تہ شفقت نامو بصورت تعزيت‌نامو رسيو. اوهان جي همدرديءَ جو گهڻو مشڪور آهيان. خداوند ڪريم اوهان کي شاد و فرخنده رکي!

ـــ بنده، شاهنواز پٽو

[سنڌي] (۱۵)

پٽو ڪالوني، لاڙڪاڻو، تاريخ ۱۹- مارچ ۱۹۳۴ع.

جناب عالي! توهان صاحبن ڏانهن اسان پنهنجي فرزندن جي شاديءَ ۽ طوهر جي خوشيءَ ملهائڻ لاءِ تاريخ ۳- اپريل ۱۹۳۴ع جو دعوتنامو موڪليو آهي، جو اميد تہ اوهان صاحبن کي پهتو هوندو. مگر اوهان صاحبن اڃا تائين ڪوبہ احوال پنهنجي تشريف آوريءَ جو ڪونہ موڪلڻ فرمايو آهي. هينئر نوازش روءِ هن ڪاغذ بهچڻ شرط احوال ڏيڻ فرمائيندا تہ ڪهڙيءَ تاريخ ۽ ڪهڙيءَ گاڏيءَ ۽ اوهان صاحب اچڻ فرمائيندا، تہ آن موجب اوهان صاحبن جي رهائش وغيره جو بندوبست رکيو وڃي.

نياز مند، شاهنواز پٽو.

[نوٽ: هيءُ دعوتنامو سر صاحب جي فرزند امداد عليءَ جي شاديءَ ۽ ذوالفقار علي پٽي جي طوهر جي موقعي تي موڪليل هو.]

[سنڌي] (۱۶)

ڪرم فرمائي سن! تسليم! اوهان جو خط مورخہ ۲۹- مارچ ٻهتو. ڪجهہ ڏينهن اڳوات نوٽيس ڪان سواءِ آءٌ سبوهڻ ۽ اچي ڪونہ سگهندس. هن وقت تائين خان بهادر محمد پريل ڪلهوڙي وٽان سون کي ڪابہ خبر هن باري ۽ ڪانہ آئي آهي، انهيءَ ڪري مان لاچار آهيان. تاريخ ۲- اپريل جو آءٌ اچي ڪونہ سگهندس.

— بنده، هاهنواز پٽو.

*(۱۷)

وزير، بمبئي گورنمينٽ

ڪائونسل هال، پونا، ۱۰- جولاءِ ۱۹۳۴ع

پيارا شاهہ صاحب! اوهان جي ۵ جولاءِ واري خط لاءِ مهرباني. جيتريقدر سون کي معلوم آهي، تہ ملڪ جي هن حصي ڪان يا سنڌ جي ڪمشنر Head of administration طرفان ڪابہ مداخلت نہ ڪئي ويئي آهي. اها ساري غلط پروپيگنڈا آهي. اوهان سڀئي آزاد آهيو تہ جيئن اوهان جي مفاد ۽ بهتر هجي اڻين ڪريو. جڏهن اسان جا دوست، جن جا نالا اوهان پنهنجي خط ۾ ڄاڻايا آهن، پوني ايندا، تہ ذاتي طرح ساڻن ڳالهائيندس ۽ سون کي اميد آهي تہ اهي اوهان جي تجويز جي قدرداني ڪندا ۽ ان موجب عمل ڪندا.

اوهان جو مخلص، شاهنواز پٽو.

سيد غلام‌مرتضيٰ شاهہ، وائيس پريزيڊنٽ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ دادو (سن، ضلع دادو) ڏانهن!

[نوٽ: مسٽر گبسن، ڪمشنر سنڌ، مسٽر گزدر کي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. جنهن بابت مون‌سر صاحب کي خط لکيو، جنهن جي جواب ۾ هيءَ خط اسانيو اٿس.

(١٨)

وزير بمبئي گورنمينٽ
ڪائونسل هال، پونو، ٣- آڪٽوبر ١٩٣٤ ع.

پيارا شاھ صاحب! اوھان جي نهايت دلچسپ خط لاءِ مهرباني. اوھان نهايت مشڪل حالتن ۾ جنهن همت ۽ سرجوهيءَ سان مقابلو ڪري رهيا آهيو، ان جي ساراھ ڪرڻ کان رهي نٿو سگهجي. توھان جهڙن ليڈرن جي ٿي اڄڪلهه ملڪ ۽ قوم کي ضرورت آهي.

آءٌ اوھان جي خط ۾ اظهار ڪيل ڪنهن نقطن سان متفق آهيان. آءٌ سمجهان ٿو ته خانبهادر الهه بخش سان مشورو ڪرڻ بهتر ٿيندو، ۽ پوءِ اڄ ته هيءَ ڪنهن قدم کڻڻ کان اڳ اسان کي اعتماد ۾ وٺندو. اميد ته ڪامياب ٿيندا.

اوھان جو مخلص، شاھنواز ڀٽو

(١٩)

وزير بمبئي گورنمينٽ
ڪائونسل هال، پونو، ٩- آڪٽوبر ١٩٣٤ ع.

منهنجا پيارا سيد! (وائسي پريزيڊنٽ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ، دادو). اوھان جو حيدرآباد ٤ آڪٽوبر وارو خط مون کي موصول ٿيو، احوال پڙهي انتهائي خوش ٿيس.

ڏکهي سفر ۾، فقط صحيح مقصد ٿي ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪري سگهي ٿو. ڪو ماڻهو ڪيترو به هوشيار ۽ طاقتور هجي، هو هميشه بيوقوف بڻائي نٿو سگهي. مون کي اميد آهي ته اوھان جي ڪوشش سان آهي (مخالف) جلد ئي صفا ظاهر ٿي پوندا ۽ سندن ڪيڏ ختم ٿي ويندي.

مون کي اميد آهي ته اوھان کي منهنجو اڳيون خط پهچي ويو هوندو، جنهن ۾ مون پنهي تجويزن جي حمايت ڪئي آهي. وڌيڪ غور کان پوء آءٌ چاهيان ٿو ته ٻئي نقطي تي پنهنجا راءِ

ظاهر ڪريان. منهنجي سمجهه موجب ڪم جيئن هينئر هلي رهيو آهي، اڃين ئي هلڻ ڏجي. هن وقت پروگرام بدلائڻ لاءِ ڪافي دير ٿي ويئي آهي.

سڀني دوستن لاءِ سلام، اوهان جو مخلص، شاهنواز پٽو.

قلم تازو: جيڪڏهن اوهان برو محسوس نه ڪريو تہ مسٽر مهر علیؑ شاه کي عرض ڪندا تہ نٽي مان وڃن ڪن اجرڪون وٺي، بل سميت جيترو جلد ٿي سگهي سون کي ڏياري موڪلي. هيءَ جيڪڏهن اها تڪليف برداشت ڪندو تہ آءٌ سندس نهايت ٿورائتو ٿيندس.

—شاهنواز،
وزير گورنمنٽ بمبئي

(۲۰)

سيڪريٽريٽ، بمبئي، ۱۵- نومبر ۱۹۳۴ع.

پيارا شاه صاحب! مون کي اوهان طرفان ڪجهه هفتا اڳ تار پهتي هئي، جنهن ۾ جيو هوو تہ آيا آءٌ حاتم علويؑ کي بمبئيؑ ۾ ٻاڻ وٺ رهائي سگهان ٿو؟ آءٌ ان وقت اوپر خاندیش ضلعي ۾ گشت ڪري رهيو هئس، ۽ اوهان جي تار نهايت دير سان پهتي، ۽ بمبئيڪان ٻاهر هڻڻ سبب اوهان کي جوڳو جواب ڏيئي نہ سگهيس.

آءٌ سمجهان ٿو تہ اسيمبليؑ جي چونڊن کان پوءِ اوهان نهايت ٿڪاوٽ محسوس ڪندا هوندا، جيئن تہ اسان کي اخبارن مان معلوم ٿيو تہ اليڪشن جون سرگرميون نهايت زور هيون ۽ اڳ ڪڏهن به سنڌ ۾ اهڙي سرگرمي نہ ڏٺي ويئي هئي.

سلامن سان، اوهان جو مخلص، شاهنواز پٽو.

(۲۱)

وزير بمبئي حڪومت

سيڪريٽريٽ، بمبئي، ۲۶- نومبر ۱۹۳۴ع.

منهنجا پيارا سيد! آءٌ اوهان جي مبارڪبادي تار موڪلڻ

لاءِ نهايت مشڪور آهيان، جيڪا اوهان منهنجي پاءُ سردار نبي بخش پٽي جي ليجسليٽو اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ ڪاميابيءَ بابت موڪلي آهي. سچ پچ اها هڪ شاندار ڪاميابي آهي، جنهن تي آسان سان فخر ڪري سگهون ٿا.

اوهان جو مخلص، شاهنواز پٽو.

(۲۳)

سيڪريٽريٽ، بمبئي، پبلڪ سروس ڪميشن
۲۳- مارچ ۱۹۶۸ع. بمبئي ـ سنڌ.

پيارا غلام مرتضيٰ شاهه! اوهان جي عظيم ڪاميابيءَ تي منهنجون دلي ۽ مخلصانه مبارڪون قبول ڪندا.

اهي فقط اوهان جهڙا ماڻهو، جن جو مقصد "خدمت" آهي ۽ ملڪ جي پلائيءَ لاءِ مڪمل اعتماد، ايمانداريءَ، وفاداريءَ سان ڪم ڪندا رهن ٿا، فقط اهي ئي اهڙا شاندار نتيجا حاصل ڪري سگهن ٿا.

اهو سچ آهي تہ اوهان کي مشڪلاتون درپيش آيندیون پر خداوند عظيم، جنهن هيستائين اوهان جي رهبري ڪئي آهي، سو اوهان ۽ اوهان جي دوستن کي، پنهنجي حق ۽ ڪنبل اعليٰ ۽ شاندار مشن ۽ ضرور ڪامياب ڪندو.

ـ اوهان جو مخلص، شاهنواز پٽو.

[نوٽ:- سرشاهنواز پٽي کي اسيمبليءَ ۽ اڪثر مسلمان سيمبرن جي حمايت حاصل هئي ۽ گورنر کي چيو ويو تہ هن کي سنڌ جو وزير اعليٰ مقرر ڪري، پر هن انڪار ڪندي ۵ سيمبرن جي پوئلڳيءَ واري ماڻهوءَ سر غلام حسين کي وزارت ٺاهڻ جي اجازت ڏني. سون سرتوڙ ڪوشش ڪري ۱۲ سڀني ۽ آن وزارت کي شڪست ڏيئي خانبهادر الهہ بخش سومري (جو سر پٽي جو ليفٽيننٽ هو) جي هٿ هيٺ نئين وزارت قائم ڪرائي هئي. هيءَ خط ان سلسلي ۾ لکيو آس]

*(۲)

بي-نظير، ميڪنيل روڊ، ڪراچي، ۷ فيروري ۱۹۵۰ع

منهنجا پيارا شاهه صاحب! اوهان جي نهايت مهرباني، جو پنهنجو ڪتاب "Struggle for New Sind" (نئين سنڌ لاءِ جدوجهد) مون کي موڪليو اٿو. اهو ڪتاب سنڌ ۽ ان جي ماڻهن لاءِ اوهان جي ڪيل بي لوث خدمتن جو انتهائي ڪارآمد دستاويز آهي.

موجوده وقت، جنهن ۾ اسان رهي رهيا آهيون، انهن جي ممڪن آهي پوري قدرداني نه ٿي سگهي، پر مون کي يقين آهي ته اينڊڙ نسل ان جو نهايت قدر ڪندا ۽ سنڌي عوام جي صحيح حقن لاءِ اوهان جيڪي خدمتون ۽ قربانيون ڪيون ۽ ڏنيون ۽ جا جدوجهد ڪئي آهي، انکي ساراهيندا، خصوصا سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي جي سلسلي ۾.

مهرباني ڪري هڙي هالدار ڪتاب ("نئين سنڌ لاءِ جدوجهد") تصنيف ڪرڻ تي منهنجون دلي مبارڪون قبول ڪندا.

سلامن سان، اوهان جو مخلص هاهنواز پٽو.

(۴۲)

سر غلام حسين هدايت‌الله شيخ

سر غلام حسين، ميان هدايت الله شيخ جو فرزند هو، ۽ شڪارپور شهر ۾ جنوري ۱۸۷۸ع ۾ ڄائو هو. پڙهڻ بعد وڪالت شروع ڪيائين. بمبئي ڪائونسل جو ميمبر چونڊجي، ڪجهه وقت وزير رهيو. پوءِ بمبئي ڪان سنڌ جي جدا ٿيڻ بعد گورنر جي صلاحڪار ڪاميٽيءَ جو چيئرمن ٿيو. ان بعد ڪڏهن ننڍو وزير ته ڪڏهن وڏو وزير رهندو آيو. سندس زندگيءَ جو مڪمل احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ بيان ڪيل آهي.

هيءَ سياست عمل جو جاڻو، ممتاز سياستدان ۽ مدبر ڪي گذريو آهي. هن جي حياتيءَ جي دور ۾ منهنجو گهڻو وقت سائس اختلافن ۾ گذريو. اهي اختلاف شخصي نه پر نظرياتي ۽ اصولي هئا. سون "جنب گذرايم جن سين" ۽ لکيو آهي ته

"هو پرفيڪشنسٽ هو ۽ آءٌ آئيڊيلسٽ هوس، هن جا پير زمين تي هئا. سون مٿي هوا ۾ اڏامڻ ٿي گهريو. هو صاحب عقل هو، آءٌ صاحب جنون هوس. هو حال تي حاوي هو، آءٌ آئيندي لاءِ حيران هئس. ظاهري طور تي هو ڪامياب هو ۽ آءٌ ناڪامياب. سياسي دنيا ۽ ٻنهي ڳالهين جي ضرورت آهي. آئيڊيلسٽ نه هجي ته آزاديءَ جا خواب، اقتصادي انقلاب ۽ وطن مستقبل جا امنگ ڪي پيدا نه ٿين، پرفيڪشنسٽ پاليٽيشن نه هجن ته مڪمل حڪومت جو انتظام، ملڪ جي سياست جو استحڪام، ملڪي تعمير جا منصوبا بغير تعبير جي رهجي وڃن".

سندس چند خط هيٺ ڏجن ٿا.

(۱)

۱۷- فبروري، ۱۹۲۰ع

عالي‌شان امبدگاهر سيد غلام مرتضيٰ شاهه!

خط اوهان جو پهتو- مهرباني. اسان‌کي پاڻ ڪيس جوگهڻو خيال آهي. اميد آهي ته سڀ ڦيٽر ٿيندو، جو اسان پنهنجي ڪوشش سان ڪين گهٽائيندا سون.

ـــ غلام حسين.

(۲)

سيفيلڊ روڊ، ڪراچي، ۶- مئي ۱۹۳۶ع

صاحب سلمه!

مڪرمي و مشفقي عاليجناب سيدغلام مرتضيٰ شاه السلام عليڪم و رحمة‌الله و برڪاته. واضح هجي ته صاحب جن‌کي معلوم آهي ته سنڌ جي هندو صاحبن تازو عاليجناب هز ايڪسيلينسي گورنر

صاحب سنڌ جي ڪانگريس گارڊن پارٽي ڏني هئي. ساڳيءَ طرح اسان ضرورت محسوس ڪري رهيا آهيون ته هڪ ايڪسپليسي گورنر صاحب کي مسلمانان سنڌ طرفان ڪراچيءَ ۾ هڪ شاندار گارڊن پارٽي ڏني وڃي، جنهن لاءِ ٨- جون ١٩٣٦ع جو ڏينهن مقرر ڪيو ويو آهي.

صاحب جن جي زنده دليءَ ۽ اميد رکي عرض ٿو ڪجي ته ازراهِ ڪرم پارٽيءَ جي خرچ اخراجات لاءِ اسان جي ڪشاده دليءَ سان مدد فرمائيندا. پارٽيءَ جو دعوتنامو وقت سر صاحب جن ڏانهن موڪليو ويندو. جيڪڏهن پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ صاحب جن کان معزز ماڻا موڪلڻ مناسب سمجهن ته اهي به مهرباني ڪري لکي موڪليندا. مهرباني ڪري امدادي رقم ترت ارسال ڪري ممنون فرمائيندا.

زياده خيرو السلام

نياز ڪيش غلام حسين.

قلم قازو ته سنڌ آزاد ڪانفرنس جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي مشوري سان گارڊن پارٽيءَ لاءِ انتظام ۽ پئسي جي فراهميءَ واسطي ضلعي ضلعي لاءِ سب ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي آهي، جنهن ۾ صاحب جن چونديا ويا آهن. اوهان کان سواءِ پيا ٿي: هڪ رئيس يار محمد خان جوئيجو، ٻيو مسٽر نجم الدين ۽ ٽيون خانبهادر محمد پريل خان آهي. هرهڪ ضلعي مان گهٽ ۾ گهٽ ٢٥٠ روپيا ڪٺا ڪرڻا آهن. ازراهِ ڪرم پين سيمرن سان ملي سواءِ انفرادي طرح گهربل رقم پوري ڪري اسان جي نائي ارسال فرمائيندا. پارٽيءَ جي دعوتناما جيڪي هرهڪ ضلعي ڏانهن موڪليا ويندا، جي ٻن انهيءَ سب ڪاميٽيءَ کي معزز زميندارن ۽ وڏن عملدارن کي ڏيڻا آهن. مهرباني ڪري هن ڪم ۾ خاص دلچسپي وٺي ممنون فرمائيندا.

نياز ڪيش، غلام حسين هدايت الله.

٥(٣)

سيفيلڊ روڊ، ڪراچي، ١٦- مئي ١٩٣٦ع

پيارا سيد صاحب! توهان جي خط لاءِ وڏي مهرباني.

جيڪڏهن ڪاميٽيءَ جا پيا سيمبر اوهان جي تجويز ڪيل

ميٽنگ جي رٽ سان متفق ٿين، تہ مونکي ڪوبہ اعتراض نہ آھي.

اوھان ڪاميٽيءَ جي سيڪريٽري سيد ميران محمد شاھ کي لکي سگھو ٿا تہ اوھان طرفان تجويز ڪل ميٽنگ ڏانئي. ڪراچي ضلعي بابت مون کي ڪابہ ڄاڻ نہ آھي تہ ڪنھن ڪنھن ڏي ڪارڊ موڪليا ويا آھن. مھرباني ڪري جيترو جلد ٿي سگھي اطلاع ڪندا ۽ ان سانگڏ صحيح ڳالھ ۽ ائڊريسون بہ موڪليندا.

ان کان سواءِ پارٽيءَ لاءِ پئسن گڏ ڪرڻ جي بہ پوري پوري ڪوشش ڪندا. ڇاڪاڻ تہ ڪنھن بہ ھنڌان ڪوبہ پيسو نہ ملیو آھي. اسان کي پارٽيءَ جي خرچ لاءِ پئسا ضرور گھرجن، سو مھرباني ڪري اوھان پئسا گڏ ڪرڻ لاءِ جيترو جلد ٿي سگھي ٻنھنجي طرفان ڪوشش ڪندا.

اوھان جو مخلص، غلام حسين.

قلم تازو:- مون اوھان ڏانھن ڪي بہ ڪارڊ نہ موڪليا آھن، ڇاڪاڻ تہ مونکي اوھان جي صحيح ائڊريس جي خبر نہ ھئي. مون خانبھادر محمد پريل ڏانھن ۲۵ ڪارڊ، مسٽر يار محمد ڏي ۳۰ ڪارڊ ۽ آخوند نجم‌الدين کي ۲۰ ڪارڊ موڪلي ڇڏيا آھن. جيڪڏھن اوھان چاھيو ٿا تہ توھان کي ڪجھ موڪلجن تہ اھڙو اطلاع موڪليندا.

زياده خيرو السلام
نياز ڪيش غلام حسين.

*(۴)

سينيلڊ روڊ ڪراچي، ۲۱ جون ۱۹۳۷ع

پيارا سيد صاحب! توھان جي والده ماجده جي وفات جو ٻڌي، مونکي ڏاڍو ڏک رسيو آھي ۽ ان ڏک جھڙي موقعي تي اوھان سان دلي ڏک ۽ ھمدرديءَ جو اظھار ڪريان ٿو. آءٌ ھتي نہ ھئس پر ھميئيءَ طرف ويل ھئس، جتان اڄ ئي موٽيو آھيان ۽ اھا دکدائڪ خبر اچڻ سان ٻڌي اٿم. ڀال! الله مرحومہ کي ٻنھنجي جوار رحمت ۾ جاءِ ڏئي ۽ پوين کي صبر جي توفيق عطا فرمائي.

اوھان جو ھمدرد، غلام حسين ھدايت‌الله.

*(۵)

سيفيلڊ روڊ، ڪراچي، ۲۸ آڪٽوبر ۱۹۴۳ع

پيارا سيد صاحب! آءٌ پهرين نومبر جي صبح جو شڪارپور هوندس ۽ خانبهادر جان محمد خان سان گڏ رهندس. مهرباني ڪري مون کي شهر ۽ ٻين حصن جي ووٽرن جي لسٽ موڪلينداء ان کان سواءِ ٻه يا ٽي ماڻهوءَ موڪلينداء. مهرباني ڪري ۳۰-۱۲ بجي منجهند ڏاري خانصاحب جاڳڻ خان، جعفر خان جماليءَ ۽ سردار ڪوسي کي ٻڌ موڪلينداء. مهرباني ڪري خانبهادر جان محمد خان جي جڳهه تي انهن ماڻهن کي اڏڪل ۳۰-۱۲ بجي ٻاڻ آڻيندايا موڪلي ڏينداء.

اوهان جو مخلص، غلام حسين.

(٦)

سيفيلڊ روڊ، ڪراچي. ۷ فبروري ۱۹۴۶ع

پيارا سيد صاحب! پارليامينٽري وفد جي دير سان پهچڻ ڪري ڪين هاڻي ۹- فبروري ڇنڇر ڏينهن ۳۰-۴ بجي شام منهنجي جڳهه تي 'اٽ هوم' (دعوت) ڏيئي رهيو آهيان.

توهان جي مشغولين جو مون کي احساس آهي، پر اميد ٿو ڪريان ته اوهان مهرباني فرمائي، اچي شرڪ ڪيندا.

مخلص، غلام حسين.

(۴۳)

شهيد الهه بخش سومرو

خانبهادر الهه بخش سومرو، شڪارپور جو ويڙهه ۽ سومرا قبيلي مان، ميان حاجي محمد عمر سومري جو فرزند هو. هيءُ ۱۹۰۰ع ڌاري شڪارپور شهر ۾ ڄائو هو. هيءُ پهرين جيڪب آباد ميونسپالٽيءَ ۽ ضلعي سکر لوڪلبورڊ جو صدر رهيو، پوءِ ۱۹۲۶ع ڌاري بمبئي ڪائونسل تي چونڊجي ويو ۽ ۱۹۲۸ع ۾ ضلعي لوڪلبورڊ سکر جو

صدر چونڊيو. منهنجي سائس واقفيت ۱۹۲۷ع کان ٿي، جا پڇڙيءَ تائين هلندي آئي. سر هاهنواز پٽي جي ليڈر شپ هيٺ ۱۹۳۴ء ۾ جيڪا "پيپاس پارٽي" ناهيسون، ان جو ڊپٽي ليڈر هن کي چونڊيو ويو. مارچ ۱۹۳۸ع ۾ هن کي سنڌ اسمبليءَ جي اتحاد پارٽي جو ليڈر چونڊيو ويو. سر غلام حسين جي وزارت ڏهن ڏينهن بعد هيءَ سنڌ جو وزير اعليٰ ٿيو. آخر زماني ۾ انگريز سرڪار جا لقب (خانبهادر وغيره) ڦٽا ڪرڻ بعد وزارت اعليٰ تان دسمس ڪيو ويو. ۱۴ مئي ۱۹۴۳ع تي شڪارپور ۾ شهيد ٿيو. سنڌس مڪمل ۽ مفصل زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنل آهي.

وڏو سمجهو سياستدان، باهمت، مخلص ۽ محب وطن ڪارڪن هو. ڪجهه وقت منهنجي سائس سنگت رهي، ۽ ڪجهه وقت اختلاف رهيا. مون "جنب گذاريم جن سين" جي آخر ۾ لکيو آهي ته:

> "افسوس جو سنڌس جيڏري هن سنڌ جي سورهيه سپوت کي انسان ڪونه سڃاتو. خداتعاليٰ کيس جنت ۾ جاءون ڏئي! ۽ هو انسان لاءِ انسان دعاگو هجي."

سنڌس چند خط پيش ڪريان ٿو:

*(۱)

شڪارپور سنڌ، ۱۳- ڊسمبر ۱۹۳۰ع

پيارا ڀاءِ صاحب! آءٌ اوهان جو ڏيان منهنجي ۳۰ نومبر ۱۹۳۰ع واري خط ڏانهن ڇڪائيندي، اوهان کي عرض ٿو ڪريان ته مهرباني ڪري مٿين مهيني جي ۷ تاريخ، جيڪب آباد ۾ گهوڙن جي ميلي (Horse Show) جي موقعي تي اينءَ ته انسان انهن مختلف اهم سوالن تي سوچ ويچار ڪري سگهون، جيڪي ليجسليٽو ڪائونسل جي اينڊڙ اجلاس ۾ پيش ڪرڻا آهن.

مون لاءِ اهو نهايت خوشيءَ جو باعث ٿيندو ته اوهان منهنجي دعوت قبول ڪريو. وڌيڪ لاءِ اوهان کي عرض ٿو ڪريان ته مهرباني

ڪري جيڪي رڏون يا تجويزون ميٽنگ ۾ پيش ڪرڻ گهرو، سي گهٽ ۾ گهٽ ۾ هفتا اڳواٽ موڪلينداٿ تہ جيئن آءٌ سهڻي واسطيدارن کي وقت اندر ايجنڈا جي ڪاپي موڪلي سگهان.

مهرباني ڪري جلد جواب ڏيڻ جي عنايت ڪندا.

اوهان جو مخلص، الهہ بخش، ايم. اي‌ل. سي.

٥(۲)

ٻوٽو، ۲۳ جون ۱۹۳۳ع. منهنجا پيارا شاهہ صاحب!

آءٌ اوهان کي هي ٻ اکر ان ڪري لکي رهيو آهيان، جو منهنجو ڀاءُ، حاجي مولا بخش، يونيورسٽي سينيٽ جي چونڊن ۾ اميدوار بيٺو آهي، ۽ ان لاءِ اوهان‌کي هن جي حمايت ۽ مدد لاءِ گذارش ڪرڻي اٿم.

اوهان کي معلوم هوندو تہ يونيورسٽي سينيٽ ڪي سنڌ جي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊن جي نمائندگيءَ لاءِ هيءَ ئي هڪ جڳهہ آهي. چونڊون جولاءِ جي پهرئين هفتي ۾ ٿي رهيون آهن. آءٌ نهايت لوڙائتو ٿيندس، جيڪڏهن اوهين ذاتي طرح هن جي مدد ڪندا ۽ پنهنجي بورڊ جي ميمبرن کي ٻ ان باري ۾ چوندا، ۽ پنهنجي وسان ڪاطري ڪندا تہ بورڊ جو ووٽ منهنجي ڀاءُ جي حق ۾ استعمال ٿئي.

مهربانيون ۽ ٿورا، اوهان جو مخلص، الهہ بخش.

٥(۳)

ڪارپور سنڌ، ۱۹- مئي ۱۹۳۳ع

پيارا غلام مرتضيٰ شاهہ

مون‌کي اميد آهي تہ اوهان کي معلوم هوندو تہ اسيمبليءَ جون چونڊون ايندڙ نومبر ۾ ٿيڻ واريون آهن. منهنجو ڀاءُ مولا بخش البڪشن ۾ سنڌ جي زمينڌارن ۽ جاگيردارن جي سيٽ لاءِ بيٺو آهي تنهنڪري آءٌ اوهان‌کي عرض ٿو ڪريان تہ مهرباني ڪري پنهنجي مڪمل دلي مدد ڪندا ۽ پنهنجي دوستن ڪي اسان‌جي لاءِ اثر ۾

رسوخ هلائيندا. اسان کي اوهان جهڙن دوستن تي مڪمل پروسو آهي ۽ مونکي پڪ آهي ته اسان جو پروسو غلط نه آهي. مهرباني ڪري مون کي جلد ۽ جلد تسلي بخش جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا.

اميد ته خوش خورم هوندا.
نيڪ تمنائن سان،
اوهان جو مخلص، الهه بخش.

(۴)

ڪڪارپور، سنڌ، ۳۰- مئي ۱۹۳۴ع
پيارا شاهه صاحب!

اوهان جي ۲۴ تاريخ واري تسلي بخش خط لاءِ آڳ اوهان جو نهايت ٿورائتو آهيان، جو مون کي اڄ صبح جو ڪراچيءَ کان موڪل وقت مليو آهي.

آڳ توهان طرفان خط ۽ اظهار ڪيل راين سان بلڪل متفق آهيان ۽ مون کي ڪوبه اعتراض نه آهي، جيڪڏهن ايندڙ مهيني جي ۱۱- تاريخ کان هوءَ ڪراچيءَ ۾ ميٽنگ ڪوڪاني وڃي، جيئن ته سر شاهنواز خان ساڳيءَ تاريخ تي ڪراچيءَ پهچي رهيو آهي. جيڪڏهن اها جڳهه مناسب نه هجي، ته ميٽنگ ڪنهن ٻئي هنڌ رکي وڃي، جيڪا اوهان تجويز ڪريو. الهيءَ وچ ۾ اوهان جيڪا به منهنجي پرپور مدد ڪندا، ان لاءِ آڳ اوهان جو نهايت ٿورائتو رهندس.

اميد ته خوش خورم هوندا.
نهايت سلامن سان،
اوهان جو مخلص، الهه بخش.

(۵)

ڪڪارپور سنڌ، ۷- جولاءِ ۱۹۳۷ع
پيارا شاهه صاحب!

اوهان جي ۵ تاريخ واري خط لاءِ نهايت مهرباني! آڳ هي

سڀ ڏينهن اوڪلبورڊ چونڊن جي سلسلي ۾ لاڙڪاڻي ۾ ورڪ ڪرڻ ۾ مشغول رهيو آهيان. منهنجي خيال ۾ اسان کي هلندڙ افواهن تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏيڻ گهرجي. مونکي اميد آهي تہ خدا جي مهرباني سان سڀڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو.!

آءٌ اخبار بابت توجهہ سان خيال ڪري رهيو آهيان. اميد تہ ۹- تاريخ کان پوء. آءٌ نبي بخش پٽي سان ڳالهائي هولهائي، اوهان کي جواب موڪلينداس.

انهيءَ وچ ۾ مهرباني ڪري پنهنجي پروگرام کان واقف ڪندا، تہ جيئن آءٌ اوهان سان سڪهوئي ڪنهن تاريخ تي ملي سگهان.

مون کي اميد آهي تہ اوهان Canvassing شروع ڪري ڇڏي هوندي. مهرباني ڪري مون کي هر موڪليندا تہ ووٽر آفيسرن جي اثر ۾ اچي، اسان کان ڦري تہ نہ وڃا آهن.

سلامن سان،

اوهان جو مخلص، الهہ بخش

(٦)

ڪارپور، سنڌ، ۱۵- نومبر ۱۹۳۴ع

پيارا غلام مرتضيٰ شاهہ صاحب!

آءٌ هي سمورا ڏينهن اوهان جي طرف جي ووٽن جي معلوميت لاء مشتاق ۽ منتظر رهيو آهيان. مهرباني ڪري ورندڙ ٽپال ۾ مون کي پڏائيندا تہ اسان جي پوزيشن ڪيئن آهي؟ اوهان جي ماتحت هولنگ اسٽيشن ني داهل ٿيل ووٽن ۽ مولا بخش جي حاصل ڪيل ووٽن جو ڪيترو تعداد آهي؟

مون کي اڃا سنڌ مان ڪجهہ رپورٽون موصول ٿيون آهن، جن جو تفصيل خط سان گڏ موڪليان پيو، تہ جيئن ان جو دلچسپيءَ سان مطالعو ڪري سگهو.

آءٌ ساڳيو خط اوهان کي حيدرآباد ۾ موڪليان پيو، تہ

جيئن اوهان وٽان تڪڙو جواب ملي سگهي.

سلامن سان،

اوهان جو مخلص، الهه بخش

(٧)

وزير حڪومت سنڌ

"ڪازورياس" ڪراچي، ١١- آگسٽ ١٩٣٨ع.

پيارا غلام مرتضيٰ شاهه!

آءٌ نهايت ٿورائتو ٿيندس، جيڪڏهن اوهان آڇر ڏينهن، ١٤- آگسٽ ١٩٣٨ع تي ٨-٤٥ بجي شام، ڪراچي ڪلب ۽ منهنجي رات جي مانيءَ جي دعوت ۽ شريڪ ٿيندا، جيڪا سر هيو ڪليٽن سي. آءِ. آءِ ۽ بمبئي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ميمبرن جي مان ۽ ڏني آهي.

اوهان جو مخلص، الهه بخش

(٤٤)

خانبهادر محمد ايوب کهڙو

سنڌ جي مڪمل سياستدانن مان خانبهادر کهڙو هڪ آهي. هيءَ مهان شاهه محمد کهڙي جو فرزند ۽ لاڙڪاڻي ضلعي ۽ پٽن ڪان پوءِ وڏو زميندار آهي. هن سنڌ جي سياست ۽ چگو حصو ورتو ۽ چگي حيثيت حاصل ڪئي. سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ لاءِ ڪوشش ڪيائين. سنڌ محمدن اسوسيشن جو سرگرم ڪارڪن هو، سر غلام حسين جو دست راست هو.

جولاءِ ١٩٤٢ع ۽ آل انڊيا مسلم ليگ ورڪنگ ڪاميٽيءَ تي نامزد ٿيو. پاڪستان ٿيڻ بعد هيءَ سنڌ جو پهريون وزير اعليٰ ٿي رهيو. ٦- جنوري ١٩٤٨ع تي ڪراچي شهر ۽، جا مهاجرن طرفان هندن خلاف قرارٽ ۽ خونريزي ٿي، تنهن تي هن نهايت دليريءَ سان قبضو ڪري ورتو هو. مرڪز کي ڪراچي نه ڏيڻ، وڌيڪ

مهاجرن جي آمد تي بندش وجهڻ، هندن جي چڏيل زمينن، ڪارخانن ۽ دڪانن ۽ سنڌين کي حق ڏيارڻ ۽ سنڌ جي دشمن لياقت علي ۽ طرفان سنڌ حڪومت جي ڪمن ۽ مداخلت جي مخالفت ڪرڻ وغيره جي ڏوهه ۽ جناح صاحب ۽ لياقت علي ۽ ڪڏجي هن کي وزارت مان خارج ڪري، جيل ۽ وڏو ۽ ڪجهه وقت لاء ڪيس پرودا هيٺ سياست مان خارج ڪيو.

بچاڙي ۽ حڪمران سامراج کي سموري ۽ طاقت جو منبع سمجهي، رخ بدلائي، سرسي ۽ جو پاسو ورتي، ونيونٽ ٺاهي، سنڌ کي پنجاب جي ماتحتي ۽ ڏيڻ جو ڪڏو ڪم ڪري، پنهنجي ڪڏيل ڪردار تي پاڻي ڦيري چڏيائين. وري ۱۹۵۷ع ۽ ونيونٽ کي ٽوڙائڻ لاء اسان سان ساڻ ڏنائين.

سندس زندگي ۽ جو مفصل احوال "جنب گذاريم جن سين" ۽ ڏنل آهي، ان ڪري وڌيڪ بيان ڪرڻ طوالت جو باعث ٿيندو. منهنجي ساڻس واقفيت ۱۹۲۳ع کان ڪي مون وٽ سندس 160 کن خط محفوظ آهن، جن مان ڪجهه پيش ڪجن ٿا.

• (۱)

لاڙڪاڻو سنڌ. ۱۹- آڪٽوبر ۱۹۲۷ ع

پيارا سيد غلام مرتضيٰ شاهه!

اوهان جي ڪڏيل مهيني جي ۳۰ تاريخ واري خط لاء مهرباني، جيڪو مون کي ڪجهه ڏينهن اڳ پوني ۽ پهتو هو. آءٌ اوهان کي نهايت ڏک سان اطلاع ڪرڻ ڪهران ته ڊاڪٽر مان وارو معاملو هن کان اڳ مڪمل طور حڪومت طرفان فيصل ڪيو ويــو. ان فيصلي کي تبديل ڪرڻ جو امڪان ڪونه هو. جڏهن ته ڊاڪٽر مان ۽ حڪومت جي وچ ۽ معاهدي ڪرڻ لاء ڪيترين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو ٿي پيو، چو ته هن جون رڳون فضول خرچ سمجهيون ٿي ويون. هنن حالتن هيٺ افسوس سان اظهار ڪرڻو ٿو پويم ته معاملي بابت ڪجهه بہ ٿي نٿو سگهي. مسٽر مان کي هن وقت يا

هن کان ڪهڙو اڳ چارج ونڻ گهرجي ها.

اسيد ته خوش هوندا،

اوهان جو مخلص، محمد ايوب کهڙو.

*(۲)

لاڑڪاڻو سنڌ ۱۳- آڪٽوبر ۱۹۲۸ع

پيارا سيد غلام مرتضيٰ شاهه!

آءٌ اوهان کي اطلاع ٿو ڏيان ته اوهان کي سنڌ محمدن ايسوسيشن پاران، هز ايڪسيلنسي گورنر بمبئيءَ جي مان ۽ انڊريس (استقباليه) پيش ڪرڻ لاءِ چونڊيو ويو آهي، انڊريس هن مهيني جي ۳۱ تاريخ ۱۱- بجي صبح جو فريئر هال ۾ ڏيڻي آهي.

جيڪڏهن ته ڪاسڪيٽ (Casket) تي خرچ ڪرڻو پوندو، ۽ انڊريس جي چاڻيءَ جو ڪم خانبهادر ولي محمد حسن علي رٽائرڊ ڊپٽي ڪليڪٽر، ديوان ولا (Devon villa) ڪراچي ڪينٽ ريلوي اسٽيشن، واري جي حوالي ڪيو ويو آهي، تنهنڪري هر ميمبرتي ۱۰ روپيا چندو مقرر ڪيو ويو آهي. آءٌ نهايت ٿورائتو ٿيندس، جيڪڏهن مهرباني فرمائي، پنهنجو ۱۰ روپيا چندو خانبهادر کي ڏياري موڪلينداا.

اوهان جو مخلص، محمد ايوب کهڙو.

*(۳)

لاڑڪاڻو، ۳- جولاءِ ۱۹۲۹ع، پيارا شاهه صاحب!

جنهن صورت ۾ اوهان سنڌ محمدن ايسوسيشن جي سيٽنگ ۾ شرڪت لاءِ اچي رهيا آهيو، ان حالت ۾ آءٌ نهايت خوش ٿيندس جيڪڏهن اوهان ۶- تاريخ سون وٽ اچي مهمان ٿيو.

اسان کي سيٽنگ‌کان اڳ سيٽنگ جي ايجنڈا تي بحث ڪرڻ جو موقعو ملي ويندو. ان ڪري اهو بهتر ٿيندو، جيڪڏهن اوهان صبح واري گاڏيءَ ۾ اچو.

ٻيڪ تمنائن سان،

اوهان جو مخلص، محمد ايوب کهڙو.

*(۴)

لاڑڪاڻو، ۸ نومبر ۱۹۲۹ع

بخدمت گرامي جناب هاهه صاحب سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب لطفه!

السلام عليڪم. موڪليل نوازشناسو پهتو، احوال معلوم ٿيو. منهنجي به ساڻي راءِ آهي ته ٻاڻ ۽ ڪڏجي ان باري ۾ ڪنهن سوزون فيصلي تي پهچجي. خانبهادر عظيم خان هت آهي، ان سان ٻڌ مان ان باري ۾ ڳڻتيو ڪئي آهي. بهتر ٿيندو ترڪورلر صاحب جي انڊريس واري موقعي تي سڀني جي روبرو مون ڪي به پنهنجي خيالات جي اظهار ڪرڻ جو وجهه ملندو. مان تاريخ 20 صبح جو سنڌ ميل ۾، جا صدر اسٽيشن تي ۸ بجي صبح ڏاري پهچي ٿي، ڪراچيءَ اينڊس اوهان جي ڏنل دعوت جي لاءِ مشڪور آهيان. انڊريس ڏينڊز صاحبن ڏانهن اوهان جي ڇانهه جي دعوت ۵ بجي شام، ۲۰ تاريخ بابت مان لکندس، مگر بهتر ٿيندو جي اوهان ٻڌ ميزبان جي حيثيت ۾ ڏانهن سڏو لکو. انهن صاحبن جا نالا ڪامل ياداشت ۾ ڏنل آهن.

زياده خير والسلام،

بنده محمد ايوب کهڙو

*(۵)

لاڑڪاڻو، ۱۱-۱۲-۱۹۲۹ ع

پيارا هاهه صاحب!

آڱ هينئر بمبئي کان موٽيو آهيان. بدقسمتيءَ سان مون کي رستي تي بخار ٿي پهو ۽ اڃا ٿيڪ نه آهيان، جيڪڏهن آڱ ڇگو ٻلو ٿي ويس ته انشاءَ الله ڪراچيءَ ۱۴ تاريخ صبح جو سنڌ ايڪسپريس ذريعي ڪراچيءَ پهچندس، جوڪا ڪينٽ اسٽيشن تي صبح جو ۸ بجي پهچندي آهي.

وڌيڪ خير، نيڪ تمنائن سان،

اوهان جو مخلص، ايم. اي کهڙو

(٦)

لاڑڪاڻو. ۲۸- مارچ ۱۹۳۰ع

پيارا شاهه صاحب!

مونکي افسوس آهي ته آءٌ ۲۸- تاريخ ڪن اڻٽر سبن ڪري اچڻ جهڙو نه آهيان. مون کي بٽنڪ جي مالي مسئلن جي ڪم جا پچاڙڪا ڏينهن آهن، ۳۰ ۽ ۳۱ تاريخ تي موڪل آهي. ۲۸ ۽ ۲۹ تاريخون ئي باقي رهن ٿيون جن تي ڪانگي ۽ پبلڪ ڪمن کي پورو ڪرڻو آهي، چاڪاڻ ته مالي سال پورو ٿيڻ وارو آهي.

آءٌ خداوند ڪريم کان دعاگو آهيان ته اوهان ڪامياب ٿيا هوندا. مهرباني ڪري ان باري ۾ خوش خير موڪليندا.

مونکي اوهان وٽان منهنجي تار جو جواب ڪلهه شام ۷ بجي پهتو ۽ جيتوڻيڪ مون ڪوشش ڪئي ته گاڏيءَ جي ٽائيم ٽائين ڪم کي پورو ڪري وٽان، پر گاڏيءَ تي پهچي نه سگهيس ۽ اچڻ ۾ ناڪام ٿيس.

سنڌ محمدن انسوسئيشن جي خاص ميٽنگ ۵ اپريل تي شام جو ۴ بجي لاڑڪاڻي ۾ رکي ويئي آهي، ان ڪري مهرباني فرمائي ۵ تاريخ صبح جو پهچندا ۽ مون وٽ اچي رهندا. خانبهادرعظيم خان به ساڳيءَ تاريخ تي لاڑڪاڻي اچي رهيو آهي ۽ آءٌ ڪيس لکي رهيو آهيان ته پنهنجو پروگرام اهڙيءَ ريت ترتيب ڏئي، جيئن هو ۵ تاريخ هتي هجي. آءٌ سبران محمد شاهه کي ٻڌ اچڻ لاءِ لکي رهيو آهيان.

نيڪ تمنائن سان،

اوهان جو مخلص، محمد ايوب کهڙو

(۷)

لاڑڪاڻو، ۲۹- اپريل ۱۹۳۰ع.

دام لطفه!

بخدمت گرامي، جناب سيد ميان غلام مرتضيٰ شاه صاحب، السلام عليڪم- اوهان جو خط مورخه ۲۵- اپريل جو پهتو- مان ۳- ۴ ڏينهن ڪراچيءَ ۾ ڪن ضروري ڪمن سان هوس، اوهان بابت

پڄا ڪيم، مگر معلوم ٿيو تہ ڳوٺ ويل آهيو. اوهان جيڪي حقيقتون پنهنجي خط ۾ ڏيکاريون آهن، سي برابر آهن. جن بابت مون کي ڪراچيءَ ۾ خبر پيئي هئي. تاريخ ۴ مئي تي سيٺ حاجي عبدالله هارون سکر ۾ ميٽنگ ڪوڻائي آهي. مسٽر جناح ۽ سر شفيع کي لنچ ۾ ڏني ائس، جنهن ۾ ڪن ٻين معززن کي ٻڌ مدعو ڪيو ائس. تنهنڪري منهنجو خيال آهي تہ جيڪڏهن چند ماڻهو انهيءَ موقعي تي سکر ۾ گڏ ٿي اڳتي قدم کڻڻ لاءِ مشورت ڪجي. ۽ ڪن ٻين ضروري ڳالهين بابت ٻڌ اوهان سان گفتگو ڪرڻي آهي. تنهنڪري بهتر ڏينڊو تہ ۳ تاريخ اوهان سکر اچو، يا ۱۳- ۱۴ مئي جي ڪراچي ۾، جتي مون کي ريلوي ميٽنگ ۾ اچڻو آهي، اتي ملو، ڀائيد مسٽر جمشيد بٽنڪ جي ميٽنگ ٻڌ انهيءَ وقت تي رکندو، تنهنڪري انهن تاريخن تي جيڪڏهن ڪراچيءَ هوندو تہ فيصلو ڪنداسين.

زياده خيروالسلام،
بنده محمد ايوب کهڙو،

(۸)

لاڑڪاڻو، ۱۲ مئي ۱۹۳۰ع دام لطفه

بخدمت گرامي درجت جناب سيد ميان غلام مرتضيٰ شاهصاحب، السلام عليڪم- موڪليل نوازشنامو مورخه ۷- مئي جو اڄ ٻهتو، احوال معلوم ڏيو. تمام خوشيءَ جي ڳالهه آهي، جو اوهان ڏيکارياڻن تاريخن تي ڪراچيءَ هوندا. ۽ مان گهٽي خوشيءَ سان اوهان وٽ رهندس، مان تاريخ ۱۳ مئي جي سنڌ ايڪسپريس ۾، جا صبح جو ساڍي ائين بجي ڏاري صدر اسٽيشن ڪراچيءَ تي پهچندي آهي، ان ۾ پهچندس.

وڌيڪ احوال روبرو ڏيڻ ونڻ ۾ ايندو.
والسلام، بنده محمد ايوب کهڙو.

(۹)

لاڙڪاڻو، ۲۲- سڀٽمبر ۱۹۳۰ع دائم لطفه!

بخدمت گرامي درجت جناب سيد ميان غلام مرتضيٰ شاه صاحب،

السلام عليڪم- سيد ميان ميران محمد شاهه جي تمام وڏي تعداد ۾ ووٽ ملڻ سان ڪامياب ٿيڻ جو ٻڌي ڪڏهن خوش ٿبس، ڇاڪاڻ ته انهيءَ ڪاميابيءَ ۾ اوهان جو وڏو هٿ هو. تنهنڪري ان لاءِ اوهان کي ٻڻ مبارڪ ڏيڻ بغير رهي نٿو سگهان.

تاريخ ۲۶- سڀٽمبر جي ميان انشاءَ الله تعالىٰ ڪراچيءَ ايندس ۽ اتي هفتو ڪن رهندس. شايد اوهان ان موقعي تي ڪراچيءَ هجو يا نه- ڪراچيءَ ۾ مون کي موٽر جي ضرورت ٿيندي. تنهنڪري جيڪڏهن اوهان کي باعث تڪليف جو نه ٿئي ته مهرباني ڪري پنهنجي موٽر ڊرائيور کي حڪم ڏيندا ته مون سان اهو هفتو رهي ۽ ڪراچيءَ کان باهر نه وڃي.

زيادهه خير والسلام بندو محمد ايوب کهڙو.

*(۱۰)

لاڙڪاڻو، ۲۴- سڀٽمبر ۱۹۳۰ع

پيارا جي-ايم سيد،

توهان جي خط لاءِ مهرباني.

حقيقت ۾ آءٌ پهريون ماڻهو آهيان، جنهن سوچيو ته مسٽر جناح ۽ سر پٽي کي گڏ روانگيءَ واريءَ شام تي اسٽيشن (استقباليه) ۾ ضيافت ڏنيءِ وڃي. مون چاهيو پئي ته اسٽيشن مسلم ليجسليٽرن پاران ڪو اهڙو ماڻهو ڏئي، جوگهٽ ۾گهٽ انگريزي سڀي ڄاڻندو هجي، يا انسوسيشن جو سينئر وائيس پريزيڊنٽ ڏئي.

آءٌ ڪائونسل جي فيصلن، خصوصا اوهان جهڙن دوستن جي مشوري لاءِ ترسيل هئس. آءٌ نهايت خوش آهيان جو اوهان ۽ حاجي عبدالله هارون (ايم-ايل-اي) مون کي موقعو ڏنو آهي ته ان ڪم کي سرانجام ڪريان.

مڪمل غور کان پوءِ مون محسوس ڪيو ته اها سنڌ محمدن

انسوسئيشن طرفان ڏيڻ گهرجي، جاڪان تہ اها سنڌ جي جدائي
بابت اندرون سنڌ جي مسلم عوام جي جذبات جي ترجمان آهي.
آءٌ ان ڪري استثنڊنگ ڪاميٽيءَ جي سيني ميمبرن کي منظوريءَ
لاءِ لکي رهيو آهيان تہ ان کي آئيني معاملو بنڌجي ۽ اسان کي
ڪراچيءَ ۽ ٻرينهن ڪڍجڻ کان ٻوءِ دعوتنامو موڪلڻ گهرجن.

منهنجي خيال ۽ اها ۱- آڪٽوبر تي ۵ بجي شام مسلم جيمخاني
۾ ٿيڻ گهرجي.

آءٌ انڊريس (استقباليہ) لکي رهيو آهيان، جا اوهان کي ڏيکاريندس.

اوهان جو مخلص،

ايم- اي- کهڙو.

*(۱۱)

لاڑڪاڻو سنڌ، ۱- جنوري ۱۹۳۱ع

پيارا غلام مرتضيٰ!

اوهان جي خط لاءِ مهرباني- آءٌ نهايت ممنون رهندس، جيڪڏهن
۱۲ تاريخ لاڑڪاڻي ۾ انسوسئيشن جي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪندا.
آءٌ اوهان کي سنجيدگيءَ سان ٻڌائڻ ٿو گهران تہ ميٽنگ تمام اهم
آهي، جنهن ۾ ڪيترا ضروري سوال بحث هيٺ اينداَ. تنهنڪري
اوهان جي حاضري انتهائي ضروري آهي.

آءٌ ۸ تاريخ جيڪب آباد وڃي رهيو آهيان ۽ ۱۰ تاريخ
لاڑڪاڻي موٽندس. اميد تہ خوش هوندا.

ٻيڪ ٻمنائن سان،

اوهان جو مخلص، محمد ايوب کهڙو.

قلم تازو: مهرباني ڪري هن وقت ڏي- جي سنڌ ڪالهج جي گرانٽ
بند ڪندا- آءٌ ان بابت روبرو ڳالهائيندس.

(۱۲)

لاڑڪاڻو، ۵- نومبر ۱۹۳۱ع

دام لطفه!

بخدمت گرامي جناب سيد غـــلام مرتضيٰ شاه صاحب،

السلام عليڪم- بعد از احوال خيريت، بمبئي ڪانونسل ۽ اريگيشن بل تي جيڪو بحث ٿيو هو، سو اسان ترجمو ڪرائي، سنڌ زميندار اخبار ۽ شايع ڪرايو هو. هيءَ اهم سوال هو. ان ڪري مناسب آهي تہ سنڌ جا ماڻهو انهيءَ باري ۽ پوريءَ طرح آگاهہ هجن. ان ڪري اسان مئنيجر سنڌ زميندار پريس کي لکيو آهي تہ اوهان صاحبن ڏانهن ڪراچيءَ پنجاهہ ڪاپيون موڪلي، جي مهرباني ڪري پهچڻ تي ضلعي جي مکيہ اسڪولن ۽ زميندارن ۽ تعلقيہ ڪارڀاريءَ جو بندوبست فرمائيندا. پنجاهہ ڪاپيون حاجي عبدالرحيم شاهہ صاحب ڏانهن پڻ سڏاول جدا موڪليل آهن.

زياده خيروالسلام، بنده محمد ايوب کهڙو.

(۱۳)

گرين وڊ - هوٽل، ڪراچي، ۱۱-۴-۱۹۳۲ع.

منهنجا پيارا سيد!

آءٌ هتي پن ڏينهن کان آهيان. اوهان جي موجودگي ذاتي مشورن لاءِ نهايت ضروري آهي. آءٌ ۱۳ - جي شام تائين هتي آهيان. جيڪڏهن جلدي ايندا تہ نهايت شڪر گذار ٿيندس. آءٌ وري ڪراچيءَ ۱۸ تاريخ "سنڌ جدائي ڪانفرنس" جي لاءِ موٽي ايندس ۽ اميد تہ اوهان پڻ ڪراچيءَ هوندا ۽ اوهان پنهنجي وس آهر اسان جي ممڪن مدد ڪندا.

ٻيڪ تمنائن سان،

اوهان جو مخلص، محمد ايوب کهڙو

(۱۴)

لاڙڪاڻو، ۵- نومبر ۱۹۳۳ع

السلام عليڪم-

بخدمت گرامي جناب شاهہ صاحب سيان غلام مرتضيٰ شاهہ صاحب!

آنريبل سر غلام حسين سان سڪر ۽ ڊيپوٽيشن جي صورت ۾ ملڻ ۽ ان سان اميد افزا نتيجا ڏسڻ بابت اوهان صاحبن کي اڳ اطلاع ڏنل آهي ان ڪري هوءَ سنڌن لاڙڪاڻي منزل تي هڪ پي ايڇ ڊي

ڪجي جي زميندارن جي حقن متعلق روبرو پيش ڪئي هئيسون ۽ حيدرآباد تائين ساڻ رهي ڪين حقيقتن کان بخوبي واقف ڪيو ويو هو، جنهن ڪري پاڻ ڇگو رخ ڏيڪاريو اٿن. ۲- ته موصوليءَ جي رقم کاڻ ڪي پهچي. هن ڪم ۾ سستي ڏيڻ نه گهرجي. مهرباني ڪري جيڪا رقم موصول ڪي هجي، سا موڪلينداً ۽ باقي رهندڙ لاءِ تدارڪ ڪرڻ فرمائينداً. چاڪاڻ جو بالفعل اسان کي هڪ تجربيڪار رٽائرڊ مختيارڪار الهيءَ ڪم لاءِ رکڻ جو ارادو آهي. ان کان سواءِ ڊيپوٽيشن جي صورت ۾ آنريبل رهونيو سيڪريٽري خواه ليگل ميمبرن سان پڻ بمبئي وڃي ان باري ۾ بحث مباحثو ڪرڻو آهي ۽ آخر جيڪڏهن ان مان ڪوبه نتيجو نه نڪتو ته سرڪار تي دعوا ڪرڻي آهي، جنهن لاءِ خرچ گهرجي. تنهنڪري مهرباني ڪري وصوليءَ جي ڪم ڪوشش ڪندا.

۳- مهرباني ڪري پنهنجي تعلقي اندر برچار ڪندا رهندا، جيئن ماڻهو سست نه ڏين. سندن ڪم آهي اتفاق ۽ رهي نتيجي جو انتظار ڪرڻ، نه ڪ هر ڪنهن جو پنهنجو منهن هجي. جيڪڏهن سڀ متفق هوندا سون ته انشاءَ الله ڪاميابي ڏيٽي آهي.

۴- اسان هتان تاريخ ۱۰ نومبر کان پوءِ آفيس ڏيرائي ڪراچيءَ ڪنداسون، جو مون کي گورنمنٽ انڊيا سنڊ ائڊ منسٽريٽو ڪاميٽيءَ تي منتخب ڪيو آهي. تنهنڪري ۱۰ کان پوءِ خط و ڪتابت خواه مني آرڊر وغيره ڪراچيءَ معرفت حاجي دوسل ڪمپني ڪئمپ ڪراچي موڪلينداً. ۱۰ کان اڳ ٽپال وغيره هت لاڙڪاڻي موڪلي وڃي. مهرباني ڪري تعلقي جون ڪاميٽيون مقرر ڪري ميمبرن جي نالن ۽ سرنامن سميت ياداهت موڪلينداً جيئن آئيندي انهن سان سڌيءَ خط و ڪتابت ڪرڻ ۽ رنڊڪ نه ٿئي. جيڪڏهن اوهان صاحب ڪراچيءَ ۾ اچو ته مون سان مهرباني ڪري ضروري ملندا.

زياده خير والسلام، بنده محمد ايوب کهڙو.

*(۱۵)

لاڙڪاڻو، ۸-۴-۱۹۳۴ع.

طرفان: خانبهادر محمد ايوب کهڙو، ايم. ايل اي، جنرل سيڪريٽري، سنڌ محمدن انسوسيشن، لاڙڪاڻو.

ڏانهن: ميمبر مئنيجنگ ڪاميٽي سنڌ محمدن انسوسيشن

سائين! ميمبرشپ جي بن سيٽن لاءِ سنڌ محمدن انسوسيشن جي مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن طرفان نامينيشن (پيپر) ڏيڻا ويندا. جن مان هڪ سيٽ ليزلي ولسن مسلم هاسٽل لاءِ ۽ بي ڪراچي مدرسي بورڊ لاءِ آهي.

آءٌ نهايت ڏورانتو ٿيندس جيڪڏهن اوهان ان معاملي ۾ پنهنجي مرضيءَ جو اظهار ڪندا.

آءٌ اوهان کي مطلع ڏو ڪريان ته آءٌ ليزلي ولسن مسلم هاسٽل ڪاميٽيءَ جي ميمبر شپ لاءِ اميدوار آهيان. آءٌ جيئن ته اڳ ۾ ئي سنڌ ڪالجيئٽ بورڊ جو ميمبر آهيان ۽ جيئن ته هڪ هاسٽل ساڻئي ڪالج جي شاگردن لاءِ آهي، ان ڪري آءٌ سمجهان ٿو ته ان پوزيشن ۾ آهيان ته ان معاملي ۾ ڪجهه خدمت ڪري سگهان.

مون کي اميد آهي ته اوهان کي منهنجي حمايت ڪرڻ ڪوبه اعتراض نه ٿيندو.

مهرباني ڪري مون کي پنهنجي سيٽن بابت پنهنجا رايا ۲۷ تاريخ کان اڳ موڪليندا، جيڪڏهن اوهان وٽان هڪ طرفو يا بطرفو جواب نه آيو ته آءٌ ائين سمجهندس ته اوهان کي منهنجي حمايت ڪرڻ ۾ ڪوبه اعتراض نه آهي.

سنڌ مدرسي جي ميمبرشپ لاءِ اوهان ڪنهن جو به نالو تجويز ڪري سگهو ٿا. انسوسيشن جي جائنٽ سيڪريٽري پير علي محمد راشدي مون سان ان سيٽ لاءِ بيحد جو اظهار ڪيو آهي.

نيڪ تمنائن سان،

اوهان جو مخلص، محمد ايوب کهڙو.

*(۱۶)

حيدرآباد سنڌ، ۲۱-۹-۱۹۳۵ع. پيارا سيد صاحب!

آءٌ پوئي وڃي رهيو آهيان. سون ٻڌو آهي ته اوهان حيدرآباد زميندارن بئنڪ جي ميٽنگ ۾ وڃي رهيا آهيو، جتي پراونشل بئنڪ ڪراچيءَ لاءِ زميندارن کوآپريٽو بئنڪن جو هڪ نمائندو چونڊيو ويندو.

اوهان کي معلوم هوندو ته آءٌ سنڌ پراونشل کوآپريٽو بئنڪ ۾ زميندارن کوآپريٽو بئنڪن طرفان نمائندو رهندو آيو آهيان. ان ڪري مهرباني فرمائي اوهان منهنجي مدد ڪرڻ فرمايو ته اهڙو الطلاع "ڪائونسل هال پونا" جي انڊريس تي موڪلينداسين. اوهان جو مخلص، محمد ايوب کهڙو.

*(۱۷) نهايت ضروري

ڪراچي، ۲۲- جنوري ۱۹۳۸ع، پيارا جي-ايم- سيد!

اوهان بخوبي ڄاڻو ٿا ته مسلمانن جي شڪايتن (مطالبن) جي اظهار ۾ سنڌن مفادن جي ڪم ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ هڪ مسلم روزانه انگريزي اخبار ڪڍڻ جي سخت ضرورت آهي.

جيتن ته اسان وڏي عرصي کان وڏي اخبار نه هڻڻ سبب پوڳيندا آيا آهيون، ان ڪري ڪجهه مسلمان اڳواڻن، جن ۾ آنريبل سر غلام حسين هدايت الله، سر بنده علي خان ٽالپر به شامل آهن، ان ضرورت جي سر انجاميءَ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ ان ڏس ۾ شيئرس جي بنياد تي (Share basis) هڪ اسڪيم وڌي آهي. ان جا تفصيل هن خط سان گڏ موڪليل اپيل مان اوهان کي معلوم ٿي سگهندا.

جيڪڏهن اوهان مسئلي بابت وڌيڪ ڄاڻ ڪهرو، ته خانبهادر عظيم خان ڪاميٽيءَ جو جوائنٽ سيڪريٽري، يا آءٌ ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري، اوهان کي خوشيءَ سان معلومات موڪلينداسون. ڪاميٽيءَ جو هيڊ ڪوارٽر ڪراچي آهي ۽ ٻن سيڪريٽرين جون انڊريسون هي

آهن: خانبهادر عظيم خان، گارڊن روڊ، ڪراچي، ۽ خانبهادر محمد ايوب کهڙو، مسلم ڪالوني، ڪراچي.

۲- هن وڏي مقصدکي حاصل ڪرڻ لاءِ ورڪنگ ڪاميٽيءَ شيئرس (Shares) وڪڻڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ان کان سواءِ اهو به فيصلو ڪيو ويو آهي ته لوڪريءَ وارن مسلمانن کي هن مسئلي ۾ مدد ڪرڻ لاءِ چيو وڃي. گهٽ ۾ گهٽ هڪ مهيني جي لاءِ گهربل خرچ آسانيءَ سان موجود هئڻ گهرجي. ان ڪري آءٌ اوهان کي سنجيدگي سان عرض ٿو ڪريان ته آسان جي هن ڪوشش ۾ پنهنجي حصي جو چندو ۽ پنهنجي دوستن ۽ واقفڪارن کان چندو وٺرائي ڏيڻ ۾ آسان سان مڪمل تعاون ڪندا. آسان سڀني کي اپيل آهي ته اوهان هن مسئلي ۾ تعاون کان انڪار نه ڪندا ۽ مسلمانن جي هن مقصد لاءِ مڪمل مدد ڪندا.

۳- ته جيڪڏهن ضرورت هجي ته جائنٽ سيڪريٽري صاحب، جتي به اوهان چاهيو اوهان سان اچي ملي.

۴- ان ڪم ۾ نهايت سنجيدگيءَ ۽ جوابداريءَ جي ضرورت آهي. آءٌ اوهان کي وڌيڪ آگاه ڪرڻ ٿو ته آنريبل سر غلام حسين ۽ مير بنده علي خان ٽالپر -/3000 روپين جا ۽ مون -/2000 روپين جا شيئر وٺڻ قبول ڪيا آهن. فنڊ، سر غلام حسين صدر، خانبهادر کهڙي سيڪريٽريءَ ۽ آغا شمس الدين خزانچيءَ جي گڏيل نالن تي جمع ڪرائڻا آهن

مهرباني ڪري ان باري ۾ سڌو سنئون خانبهادر عظيم خان کي حيدرآباد لکندا ته اوهان کيترا شيئرس خريد ڪرڻ گهرو ٿا.

اوهان جو مخلص، ايم-اي- کهڙو.

(۱۸)

۱۲۴- مسلم ڪالوني، ڪراچي، ۱۸- فيروري ۱۹۳۸ء.

جناب عالي! السلام عليڪم.

واضح هجي ته آنريبل ديوان ڀوجسنگهه پهلاجاڻيءَ جي انتقال

ڪري سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جي جاءِ خالي ٿي آهي. جنهن لاءِ اسان جي پارٽيءَ جي مسلم ميمبرن کي غور ڪرڻو آهي. ظاهر آهي ته جيستائين اسان سمورا مسلمان ميمبر متحد ٿي، الهيءَ اهم انتخاب کي سر انجام نه ڪنداسون، تيستائين مشڪل آهي جو اسان ڪوبه پنهنجو اميدوار پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪامياب ڪري سگهون.

لهاڏا - انهيءَ اهم مسئلي تي غور ڪري پنهنجي پارٽيءَ طرفان اميدوار بيهارڻ لاءِ اسان جي پارٽيءَ جي ميٽنگ تاريخ ۲۴- فيروري ۱۹۳۸ع، بروز خميس، ساڍي ۴ بجي شام جو آنربل سر غلام حسين هدايت‌الله صاحب جي بنگلي تي منعقد ٿيندي.

جنهن لاءِ صاحب جن کي پرزور گذارش آهي ته ازراه ڪرم پين سڀني ڪمن کي معطل ڪري، هن اهم مسئلي کي متحد ٿي فيصل ڪرڻ لاءِ ذڪر ڪيل تاريخ ۽ وقت تي ضرور پارٽيءَ جي ميٽنگ ۾ شريڪ ٿي ممنون فرمائيندا.

مهرباني ڪري وڏيڪ تسليءَ لاءِ هن خط جو جواب ورندڙ ٽپال ۾ بندهڪي ارسال ڪري مزيد شڪرگذاريءَ جو موقعو ڏيندا.

والسلام، اوهان جو مخلص، محمد ايوب کهڙو.

قلم تازو: مسٽر محمد هاشم گزدر، ۲۱ تاريخ اچڻ لاءِ جيڪو لکيو آهي، سو هينئر رد سمجهندا.

(19) (مخفي)

لاڙڪاڻو، ۷- ڊسمبر ۱۹۳۸ع. پيارا شاهه صاحب!

ٿهرائن جون ڪاپيون موڪلڻ لاءِ مهرباني، مون اهي ٿهراءَ سيڪريٽريءَ کي ايجنڈا تي رکڻ لاءِ ۾ موڪليا آهن.

مون کي خبر نه آهي ته آهي خانگي ڪم لاءِ کو وقت صرف ڪن ٿا يا نه؟ اخباري رپورٽون ظاهر ڪن ٿيون ته اجلاس فقط ڏينهن لاءِ آهي، جيڪو وڏ ۾ وڏ ۱۴- جنوريءَ تائين هلندو. مهرباني ڪري مستعديءَ کان ڪم وٺي، رئيس رسول بخش خانبهادر غلام نبي شاهه ۽ ارباب توڳاچيءَ کي هٿ ڪرڻ جي

ڪوشش ڪندا. رئيس رسول بخش، سيد حسين بخش شاھ ۽ خانبهادر گل محمدڪيڙي سان به جيترو جلد ٿي سگهي، ملڻ جو بندوبست ڪندا ۽ ڏسندا ته اهي ۳- جنوريءَ تائين ڪراچيءَ هجن. ان کان سواءِ غلام رسول شاھ کي ارباب ۽ سيد پلڻ شاھ سان گڏلهائڻ لاءِ به موڪليندا. خانبهادر اسرائل لاءِ مهرباني ڪري پير عبدالستار جان سرهنديءَ کي لکندا. پير صاحب ۽ ۳ جنوريءَ تي ڪراچيءَ هوندو.

آڱُ هن وقت خانبهادر غلام نبي شاھ ۽ مخدوم غلام حيدر بابت نهايت مشڪوڪ آهيان. انهن اڃا تائين مون کي ڪوبه جواب نه موڪليو آهي. مون کي معلوم ٿيو آهي ته خانبهادر الهه بخش ۽ سنڌس دوست اسان جي ميمبرن ڦيرائڻ لاءِ سرڌوڙ ڪوششون ڪري رهيا آهن. اسان کي ان مخالفت جو، سنڌ جي مسلمان زميندارن جي ذهنيت کي مدنظر رکي، سخت مقابلو ڪرڻ گهرجي.

ٻيو ڪل خير، اوهان جو مخلص، ايم-اي-کهڙو.

*(۲۰)

۱۹۳۹-۹-۲۱ع. بخدمت جناب سيد صاحب!

السلام عليڪم بعد واضح هجي ته ريسٽوريشن ڪاميٽيءَ جي مختصر ڪاروائي اخبارن مان معلوم ٿي چڪي هوندي. ۱- آڪٽوبر کان ستيهگره بعوض تعاليٰ شروع ڪرڻو آهي. اوهان مهرباني ڪري پنهنجا مجاهد گهٽ ۽ گهٽ 50، پنهنجي سرڪردگيءَ ۽ وڌي 30 سيپٽمبر جي صبح جو سکر ۽ پهچي ويندا. مجاهدن جي ڪرائي جو انتظام پنهنجو ٿيڻو آهي، ان ڪري انهن کي اتي چندي رستي ڪرايو ڏيارينداِ. هرهڪ مجاهد کي هڪ ڪميل يا مٽان رات جو وجهڻ لاءِ اوڍڻ پاڻ آڻڻ گهرجي.

مهرباني ڪري ٻيا سمورا ڪم ملتوي ڪري، اول هن ڪم کي لڳي ويندا. پنهنجي جڳي جي روانگيءَ جو اطلاع خواه هن خط جو تسلي بخش جواب ترت سيڪريٽري ريسٽوريشن ڪاميٽي سکر کي لکي موڪليندا.

وزارت مسجد اڳي ڏني ٿي، تنهن افواهه يا وزيرن جي انجام ۽ صداقت نظر کاڌ ٿي اچي. ان ڪري اسان کي پنهنجون سرگرسيون جاري رکڻيون آهن. پوئتي ڪي اهڙا ماڻهو ڇڏيندا جيڪي مجاهدن جي برائي ڪندا رهن.

هن خط پهچڻ سان صاحبزاده عبدالستار جان ڏانهن زوردار خط لکندا ته هو صاحب هينئر ڏکري ڏروار ٿيو، ڪيس وار ڪائونسل تي ڪنيو ويو آهي. ان کي اڳواڻ ڪر ۽ پهچڻو آهي.

زياده خير،

فدائي مسجد منزل گاهه بنده محمد ايوب کهڙو.

چيئرمن وار ڪائونسل، مسجد منزل گاهه ستهه گره تحريڪ سکر

(۲۱)

ڪراچي، ۲۰- مئي ۱۹۴۱ع. پيارا سيد!

سلطان ڪوٽ ڪانفرنس جي ڪاميابيءَ لاءِ ڪوشش هلي رهي آهي. اوهان جي موجودگي (حاضري) نهايت ضروري آهي. اها نهايت اهم ڪانفرنس آهي، ان ڪري اوهان کي عرض ڪريان ٿو ته مهرباني فرمائي، دوستن سميت ان ۾ شرڪت ڪندا.

آغا غلام نبي ڪالهه هتي آيو ۽ سون کي ڪانفرنس جو مڪمل احوال ڏنائين. هن ڀڻ اوهان جي اتي حاضريءَ جي ضرورت تي زور ڏنو. هن ۾ اوهان کي لکيو آهي.

سلامن سان، اوهان جو، ايم-اي کهڙو

قلم تازو: مهرباني ڪري موٽر-بس موڪلڻ جي ڀڻ ڪوشش ڪندا.

(۲۲)

لاڙڪاڻو، ۴-۵-۱۹۴۲ع. پيارا سيد صاحب!

آءٌ اوهان جي خاموشيءَ تي حيران آهيان. مسٽر حاجي عبدالله هارون جو موت درحقيقت هڪ عظيم نقصان آهي. آءٌ ڪراچيءَ

ويو هئس ۽ هينئر ٿي پهتو آهيان. هاڻي اسان کي هن جي جاءِ تي مرڪزي اسيمبليءَ لاءِ اميدوار چونڊڻو آهي ۽ صوبائي مسلم ليگ جو صدر ۽ چونڊڻو پوندو.

صوبائي مسئلن ۽ اوهان جي لاپرواهي ناقابل معافي آهي. تنهنڪري مهرباني فرمائي ۱۵ تاريخ ڪراچيءَ ضرور اينداِ. اسان ۱۶ ۽ ۱۷ تاريخ صوبائي ليگ ڪائونسل ۽ ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ڪوڻائي آهي. اسان ۱۶- تاريخ صبح جو الوحيد بورڊ جي ٻڻ ميٽنگ ڪوڻائي آهي. سو اميد تہ اوهان ۱۵ جي صبح جو ڪنهن بہ صورت ۽ پهچي ويندا.

اسان کي تمام جلد پاڻ ۽ ملي فيصلو ڪرڻو آهي ۽ هن اهم جوابدار جڳهين تي پاڻ مان ڪنهن کي چونڊڻو آهي.

آڳ جڏهن ڪراچيءَ هوس تہ مون ڪوشش ڪئي تہ يوسف جو نالو پڻ سينٽرل اسيمبليءَ جي ووٽرن جي لسٽ ۽ شامل ڪجي ۽ مون‌کي اميد آهي تہ گورنر جنرل ان جو جلد فيصلو ڪندو. وڏو پروسو آهي تہ سنڌس لسٽ ۽ نالو شامل ڪيو ويندو چو تہ (پيءُ جي جاءِ تي) هن جي ميمبر ٿيڻ لاءِ غور ڪيو پيو وڃي. نيڪ تمنائن سان، اوهان جو، ايم.اي. ڪهڙو.

●(۲۳)

۱۲۴- مسلم ڪالوني، ڪراچي، ۳۰- آڪٽوبر ۱۹۴۲ع

پيارا شاهه صاحب!

مون کي پڪ آهي تہ اوهان ڪوٺ خير سان رسي ويا هوندا ۽ ان طرف ڪل خير هوندو.

مسٽر گذدر ۽ مون ۴ تاريخ (اربع) صبح جو لاهور ميل ذريعي ڪراچيءَ چڏڻ جو سوچيو آهي ۽ اميد تہ اوهان اسان سان ساڳئي ڏينهن ۱۱ بجي اسان‌کي حيدرآباد ملندا. ان ڪري اوهان‌کي ۳ تاريخ سن چڏڻو پوندو. ساڳيءَ منجهند جو حيدرآباد پهچي، اتي رات رهڻو پوندو. مون‌کي پڪ آهي تہ اوهان پنهنجو مناسب پروگرام ٺاهيندا. اسان اوهان جي سيٽ پاڻ سان گڏ بوڪ ڪرائيندا سون،

پر معلوم ٿيو ته هتان ٽڪيٽ خريد ڪري نه سگهبي ۽ حيدرآباد مان ئي حاصل ڪرڻي هوندي.

نوابزاده لياقت علي‌ءَ تار رستي پڏايو آهي ته ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ۸ تي مقرر ڪئي ويئي آهي ۽ ڪائونسل جي ۹- تاريخ ٻيئي دهليءَ ۾ ٿيندیون. ان ڪري اسان‌کي وقت اندر پهچڻ گهرجي.

مون سر سڪندر حيات خان‌کي لکي موڪليو آهي ته لاهور ۾ مسلمان ايڊيٽرن جي ڪانفرنس ۵ تاريخ سڏائي. اسان ساڻئي ڏينهن اتي رسي،کين خطاب ڪري، سندن ذهنن مان سنڌ جي حالتن بابت ويٺل غلط انديشن کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ صحيح پوزيشن جي وضاحت ڪريون. اهو ان ڪري ضروري آهي، جو لاهور جي مسلم اخبارن ۾ سنڌ جي مسئلن بابت غلط خبرون ايندیون رهيون آهن.

اميد ته خوش هوندا. اوهان جو مخلص، ايم.اي.کهڙو

(وزير سنڌ حڪومت) *(۲۴)

۲۴ : مسلم ڪالوني، ڪراچي. ۱۷- جنوري ۱۹۴۳ع

پيارا سيد! اوهان جي تار اڄ پهتي. مهرباني.

مون مسٽر جناح کي ۱۰ تاريخ تار رستي جواب ڏنو آهي ۽ ۱۱ تاريخ پنهنجي دوستن- يوسف، گزدر ۽ پين ـ سان صلاح مشوري بعد جواب به موڪليو آهي، ته هن سال ڪراچيءَ يا سنڌ جي ٻئي ڪنهن شهر ۾ مسلم ليگ جو آل انڊيا اجلاس سڏائڻ ناممڪن آهي.

آءٌ هن سان گڏ ان خط جي ڪاپي به موڪليان پيو، جيڪا مون ان مسئلي بابت قائد اعظم‌کي لکي هئي. خط مان ان بنسبت تفصيل معلوم ٿي ويندو.

زياده خير والسلام،

بنده محمد ايوب کهڙو

* (۲۵)

سنڌ سيڪريٽريٽ، ڪراچي، ۳۰-۱۲-۱۹۴۳ع. وزير حڪومت سنڌ.

پيارا سيد (صدر مسلم ليگ صوبه سنڌ)، آءٌ خط سان گڏ نواب مخدوم مريدحسين جي تار به موڪليان ٿو. هي روهڙيءَ ۾ ۵ آڪٽوبر تي ۳۰-۷ بجي شام جو ۴۴ ڊائون پئسنجر رستي پهچي رهيو آهي. ساڻي گاڏي ڪوئٽا ويندي آهي. ۽ سکر ۳۰-۸ بجي پهچندي. خيال آهي ته هن کي سکر لاهجي ۽ رات آتي رهي، ۶ تاريخ صبح جو ڪيس ڪار رستي شڪارپور پهچائجي. آءٌ لاڙڪاڻي کان سکر ۵ تاريخ انڪل ۵ بجي پهچندس. سو غلام حسين ۽ مسٽر گزدر جو به وعدو آهي ته آهي ۵ تاريخ صبح جو ڪراچيءَ مان آسهندا ۽ ۶ بجي شام جو روهڙيءَ پهچندا. آءٌ ڪراچي ۳- تاريخ منجهند جو چڏي رهيو آهيان ۽ لاڙڪاڻي ۴ تاريخ صبح جو پهچندس. اهو نهايت بهتر ٿيندو جيڪڏهن اوهان پڻ ساڻيءَ ريل ۾ ۳ تاريخ رات جو چڙهندا ۽ ۴ تاريخ صبح جو شڪارپور پهچي ويندا، جو مخدوم صاحب جي پهچ کان هڪ ڏينهن اڳ ٿيندو. ان ڳالهه جي نهايت ضرورت آهي ته اسان مان ڪو هڪ ڄڻو آتي ڪانفرنس جي انتظام جي نظرداريءَ لاءِ موجود هجي، ۽ اسان کي ڪانفرنس کي نهايت ڪامياب ڪرڻ گهرجي.

جيڪڏهن ڪانفرنس وڏو ڏيک (grand show) ڏنو ته اهو اسان جي ايڪشني ميدان ۾ زبردست اثر جو باعث ٿيو ۽ مخالفن تي هيبتناڪ اثر ويهندو. مون سڀني مکيه ماڻهن کي خط لکي چڏيا آهن، جن سان مخدوم صاحب ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڳالهائيندو. مون يوسف هارون کي پڻ لکيو آهي ته سڀني مسلم ليگ برانچن کي لکي ته سنڌ جي حد وارين سڀني اهم اسٽيشنن تي مخدوم صاحب جو استقبال ڪن. ميرپور ماٿيلي کان ڏهرکي ۽ هيٺ روهڙي ۽ سکر وغيره. توهان پڻ مهرباني فرماني ڪيس ان بابت تار ڪندا.

نظر علي خان کان پهتل خطن مان معلوم ٿئي ٿو ته اوهان جي وڏي ڀاڻان غلامنبي خان کان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪم نه ڪري رهيو آهي. مٿاڇري ڪم جو اهم طريقو نيڪ نه آهي. قاضي عبدالرحمان بن يعني آبو آهي ۽ هتي ڪراچيءَ ۾ آهي. هن ٻيهر مون کان /۱۰۰ روپيا ورتا آهن ۽ وعدو ڪيو آهي ته شڪارپور ۳ تاريخ واپس ويندو. مون کي پڪ نه آهي ته ڪو هي ۳ يا ۴ تاريخ شڪارپور پهچندو. مون محمد پناهه خان ڏکڻ کي ٻڌ /۵۰۰ روپيا ڏنا آهن ۽ اهو اجمير ويو آهي. مون کي خبر ناهي ڪهڙو نتيجو نڪتو؟

وڌيڪ خير. اوهان جو مخلص، ايم-اي. کهڙو.

(۲۶) *

کهڙو هائوس، بليڪ هائوس روڊ، ڪراچي ۴، ۲۰-۹-۱۹۶۲ع.

پيارا سيد صاحب! اوهان جي فون اڪثر خراب هوندي آهي. گذريل رات لائين خراب هڻ ڪري مون کي ڏاڪا ملي نه سگهيو. اڄ صبح جو مون نورالامين کي فون ڪئي، پر بدقسمتيءَ سان هن کي دل جو دورو ٿيو ۽ هو بستري داخل ٿي ويو آهي. ان ڪري هي هتي اچي نه سگهندو ۽ نه لاهور ويندو.

۲- قاضي فضل‌الله ۽ مسٽر حنيف ٻيئي ڪونه ايندا، ڇو ته ساڻئي ڏينهن آهي ٻسترڪٽ جج لاڙڪاڻي اڳيان ڪنهن اهم ڪيس جي سلسلي ۾ مصروف هوندا.

۳- مون غلامنبيءَ کي به ذهن نشين ڪرايو آهي ۽ ميان فيض محمد کي به عرض ڪيو آهي ته هن ۽ احمد ميان سان رابطو رکي ۽ کين سڀاڻي ڪيئن به ڪري هتي موڪلي. مون کي غلامنبي ميمڻ کان ڪوبه جواب نه پهتو آهي. مون ڪيس ٽيليگرام به ڪانه موڪلي آهي. پڪ اٿم ته ضرور ايندو. آءٌ اوهان کي ڪجهه دعوتناما ورهائڻ لاءِ موڪلڻان ٻيو ڇهڻا مون پاڻ موڪلي ڇڏيا آهن.

اوهان جو مخلص، محمد ايوب کهڙو.

* (۲۷)

ڪراچي، ۳-۱۰-۱۹۶۲ع.

پيارا سيد! امير حيدر شاهه ڪالهه اسان جي گڏيل بيان تي صحيح نه ڪئي، جيتوڻيڪ مون سارو ڏينهن ڪانئس صحيح وٺڻ لاه ڪوشش ڪئي. هيءَ ڏينهن جو گهڻو حصو غير حاضر رهيو. مون سائس فون تي ڳالهايو ۽ هن اڄ جو وعدو ٻه ڪيو پر ڪونه آيو. هيءَ ڄڃ جو سويل سن روانو ٿي ويو. مون کي معلوم ٿيو آهي ته ٻه چار ڏينهن ڪونه موٽندو. بيان وڏي بحث مباحثي کان پوه تيار ڪيو ويو هو ۽ آن تي مون، قاضي فضل‌الله، مير غلام‌علي، شيخ عبدالمجيد، آغا غلام‌نبي، حاجي مولابخش، مير علي‌بخش، خانبهادر وسڻ، حيدربخش جتوئيءَ ۽ گجهه ٻين صحيحون ڪيون. مون کي ته ڪو ظاهري سبب ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي، جنهنڪري امير حيدر صحيح نه ڪئي. آڻ بيان جي ڪاپي اوهان موڪليان پيو. مهرباني ڪري ڪانئس صحيح وٺاراڻي، جلد واپس ڪندا، ته اهي سڀ مسٽر حسين شهيد سهرورديءَ جي حوالي ڪرڻيون آهن. اوهان بابت وڌيڪ ڇا ٿيو آهي؟

نيڪ تمنائن سان، اوهان جو مخلص، ايم- اي کهڙو.

* (۲۸)

"کهڙو هائوس، ۹ بليڪ روڊ، ڪراچي-۴، ۱۴-۹-۱۹۶۸ع.

پيارا سيد! اوهان جي ۱۳ تاريخ واري خط لاه مهرباني! مون کي ڏک آهي ته اوهان سان وڏي عرصي کان ولي نه ملو آهيان چاڪاڻ ته اوهان کي باهر نڪرڻ کان جهلّ آهي ۽ آڻ گرميءَ ۽ خراب موسم جي ڪري، پاڻ کي اوهان جي ڪوٺ اچڻ لاه تيار نه ڪري سگهيو آهيان. آڪٽوبر جي پڇاڙيءَ يا نومبر جي شروع ۾ آڻ اوهان سان ملڻ جي ڪوشش ڪندس.

اوهان طرفان موڪليل سوالنامي جي سلسلي ۾ عرض آهي ته جيئن ته سوال ڏکيا آهن، ان ڪري سڀني جي صحيح

جواب ڏيڻ لاءِ ڪجهہ وقت گهرجي. آءٌ سوالن جا جواب انگريزيءَ ۾ ڏيندس، جيئن تہ آءٌ انگريزيءَ ۾ (سوانح عمري ۾) لکي رهيو آهيان.

مون کي اوهان جو ڪتاب "سنڌ جي بمبئيءَ کان آزادي" پهتو ۽ مون ان کي وڏيءَ دلچسپيءَ سان پڙهيو آهي. آن ۾ ڪجهہ غلطيون رهجي ويئون آهن، جيڪي اوهان جون ارادتاً نہ ڪيل آهن، پر شايد يادگيريءَ وسري وڃڻ سبب ٿيون آهن ڇو تہ اڄ ۽ ۱۹۳۰ع جي وچ ۾ وڏو وقت جو مفاصلو آهي.

آءٌ اوهان کي ذهن نشين ڪرائڻ گهران ٿو تہ مرحوم سر شاهنواز پٽو منڌ کان وٺي سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ جو ظاهر ظهور مخالف هو. هن، سائيمن ڪميشن جي ڪڏيل سب ڪاميٽيءَ جي ڇيئرمن جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ دوران سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ خلاف علي الاعلان اظهار ڪيو هو. آهو صرف مرحوم سيد ميران محمد شاهہ هو، جنهن نهايت عمدو اختلافي نوٽ لکيو هو، جيڪو هميشہ قدرانيءَ جي نگاهہ سان سان ياد ڪيو ويندو.

وري اهو چوڻ ۾ درست نہ آهي تہ ۱۹۳۰ع ۾ مون قائد اعظم سان گڏ سر شاهنواز پٽي کي هڪ عاليشان ڊنر ڏني هئي. مون ڊنر مسٽر جناح کي ڏني هئي، ۽ ڪيس سنڌ جي مسلمانن جي جدائيءَ جي حمايتيءَ جي حيثيت ۾ ائڊريس (استقباليہ) ۾ ڏني هئم. آن موقعي تي اوهان ۽ منهنجا ٻيا سنڌي دوست، جهڙوڪ راشدي، حاتم علوي، حاضر هئا. اسان جن کان گول ميز ڪانفرنس اڳيان سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ جو ڪيس زوردار نموني پيش ڪرڻ جي تقاضا ڪري رهيا هئاسون. اوهان کي ياد هوندو تہ اوهان، آءٌ پاڻ، مسٽر علي محمد راشدي، مسٽر حاتم علوي ۽ ٻيا ڪجهہ دوست، جن جو تعداد ۱۰-۱۲ کان مٿي نہ هو، مسٽر جناح کي ڪراچي بندرگاهہ تي الوداع ڪرڻ ويا هئاسون. سر شاهنواز پڻ سائڪئي اسٽيمر ۾ گول ميز ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ انگلنڈ آسهيو هو. جتي هن کي موڪليو ويو هو تہ سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ خلاف بمبئي

ڪري، ڏڃي ڦيرو ڪائي ويو. اُن جو ذڪر اوهان پنهنجي ڪتاب "سفرنگ آف سنڌ" ۾ ڪيو آهي، جنهن جو حوالو مون پنهنجي ڪتاب جي ۷۷ صفحي جي ۱۷ پٽرا ۾ هيٺين طرح ڏنو آهي:

"سر شاهنواز خان پٽي ۳۱- مئي ۱۹۳۰ع تي حيدرآباد ۾ زميندارن جي ڪانفرنس سڏائي، اُن ۾ سنڌ جي جدائيءَ لاءِ ٺهراءُ پاس ڪرايو."

ان ڪانفرنس لاءِ اوهان ۱۲- مئي ۱۹۳۰ع تي مون کي لاڙڪاڻي مان ڪراچيءَ ۾ اوائلي ميٽنگ سڏائڻ لاءِ خط لکيو هو. اوهان ۱۵ مئي ۱۹۳۰ع تـي مرڪزي ڪوآپريٽو بئنڪ ڪراچيءَ جي ميٽنگ جي موقعي تي گڏ ٿيڻ لاءِ سر شاهنواز خان به گهرائڻ لاءِ لکيو هو. مون کيس تار ڪئي، پر ڪافي وقت نه ملڻ ڪري اڇي نه سگهيو. اوهان ۱۴- مئي ۱۹۳۰ع تي مهرباني ڪري اڇي مون وٽ لـوءِ لين واري بنگلي ۾ رهيا. ميران محمد شاهه به هو. آٽي پاڻ، ڪراچيءَ ۾ ڪانفرنس سڏائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اوهان تي بار رکيو ويو ته سر شاهنواز خان کي ملي تاريخ مقرر ڪرايو. اوهان لاڙڪاڻي پولس وڃڻ بعد ۲۰ مئي ۱۹۳۰ع تي مون کي خط لکيو آهي ته سر شاهنواز خان ڪراچي ڪانفرنس سڏائڻ جي خلاف هو، جو آٽي ميٽنگ تي سياستدانن جي قبضي ڪرڻ جو ڊپ هوس. پوءِ اوهان ۲۸- مئي ۱۹۳۰ع تي سر شاهنواز سان گڏ اچڻ جو وعدو ڪيو، جتان حيدرآباد هليا سون ۽ ٺهراءُ پاس ٿيو.

۵- اوهان جي هيءَ ڳالهه تـي سر شاهنواز خان کي ڪارلٽن هوٽل ۾ جناح صاحب سان گڏ دعوت ڪانه ڏنل هئي، ٺيڪ نه آهي. اُن وقت جاري ڪيل ڪارڊ، جنهن ۾ سر حاجي عبدالله هارون ۽ اوهان ۽ آءٌ ، دعوت ڏيندڙ هئاسون، مون وٽ موجود آهي، جنهن ۾ بنهي جا نالا ڏنل آهن.

ٻيو ته مون دعوت ڏيڻ لاءِ اوهان سان ۲۰- سپٽمبر ۱۹۳۰ع

"لوهان اڳ ۾ آن بابت خيال ڪري رهيا هئا ، بهتر ٿئي ته اها دعوت سنڌ محمدن ايسوسيشن طرفان ڏني وڃي."

اوهان جي خط ۾ وڌيڪ لکيل آهي ته "ننهي کي ڪڏيل دعوت ڏجي."

٦- قاضي عبدالرحمان، برين ڪاميٽيءَ تي ميمبر چونڊيل هو. اهو احوال ميران محمد شاه جي لکيل خط ١٩- اپريل ١٩٣٢ع جي ۾ ، جو منهنجي ڪتاب "رهاڻ" ۾ به آيل آهي ۽ اوهان جي مضمون "سنڌ آزاد نمبر الوحيد" ۾ به ڇاڻايل آهي؛ ازان سواءِ ڀيلي گزيٽ اخبار ٢٣- اپريل ١٩٣٢ع ۾ ڏنل آهي. البت ٻو ڪاميٽيءَ تي ميمبر هئڻ جو احوال سندس پٽ طرفان قاضيءَ جي حياتيءَ ۾ ڏنل احوال جي آڌار تي لکيل هو. جنهن صورت ۾ اوهان آن ڪاميٽيءَ جا ميمبر هئا، ان ڪري اوهان جي آڌار تي آن کي غلط سمجهيو.

٧- اها ڳالهه صحيح آهي ته جنڊهن ٢- تاريخ سر شاهنواز خان ۽ جناح صاحب ساڳئي جهاز ۾ گول ميز ڪانفرنس لاءِ وڃي رهيا هئا ته جناح صاحب جي "سي آف" ڪرڻ لاءِ پاڻ چند هٿاسون ۽ پٽي جي موڪلن ۽ مرحبا لاءِ سوين خوشامدي زميندار آيل هئا.

٨- اوهان کي ڪتاب ضرور لکڻ گهرجي. مواد ميسر ڪرڻ لاءِ آءٌ به ڪهڙي مدد ڏيڻي سگهندس ، جو اخبارن جا فائيل ۽ ٻيو ڪهڙو احوال مون وٽ موجود آهي.

٩- "جيئن ڏٺو آهه مون" ڪتاب جي رواجي مذهبي ماڻهو ضرور مخالفت ڪندا، پر آن کي اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ڇاپائڻ بعد آن جي صحيح رد عمل جو پتو پوندو. اهو ڪتاب،

سنڌ جي جدائيءَ خلاف جڏهن ووٽ ڏنو تہ سنڌ ۾ "الوحيد"، "سنڌ زميندار" (اخبارن) ۽ عام ماڻهن طرفان سخت مخالفت ٿيڻ ڪري، ڀڄي ڦيرو ڪائي ويو. آن جو ذڪر اوهان پنهنجي ڪتاب "سفرنگ آف سنڌ" ۾ ڪيو آهي، جنهن جو حوالو مون پنهنجي ڪتاب جي ۷۷ صفحي جي ۱۷ پئرا ۾ هيٺين طرح ڏنو آهي:

"سر شاهنواز خان پٽي ۳۱- مئي ۱۹۳۰ع تي حيدرآباد ۾ زميندارن جي ڪانفرنس سڏائي، آن ۾ سنڌ جي جدائيءَ لاءِ ٺهراءُ پاس ڪرايو."

ان ڪانفرنس لاءِ اوهان ۱۲- مئي ۱۹۳۰ع تي مون کي لاڙڪاڻي مان ڪراچيءَ ۾ اوائلي ميٽنگ سڏائڻ لاءِ خط لکيو هو. اوهان ۱۵ مئي ۱۹۳۰ع تي مرڪزي ڪوآپريٽو بئنڪ ڪراچيءَ جي ميٽنگ جي موقعي تي گڏ ٿيڻ لاءِ سر شاهنواز خان به گهرائڻ لاءِ لکيو هو. مون کيس تار ڪئي، پر ڪافي وقت نہ ملڻ ڪري هو اڇي نہ سگهيو. اوهان ۱۴- مئي ۱۹۳۰ع تي مهرباني ڪري اڇي مون وٽ لـو لين واري بنگلي ۾ رهيا. ميران محمد شاهہ به هو. آتي پاڻ، ڪراچيءَ ۾ ڪانفرنس سڏائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اوهان تي بار رکيو ويو تہ سر شاهنواز خان کي ملي تاريخ مقرر ڪرايو. اوهان لاڙڪاڻي پواس وڃڻ بعد ۲۰ مئي ۱۹۳۰ع تي مون کي خط لکيو آهي تہ سر شاهنواز خان ڪراچي ڪانفرنس سڏائڻ جي خلاف هو، جو آتي ميٽنگ تي سياستدانن جي قبضي ڪرڻ جو ڊپ هوس. پوءِ اوهان ۲۸- مئي ۱۹۳۰ع تي سر شاهنواز سان گڏ اچڻ جو وعدو ڪيو، جتان حيدرآباد هلياسون ۽ ٺهراءُ پاس ٿيو.

۵- اوهان جي هيءَ گالهہ تہ سر شاهنواز خان کي ڪارلٽن هوٽل ۾ جناح صاحب سان گڏ دعوت ڪانہ ڏنل هئي، ٺيڪ نہ آهي. آن وقت جاري ڪيل ڪارڊ، جنهن ۾ سر حاجي عبدالله هارون ، اوهان ۽ آءٌ ، دعوت ڏيندڙ هئاسون، مون وٽ موجود آهي، جنهن ۾ بنهي جا نالا ڏنل آهن.

ٻيو تہ مون دعوت ڏيڻ لاءِ اوهان سان ۲۰- سپٽمبر ۱۹۳۰ع

ڏاري لاڙڪاڻي ۾ خط لکي ان بابت مشورو ڪيو هو. آن جي جواب ۾ اوهان ۲۴- سڀتمبر ۱۹۳۰ع تي جواب ۾ لکيو آهي ته:

"اوهان اڳ ۾ آن بابت خيال ڪري رهيا هئا، بهتر ٿيو ته اها دعوت سنڌ محمدن ايسوسيئيشن طرفان ڏني وڃي."

اوهان جي خط ۾ وڌيڪ لکيل آهي ته "هنهي کي ڪڏيل دعوت ڏجي."

۶- قاضي عبدالرحمان، برين ڪاميٽيءَ تي ميمبر چونڊيل هو. اهو احوال ميران محمد شاه جي لکيل خط ۱۹- اپريل ۱۹۳۲ع جي ۾، جو منهنجي ڪتاب "رهاڻ" ۾ به آيل آهي ۽ اوهان جي مضمون "سنڌ آزاد نمبر الوحيد" ۾ به ڇاڀيل آهي؛ ازان سواءِ ڏيلي گزيٽ اخبار ۲۳- اپريل ۱۹۳۲ع ۾ ڏنل آهي. البت ٻئي ڪاميٽيءَ تي ميمبر هٿ جو احوال سندس پٽ طرفان قاضيءَ جي حياتيءَ ۾ ڏنل احوال جي آڌار تي لکيل هو. جنهن صورت ۾ اوهان آن ڪاميٽيءَ جا ميمبر هئا، ان ڪري اوهان جي آڌار تي آن کي غلط سمجهيو.

۷- اها گالهه صحيح آهي ته بڌهن ۲- تاريخ سر شاهنواز خان ۽ جناح صاحب ساڻين جهاز ۾ گول ميز ڪانفرنس لاءِ وڃي رهيا هئا ته جناح صاحب جي "سي آف" ڪرڻ لاءِ پاڻ چند ماڻهون ۽ پٽي جي موڪلي ۽ مرحبا لاءِ سوين خوشامدي زميندار آيل هئا.

۸- اوهان کي ڪتاب ضرور لکڻ گهرجي. مواد ميسر ڪرڻ لاءِ آءٌ به- گهڻي مدد ڏيئي سگهندس، جو اخبارن جا فائيل ۽ ٻيو گهڻو احوال مون وٽ موجود آهي.

۹- "جيئن ڏٺو آهه مون" ڪتاب جي رواجي مذهبي ماڻهو ضرور مخالفت ڪندا، پر آن کي اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ڇاپائڻ بعد آن جي صحيح رد عمل جو پتو پوندو. اهو ڪتاب،

جنهن معلومات جي آڏار تي لکيل آهي، سو مڪمل مولوين جي سمجهه ڪان مٿي آهي. عنقريب آن جو اردو ترجمو شايع ٿيڻ وارو آهي.

ـ غلام مرتضيٰ

(۳۰)

۹ـ بليڪ هائوس روڊ، ڪراچي ـ ۴، (ذاتي ۽ مخفي)
۱۳/۱۷-۳-۱۹۶۹ع.

مڪرمي جناب جي ـ ايم سيد صاحب! بعد السلام عليڪم ۽ احوال خيريت جي معروض ته مون کي توهان جـي چند ڪلاڪن ۾ ڪراچيءَ پهچڻ ڪان پوء پريس بيان ۴ مارچ جو نظر مان گذريو ۽ انهيءَ فقري تـي تعجب ٿيو تـه "مسٽر محمد ايوب کهڙي، پير علي محمد راشدي، قاضي محمد اڪبر ۽ ۽ قاضي فضل الله صاحبان کي حيدرآباد ۾ سڏايـل ڪانفرنس جا دعوت نامـا ڪونه موڪليا ويندا". منهنجو هن خط لکڻ جو مقصد هيءَ نه آهي ته مون کي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ جو شوق آهي، مگر اوهان جي ذهنيت تي نهايت افسوس آهي.

شروع ۾ اخبارن ذريعي پيرزادو عبدالستار "بسنت هال حيدرآباد" ۾ ۹ـ مارچ تي "ونيونٽ" ٽوڙڻ لاء ميٽنگ سڏائي رهيو هو. مگر مان ته پيرزادي جي سڏايل ڪانفرنس ۾ ٻهر صورت ڪونه وڃان ها، چاڪاڻ ته هن صاحب شروع مارچ ۾ غير مناسب وقت تي ۽ غير ضروري بيان ڪيڏي مون تي شخصي طرح حملا ڪيا ۽ مون آنهيءَ بيان جو واضح جواب اخبارن ۾ شايع ڪرايو، جو اوهان به پڙهيو هوندو ۽ هن خط ۾ انهي معاملي بابت لکڻ ضروري نٿو سمجهان.

توهان سان شخصي طرح منهنجا چڱا ۽ دوستانه تعلقات گهڻيڪا آيا آهن ۽ اوهان کي خبر آهي ته ۱۹۲۵ع کـان وٺي اوهان ۽ مون گڏجي ڪم ڪيو آهي ۽ سياست ۾ اڪثري پورو اتفاق رهيو آهي. اسان ۾ اهڙو اختلاف نه رهيو آهي، جو

ذاتي رنجش جو ڪو سبب پيدا ٿئي ۽ مشڪل وقت ۾ مون ڪوشش ڪري اوهان جو ساٿ ڏنو آهي. ۱۹۴۳ع ۾ قائداعظم محمدعلي جناح مرحوم، بمبئيءَ ۾ مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ڪوڻائي هئي. انهيءَ وقت توهان ڪانگريسي هندن جي اثر هيٺ نوٽيس ڏنو تہ جناح صاحب کي مشورو ڏجي تہ گانڌيجيءَ سان ناهہ جون ڳالهيون ڪجن، جو اُن وقت جيل ۾ هو. توهان سان گهٽن ڏيي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن مدد جو وعدو ڪيو هو، مگر جناح صاحب تقرير ڪري مخالفت ڪئي ۽ سبب پيش ڪيا. تڏهن مسٽر حسن اصفهاني، راجہ صاحب محمود آباد، نواب اسماعيل خان ۽ ٻيا سڀ اوهان کان ڦري ويا هئا ۽ مون جناح صاحب جي مرضيءَ جي خلاف توهان جي تائيد ڪئي ۽ اسين فقط ٻہ رهيا هئاسون.

جڏهن آڪٽوبر- نومبر ۱۹۴۵ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي اليڪشن لاءِ ٽڪيٽن جي تقسيم ٿي رهي هئا ۽ سنڌ پراونشل مسلم ليگ جي صدر جي حيثيت ۾ توهان پارلياماني بورڊ جا چيئرمن هيا ۽ توهان تنهن وقت پنهنجي ذاتي دوستن کي ٽڪيٽ ڏيارڻ جي انتهائي ڪوشش ڪئي ۽ سيد نور محمد شاهہ ڪي، جو منهنجو دوست هو، انهيءَ ڪي ٻہ ٽڪيٽ نہ ڏنيءَ تنهن ٻہ مون توهان سان اتفاق قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي. پڇاڙيءَ جو تڪرار بن سيٽن تي ٿيڻي رهيو. هڪ خانبهادر غلام محمد خان وساڻ صاحب، جنهن جي بجاءِ توهان سيد غلام حيدر شاهہ ڪي چونڊائڻ پئي گهريو- رئيس غلام محمد خان وساڻ صاحب منهنجو بهترين دوست آهي- ۽ ٻيو مرحوم مير حسين بخش جي سيٽ تي تڪرار ٿيو، جنهن تي مرحوم مير غلام علي خان ٽالپر ناراضيي جو اظهار پئي ڪيو. مون غيرجانبدارانہ مشورو ڏنو تہ بن سيٽن تي تڪرار نہ ڪريو، پر اوهان پنهنجي ضد تان نہ لٿا. قائد اعظم محمد علي جناح صاحب ۽ مرحوم نوابزادي لياقت علي خان توهان کي ۽ مون کي سر غلام حسين خان جي بنگلي تي ميٽنگ ۾ گهرايو. جناح صاحب ۽ مرحوم لياقت‌علي

خان اوهان سان ڪم از ڪم ۽ ڪلاڪ مٿي خوري ڪئي ، مگر توهان قطعي انڪار ڪيو ۽ ضد تان نه هٽيا. جنهنڪري جناح صاحب لاچار ٿي توهان کي ليگ کان ڪڍيو ۽ مرحوم گزدر کي چارج ڏياري. باوجود انهيءَ حالات جي، جيتوڻيڪ قائد اعظم ۽ لياقت علي خان مون تي تمام گهڻو زور وڌو ته توهان جي ڪانسٽيٽيوئنسيءَ ۾ اچي ڪري مخالفت ڪريان ، مگر مون قطعي انڪار ڪيو ۽ ڪين ٻڌايو ته مسٽر جي- ايم سيد سان منهنجو شخصي رستو آهي. اها اليڪشن جنوري ۱۹۴۶ع ۾ ٿي هئي. تنهن کان پوءِ اسيمبليءَ ۾ اچي ڪانگريس ۽ پين هندن سان ملي، توهان جيڪو معاملو مچايو سا توهان کي خبر آهي. سر غلام حسين جو اُن وقت سنڌ جو وزير اعليٰ هو، انهيءَ کي فقط هڪ ووٽ جي اڪثريت حاصل هئي ، جنهنڪري سندس وزارت هر وقت لوڏي ۾ هئي. تنهنڪري گورنر سنڌ سر قرينسز مڊي سپٽمبر ۱۹۴۶ع ۾ اسيمبلي برخواست ڪئي ۽ قاضيٰ محمد اڪبر کي توهان جي مقابلي ۾ ڪڍو ويو. سڄي هندستان جا مڪ مسلم ليگي رهنما توهان جي ٽڪ ۾ آيا ۽ تقريرون ڪيائون، مگر آءٌ هڪڙو هوس جو توهان جي ٽڪ ۾ نه آيس ۽ جواب ڏنم. قائداعظم مرحوم ولايت ويو هو. محترمه مس جناح به پيرا اسان جي گهر آئي جناح صاحب جا نياپو ڪڍي ته آءٌ توهان جي خلاف ورڪ ڪريان، جو مون نه ڪيو. گورنمنٽ مشنري پوريءَ طرح توهان جي خلاف استعمال ٿي ۽ قاضي محمد اڪبر کي زوريءَ ۽ غلط طريقا استعمال ڪري ڪامياب ڪرايو ويو. قائد اعظم محمد علي جناح مون کي هن لاءِ ڪڍهن به معاف نه ڪيو ۽ جڏهن مون کي سنڌ جي وزير اعليٰ ٿيڻ لاءِ ميمبرن جي اڪثريت حاصل هئي، باوجود آنهيءَ جي صاحب ممدوح مون کان زوريءَ هٽ ڪڍايو ۽ سر غلام حسين کي وزير اعليٰ ڪرايائين.

مون تي جيڪو سپٽمبر ۱۹۴۴ع ۾ مرحوم الهبخش جي قتل جو ڪوڙو مقدمو داخل ڪيو ويو، انهيءَ ۾ به توهان ۽

مسٽر هاشم گزدر جو هٽ هو، جو توهان مون کان سکر جيل ۾ اچي معافي ورتي هئي ۽ انهيءَ ڳالهه کي مون درگذر ڪري ڇڏيو ۽ ڪڏهن به مون اها ڳالهه وري ڏيان ۾ نه آندي

اهو سراسر غلط آهي ته پيرزادي کي ونيونٽ ناهن جي مخالفت ڪرڻ سبب سنڌ جي وزير اعظميءَ تان هٽايو ويو. پيرزادو هميشه غلام محمد گورنر جنرل جو پروردو ، خاص پيارو ۽ پوئلڳ هو. انهيءَ ڪري هن صاحب پيرزادي جي اندروني سازش سبب مون کي، قاضي فضل الله ۽ آغا غلام نبي پٺاڻ کي پروڊا هيٺ ڪافي عرصي لاءِ سياست کان خارج ڪري ڇڏيو هو ۽ انهيءَ لاءِ بندش وڌي ته جيئن پيرزادي لاءِ ميدان صاف ٿئي، جو آنهيءَ وقت پيرزادو مرڪز ۾ وزير هو. اسان کي جنوري ۱۹۵۳ع ۾ خارج ڪيو ويو ۽ مئي ۱۹۵۳ع ۾ اليڪشنون ڪرايون ويون هيون. خواجه ناظم الدين کي ڊسمس ڪيو ويو هو، جو وزير اعظم هو ـ ۽ محمد علي بوگره جيڪو آمريڪا ۾ پاڪستان جو سفير هو، تنهن کي ڪنهن بهاني سان مسٽر غلام محمد گورنر جنرل گهرائي وزير اعظم مقرر ڪيو ۽ آنهيءَ جي ذريعي پيرزادي کي سنڌ جو چيف منسٽر مقرر ڪيو ويو. پر جيئن ته پيرزادي جو سنڌ ۾ ذاتي اثر گهٽ هو ، ۽ سندس رويي کان ناراض ٿي، سندس بن مڪيه وزيرن پير علي محمد راشدي ۽ قاضي محمد اڪبر وزارت تان استعيفائون ڏنيون ـ ۽ چند مهينن اندر پيرزادي خلاف ڪافي اسيمبلي ميمبرن ۾ مخالفت پيدا ٿي، جنهن ۾ پير صاحب پاڳاري، مخدوم صاحب هالا، مون ۽ پين گڏجي بهرو وٺو. پيرزادي مشڪل سان مارچ ۱۹۵۴ع ۾ بجيٽ سيشن گهرائي. انهيءَ وقت سٽر ميمبر منهنجي سرڪردگيءَ هيٺ گڏجي، مسٽر محمد علي بوگره وزير اعظم وٽ ويا (جڏهن ته سنڌ اسيمبليءَ ۾ جملي ۱۰۰ ميمبر هٿا)، ۽ ڪيس استدعا ڪئي ويئي ته پيرزادي کي هڪدم ڪڍيو وڃي. ان کان سواءِ اسيمبليءَ جي وڏي اڪثريت غير اعتمادي جي رٽ پٽ اسيمبليءَ جي اسپيڪر کي موڪلي، پر جيئن ته غلام محمد گورنر جنرل

حڪومت جي اختيار ڪيل پاليسيءَ جي حمايت ڪري. پر هن کي آئي اهو رول ادا ڪرڻ ڏکيو ٿي ويو. جو ته هندستان جي مسلمان اڳواڻن جو هڪ وفد مرحوم سر آغا خان جي اڳواڻيءَ ۾ موڪلجو ويو هو ته سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرڻ لاءِ انگلنڊ سرڪار تي دٻاءُ وجهي. ان ڪري مسٽر پٽي لاءِ ناممڪن ٿي ويو ته ڪو ٻيو طريقو اختيار ڪري يا ڪو ٻيو سٽر آلائي.

اوهان جي ڪتاب ۾ هي جيڪا غلطي ڪئي ويئي آهي. سا اِها ته. سرشاهنواز پٽو، انڊيا حڪومت طرفان ۱۹۳۲ع ۾ مسٽر ايف. اي. ايل برين جي چيئرمنيءَ هيٺ مقرر ڪيل "سنڌ جدائي ڪانفرنس" جو ميمبر هو.

اهو ٻڌ چوڻ غلط آهي ته آڪٽوبر ۱۹۳۳ع ۾ انڊيا حڪومت طرفان سر هيوڊو (Sir Hugh Dow) جي چيئرمنيءَ هيٺ سنڌ صوبي جي جدائي لاءِ قائم ڪيل انتظامي مشنريءَ جو قاضي عبدالرحمان ميمبر هو. ڪميٽيءَ پنهنجي رپورٽ ۱۹۳۴ع ۾ پيش ڪئي هئي. چيئرمن کان سواءِ ڪاميٽيءَ جا ٻيا ميمبر مسٽر ٽ ڪوڪلن (سرڪاري آفيسر)، مسٽر اي. ايل برائيس (واپاري)، مسٽر ڪولا (انڊيا سرڪار جو آڊيٽر جنرل)، مرحوم سر عبدالله هارون، آءٌ ۽ راءِ بهادر هيرانند ڪيمسنگهه هئاسون. ٻيو ڪوبه ڪاميٽيءَ تي ميمبر نه هو.

آءٌ پنهنجي سوانح عمريءَ لکي رهيو آهيان ۽ آءٌ نه ڏريل واقعن کي پنهنجا رايا لکندس. اوهان مهرباني ڪري، جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهي ته پنهنجي ڪتاب ۾ گهربل درستيون ڪري ڇڏيندا. خدا ڪري جاڻي ٿو ته اوهان ۽ آءٌ ڪيترو وقت زنده رهون، پٽي هاڻ پوڙها ٿي ويا آهيون ۽ آءٌ نٿو ڄاڻيان ته سنڌ جي گذشته تاريخ ڏيڻ واقعن ۾ به غلط لکي وڃي.

اميد ته تندرست هوندا.

اوهان جو مخلص، ايم. اي. کهڙو.

منسوخ ٿيڻ جي باوجود، نه لڳي. مگر پوءِ جڏهن پيرزادي جو غلام محمد گورنر سان مڻي ڏيکاريل سياسي گاڏهين تان اختلاف ٿيو ته پوءِ آڪٽوبر جي مهيني ۾ اسان ٽن ۽ چوڌري حميدالحق تان اها بندش لاهي چڏيائين ۽ نوٽيفڪيشن شايع ڪرايائين. جنهن جي چپل ڪاپي مون وٽ موجود آهي. اهو پيرزادي جو سراسر ڪوڙ آهي ته ۸- نومبر تي بندش لاڻي ويئي ۽ ۹ تاريخ تي آءٌ سنڌ جو چيف منسٽر ٿيس. اهو آءٌ ثابت ڪري ڏيکارڻ لاءِ تيار آهيان.

آءٌ ان گاڏهه کان هرگز انڪار ڪونه ٿو ڪريان ته ون يونٽ ٺاهڻ ۾ مون ڪو پارٽ ادا نه ڪيو، مگر جيڪا گورنر ۽ چيف منسٽرن جي ميٽنگ پرائيم منسٽر جي موجودگيءَ ۾ سنڌس بنگلي تي ٿي هئي، جنهن ۾ چوڌري محمد علي (مالي وزير) ۽ اسڪندر ميرزا (داخلا وزير) جي روبرو مون پنهنجي پوزيشن واضح ڪئي ته پيا سمورا صوبا جڏهن ٺهراءَ پاس ڪرائي ڏينداتہ آخر ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ آءٌ پيش ڪندس. حتاڪ سردار عبدالرشيد، وزير اعليٰ فرنٽئر، پهريون شخص هو جنهن پهراءَ ٺهراءَ پاس ڪرايو، تنهن کا پوءِ بهاولپور، پنجاب، خيرپور ۽ بلوچستان جي شاهي جرگي ٺهراءَ پاس ڪيو. ڊسمبر ۱۹۵۴ع ۾ آخر ۾ اڪثريت سان مون به اهو ٺهراءَ پاس ڪرايو، جنهن ۾ توهان جي چند رفيقن مخالفت ڪئي.

۱۹۵۵ع جي سپٽمبر ۾ جڏهن مرڪزيءَ اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ جو بل پيش ٿيو، تنهن وقت چوڌري محمد علي وزير اعظم ۽ نواب مشتاق گرماني پنجاب جي گورنر، جنهن کي سڄي ويسٽ پاڪستان جو گورنر ٿيڻو هو، اسيمبليءَ جي ايوان ۾ پنهنجي تقريرن دوارن وعدا ڪيا ته

۱- ايندڙ ڏهن سالن لاءِ صوبي جي اسيمبليءَ ۾ پنجاب کي ۴۰٪ سيڪڙو ۽ ننڍن صوبن کي ۶۰٪ سيڪڙو نمائندگي ڏني ويندي.

۲- سنڌ ۾ جيڪي نيون زمينون آبادي ۽ هيٺ ايندڙن- يعني، سکر براج، غلام محمد براج ۽ گڏو براج جي ٺهڻ ۽ پاڻي ميسر ٿيڻ سبب - سي سڀ زمينون سنڌ جي هارين ۽ سنڌ جي ننڍن ڪاشتڪارن کي ڏنيون ويندڙن، ۽ باهرين ماڻهن کي قطعي نه ڏنيون ويندڙن، سواءِ اُنهن خاص حالتن جي جيڪڏهن سنڌي وڻن ڪان انڪار ڪندا.

۳- صوبي جي اندر جيڪي به ملازمتون درجي اول ۽ درجي دوئم ڪان هيٺ هونديون - يعني درجو ٽيون، چوٿون ۽ اُن ڪان هيٺ - سي سڀ انهيءَ صوبي جي رهاڪن کي ڏنيون ويندڙن ۽ نه ڪنهن ٻئي کي. اهڙيءَ طرح جيڪي سنڌ ۾ تعليمي ادارا آهن، تن ۾ فقط سنڌ جا شاگرد تعليم حاصل ڪري سگهندا ۽ ضرورت آهر اُنهن ادارن کي مالي امداد به ڏني ويندي.

هتي آءٌ اهو به واضح ڪرڻ ٿو گهران ته جيڪا نومبر جي آخر ۾ ڪراچيءَ ۾ پرائيم منسٽر جي رهائش گاهه تي گورنرن ۽ چيف منسٽرن جي ڪانفرنس ٿي هئي، جنهن ۾ آءٌ به موجود هوس، اهو وعدو ڪيو ويو هو ته مغربي صوبي جو تختگاهه فرنٽيئر صوبي اندر قائم ڪيو ويندو، جهڙوڪ ايبٽ آباد، مانسهرا هريپورا - ۽ پهريون ڏهن سالن لاءِ ويسٽ پاڪستان جو چيف منسٽر ڪنهن ننڍي صوبي مان هوندو.

سردار عبدالرشيد خان ۽ ميان جعفر شاهه ون يونٽ جي مخالفت پهرين جولاءِ ۱۹۵۵ع ۾ ظاهر ڪئي هئي، جڏهن مرڪزي اسيمبلي ڪوئائي ويئي هئي- چاڪاڻ ته هنن ڏٺو ته تختگاهه لاهور ۾ قائم ڪيو وڃي ٿو، جو پنجابين جي زير اثر رهندو. مرڪزي حڪومت ڊاڪٽر خانصاحب کي وزير اعلي مقرر ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو، جيتوڻيڪ اڄا اها گاله مخفي هئي. ان گاله ۾ جنرل اسڪندر مرزا جو خاص هٿ هو، جنهن جي ڊاڪٽر خانصاحب سان گهاڻي دوستي هئي ۽ ڊاڪٽر خان کي اڳيئي مرڪزي وزارت ۾ وزير مقرر ڪرايو هئائين.

اهي سمورا واعدا الف کان ي تائين عمل ۾ نه

آيا. ڪجھ مارشل‌لا ڪان اڳ ۽ باقي مارشل‌لا جي وجود ۾ اچڻ ڪان پوءِ ختم ٿي ويا.

مون ته پھرين ٻن سالن جي تجربي مان ڏٺو ته پنجاب جا ليڊر وعدا پورا نه ڪندا، تنھنڪري ۱۹۵۸ع جي شروع ۾ مون پاڻ وٽ ڪراچيءَ ۾ ھڪ ڪانفريس ڪوڙائي، جنھن ۾ توھان خود، پير صاحب پاڳارو، مخدوم صاحب ھالا ۽ ٻيا ڪيترا معزز حضرات شريڪ ٿيا. انھيءَ ڪانفرنس ۾ اٽڪني ون يونٽ ڪاميٽي منھنجي صدارت ھيٺ مقرر ڪئي وئي. انھيءَ وقت آءٌ ڊفينس وزير ھوس. مون کي آگسٽ يا سپٽمبر ۱۹۵۸ع ۾، حيدرآباد جي جناح باغ ۾ استقباليه ۽ ائڊريس ڏني ويئي، آئي مون ونيونٽ خلاف واضح تقرير ڪئي ۽ آنھيءَ ڪان پوءِ مرحوم ميرغلام علي خان جي بنگلي تي ميٽنگ ڪئي.

نواب قزلباش اُن وقت چيف منسٽر ھو ۽ مون تي گھڻو زور آندائين ته ونيونٽ جي مخالفت نه ڪريو. منھنجي صاف انڪار ڪرڻ ڏي ملڪ فيروز خان نون (اُن وقت جي وزير اعظم) ۽ اسڪندر ميرزا (اُن وقت جي پريزيڊنٽ) وٽ شڪايت ڪيائين ته "وزارت ۾ رھي، ڪوڙو ونيونٽ خلاف بغاوت ڪري رھيو آھي". ملڪ فيروز خان نون صاحب ھڪ شريف ماڻھو ۽ منھنجو معزز دوست آھي، ان مون کي ڪجھ به نه چيو، مگر مون کي ٻڌايائين ته نواب قزلباش ھن طرح ٿو چوي- پوءِ جنرل اسڪندر ميرزا مون کي گھرايو ۽ مون سان گفتگو ڪئي ۽ مون کان صلاح پچيائين ته ونيونٽ ٽوڙڻ جي حالت ۾ ويسٽ پاڪستان ۾ ٽي زون ٺاھجن ۽ آنھن ۾ ليفٽيننٽ گورنر رکيا وڃن ۽ صوبي لاءِ ھڪ سب فيڊريشن قائم ڪئي وڃي، جنھن ۾ اھڙا Subjects ھجن، جن جو سڄي صوبي سان تعلق ھجي ۽ آنھن جو ڪاروبار سنڀالي. مون کيس جواب ڏنو ته آءٌ پنھنجي دوستن سان مشورو ڪري پوءِ جواب ڏيندس. اھا گالھ اڃا طي ڪانه ٿي ھئي ته ھن يا ٽن ھفتن کان پوءِ ملڪ ۾ مارشل‌لا لڳايو ويو. اھو به اوھان کي معلوم آھي ته ۱۹۵۷ع ۾ وڏي اڪثريت

سان اسمبليءَ ۾ ٺهراءُ پاس ٿيو ته "ون يونٽ ٽوڙيو وڃي"، ۽ اهو ٺهراءُ اوهان جي نالي هو يا رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙيءَ جي نالي سان هو. بهرحال منهنجو ووٽ رڪارڊ تي موجود آهي. پير علي محمد راشدي زنده آهي، آهو آن وقت ننيلا ۾ سفير هو، تنهن سون کي ٻڌايو هو ته "اڻتي ونيونٽ تحريڪ جي ڪري، حڪومت جي سربراهن وٽ وڏي سازش هلي رهي آهي ۽ آءٌ ڦٽو سگهان ته يا فيصلو ٿيندو." اها ڳالهه بهرحال راشدي صاحب هينئر به سون کي ياد ڏياري رهيو آهي.

آخر ۾ آءٌ ايترو چوڻ مناسب سمجهان ٿو ته سياست ۾ انسان کان غلطيون به ٿيندڙيون آهن، وعدي شڪنيون به ٿيندڙيون آهن. بهرحال انسان ڏوڪو به ڪائيندو آهي. اهڙا ڪيئي مثال دنيا جي تاريخ ۾ موجود آهن. اوهان کي معلوم آهي ته پنڊت جواهر لعل نهرو آنجهاني، جو قريب زماني ۾ هندستان ۾ پوڻيءَ جي پائي جو سياستدان ٿي گذريو آهي، ۽ مولانا ابوالڪلام "آزاد" جي ذاتي لکيل ڪتاب "انڊيا ونس فريڊم" ۾ به هن صاحب جواهر لعل نهروُ جي ٻن عظيم سياسي غلطين جو ذڪر ڪيو آهي:

(۱) ۱۹۳۷ع جي اليڪشن کان پوءِ مولانا ابوالڪلام آزاد جي ڪيل فيصلي کي منظور نه ڪيائين، جنهن موجب يوپيءَ ۾ به مسلمان وزير، نواب اسماعيل خان ۽ چوڌري خليق‌الزمان، مقرر ڪرڻا هئا. ۽ نهروُ مسٽر قدوائي، جو ڪانگريسي مسلمان هو، تنهن کي وزير ڪرائڻ ني زور ڏنو، جنهنڪري مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جو يوپيءَ ۾ معاهدو ٽٽي ويو ۽ انهيءَ ڪان پوءِ خاص طرح يوپيءَ ۾ مسلم ليگ زور ورتو.

۲- ڪئبينٽ مشن جي ۱۹۴۶ع واري رٿا، جنهن کي مسلم ليگ مسٽر جناح جي سرڪردگيءَ هيٺ ۽ ڪانگريس ٻن منظور ڪيو هو، مگر جواهر لعل نهروُ جي بعد ۾ وضاحت ته ڪانگريس صرف دستورساز اسمبلي لاءِ منظور ڪئي آهي، جنهن کي مڪمل اختيارات حاصل هوندا ۽ آءٌ "ساوڻ ياڊي"

هوندي ـ جنهنڪري مجبور ٿي، قائد اعظم جناح اها رٽ منظور ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ هندستان جي تقسيم تي مسلم ليگ پورو پورو زور ڏنو. عام طرح سياسي مفڪرن جو اهو خيال آهي ته جواهر لعل نهرو اهي ۾ غلطيون نه ڪري ها، ته هندستان هن ڏاڪي تقسيم نه ٿئي ها

وڌيڪ لکڻ جي گنجائش نه آهي. هيءُ خط اوهان کي اوهان جي يادگيري درست ڪرڻ لاءِ موڪليان ٿو ۽ پڙهي دستور موجب پنهنجي رڪارڊ تي رکندا، جو شايد اڳتي هلي هيءُ خط به سنڌ جي تاريخ لکڻ ۾ ڪنهن حد تائين مدد ڪري. هيءُ خط ڪافي ڊگهو ٿي ويو آهي تنهن لاءِ معاف ڪندا.

زياده خيريت، اوهان جو خير انديش، محمد ايوب کهڙو.

(جواب جي..ايم سيد جو)

سن، ۲-۴-۱۹۶۹ع.

بخدمت جناب خانبهادر صاحب! السلام عليڪم-

جو ۱۷- مارچ جو لکيل خط اڄ پهتو. آن خط بابت ميان خير شاهه کان اڳ احوال معلوم ٿيو هوم، ته اوهان ڊگهو خط موڪلي رهيا آهيو، جنهن ڪري انتظار ۾ هوس.

۱- پهرين آءٌ منهنجي اخبارن ۾ ڏنل بيان بنسبت اوهان جي شڪايت جو ذڪر ڪندس. اها حقيقت هن طرح آهي ته آءٌ ايڊا نظربند هوس تہ ميان خيرشاهه ۽ غلامنبي خان پٺاڻ مون وٽ اچي ونيونٽ ڪانفرنس سڏائڻ جو ذڪر ڪيو هو- آن کان پوءِ مخدوم صاحب هالا ۾ ماڻهو موڪلي، اهڙو احوال ظاهر ڪيو هو. مون کين جواب ڏنو تہ پاڻ ۾ صلاح ڪري پلي ميٽنگ سڏائيندا- ان وچ ۾ جيڪڏهن آءٌ آزاد ٿيس ته آن ۾ اچي شريڪ ٿيندس. ميان خير شاه ۸- فيبروريءَ، آغا غلامنبي ۱۲- فبروريءَ، ۽ مخدوم صاحب هالا جو ماڻهو ۱۷- فبروري ۱۹۶۹ع تي آيا هئا.

آن کان پوءِ آغا غلامنبي خان سڀني سان مشورو ڪري، ڪيترن ماڻهن کي خط موڪلايا هئا. خطن بعد ڪيترن ماڻهن مون کان پڇا ڪرائي ته آن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ منهنجي راءِ ڪهڙي هئي. جنهن تي مون کين جواب ڏنو ته ان ڪانفرنس ۾ پلي شرڪت ڪن. وري ۲۳ فبروري ۱۹۶۹ع تي آغا غلامنبي خان مون سان ملڻ ۽ ذڪر ڪيائين ته سڀني جي مشوري سان ۹- مارچ ۱۹۶۹ع تي ڪانفرنس رکي هئائين. آن وقت اهو به ذڪر ڪيائين ته اوهان کيس ڪراچيءَ ۾ ڪانفرنس پنهنجي بنگلي تي سڏائڻ ۽ سموري خرچ برداشت ڪرڻ جو وعدو ڪيو هو. ليڪن جڏهن هن گرم در جي قومي ڪارڪنن ۽ شاگرد ليڊرن سان مشورو ڪيو ته انهن کيس منع ڪئي ۽ چيو ته اها ڪانفرنس ڪراچيءَ جي عيوض حيدرآباد ۾ سڏائڻ گهرجي ۽ آن ۾ مذڪور چئن ماڻهن (کهڙي، راشدي، قاضي اڪبر ۽ قاضي فضل الله) کي مدعو نه ڪجي، نه ته آهي سڀ بائڪاٽ ڪندا. ان ڪري هن ذڪر ڪيل ماڻهن کان سواءِ ٻين سڀني صاحبن کي دعوتاناما موڪلي ڇڏيا. ان وقت نظربند هئڻ ڪري، ڪانفرنس ۾ منهنجي شرڪت جو امڪان ئي ڪونه هو. بعد ۾ مون به خط موڪلي ماڻهن کي عرض ڪيو ته ان ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪن.

منهنجي نظربندي ۲۷- فبروري ۱۹۶۹ع تي پوري ٿي. آن بعد اوهان ان طرف کان ۽ مون هن طرف کان ٽيليفون تي گالهائڻ جي ڪوشش ڪئي ، پر مختلف وجوهات ڪري گالهائي نه سگهياسون. ۵ تاريخ مارچ ۱۹۶۹ع تي هڪ بجي ڏاري آءٌ ڪراچيءَ آيس. يڪدم اخبارن وارا آيا ، مون کان ڪانفرنس بابت احوال پڇيائون. مون کين جواب ڏنو ته اها ڪانفرنس مخدوم صاحب، آغا غلامنبي خان ، حفيظ قريشيءَ وغيره طرفان سڏايل هئي، منهنجو سائن تعاون هو. جنهن تي پڇا ڪيائون ته کهڙن ماڻهن کي دعوتون موڪليل آهن. مون مٿي ذڪر ڪيل احوال جي بنياد تي کين ٻڌايو ته گهٽو

ڪري سڀني مکيه ڪارڪنن کي دعوتون موڪليل آهن. جڏهن ڇپائيون ته ڪن ماڻهن کي دعوتنامو ڪونه ٻه موڪليا ويا آهن، ته اُن تي مون مجبور ٿي ڪين ٻڌايو ته شايد اُن ڪانفرنس ۾ ون يونٽ ٽاهڻ وارن مڪيه چئن صاحبن کي نه سڏايو ويو هجي بجاه اُن جي جو ڪين اها گهاڻه ٻڌايان ته ڪن نوجوان شاگردن سندن اچڻ ڪري مجلس مان بائيڪاٽ ڪري وڃڻ جي ڌمڪي ڏني هئي، مون ڪين اهو جواب ڏنو ته نوجوانن ۾ جوش زياده هو، هنن تي ڪنٽرول رکڻ ناممڪن هو، ان ڪري حال اها گهاڻه مصلحت پري سمجهي ويئي هئي ته پهرينءَ ڪانفرنس ۾ انهن کي نه سڏايو وڃي، بعد ۾ ڪين سڏايو ويندو. اخبار "ڊان" ۾ ڪجهه قدر اُن جو ذڪر آيو آهي، ليڪن اها به منهنجي پوري ترجماني نه ڪري سگهي آهي، جو شام جو بيان لکي ڇپائڻ کان اڳ مون کي ڏيکارڻو هون، اُن کان اڳ آءٌ لاهور لاه روانو ٿي ويو هوس.

۸- مارچ ۱۹۶۹ع تي لاهور ڪان حيدرآباد پهتس. ۹- تاريخ جي اجلاس ۾ پنهنجي افتتاحي خطبي ۾ مون صاف ظاهر ڪيو ته:

"جن ماڻهن کي خط پهچي نه سگهيا آهن يا موجوده حالتن ۾ مدعو نه ڪيو ويو آهي، اُن جو اهو مطلب ڪڏهن نه گهرجي ته سندن مدد، همدردي ۽ شرڪت جي اسان کي ضرورت نه هئي. هو اسان جا پائر ۽ رئيس آهن. اميد ته حالتون سازگار ٿيڻ بعد ڪين شريڪ ڪرڻ لاه ڪوشش ڪئي ويندي."

اوهان کي هن وقت تائين معلوم ٿي چڪو هوندو ته ڪانفرنس ۾ نوجوانن ۽ شاگردن جن ٽئشنل اسيمبليءَ جي ميمبرن ون يونٽ جي فائدي ۾ ووٽ ڪيا هئا، تن سان ڪهڙي روش اختيار ڪئي هئي- جو نيٺ ڪين معافي وٺي جان ڇڏائڻي پيئي.

آن مان اندازو ڪري سگهندا ته اهڙين ناسازگار حالتن هيٺ اوهان کي مدعو ڪرڻ ڪيتريقدر مصلحت وارو هو.

۲- خط ۾ اوهان مون سان پنهنجي قديم دوستانه تعلقات جو ذڪر ڪيو آهي، سا حقيقت آهي. آن ڪري مون پنهنجي ڪتابن "جنب گذاريم جن سين" ۽ "بمبئي ڪان سنڌ جي جدائيءَ" ۾ اهڙو احوال ڪيو آهي.

۳- جيڪڏهن اخبارن وارن جي پوريءَ طرح منهنجي بيان جي ترجماڻي نه ڪرڻ ڪري اوهان کي دک رسيو آهي، ته آن لاءِ معافي وڃان ٿو.

اميد ته خوش خورم هوندا.

زياده خيرو السلام. غلام مرتضيٰ

(۴۵)

ميرِ بندهءِ علي ٽالپر

هيءُ ميرِ صاحب، ٽنڈي غلام عليءَ جي ميرن جي ماڻڪاڻي قبيلي مان، ميرِ حاجي محمد حسن ٽالپر جو پٽ هو. سنڌ ۾ ڪجهه تعليم وٺڻ بعد هن کي ميرِ غلام محمد خان ٽنڈي باگي واري ولايت ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليو. جتي ٻه چار سال رهي، انگريزي ڳالهائڻ ۾ مهارت حاصل ڪري، سواءِ امتحان جي واپس موٽي آيو ۽ ۱۹۲۴ ۾ بمبئي ڪائونسل ۾ حيدرآباد ضلعي مان ميمبر چونڊجي ويو، جنهن ۾ آخر تائين ميمبر رهندو آيو. سنڌ جي جدائيءَ بعد، ۱۹۳۷ع ۾ نيون چونڊون ٿيون، ته هيءُ اتحاد پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو. ليڪن جڏهن سنڌ جي گورنر سر لئنسيلات گرهام، سر غلامحسين کي باوجود ۵ ميمبرن هئڻ جي وزارت وٺڻ لاءِ سڏايو، ته هيءُ صاحب بلوچ گروپ طرفان وزارت وٺي، سر غلامحسين وزارت ۾ شامل ٿي ويو. انهيءَ

وزارت ۾ سر غلام حسين وڏو وزير ، هيءَ صاحب ٻيو نمبر وزير ۽ مکي گوبند رام ٽيون نمبر وزير هئا.

سر غلام حسين جي وزارت کي شڪست اچڻ بعد هيءَ وزارت ڪانڊ ٻاهر نڪري وئي. جڏهن اتحاد پارٽيءَ ۾ ڦوٽ پيئي ۽ اسان مسلم ليگ طرفان خانبهادر الهه بخش جي مخالفت ڪئي ، ۽ جناح صاحب جي موجودگيءَ ۾ جڏهن مسلم ليگ اسمبلي پارٽي ٺاهيسون تہ سر غلام حسين کي ليڈر ۽ هن کي ڊپٽي ليڈر چونڊيو ويو. جڏهن مون الهه بخش وزارت خلاف بي اعتماديءَ جو ٺهراءُ پيش ڪيو تہ هيءَ صاحب ۽ سر غلام حسين ٺهراءَ جي حمايت ۾ اٿي بيٺاه پر چوٽين ڏينهن ڪانڊ پوءِ جڏهن ان ٺهراءَ تي بحث شروع ٿيو، تہ هيءَ ۽ سر غلام حسين ، مسلم ليگ جي ليڈري ۽ ڊپٽي ليڈريءَ تان استعيفائون ڏئي ، الهه بخش ڪان وزارتون وٺي ، سندس حڪومت (وزارت) ۾ شامل ٿي وياء وري جڏهن منزل‌گاه مسجد جي سوال تان الهه بخش وزارت کي شڪست آڻي ۽ نئين وزارت ٺهي، تہ بلوچ وڏن جي هٿ ڪرڻ لاءِ هن کي وزير اعليٰ مقرر ڪيو ويو. آن وزارت ۾ شيخ عبدالمجيد، خانبهادر کهڙو ۽ آڻ مسلمانن طرفان ۽ ٺهچلداس، وزيرائي ۽ راءِ صاحب گوکلداس ، هندن طرفان وزير ٿياسون. ان ڪان پوءِ جڏهن مون ڏٺو تہ مسلمان ممبرن جي اختلاف ڪري سڌ جو عوام جي فائدي جن ان سکيم ۾ -- قانون انتقال اراضي ، ۽ -- قرضن معاف ڪرڻ جو بل -- پاس ٿي سگهڻ جو امڪان نہ آهي -- تہ مولانا ابوالڪلام آزاد کي سڌ ۾ گهرائي، آن جي معرفت مسلمانن جي ان گروهن جي وچ ۾ سمجهوتو ڪرايو ويو، جنهن موجب ۾ وزارتون الهه بخش گروپ کي ملسون هيون ۽ يہ مسلم ليگ گروپ کي. مون استعيفا ڏيڻي ، الهه بخش کي ٻهنجي جڳهه تي وزارت ۾ آندو، ٻي ٻاڻ مهينا بعد خالي ڪري الهه بخش گروپ مان سر غلام حسين کي ٽوڙي ڪڍي، اهڙيءَ طرح اسان ڪڏيل وزارت ناهي، جملي پارٽين طرفان آن کي مدد پهچائي ، ڪم هلائڻ

جي شروعات ڪئي. پر جنهن صورت ۾ جناح صاحب، مولانا ابوالڪلام آزاد جي توسط سان ٽيل سمجهوتي تي ناراضگي، ڏيکاري، اُن ڪري ليگ جي ٻئي وزير استعيفا ڏيڻ کان انڪار ڪيو. اُن تي الهه بخش اسيمبليءَ ۾ ميز وزارت کي ڪانگريس ۽ هندن سان ڳڏجي ، شڪست ڏيئي نئين وزارت ٺاهي. هيءَ وزارت کان باهر رهيو. پوءِ ۱۹۴۶ع ۾ جڏهن سنڌ اسيمبليءَ جون نيون چونڊون ٿيون ۽ گورنر مودي‌ءَ جمهوريت جي اصولن کي ڏڪي، سر غلام حسين کي ٽورائيءَ جي باوجود وزارت ٺاهڻ جي اجازت ڏني، جنهن ۾ سر غلام‌حسين ، کهڙو ۽ ٻيا وزير چونڊي حڪومت هلائي ويئي، پر اسيمبليءَ جي موقعي تي مير بندهءعلي خان ،مسلم ليگ پارٽي ڇڏي ، اسان مخالف پارٽيءَ وارن سان سانڍ ڏيئي، سر غلام حسين جي وزارت‌خلاف ووٽ ڪري ، وزارت کي شڪست ڏياري، ستت ئي گورنر ڪيس گهرائي، جڏهن شڪست آيل وزارت ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ چيو، تہ هيءَ وري آن ۾ ويجي شريڪ ٿي ويو.

هيءَ صاحب ، طبع جو مائيڊو ، گهٽ نقصان ڪار ، صلح پسند، اقتدار جو ڀڪيو، اصولن جي پرواهہ نہ ڪندڙ سياستدان هو.

مون سان ۱۹۲۷ع کان وٺي لاڳاپا رهيس، جي آخر عمر تائين قائم رهيا. ڪڏهن اسان گڏ رهياسون تہ ڪڏهن مخالفت ۾، پر اسان جا شخصي تعلقات ڪڏهين بہ نہ ٽٽا.

ڪجهه سال اڳ مون کي اخبار ۾ اهو ڏسي نهايت ارمان ٿيو هو ، جو هن سنڌ جي اڳوڻي وزير اعليٰ پاڻ کي ڏنڊي غلام‌عليءَ جي يونين ڪائونسل جي ميمبر چونڊجي اچڻ جي موقعي تي هار پارائي ، فوٽي شايع ڪرائڻ جي اجازت ڏني هئي.

هيءَ صاحب تازو وفات ڪري ويو. نظربند هئڻ ڪري، سندس عذر خواهيءَ لاءِ وڃي نہ سگهيس.

سندس ۳ خط ڏجن ٿا.

* (۱)

ڪراچي، ۹-۱-۱۹۳۲ع مير بنده علي ٽالپر،
جاگيردار ۽ اسپيشل مئجسٽريٽ،

پيارا غلام مرتضيٰ شاهه صاحب! مون کي معلوم ٿيو آهي ته اوهان ڪراچيءَ ۾ آهيو. آڏ اوهان سان ۱۱ بجي ملڻ چاهيان ٿو. مهرباني ڪري ۱۱-۱۲ بجي جي وچ ڌاري اوهان جاه تي ضرور موجود هوندا، جون مون کي اوهان سان ڪجهه ڳالهائڻو آهي.

وڌيڪ روبرو، اوهان جو مخلص، مير بنده علي ٽالپر.

* (۲)

ٽنڊو غلام علي، حيدرآباد، سنڌ، ۳۰-۹-۱۹۳۴ع.

پيارا شاهه صاحب، اوهان جو خط اڄ شام جو پهتو - مهرباني. اسان اسيمبلي چونڊ بابت جيڪا ڳالهه پوليهه ڪئي هئي، اها مون وساري نه آهي. آڏ اوهان جي حيدرآباد ۾ ملڻ واريءَ تجويز جي جيان ڪريان ٿو، اسان کي پاڻ ۾ ملي ڪنهن سمجهوتي تي اچڻ گهرجي.

مهرباني ڪري مون سان حيدرآباد ۾ ۽ تاريخ ملندا (اُن تاريخ تي مون بٺڪ جي ميٽنگ رکي آهي)، ته جيئن اسان اُن موقعي تي پاڻ ۾ گفتگو ڪري سگهون.

اميد ته اها تاريخ اوهان لاءِ موزون هوندي.

وڌيڪ خيروالسلام. اوهان جو مخلص، مير بنده علي ٽالپر.

(۳) ۱۲- مئي ۱۹۳۵ع.

معظمي مڪرمي جناب ميان غلام مرتضيٰ شاهه صاحب!
ڪراچيءَ ۾ جيڪا ميٽنگ "سنڌ آزاد ڪانفرنس" جي ۲۹-اپريل ۱۹۳۵ع تي ٿي هئي، آئي ڏهراءَ (پاس) ٿيو ته هي ميٽنگ

سنڌ جي ڪائونسل اسيمبلي خواه ڪائونسل آف اسٽيٽ جي ميمبرن جي مٿي جي وچ ڏاري ڪوٺائي وڃي، جتي وڏيڪ ويچار ڪاڇي فائرنگ بنسبت ڳڏجي ڪمو وڃي. ان باري ۾ مهرباني فرمائي، اوهان صاحب تاريخ ۱۶- مئي ۱۹۳۵ع جي، وقت ۶ بجي شام جو ڪراچيءَ ۾، سر غلام حسين جي بنگلي تي اچي تشريف فرما ٿيندا، ان باري ۾ وڏيڪ ويچار ڪيو وڃي. جيئن ته هي سوال بلڪل نازڪ آهي، تنهنڪري اميد ته اوهين صاحب، مهرباني فرمائي ضرور اچي شريڪ ٿيندا.

اوهان جو خادم، بنده علي.

(۴۶)

ميرغلام علي ٽالپر

ميرغلام علي ٽالپر، ٽنڊي محمد خان جي شهواڻي قبيلي جي ٽالپرن مان ميربنده علي خان جو فرزند ۽ سردار بهادر حسين بخش جو پائٽيو هو. سردار بهادر حسين بخش باوچن جي اتحاد لاءِ گهٽو پاڻ پتوڙيو هو ۽ مرحوم محمد ڪامل شاهه جي وفات بعد ٽنڊي دويزن حيدرآباد ضلعي جي سياست تي حاوي ٿي ويو هو.

ميرغلام علي شريف طبع، عام زميندارن جيان اقتدار جو طالبو ۽ ماڻهن جا ڪثير تعداد خانگي ڪم ڪرڻ وارو ماڻهو هو. ڪوبه ماڻهو وڃس ويندو هو ته ان کي سفارشي خط لکي ڏيندو هو. بعضي اها حالت ٿيندي هئي ته مخالف ۽ موافق ٻنهي کي ميرصاحب جا خط ملندا هئا.

سندس زندگيءَ جو احوال، مون "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڪافي ڏنو آهي، تنهنڪري هتي ڏيڻ جي ضرورت نه آهي. سندس چند خط ڏجن ٿا.

(۱)

کوڙو جمعدار روڊ، حيدرآباد، سنڌ، ۱۱-۱۱-۱۹۳۹ع.

بخدمت جناب برادرم سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب، بعد السلام عليڪم جي واضح هجي ته وري بئنڪ جي ميٽنگ تاريخ ۱۸ تي رکي ويئي آهي. مون اڄ لکيو آهي ته مون کي لسٽ حيدرآباد ضلعي جي هولڊرن جي ملي، جا اڃا ڪانه ملي آهي. اميد ته جيترا ڳهٽا ٿي سگهندا، اوترا ماڻهو وٺي ايندس.

هنن وري به لچائي ڪئي آهي، جو عيد ڪان جلد رکي اٿن. پر نهيو- توهان خبرداري ڪندا.

پيو سڀ خير. بنده مير غلام علي.

(۲) *

حيدرآباد، سنڌ، ۱۵-۱-۱۹۴۳ع.

پيارا جي-ايم سيد صاحب! مون کي اوهان سان ڪنهن خانگي ڪم جي سلسلي ۾ ملڻو آهي. پڌائيندا ته ڪٿي ۽ ڪڏهن اوهان سان ملي، انهن مسئلن متعلق گفتگو ڪريان. جيئن ته ڪم تمام ضروري آهي، ان ڪري جلد جواب ڏيئي، مقرر تاريخ ڏيندا.

مون کي اوهان وٽ اچڻ ۾ ڪو حجاب نه آهي. مهرباني ڪري مون کي جواب موڪليندا.

اوهان جو مخلص، مير غلام علي تالپر.

(۳) *

ڪازرينا، ڪراچي، ۱۰ آڪٽوبر ۱۹۵۳ع.

پيارا شاهه صاحب،؟ مون کي اوهان جو خط ۽ پريس بيان پهتا. آڻ اوهان سان ان معاملي ۾ بلڪل شامل راءِ آهيان. ته انسان جي صوبي کي هر معاملي ۾ خود مختياري ملڻ گهرجي. سواءِ بچاءَ ڪرنسي ۽ پرڏيهي ڪاتن جي، پيا سڀ سنڌ کي

ملڻ گھرجن. آءٌ ان واسطي ھر ڪوشش ڪرڻ لاءِ تيار آھيان.
آءٌ سنڌ جي دانشورن کي عرض ڪندس تہ وزير اعليٰ سنڌ ۽ مرڪزي سرڪار جي سنڌي نمائندن کي ان ڏس ۾ رضامند ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. اميد تہ مناسب قدم کنيو ويندو. اسان کي عام راھ ۽ ماحول کي سازگار بنائڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻو پوندو. عام ماڻھو اسان جي صلاح تي ھلڻ لاءِ تيار آھن، کين صرف ان ڏس ۾ ھلائڻ جي ضرورت آھي. مون کي قوي اميد آھي تہ ماڻھن طرفان اسان کي سڀ موٽ ملندي.

توھان کي معلوم ھوندو تہ آءٌ پنھنجن ڪمن ۾ مصروف ھئڻ سبب ۱- يا ۱۲- آڪٽوبر تي ميٽنگ سڏائڻ جي قابل نہ ٿي سگھيس. مون کي خبر پيئي آھي تہ اوھان پڻ شاھ لطيف جي سالياني عرس جي تيارين ۾ مشغول آھيو. آءٌ بہ ميلي تي اچڻ جو ارادو رکان ٿو.

متين ڳالھين ڪري، مون ۱- نومبر تي ميٽنگ ڪوٺائي آھي. جيستائين مسئلو حل نہ ٿيندو، اسان کي ھر روز گڏجاڻيون ڪرڻيون پونديون. شايد ۲۰ ڏينھن تائين مسلسل گڏجاڻيون ڪرڻيون پون.

انگريزڪلچر ڪميشن لاءِ ماڻھن کان ڪافي ھمدردي ظاھر ٿي آھي- اميد تہ اسان گھٽو ڪجھ ڪم ڪري سگھنداسون.

اوھان جو مخلص، مير غلام علي ٽالپر.

* (۴)

ڪراچي، سنڌ، ۱۹- سيپٽمبر ۱۹۵۸ع

پيارا شاھ صاحب! جنھن صورت ۾ اوھان ۲۳- سيپٽمبر ۱۹۵۸ع تي، منھنجي حيدرآباد واري بنگلي تي ٿيندڙ آل پارٽيز اٽنڊي ون يونٽ فرنٽ جي ميٽنگ تي اچ-ي رھيا آھيون، اُن ڪري آءٌ نھايت خوشي محسوس ڪندس، جيڪڏھن اوھان ساڳئي ڏينھن ۸ بجي رات جو، مون وٽ رات جـي مانيءَ اچي ڪائيندا.

اوھان جو مخلص، مير غلام علي ٽالپر.

(۴۷)

سردار واحدبخش خان ڏڏو

سر واحدبخش خان ڏڏو، ۱۸۹۸ع ۾ ڄائو. ميان الاهي‌بخش ڏڏي جو فرزند ۽ نئين ديري جو وڏيل هو. ڪيس ڏڏن جو سردار چونڊيو ويو. بمبئي ڪائونسل ۾ ميمبر چونڊيو، ۽ مرڪزي اسيمبلي انڊيا ۾ ۾ چونڊجي ويو.

هيءَ هٽ جو سخي، مهمان نواز، همت وارو ۽ يار ويس شخص هو. غريب شاگردن کي اسڪالرشپون ڏيئي پڙهائيندو هو. آنهيءَ زماني ۾ سر شاهنواز ڏڏو ۽ محمد ايوب کهڙو، لاڙڪاڻي ضلعي ۾ نامياراسياستدان هئا، پر ائين ڏسي معلوم ٿيو ته ڪجهه وقت کان پوءِ ڏسي، لاگاپي ۽ ڪشاده دستيءَ ڪري هيءَ لاڙڪاڻي جي سياست ۾ علحده جاءِ والاري ويندو. ليڪن سندس حياتيءَ وفا نه ڪئي ۽ ۳۳ سالن جي عمر ۾، ۲۵ ڊسمبر ۱۹۳۱ع تي جواني ۾ وفات ڪري ويو. سندس زندگيءَ جو احوال، مون "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو آهي.

مون سان سندس واقفيت، رئيس فقير بخش خان ڪاچيءَ جي معرفت ٿي، جا وڏي وڏي دوستائن تعلقاتن تي ٻڌي. سندس ۾ خط هتي يادگيريءَ طور ڏيارن ٿو:

(۱)

از پيربخش ڏڏو، ۱۵ آڪٽوبر ۱۹۲۶ع.

بخدمت جناب حضرت غلام‌مرتضيٰ شاه صاحب. بعد سلامن جي واضح هجي ته الحمدلله، جو قادر ڪريم جي ڪرم سان مطلب مقصود حاصل ٿيو. صاحب جن جيڪا نيازمند جي ڪم ۾ همدردي ۽ مدد ڪرڻ فرمائي آهي، آن لاءِ گهڻو

شڪرگذار آهيان. ڪو حڪم احڪام هجي تہ بنا حجاب لکڻ فرمائيندا.

نيازمند، واحد بخش پٹو.

*(۲)

۱۹۳۰

بخدمت جناب شاهہ صاحب، سلمه الرحمان! بندو صاحب جن جي خدمت ۾ ووٹن لاءِ آيو هو. اوهان انجام مهرباني ڪري ڏنو هو. مان ڪي جاه لاڑڪاڻي ضلعي ۾ ماڻي آهي بمبئي ڪائونسل ۾ هيءَ جاه مان ميان صاحب علي بخش خان جي فائدي ۾ ڇڏي آهي. هاڻي اسان ٽيئي، خانبهادر ولي محمد صاحب، ميان علي بخش خان صاحب ۽ بنده، صاحب جن جي خدمت ۾ بنگلي تي عرض لاءِ آيا هياسي، تہ اوهان سموري مدد ميان صاحب ساڻ ڪندا، ۽ شاهہ صاحب ميان حاجي عبدالرحيم شاه صاحب کي ساڳيو عرض ڪندا. اهو بار اوهان تي آهي. تڪليف معاف ڪندا.

صاحب جن جي مهرباني ۽ نوازش کان بنده شڪرگذار آهي.

بنده، واحد بخش پٹو.

(۴۸)

سردار نبي بخش خان پٹو

سردار نبي بخش خان پٹو، ميان الاهي بخش پٹي جو فرزند ۽ سردار واحدبخش خان جو نندو ڀاءُ آهي. سردار صاحب جي وفات کان پوءِ هيءُ قبيلي جو مک ماڻهو ليکيو ويڄي ٿو. ۱۹۳۳ع ۾ هيءُ مرڪزي اسيمبلي هند ۾ چونڊجي ويو. ان کان پوءِ ڪجهہ وقت سنڌ اسيمبليءَ جو بہ ميمبر رهيو. سردار واحد بخش خان جي ڪري، سائس ۱۹۲۶ع کان وٹي تعلقات

رهيا آهن. سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ بيان ڪيل آهي. هن وقت خاموش زندگي گذاري رهيو آهي.

هن جو فرزند ، ممتاز علي ڀٽو ، پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ۾ ڪجهه وقت سنڌ حڪومت جو گورنر ۽ وزير اعليٰ ۽ ٻن مرڪزي وزارت ۾ رهي چڪو آهي.

سردار نبي بخش ڀٽي جا چار خط هتي پيش ڪجن ٿا.

(۱) *

لاڙڪاڻو، ۷-۱۰-۱۹۳۴ع.

پيارا شاهه صاحب! آءٌ اوهان جو ٽورائتو آهيان جو اوهان مون کي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ لاڙڪاڻي جي صدر چونڊجڻ تي مبارڪون موڪليون آهن. آءٌ مبارڪباديءَ جي تار موڪلڻ لاءِ وري به مهرباني ڪجان ٿو.

اوهان جو مخلص، نبي بخش ڀٽو.

(۲)

از لاڙڪاڻو.

خدمت ۾ جناب پيارا ياءٌ صاحب سيد ميان غلام مرتضيٰ شاه و ميران محمد شاه! بعد نيازن جي عرض ته سائينجن کي معلوم هوندو ته آءٌ گهڻي عرصي کان وڃي لاڙڪاڻي ۾ بيمار پيو آهيان ۽ زير علاج آهيان. سائينجن جو آءٌ ايتري قدر شڪرگذار آهيان، جنهن جو اندازو ڪري نٿو سگهان. جيتريقدر مون کي يقين آهي ، اوهان منهنجي گهڻي قدر امداد ڪئي آهي، جو مان خود پنهنجي لاءِ ايتري اعانت نه ڪري سگهيو آهيان. جيتر زنده هوندس، سائينجن جو زير احسان رهندس.

مختصر احوال هن ريت آهي ته ڪم کي گرما گرم ڪنيو ايندا.

۲- تعلقي بدين جي پولنگ اسٽيشن تي قاضي گل، جو هڪ پير صاحب لنواريءَ واري جو خاص ماڻهو آهي، آن جي

لاءِ پولنگ ايجنٽ ٿي ڪم ڪرڻ لاءِ سفارش ٽيل آهي، مگر انهيءَ حقيقت کي جاچي پوءِ قدم کڻڻ فرمائيندا.

۳- لنواري شريف جي پولنگ اسٽيشن تي، اسان جي خاص ماڻهوءَ، جو پير صاحب متئين جو خاص مريد آهي، ۽ هت لاڙڪاڻي ۾ اسان جو پاڙيسري آهي، آن جو نالو آهي عبدالرسول پٽ محمد غوث- آن کي پولنگ ايجنٽ ٿي ڪم ڪرڻ لاءِ سفارش ڪجي ٿي.

۴- قاضي صاحبڏنو پٽ قاضي نورمحمد، جو پڻ مذڪور پير صاحب جو مريد ۽ متئين قاضي محمد غوث جو سوٽ آهي، آهو ماڻهو جهڏي گدام پولنگ اسٽيشن تي ايجنٽ ٿي ڪم ڪندو. اهو قاضي لنواريءَ واري پير صاحب جو خاص مختيار ۽ ملازم آهي. هن وقت درگاهه شريف تي رهندو آهي. جهڏي ۾ پير صاحب جي زميندارين ۾ وڏي آهي، تنهنڪري اهو ماڻهو آڏي گهڻو ڪارائتو ٿيندو. اهي ٻئي ماڻهو اسان کي پنهنجا آهن ۽ بلڪل خاطريءَ جهڙا آهن.

هن نيازمند جا نياز ٻي انداز ٻنهي صاحبن کي قبول پون. انهيءَ طرف جي ڪم جا هر طرح مالڪ آهيو.

بنده، نبي بخش پٽو.

(۴)

پيربخش پٽو، ۲۵- سپٽمبر ۱۹۳۷ع. دام قبلة!

بخدمت فيضدرجت جناب شاه صاحب ميان غلام مرتضيٰ شاهه صاحب، بعد نيازن جي عرض ته حضور جن کي نيڪروشن هوندو ته حج ڪاميٽيءَ ۾ سائينجن کي ووٽ ڏيڻا آهن. ان لاءِ عرض ته نوازش فرمائي، پنهنجا ووٽ سر حاجي عبدالله هارون کي ڏيڻ فرمائيندا ته نهايت شڪرگذار رهندس. اميد ته صاحب جن خوش خورم هوندا.

نوازش فرمائي، پنهنجي خيريت جي احوال کان سرفراز ڪرڻ فرمائيندا ته نهايت نوازش.

بنده، نبي بخش پٽو.

(۴) *

پيربخش پٽو، ۱۹- جنوري ۱۹۴۱ع.

بخدمت فيضدرجت جناب شاهه صاحب، غلام مرتضيٰ شاه!

بعد ادبن جي عرض ته اوهان جو ڪاغذ ملهو احوال معلوم ٿيو. اوهان جي وڏي نوازش.

اوهان جي حڪم موجب، ڪاغذ وڏيري فيض‌محمد خان ۽ غلام‌حيدر پٽي ڏانهن هن ڳڏ لکي موڪلجي ٿو.

ٻئي حڪم لاءِ هرح حاضر آهيون.

زياده خير. نبي‌بخش پٽو، ايم- ايل- اي، تمندار قوم پٺاڻ.

(۴۹)

ذوالفقارعلي پٽو

هيءُ سر شاهنواز خان پٽي جو ٽيون نمبر فرزند آهي. ۵ جنوري ۱۹۲۸ع تي جاڏو. ولايت مان بئريسٽريءَ جو امتحان پاس ڪري، پاڪستان ٿهڻ کان پوءِ، پيءُ سان گڏ ڪراچيءَ ۾ رهڻ لڳو. تعليم يافته، هوشيار ۽ ننڍو پٽ هڻ ڪري، سر صاحب جو مٿس ڏاڍو پيار هو. پيءُ جي دعائن ۽ هدايتن، هن کي اُن وقت جي صاحب اقتدار ماڻهن، سڪندر ميرزا ۽ جنرل ايوب خان، سان واقفيت ڪرائي. جڏهن حڪمران مستقل مفاد، پاڪستان ۾ آئين ۽ اسيمبليون ختم ڪري، مارشل‌لا وسيلي ڪم هلائڻ ضروري ڄاتو، تہ سنڌ مان هن کي وزارت ۾ ڪيو ويو، جنهن تي هو ايوبي دور حڪومت ۾ ۱۹۵۸ع کان ۱۹۶۶ع تائين رهيو. پوين ڏينهن ۾ هيءُ پاڪستان جو پرڏيهي وزير به ٿيو.

۱۹۶۵ع جي هندستان ۽ پاڪستان ۾ لڳل جنگ جي زماني ۾ هن هوشيار هڻ ڪري ڄاڻي ورتو هو تہ گهٽو وقت حڪومت ۾ رهڻ ڪري ايوب خان عوام توڙي مهاجر- پنجابي مستقل مفاد جون همدرديون وڃائي ويٺو هو، ۽ اُن مخالفت

ڪان بچڻ لاءِ هن هندستان سان جنگ چيڙي هئي، جنهن ۾ ملڪ جو مستقل مفاد به سندس مڈدگار هو.

جڏهن ايوبي حڪومت طرفان پٽي صاحب کي اقوام متحده (نيويارڪ) ۾ پاڪ - ڀارت صلح جي گفتگو لاءِ موڪليو ويو هو تہ اُن وقت هن بخوبي چاتو ٿي تہ عوام ايوب خان مان تنگ هو ۽ هن عوام جو توجهہ حقيقي مسئلن کان هٽائڻ لاءِ جنگ چيڙي هئي- ۽ وڏين طاقتن چاهيو ٿي تہ جنگ بند ڪرائي وڃي. پٽي صاحب کي اها به چاڻ هئي، تہ ايوب خان ۽ وڏين طاقتن کي جواب ڏيڻي سکهڻ جو دم ڪونہ هو، ان ڪري هن (پٽي) چاڻي واڻي نيويارڪ وڃڻ وقت انگلنڈ مان بيان ڏنو تہ "اسان هزار سالن تائين جنگ لڙڻ لاءِ تيار آهيون." ليڪن سلامتي ڪائونسل ۾ پهچڻ وقت هن کي توقع مطابق حڪم مليو تہ عارضي صلح قبول ڪيو وڃي- جو هن کي قبول ڪرڻو پيو. اڳتي هلي ، هن حڪمران مستقل مفاد جي جوشيلي گروه (جنهن سان هن جو واسطو هو) کي ٻڌايو تہ هن اهو ناهہ مجبوراً قبول ڪيو هو.

اهي خبرون ايوب خان کي پهچنديون رهيون، پر هو ڪيس مصلحت خاطر ڪجهہ وقت لاءِ ٽوريندو آيو. جڏهن ايوب خان منجهانئس تنگ ٿي ڪمس وزارت مان ٻاهر ڪڍيو، ان وقت تائين پٽو صاحب پنجاب جي سول سروس ۽ ملٽريءَ ۾ ڪافي اثر پيدا ڪري چڪو هو. پئي طرف بنگال جا ماڻهو به ناراضگيءَ جي انتها تي پهچي چڪا هئا.

پٽي، اولهہ پاڪستان ۾ پيپلس پارٽي ٺاهي ، ايوب خان جي مخالفن کي ان جي نالي ۾ منظم ڪرڻ شروع ڪيو. نتيجي طور ايوب خان مجبور ٿي، حڪومت جون واڳون جنرل يحيٰ خان جي حوالي ڪيون، جنهن پٽي صاحب کي ڪارآمد ۽ طاقتور سمجهي، ڪتب آڻڻ شروع ڪيو. يحيٰ خان، ملڪ ۾ عام چونڊن ڪرائڻ ۽ مغربي پاڪستان ۾ ون يونٽ کي ٽوڙي، اڳين صوبن کي بحال ڪرڻ جا به چڱا ڪم ڪيا.

چونڊن ۾ پٽي صاحب جي پارٽيءَ کي اولهه پاڪستان ۾ اڪثريت حاصل ٿي ۽ بنگال ۾ شيخ مجيب الرحمان جي عوامي ليگ مڪمل اڪثريت حاصل ڪئي. مهاجر- پنجابي مستقل مفاد گهٽائي زور لاتا ته شيخ مجيب الرحمان کي سندن شرطن تي رضامند ڪري، حڪومت جون واڳون سندس حوالي ڪن، پر حالتون اهڙيءَ ڪڙيءَ تي پهچي چڪيون هيون، جو بنگالي ڪنهن به اهڙي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي نه هئا، جنهن ڪري ٻيهر ڪين اولهه پاڪستان جا مستقل مفاد ۽ سندن نمائندو پٽو صاحب ان راءِ جي تسلط هيٺ رهڻو پوي الهه پاڪستان جاهڻا ته بنگال هنن لاءِ فائدي وارو نه رهيو هو، انڪري بهتر ائين هو ته اهل بنگال کي پنهنجن شرطن تي پاڪستان ۾ رکجي، پر جي ائين ممڪن نه ٿي سگهي ته پوءِ پلي جدا ٿي وڃي. ان ڪري جڏهن يحيٰي خان ۽ شيخ مجيب الرحمان جي وچ ۾ ڪنهن ڳاهه تي اچڻ لاءِ ڳالهيون هلي رهيون هيون، ته پٽو صاحب ۽ سندس بالادست مستقل مفاد ان ۾ رندڪون وجهندا رهيا. نيٺ جنگ ڪرائي ويٺي، جنهن ۾ شڪست اچڻ بعد جنرل يحيٰي خان کي جاءِ خالي ڪري، ملڪ جون واڳون پٽي صاحب جي حوالي ڪرڻيون پيٽون.

حڪمران مستقل مفاد جو انتها پسند گروه، رجعت پسند هو، جنهن جي نمائندگي مسلم ليگ ۽ جماعت اسلامي وغيره پارٽيون ڪري رهيون هيون. آنهن چاهيو پٽي ته پٽي صاحب کي ڪيڏي، ڪو پنهنجو هٿ نوڪيو نمائندو رکن، پر مستقل مفاد جي ترقي پسند گروه، ۽ سندن بين الاقوامي حمايتين پٽي صاحب کي ڪارائتو سمجهي، اقتدار ۾ رهڻ ڏنو. ان کان پوءِ مذڪور گروهه مختلف طريقن سان پٽي کي بدنام ڪري ڪيڏ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي، پر اڃا تائين آن ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيا آهن. ان ساري معاملي ۾ نعپ، جي اڪثر ليڊرن، اصولن کي ڇڏي، مٿين رجعت پسند جماعتن سان غلط بنيادن تي ڳاهه ڪري، هن کي ڪيڏ جي هر ممڪن ڪوشش پٽي ڪئي آهي، پر پٽو ۽ سندس ساٿي هر محاذ تي کين شڪست ڏيندا آيا آهن. آن کان سواءِ، هو ڪمال هوشياريءَ

سان بين الاقوامي محاذ تي به حالتون درست ڪندا آيا آهن.

پٽي صاحب، هيٺيان ڪم ڪري، پنهنجي پوزيشن مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي:

۱- هن، پاڪستان جو آئين مسلم قوم جي بنياد تي ناهي، مهاجر- پنجابي سامراج کي نڌيين قومن (سنڌين، پختونن، ۽ بلوچن) تي حاوي ڪري ڇڏيو.

۲- هن ڪجهه زميني ۽ صنعتي سڌارا عمل ۾ آڻي، مائهن تي اهو اثر وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي ته هن واقعي سوشلزم آڻڻ گهريو ٿي.

۳- هن پارٽ سان گالهيون ڪري، قيدي ۽ ويڙهيل علائقا (زمين) واپس ڪرايا ۽ پارٽ سان واپار ۽ آمدرفت جا ناهه ڪيا.

۴- هن افغانستان سان ناتن سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي.

۵- هن مسلم سربراهه ڪانفرنس سڏائي، عارضي ۽ جذباتي طرح مسلم ملڪن ۾ پنهنجي ساک وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي.

۶- هن حڪومت جا سمورا اختيار پنهنجي هٿ ۾ رکي، پنهنجي ۽ پارٽيءَ جي پوزيشن مضبوط ڪئي.

۷- نڌيين قومن جي وجود کي ختم ڪري، متحده قوم بنائڻ لاءِ منظم طرح ڪوشش ڪيائين.

نين چونڊن ۾، جيڪڏهن ڪو غير معمولي واقعو در پيش نه آيو ته يقيناً ڪيس ڪاميابي ڏيندي جي پر ڏسڻ ۾ ائين ٿيو اچي ته هيءَ هيٺين سببن ڪري تاريخ جي فيصلي کي موڙي نه سگهندو ۽ پنهنجي مشن ۾ ناڪاميابه ڏيندو:

۱- اڄڪلهه، مختلف قومن جي آزاديءَ جو دور دورو آهي دنيا ۾ آهستي ڪري نڌيون قومون آزادي حاصل ڪنديون وڃن ٿيون. آن رجحان کي، پٽو صاحب غلط قومي نظريي جي آڌار تي گهڻو وقت روڪي نه سگهندو.

۲- مذهب جي نالي ۾ مائهن کي گڏ ڪرڻ جي

ڪوششن جي باوجود هن جي ڪاميابي ناممڪن آهي، ڇو ته مذهبي حڪومت جي سلسلي ۾ هو اعتماد حاصل ڪري نه سگهندو، ڇو ته هن جا عمل ۽ عقيدا يڪسان نه آهن.

۳- هيءَ عوامي راءِ ڪي سختيءَ سان دٻائڻ ۾ گهٽي وقت تائين ڪامياب نه ويندو ۽ رد عمل طور ڪيس اُن جي سزا ڀوڳڻي پوندي.

۴- غلط بنيادن تي پاڪستان قائم ڪرائيندڙ حڪمران مستقل مفاد هن سان گهڻو وقت ساڻ نه ڏيئي سگهندا.

۵- هن جا مددگار ميمبر جنهن تيز رفتاريءَ سان پيسا گڏ ڪري يا طاقت جو ناجائز استعمال ڪري رهيا آهن، سا گهالهه اڳتي هلي سندس بدناميءَ جو ڪارڻ بنبي.

انهيءَ مشڪلات مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ، نئين قومن جي حق خود ارادیت قبول ڪري، سيڪيولر ۽ قومي بنيادن تي حڪومت هلائڻ سان امڪان آهي تہ حالتون سڌاري سگهي، ليڪن اِن ۾ هن جي راهه ۾ وڏي ۾ وڏي رنڊڪ حڪمران مستقل مفاد آهن، جيڪي ڪيس ائين ڪرڻ نه ڏيندا. پاڪستان جي رهاڪن کي مذهب جي نالي ۾ هڪ قوم، هڪ حڪومت ۽ هڪ پارٽيءَ جي بنياد تي هلائڻ جو تجربو ڪامياب نه پئي ٿيو آهي ۽ اڳتي به اُن جي ڪامياب ٿيڻ جو امڪان نه آهي.

سنڌ، سياست عمل (Practical politlics) جا به نهايت خوش قسمت، هوشيار ۽ ڪامياب ليڈر پيدا ڪيا:

۱- محمد علي جناح : جيڪڏهن غور سان نظر ڪري ڏسبو تہ جناح صاحب ڄائو ته سنڌ ۾ ، پر سندس زندگيءَ جو گهڻو حصو ٻاهر گذريو. هن کي هندستاني مسلمانن ۾ پنهنجي پوزيشن مضبوط ڪرڻ ۾ ٽيهارو ڪن سال لڳا. حالتن اهڙو ڦيرو ڪاڌو ، جو هيءَ هندستان کي ٻن حصن ۾ ورهارائي، پاڪستان جو گورنر جنرل ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

سڀني کي خبر آهي تہ هن جي دور حڪومت ۽ پاليسيءَ ڪري سنڌين کي زبردست نقصان ڏسڻا پيا ، جن جو مختصر ذڪر ، مون پنهنجي ڪتاب : "جديد سياست جا نوڙتن"،

"سنڌو ديش چو ۽ چالاڻ"، "ديار دل ۽ داستان محبت"، "پاڪستان جو ماضي، حال ۽ مستقبل" وغيره ۽ ڏنو آهي. هن اهي سڀ ڪم، سياست عمل جي پوئلڳيءَ ۽ حڪمران مستقل مفاد ۽ سامراجين جي رضامنديءَ خاطر ڪيا هئا. ليڪن تصوير جي ٻئي رخ ڏسڻ سان معلوم ٿيندو ته هن نئين ملڪ کي ناهڻ لاءِ پنهنجي پٺ ۽ هيٺان ڇا ڪم ڪيا:

۱- هندستان مان بهترين دماغ مسلمان آفيسر گهرائي، ملڪ جي واڳ سنڀالڻ حوالي ڪيائين.

۲- ملڪ ۽ ڪارخانن ۽ واپار جي واڳ لاءِ حالتن کي سازگار بنائڻ جي خيال کان هندستان مان مسلمان سرمائيدار گهرائي، بٽنکن، واپار ۽ ڪارخانن کولڻ ۽ سنڀالڻ همت افزائي ڪيائين.

۳- هندستان ۽ مسلم ليگ جي نفرت واري پروپيگنڊا حالتن جي ناسازگاري ڏسي، اتان ڪترا مسلمان اديب، شاعر، مصنف ۽ سياستدان، لڏي اچي پاڪستان ۾ وينا، جن جي آبادڪاريءَ ۽ رهائش لاءِ همت افزائي ڪيائين.

۴- هندستان مان ڪثير تعداد مائهن، جن ۽ سنڌ ۾ همت وارا مهاجر به هئا، لڏارائي، پاڪستان ۾ آباد ڪرائڻ جي پاليسيءَ تي عمل ڪيائين.

ان سموري پاليسيءَ جو زياده بار سنڌ تي پيو. سنڌ جي هندن جي خالي ڪيل جاين، ڪارخانن، واپار، بٽنکن، نوڪرين، اسڪولن ۽ زمين کي مهاجرن جي حوالي ۽ ڏنو ويو. پر اُن جي عيوض ۽ نون آيل مائهن پاڻ کي فاتح سمجهي، سنڌ جي رهاڪن کي حقارت جي نظر سان ڏسڻ ۽ سنڌين حق تلفي ڪرڻ شروع ڪئي. جن سنڌين ان پاليسيءَ جي مخالفت ٿي ڪئي، تن کي اسلام، پاڪستان ۽ مسلم قوم جو دشمن سمجهي، سزا ڏني ٿي ويئي.

جناح جي وفات کان پوءِ قائم ٿيل جملي حڪومتن به ساڳي پاليسي قائم رکي. پر جيئن ته اها پاليسي غلط بنيادن

تي ٻڌل ۽ مڪاني قومن جي مفاد خلاف هئي ، ان ڪري سرحد، سنڌ، بنگال، بلوچستان توڙي پنجاب ۾ آن جي مخالفت پيدا ٿي. اهل پنجاب ان کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. آن سلسلي ۾ لياقتعلي خان جو قتل به واقع ٿيو.

سرحد وارن جي راضي ڪرڻ لاءِ جنرل ايوب ۽ جنرل يحيٰ خان ڪجهه رول ادا ڪيو ، پر سڀ طريقا ناڪام ٿيا. بنگال وارا جدا ٿي ويا. سنڌ ۽ بلوچستان به وس ۽ وت آهر مخالفت جو آواز آٿارينداً رهيا. نيٺ حڪمران مستقل مفاد پٽي کي آئينده پنهنجي پاليسيءَ هلائڻ لاءِ ڪارآمد سمجهي، آلہ ڪار طور ڪتب آڻڻ لاءِ ميدان تي آندو.

۲- ذوالفقار علي ڀٽو به سياست عمل جي پوئلڳ ۽ خوش قسمت سياستدانن مان هو، جنهن ٿوريَ وقت اندر اها صلاحيت حاصل ڪري ورتي، جو ڪيس پاڪستان جو وزير اعظم بنائي، ملڪ ۽ حڪومت جون واڳون سنڀڻ ۾ ڏنيون ويڻون. جنهن پوزيشن تي پهچڻ لاءِ جناح صاحب کي ٽيهه سال لڳا ، سا پوزيشن هن ڏهن سالن جي عرصي ۾ حاصل ڪري ورتي.

هن پنهنجي دور ۾ حڪمران مستقل مفاد جي پاليسيءَ تي عمل ڪندي ، پنهنجي پوزيشن مضبوط ڪرڻ لاءِ، مٿي ذڪر ٿيل آيل ڪڏا ڪم ڪيا. ليڪن تاريخ ۽ زمانو ڪن شخصن ۽ گروهن جا محتاج نه آهن.

مهاجرن مان جن ادبين ، سياستدانن ، لائق عملدارن ۽ صنعتڪارن کي ملڪ جي تعمير ۽ ترقيءَ لاءِ ڪارآمد سمجهي آندو ويو هو، تن جي دماغن ۾ سنڌي وڏيرن جي خود مطلبيءَ، ڪاهليءَ، بي اصوليءَ ۽ ڪم ظرفيءَ کي ڏسي، اهو خيال ويهي ويو ته سنڌ جا ماڻهو اسلام جي تعليم کان عاري ، بزدل ۽ اٺسڌريل آهن ۽ پاڻ هر طرح سان لائق آهن. ان ڪري هنن پنهنجي تسلط قائم ڪرڻ ۽ ملڪ تي حڪومت ڪرڻ لاءِ ، پنهنجي زبان، تهذيب، نظرين، اقتصادي ۽ سياسي مفاد کي مدنظر

رکي، مسلم قوم، اسلام ۽ لياقت جي نالي ۾ حڪومت ڪرڻ شروع ڪئي.

اڳتي هلندي، پٽي صاحب کي اڳيان ڪري، سنڌ جي حقن جي وڏندڙ تقاضائن کي رد ڪرڻ لاءِ، حڪمران مستقل مفاد جا سڀ گروهه متحد ٿي وياءِ سنڌ جـي زميندارن، پيرن، سياستدانن، وڏيرن ۽ ڪامورن جي اڪثريت غلط پروپيگنڊا، خوف ۽ لالچ کان مرعوب ٿي، سندن پوئلڳيءَ ۾ سنڌ ۽ وڏندڙ قوم پرستيءَ ۽ آزاديءَ جي جذبي کـي ختم ڪـرڻ لاءِ ساڻن پاڻهن ۾هلي ٿي ڪم ڪيو.

حالتون نهايت ناگفته به آهن، پر اسان اميد نه لاٿي آهي، ۽ انهن سڀني مشڪلاتن جي باوجود، سنڌ جي نجات لاءِ لطيف سائينءَ جي ڏسيل راهه تي اسان جو پنڌ جاري آهي.

هيڪلياڻـي هيل، پورينديـس پنهونءَ ڏي،
آڏا ڏونگر، لکيون، سوريون سڄن سيلهه،
تہ ڪر پياري آهن پيلهه، جي سور پريان جا ساڻ مون!

انهيءَ مختصر تبصري کان پوءِ پٽي صاحب جا چند خط هيٺ پيش ڪري رهيو آهيان:

* (۱) •

ڪراچي ۲۸ نومبر ۱۹۵۵ع (رجسٽرڊ خط) ذوالفقار علي پٽو، بار- ايٽ- لا.

پيارا شاهه صاحب! افغانستان، پاڪستان جي دشمنن جي ٽيڪي تي، اولهه پاڪستان ۾ تازين آيل تبديلين تي سخت لفظن ۾ تنقيد ۽ ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو آهي. مون کي پڪ آهي تہ اوهان انهن غيرملڪي سرگرمين (حرڪتن) جو بغور مطالعو ڪيو هوندو.

هن نازڪ وقت ۾ ملڪ جي هر وفادار شهريءَ تي اها جوابداري عائد ٿئي ٿي، تہ هڪ- وجود ٽـي، اندروني ويڇا وساري، ٻاهرين شرپسند عناصرن جي سرگرمين کي منهن ڏجي.

انهن حالتن ۾ اهم ڳالهين کي مدنظر رکي، آءٌ ورکنگ کاميٽيءَ ۾ "انڊين يونين فرنٽ" جي ڪائونسل ڏان استعيفا ڏيان ٿو.

اوهان جو مخلص، ذوالفقار علي ڀٽو.

* (۲)

۷- ڪلفٽن، ڪراچي، ۲۷- جون ۱۹۵۶ع ذوالفقار علي ڀٽو
بار- ايٽ- لا.

پيارا شاهه صاحب! گهڻي وقت کان وڃي اوهان سان ملڻ جو خيال ٻڌي رهيو آهي، پر هڪ نه ٻئي سبب ڪري ائين ڪرڻ کان قاصر رهيو آهيان. ان ڪري آن جي عيوض آءٌ اهو مناسب ٿو سمجهان ته اوهان سان اظهار ڪريان ته مغربي پاڪستان صوبي جي اسيمبلي اجلاس ۾ اوهان طرفان ظاهر ڪيل خيالن سون ڪي ڪيڏي نه خوشيءَ ۽ فخر جو احساس ڏياريو آهي. توهان جو رڪارڊ بيداغ آهي. هن افراتفريءَ ۽ خود غرضيءَ جي دور ۾ صرف هڪ ئي آواز اصولن ۽ حق لاءِ بلند ٿي رهيو آهي، ۽ آهو اوهان جو آهي. ان ۾ ڪنهن به قسم جهڪي جي چاپلوسي ۽ غلط بياني نه آهي.

منهنجي دل نهايت مضطرب رهي ٿي، جڏهن ڏسان ٿو ته اسان پوطرف اهڙن عنصرن (طاقتن) جي گهيري ۾ آهيون، ڪنهن به صورت ۾ شريف المرتبت نه آهن.

آءٌ سگهوئي ڪنهن ڏينهن اوهان سان ملي، باهمي دلچسپيءَ جي مفادن بابت گفتگو ڪندس.

نيڪ تمنائن سان، اوهان جو مخلص، ذوالفقار علي ڀٽو.

[ڪارڊ] (۳) *

جنوا ۱۰- آگسٽ ۱۹۵۶ع سون ڪراچي چڏڻ کان هڪ ڏينهن اڳ ٽيليفون تي امير حيدر شاهه سان ڳالهايو هو.

اميد ته اوهان باڪل خوش و خورم هوندا.

سلامن سان اوهان جو، ذوالفقار علي ڀٽو.

* (۴)

ڪراچي ۷- سيپٽمبر ۱۹۵۶ع

پيارا شاهه صاحب! مون ڪيتري وقت کان وٽي اوهان سان فون تي ملڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر اوهان اڪثر باهر هوندا آهيو.

آءٌ انشاء الله، آمريڪا کان موٽڻ بعد اوهان سان اچي ملاقات ڪندس.

سلامن سان، اوهان جو مخلص، ذوالفقار علي ڀٽو.

* (۵)

راولپنڊي. ڪئمپ- ڀاڪا، پرڏيهي وزير پاڪستان

۱۴- اپريل ۱۹۶۶ع. No: 1653-TR\FM\66

پيارا چاچا ! مون کي اهو ٻڌي نهايت خوشي آهي ته اولهه پاڪستان سرڪار اوهان جي سرگرمين (Movements) تان پابندي هٽائي ڇڏي آهي.

آءٌ ڪاڻي وقت صدر صاحب تي زور پري رهيو هوس ، ته اوهان تان بندش لاٿي وڃي ، ۽ هو سڀائين همدرديءَ سان ٻڌندو هو. آخري طور جڏهن اسان ڪجهه مهينا اڳ نوابشاهه ويٺاسون، ته مون سائس هڪ ڀڳهو ۽ مفصل بحث ڪري، مٿس زور پريو ته اوهان تان نظربنديءَ جون پابنديون هٽائڻ ضروري آهن. هن کي منهنجي دليلن متاثر ڪيو ۽ چيائين تہ هو ان مسئلي کي هٿ ۾ کڻي ، ان جي اطمينانبخش حل جي ڪوشش ڪندو تازو ڪجهه ڏينهن ٿيندا ته هن مون کي چيو ته هاڻي اميد ته مطمئن ٿيو هوندين، جو سيد تان پابندين هٽايون ويون آهن. هن خوشگوار نوع ۾ چيو ته "اهو قدم گهڻو اڳ کڻڻ گهرجي ها."

اميد ٿو ڪريان ته اوهان تندرست هوندا ۽ امير حيدر شاهه ۽ امداد محمد شاهه، به روبهرقي هوندا.

اوهان سان اميد تہ جلد سن ۾ اچي ملاقات ڪندس يا اوهان ڪراچيءَ آيا تہ آتي ملنداسون.
اوهان جو مخلص، ذوالفقار علي ڀٽو.

* (٦)

وزير صدارتي امور، حڪومت پاڪستان (رجسٽرڊ)
اسلام آباد ۵- فبروري ۱۹۷۲ع

پيارا جي- ايم سيد! حڪومت جي ڏيان تي آندو ويو آهي تہ اوهان ۱۷ - جنوري ۱۹۷۲ع تي سن ، ضلعي دادوءَ ۾ پنهنجي سالگرهہ جي تقريب ۾ آزاد تقرير ڪندي، هيٺيون ڳالهيون چيون آهن:

۱- تہ ٻہ- قومي نظريو عارضي نوعيت جو هو، ۽ اوهان آن ۾ اعتماد نٿا رکو؛

۲- تہ اها ڳالهہ تسليم ڪئي وڃي تہ پاڪستان جي پنجن صوبن جا رهاڪو پنجن مختلف قومن سان واسطو رکندڙ هئا، ۽ اُنهن کي ۵ ريئستن جي ڪنفيڈريشن ۾ آندو ويو.

۳- تہ اوهان پنهنجي مقصدن جي حصول لاءِ "خدام سنڌ" نالي هڪ تنظيم وسيلي هلچل شروع ڪرڻ وارا آهيو، جيڪا ٻڌي مقصد، عوامي راءِ تيار ڪرڻ ۽ گوريلا جنگ جي تربيت ڏيڻ، جو ڪم ڪندي.

۲- گورنمنٽ کي اهو پڻ ٻڌايو ويو آهي تہ اوهان جي جاءِ تي ۽ اوهان جي سرپرستيءَ ۾ ڪن بين مقررن پنهنجي تقررن ۾ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ڪم ڪرڻ ۽ ان مقصد لاءِ گوريلا جنگ وڙهڻ لاءِ عوام کي چيو. حڪومت کي ڀتاڻ ڏيندي چيو ويو تہ جيڪڏهن آن کي مداخلت ڪئي تہ آن جو هٿيارن جي طاقت سان مقابلو ڪيو ويندو ۽ جيڪي تحريڪ جي راهہ ۾ رڪاوٽ بنيا، اُنهن جي رت سان سنڌو درياهہ جو پاڻي ڳاڙهو ٿي وهندو.

۳- اِن ڏس ۾ اوهان جو ڏيان ڇڪائيندي ٻڌائجي ٿو تہ پاڪستان ۾ اهڙا بہ قانون موجود آهن تہ جيڪو ماڻهو ملڪ

جي يڪجهتيءَ ۽ سالميت خلاف گالهائي، ڪوشش ڪري، يا تشدد ڦهلائي، تہ ان کي سخت سزا ڏني وڃي.

۴- آءٌ هائي اوهان کان پڇان ٿو تہ مون کي اطلاع ڪندا تہ آيا متي بيان ڪيل رپورٽ درست آهي ۽ آيا اوهان پاڻ ان موقعي تي مذڪور تقريرون ڪندڙ مقررن سان گڏ هٿا.

اوهان جو مخلص، جي - اي - رحيم.

* (۷)

ڊپٽي ڪمشنر دادو، ۱۹- فبروري ۱۹۷۲ع: سنڌ حڪومت

پيارا شاهه صاحب! مون کي پاڪستان حڪومت طرفان حڪم مليو آهي تہ اوهان کي ۲۲- فبروري ۱۲-۳۰ بجي، راولپنڊيءَ ۾ صدر صاحب سان ملڻ لاءِ عرض ڪريان.

مهرباني ڪري پنهنجي رضامنديءَ جي خبر ڏيندا تہ آءٌ حڪومت کي اهڙو اطلاع ڪريان.

اوهان جو مخلص، حامد علي ميمڻ، ڊپٽي ڪمشنر، دادو.

* (جواب)

سن، ۱۹-۲-۷۲ع

پيارا حامد علي! اوهان جو اڇوکو خط پهتو. آءٌ صدر صاحب جو نهايت شڪرگذار آهيان، جو هن مون کي ۲۲- فبروريءَ تي راولپنڊيءَ ۾ ملڻ لاءِ گهرايو آهي. آءٌ ان دعوت کي پنهنجي عزت افزائي سمجهان ٿو، ۽ خوشي سان اها دعوت قبول ڪريان ها، پر طبيعت جي بيچاڻائيءَ ۽ وقت ٿوري هٿ ڪري مون لاءِ مقرر وقت ۽ تاريخ تي صدر صاحب سان ملاقات ڪرڻ ناممڪن آهي.

تنهنڪري اوهان کي عرض آهي تہ صدر صاحب کي چئي ڇڏيندا تہ جيڪڏهن ممڪن هجي تہ سنڌ ۾ ملڻ لاءِ کو وقت مقرر ڪندا. پر جيڪڏهن مستقبل قريب ۾ صدر صاحب هن طرف اچڻو نہ آهي تہ ۱۰ محرم يعني ۲۵-

فبروري ۱۹۷۲ع کان پوءِ کا تاريخ رکندو تہ آءٌ ان کي خوش آمديد چوندس.

هيءُ منهنجو پيغام کيس پڇائيندا.

اوهان جو مخلص، جي- ايم- سيد.

(۸) [تار]

راولپنڈي، ۲- مارچ ۱۹۷۶ع.

جي- ايم- سيد، حيدر منزل، سامهون نشتر پارڪ، مسلم ڪالوني، ڪراچي. صدر صاحب اوهان سان ۵ مارچ تي راولپنڈيءَ ۾ ملاقات ڪرڻ ڳهري ٿو. اوهان کي عرض آهي تہ مهرباني ڪري اچي ملندا.

ملڻري سيڪريٽري

(۹) *

وزارت خارجہ، اسلام آباد، طرفان: مسٽر برجيس حسن خان (پ.ف.س) ڊئريڪٽر جنرل (انڊيمنسٽريشن)

۲۵- مارچ ۱۹۷۲ع

No: ssp/84/72

پيارا سيدا مون کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ اوهان کي اطلاع ڪريان تہ اوهان جو سفارتي پاسپورٽ (Diplomatic Passport) تيار ٿي ويو آهي ۽ فارين آفس ۾ پيو آهي. مسٽر امير حيدر شاهہ جو پاسپورٽ ۾ تيار آهي.

۲- ايڊا تائين هي ڏر (انڊيا) کان ڪو خاطر خواه جواب نہ پهتو آهي. خط و ڪتابت جو رستو تمام ڦيري وارو ۽ دير سان پهچڻ وارو آهي، ان ڪري نياپي (message) موڪلڻ يا رسڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي رهي آهي.

ان ڪري اوهان کي صلاح ڏجي ٿي تہ اوهان هن وزارت سان رابطي ۾ رهندا، جڏهن بہ خاطر خواه جواب ملي تہ هڪدم اوهان کي اطلاع ڪيو ويندو.

اوهان جو مخلص، برجيس حسن خان.

(۱۰) *

منسٹري آف فارين افيئرس، اسلام آباد، ۲۷ مارچ ۱۹۷۲ع
طرفان: برجيس حسن خان (P.F S) پوليٽيڪل جنرل (ائڊمنسٽريشن)
No: ss (p) /84/72

پيارا سيد! منهنجي ۲۵ مارچ جي ساڳئي نمبر واري لکيل خط ۾ ڄاڻايل اوهان جو سفارتي پاسپورٽ نمبر D. 003778 ۽ امير حيدر شاهه جو پاسپورٽ نمبر Ac 968437 موڪلجي ٿو.

جيئن مون اڳئين خط ۾ بيان ڪيو آهي ته جيئن ٿي سگهي (پارٽ کان) خاطر خواه جواب ملي ته اوهان سان هڪڏهن رابطي ۾ ايندا سون.

سلامن سان، اوهان مخلص، برجيس حسن خان

(۱۱)

اسلام آباد، ۲۰ اپريل ۱۹۷۲ع.
تمام تڪڙو
طرفان فارين سيڪريٽري آف پاڪستان
افتخار علي، (S K,P F.S)
No: 3433-Ps/Fs/72

پيارا سيد! مون کي فارين سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ نهايت اهم ڪم اهو ڏنو ويو ته صدر صاحب جي حڪم موجب، اوهان کي انڊيا حڪومت سان گالهين لاءِ سندس خاص ايلچي نامزد ڪيو ويو. سو سان اوهان لاءِ ڪاغذ تيار ڪيا. هڪ سفارتي پاسپورٽ اوهان لاءِ ۽ ٻيو پاسپورٽ اوهان جي فرزند لاءِ تيار ڪري اوهان کي موڪليا ويا، جو پڻ اوهان سان گڏ هلڻو هوو

۲- انهيءَ وچ ۾، بدقسمتيءَ سان ڪن تازين حالتن ڪري اسان جون رٿون هيٺ مٿي ويون. هندستان وارن آڇ وارن آڇ ڪئي آهي ته گفتگو آفيسري سطح تي ٿئي گهرجي. ان لاءِ هنن هندستاني پرڏيهي کاتي جي پاليسي پلاننگ ڪاميٽيءَ

جي چيئرمن مسٽر ڊي- پي- ڊر جو نالو پيش ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ اسان به هڪ آفيسر، آفيسري سطح جي گهاڻهين لاءِ نامزد ڪيو آهي. صدر صاحب، هن وزارت جي سيڪريٽري جنرل مسٽر عزيز احمد کي ان مقصد لاءِ منتخب ڪيو آهي. آءٌ تصديق سان اوهان کي ٻڌايان ٿو (جيئن اڳوڪي پريس ۾ ٻڌ آيو آهي.) ته مسٽر ڊر ۽ سندس ساٿي، گهاڻهيون هندستان ۾ ٿيندڙون، جيئن اسان اڳ سوچيو هو.

۳- صدر صاحب مون کي ٻڌايو آهي ته اوهان کي اطلاع ڏيان ته پاڻ اوهان سان جلد ملڻ گهرن ٿا. پاڻ جڏهن ڪراچيءَ ۾ ايندا، ته اوهان سان رابطي ۾ ايندا- پيءَ حالت ۾ جڏهن لاڙڪاڻي اچن ته ڪائن وقت وٺي سگهو ٿا.

اوهان جو مخلص افتخار علي.

(۱۲)

اسلام آباد، ۱۸- جون ۱۹۷۲ع تمام ٽڪڙو

افتخار علي، فارين سيڪريٽري
آف پاڪستان

پيار سيد! صدر صاحب مون کي حڪم ڪيو آهي ته اوهان کي چوان ته پاڻ ۲۸- جون ۱۹۷۶ع تي، هندستاني وزير اعظم سان ملاقات لاءِ هڪ وفد وٺي وڃي رهيا آهن. پاڻ نهايت خوشي محسوس ڪندا، جيڪڏهن اوهان ان وفد ۾ ساڻن گڏجي وڃڻ لاءِ تيار ٿيندا.

جيئن ته صدر صاحب جلد جواب گهرايو آهي، ان ڪري آءٌ نهايت شڪرگذار ٿيندس، جيڪڏهن اوهان جيترو سگهو ٿي سگهي، خط جو جواب ڏيندا.

اوهان جو مخلص افتخار علي.

(جواب)

جيئي سنڌ محاذ

۱۲۶ مسلم ڪالوني، ڪراچي،

پيارا افتخار علي، آءٌ صدر صاحب جو نهايت ٿورائتو

آهيان، جو هو مون کي ۲۸- جون ۱۹۷۲ع تي هندستان جي وزير اعظم سان گالهائڻ لاءِ وفد ۾ وٺي وڃڻ گهري ٿو. آءٌ هند ـ پاڪ مسئلن جي حل واري مشن ۾ صدر صاحب جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. مون ڪراچيءَ ۾ گذريل ملاقات دوران، صدر صاحب کي روبرو چيو هو ته منهنجو ساٿس سٽ چٽن جي وفد ۾ گڏجي وڃڻ کارائتو ۽ سڀل نه ٿيندو. مون هن کي اهو به چيو هو ته جيڪڏهن سندس مرضي هجي ته آءٌ آزادانه طور، وفد کان اڳ يا ان اعليٰ گڏجاڻيءَ کان پوءِ ٿي ان مشن ۾ مدد ڪري سگهان ٿو.

اميد ته خوش خورم هوندا.

اوهان جو مخلص، جي- ايم- سيد.

* (۱۳)

سنڌ حڪومت، هوم- ڊپارٽمينٽ، وارننگ آرڊر

ڪراچي، ۱۰ ڊسمبر ۱۹۷۳ع.

No: 2/11-H (SPL.II)/73

تو جي- ايم- سيد کي "ڊفينس آف پاڪستان" ۽ نمبر 32 (b) ۽ (f) هيٺ، پنهنجي گهر ڪراچيءَ ۾ نظر بند ڪيو ويو آهي ۽ حڪومت جي آرڊر نمبر 2/11-H (SPL-II)/73 ۵ نومبر ۱۹۷۳ع موجب اوهان کي ڪنهن سان به لکپڙهه نه ڪرڻي آهي. جيئن ته صوبائي حڪومت کي معلوم ٿيو آهي ته تون پنهنجي خاندان جي پاڻين معرفت باهر خط ۽ تارون موڪلي رهيو آهين، اُن ڪري اهو ضروري ٿي پيو آهي ته توکي چتاءُ ڏنو وڃي ته مٿين حڪمن جي انحرافي ڪندي، ڪنهن سان به خط و ڪتابت نه ڪر. ٻيءَ صورت ۾ توکان پنهنجي خاندان جي پاڻين سان رهڻ جي سهوليت به کسي ويندي (يعني جيل ۾ موڪليو ويندين).

(غلام رباني)، ڊپٽي سيڪريٽري، هوم ڊپارٽمينٽ.

[نوٽ:- مون ۲- سيپٽمبر ۱۹۷۳ع تي، ذوالفقار علي ڀٽي کي سڏو خط لکي، ملڪ کان باهر علاج ڪرائڻ جي اجازت

لاءِ خط لکيو هو، جنهن تي ڪاوڙ ڪان مٿيون "چتاءِ" وارو خط موڪليو ويو هو.]

(۵۰)

سيد ميران محمد شاهه

سيد ميران محمد شاهه، زين‌العابدين شاهه جو فرزند، ٽکڙ جو ويڙهه، مٽياري سيدن جي خاندان مان هو. وڪالت پاس ڪري، سياست ۾ داخل ٿيو. بمبئي ڪائونسل جو ميمبر ٿيو ۽ سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ تائين رهندو آيو. هيءَ ڪجهه وقت سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر، سنڌ حڪومت جو وزير، پاڪستان طرفان اسپين جو سفير ۽ پوءِ ڪيترن اهم عهدن تي رهي، سياست عمل مطابق ڪامياب زندگي گذاري ويو. سندس زندگيءَ جو احوال مون "جنب گذاريم جن سين" ۽ هن جي خطن جي ڪتاب "رهاڻ" ۾ ڏنو آهي. وڌيڪ ڏيڻ مناسب نٿو سمجهان. جنهن صورت ۾ سندس خطن جو جدا ڪتاب ڇپايل آهي، ان ڪري صرف چار خط ڏيئي، سندس يادگيري تازي ڪئي ويڃي ٿي.

(۱)

حيدرآباد سنڌ، ۱۲- ڊسمبر ۱۹۲۹ع.

ادا سائين! تسليم. اميد ته منهنجو هڪ عريضو، ابوبهاڙ ٽان ارسال ڪيل پهچي ويو هوندو. جواب جو منتظر هوس، پر اڄ ڏينهن تائين نه پهتو. سن اڻٽو هوم پر ڪمس وارن ميربحرن ڪان معلوم ٿيو ته اوهان خير جا ڪراچيءَ آڻهيا آهيو. هاڻي خبر نه آهي ته وري وطن ڪڏهن وارد ٿيندا. مون کي به نائال ۾ دهلي ۽ لاهور جي طرف وڃڻ جو ارادو آهي، جو دهليءَ ۾ علاج معالجو ڪرائيندس. دعا ڪندا، خدا ڪامياب ۽ شفايابَ ڪري. جيڪڏهن ۲۲ ڊسمبر جي سن هجو ته آءٌ به ميربحرن

جو ڪيس آن تاريخ تي صبح جو هلائڻي، وري ۳۰-۲ بجي واريءَ ٽرين ۾ چڙهان، جو شام جو اوهان وٽ اچان ۽ وري ۲۳ تاريخ موٽي حيدرآباد پهچان ۽ ۲۴ ڊسمبر روانو ڏهليءَ ٽيان.

مهرباني فرمائي اطلاع ڏيندا ته ڪهڙو پروگرام آهي. پنهنجي خيريت ۽ خوشنوديءَ کان مطلع فرمائيندا.

زياده خير، بنده ميران محمد

* (۲)

حيدرآباد سنڌ، ۳۰-۵-۱۹۳۱ع. سيد ميران محمد شاه پريزيڊنٽ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ حيدرآباد سنڌ.

پيارا ٻاڻا! اميد ته ۶- جون تي رڪيل اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ جي يادگيري هوندي- منهنجو ارادو آهي ته ۵ جون تي حيدرآباد ماڻ ڪوئيٽا ميل ۾ نڪران- انڪري ۱۲ بجي منجهند جو پهچندس ۽ اوهان سان ملاقات ڪندس. ڪافي گالهيون آهن جيڪي اوهان ڪي روبرو ٻڌائيون اٿم. منهنجي خيال ۾ ۷- جون تي ڪراچيءَ ۾ اوهان ڪراچيءَ جي زميندارن جي ميٽنگ رکي ڇڏي هوندي ته جيئن اريگشن بل جي پاس ٿيڻ خلاف احتجاج ڪري سگهجي.

ٻيو سڀ خير. آءُ آهيان اوهان جو ٻاڻ ميران محمد شاه

(۳)

حيدرآباد سنڌ، ۴- آگسٽ ۱۹۳۴ع.

ادا سائين! تسليم. اوهان جي اسڪول بورڊ جي چونڊ ٿي گذري، هاڻي چيرمنيءَ جو سوال به خير سان فيصل ٿي ويندو. باقي اڊيشنسٽريٽو آفيسر جي چونڊ ۾ مسٽر علي محمد سيال جي لاءِ سفارش ڪئي وڃي ٿي، جو هن جي پاران سون ٽي بار پيل آهي، ازان سواءِ شايد هو پهريون سپروائيزر آهي تنهنڪري به حقدار آهي. ان ڪري اميد ته هن جي لياقتن ڪي مدنظر رکي، هن جي مدد ڪندا ۽ مير مقبول شاه ڪي به ان باري ۾

چوندا تہ مهرباني.
بنده ميران محمد شاه

(۴)

حيدرآباد ۲۰-۲-۱۹۹۲ع.

برادرم صاحب ميان غلام مرتضيٰ شاه سدا سلامت!
بدد سلامن جي واضح تہ هڪ خط ٿورا ڏينهن ٿيا تہ لکيو هئم، جنهن ۾ اشارتاً لکيو هئم تہ غالباً ۲۳ تاريخ توهان وٽ توهان جي والده جي فاتحہ خواني۽ لاءِ اچان، مگر اهو پروگرام نہ ٻڌو. بارش ڪري هتي سردي ٿي پيئي آهي. سرديءَ کان دم ۾ اضافو ٿيم ٿو. ازان سواءِ ۲۴ تاريخ ادبي بورڊ جي سب ڪاميٽيءَ ۽ ۲۵ تاريخ ادبي بورڊ جي ميٽنگ آهي.

ايڪشن وارن کان گهر ويئي ٻہ جان نہ ٿي ڇڏي. اوهان تہ ڪنڊ ۾ لڪا ويٺا آهيو. اسان شهر ۾ ظاهر ٻاهر ويٺا آهيون. جيڪو شهر گهمڻ ٿو اچي، سو ٻہ لنگهيو اچيو ڇڪتاڻ ڪريو وڃي، جنهنڪري ٽڪ ٻہ ٽيو پوي ۽ طبيعت ۾ الجهن ٻہ ٽيو پوي. پراڻا پَڊَ، نوان رنگ وٺيو پيا سامهون اچن، اسين ٻہ پيا الله جو ڪرشمو ڏسون.

و تعز من تشاء و تذل من تشاءُ
والله علي ڪُل شيءٍ قدير

اوهان جي هاڻي صحت ڪيئن آهي؟ پڌو هوم تہ تازو وري دل جو دورو ٿيو هو ۽ اوهان علاج لاءِ ڪراچيءَ وڃڻ جو اردو رکو ٿا. جي وڃو تہ اطلاع ڏيندا.
زياده خيروالسلام. خيراندیش، ميران محمد شاه.

(۵۱)

پيرزادو عبدالستار

پيرزادو عبدالستار، پراڻي سکر ۾ ۴- جولاءِ ۱۹۰۷ع ۾ ڄائو هو. سندس والد جو نالو ميان عبدالرحمان هو. هيءَ پهرين وڪالت ڪندو هو، پوءِ ميونسپل اسڪول بورڊ سکر جو چيئرمن ٿيو. ۱۹۴۶ع ۾ هن کي سر غلام حسين وزارت ۾ ڪٿي، لوڪل سيلف گورنمينٽ ۽ قانون جا کاتا سپرد ڪيا. ساڳئي سال ۾ آئين ساز اسيمبليءَ تي ميمبر چونڊيو ويو. ۱۹۴۷ع ڪان پوءِ هن کي مرڪزي حڪومت پاڪستان ۾ وزير ڪيو ويو. ۱۹۵۳ع ۾ سنڌ جو وزير اعليٰ مقرر ٿيو. هن ون يونٽ جي ٺهڻ کان اڳ، سنڌي ادبي بورڊ لاءِ ڏهه لک ۽ پٽ شاهه ڪلچرل مرڪز لاءِ ۲۵ لک روپين جي منظوريءَ جو اعلان ڪيو. ون يونٽ جي سوال تي حڪمرانن سان اتفاق نه ڪرڻ سبب هن کي وزارت مان خارج ڪيو ويو ۽ سندس جاءِ تي خانبهادر کهڙو وزير اعليٰ مقرر ڪيو ويو، جنهن ون يونٽ ٺهڻ ۾ پاڪستان سرڪار جو ساٿ ڏنو. ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ وري پيرزادو صاحب خود ون يونٽ حڪومت ۾ وزير ٿيو، جتان مارشل لا لڳڻ بعد نڪتو، ۽ پوءِ عملي سياست ۾ حصو نه ورتائين.

هيءَ سنڌي ثقافت ۾ ڇڪي دلچسپي وٺندو هو. يار ويس ۽ مخلص دوست هو. سندس زندگيءَ جو مفصل احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏيئي ڇڪو آهيان. ساڻس منهنجا ناتا سنڌ اسيمبليءَ ۾ گڏ رهڻ جي وقت کان شروع ٿيا، جي آخر عمر تائين قائم رهيا.

سندس فرزند، عبدالحفيظ پيرزادو، پٽي صاحب جي حڪومت ۾ مرڪزي وزير تعليم رهيو ۽ ڪجهه وقت مرڪزي وزير قانون به ٿي رهيو.

هن ۲۵- آگسٽ ۱۹۷۴ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي. سندس به خط ڏجن ٿا.

* (۱)

لاهور، ۱۴ جولاءِ ۱۹۵۶ع.

پيارا غلام مرتضيٰ شا! مسٽر دستي، وزير تعليم ۽ آءُ سڪرٽ پري ڪيبنٽ اسڪول ۽ پٽ شاهه لطيف ڪيڊٽ سينٽر جي سلسلي ۾ حيدرآباد اچي رهيا آهيون. آءُ انهي ۲۵ جولاءِ جي صبح جو پهچندس ۽ مسٽر دستي ۲۶ جي صبح جو پهچندو. اسان ۲۶ تاريخ صبح جو پٽ شاهه ۽ سڪرنڊ ۽ ۲۷ تاريخ مهرپور خاص ڏسڻ ويندا سون.

جيئن ته ڪراچيءَ ۾ اسيمبلي اجلاس کان پوءِ اهو فيصل ٿيو هو ته اوهان ڏي انهن تقريبن (Occasions) تي حاضر هوندا. آن ڪري اوهان کي عرض ڪجي ٿو ته اسان سان اچي شامل ٿيو. اميد ته اوهان ائين ڪندا.

اوهان جو مخلص، عبدالستار پيرزادو.

* (۲)

۷۷- اسلام آباد، ڪراچي، ۹ آگسٽ ۱۹۶۹ع.

مون ۱۱-۸-۱۹۶۹ع تي سومر ڏينهن ۳۰-۸ بجي شام جو شيخ مجيب الرحمان ۽ سندس ساٿين کي پنهنجي جاءِ تي دعوت ڏني آهي. آءُ نهايت شڪرگذار ٿيندس، جيڪڏهن اوهان به اچي اسان سان شامل ٿيندا.

اوهان جو، عبدالستار پيرزادو.

(۵۲)

پير الاهي بخش

هيءَ پاڻن جي پير ۽ پير جي ڳوٺ جو رهاڪو، پير نواز عليءَ جو پٽ ۽ هالن جي مخدومن جي مريدن مان هو. ۱۸۹۷ ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ ڄائو هو.

۱۹۳۷ع ۾ جڏهن سنڌ اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون تہ هيءَ اسيمبليءَ ۾ چونڊجي ويو. اتحاد پارٽيءَ جو ميمبر رهيو. الهہ بخش جي وزارت ۾ وزير ٿيو. انهيءَ کان پوءِ سر بنده عليءَ جي وزارت کان باهر رهيو ۽ وري جڏهن ۱۹۴۱ع ۾ الهہ بخش جي وزارت آئي تہ آن ۾ داخل ٿيو. جڏهن خانبهادر الهہ بخش پنهنجا سرڪاري لقب ڇڏيا ۽ گورنر کيس ڊسمس ڪيو تہ پير صاحب الهہ بخش کي چڏي، سر غلام حسين جي وزارت ۾ شريڪ ٿيو. الهہ بخش جي ڏينهن ۾ هن جناح صاحب جي خلاف بيان ڏنا، پر پوءِ جڏهن مسلم ليگ زور ورتو تہ هيءَ آن ۾ داخل ٿي ويو.

پير صاحب تاحيات حڪمران مستقل مفاد جو گرويدو ٿي، اڪثر سندن خدمت ڪندو رهيو. سنڌ کي پير صاحب جي ابن‌الوقتيءَ ۽ غداريءَ سبب جيڪي نقصان پهتا، تن جو ذڪر، مون پنهنجي ڪتابن "پاڪستان جو ماضي، حال ۽ مستقبل"، "سنڌوديش چو ۽ چا لاءِ" ۽ "هيڏا هاڃا ٿين" ۾ ڏنو آهي.

هيءَ ابن الوقت، اقتدار جو بکيو ۽ بي اصولو سياستدان ٿي رهيو. مون سان سندس دوستي به رهي ۽ مخالفت به. ساڻس ۱۹۲۷ع کان تعلقات ۽ خط و ڪتابت رهي. سندس زندگيءَ جو مفصل احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڪيو اٿم.

وقت کان پوءِ کيس پنهنجي ڳوٺ (پير جو ڳوٺ، صاحبي دادو) جي ڏرتي پورجڻ لاءِ به نصيب نہ ٿي ۽ مهاجرن جي وچ ۾ "پير الاهي بخش" ڪالوني، ڪراچيءَ ۾ دفن ڪيو ويو.

پهنجي وهين به خاڪ، جهان ڪا خمير ٿا!
سندس ٻ ڪن خط ڏجن ٿا.

* (۱)

دادو، ۲۱-۱۲-۱۹۳۲ع

پيارا شاهہ صاحب! آءٌ ۱۸ تاريخ سيوهڻ آيس، پر اوهان

اڳ ئي هليا ويا. ڏکڻ اتر تہ پاڻ ۾ خيالن جي ڏي وٺ نہ ڪري سگهياسون. اوهان ۲۷- تاريخ دادوءَ اينداتہ جيٺن ۴- جنوري ۱۹۳۳ع تي پرجنڊ ڪانفرنس پيرن بابت آخري طرح پروگرام مرتب ڪريون. مون کي ڪنهن معتبر ماڻهوءَ کان معلوم ٿيو تہ اوهان ڪراچي ضلعي مان ميمبر ڀيهي رهيا آهيو. اهو سڀ ڪجهہ ڪنهن بہ طريقي آخري طور فيصل ڪرڻو آهي. رئيس فقير بخش ڪاچي مون کي مليو. هن ٻڌايو تہ اوهان ساڻس ۲۲ تاريخ هتي ملندا.

مهرباني ڪري مون سان اچي ملندا.

پير الاهي بخش.

* (۲)

لاڙڪاڻو ، ۵-۲-۱۹۳۴ع.

پيارا شاهہ صاحب! آءٌ ڪلهہ دادوءَ هئس ـ آغا صاحب سان ملڻ ٿيو.

هن مون کي چيو تہ اوهان کي عرض ڪريان تہ اوهان ساڻس ۱۸ فبروريءَ جي صبح جو ڪيٺن بہ ڪري ملندا. اوهان ۱۷ تاريخ شام جو اسڪول بورڊ جي ميمبرن سميت پهچي ويندا. هن کي اوهان سان ڪنهن اهم خانگي مسئلي تي گالهہ هولهہ ڪرڻي آهي. آءٌ وري بہ آغا صاحب طرفان اوهان کي تاڪيد ٿو ڪريان. خط جو جواب جلد ڏيندا.

اوهان جو مخلص ، پير الاهي بخش.

* (۳)

دادو، ۵-۶-۱۹۳۷ع.

پيارا شاهہ صاحب! مون کي اڄ دادوءَ خبر پيئي تہ اوهان جي والده ماجده بہ ڏينهن اڳ گذاري ويئي آهي.

انا لله وانا عليه راجعون.

هن ڏک پرئي موقعي تي منهنجي طرفان دلي همدرديون

قبول ڪندا.
اوهان جو مخلص، پير الاهي بخش.

* (۴)

لاڙڪاڻو ۱۷-۲-۱۹۳۸ع.
پيارا شاهه صاحب! اوهان جي خط لاءِ مهرباني. اڄ شهر ۾ هڪ افواه پکڙ ۾ آيو ته مسٽر پوڄسنگهه ڪلهه رات وفات ڪري ويو. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ ايندڙ اسيمبلي اجلاس ۾ اسپيڪر جي چونڊ ڪئي ويندي. آءٌ اڳ ۾ اميدوار هوس. هينئر اميد ته مون کي ضرور موقعو ڏنو ويندو. بلوچ گروپ کي به اهم پوسٽون آهن. منهنجي خيال ۾ هڪ سيٽ سمد گروپ طرفان پير کي (مون کي) ملڻ گهرجي. اميد اڳيئي ته مسئلي کي سمجهي، ٻئي ڪنهن لاءِ نه سوچندا. آءٌ سڀ کان اڳ اوهان کي لکي رهيو آهيان.
آءٌ ۲۵- جي صبح جو پهچي رهيو آهيان جواب جلد ڏيندا. جيڪڏهن ضرورت هجي ته اڳ ۾ اچي ملان.
اوهان جو مخلص، پير الاهي بخش.

* (۵)

لاڙڪاڻو، ۲۲-۲-۱۹۳۸ع.
پيارا شاهه صاحب! مون به چار ڏينهن اڳ اوهان کي خط لکيو هو، پر اوهان وٽان کوبه جواب نه پهتو. اڄ ميران محمد شاه جو خط مليو، جنهن ۾ لکيو ائس ته هو اسپيڪر جي جاءِ لاءِ اميدوار بيٺو آهي. هاڻي اوهان کي ٿي ڏسٽو آهي ته جيئن اسان ٻنهي جي وچ ۾ ٽڪر نه ٿئي. جيڪڏهن هيءُ اسپيڪر ٿي ويو ته اسان سيڪريٽريشپ به وڃائي ويهنداسون. ٻيو ڪو اچي ويندو! هڪ گروپ کي گهٽو نوازڻ نه گهرجي. منهنجي سمجهه موجب، هن مسئلي تي اوهان ئي بهتر فيصلو ڏيئي سگهو ٿا.
آءٌ، انشاء الله، ايڏانهن ۲۴ تاريخ اچڻ وارو آهيان. سڄو

معاملو اوهان تي ڇڏيل آهي، جيئن چاهيو فيصل ڪريو. اوهان ڪي (سون ڪان) غافل نہ ٿيڻ گهرجي. آءٌ اميد ڪريان ٿو تہ اوهان منهنجي حق ۾ فيصلو ڪندا.

اوهان جو مخلص، پير الاهي بخش

* (٦)

لکاني بلڊنگ، ڪليڪٽن روڊ، عامل ڪالوني- نمبر ٢، بندر روڊ ايڪسٽينشن، ڪراچي، ١٩- مئي ١٩٣٨ع.

پيارا پير صاحب! آءٌ نهايت ممنون ٿيندس جيڪڏهن اوهان اڄ ٧- بجي شام جو منهنجي مئي جاڏيل جڳهہ تي ، پارٽي ميٽنگ ۾ اچي شريڪ ٿيندا، جنهن ۾ عوامي پلاٽيءَ ۾ اهميت جا ڪجهہ مسئلا زير بحث اينداً.

مون کي قوي اميد آهي تہ اوهان منهنجو عرض اجايو نہ سمجهندا.

اوهان جو مخلص، پير الاهي بخش.

* (٧)

سنڌ سيڪريٽريٽ، ڪراچي وزير حڪومت سنڌ

٦- جولاءِ ١٩٣٨ع.

پيارا شاهہ صاحب! اوهان کي بخوبي معلوم هوندو تہ [illegible] جي مسئلي کي هٿ ۾ کنيو ويو آهي. ان ڪري سيٽ پرتابتراءِ اهي، مقصد لاءِ سڄي ہارليءَ جي ميٽنگ ڪوڏائي هئي. ڪانگريس گروپ ۾ ان مسئلي تي گڏجاڻي ڪري رهي آهي. اسان ٻن چاهيو پئي تہ اسان جي پارٽيءَ جي ٻن ساٿين مقصد لاءِ ميٽنگ ڪوڏائڻ گهرجي. ان ڪري ٢١ جولاءِ ١٩٣٨ع تي ريوليو سنيما جي جڳهہ تي ميٽنگ رکي ويئي آهي.

جيئن تہ ميٽنگ ۾ اوهان جي حاضري نهايت ضروري آهي، ان ڪري اوهان کي عرض ٿو ڪجي تہ ميٽنگ ۾ ضرور

ايندا ۽ اسان جي نقطي نظر جي حمايت ڪندا.
اوهان جو مخلص، پير الاهي بخش.

* (۸)

ڪراچي، ۲۰- آڪٽوبر ۱۹۵۳ع.
پيارا شاه صاحب! مسٽر محمد علي جناح پاڪستان مسلم ليگ جي صدر جي اپيل جي مدنظر، مون مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو آهي.
ان سلسلي ۾ آءٌ "عوامي محاذ" تان استعيفا ڏيان ٿو.
اوهان جو مخلص، پير الاهي بخش.
قلم تازو: اميد ته اوهان دل ۾ نه ڪندا. جڏهن اوهان هتي ايندا ته آءٌ اوهان سان ملندس.

* (۹)

هالا، ۱۹-۶-۱۹۵۷ع
پيارا شاهه صاحب! آءٌ اڄ هتي مخدوم صاحب جي پٽ جي شاديءَ جي سلسلي ۾ آيل آهيان ۽ هتي ۲۴ جون ۱۹۵۸ع تائين رهندس پوءِ سڌو دادوءَ ويندس. جتان ۱- جولاءِ ۱۹۵۸ع تي واپس ڪراچيءَ موٽندس.

مون اڄوڪين اخبارن ۾ پڙهيو ته اوهان ۲۸ جون تي پارٽي ميٽنگ سڏائڻ جو ارادو رکو ٿا. آن معاملي ۾ آءٌ اوهان کي عرض ڪندس ته ميٽنگ ۱- جولاءِ تي سڏائي وڃي ۽ نه ۲۸- جون تي، ڇو ته آءٌ ۲۸- تاريخ ميٽنگ ۾ حاضر ٿي نه سگهندس.

اوهان ڪراچيءَ ۾ ڪيترائون ميٽنگون ڪوٺايون آهن، پر مون کي انهن بابت ڪڏهن به اطلاع نه موڪليو اٿو، جيتوڻيڪ آءٌ شهر جي آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ تي آهيان. گهٽ ۾ گهٽ مون کي خط ته لکيو وڃي ته جيئن مون کي خبر پئي ته ميٽنگ جي دعوت ڏني ويئي آهي ۽ مسئلن جي به خبر پوي.

منهنجي خيال ۾ اوهان جي ڪارڪنن جو اهو رويو بدلجڻ گهرجي يا منهنجو نالو آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ مان خارج ڪيو وڃي.
زياده خير، اوهان جو پير الاهي بخش.

* (۱۰)

ڪراچي، ۵-۳-۱۴۶۲ع.
پيارا شاهه صاحب، عيد مبارڪ! آءٌ بيمار هئس، ان ڪري عذرخواهي، لاه اچي نه سگهيس. هاڻي مون ارادو ڪيو آهي ته ۱۰ يا ۱۱ تاريخ ڪوئٽا ميل رستي ايندس.
ٻيو سڀ خير. اوهان جو مخلص، پير الاهي بخش.

(۵۲)

قاضي فضل الله

قاضي فضل‌الله ۱۵- جنوري ۱۹۰۲ع ۾ نوشهري ۾ ڄائو. قاضي صاحب جو والد ميان عبدالله پرائمري ماستر هو. قاضي صاحب، ڪراچي مدرسي مان مئٽرڪ پاس ڪري عليگڙهه پڙهڻ ويو، جتي مولانا محمد علي جوهر جي چوڻ تي، عليگڙهه ڪالج ڪي انگريزن جو گڙهه سمجهي، بائڪاٽ ڪري، جامعه ملهه دهليءَ ۾ پڙهڻ لڳو. ۱۹۲۳ع تائين قومي ڪارڪن ٿي رهيو. ۱۹۲۵ع ۾ ڪراچي ڊي- جي سنڌ ڪالج ۾ داخل ٿيو. ۱۹۲۹ع ۾ L. L. B (ايل- ايل- بي) جو امتحان پاس ڪيائين. ۱۹۳۹ع ۾ ڊسٽرڪٽ اسڪولبورڊ لاڙڪاڻي جو چيئرمن ٿيو ۽ ۱۹۴۵ع ۾ لاڙڪاڻي لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ ٿيو. ۱۹۴۶ع ۾ سنڌ اسمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ خانبهادر کهڙي جي وزارت ۾ وزير ٿي رهيو. پاڪستان بعد ۲۰- جنوري ۱۹۵۰ع ۾ ڪيس يوسف هارون جي وزارت ۾ آندو ويو. ۲۵- مارچ ۱۹۵۱ع ۾ سنڌ جو وزير اعليٰ ٿيو. ۱۹۵۶ع جي جنوريءَ ۾ هيءَ مغربي

پاکستان اسيمبليءَ جو وزير ٿيو. سندس زندگيءَ جو مفصل احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو اٿم. هيءَ صاحب دوستيءَ جو سچو، مهمان نواز ۽ اعليٰ قسم جو منتظم ٿي رهيو آهي.

مون سان خلافت جي ڏينهن کان واقفيت ٿيس، جا اڄ تائين قائم آهي.

هن وقت لاڙڪاڻي ۾ گوشي نشينيءَ جي زندگي گذاري رهيو آهي.

سندس ۳ خط ڏجن ٿا.

* (۱)

لاڙڪاڻو، ۱۷-۴-۱۹۳۹ع

پيارا سيد! مون اوهان کي عرض ڪيو هو ته مسٽر پريداس تولاڻيءَ کي چيئرمنيءَ جي چونڊ ۾ مون کي ووٽ ڏيڻ لاءِ لکندا. مون کي محسوس ٿي رهيو آهي ته مسٽر تولاڻي ڪجهه شرارتون ڪري رهيو آهي ۽ منهنجي مدد نه ڪندو.

آءٌ نهايت ٿورائتو ٿيندس، جيڪڏهن سيگهه ۾ ڪيس خط لکي مون کي ووٽ ڏيڻ جو عرض ڪندا. اميد ته اوهان هڪدم ائين ڪرڻ فرمائيندا.

اوهان جو مخلص، قاضي فضل الله.

* (۲)

نواب شاهه ۱۷-۱-۱۹۴۰ع

پيارا سيد! هن وقت تائين اوهان کي معلوم ٿي ويو هوندو ته مون کي نواب شاهه ميونسپالٽيءَ جي حدن اندر نظربند ڪيو ويو آهي. اها نهايت زيادتي آهي، جو مون لاءِ سچيءَ سنڌ ۾ هن شهر ۾ رهڻ تجويز ڪيو ويو آهي. آءٌ هتي ۱۲ تاريخ کان آهيان ۽ ناسازگار حالتن کي منهن ڏيئي رهيو آهيان. هتي اچڻ کان پوءِ معلوم ٿيو اٿم ته هيءَ هنڌ ايترو خراب نه آهي. مون هتي کجهه دوست ڪري ورتا آهن.

مون کي اهو معلوم ڪري خوشي نصيب ٿي آهي تہ اوهان کي ڪائونسل جي اجلاس ۾ وڃڻ جي اجازت ملي آهي. اميد تہ اوهان چڱيءَ طرح پنهنجو پارٽ ادا ڪندا.

اخبارن مان معلوم ٿيو آهي تہ شيخ واجدعلي ۽ ٻئي هڪ ڄڻي کي جيل مان ڪڍي، ڪنهن ٻئي هنڌ (نظر بند) رکيو ويو آهي. خبر ڪانهي تہ ڪٿي آهن!

اوهان جو مخلص، قاضي فضل الله.

* (۳)

لاڙڪاڻو، ۳۰ ڊسمبر ۱۹۳۰ع.

پيارا سيد! توهان جي خط لاءِ مهرباني جنهن ۾ مون کي دعوت ڏني اٿو تہ اوهان کي ليگ جي سڌاريل ميٽنگ لاءِ ڪنهن مناسب تاريخ بابت ٻڌايان. منهنجي خيال ۾ عيد کان پوءِ ڇنڇر ۽ آچر جا ڏينهن مناسب ٿيندا، ۽ اميد آءٌ انهن ڏينهن تي سن ميٽنگ ۾ اچي حاضر ٿيندس.

مون کي اميد آهي تہ اوهان بهترين بندوبست ڪندا.

اوهان جو مخلص، قاضي فضل الله.

(۵۳)

نولچداس وزيراڻي

هيءَ صاحب ڏٺي شهر جي مشهور وزيراڻي عاملن جي ڪٽنبن مان هو. ۸- مارچ ۱۸۸۹ع تي ڄائو هو. شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ هيءَ ساڳئي اسڪول ۾ پڙهندا هئا. هن ۱۹۰۹ع ۾ وڪالت شروع ڪئي. لاڳيتيءَ محنت ۽ لياقت سان ڪم ڪرڻ ڪري ڪامياب وڪيل ثابت ٿيو. سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ بعد سنڌ اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيو. نهايت قابل، هوشيار، دوستيءَ جو سچو، هندن جي حقن جو رکپال ۽ سمجهدار سياستدان هو.

ڪيترو وقت سنڌ حڪومت ۾ وزير ٿي رهيو. هـيءُ ۽ پير الاهي بخش، پهئي شهيد الهه بخش مرحوم جا دوست هئا. جڏهن گورنر الهه بخش کي بسمس ڪيو ته نهچلداس احتجاج ڪري وزارت مان نڪري آيو ۽ پير الاهي بخش وزارت کي ڇڏڻ جهان ڇنبڙيو رهيو.

مون سال ۱۹۳۰ع کان وانڌيت ٿيس ، جـا ڇڏڻيءَ سوڌو قائم رهي. سندس زندگيءَ جو مفصل احوال جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو اٿم. سندس ڪيترائي خط مون وٽ محفوظ ۽ موجود آهن، جن مان ۱۵ هتي پيش ڪريان ٿو.

* (۱)

ڪراچي، ۲۲- نومبر ۱۹۳۷ع.

پيارا شاهه صاحب! اوهان جو خط پهتو. هاڻ، آءٌ "سنڌ آبزرور" ۾ لڳاتار مضمون شايع ڪرائـي رهيو آهيان. اوهان آهي پڙهندا.

۲- مون کي يقين ڪامل آهي ته جلد يـا دير سان اسان کي ڪانگريس ۾ شامل ٿيڻو پوندو.

منهنجي اڳيان رڳو اهو سوال آهي ته آءٌ چاهيان ٿو ته گهٽ ۾ گهٽ ست ٻيا بـه مون سـان هجن. آن ۾ آءٌ ذري گهٽ ڪامياب ويو آهيان. سيٺ پرتاپراء بـه مون سـان گڏ هلڻ جي تيارين ۾ آهي. وقـت جلدي بدلجي رهيو آهـي. جيڪڏهن اوهان هن وقت پاڻ سان سـت (۷) ميمبر آڻيو تـه اسان سڀ هلون. جي اڪين نه ته پوءِ چئه چا ٿا چاهيو؟

۳- منهنجي رٽ آهي ته ان وچ ۾ ڪجهه (ميمبر) تون آڻ ۽ ڪجهه آءٌ آڻيان ته اسان گڏجي هڪ نئين پارٽي ٺاهيون، جنهن جو پروگرام ڪانگريس جهڙو هجي، ان کي "نيشنل پارٽي" سڏيون. اچو ته 'هندو' (پارٽي) ۽ 'يونائيٽيڊ' (پارٽيءَ) کان جند ڇڏايون.

فرض ڪريو ته شروعات ۾ اسان پاڻ ۾ ۱۸ ڄڻا آهيون

يا ڪٽي ۱۶، اهو ڪافي تعداد آهي. ۴ يا ۵ ڀيا به شامل ڪري سگهون ٿا. پوء نهايت آسانيء سان اسان ڪانگريس ۽ ضم ٿي سگهنداسون يا ڪوليشن حڪومت ٺاهي سگهنداسون.

اوهان ڇا ٿا چئو؟ مون کي ته ٻيو ڪوبہ رستو ڏسڻ ۽ نٿو اچي. بهتر طريقو آهي ته اسان مسئلن کي فرقيوارانہ نظر سان نہ ڏسون. هندن ۽ مسلمانن جي هڪ پارٽي هٿ گهرجي. ته پوء 'نيشنل پارٽي' ڪانگريس کان وڌيڪ بهتر ٿيندي.

جيڪڏهن اوهان راضي هجو ته پوء ڪم ڪجي.

اوهان ۱۲ ڊسمبر تي ڇڪ ـ سکر ڪانگريس ڪانفرنس ۽ شريڪ ٿي رهيا آهيو يا نہ؟

مهرباني ڪري مفصل جواب ڏيندا.

اوهان جو مخلص، نهچلداس.

* (۲)

ڪراچي، ۷ـ سپٽمبر ۱۹۳۸ع.

پيارا ڀاءُ، اوهان جي خط لاء مهرباني. مون کي اهو معلوم ڪري نهايت مسرت حاصل ٿي آهي تہ اوهان مون لاء همدرديء جا جذبا رکو ٿا. راشديء ۾ مون کي فون ڪيو آهي.

پروسو رک، ته منهنجو مذهبي روح صوبي لاء مخلص آهي. آءٌ غلط ٿي سگهان ٿو، پر منهنجا مقصد (motives) صاف ۽ صحيح آهن.

آءٌ نيشنل پارٽيء واري پنهنجي رٽ تي بدستور قائم آهيان. خدا جي واسطي، اوهان آرام ۽ علاج طرف توجهہ ڏيو، جنهن جي اوهان کي سخت ضرورت آهي. خدا وڏو آهي. اسان سيني جي آهو ٿي رهبري ڪندو. ٻڪ رک!

آءٌ اوهان سان آهيان، مون تي اعتماد ڪر!

اوهان جو وفادار، نهچلداس.

* (۳)

وزير حڪومت سنڌ
دادو، ۲- نومبر ۱۹۳۸ع

پيارا شاهه صاحب! مهرباني- اوهان کي معلوم آهي ته جڏهن به اوهان کي لکڻ لاءِ قلم کڻندو آهيان ته- چاهيندو آهيان ته وڏو خط لکان، اهو ڪثير محبت جي ڪري آهي.

مون ارادو ڪيو آهي ته آڳ اوهان جي بنگلي ۾ پارن سميت اچي رهان ۽ آفيس به اتي کولياں، پوءِ جيڪڏهن منهنجي زال کي ڪجهه ڪلاڪ مسٽر چوهڙمل جي گهر وڃي گذارڻ لاءِ مليا، ته هوءَ ان کي خوش آميد ڪندي. مون سان منهنجي زال به هوندي. آڳ چاهيان ٿو ته سندن اوهان جي پارن سان واقفيت ٿي وڃي.

آڳ ۷- تاريخ ڪراچيءَ هئس، پوءِ سکر ويس، ۽ ڪار رستي اچي رهيو آهيان. جيئن ته مون کي للتي ، سيوهڻ ۽ لکيءَ ۾ هر هڪ ڪلاڪ ڏرسٽو پوندو، ان ڪري آڳ سن ۵ بجي شام جو پهچندس

سيڪجهه اوهان تي ڇڏيل آهي ته- منهنجي سن پهچڻ جي پروگرام جو بندوبست ڪري ڇڏيندا.
اوهان جو نهچداس.

(۴)

وزير حڪومت سنڌ.
۱۹-۳-۱۹۴۱ع.

پيارا شاهه صاحب ! مون کي اوهان جا خط پهتا. آڳ پنهنجي طرفان هرڪا ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

مون کي اوهان جي غير حاضريءَ جو احساس ستائي رهيو آهي، جو جاگيرن جي سروي ۽ سيٽلمينٽ جي بل ۾ اوهان جي دوستن طرفان رنڊڪ وڌي پئي وڃي. بل ۲۶ تاريخ آخري طرح فيصلي لاءِ پيش ڪيو ويندو.

آڳ اوهان کي عرض ٿو ڪريان ته جيڪڏهن اوهان عوام جو پاڻ ۽ ترقي چاهيو ٿا ته پاڻ ضرور ايندا. اوهان کي هتي

۲۵ تاريخ ٻڌائجي.
اوهان جو مخلص، نهچلداس.

* (۵)

۲۶-۳-۱۹۴۱ع وزير حڪومت سنڌ

پيارا سيد صاحب، مهرباني ڪري پڌائيندا ته اوهان جي پارٽيءَ جاگير بل بابت ڪهڙو فيصلو ڪيو آهي.

جيڪڏهن اوهان جي پارٽي حڪومت کان ۱/۲ قيمت جي گهر ڪري، ته آءٌ اهو (بل) هز ايڪسيلينسي گورنر ڏانهن منظوريءَ لاءِ موڪلياں.

مهرباني ڪري جواب، جلي آڻيندڙ کي ڏيندا.
اوهان جو مخلص، نهچلداس.

* (۶)

۱۰- جون ۱۹۴۱ع. وزير حڪومت سنڌ.

پيارا سنائي سيد! اوهان جي خط لاءِ مهرباني. آءٌ پنهنجي طرفان بهتر ڪري رهيو آهيان، اوهان کي پڪ هٿ گهرجي. پير صاحب ڪراچيءَ کان ٻاهر آهي. مون کي هن سان ملڻ جي ضرورت آهي، پر ڪا اميد ته ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي.

آءٌ سمجهان ٿو ته اوهان نهايت مصروف آهيو. مهرباني ڪري عوام کي سڌاريو ۽ باصلاحيت ماڻهو بنايو، ان ۾ ئي سنڌ جي نجات آهي. ٻن فرقن (هندو - مسلم) جي وچ ۾ نفرت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪريو. آءٌ اوهان تي اهو الزام نٿو هڻان ته اوهان ائين ڪري رهيا آهيو. پر اوهان جذباتي آهيو ۽ جو ڪجهه ڪريو ٿا، اُن جي نتيجن تي سوچيو ڪونه ٿا.

آءٌ اوهان سان روبرو ملڻ جو مشتاق آهيان.
اوهان جو مخلص، نهچلداس.

* (۷)

۱۷-۱۰-۱۹۴۲ع.

پيارا سنائي سيد! آءٌ سمجهان ٿو ته منهنجي وزير ٿيڻ

کان انڪار ڪري اسان هڪٻئي کي ويجها ٿي ويا آهيون. الهه بخش وزير ٿي نه سگهندو، ان ڪري اسان ٻيٽي هڪٻئي جي وڌيڪ ويجها اچي ويا آهيون.

آڏ اوهان سان ملڻ جهڙو نه آهيان. آڏ سياست ته‌ي گهالهائڻ نٿو چاهيان ۽ ان کي ڇڏي ڏنو اٿم. هاڻي اچو ته‌ کجهه دوستانه گهالهيون ٻوليون ڪيون. مون سياسي گفتگو ڇڏي ڏني آهي. جيڪڏهن ڪو جڳهه والارڻ چاهي ته‌ سيٽ پرتابراءِ ڪري سگهي ٿو:

آڏ سگهوئي وڪالت شروع ڪري رهيو آهيان، چاڪاڻ ته‌ اوهان جيان مون وٽ بچتو پئسا نه آهن.

چا، اسين باهر هلي سگهون ٿا؟ چا، حاتم سان رهاڻ ڪرڻ هلندؤ؟

مون ته‌ي اعتبار ڪندا ته‌ جڏهن آڏ چوان ٿو ته‌ مان سياست تي گهالهاڻ لاءِ تيار نه آهيان، ته‌ پوءِ پنهنجي ڪچهريءَ ۾ سياست بابت ڀڻڻ به‌ گوارا نه ڪندس.

جيڪڏهن اوهان کي سياست کان ڪو ٽائيم بچي، ته‌ مهرباني ڪري ڪو وقت مقرر ڪندا ته‌ جيئن اسان هڪٻئي جي رهاڻ (صحبت) مان لطف اندوز ٿي سگهون.

اوهان جو وفادار، نهچلداس.

* (۸)

ڪراچي، ۱۷-۱-۱۹۴۵ع.

منهنجا پيارا سيد، مون کي اوهان جي تار پهتي. افسوس جو آڏ اچي نٿو سگهان، چاڪاڻ ته‌ آڏ هر ڏينهن نهايت مصروف هوندو آهيان.

۲- اوهان منهنجو خط، هر آن دوست کي ڏيکاريو، جو اوهان جي خيال ۾ منهنجي ڇوڙ ۾ آهي، نه آهو اوهان جي مڪمل مدد ۽ حمايت ڪندو.

۳- مسٽر عزيز اڄ مون کي مليو. هن چيو ته‌ آرڊر

نکري ڇڪا آهن، جن ۾ ڇيل آهي ته گزدر پرزائيڈنگ آفيسر نہ ٿيندو ۽ اليڪشنون ملتوي ڪيون ويندیون.

حالتون سنجهندیون وڃن ٿيون.

۴- اخباري رپورٽن مطابق، مسٽر عيسيٰ اڃي رهيو آهي.

۵- شيخ عبالمجيد مون کي ملیو. هن مون کي ٻڌايو ته پاڻ ۽ عثمان سومرو، اوهان جي اميدوار جي مدد ڪري رهيا هئا. مون لنواريءَ واري پير کي به اوهان جي مدد ڪرڻ لاءِ چيو آهي. اميد ته ايندو.

مون کي خاطري آهي ته اوهان ڪنڈا ۽ نهچلداس.

* (۹)

سنڌ سيڪريٽريٽ، ڪراچي، وزير حڪومت سنڌ

۳۰- اپريل ۱۹۴۵ع

پيارا شاه صاحب! مون اوهان ڏي ٽهلراماڻيءَ جي خط ۽ ڏانهنس اوهان جي جوابي خط جي ڪاپي ڏني آهي. مون کي اوهان جي مشڪلاتن جو مڪمل احساس آهي. پر اوهان ۽ اسان جهڙن وڏن- ماڻهن (big men) کي مشڪلاتن تي غالب پنجي وڃڻ گهرجي ۽ آنهن کان لهرائڻ نہ گهرجي.

حالتن مطابق پاڻ کي هلائيندا ۽ فڪر نہ ڪندا.

منهنجو هميشه اهو ايمان رهيو آهي ته سنگين حالتن کي مستقل مزاجيءَ ۽ سنجيدگيءَ سان منهن ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن اوهان مايوس نہ ٿيندا، تہ اسان ضرور ڪامياب ٿينداسون.

اوهان جو مخلص، نهچلداس وزيراڻي.

* (۱۰)

مهاتما گانڌي روڊ، ڪراچي، ۲۱- جون ۱۹۴۶ع.

پيارا شاه صاحب! آءٌ سمجهان ٿو ته اوهان کي ڪراچيءَ آڻي گهٽو وقت ٿي ويو آهي.

"قرباني" هاڻي مضبوط (bold) پاليسي اختيار ڪري رهي

آهي. منهنجي زندگيءَ جو تجربو آهي تہ همت واري ڪر (bold policy) سان هميشه سٹو نتيجو حاصل ٿيندو آهي.

اسيمبلي اجلاس ۵ـ جولاءِ تي ٿيندو. اسان کي سياڻي (۲۲ جون) تي ڪانگريس جي ميٽنگ ۾ وڃڻو آهي. اوهان کي به پنهنجي گروپ جي جيترو جلد ٿي سگهي، ميٽنگ سڏائڻ گهرجي. قانون ساز اسيمبليءَ بابت فيصلو ڪرڻو آهي ۽ به ٿي وڌيڪ ووٹ، قانون ساز اسيمبليءَ جي ميمبرشپ ۽ بي اعتماديءَ جي رٹ جي حمايت لاءِ حاصل ڪرڻا آهن. ننڍو پرڳڙي وڏيءَ همت جو مظاهرو ڪري رهيو آهي. حالتون ، هن وقت گذريل مارچ کان گهڻو مختلف آهن. ڪيترن ميمبرن کافي وعدا ڪيا پر آهي وعدا نوڙيا ويا آهن. گذريل اسيمبلي اجلاس ۾ خوراڪ جي واڌ (growth of food) بابت باضابطہ ٺهراءُ پاس ٿيو هو، پر آن لاءِ ڪجھ به نہ ڪيو ويو. لاقانونيت جو دور دورو آهي. رشوت ۽ واڌارو اڃي ويو آهي، ۽ وزيرن جـون غلط ڪارين تمام گهڻين وڌي ويون آهن. آءٌ سمجهان ٿو تہ حالتون قدم کڻڻ لاءِ سازگار آهن. لوهہ تپي ويو آهي، رکو ڏڪ هڻڻ جي ضرورت آهي.

گهٹي قدر گهڙو اکوڑ بيوقوفي کونہ ٿو ڪري. نہ تہ، گهڙو ۽ پيرزادو پئي وڏا بيوقوف آهن. غلام‌حسين پڻ بيوقوف آهي. اوهان پاڻ تي پاڙيو ويٺا آهيو. ميمبر صرف ان وقت اڃي اوهان سان شامل ٿيندا، جڏهن کين پڪ ٿيندي تہ اوهان اڳواڻي ڪرڻ جي تياري ڪري رهيا آهيو ۽ نہ پوئلڳيءَ جي.

پرڳڙيءَ کي لکندا تہ پنهنجو وعدو پورو ڪري ۽ اسان کي هڪ وڌيڪ ووٹ ڏياري. اسان صرف سنڌي ـ واقفڪار معززن (gentlemen) جي ووٹن تي ٿي پاڙي سگهون ٿا. اوهان لاءِ نيڪ تمنائون رکندڙ، نهچلداس.

* (۱۱)

ڪراچي، ۱۳-۱۲-۱۹۴۶ع.

پيارا شاهہ صاحب! مون کي نهايت ڏڪ رسيو. پـر

اوهان نهايت مردانگيءَ سان ٻيءَ (مخالف) ڏر جي اختيار ڪيل احمقانه ۽ ذليل طريقن کي منهن ڏنو.

منگهي ٺهراماڻيءَ ٻڌايو ته پاڻ اوهان وٽ اوڇڻو هو.

شيخ عبدالمجيد، لالجي ۽ چـوٿرام کـي سڄ پڄ ڏاڍو ڏک رسيو آهي. شيخ چيو ته هن اوهان کي ڪراچيءَ اچـڻ لاءِ لکيو آهي. مس ميهتا کي نهايت ڏک رسيو آهـي ۽ چيو انس ته اوهان ضرور ڏکويل هوندا. مون جواب ڏنو ته، لوهه کي هٿوڙن جا ڏڪ هڻيا آهن ته رڪ ٿي پوندو آهي- ۽ اوهان (جي- ايم سيد) لوهه سان مشابهت رکو ٿا.

همت ڪندا- اسان سڀ اوهان جـا دوسـت آهيون ۽ اوهان سان گڏ آهيون. اوهان کي هينئر مستقل مزاجيءَ سان قدم کڻڻ گهرجي. ايندڙ ٻه سال صحتمند پروپيگنڈا ڪرڻ گهرجي ۽ عوام ۾ شعور پيدا ڪري، سندن خدمت ڪئي وڃي.

مولابخش هتي آهي ۽ اوهان جي آمد لاءِ ترسيل آهي. اوهان جو مخص، نهچلداس

* (۱۲)

ڪراچي، ۲۸-۴-۱۹۴۷ع.

پيارا شاهه صاحب، اميد ته خوش باش هوندا! مسٽر حشو ڪيولراماڻيءَ مون کي سن سان خط لکيو هو، مون کي خبر ناهي ته هي اڃا اتي هوندو يا نه؟

اوهان جي ڪيس بابت مون کي ڪا ڄاڻ نه پهتي آهي، مهرباني ڪري مون کي ٻڌائيندا.

اوهان جي ايڪشن ٽيشن اڃا وزيرن وٽ پيئي آهي. مون مسٽر رضا کي يادگيري ڏياري. هن مون کي ٻڌايو ته هيءُ ان کي ڪجهه ڏينهن ۾ پورو ڪري رهيو آهي.

يوسف هارون، الله ڏنو، حاتم علوي ۽ انور غلام حسين پڻ (ڪراچيءَ جي) ميئر جي چونڊ جي سلسلي ۾ مصروف آهن. حاتم اوهان کي ياد ڪري رهيو هو.

پنجاب ۽ بنگال کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ واريءَ تجويز

بابت اوهان ڪهڙو رايو رکو ٿا؟ آءٌ سمجهان ٿو ته تحفظ (سڪيورٽي) ۽ بهتر صوبائي حڪومتن جي نقطه نگاهه کان انهن جي ورهاست ٿيڻ نه گهرجي.

جناح ٽنڊو پاڪستان، آسام کان سواه قبول ڪري رهيو آهي. اٽڪل ۱۰ ڪروڙن مسلمانن مان ۶ ڪروڙ هندوستان ۾ رهندا.

يوسف جو رخ بغاوت وارو پيو ڏسجي، پر هميشه وانگر منجهس همت ڪانهي. مون کي منگهي ٻڌايو ته يوسف اوهان وٽ سن اچڻ ٻڌي چاهيو.

آءٌ سمجهان ٿو ته اوهان جي اليڪشن پٽيشن داخل ٿي ويئي هوندي. ڏرمداس مون کان پڇا ڪئي ته آيا هيءَ ان کي چيف ڪورٽ ۾ تبديل ڪرڻ جي درخواست ڏئي! مون هن سان اِن گهالهه ٿي اتفاق ڪيو.

آءٌ چاهيان ٿو ته مسئلي کي جوش خروش سان هٽ ۾ ڪٽڻ گهرجي.

نهچلداس.

* (۱۳)

ڪانسٽيٽيوشنل هائوس، روم نمبر ۱۳۷ دهلي، ۲۵ نومبر ۱۹۴۷ع

پيارا شاهه صاحب! مون کي اميد آهي ته اهان پنهنجي اليڪشن پٽيشن ۾ ڪامياب ويندا.

آءٌ سردار پٽيل، پنڊت جواهر لعل نهروءَ ۽ ٻين سان مليو آهيان. هي سڀ اوهان جي عزت ڪن ٿا، جو اوهان اصول وارا ماڻهو (gentleman of principles) آهيو. شايد سنڌ ۾ اوهان ئي اڪيلا ماڻهو آهيو، جنهن جي هي عزت ڪن ٿا.

آءٌ (Optimist) آهيان. اميد ته ايڏا تائين سيڪهه ٺيڪ هوندو. هر ملڪ جو ڪم بهتر نموني هلندو هوندو.

اخباري رپورٽ موجب صوبن کي گڏڻ (ون يونٽ ٿاهڻ) واري رٽ بابت ڇا خيال آهي. مون اها گهالهه اوهان کي ڪافي اڳ ٻڌائي هئي.

منهنجي پائڻ جي امداد جاري رکندا.
سچ ته اهوئي سچو دوست آهي، جيڪو ڏکئي ويل ڪم ايندو آهي.
اوهان جو مخلص، نهچلداس

(۱۴) *

نئين دهلي، ۱۲- ونڊسرپليس، ۱۱- مئي ۱۹۴۸ع.
پيارا شاهه صاحب! آءٌ اوهان جي سرگرمين بابت پريس ۾ پڙهندو رهندو آهيان، قابل تعريف آهن.
مون کي مسٽر ٺهراماڻيءَ جي مصيبت ۾ ڪاڻ جو ڏک آهي. منهنجي سمجهه موجب، سنڌ آبزرور، مشين جا سيٽي پسا ڏيئي چڏيا آهن. جيڪڏهن ائين آهي، ته پوءِ اهو نوجداري ڏوهه ته ڪونه ٿيو؟ ڪيس منهنجا سلام چوندا. علي محمد راشدي ايڊوڪيٽ آهي؟ ويچارو کهڙو! هيءُ هڪ مضبوط سنڌيءَ جي حيثيت ۾ ئي پوکي رهيو آهي. راشدي، مولابخش ۽ بين کي منهنجا سلام پهچائيندا. کهڙي کي منهنجون انتهائي همدرديون رسائيندا.
مون اوهان جي دعوت اڃا لاءِ پڙهي آهي، پر کهڙي جي (وزارت مان) نڪرڻ ۽ ٺهراماڻيءَ جي گرفتاريءَ جون خبرون اخبارن ۾ پڙهڻ بعد، آءٌ ترسي پيو آهيان.
اميد ته حالتون بهتر ٿي ويندیون ۽ اوهان ايڊا باهر هوندا (يعني- جيل ۾ نه هوندا).
سڀني دوستن کي سلام. اوهان جو مخلص، نهچلداس وزيرائي.

(۱۵)

دهلي، ۲- نومبر ۱۹۵۷ع.
اڄ مون چيو ۾ 'عمر مارئي' فلم ڏٺي.
"جنهن ساڪ وڃايو، تنهن سڀڪجهه وڃايو"
اهو وري وري ڏهرائڻ پئي ويو. فطري طور، مون پنهنجي جنم پرمي سنڌ، شاهه لطيف ۽ سنڌ کي ياد ڪيو.

۲- ۲۳ جولاءِ ٿي مون کي ڏک آيو ۽ ڪرنگهوا ۾ هنڊا ٽٽي پيو. هاڻ گهمڻ ۾ ايڏا به مهينا لڳندا.

۳- هر گهاڻه ممڪن آهي جيڪڏهن سمجهه مونٽي- ۽ سنڌ جدا صوبو بنيو تہ آءٌ مونٽي ايندس ۽ وڏو عرصو اتي اچي گذاريندس. پر جيڪڏهن پهر سنڌ ۾ آباد نہ ٿي سگهياسون تہ اسان سنڌ ۽ آٽي جي ماڻهن (مردن ۽ عورتن) کي هميشه ياد ڪندا رهنداسون.

مهرباني ڪري ، منهنجا سلام گزدر ، حاتم علويءَ، مولا بخش، غلام حيدر شاهه ، پرڳڙيءَ ۽ ٻين سڀني دوستن کي پهچائيندا.

اوهان جو مخلص، نهچلداس وزيرائي.

(۵۴)

ديوان ڏيلمل دولترام

ديوان صاحب، حيدرآباد جو ويٽل، رٽائرڊ سيشن جج هو. رٽائرڊ ڪامورن جي ذهنيت مطابق هن کي پنهنجي جاتيءَ جي پلي جو فڪر رهندو هو، جنهن ۾ سنڌن زمينن ، واپار ۽ نوڪرين جو بچاءُ خاص گهاڻيون هونديون هيون. جيڪب آباد طرف زمين به هئس. اڳتي هلي، سياست ۾ اچڻ جو شوق پيدا ٿيس. جنهن صورت ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ گهٽو تعداد پائيندڙ ڪلاس جي هندو ميمبرن جو هو، جن مان پهرين مڪي گوبندرام وزير ٿيو ، پر اُن جي ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ لائق پائيندڙ نہ ملڻ ڪري، سياست جي واڳ عامل ڪلاس جي هٿ ۾ رهندي آئي. ديوان نهچلداس عامل ڪلاس مان هو ، ۽ هيءُ ديوان به عامل ڪلاس مان هو، ان ڪري ڪيس وزير بنايو ويو.

هيءُ مائيٽي سياڻ ۽ شريف طبع جو ماڻهو هو. سندس نگاهه سياست جي مکيه گهاڻين طرف چڪجڻ بدران ننڍڙين گهاڻين ۽ ڪاموري هٿ ڪري آفيس جي معاملن طرف لاڙو

رکندي هئي.

مون سان گو خاص رستو گوءَ هئس ، پر جنهن صورت ۾ آءٌ اسيمبليءَ جو اهم رکن هئس، ان کري تعلقات ٽورينڊو آيو.

وزارت جو عهدو وڏو آهي، قومي کارکنن کان سواءِ بيا به جيکي ان درجي تي پهچن ٿا (هندن مان ته تمام ٿورا پهتا)، تن کي نظر انداز کرڻ تاريخ سان بي انصافي ٿيندي. آن کري سندس زندگيءَ جو هيءُ مختصر احوال ڏيئي، سندس هڪ خط هيٺ ڏيان ٿو.

* (۱)

ڪراچي، ۲۴- آگسٽ ۱۹۳۷ع.

پيارا سيد صاحب! آءٌ نهايت خوش ٿيندس ، جيڪڏهن لوهان جمعي جي ڏينهن، ۲۷- آگسٽ ۱۹۳۷ع تي، ڏيڍ بجي، ڪراچي ڪلب ۾ ، منهنجي منجهند جي ماڻيءَ جي دعوت ۾ اچي شريڪ ٿيندا.

اوهان جو مخلص، ڊيلمل دولترام.

(۵۵)

سيد ميان خير شاهه

هيءَ شاهه صاحب، نوابشاهه جو ويڙل ۽ سيد امام علي شاهه صاحب جو فرزند آهي، هي اصل کوئيٽا جي طرف جا ويڙل هئا. ۱۹۳۷ع ۾ سندَ اسيمبليءَ جي چونڊن کان اڳ هن سان منهنجي واقفيت ٿي، جا اڄ تائين هلندي اچي.

هيءَ سچو دوست، باهمت ۽ جوشيلو کارکن آهي. سندس زندگيءَ جو احوال مون "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو آهي ، وڌيڪ احوال پيش کرڻ غير ضروري ٿو سمجهان. "جنب گذاريم جن سين" ۾ سندس احوال پڙهي کندي مون لکيو آهي ته

"هيءُ صاحب، هر مقابلي جي ميدان قائم ٿيڻ بعد سڏ تي لبيڪ چئي، اچي حاضر ٿيندو آهي ۽ مخالفت ۾ سات ڏيندو آهي. ليڪن نواب شاهه ضلعي جي سياست عجيب آهي. جيتريقدر انهيءَ ۾ پڙهيل طبقو زياده آهي ، اوتريقدر سياسي فهم گهٽ اٿن. ماڻهن کي اڪثر عيوضي اهـو کپي، جو سرڪاري گروه ۾ رهي، سندن ذاتي ڪم ڪرائي سگهي. جا گهاله، ميان خير شاهه جي طبع ونان نه رهي آهي."

هن وقت هيءُ صاحب سياست ڪان پري آهي ، ليڪن ايمان تازو اٿس. سندس فرزند ميان نظر محمد شاهه هـن وقت سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر آهي. هوندڙو آزاد هو، پر عام زميندارن وانگر مخالفت جو سٽ نه ساري، پيپلز پارٽيءَ ۾ وڃي داخل ٿيو آهي. جيتوڻيڪ آتي کا دسترسي به ڪانه اٿس ، پر منهن لڪايو پيو وقت گذاري. ميان خير شاهه کـي اها گهاله پسند نه آهي. پٺ کي چار گهالهائڻ ڏيو، دل کي ڏاريو ويڙو آهي. سندس ڪجهه خط هتي پيش ڪري رهيو آهيان.

(۱)

نوابشاهه، ۹-۱۲-۱۹۲۸ع.

مڪرمي معظمي جناب سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب !

بعد السلام عليڪم واضح باد ته طرفين خيريت محصل-الرقم ته اسان لاءِ وڏيءَ خوشيءَ جو باعث ٿيو آهي، جو اوهان دوست پنهنجي پريزيڊنٽيءَ ۾ ڪامياب ٿيا. آن لاءِ اسان اوهان صاحبن کي مبارڪباد چئون ٿا. اميد ته اوهين صاحب خوش خورم هوندا. پنهنجي خيريت جي احوال کان واقف ڪرڻ فرمائيندا.

زياده خيروالسلام. سيد خير شاهه.

(۲)

۳۰-۴-۱۹۴۰ع.

جناب پاءُ صاحب ! سلامت باشيد. بعد السلام عليڪم جي واضح هجي ته به خط اڳي موڪليل آهن، جي اميد آهي

ته پهتا هوندا. مگر افسوس سان لکڻو ٿو پوي ته جواب اڄ تائين نه آيو آهي. مون کي پڌڻ ۽ آيو آهي ته مينهون خان رند ، مير بنده علي خان وٽ پنهنجي ڪم لاءِ آيل آهي. منهنجي برخلاف پارٽيءَ جا ڪم انهي نموني ٿيا ، ته پوءِ مناسب ناهي. تنهن لاءِ توهان مير صاحب کي چئي ، سندس ڏيان ڇڪائيندا.

رئيس رسول بخش صاحب ، ولي شاهه ۽ ٻيا زميندار نوابشاهه ۽ سڪرنڊ جا ايڏانهن اچڻ لاءِ تيار آهيون. هن ٻنهي تعلقن ۾ ۽ هراس چانيل آهي. برادرم حسن بخش شاهه اڄ ايڏانهن روانو ٿي ويو آهي. اهو صاحب به اوهان کي احوال کان واقف ڪندو. اسين ۲- مئي تي ڏرين ۽ ڪراچيءَ پهچنداسون. وڌيڪ احوال روبرو ڪبا.

زياده خير. خيرشاهه.

(۳)

نوابشاهه، ۱۸-۵-۱۹۴۵ع.

جناب پاءُ صاحب ، غلام مرتضي شاهه، سلامت هاشيد !

بعد السلام عليڪم جي واضح ته اسان جي تعلقي نواب شاهه ۽ بلوچ ۽ بروهي گهڻا ووٽر آهن. انهن لاءِ اسان کي سيد صالح شاهه نشنگ واري جي مدد جي ضرورت آهي. ڏاتل خان جمالي ۽ اميد علي پوتائيءَ کي به چوڻو آهي. اهي صاحب اوهان جي طرف جا آهن. انهن لاءِ توهان کان بندوبست ٿي سگهي ته بهتر، ته جوئن اليڪشن ۾ اچي اسان جي مدد ڪن. ٻيءَ حالت ۾ نه ٿي سگهي يا وڌيڪ جيڪا صلاح ڏيو ته انهن ماڻهن تي ڀين ڪهڙن جو اثر آهي. جواب جلد ڏيندا. مان تاريخ ۲۲ اميد ته ڪراچيءَ ويندس.

مهرباني. زياده خير. سيد خير شاهه.

(۴)

ڪوئيٽا، ۸-۹-۱۹۶۹ع.

بخدمت جناب پاءُ صاحب! سلامت باد! السلام عليڪم.

توهان جو رجسٽر ٿيل خط پهتو. احوال معلوم ٿيو. مهرباني.

مان هتي پهچڻ سان محمد مراد خان جمالي ۽ کي بلوچ سردارن سان گڏجاڻيءَ لاءِ موڪليو، پر هنن کان ڪوبه خاطر خواه جواب ڪونه ملیو. تنهنڪري مون سردار غوث بخش رئيسانيءَ سان گڏجاڻي، ڪيس پاڻ سان هڪخيال ڪيو. هو تيار ٿيو آهي. هو ڪچي ضلعي جي ڪنوينشن ليگ جو پريزيڊنٽ هو، جنهن تان ڪيس استعيفا ڏياري ويئي. هينئر هو بلڪل اسان سان شامل آهي ۽ بلوچستان جي چونڊيءَ جي ماٺهن مان هڪ آهي.

مون هتي ۱۰- تاريخ بلوچستان فرنٽ جو بنياد رکڻ لاءِ ميٽنگ ڪوڏائي آهي. جنهن ۾ سڀ همخيال بلوچ ۽ پٺاڻ گهرايا اٿم. فرنٽ جو ڪنوينر سردار رئيسانيءَ کي ڪيو ويندو.

کهڙي صاحب جو خط پڻ آيو آهي ته مان ۱۴ تاريخ ڪراچيءَ اچان، جو ۱۷-۱۸ تاريخ ميٽنگ آهي، جنهن ۾ توهان به ايندا. تاڪيد لکي اٿس ته مان انهيءَ تاريخ تي ڪراچيءَ اچان. هينئر توهان مهرباني ڪري لکندا ته ۱۴ تاريخ ايڏانهن اچان يا هتي اوهان واريءَ ۲۴ تاريخ جي ميٽنگ جو بندوبست ڪيان. وڌيڪ جيئن توهان چئو، تيئن ڪيو وڃي. پنهنجي مشوري کان آگاهه ڪندا. جواب جلد ڏنو وڃي، بنا دير جي. زياده خير. سيد خير شاهه.

(۵)

ڪوئٽا، ۱۲-۹-۱۹۶۹ع،

بخدمت جناب پاڪ صاحب، سدا سلامت! السلام عليڪم. توهان جو اڄ خط پهتو. احوال معلوم ٿيو. مهرباني.

اسان هتي گذريل ۱۰ تاريخ تي فرنٽ جي ميٽنگ گهرائي هئي، جنهن ۾ فرنٽ جو بنياد وڌوسون. جنهن جي ڪاروائيءَ جا ڪاغذ موڪلي رهيو آهيان. مهرباني ڪري اها ڪاروائي سنڌي اخبارن ۾ شايع ڪرائيندا.

مون هتي وري فرنٽ جو ڪنوينشن ۳۰ تاريخ تي رکيو آهي. جنهن ۾ ڪافي ماٺهو مدعو ڪيا ويندا. توهان کي فرصت هجي ته ايندا، پيءَ حالت ۾ آغا غلام نبي پٺاڻ کي

موڪليندا مهرباني ڪري ڪراڇيءَ جي مڪمل احوال کان آگاه ڪندا.

راشديءَ کي چوندا تہ جنگ اخبار کي تاڪيد ڪري تہ فرنٽ جي احوال کي چگيءَ طرح شايع ڪري.

سيد خير شاه.

(۵۶)

سيد محمد علي شاهہ ڊيرو

ميان محمد علي شاهہ ڊيري جو ويڙهل ، ميان الهندي شاهہ مرحوم جو پيو نمبر فرزند هو، ۽ ۱۹۱۲ع ۾ جنم ورتائين. سياست ۾ چگو بهرو ورتائين. ۱۹۳۷ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو. سر غلام‌حسين جي وزارت ٺهڻ بعد هيءَ مخالفت ۾ ويٺو. جڏهن آنهي وزارت ٻڌن کان پوءِ الهہ بخش جي وزارت آئي ۽ اتحاد پارٽيءَ ڊلن جي سوال تان الهہ بخش جو ساٿ ڇڏي ڏنو، تہ هيءَ مرحوم الهہ بخش سان دوستانہ تعلقات هٿ ڪري وزارت سان گڏ رهيو.

۱۴ مئي ۱۹۴۳ع تي الهہ بخش جي شهادت ٿي. ان کان پوءِ شاهہ صاحب اسان سان مسلم ليگ ۾ اچي داخل ٿيو ۽ گڏ رهندو آيو. ۱۹۴۴ع ۾ سنڌ صوبائي مسلم ليگ (جنهن جو آڳ صدر هوس) جا سر غلام‌حسين سان اختلاف پيدا ٿيا، تہ هيءَ اسان سان گڏ هو. سگهوئي سر غلام‌حسين جي وزارت کي شڪست آئي پر جناح صاحب جي مجبور ڪرڻ تي اسان سر غلام حسين کي وري وزارت ۾ رهڻ ڏنو ۽ حاجي مولا بخش سومري جي خالي ٿيل جاءِ تي محمد علي شاهہ کي وزارت ۾ رکايوسون. آن بعد جڏهن مسلم ليگ وزارت ۽ صوبائي مسلم ليگ سنڌ ۾ اختلاف پيدا ٿيا تہ هيءَ اسان سان وفادار رهندو آيو. سندس وڌيڪ مفصل احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ بيان ڪيل آهي.

نوابشاهه ضلعي جي رهاڪن ۾ ننڍن ڪامورن جو ڇڪو موچارو تعداد آهي ۽ اهي عادت مطابق اسيمبلي ميمبرن سان لاڳاپا رکي، پنهنجا خانگي ڪم ڪرائيندا آهن. محمدعلي شاهه سان به چند ڪامورن جو تعلق هو. انهن ڪامورن جو مفاد ان ۾ هو ته سندن واسطيدار ميمبر سرڪار سان گڏ هجن، ته جيئن سندن وسيلي پنهنجا ڪم ڪاريون ڪرائي سگهجن. مون پنهنجي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ۾ لکيو آهي:

"هيءُ (محمد علي شاهه) پاور پالٽڪس ۾ دلچسپي رکندڙ هو، ليڪن منجهس وفاداري، همت، خوش خلقي، عام ماڻهن سان لاڳاپي رکڻ ۽ سندن ڪم ڪاريون ڪرڻ جون خاص لياقتون هيون. هن ڏٺو ته عام ماڻهو، جن جي نفعي خاطر اسان وزارت سان اختلاف کيا هئا، تن ۾ خود سياسي شعور نه هو، ۽ انهن، ڪامورن جي چوڻ تي، ووٽ انهن کي ٿي ڪيو، جي سندن دشمن هئا، تنهنڪري پچاڙيءَ ۾ هيءُ اسان کي ڇڏي ويو مسلم ليگ ۾ داخل ٿيو. هن جيپ جي حادثي سبب ۸- فبروري ۱۹۴۸ع تي وفات ڪئي.

سندس فرزند ميان ظفر علي شاهه، ۱۹۵۶ع ۾ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيو هو، ليڪن عمر جي ننڍي هڻ ڪري ميمبريءَ مان خارج ڪيو ويو. مارشل لا کان پوءِ وري مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ ميمبر چونڊيو ۽ اتي ڊيپوٽي اسپيڪر ٿي رهيو. تازين چونڊن ۾ سنڌ اسيمبليءَ تي ميمبر چونڊجي آيو آهي، ۽ مخالفت ۾ رهي، سنڌ جي حقن جو آواز مڙسيءَ سان اٿاريندو پئي آيو. ليڪن نوابشاهه ضلعي جي ماڻهن جي ماحول، ڪامورن جي صحبت، سوڻن جي اختلافن ۽ دشمنين ڪري، هيءُ مجبور ۽ ڪمزور ٿي، هن وقت پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو آهي.

مرحوم محمد علي شاهه جا ڪجهه خط هتي ڏجن ٿا.

(۱)

ڈیرو، ۲۳-۱-۱۹۴۴ع.

بخدمت جناب قبلا سائین- السلام علیکم- خط اوهان جو پهتو. منهنجي گهڻين شاخن، هيڊ آفيس ڏانهن رسيد بوڪن لاءِ پٺسا اڳيئي مني آرڊر رستي موڪلي ڇڏيا هٿا. باقي ٻين ٻه روانا ڪيا آهن. اوهان اهو خيال نه ڪيو ته مون ڪي ڪو مخالفين جي طرف کان بي خيالي آهي. اسان وقت اندر پنهنجو ڪم خوبيءَ سان- ڪنداسون. دلجاه ڪندا. اسان ڏي ته، وقت ٻه وقت اوهان کي خطري جي آگاهيءَ ۽ ان جي نجات واسطي عرض ڪندا اينداً آهيون.

اوهان جي خط جي جواب ڏيڻ ۽ آئيندي جي صلاح مصلحت ڪرڻ واسطي ڪالهه ۲۲ تاريخ اوهان سان روبرو ملڻ ڪراچي آيو هوس. ۲۲ تاريخ ۱۲ بجي آفيس ۾ آيس، جتي محمد بخش ٻڌايو، ته اوهان صبح جو ڪوٽ روانا ٿي ويا هٿا. ائين اوهان جي ديدار کان ٻن ڏن ڪلاڪن جي تفاوت تي محروم رهجي ويس. لاچار ڪجهه رسيد بوڪ وٺي، ۲۲ تاريخ شام ئي مزيد ڪم ڪرڻ واسطي هڪدم ڪوٽ هليو آيس. اڄ اچڻ شرط هيءَ خط دلجاه لاءِ اوهان کي عرض رکان ٿو.

۲۳ تاريخ يعني اڄ، حيدرآباد سان لنگهندي، اسٽيشن تي معلوم ٿيو ته آئي ميرن ۽ بلوچن جي ڪانفرنس هئي، جا اڄ ختم ٿي. آن ۾ چا وهيو ۽ واپريو، سو معلوم نه ٿيو، پر يقيناً سنڌ جي حڪومت ميرن جي حوالي ٿيڻ جا پهه پچايا ويا هوندا ۽ انهيءَ واسطي ڪونه ڪو پروگرام رٿيو ويو هوندو. بهرحال مستقبل آن جو فيصلو ڪندو.

آفيس ۾ معلوم ٿيو ته حسن بخش شاهه ۽ رئيس علينواز خان اڄا هڪ به رسيد بوڪ ڪونه گهرايو آهي. سان اڄ هڪ خاص ماڻهو رئيس علينواز خان ڏانهن روانو ڪيان ٿو ۽ اميد ته هو هڪ ٻن ڏينهن ۾ رسيد بوڪ گهرائي ڪم ڪندو. حسن بخش شاهه اوهان کي ويجهو آهي، بهتر ٿئي جيڪڏهن اوهان ڪيس

قاصد موڪليو، ته يڪدم شروع ڪري.

موري تعلقي ۾ ڪيڙا ۽ جتوئي گذريل سال به شخصي طرح ميمبر هئا، باقي ڪابه برانچ ڪانه ڪولي ويئي آهي. جيڪڏهن رٽ هجي ، ۽ اوهان صاحب فبروريء جي پهرئين هفتي ۾ هتي اچو ته موري تعلقي ۾ به ڪم شروع ڪرائجي ، يا مون کي حڪم ڪيو ته آڻ به وڃي آنهن کي هن ڪم واسطي دلي طور راغب ڪري سگهان ٿو. اوهان صاحبن کي هر وقت دعائون ڪندا رهون ٿا. وقت بوقت نصيحت ۽ حڪم ڪندا ته خوشي به ٿيندي ۽ جستيء سان خدمت به ڪندو رهندس.

اوهان جو دلي خير خواه، محمد علي شاه، در پيلو، ۲۴-۱-۱۹۴۴ع

(۲)

در پيلو، ۲۹-۵-۱۹۴۴ع

بخدمت جناب قبلا سائين! السلام عليڪم. ڪراچيء ۾ وري ملي ڪونه سگهياسون، جنهنڪري ٻيون وڏيڪ ڳالهيون ٿي نه سگهيون. اوهان بـه زميندارن سان گڏجـي، ڪنٽرول ۽ ڪٽڪ جي ڪراچيء ۾ آمد واسطي وزير صاحب وٽ هليا هئا. زميندارن جو نقطي نگاهه اوهان کي معلوم ٿيو، ٻيء ڏر جي جواب کان به واقف رهيا.

جيڪو غيرتمند صاحب اتان واپـس ٿيو ، تنهن جـي دل ۾ قدرتي طرح سوال پيدا ٿيندو ته آخر جيڪڏهن اها مسلم ليگ جي سرڪار آهي ۽ اهم ووٽن وقت ان جماعت جي آڙ ۾ اسان جا ووٽ ڪم آڻي ٿي، تڏهن ڇا جماعت کي هڙي عام سوال ۾ آنهن زبرن تي ڪوبه اختيار ڪونهي؟ جيڪڏهن انهن کي اختيار آهي ته جماعت ۽ آن جي عيوضين جي واجبي مطالبي کي ريٽي سگهن، ته اسان کي به اختيار هئڻ گهرجي ته ڏسڻ اهم سوال وقت پنهنجو رايو ڪـم آڻيون. خدا سان ڪم پوندو. عام ماڻهن کي لٽبو ڏسي، جيڪڏهن چپ رهياسون ته پوه اسان ۽ هڪ ڪافر ۾ فرق ڪهڙو ٿيو؟

جڏهن ڪراچيءَ ملڻا هئاسون، تڏهن سوال فقط هيءَ هئو ته زميندارن کي خود سرڪار جو دوباره مقرر ڪيل اڳهه ۸ روپيا ۱۲ آنا به ٿو ملي ۽ گهٽين حالتن ۾ اٺ روپيا يا سوا اٺ روپيا ٿو ملي. تنهنڪري علاج اهو هو ته ڪٽڪ ڪراچيءَ موڪلڻ جي عام اجازت هجي. اهو سوال ته منظور ڪونه ٿيو، پر جڏهن ڪان هتي آيو آهيان، ته ڏسان ٿو ته غريب ڪاڏارن ۽ هارين کي ۷ يا پوڻا ست روپيا في مڻ نصيب ٿو ٿئي.

جڏهن سلائيڊنگ اسڪيل ٿي رائج ڪيو ويو، تڏهن اُنهن وزيرن چيو هو ته اڳهه، ته دل ٿيندي. هاڻي دل جو ريٽ ۹- روپيا ۸ آني جي اڳهه سان هڏي ۹ روپيا ۱۲ آنا ايڪڙ ڪيو ويو آهي. دل جي وصولي به عام شروع آهي ۽ هڪ طرف حالت اها آهي ته اڳهه ست روپيا آهي، پر وڻ وارو به ڪونهي. مختيارڪار دل جي وصولي ڪري رهيا آهن ۽ عام ماڻهو ڇهه روپيا ۱۲ آنا مڻ وڪڻي رهيا آهن.

اسان سڀ اوهان جي پٽيان آهيون، پر هيءَ حال ڏسي، اوهان کي چپ ۾ رهڻ نه ڳهرجي. ظالم جيڪڏهن ظلم ڪري ٿو ته اسان جو فرض آهي ته آهو ٿيڻ نه ڏيون، نه ته خدا وٽ جوابداري اسان جي به آهي، جو ته هنن کي ظلم ڪرڻ جهڙو اسان ٻڌايو آهي.

جيڪڏهن ڪراچيءَ انلاج موڪلڻ جي عام اجازت سندن شخصي مفاد جي برخلاف آهي، ته ڪم از ڪم دل ته انهيءَ اڳهه تي ٻڌن، جنهن تي سچ پچ ڪٽڪ وڪامي ٿي. اوهان ۽ اسان تي مسلم ليگ جو اثر ويهاري ڏان ۽ هن ڳالهه ۾ چپ ڪرائين ٿا- يعني اسان ريڊن وانگر ووٽ بند ڪري وٺ ڪين ڏيون ۽ شڪايت عوام جي اڳيان به نه آڻيون. پر پاڻ وري ٻيا ظلم ته ڇڏيو، پر هڻڻو ڪيو ڪلايو ظلم ڪن سو ويهي ڏسون، اهو ٺيڪ نه آهي.

جولاءِ ۾ اسمبلي اجلاس ٿيندو، جتي به دستور موافق مسلم ليگ جي نالي ۾ اسان جا ووٽ ڪم آندو ويندا. مهرباني

ڪري هن معاملي جي هاڻي سائن صفائي ڪيو نه ته جولاه ۽ انهيءَ ظلم جي عيوض وٺڻ لاه اسان تيار آهيون ، پوه چـا به ٿئي! جولاه تائين هيءَ گالهه ته رهندي ڪانه، چو ته غريب غربو جون اندر ڪٽڪ ستن روپين تـي وڪٽي ويهندو ، پوه جولاه ۽ لک پٽي زميندارن کي راضي ڪندا ته چا ٿيندو! اوهان تي به خدا جي پارن بار آهي. اطلاع لاه عرض.

بنده محمد علي شاه.

(۳)

در بيلو سنڌ، ۳۰-۱۰-۱۹۴۴ع.

قبلا! السلام عليڪم. اوهان کـان موڪلاڻ بعد ٻڌي ڏينهن آءٌ ڪوٽ آيو آهيان. اميد اٿم ته آغا صاحب ان وچ ۾ اوهان کي ملیو هوندو ، نه ته بـه سائس جلد ملي، سندس رايو ونڊرا. جيڪڏهن آغا صاحب پاڻ بهڻ چاهي ته اسان لاه اول پاڻ آهي، پر جيڪڏهن پاڻ نه بيهي يا محسوس ڪيو ويـي ته سندس مقابلو ڪرڻ مفيد نه ٿيندو ، ته پوه بهتر موقعو اسان جي سنگت کي آهي، ته حاجي صاحب کي مسلم ليگ ۾ آڻجي.

سنڌ ۾ جيستائين بيداري اچـي ۽ عـوام جـي سچي حڪومت ٿي سگهي ۽ شخصيتن جي اثر جو زوال اچي، تيستائين شخصيتن جي هر گروپ کي ضرورت آهي. پر سوال آهـي ته اسان جي گروپ ۾ اضافو ڪهڙين شخصيتن جـو هجڻ کپي. منهنجي عقيدي موجب اسان جي گروپ کـي آهي سائي پاڻ سان شامل ڪرڻ گهرجن، جيڪي بي ايمان نه هجن ۽ جوابداري محسوس ڪندڙ هجن. ساڳئي وقت منهنجي خيال ۾ اهـو به اسان جي گروپ جـو فرض آهي ته جن ماڻهن شخصي مفاد خاطر سنڌ سان ظلم ڪيا آهن، تن کي وقت بـه وقت ذهني اذيت پهچائبي رهجي.

اوهان کي اهو قبول ڪرڻو پوندو تـه حاجي صاحب جيڪڏهن هڪواري ايندو ته اسان کي ڏيکيندو ڪونه. هو سچو ماڻهو آهي ۽ سنڌ واسطي ڪا خطرناڪ شخصيت به نه آهي ،

بلڪ پنهنجي ضلعي خواه ٻين حدن ۾ چڱو اثر رکندڙ آهي. هو به سمجهي ٿو ته اڳي ڪي ٻوه سندس طبيعت جو لاڙو ۽ هنخيالي ، اسان سان ملندڙ جلندڙ آهي. سنڌ لاءِ هڪ بهتر مستقبل جو متلاشي هو به آهي. مهينو ڪن ٿيندو، مون کي مايو هو. مون کيس پنهنجي مستقبل جي پروگرام کان ڪجهه ڪجهه واقف ڪيو هو، پاڻ آن جو حامي ٻڌي نظر آيو.

چوڻ ۾ ايندو آهي ته آغا صاحب حاجي صاحب سان ڪڏهن به ڪهي نه سگهندو، پر منهنجي خيال موجب اهو به غلط آهي. جيڪڏهن آغا صاحب جهڙي وفادار دوست ۽ جهوني مسلم ليگيءَ واسطي گذربل چوندن ۾ به انهيءَ ڪري ٻيهڻ جو موقعو ڪونه هو ۽ هينئر به شخصي ضد سبب هن لاءِ ميدان صاف نه آهي ته آن جو ڪارڻ ڪهڙو آهي. آن جو ڪارڻ حاجي صاحب ته ٿي نٿو سگهي. منهنجي خيال ۾ آن جو ڪارڻ به آهي ٿي خود غرض شخصيتون آهن، جن سنڌ کي تباهه ڪيو آهي، آنهن جا مفاد جدا آهن، ۽ جيڪڏهن حڪومت ۾ اهڙن ماڻهن جي هلندي رهي ته آغا صاحب يا ڪنهن به ايماندار لاءِ سنڌ اندر ميدان خالي ٿيڻ ناممڪن آهي. تنهنڪري علاج هيءَ آهي ته پنهنجا ناراضپا پاسي تي رکي، اول بي ايمانن جو زوال آڻجي. آنهن جو مڪمل زوال تڏهن ٿي سگهندو، جڏهن جيڪي به چند همخيال ۽ هم عقيدي جا ماڻهو ملي سگهن ، انهن کي هڪ محاذ تي گڏ ڪجي. منهنجي خيال ۾ هيءَ ڪالهه صاف ٻڌي آهي ته جيڪڏهن آغا صاحب نٿو ٻيهي سگهي، ته فقط آن ڪري جو سندس ٿي جماعت ۾ حسد سبب ڪيس نااميدي ڏيڪاري ٿي وڃي.

هي به خيال ۾ رکڻ گهرجي ته جنرل اليڪشن وقت اسان جو وڏو مقابلو ٿيندو ۽ اسان کي فنا ڪرڻ جا منصوبا ضرور عمل ۾ آندا ويندا. جهوٽيڪ اسان جو نگهبان الله پاڪ آهي، پر پنهنجي بقا واسطي ازحد ڪوشش ڪرڻي پوندي. انهيءَ وقت کي منهن ڏيڻ لاءِ به ضروري آهي ته وفادار ۽ بااثر ماڻهن

ڪي موقعي ملڻ تي پاڻ سان شامل ڪندو رهجي.

بهرحال قبلا! خط ڪي وڌيڪ لمبو ڪيان! ڪهڙو ڪيڏو به وڏو خط لکان، تہ به آخر اهو منهنجو رايو آهي، فيصلو ڪي نڏو سگهي. فيصلو ڪندڙ فقط اوهان ڏي آهيو، اسان تہ آهيون حڪم جا بنداه. اسان پنهنجو ايمان ڪري ڇڏيو آهي تہ باقي زندگي اوهان جي حڪم جي تعميل ۾، هاد واري مفهوم هيٺ هڪ سولجر جي حيثيت ۾ گذاربي.

آڻ ۷- تاريخ تائين گهوٽ آهيان، تنهنڪري جواب درپيلي موڪلڻ فرمائيندا. ۸ کان ۱۵ تاريخ تائين ٿاڻي بولاخان ۾ هوندس، ڪوبه حڪم هجي تہ اتي محالڪاريءَ جي معرفت موڪلڻ فرمائيندا. جيڪڏهن منهنجي صلاح ۽ رايي جي فائدي ۾ اوهان فيصلو ڪيو تہ مون کي جلد به جلد خبر ڏيندا، چو تہ حاجي صاحب کي هٽ ڪري، ڪم ڪاهڻ ۾ به ڪجهه عرصو لڳندو. اوها به ان حالت ۾ ۱۵ تاريخ کان وٺي ڪراچيءَ ۾ موجود رهڻ فرمائيندا، چو تہ حاجي صاحب ضرور اول اوهان سان ملڻ چاهيندو. بهتر ٿيندو تہ درخواستن جي آخري تاريخ ۱۷ جي عيوض ۱۸ رکو، چو تہ ۱۵ کان ۱۸ تائين اسان کي ڇگو عرصو ملندو. اميد تہ اوهان صاحب خوش و خورم هوندا. فقط والسلام. اوهان جو عقيدتمند، محمد علي شاه.

(۴)

درپيلو، ۲۳-۵-۱۹۴۶ع.

قبلا سائين، السلام عليڪم. اوهان کان موڪلائي ڪلهه لاهور ميل ۾ چڙهيس. حاجي مولا بخش گڏيو. گهڻيون گالهيون ڪيائين ۽ اهي گهڻي قدر واجبي هيون. اهي گالهيون جيڪڏهن مون کي اتي ٻڌائي ها تہ آڻ اوهان کي روبرو ٻڌائي سگهان ها ۽ انهن متعلق پنهنجو رويو به فيصل ڪري سگهجي ها. خير اها مهل تہ ويئي. هاڻي حاجي صاحب جي گالهين ٻڌڻ ۽ ٻين خيالن سوچڻ بعد آڻ هن راء تي پهتو

آهيان تہ درپيلي ڪانفرنس جي اطلاعن ۽ دعوتن موڪلڻ ڪان اڳ اسان کي سيد ميان خير شاه وٽ ملڻ گهرجي. اوهان کي خبر آهي تہ شاه صاحب ۽ پاڻ غلام حيدر شاه بي تعلقي اختيار ڪري ويٺا آهن ۽ اوهان لاءِ بہ اهو ڏک اٽن تہ سندن صلاحن تي نہ هليا آهيو. ڪانفرنس جي دعوتنامن موڪلڻ، ۽ ڪانفرنس سڏائڻ جي مقصدن بابت اول ميان خير شاهہ وٽ ويهي فيصل ڪرڻ گهرجي. اتي غلام حيدر شاهہ کي بہ ضرور گهرائجي ۽ حسن بخش شاه بہ هجي. ۳۱ تاريخ نوابشاهہ ۾ لوڪلبورڊ جي ميٽنگ تي حسن بخش شاه ۽ خير شاهہ تہ اينداء باقي اوهان اچو ۽ غلام حيدر شاهہ کي بہ اچڻ لاءِ لکو، آءٌ بہ اچان، تہ پنجئي گڏجي، تبادلہ خيالات ڪري پروگرام ٺاهيون.

آءٌ اتي حاجي صاحب وارا احوال بہ پيش ڪندس. ان ڪري اڳ نہ دعوتناما ڪڍجو ۽ نہ اهڙو اعلان ڪنداء اول ۳۰ تاريخ نوابشاهہ اچو تہ گڏجون.

اوهان جي جواب جو انتظار ڪندس.

بنده محمد علي شاه

(۵)

در پيلو، ۱۸-۱۲-۱۹۴۶ع.

قبلا، السلام عليڪم. اوهان جي تار پهتي، پر افسوس جو آءٌ اچي نٿو سگهان. هتي اليڪشن تائين تہ اسان جي سنگت تي ڪيس ۽ دباءُ هٽاءِ هاڻي خود مون کي ڪنهن نہ ڪنهن ڪيس ۾ ڦاسائڻ جون سازشون هلي رهيون آهن. انهن ڳالهين کي منهن ڏيڻ لاءِ منهنجو هتي رهڻ لازمي آهي. تنهنڪري جيڪڏهن خاص ضرورت نہ هجي تہ معافي ڏيندا، پر جيڪڏهن منهنجو اچڻ ضروري آهي تہ اڄ شام ايڪسپريس تار ڪنداء جا رات مون کي ملندي. تہ آءٌ ۱۹ تاريخ موٽر رستي اتي شام-جو پهچي ويندس، پر چند ڪلاڪ رهي واپس ورندس. پنهنجا راڄا بہ لکان ٿو، جي پارٽيءَ اڳيان رکندا، ۽ جيڪو پارٽي پروگرام مقرر ڪري، لکي موڪلينداتہ ان موجب

تعمل ڪندس. (آن هوندي به جي حڪم ٿيندو ته اڇڻ لاءِ تيار آهيان.)

اليڪشن ۾ اسان جي سنگت جو جنهن طرح سياسي حاتمو ٿيو آهي، سو اوهان ڏٺو آهي. هاڻي پارٽي ميٽنگ سڏائي، پروگرام ۽ قدم کان طاقت واري مخالف کي آگاه ڪرڻ بيسود آهي. هن وقت کوبه قدم سوچڻ دانائي نه آهي. اول ڪوشش ڪريو ته ليگ جي بن ڏرين مان هڪ ليگ کان الڳ ٿي حڪومت ناهن قبولي. جيڪڏهن ان ۾ ڪامياب ٿيا ته سڀ سوال حل ٿي ويندا. جيڪڏهن ان ۾ ڪامياب نه ٿئي ته پوءِ فبروريءَ ڌاري سڄيءَ سنڌ ۾ ڪانفرنسن جو پروگرام رکجي، پر اهو پروگرام هن مهل ظاهر نه ڪجي. نالا ختم ٿين کان اڳ کابه گالهه سوچڻ يا پهنجا ارادا ۽ خيال مخالف ڏر کي ٻڌائڻ اسان لاءِ نقصانڪار ٿيندو. ٽڪڙ ۾ ته به ۷- جنوريءَ تي هڪ پارٽي ميٽنگ غور لاءِ ڪوڪجي. اسان کي شڪست جي تڪليف ڪانهي، پر اليڪشن هلندي جي ظلم اسان جي دوستن تي ٿيا يا جن جا ساڻياها ٿين پيا، اول تن کي منهن ڏجي. جيڪڏهن کهڙو صاحب اسان سان نهي، ليگ کان الڳ ٿي، وزير اعظم ٿين قبولي، ته سڀني مرضن جو علاج ٿي ٿو سگهي. پر جيڪڏهن هو وقت جو وجهه وٺڻ جي همت نٿو ڪري سگهي ته اول مخالف کي چڏيو ته وزارت ٺاهي، ملڪ سان ظلم جو راج شروع ڪري، اوهان ۽ اسان جا فيصلا ۽ پروگرام ٻوه ڏهڻ گهرجن. جيڪڏهن اوهان جو خيال آهي ته اليڪشن پٽيشن وجهي چوند رد ڪرائيندا، ته به سوال آهي ته غلام حسين جي وزارت وري به ساڳيءَ طرح چوند ڪرائيندي ۽ دوباره ظالم ڪامورن هٿان پهنجي سنگت کي نقصان پهچائڻ نضول ٿيندو، چو ته منڊيڙا وري به ڪامورا ڪينسا ۽ وري جيڪا سنگت جي مرضي ۽ جو حڪم هجي، سو هن ماڻهوءَ هٿ لکي سوڪليندا ته تعمل ڪريان. منهنجو اول کان آخر ڏاڻن هيءَ رايو آهي ته خانبهادر کهڙي کي ئي ڪنهن طرح تيار ڪريو ته اسان جي پارٽيءَ جي مدد

ڪري ۽ اهو ڏڻ ٿي سگهندو ، جڏهن هو اول وزير اعظم ٿيڻ واسطي تيار ٿيندو. ۽ ۱۰-۱۲ همراه وٺي، اسان جي ۲۲ مدد حاصل ڪري حڪومت ٺاهيندو. جواب هن ماٺهوءَ هٿ ضرور موڪليندا ته آئيندي چا ارادو آهي؟ ڪهڙي صاحب ۽ همت آهي يا نه ؟ ۽ ۷- جنوريءَ تي پارٽي ميٽنگ ڪرڻايو ٿا يا نه؟

والسلام، بنده محمد علي شاه

(۵۷)

سيد نور محمد شاهه پريا

هيءَ شاهه صاحب بـ مٽياري سيدن جي ميان پوٽي قبيلي سان آهي. سندس والـد ميان مراد علي شاهه ، نوشهري تعلقي جي مکيه زميندارن مان هو. نور محمد شاه، ڊي جي سنڌ ڪاليج مان بي - اي پاس ڪئي. سنڌ جي جدا ٿيڻ بعد ، ۱۹۳۷ع ۽ پير قربان عليءَ جي مقابلي ۽، اتحاد پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبليءَ تي چونڊجي آيو. ليڪن جڏهن سر غلام حسين جي وزارت ٺهي ته هيءَ خانبهادر کهڙي سان تعلقائن هٿ ڪري وزارت جو طرفدار ٿيو ۽ پارليامينٽري سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. ان کان پوءِ هيءَ ڪڏهن وزارت ۽ رهيو ته ڪڏهن ٻاهر. هن جي آڏو ڪي به سياسي اصول نه هئا، عام زميندارن وانگر اقتدار ۽ طاقت جو طرفدار رهندو هو. سندس زندگيءَ جو احوال "اجنب گذريم جن سين" ۽ مفصل بيان ڪري آيو آهيان.

پيازيءَ جي وقت ڪيس فقيريءَ جي لهس لڳي ويئي ۽ اسيمبلي اجلاس ۽ چٽو ايندو هو. سياسي طرح نظرياتي بنيادن تي تحريڪن ۽ رهي، جماعتن ذريعي ڪم ڪرڻ جو عادي نه هو. لاڳاپن ، دوستيءَ ، مڪاني سهوليتن ۽ مصلحتن جي آڌار

تي ٿي هن سياست ۾ پڻي حصو ورتو. هيءَ طبعت ۾ ڪم آزار، يار ويس ۽ رلٽو ملٽو هو. تازو وفات ڪري ويو آهي. هن وقت سندس فرزند مراد علي شاه سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر آهي ۽ پيپلز پارٽيءَ ۾ داخل، جتوئي گروپ جي پوئلڳن مان ٿيڪ آهي.

سيد نور محمد شاه جا ڪجهه خط ڏجن ٿا.

(۱)

پريا، ۲۹ نومبر ۱۹۳۶ع.

ياءُ صاحب! السلام عليڪم- مون کي جناب پير صاحب پاڳاري وٽان پـ خط سندس مريدن ۽ هر هڪ وڏيري سلام ڏاهري ۽ خير محمد ڏاهري (ويڳل مصر جي واهـ تعلقه نوشهري) ڏانهن گهرجن- جيڪڏهن اوهين بندوبست ڪري سگهو تہ وڏي مهرباني. خط جلد گهرجن. رئيس رسول بخش خان کـي وري ٻ تاڪيد ڪندا، جيئن حاجي علي بخش خان کي اندروني خواه ظاهري ڪوبہ بار نہ وجهي- اميد تـ خوش باش هوندا. زياده خيروالسلام، نورمحمد شاه.

(۲)

نوابشاه، ۵- جنوري ۱۹۳۶ع.

برادرم عزيز، السلام عليڪم. خط پهتو- مان تہ باڪل تيار آهيان. مون کي هڪ لفافو اڳ ۾ پهتل هو ۽ پر اهو گم ٿي ويو آهي. ٻيو لفافو موڪليو تہ پري موڪليان. مان تہ ڪڏهن بہ ناڪار نہ ڪئي آهي.

محمد لقمان اڄا تائين پنهنجي برخلافي ڪاغذ ٿو چڏي. هاڻي اسين پيئي هڪ پارٽيءَ جا هڪڙي جي برخلافي ڪريون، سا صلاح ٺيڪ نہ آهي.

منهنجو عرض آهي تہ هن گالهہ ڪان سر پٽي کي آگاه ڪندا تہ جناب حضرت پير صاحب پاڳاري کي عرض ڪري تہ منهنجي برخلافي نہ ڪرڻ فرمائيندا. صرف ان صاحب منهنجي چوڻ تي همٿ نہ ڪنيو. مون ڪهڙي ڪوشش ورتي پر نمٽ لاچار ٿيس

ء ناامید رهيس. مون وسان ڪونڊ گهٽايو آهي. آن هوندي بہ محمد لقمان منهنجي مدد نہ ڪري ۽ هڪ آزاد پارٽيء واري بهاريل اميدوار کي مدد ڪري، سا افسوس جي ڳالهہ آهي. هوڏانهن شيخ عبدالمجيد نوشهري ۽ پنهنجي سر پير قربان عليء جي مدد ڪري رهيو آهي.

پر هتي تہ اسان جو ايڏو چڏيو، پر پنهنجي پارٽيء وارا بہ برخلافي ڪري رهيا آهن، ان لاء سخت افسوس اٿو. مان سر پٽي ڪي ۹- تاريخ گڏيس. لقمان کي بہ آڻائي پاڻ چوڻ فرمائي. اميد تہ اوهين ۹- فبروري هتي اينداء جيڪڏهن مان بہ اچان، نہ تہ نہ اچان. سرپٽو پنهنجي پروگرام موجب ۸- تاريخ پير صاحب جي گهوٽ وڃڻو آهي، آتي ضروري پير صاحب کي عرض ڪري. جيڪڏهن حڪم يا صلاح هجي تہ مان بہ ۸- تاريخ آتي روبرو وڃان.

پنهنجي ڪم جي احوال کان واقف ڪرڻ فرمائيندا. ..ميان علي محمد راشديء کي لکندا يا چوندا تہ ڪم از ڪم منهنجي فائدي ۽ زبردست آرٽيڪل لکي.

زياده خيروالسلام. نورمحمد شاه.

(۳)

پرڻا ۳۱-۸-۱۹۳۹ع.

بخدمت فيضدرجت حضرت اخوان صاحب، سيد ميان غلام مرتضي شاه صاحب! بعد السلام عليڪم جي عرض تہ جناب اخوان صاحب قبلا سير ميان امام علي شاهہ جي شادي خانہ آبادي جي تاريخ ۲۵ رجب المرجب ۱۳۵۸هـ مقرر ڪئي ويئي آهي. تہ اوهين صاحب الهيء موتعي تي ڪراچيء ۽ حيدر منزل تي تشريف فرمائي، محفل کي رونق بخشيندا تہ عين احسان.

زياده خيروالسلام، نورمحمد شاه.

(۴)

پرڻا ۲۴-۱-۱۹۴۲ع.

برادرم عزيز- السلام عليڪم. عرض تہ برادرم غلام حيدر

شاه جو وري ڪوبه احوال ڪونه ملیو آهيء الائي ڪٿي آهي؟ سنڌس ووٽن لاءِ نوابشاه ضلعي مان رئيس فتح محمد خان رند لاءِ برادرم ميان خير شاهم صاحب ڏانهن لکندا تہ هو رئيس ٿي بار وجهي. جيتوڻيڪ پاڻ ڪان انشاءَ الله باهر ڪونہ ويندو، تہ بہ بارن ٿي بار چڱا آهن. برادرم غلام حيدر شاه کي پڻ تاکيد ڪندا تہ رات ڏينهن هڪ ڪري ڪم ڪري، جيئن هائي ڳالهہ گهٽ نہ ٿئي.

اميد تہ هر طرح خوش باش هوندا.

زياده خيروالسلام. نور محمد شاهم

(۵۸)

مسٽر اي. ڪي. بروهي

مسٽر الهہ بخش ڪريم بخش بروهي (معروف اي. ڪي. بروهي) تعلقي ڪڙهي ياسين جي بروهين مان اعليٰ تعليم يافتہ آهي. ايم- اي، ايل- ايل- بي جو امتحان پاس ڪري، خداداد لياقت سبب وڪالت ۾ نهايت وڏو نالو ڪڍيائين. علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي صحبت ۾ رهي، اعليٰ خيالن ۽ تعليم سان آراستہ ٿي سگهيو. هن وقت پاڪستان جي مٿاهين درجي جي وڪيلن مان آهي.

هيءُ محمد علي بوگره جي عهد ۾ پاڪستان جي مرڪزي وزارت ۾ وزير بہ ٿي رهيو. ان کان پوءِ جنرل ايوب خان جي ڏينهن ۾ هندستان ۾ ٿوري وقت لاءِ پاڪستان جو سفير ٿي رهيو. گذريل (۱۹۶۹-۷۰ع) واري چونڊن ۾ هيءُ جماعت اسلاميءَ جي ٽڪيٽ تي سکر مان چونڊ لڙيو. پر سنڌي عوام جي شعور جي اها حالت آهي، جو هيءُ ۽ پيرزادي عبدالستار جهڙا ماڻهو، پيپلز پارٽيءَ جي بيهاريل رواجي اميدوار علي حسن منڪيءَ هٿان شڪست کائي ويا.

هن وقت هيءَ صاحب پنهنجي پيشي (وڪالت) ۾ مشغول آهي. مون سان علامہ آه آه قاضيءَ جي ڏينهن ڪان جيئن محبت ۽ دوستانہ تعلقات قائم ٿيس، تيئن هلندا اچن. سندَ جي علمي ۽ دانشور طبقي ۾ چڱو مقام رکي ٿو.

مون جڏهن علامہ آه آه قاضيءَ جي خطن جو ڪتاب پڻي مرتب ڪيو، تہ هن مون کي هڪ طويل خط لکيو هو، جنهن مان هڪ ڪر ڏجي ٿو:

(خط)

"..... مون کي اهو معلوم ڪري نهايت خوشي ٿي آهي تہ گهڻي وقت تائين محترم قاضي، صاحب، سنَ ۾ مڪتب حڪمت ڪولي، سنڌي مسلمانن جي اخلاقي، ذهني ۽ نفساتي اصلاح لاءِ ارادو رکندو آيو. واقعي جيڪڏهن ۱۹۳۰ جي ابتدائي سالن ۾ اهڙو ادارو قائم ٿئي ها، تہ بيشڪ اهو مسلمانن جي نشاة ثانيہ جو وڏو مرڪز بنجي ڪم ڏئي ها. آن جي ذريعي تربيت يافتہ مرد ۽ عورتون، دنيا ۾ پکڙي، انسانذات جي اخلاقي ۽ روحاني ترقيءَ لاءِ مبلغ ۽ مصلح ٿيڻ جو ڪم ڏين ها....."

"..... مون کي پڪ آهي تہ توهان ڏانهن سندس لکيل خطن جو شايع ٿيڻ نہ صرف سندن مصاحبن لاءِ دلي تسڪين ۽ خوشيءَ جو باعث ٿيندو، جي ڪيس پنهنجو رهبر سمجهندا هئا، پر توهان سان سندس تعلقات جو مسلم ثبوت، سند ۽ يادگار ٿي ڪم ايندو. منهنجي نظر ۾ اسان جا ايندڙ نسل توهان جا شڪرگذار ٿيندا، جو توهان هن دور جي اعليٰ هستيءَ جي خط و ڪتابت کي شايع ڪري، عام منظر تي آندو آهي....."

"..... منهنجي خيال موجب برگزيده بزرگ ڏسي رهبر ٿي، اسان کي نفساني خواهشن جي قيد کان آزاد ڪري، فڪر جو مادو بخشي، حسن ازلي، سچ ۽ نيڪيءَ سان روشناس ڪرائي سگهن ٿا....."

"..... هنن خطن جي وسيلي، اسان کي علامہ صاحب جي فيض بخش اثر ۽ طاقتور شخصيت جو پتو پوي ٿو. توهان جي محبت رکندڙ: اي- کي بروهي".

(۵۹)

مکي گوبندرام

مکي گوبند رام، سيٺ پريتمداس جو پٽ، حيدرآباد جو ويتل، پائيبند ڪلاس جي خاندائي مڪين جي گهراڻي مان هو. اعليٰ تعليم يافتہ هٽ ڪري، سياسي گالهين ۾ دلچسپي ورتائين. ۱۹۳۷ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ هندو آزاد پارٽيءَ طرفان چونڊجي آيو ۽ سر غلام حسين جي وزارت ٺهڻ بعد آن ۾ وزير مقرر ٿيو.

خوش خلق، رلٽو ملٽو ۽ يار ويس ماڻهو هو. وزارت کان اڳ سائس تعلقات پيدا ٿيا.

پاڪستان ٺهڻ بعد جڏهن هندو هندستان لڏي ويا تہ هي سنڌ ۾ رهي پيو. بعد ۾ موٽر جي ايڪسيڈنٽ ۾ وفات ڪري ويو.

* (۱)

ڪراچي، ۲۱- اپريل ۱۹۳۷ع.

پيارا غلام مرتضيٰ شاهہ! آءٌ نهايت ٿورائتو ٿيندس جيڪڏهن اوهان ۲۷- اپريل، اڱاري جي ڏينهن، ڏيڍ بجي، ڪراچي ڪلب ۾ مون طرفان منجهند جي مانيءَ جي دعوت ۾ اچي شامل ٿيندا.

آءٌ ڏاڍو خوش ٿيندس جيڪڏهن اڳواٽ اچڻ جو اطلاع موڪليندا.

اوهان جو مخلص، مکي گوبندرام.

(٦٠)

سيد غلام حيدر شاهه

غلام حيدر شاهه ولد حاجي پير شاهه، ميرپور خاص ضلعي جو ويڏل زميندار آهي. ٽرپاڪر جي مشهور معروف زميندار ۽ اسيمبلي ميمبر خانبهادر سيد غلام نبي شاهه جو پائٽيو آهي. سندس عزيز ميان احمد شاهه وارا، مخدوم ميان عبدالرحيم گروهڙيءَ جي نياڻيءَ جو اولاد هٿ ڪري، مخدوم صاحب جا سجاده نشين آهن. هن صاحب جو چاچو غلام نبي شاهه بمبئي ڪائونسل ۾ پوءِ سنڌ اسيمبليءَ تي چونڊبو آيو.

هيءُ صاحب اعليٰ تعليم يافته آهي. جڏهن آڻ مسلم ليگ جو صدر هوس تہ هيءُ ان جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو. مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ سان اسان جا جيڪي اختلاف ٿيا، انهن مان هن ڪي ٽڪيٽ نہ ملڻ ۾ هڪ ڪارڻ هو.

هيءُ ڪمزور طبع جو ماڻهو آهي. ڪجهه وقت مخالفت ۾ مون سان پانهن ٻيلي ٿي ٻيلو، ليڪن برداشت جي به حد ٿيندي آهي. آخر ۱۹۵۳ع جي سنڌ اسيمبلي اليڪشن وقت هيءُ وڃي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. سنڌ جي پهرزاده وزارت ۾ به وزير ٿيو. ۱۹٦۴ع جي چونڊن ۾ ناڪامياب ٿيو. آن ڪان پوءِ سياست ۾ ڪو خاص بهرو ڪونہ ورتائين.

خانبهادر غلام نبي شاهه ۽ خانبهادر غلام محمد وساڻ جا زندگيءَ ۾ اختلاف رهندا آيا، ليڪن غلام نبي شاهه جي وفات بعد هن وڃي خانبهادر وساڻ جي پوئلڳي ڪئي. سندس پيو پاڻ ميان غلام محمد شاهه، ڪراچيءَ جي نامياري وڪيل مان آهي.

غلام حيدر شاهه جي زندگيءَ جو تفصيلي بيان "جنب گذريم جن سين" ۾ پيش ڪري چڪو آهيان. هن وقت زميندارين ڪمن ۾ مشغول آهي. سياسي طرح جدا ٿي وڃڻ جي باوجود،

شخصي لاڳاپا ۽ لحاظ قائم رکيو اچي.
سندس ۽ خط هتي پيش ڪجن ٿا.

(۱)

ميرپور خاص، ۲۶-۹-۱۹۵۶ع.

جناب برادرم عزيز صاحب! السلام عليڪم جي واضح باد ته اوهان صاحبن جو خط اڄ پهتو، احوال معلوم ٿيو. مهرباني.

آءٌ هڪ هفتي بعد ڪراچيءَ اينداس، ۽ اخبار جي حصن جي خريديءَ بابت روبرو اوهان سان احوال ڪرڻ ۾ ايندو.

زياده خيروالسلام دعاگو. غلام‌حيدر شاهه.

(۲)

ميرپور خاص، ۷-۱۲-۱۹۵۶ع.

جناب برادرم عزيز صاحب، السلام عليڪم جي واضح باد ته اوهان صاحبن جو خط اڄ پهتو، احوال معلوم ٿيو.

آءٌ انهيءَ ڏينهن اوهان صاحبن سان ملڻ لاءِ آيو هوس، مگر وقت ٿوري هئڻ سبب وڏيڪ حقيقت ٻڌي نه سگهي.

آءٌ پنهنجيءَ طاقت آهر مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، مگر ان ڪان پهريون توهان صاحبن سان ڪجهه گالهائيندس.

آءٌ ڪراچيءَ جنوريءَ جي پهرئين هفتي ۾ ايندس. جيڪڏهن اوهان صاحب ڪراچيءَ هوندا ته ملندس ۽ وڏيڪ احوال روبرو ڪرڻ ۾ ايندو.

زياده خيروالسلام، دعاگو غلام‌حيدر شاه

(۳) *

حيدر منزل، ميرپورخاص، ۹-۱۱-۱۹۵۷ع.

پيارا پاءُ صاحب! اوهان جي ۲۱-۱۰-۱۹۵۷ع. واري خط جي حوالي سان، مون مسٽر پرڪڙيءَ هٿ گهربل رقم جو حصو ڪلهه موڪليو آهي. مون کي خاطري آهي ته پير غلام رسول شاه پڻ ساڳيءَ طرح تعاون ڪندو. فرصت ۾ آءٌ پنهنجن دوستن کان به حاصل ڪري موڪلڻ جي ڪوشش ڪندس.

آءٌ ۱۱- تاريخ ڪراچيءَ اچي نڪو سگهان، اميد تہ مون کي معاف ڪرڻ فرمائيندا.
نيڪ تمنائن سان، اوهان جو مخلص، غلام حيدر شاهہ.

(۴)

۲۷-۵-۱۹۶۸ع.
جناب برادرم عزيز صاحب! السلام عليڪم جي واضح باد تہ سائينجن جو خط پهتو، احوال معلوم ٿيو- مهرباني.
اڏ رقم هڪ هزار روپيا خط آڻيندڙ هٿان موڪلجي ٿي، باقي رقم جون جي مهيني ۾ جڏهن آءٌ ڪراچيءَ ويندس، تڏهن اميد تہ آئي نديون صاحبن مان ڪنهن به هڪ صاحب کي ڏيئي ڇڏڻ ۾ ايندي.
اميد تہ اوهان صاحب خوش و خورم هوندا.
زياده خيروالسلام، دعاگو غلام حيدر شاهہ.

(۶۱)

آغا بدرالدين دراني

هيءَ آغا شمس‌الدين دراني جو فرزند، علم دوست ۽ همت وارو صاحب هو. هنن جي خاندان مان خانبهادر در محمد خان پٺاڻ مشهور معروف زميندار ٿي گذريو آهي. هن جو والد ميان شمس‌الدين گهڻو وقت سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو هو. ان کان پوء هيءَ ميمبر چونڊبو آيو. هڪ وقت سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر به ٿي رهيو. سندس ڪتابن جي لئبريري ۽ عجائب خانو سنڌ جي مڪمل مرڪزن مان هڪ آهي. پاڻ جواني ۾ وفات ڪري گهڻن دوستن احبابن کي جدائيءَ جو داغ ڏيئي ويو.
سندس پاءُ آغا صدرالدين ۱۹۷۱ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ ڊپٽي اسپيڪر هو. شال وڏي حياتي ماڻي ۽ سدا خوش آباد رهي- آمين! داني صاحب جو هڪ خط ڏجي.

* (۱)

پٺاڻ ڪالوني، سکر، ۱۹-۹-۱۹۶۹ع.

پيارا شاهه صاحب! اوهان جو خط، منهنجي والد جي وفات جي الميه جي موقعي تي پهتو. خدا شال سندس روح کي امن ۽ رکي. آمين. آءٌ ۽ منهنجا پائر هن ناتلافي نقصان تي، اوهان جي دلي همدرديءَ جي اظهار لاءِ شڪرگذار آهيون.

اوهان کي عرض آهي ته خداوند ڪريم کان دعاگو ٿيندا، ته مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جايون ڏئي!

سلامن سان، اوهان جو پاڻ، آغا بدرالدين.

(۶۲)

آغا غلام نبي خان پٺاڻ

آغا غلام نبي خان ولد آغا در محمد خان پٺاڻ، سلطان ڪوٽ جي بابر پٺاڻ قبيلي سان تعلق رکندڙ آهي. هن جو وڏو ڏاڏو سلطان خان، افغانستان مان هجرت جي صاحبيءَ ۾ لڏي، سنڌ ۾ شڪارپور جي پرسان ۹ ميلن جي پنڌ تي پنهنجو ڳوٺ "سلطان ڪوٽ" ٻڌائي اچي ويٺو هو. آن جا پونهر وڏي زمينداريءَ جا مالڪ ٿيا.

غلام نبي خان، سپٽمبر ۱۹۱۵ع تي سلطان ڪوٽ ۾ جائو. شڪارپور، لاڙڪاڻي ۽ سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ تعليم ورتي، عليگڙهه يونيورسٽيءَ ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ ويو. آتي ڪجهه وقت پڙهڻ بعد واپس سنڌ ۾ آيو.

هيءُ صاحب مون سان مسجد منزل گاهه پيري جيل ۾ گڏ هو. پوءِ جڏهن آءٌ مسلم ليگ جو صدر ٿيس ته هيءُ نائب صدر ٿيو. مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ سان جيڪي اسان جا اختلاف پيدا ٿيا، تن مان هن کي ٽڪٽ نه ملڻ به هڪ ڪارڻ هو.

ڪو وقت هو، جو آڳ هن ڪي پنهنجي مڪ صلاحڪارن مان سمجهندو هوس، ليڪن زمانو آهي، ڪجهه وقت لاءِ اسان کي چڏي، پنهنجي سهوليت خاطر جدا پاليسي اختيار ڪري پهرين مسلم ليگ ۾ ويو. وري اچي سنڌ متحده محاذ ۾ ڪم ڪيائين، ۽ ان بعد متحده محاذ کي چڏي، شيخ مجيب الرحمان جي عوامي ليگ ۾ ويچي داخل ٿيو. پر عين موقعي تي اليڪشن ۾ ويندڙن خاطر ان کي خيرباد چئي پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو، پر آزاد اميدوار حاجي مولابخش سومري جي هٿان شڪست کائي ويو. پوءِ پٽڻي صاحب ڪيس سميٽ جو ميمبر ويندايو، جنهن تي ڪجهه وقت رهڻ بعد هيئٽر ٻاهر رهي، پنهنجي زميندارين ڪمن ۾ مشغول آهي.

سندس مڪمل احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنل آهي. سندس ۵ خط پيش ڪجن ٿا.

(۱)

سلطان ڪوٽ، ۲۹-۵-۱۹۴۱ع.

جناب مڪرم و محترم برادرم ميان غلام مرتضيٰ شاه صاحب! السلام عليڪم. واضح هجي ته هن سان گڏ اوهان صاحبن جي خدمت سڳوريءَ ۾ هڪ ليٽر مولوي صاحبن جو موڪليان ٿو. پڙهي آن سان واقف ٿيڻ فرمائيندا.

برادرم مولوي محمد اسماعيل صاحب ضلع ٿرپارڪر واري مون ڏانهن لکيو آهي ته اسان سي ضلعي ٿرپارڪر جا مولوي صاحب جميعت العلماء اسلام جو بنياد وجهڻ گهرون ٿا، اسان جا نالا انهيءَ جماعت ۾ داخل ڪرڻ فرمائيندا.

ان ڪري، منهنجي مرضي آهي ته انهي شامل ليٽر مان واقف ٿي، پاڻ انهن مولوين صاحبن سان پنهنجي سر خط و ڪتابت شروع ڪري ڏيندا ته ڏاڍو چڱو ٿيندو. انهن مولوين صاحبن جا سمورا نالا ساڳئي ليٽر ۾ اٿو.

مهرباني ڪري وڌيڪ احوال موڪلي ڏيندا.

زياده خيره بنده غلامنبي خان پٺاڻ، سيڪريٽري ضلع مسلمليگ، سلطان ڪوٽ.

(۲)

سلطان ڪوٽ، ۲۶- جنوري ۱۹۴۳ع.

جناب شاهه صاحب- السلام عليڪم. عرض ته لاڙڪاڻي ڪان خير سان ڪوٽ پهتس، ٻڌي ڏينهن پير صاحب پنهنجي فرزند جي نڪ جي آپريشن ڪراڻي ۽ ڪرائڻ ويو هو، جو اڄ سوڏو واپس ڪونه آيو آهي، ان ڪري مجبوراً پير صاحب کي موڪلي ڪونه سگهيس.

۲۲ تاريخ، جناب حسن بخش شاهه سلطان ڪوٽ آيو آهي، ڪيس گهوڙو ۽ بگي وٺي ڏني اٿسي، جي اڄ انشاء الله ريل ۾ چڙهندا.

اوهان کي ياد هوندو ته اوهان لاڪاڻي ۾ وعدو ڪيو هو، ته روهڙي ٻويزن جو گشت فبروري ۽ ڪان شروع ڪنداسي ۽ پهرين فبروري يا آن ڪان اڳ گهوڙڪي ۽ پهچي ويندا سي. ان ڪري اسان هر گهاڻهه جو انتظام ڪيو آهي . ان ڪري اوهان مهرباني ڪري پهرئين تاريخ ضرور گهوڙڪي ۽ پهچي ويندا نه ته بي ۽ صورت ۾ اڃا وڌيڪ بدناسي ٿيندي ۽ ماڻهن کي شڪايت ٿيندي. مهرباني ڪري خط جو جواب سلطان ڪوٽ جي ائڊريس تي جلد ڏيئ فرمائيندا.

زياده خيروالسلام، غلام نبي.

(۳)

سلطان ڪوٽ، ۲۶- جون ۱۹۴۶ع.

بخدمت جناب سيد صاحب- السلام عليڪم! نوازشنامو ساڻينجن جو ملیو. احوال معلوم ٿيو. ساڻينجن جي حڪم جي پوري هڪدم ڪڍي وڃي ها، پر اخبارن مان ڏٺو ويو ته ان گهاڻهه جي ضرورت ٿي ڪانه پوندي، جو اجلاس رڳو هڪ ڏهن ڪلاڪن لاءِ هلندو. خط ڏسڻ شرط جواب ڏيندا ۽ جي ضرورت

هجي ته مان هڪدم هليو اچان.

توهان لکيو آهي ته مسلم ليگ اسان جي حوالي ڪري اوهان پنهنجي جند ڇڏائي آهي ، پر مان ته ايڏا ٻه ائين ڏو سمجهان ته مسلم ليگ اوهان جي آهي ۽ اوهان ليگ جا آهيو- ۽ ان ۾ دير ڪانه آهي، جو اوهان وري پنهنجي جماعت جون واڳون پاڻ هٿن ۾ ڪٿو.

خانبهادر کهڙي کان معلوم ٿيو آهي ته اوهان مون تي ناراض آهيو. سائين، اوهان جي ڪاوڙ واجبي نه آهي، ڇو ته مان اوهان کي ٻڌايو ته کهڙو اوهان سان سچو هو. پر مان ڪيس ڇيو ته "ڪابه اهڙي ڳالهه نه ڪر، جا جماعت جي قانون کان ٻاهر هجي، جنهنڪري تون به سيد وانگر واري اسان کان وڃين! اسان اڳ ئي هڪ بهترين ماڻهو وڃائي ويٺا آهيون ۽ جيڪو ڪجهه اسان وٽ بچيو آهي سو به وڃائي ويهون ، ته جماعت لاءِ ڪجهه به نه بچندو." ان جي ڪري ، جي اوهان ڪاوڙيا آهيو، ته اوهان جي ڪاوڙ واجبي نه آهي. وڌيڪ اوهان مالڪ آهيو، جي ڪاوڙ ڪندا ته معافي ونڊندس. جنهن کي هڪ دفعو "سائين" چيو اٿم، آن سان سينو ڪهڙو ساهيندس؟

مان ٻن ٽن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ پهچي ويندس. جي مرضي هجي ته جلد پهچان.

زياده خيروالسلام، غلام نبي.

(تار)

لاهور ۱۵-۱۰

جي- ايم- سيد ايم- ايل- اي، سن. مهرباني ڪري ڪراچيءَ جلد ايندا - ۽ پنهنجي پهچ جو وقت تار رستي ٻڌائيندا. غلام نبي.

(۵)

سلطان ڪوٽ، ۲۴-۶-۱۹۶۹ع.

برادرم جناب سيد صاحب، سدا سلامت! السلام عليڪم-

عرض ته اوهان کان موڪلائي ۽ هوٽل تي پهتس ، ته خبر پئي ته پير مانڪيءَ فون ڪئي هئي. مان ڪيس فون ڪئي، پڌرائين ته اوهان کي ٻئي فون موڪلي هئائين ، پر اوهان آرام ۾ هئا. پير صاحب پڌايو ته ڪنهن شيخ مجيب جو خط پهتو آهي، ته هو صاحب پهرئين هفتي جولاءِ جي ڪراچيءَ پهچي رهيو آهي- ۽ پير صاحب اوستائين ڪراچيءَ ۾ رهندو. اسان کي اهڙو اطلاع آيو آهي يا نه، سا اوهان کي خبر هوندي. مان پهرئين هفتي جو ڪراچيءَ ايندس . اوهان ايندا يا نه، سو سلطان ڪوٽ مون کي اطلاع ڏيندا. اميد ته اوهان سڀ بيان پڙهيا هوندا ۽ کهڙي صاحب جيڪا بڪواس ڪئي آهي، سا به پڙهي هوندي. جي ضرورت هجي ته پيرزادي کان جواب ڏيارينداء

زياده خير و السلام، آغا غلام نبي.

(۶۳)

قاضي محمد اڪبر

قاضي محمد اڪبر ، قاضي عبدالقيوم جو فرزند ، سيوهڻ جي عباسي خاندان مان، مولوي فتح محمد سيوهاڻيءَ جو ڏائٽيو هو. هن جو والد وڏو حڪيم ۽ حيدرآباد شهر ۾ دسترسيءَ وارو ماڻهو هو.

قاضي اڪبر، ڪجهه وقت لاءِ حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جو ميمبر رهيو، ان بعد پنهنجي پاءُ قاضي عبدالمجيد عابد کي لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ چونڊا رايائين.

خانبهادر الهه بخش جڏهن وزارت ۾ آيو ، ته قاضي اڪبر پير الاهي بخش (جنهن سان مائٽي هيس) سان تعلقاتن ڪري، ڊوري ناري اسٽيشن تي جناح صاحب جي ڪارن جهنڊن سان مخالفت ڪرايائين.

پهرين هن جا ميران محمد شاهه سان تعلقات هئا ، ان

سان دوستيءَ هئڻ ڪري ۽ مولوي فتح محمد جي پائڻڻي هجڻ سبب سبب هن جا مون سان به لاڳاپا ٿيا. پوء سياست ۾ مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ سان اختلاف ٿيڻ وقت هن مير غلام علي ٽالپر سان تعلقات وڌايا.

هيءَ سياست عمل جو ڪامياب سياستدان آهي - هر موقعي سان پرپور فائدو وٺڻ وارو. جڏهن منهنجا جناح صاحب سان اختلاف ٿيا تہ قاضي صاحب سندس ويچي دامن جهليو، جنهن منهنجي خلاف ڪيس ٽڪيٽ ڏيئي، انتهائي غلط طريقا استعمال ڪرائي، مون کي شڪست ڏيارائي ، ڪيس ڪامياب ڪرايو. آن اليڪشن کي مون چئلينج ڪيو ۽ سرڪار طرفان مقرر ٿيل اليڪشن ٽربيونل، اليڪشن رد ڪري قاضي صاحب کي ميمبريءَ کان خارج ڪيو. ان کان پوء هيءَ ڪجهہ وقت پيرزاده وزارت ۾ رهيو ۽ بعد ۾ آن جو مخالف ٿيو. ان کي چڏي، پوء وري خانبهادر کهڙي سان گڏ ون يونٽ نهرائڻ ۾ خاص ڪردار ادا ڪري ، سنڌ کي پنجاب جي غلاميءَ ۾ ڏيڻ جو ڪڏو ڪم ڪمائين.

سنڌ ۾ ڪافي کي سياستدان آهن، جن جو کهڙن به طريقن سان اقتدار حاصل ڪرڻ زندگيءَ جو مقصد رهيو آهي. پر ان سان گڏ اسان وٽ لياقت وارن سياستدانن جي ڪوٽ به آهي. قاضي صاحب کي پنهنجي واقفڪارن ۾ شامل سمجهي، سندس ڪجهہ خط هيٺ ڏيان ٿو، تہ جيئن سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ خال نہ پنجي ويچي.

(۱)

۱۷-۵

پيارا سيد صاحب، السلام عليڪم! سيد علي اصغر شاهہ صاحب تمام مضبوط ٻيٽو آهي. مير غلام علي وغيره کي جواب ڏنائين. تاهم صلاح اها ٻيٽي آهي تہ اوهان مهرباني فرمائي قادر ڏني شاهہ ۽ سندس والد علي محمد شاه کي اچي اج شام

ملي ويندا، تہ ڪم بلڪل ئي صدي پڪو ٿي ويندو. مهرباني ڪري تڪليف وٺي اهو ڪم ضرور ڪندا. پنهنجي ياد ۾ جان علي شاهہ کي خاص خدمت ۾ موڪليان ٿو.

بنده محمد اڪبر.

(۲)

۲۳-۱۰-

پيارا شاهہ صاحب، السلام عليڪم- مان هت پنهنجن ڪمن ۾ مصروف آهيان. اوهان ملو ٿا تہ ٻين گالهين ۾ وقت ضرف ٿيو وڃي. نہ مان اوهان سان گالهائي سگهان ٿو، نہ اوهان ازخود ڪو فيصلو ڪري ٻڌايو ٿا.

۲۶ تاريخ شنوائي آهي ۽ اُن تي منهنجو ۽ ٻين جو حاضر رهڻ ضروري آهي. وڪيلن وغيره کي به آڻڻو پوي ٿو، تنهنڪري مهرباني ڪري ڪو فيصلو ڪندا. ڇو تہ ۲۵ تاريخ يا ۲۶ صبح جو سويل اچان اوهان وٽ ۽ هلي سيوهڻ ۾ روبرو ڪو فيصلو ڪري اچون. يا ڪيس ڪيائي اڇجي يا وڏي شنوائي وٺي رکائي وڃي. ٺاڪر داس کي وڪالت لاءِ آڻڻ ۽ خرچ ڪرڻ هن وقت ۾ تمام ڏکيو ٿو لڳي.

بهرحال وقت تنگ آهي ۽ ترت انهيءَ معاملي جو حل ڪيڻ گهرجي، جو روز روز اهو خفو ٻيو هلي ۽ پاڻ جڏهن ملون ٿا تڏهن اهو سوال زير بحث نڏو اچي. اميد تہ اوهان پاڻ کا مناسب تدبير ڪيندا.

اميد تہ باخير و عافيت هوندا.

بنده محمد اڪبر.

(۶۴)

حاجي مولا بخش سومرو

حاجي مولابخش ولد حاجي محمد عمر سومرو، شڪارپور ۾ ۱۹۰۵ع ڌاري ڄائو. سندس خاص لياقت اها آهي ته هو مرحوم الهه بخش جو ننڍو ڀاءُ آهي. آءٌ سمجهان ٿو ته ان کان وڌيڪ سندس بهتر تعارف ٿي نٿو سگهي. سندس زندگيءَ جو احوال مون "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو آهي. گهڻو وقت اسان سان گڏ رهيو آهي. پاڪستان ٺهڻ بعد هيءُ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. هن کي کهڙي صاحب جي طرفدار ميمبرن کي ڪيڏ وقت يوسف هارون جي وزارت ۾ وزير ڪرڻ ڪيو ويو. ۱۹۵۳ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ تي مسلم ليگ جي ٽڪيٽ تي چونڊجي آيو ۽ خانبهادر کهڙي جي ون يونٽ ٺاهڻ وقت کهڙي سان گڏ وزير ٿيو. پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ جو آخر تائين ميمبر رهندو آيو. انهيءَ دور ۾ هن کي مرڪزي اسيمبليءَ ۾ اسٽيٽ منسٽر ڪري رکيو ويو.

هيءُ شخصي طور وڏين خوبين جو مالڪ آهي. نماز روزي جو پابند، خوش اخلاق ۽ سرنديءَ ڌري وڻ وارو آهي. عام دستور خلاف هن ۾ طاقت ۾ اچڻ بعد گهمنڊ جي عيوض نوڙت زياده ايندي آهي. هلي وڃي دوستن کي ملندو آهي ۽ سندن خدمت ڪرڻ ۾ خوش ٿيندو آهي. ڪاش! سندس سياسي ڪردار به اهڙو بلند هجي ها.

هن وقت مرڪزي پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر آهي. پنهنجي پارٽيءَ جي حڪومت کافي تڪليفون ڏنهون اٿس ليڪن بهادريءَ سان انهن کي برداشت ڪندو آيو آهي. آئيندي جي خبر خدا کي آهي، ته ڪيترو وقت ڏياڻ جهلي سگهي. سندس به خط ڏجن ٿا.

(۱)

ڪراچي، ۱۰-۳-۱۹۶۶ع

برادرم غلام مرتضيٰ شاهصاحب سلامت باشيد! بعد سلامن جي عرض ته نوازشنامو اوهان صاحبن جو پهتو ، پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي ، جو اوهان صاحبن جي طبيعت هاڻي اڳي کان بهتر آهي.

اوهان ۱۹- تاريخ شڪارپور اچڻ جو پروگرام رکي، غريبخاني کي مشرف ڪرڻ لاءِ لکيو آهي. انهيءَ خبر کان بندو ازحد مسرور آهي.

مان ڪجهه وقت کان بيمار آهيان. هن وقت به هيءَ خط بستري مان عرض رکي رهيو آهيان. انشاءَ الله تعالىٰ ۱۸- تاريخ ڏاري شڪارپور پهچي ويندم.

زياده خير، بنده مولابخش.

(۲)

شڪارپور، ۲-۵-۱۹۶۷ع.

بخدمت جناب سيد صاحب، سلامت باشيد! بعد سلامن جي عرض ته اوهان صاحبن جو موڪليل عطيو ڪتابن جو ملیو - مهرباني. هيءَ موڪليل پارسل، اڳئين مهيني ۲ آيل آهي، جنهن کي مان اڄ ۲ تاريخ مئي جي کوليو آهي. دير آ ڪري ٿي، جو مان زيارت حرمين شريفين جي تي هيم ۽ اڳئين هفتي حج ڪري موٽي آيو آهيان. انهيءَ ڪري شڪر ادا ڪرڻ ۾ دير ٿي آهي، اميد ته معاف فرمائيندا.

اميد ته اوهان هرطرح سان خوش و خورم هوندا.

زياده خير، بنده مولابخش.

(۶۵)

وڏيرو محمد عثمان سومرو

هيءَ صاحب سومرن جي متوءَ پوڻي قبيلي سان ، ميان ابوبڪر سومري جي اولاد مان، آهي. ۷- فبروري ۱۹۰۲ع تي جنم ورتائين. سندس والد، وڏيري ميان محمد سومري، ۱۹۱۹ع ۾ وفات ڪئي، تہ سيني راڄن ڪڏجي هن کي پڳ- ٻڌائي. هيءَ ڪجهہ وقت تعلقي لوڪل بورڊ ٺٽي جو پريزيڊنٽ ۽ پوءِ ڪراچي لوڪل بورڊ اسڪول بورڊ جو چيئرمن ٿيو. ۱۹۳۷ع جي اليڪشن ۾ ٺٽي ڊويزن طرفان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو. خانبهادر الهہ بخش سان سڌا تعلقات هئس ۽ هميشہ سندس طرفدار رهيو. سنڌ اسيمبليءَ ۾ ۱۹۴۵ع تائين ميمبر رهندو آيو. ۱۹۳۹ع ۾ ضلعي لوڪل بورڊ ٺٽي جو پريزيڊنٽ ٿيو . همت وارو ۽ دوستيءَ جو پڪو ماڻهو پڻي رهيو هو. ڪجهہ سال ٿيندا تہ وفات ڪري ويو آهي.

سندس فرزند، ۱۹۶۹ع وارين چونڊن ۾ پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو. ڪجهہ وقت ممتازعلي ڀٽي جي وزارت ۾ وزير ٿيو. هن وقت ٻاهر آهي.

ميان محمد عثمان سومري سان منهنجا تعلقات لوڪل بورڊ جي وقت کان شروع ٿيا ۽ آخر تائين قائم رهيا. سندس چار خط هتي پيش ڪري رهيو آهيان.

(۱)

ٺٽو نگر، ۱۹-۱۰-۱۹۲۵ع.

بخدمت اعليٰ عزت مآب الاسلام جناب شاهہ صاحب ، دام لطفہ ! السلام عليڪم . عنايت نامو حاصل ٿيو. اهڙيءَ يادگيريءَ جو هيءَ احقر شڪرگذار آهي. مان صاحبجن جي

انهيءَ رفاقت ۽ مصلحت لاءِ پاڻ خواهان آهيان ته اهڙو موقعو ناهجي، جنهن ۾ اسين سڀئي پاڻ صلاح ڪري هڪڙي مسلمان کي مقرر ڪريون. انهيءَ ياري ۾ اڳي ئي بندو سعيي ڪار آهي. ڇو هروپرو غير اسلام جي ماٺهوءَ کي وچهه ڏيون. تنهنڪري آءٌ حاضر آهيان ۽ اميد باريتعالي ۾ آهي ته ۲۵ تاريخ صبح جو ميل تي ايندس. پوءِ جيڪا مرضي پاڻرن جي ڪراءِ ٿي، ائين ڪندس.

نيازمند، محمد عثمان سومرو.

(۲)

۱۵- اپريل، ۱۹۲۹ع.

بخدمت جناب شاهه صاحب سيد غلام مرتضيٰ شاه، سلمه الرحمان. بعد السلام عليڪم جي روشن هجي ته اڄ ڊسٽرڪٽ نارائڻ داس کان معلوم ٿيو ته اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ۲۷ تاريخ آهي، مگر انهيءَ تاريخ تي منهنجو ڪيس آهي. ۱۵ کان ۲۶ تاريخ جي اندر رکندا ته آءٌ به حاضر ٿي سگهندس. ورندو احوال ميٽنگ جي ڪيرڻ بابت لکندا. ڪار خدمت هجي ته بنده حاضر آهي.

زياده خيروالسلام. بنده محمد عثمان سومرو.

(۳)

ٽٽو، ۱۷-۷-۱۹۳۴ع. محمد عثمان سومرو، چيئرمن ڊسٽرڪٽ اسڪولبورڊ، ڪراچي.

بخدمت اعليٰ عزت جناب مير سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب، السلام عليڪم- مزاج شريف- اميد ته بلڪل خوش باش هوندا. واضح هجي ته ڪلهه اوهان صاحب ملي نه سگهيا.

ڪراچي ميونسپالٽيءَ تي هڪ ميمبر چونڊڻ جي ياري ۾ آگسٽ واريءَ ميٽنگ ۾ سوال اچڻو آهي. اوهان صاحبن اهو

فيصلو ڪرڻ فرمايو هو تہ جناب سيد حاجي مهرعلي شاهہ صاحب ۽ مون مان هڪڙو چونڊيو. شاهہ صاحب جن فرمايو تہ آءٌ بيمار آهيان، تنهنڪري مونکي تڪليف ٿيندي. ان ڪري مون کي يقين آهي تہ اوهان صاحب ضرور مون کي مدد ڪري مشڪور فرمائيندا. جيڪڏهن اوهان صاحبن جي ڪا بي راءِ آهي ، تہ مهرباني ڪري انهيءَ کان آگاهہ ڪرڻ فرمائيندا، تہ آنهيءَ موجب عمل ڪجي۔ بشرطيڪ جواب جلد ڏيڻ فرمائيندا.

زياده خيروالسلام. بنده اوهان جو نيازمند ، محمد عثمان سومرو.

(۴)

۴۸-۹-۱۹۳۴ع

بخدمت جناب مير سيد غلام مرتضيٰ شاهہ صاحب ، سلمه الرحمان، تسليم۔ عرض تہ نوازشنامو پهتو ، احوال معلوم ٿيو. مهرباني. هيءَ بندو اوهان صاحبن سان شامل راءِ آهي. اميد تہ ميٽنگ جي فيصلي کان پوءِ باقاعده ڪم ڪيو ويندو.

۲۔ اسان وٽ ائڊمنسٽريٽو آفيسريءَ لاءِ گبول ۽ سندس دوست ڪريم بخش جي لاءِ ورڪ ڪري رهيا آهن. انهيءَ آزار کان جند ڇڏائڻ ۾ مدد ڪندا، جيئن اڳيئن ائڊمسٽريٽو آفيسر جي مخالفت جي ٽلائي هن مسئلي ۾ ڪيو. جيئن پنهنجي ضلعي جي جند آزاد ڪرائي اڻو، ائين هتي به ڪندا.

اميد تہ ميٽنگ تي ايندا ، جتي وڌيڪ احوال ڪيو ويندو. ڪار خدمت لاءِ بندو حاضر آهي.

زياده خيروالسلام. بنده اوهان جو نيازمند، محمد عثمان سومرو.

(٦٦)

خانبهادر محمد جعفر خان بلوچ

خانبهادر جعفر خان بلوچ ، گڙهي خيري جو ويڙل ، بلوچ خاندان جي بلوچن جو سردار هو. ۱۹۳۷ع ۾ اتحاد پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيو. اتحاد پارٽيءَ ۾ اختلاف ٿيڻ بعد هيءَ خانبهادر الهه بخش سان دوستانه تعلقات هٿ سبب گڏ رهيو. اسيمبليءَ ۾ نهايت جرئت سان گالهائيندو هو. يار ويس ۽ باهمت شخص هو. ٿوري وقت کان پوءِ اکين جي نظر ويهي وڃڻ ڪري، سياست کان ڪنجي ويو.

مون سان دوستاڻا تعلقات هئس. سندس کجهه خط هتي ڏجن ٿا.

(۱)

جناب والاشان، بخدمت عاليشان، حضرت شاه صاحب ، دائم‌اقباله ! صاحبا ! هر وقت توهان جي طرف خيال آهي ٿو. انشاءالله چڱا چڱا ڪم ۽ چڱا چڱا فيصلا ٿيندا رهندا. گهٽي وقت کان ملاقات جي شرف حاصل نه ڪرڻ جي ڪري نهايت افسوس آهي.

صاحبا! هاڻي جو اميدوارن ۾ تڙتڪڙ ۽ پيچ ڀڪ ڏسجي ٿي، تنهنڪري هن بابت صاحبجن پنهنجي خيالات ۽ حڪم ۽ صلاح مصلحت کان آگاه ڪرڻ فرمائيندا.

صاحبا، تازو قمبر واري ٽڪ ۾ بيقاعدگيون هليون آهن. انهن ته ووٽرن يا غريب ماڻهن کي هوش کان ڪيڏي ڇڏيو آهي. ايتريقدر ته ڊڄي ويا آهن، جو خود اسان ني به زور ڀري رهيا آهن ته گورنمنٽ جون بيقاعدگيون غريب ووٽرن جي طاقت کان ٻاهر آهن ۽ ليگ ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ زوريري رهيا آهن.

صاحب جن امید تہ سچي گالهين کان آگاه فرمائيندا.
امید تہ باخیریت هوندا.

فقط نیاز، اوهان جو مخلص، محمد جعفر.

(۲)

جعفرآباد، جیکب‌آباد، اپر سنڌ. ۲۱-۲-۱۹۵۰ع.

بخدمت عالیجاه جناب والا شاهه شاهه صاحب، دائم‌اقباله وبرکاته، السلام علیکم - مزاج شریف. صاحبا! هک یا به دفعا عریضا عرض کیل آهن، مگر صاحبجن طرفان فقط هک دعانامو وصول ٹیو هو. امید تہ اها ٹي آهي تہ صاحب جن طرفان هر وقت حالات خیریت جي آگاهي ٹیندي.

۱- منهنجا پیارا شاهه صاحب! مرحومه محترمه بیگم صاحبه جي وفات حسرت آیات کان پوه دل زندگيءَ کان ٹي بیزار ٹي وڃي آهي.

۲- دل ۾ تمام محبت ۽ اشتیاق آهي تہ باقي زندگي صاحبجن سان گڏجي گذارجي ۽ موجوده غلطین کي منهن ڏجي. مگر قدرت اهڙو نمونو رکیو آهي، جو اسان ۽ توهان جو گڏجڻ ٹي محال ٹي چکو آهي. انهيءَ هوندي به صاحب جن پنهنجي پروگرام ۽ دولتخاني ٹي رهڻ بنسبت هر وقت آگاه فرمائيندا رهندا تہ متان کنهن وقت ملاقات جو شرف حاصل کجي.
صحبت گل خوشبو بهتر اگر نہ بودي تشویش خار

۳- وڌیک هيءَ تہ اسان جي اکین جي سائیٽ ۾ کو خاص فیرو نہ آهي، مگر ڏسجي ٹو تہ روپئي مان هک آنو فرحت ٹي آهي. دعا فرمائيندا.

بقلم خود، محمد جعفر

(۳)

جعفرآباد بليدي، پوسٽ اوستو محمد ۹-۹-۱۹۵۰ع.

بخدمت عاليجاه، جناب والا شاهه، حضرت سيد سردار مير غلام مرتضيٰ شاهه، السلام عليڪم- مزاج شريف. صاحبا! ائين برابر آهي ته توهان جي ۽ توهان جي سنگت واري سياست سياحت ڏانهن منهن ڪري ويئي ۽ انهيءَ سياست ۽ دنيا جون اکيون هيون، مگر هن وقت ٽائين ٻيو ته چڏيو، پر سنگت جو يادگيرو ٿي برباد ٿي چڪو آهي. ايتريقدر جو توهان سڀني جو عقل اهو به تسليم نٿو ڪري ته فقط سنگت جو يادگيرو ۽ حالات هڪٻئي کي ڏيئي سگهجي- جڏ ته دنيا جي تختي تان ئي اڻي ويا آهيون. شايد توهان جي سڃي سنگت انهيءَ عقل ۽ انهيءَ فهم ٿي پهتي آهي ته هندن وانگر ٻيو جنم ايندو، جنهن ۾ سنگت جي يادگيري ڪٿي ويندي. سنگت جا گهٽا ماڻهو ته مري چڪا آهن، باقي رهيل جيڪي پاور يا سياست ۾ آهن، انهن جي ته مغز ۾ هڪ لک چوراسي هزار جون ۽ جنم آهن. تن کي ته نڪي آهي سنگت ياد ۽ نڪي آهي ڪنهن جي مهرباني ۽ همٿ جو يادگيرو، ۽ نڪي آهي انهن کي خوف خدا ۽ نڪي آهي قيامت جو انديشو! آهي آهن کهڙو صاحب ۽ قاضي صاحب! نهايت افسوس آهي، جو اوهان به حال احوال ڏيڻ کان ٿي بس ٿي ويا آهيو. ۲-۳ دفعا خط لکيا ويا آهن، مگر جواب ندارد.

فقط نياز. توهان جو، محمد جعفر.

(٦٧)

آنربل ميان علي بخش

هيءُ شڪارپور جو وينل، آن خاندان مان هو، جن ٻاڻ کي نظام دکن جي آصفاهي خاندان مان سڏايو ٿي. هن جا

ٽي پاڻ هڻا: هڪ، خانبهادر نبيبخش محمد حسين، جيڪو هڪ وقت سنڌ جي ڪمشنر لارينس وٽ نهايت مقبول هو، ٻيو مئنيجر انڪمبرڊ اسٽيٽ سنڌ ۽ بهاولپور اسٽيٽ جو ديوان ٽي رهيو. جنهن جو فرزند مظفر، گورنمنٽ پاڪستان ۾ سيڪريٽريءَ جي عهدي تي آهي. ٻيو پاڻ خانبهادر عبدالقادر، سنڌ جو ڪليڪٽر هو ۽ آٽان جهونا ڳڙهه اسٽيٽ جو ديوان ٽي ويو. ٻئه سنڌ ۾ اچي رهيو ۽ وڏيءَ جائداد جو مالڪ بنيو. جنهن جي فرزند بهاولپور جي نواب وڏان شادي ڪئي آهي. ميان علي بخش جو ٽيون پاڻ، ميان رسول بخش ڊپٽي سپرنٽيڊنٽ پوليس جي عهدي تي پهتو، ۽ جواني ۾ فوت ٿي ويو.

آنريبل ميان علي بخش جا ٻڌن ۽ سنڌ جي سڀني خاندانن سان سٺا تعلقات هئا، جنهنڪري ورهين جا ورهيه هند سرڪار جي ڪائونسل آف اسٽيٽ تي سنڌ طرفان چونڊبو آهو. منهنجا ساڻس خاص تعلقات ڪونه هئا، پر سندس پاڻرن، ٻڌن ۽ ٻين دوستن جي ڪري، دوستاڻو رستو ۽ خط و ڪتابت هلندي آئي. سندس ٻه خط هتي يادگيريءَ طور پيش ڪريان ٿو:

(۱)

۱۲- آگسٽ ۱۹۳۶ع.

جناب معظم مڪرم والا شان، سيد ميان غلام مرتضيٰ شاهه صاحب دام الطافه. سلامن ۽ تسليمات بعد التماس ته صاحب جن ڪي نيڪ روشن هوندو ته ڪائونسل آف اسٽيٽ جي وري نئين سر چونڊ ٿيٽي آهي، جا شايد آڪٽوبر ۱۹۳۶ع ڏاري ٿيندي. ميان اڳي ٻه اوهان دوستن جي مهرباني ۽ مدد سان آن ۾ ميمبر آهيان ۽ وري ٻه اميدوار بيهندس. تنهنڪري خدمت عاليه ۾ تصديع ٿو ڏيان ته نوازش فرمائي، پنهنجي قديمانه الطاف ڪان مون ڪي مشڪور فرمائيندا، ته ميان شڪرگذار ۽ ممنون احسان ٿيندس.

ميان هيءَ تصديع ايترو اڳواٽ نه ڏيان ها، پر ٻڌو اٿم

تہ خان صاحب گبول منهنجي برخلاف بهڻ جـو ارادو ڪيو آهي، تنهنڪري اڳواٽ عرض ڪرڻ واجب ٿو سمجهان. اميد تہ تڪليف معاف فرمائي، جواب ڪان ممنون فرمائيندا، تہ باعث نسليءَ جو ٿئي.

زياده و السلام. علي بخش محمد حسين.

(۲)

۲۴- ونڊسر پئلس، نيو دهلي، ۱۹- فبروري ۱۹۳۷ع.

بجناب معظم مڪرم والاشـان سيد سلطان غلام مرتضيٰ شاهه صاحب، دام اشفاقه! سلامن ۽ تسليمات بعد التماس تہ اڄ اخبارن مان معلوم ٿيو تہ صاحب جن سنڌ اسيمبليءَ ۾ چونڊيا آهن. اها ڀالهه ڏسي، گهڻي خوشي حاصل ٿي آهي. خدا مبارڪ ڪري. مهرباني فرمائي منهنجي طرفان مبارڪون قبول فرمائيندا.

والسلام، علي بخش محمد حسين.

(٦٨)

خان صاحب عبدالحميد خان پٹاڻ

خان صاحب عبدالحميد خان پٹاڻ، خداداد خـان لوهاڻ جو فرزند ۽ اعليٰ تعليم يافته فرد هو. هيءُ ڪجهه وقت انگلينڊ ۾ رهيو. سندس والد، سنڌ جي ڪمشنر جو مور منشي هئڻ ڪري، سنڌ جي خاندانن ۾ وڏي حيثيت رکندڙ هو.

خان صاحب، سچو دوست، آزاد خيال رکندڙ ۽ آزاد خيال پسند ڪندڙ هو. سياست ۾ ڪو خاص درجو حاصل ڪري نہ سگهيو. پر باوجود آن جـي، گهڻن سياستدانن وٽ سندس قدر ۽ منزلت هوندي هئي. مون سان ۽ هن جو لاڳاپو هو، انڪري آڳ مناسب سمجهان ٿو تہ سندس ۽ خط ڏيئي، هن جي يادگيري تازي رکان.

[چيهل] (۱)

عاليجناب کرمفرماي من عاليجاه سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب. بعد تسليم- السلام عليڪم- بعد عرض ٿ- تمام سنڌ جي صاحبان کي روشن هوندو ته اعليٰ وائسراء هند جي ڪائونسل يعني انڊين ليجسليٽو اسيمبليءَ جي چونڊ عنقريب ٿيڻي آهي - مون کي قوم جي خيرخواه دوستن آن جاءِ لاءِ اميدوار ٻيهڻ جي صلاح ڏني آهي ۽ عام مسلمانن جي طرفان ٻن جاين مان هڪ لاءِ اميدوار ٻيڻو آهيان . جو سنڌن چوڻ آهي ته هندستان سڄي لاءِ جنهن ڪائونسل ۾ قاعدا قانون ٺهن ٿا تنهن لاءِ ڪائونسل ۾ ميمبر اهڙائي موڪلڻ ڪپن، جي نه رڳو انگريزيدان هجن پر تجربيڪار ۽ قانون قاعدي مان واقف ۽ اهڙين وڏين ڪائونسلن جي نشست برخواست ۽ نموني جي پورو پورو آزمودو ڪين هجي. مون کي اگرچ پنهنجي وڏائي ڪندي حياءُ ٿو اچي، ۽ جنهن حالت ۾ آن جاءِ لاءِ ميمبر چونڊيندڙ سڄيءَ سنڌ جا هزارين ووٽر آهن، گوڪٽي گهٽن صاحبن منهنجو نالو مسلماني همدرديءَ ۽ ملڪساريءَ ۾ گهڻو ٻڌو هوندو- تاهم مڙني صاحبن سان ممڪن نه آهي جو ڪنهن اميدوار جي پوريءَ طرح واقفيت هجي، تنهن حالت ۾ لاچار ٿيو انهم ٻڌائڻ.

مان نه رڳو انگريزي لکي پڙهي ٿو ڄاڻان ۽ ۹- (نو) ورهيه سڄا ولايت ۾ باعدي قانون جي تعليم ورتي اٿم. ملکي پالٽيڪس ۾ ڇڪو تجربو حاصل ڪيو اٿم ۽ خاص ولايت جي وڏين سوسائٽين جو آزمودو آهي ۽ پارليامينٽ هائوس آف لارڊس خواه هائوس آف ڪامنس وغيره جي نمونن کان ٿ پورو واقفڪار آهيان- ۽ ولايت کان موٽي اچي نه مون پنهنجو وقت اجايو ڪونه وڃايو آهي، ۽ آهو سمورو وقت سڪر ميونسپالٽيءَ خواه ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ ۽ تعلقي لوڪل بورڊ توڙي اسلامي جماعتن وغيره جو نه رڳو ميمبر ۽ عهديدار ، وائيس پريزيڊنٽ، پريزيڊنٽ ۽ سيڪريٽري رهي، اڄ تائين قومي ۽ ملکي خدمت ڪندو ۽ تجربو وڌائيندو آيو آهيان. سڪر جي ٻنڊ ماجسٽريٽن جو ٻڌ ۷ سال چيئرمن

ٿي رهيو آهيان. ظاهر آهي ته اهڙي ڪاب ڪانفرنس يا ميٽنگ سنڌ اندر خواه بمبئيءَ تائين اڪثري رهيل نه هوندي، جو مان سڏيو ويو هوندس ته ياد نه اٿم ته ڪڏهن به مان خرچ يا تڪليف جو لحاظ ڪري وڃڻ کان بـ ڪو گسايو هوندو. ازان سواءِ ورهين کان ڪوآپريٽو ڪريڊٽ بئنڪ سکر جو پڻ چيئرمن آهيان. زياده جاگيردار ۽ زميندار به آهيان.

مون کي پنهنجي خانداني حيثيت جي پڌائڻ جي زياده ضرورت ڪانه ٿيندي، جو ماشاءَ الله منهنجي نصيبي ايا کي برڪزيده بزرگ صاحب سنڌ ۾ مون لاءِ موجود آهن. تنهنڪري شايد هيءَ پڌائڻ بس ٿيندو ته مان مرحوم خانبهادر خداداد خان مشهور مير منشي ڪمشنر سنڌ جو فرزند آهيان. جنهن کـي سڄيءَ سنڌ جا خاندان، پير صاحب، مير صاحب خواه سردار ۽ جاگيردار زميندر بخوبي سڃاڻن ٿا ۽ پڪ اٿم ته سندن نوجوان اولاد به پنهجي بزرگن کان سندن رابطه محبت جو ذڪر ٻڌو هوندو. اميد ته ان مدنظر تي مدد ڪري پنهنجي بزرگن جي محبت جو ثبوت ڏيندا.

تمام صاحبان کي بخوبي روشن هوندو ته سندن نوازش سان جڏهن مان اڳ ساڳيءَ جاءِ لاءِ چونڊيو هوس ته آها جاءِ باقي مرضي فقط ڇهن مهينن لاءِ هئي، جنهن ۾ فقط هڪڙي دفعي وڃڻ جو موقعو مليو هو ۽ افسوس ته اگرچ خدمت ڪرڻ جو پورو وجهه نه مليو تاهم حاضر رهي ڪوشش ورتم ۽ آزاديءَ سان ووٽ ڏنم. جنهن لاءِ رڪارڊ موجود آهي.

از آن بعد ساڳيءَ جاءِ جي هلندڙ ڏرم لاءِ مرحوم مسٽر پرگڙي غلام محمد صاحب پاڻ اميدوار هو ۽ آن جي چوڻ تي نه بيٺس، جو مون کي سندن لاءِ گهڻي عزت ۽ پيار هو.

نيڪ روشن هجي ته هن سال ساڳيءَ انڊين اسيمبليءَ ۾ سنڌ لاءِ به جايون آهـن، جنهن ۾ (۵۷) پنجهتر روپيه ڏل وارا ۽ انڪم ٽئڪس ڏيندڙ صاحب فقط ووٽ ڏيڻي سگهن ٿـا. تنهڪري معزز قدردان صاحبن جـي قديم نوازش ۽ انصاف ۾

اميد اٿم تہ ٻـن جاڻن مان هڪڙي جاءِ ڏيڻ سان مون کي عزت وارو ڪري مون کـي پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ خدمت ڪرڻ جو پورو وجهہ ڏيندا ۽ پڪ ٿو ڏياريان تہ بحڪم ايزدي پنهنجي مسلماني انجام ني قائم رهي، پاڻ کي اوهان صاحبن جو پورو عيوضي ثابت ڪندس. ۽ سڀني صاحبن جي قومي محبت ۽ اسلامي حميت ۾ قوي امد آهي تہ شفقت فرمائي قومي بهتري نظر ۾ رکي پنهنجا ۽ پنهنجن عزيزن خواه دوستن جي ووٽن ڏيارڻ سان مشڪور ۽ ممنون فرمائيندا تہ زهي احسان. ووٽن ڏيڻ جي تاريخ ۽ پنهنجو نشان مقرر ٿيڻ تي اطلاع ڏنو ويندو ـ پلائي ڪري هن نيازنامي جو جواب عطا ڪندا تہ عين نوازش.

نحيف، عبدالحميد خداداد خان، سکر پراٹو، ۱ـ جولاءِ ۱۹۲۶ع.

(۶۹)

خانبهادر الهہ بخش گبول

خانبهادر الهہ بخش گبول ، ميان خداداد خان گبول جو فرزند هو، جيڪو پنهنجي سادگيءَ ۽ محنت سان ڪراچي شهر ۽ آسپاس ۾ وڏيءَ ملڪيت جو صاحب بنجي ويـو هو. ميان الهہ بخش، سنڌ مدرسـي ۾ پڙهي ، لوڪلبورڊ جـو ميمبر ٿيو. منهنجي لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽيءَ وقت هيءُ وائس پريزيڊنٽ هو ۽ مون کان پوءِ پريزيڊنٽ ٿي رهيو. پوءِ سنڌ اسيمبليءَ ۾ حاجي عبدالله هارون ۽ شيخ عبدالمجيد جي مقابلي ۾ چونڊجي آيو. انهيءَ تہ مان ڪجهہ وقت اڳ، جڏهن هي مئجسٽريٽ هو، غازي عبدالقيوم جي شهادت بعد مشتعل مسلمانن جـي هجوم تي ٽيل گوليبازيءَ ۾ ۲۴ مسلمان شهيد ٿيا هئا. پر جيئن تہ ماڻهن جا حافظا نهايت ڪمزور رهندا آهن ، تن اهـا گاڙهہ وساري، هن کان سنڌ جي ٻن نهايت مقتدر هستين جي مقابلي ۾ ڪامياب ڪرايو. هيءُ سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڊپٽي اسپيڪر ۽

۽ چيف پارليامينٽري سيڪريٽري به ٿي رهيو. خانبهادريءَ جو لقب حاصل ڪيائين. سر غلام حسين جو دست راست هو. مون سان دوستانا تعلقات پچاڙيءَ تائين ٽورينڊو آيو. سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو اٿم. ڪجهه وقت ٿيندو ته وفات ڪري ويو آهي. سندس پٽ عبدالستار گبول، هن وقت پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر آهي، ڪجهه وقت سنڌ حڪومت جو وزير هو ۽ هن وقت پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر آهي. ڪجهه وقت سنڌ حڪومت جو وزير هو ۽ هن وقت مرڪزي وزارت ۾ آهي.

خانبهادر جا ٻ خط ڏجن ٿا:

(۱)

ڪراچي، ۱۰-۲-۱۹۲۶ع.

بخدمت جناب اعليٰ شاهه صاحب، سندا سلامت باشد!

بعد گهڻن نيازن جي عرض آهي ته حضور جن جو خط ۶ فبروري ۱۹۲۶ع جو مليو. دل کي بلڪل وڏي خوشي حاصل ٿي. اميد

* (۲)

ڪراچي، ۷- فبروري ۱۹۲۷ع.

پيارا شاهه صاحب! ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ميٽنگ ۲۴ تاريخ ٿيندي، مهرباني ڪري پنهنجو وعدو نه وساريندا ۽ ايندا. اميد ته خوش باش هوندا.

اوهان جو مخلص، الهه بخش خان گبول.

* (۳)

ڪراچي ۴- جنوري ۱۹۳۲ع.

پيارا سيد غلام مرتضيٰ شاهه! آءٌ اوهان جي مبارڪبادي لاءِ شڪرگذار آهيان، جا اوهان مون کي خان صاحب جي لقب

ملڻ تي موڪلي آهي. ان جو مون کي احساس آهي.
سلامن سان، اوهان جو الهه بخش

آهي تہ آئيندي بہ ائين ڪندا رهندا تہ وڏي مهرباني ٿيندي.
حضور جن فرمايو تہ هڪ خط اڳي موڪليو ويو، مگر سو
اسان کي نہ مليو. اسان هڪ خط ۶ فبروريءَ تي موڪليو هو.
اميد آهي تہ حضور جن کي مليو هوندو، جنهن ۾ ڪجهہ ذڪر
مسٽر نارائڻداس جو هو.

پيو ڪو ڪم ڪار هجي تہ بنان حجاب جي لکندا، تہ
بندو چشمن سان ڪرڻ لاءِ تيار آهي. اميد تہ پنهنجي حال احوال
کان واقف ڪندا.
زياده خير. تابعدار، الهه بخش خداداد خان گبول.

(۴)

خيرپور اسٽيٽ هائوس، لارينس روڊ، ڪراچي، ۴- آگسٽ ۱۹۳۶ع.

ڪرمي مشفقيام جناب سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب
سلمه‌المنان. بعد السلام عليڪم جي احوال عرض تہ اينڊ
آڪٽوبر مهيني ۾ ڪائونسل آف اسٽيٽ جي ميمبرن جي
جيڪا ڇين چونڊ ٿيندي، ان ۾ سنڌ جي مسلمانن طرفان جا
هڪ ميمبر جي چونڊ ٿيندي، تنهن لاءِ اوهان صاحب بہ ووٽر
آهيو. تڪن اوهان جهڙن مخلص دوستن جي مشوري سان مون
انهيءَ چونڊ ۾ اميدوار بيهڻ جو فيصلو ڪيو آهي. مون کي
قوي اميد آهي تہ اوهان صاحب نہ رڳو انهيءَ چونڊ ۾ مون
کي پنهنجو ووٽ ڏيندا، پر سڀني دوستن، احبابن ۽ متعلقين جا
ووٽ مون کي ڏياري، مون کي ممنون ۽ مشڪور ڪرڻ فرمائيندا.

مون کي قومي ڪمن، خصوصاً لوڪلبورڊ ۽ ميونسپالٽين
جي ڪاروبار جو ڪافي تجربو آهي. ڪائونسل آف اسٽيٽ ۾
ميمبر ٿي وڃڻ ۾ منهنجو مڪمل مقصد، پنهنجي مسلمان پائرن
۽ سنڌ پرڳڻي جي خدمت ڪرڻ ۽ خاص زميندارن ۽ جاگيردارن
جي اقتصادي حالت کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ آهي.

اميد ته اوهان ۽ اکر اميدافزا جواب جا لکي موڪليندا ته احسانمند رهندس. اميد ته جلد ئي اوهان صاحبن جي روبرو ملاقات جو شرف ۽ اچي حاصل ڪندس.

زياده خيروالسلام. بنده نيازمند، (خان صاحب) الهه بخش خان گبول، پريزيڊنٽ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ، ڪراچي.

(۵)

۱۷-۶-۱۹۴۱ع.

جناب شاهه صاحب! بعد گهڻن سلامن جي عرض ته خير محمد خان گبول موڪلجي ٿو. وڏيري رسول بخش خان ۽ حاجي داؤد خان عرض ڪيو ته گبولن جو فيصلو عيد کان پوءِ ڪندا. سي گبول اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا. سي اوهان جا مريد آهن.

مون کي اميد آهي ته اسان جي وڏيرن جو عرض قبول ڪندا. ٻنهي ڌرين کي چوندا ته ڏانڊرو نه ڪن.

ٻيو ڪو ڪم ڪار هجي ته لکندا.

فقط الهه بخش.

(۷۰)

مسٽر لوڪا مل گوبند بخش

مسٽر لوڪامل گوبند بخش، حيدرآباد شهر جي عاملن ۾ هڪ وقت خاص اثر وارو صاحب هو. هيءُ، قاضي عبدالقيوم ۽ خانبهادر محمد احسان ۽ خواجه ڪريمڏنو پاڻ ۾ گهاڻا يار هوندا هئا. حيدرآباد جي ميونسپالٽي سياست ۾ خاص اثر هئن. هن جي گورنمنٽ ۾ چڱي دسترس هئي. سر غلام حسين سان ويجها تعلقات هئس. آزاد خيال هئڻ ڪري مون سان ۾ لاڳاپو رهيس. پاڪستان بنجڻ بعد هندستان لڏي ويو. هن وقت وفات

ڪري ويو آهي. سندس هڪ خط ڏجي ٿو:

(١)

وولزلي هائوس- ٣٢٣ فلور، سامهون ڪوفريج بمبئي -١، ٣٠- جولاءِ ١٩٥١ع.

پيارا شاهه صاحب! منهنجا اوهان سان تعلقات، ڏندي مير غلام‌علي (حيدرآباد) جي سيد شير علي شاهه جي ڏينهن کان وٺي قائم آهن، جنهن مون کي ڪوٽڙيءَ ۾ ڪجهه دوستن سان گڏ اوهان جي لوڪلبورڊ اليڪشن ۾ مدد لاءِ آندو هو.

هندستان اخبار ۾ اوهان جي تازي دلچسپ ڪتاب بابت پڙهيم، جنهن ۾ اسان کي وطن موٽي اچڻ جي دعوت ڏني اٿو. اکين ۾ ڳوڙها اچي ويم. آءٌ هن وقت ٧٣ سالن جو آهيان ۽ هر روز وطن کي ياد ڪندو رهندو آهيان.

آءٌ اوهان جي اوهان جي ان ڪتاب پڙهڻ جو منتظر آهيان. مهرباني ڪري مون کي ٻڌائيندا تہ آءٌ اهو ڪتاب ڪٿان هٿ ڪري ٿو سگهان؟ مون کي سنڌ جي سياست سان گهڻي دلچسپي آهي. منهنجو پيارو دوست سر غلام‌حسين ۽ آءٌ جڏهن گڏجي ويهندا هئاسون، تہ اوهان بابت ڪافي گالهائيندا هئاسون. خدا اوهان کي نهايت خوش رکي!

اسان آسوند آهيون تہ ڪڏهن ٿا وطن واپس ورون!

"سرجي نہ ڏيهہ ڏئي، جو وطن، وطن، وطن چڏائي!"

پيارن ۾، اوهان جو خيرخواه، لوڪامل گوبنديجي.

(۷۱)

سيٺ پرتابراءِ ڪيسڪداس

سيٺ پرتابراءِ ڪيسڪداس ميرپور خاص جو وڏو زميندار هو. سنڌ جي پائيينڊ ڪلاس جي سنڌ اسيمبلي ميمبرن ۾ پنهنجي هوشياريءَ، همت ۽ يار ويسيءَ ڪري ممتاز درجو رکندو هو. پائيينڊ ڪلاس جي ميمبرن جي اڪثريت هن جي وڻ مطابق هلندي هئي، ان ڪري وزارت ٺاهڻ ۾ هن جو وڏو هٿ رهندو هو. ۱۹۳۷ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊبو آيو. ۱۹۳۰ع ۾ جڏهن اسان سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي پهرين ڪانفرنس، مسٽر جمشيد مهتا جي صدارت ۾ ميرپور خاص ۾ سڏائي هئي، تڏهن هيءَ آن وقت ميونسپاليءَ جو صدر هو.

مون سان خاص دوستانه تعلقات هئس. مون سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ بيان ڪيو آهي. هيءَ منهنجو سنڌ اسيمبليءَ ۾ نه صرف همعصر سائي رهيو، پر دوست به هو. گهڻي وقت کان پوه ۱۹۵۶ع ڌاري ڪراچيءَ ۾ سائس ملاقات ٿي، تڏهن هيءَ طبيعت ۾ بي سکالو ۽ تمام ڪمزور هو.

منهنجي حالت به ساڳي هئي. مون کي چيائين ته "پاڪستان ٿيڻ بعد اسان هندن سان جيڪي وهو واپريو، سو ته سمجهه ۾ اچي سگهي ٿو، جو ٻن قومن جي نظريي ته ملڪ جدا ڪرايو ويو ۽ نفرت نفاق جا اهي نتيجا نڪرڻا هئا - پر تعجب اهو ٿو ٿئي، جو توتي اهي مصيبتون ڪيئن پيئون؟ چا، تون اهو ساڳيو مائهو نه آهين، جنهن ضد ۾ اچي، سنڌ جي هندن کي "ڏهوڊي" سڏيو هو؟ چا، تو پاڪستان ۽ مسلم ليگ جو جهنڊو کڻي، هندن خلاف نفرت ڦهلائڻ ۾ گهٽتائي ڪئي هئي؟ چا، تو مسلمان واپارين سان واپار ڪرڻ جو نعرو بلند نه ڪيو هو؟ چا، تو سنڌ اسيمبليءَ اندر جناح صاحب جي

قتل جي ڪوڙي خبر ٻڌي ، ٻارن ۽ زالن وانگر زار زار نه رنو هو؟ ڇا، تو سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جو ٺهراءُ پيش ڪري، پاس نه ڪرايو هو؟ ڇا ۱۹۳۸ع ۽ ۱۹۴۳ع ۾ تو مسلم ليگ جي ڪانفرنسن جي ڪاميابيءَ ۽ جناح صاحب جي اعليٰ استقبال لاءِ انتظام نه ڪرايو هو؟ - پوءِ به آهي ماٺهو ، جن مسلم ليگ سان دغائون ڪيون هجن، رشوتون کاڌيون هجن، ملڪيتون وڌايون هجن، سي اوڄ تي هجن، ۽ تون "غدار ملت" سڏجين؟ ڳري ڪنڌا ٿي ويو آهين- ان ڳالهه جو راز مون کي معلوم نٿو ٿئي ، ته اهي تڪليفون هندن طرفان توکي ڏنيون وڃن ها ته سمجهي سگهجن ها، پر مسلمانن طرفان توکي ڏنيون وڃن، جن لاءِ تو رت ولوڙي پاڻي ڪيو؟!"

پچاڙيءَ جو هيءُ تندرستي ٺيڪ نه هجڻ ڪري، لڏي وڃي ڪجهه وقت لاءِ جئ پور (انڊيا) طرف رهيو، پر ملڪ نه ڇڏيائين، ۽ ميرپورخاص (سنڌ) ۾ ۱۳- ڊسمبر ۱۹۶۵ع تي وفات ڪري ويو. سندس به خط هتي ڏيڻي رهيو آهيان.

(۱)

ميرپورخاص، ۲۴-۹-۱۹۳۷ع.

بخدمت جناب سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب ! نوبدن - خط اوهان صاحبن جو پهتو - وڏي مهرباني. معاف ڪندا، جو آءٌ اوهان کي احوال ڪونه ڏيئي سگهيس. مون کي حيدرآباد ۾ معلوم ٿيو ته گهٽو ڪري نومبر ۾ سيشن ڪرڻ جي مرضي اٿن. ان لاءِ کو تحرڪ هلائڻ ضروري آهي. توهان صاحب ڪراچيءَ ڪڏهن وڃڻا آهيو، ان جي مهرباني ڪري خبر ڏيندا ته آءٌ ان موقعي تي ڪراچيءَ اچڻ جي ڪوشش ڪندس. مون کي رٽون رٽيون آهن، جي منهنجي خيال ۾ ملڪ لاءِ ڪارائتيون ٿيندیون. روبرو آنهن تي صلاح ڪئي ويندي.

اوهان مهرباني ڪري هن ڏر ملڪ کي به پنهنجو ديدار

ڪرايو تہ بهتر. اميد تہ اهڙيءَ نوازش جـي خبر جلد ڏيندا.
ڪار خدمت هن طرف هجي تہ لکندا. بيو سڀ سک.
شيوا ۾، پرتابراءِ ڪيسڪداس.

(۲)

ميرپور خاص ۷-۱۰-۱۹۳۷ع.

جناب شاهه صاحب! نوبدن- خط اوهان جو پهتو. اوهان ارشاد فرمايو تہ ۱۰ ڏينهن بعد هن طرف اچي سگهندا. ٻاهريون گشت ڪرڻ ۾ اچي- براج جي حد جو فصل هن وقت ٽائين مهلي جي مرض ڪري تمام خراب ٿي چڪو آهي، ٽنهنڪري ٻهراڙيءَ جو گشت ڪرڻ ضروري آهي، جو اسيمبليءَ ۾ جنرل اسپيشل معافيءَ جو سوال ضرور اٺارٽو پوندو. P.W.D رسائـي ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ۱۰ آڪٽوبر تي رکيل آهي، جنهن تي وڃڻ ضروري آهي، جو گهٽو ڪري آخري فيصلا ڪرڻا پوندا. شايد آتي هفتو يا وڌيڪ وقت لڳي وڃي. جيڪڏهن اوهان تاريخ ۱۰ کان ٻوءِ ڪراچيءَ وڃڻا هجو تہ مهرباني ڪري اطلاع ڏيندا تہ آتي روبرو گڏجي صلاح مصلحت ڪئي وڃي. ٻيءَ صورت ۾ آءٌ ڪراچيءَ کان موٽڻ بعد اوهان کي خبر ڏينداس، ٻوءِ اوهان تاريخ مقرر ڪجو تہ هن ضلعي جي ٻاهراڙيءَ جو گشت ڪجي.

هز ايڪسيلينسيءَ ۳۸ ميمبرن، جي گهر ڏانهن ڪوبہ ڏيان نہ ڏيڻي، سيشن گهرائڻ کان انڪار ڪيو آهي. اها هڪ قسم جي اسيمبليءَ جي بيعزتي آهي. انهيءَ بابت ۾ ڪراچيءَ ۾ صلاح ڪرڻ بهتر ٿيندي. بهتر ٿيندو تہ خانبهادر الهه بخش بـ انهيءَ سوٽعي تي هجي. آءٌ ڪراچيءَ ۱۴- آڪٽوبر تي ڪوئٽا ميل يا سنڌ ميل ۾ ويندس.
ڪار خدمت هجي تہ لکندا.
شيوا ۾، پرتابراءِ.

(۷۲)

مير رسول بخش ٽالپر

مير رسول بخش ٽالپر ، حيدرآباد جي محموداڻي ميرن جي شاهي خاندان مان، مير نبي بخش خان ٽالپر جو فرزند ۽ مير حاجي علي احمد خان ٽالپر جو ننڍو ڀاءُ آهي.

هيءُ آزاد خيال ۽ باهمت ڪارڪن آهي.

ڪجهه وقت عوامي ليگ ۾ ڪم ڪيائين ، پوءِ پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو. سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ ڪجهه وقت لاءِ سنڌ جو گورنر ٿيو. هن وقت پيپلز پارٽيءَ کان ٻاهر مخالفت ۾ ويٺل آهي.

سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾، مير علي احمد خان جي احوال سان گڏ ڏنل آهي، ان ڪري هتي وڌيڪ ڏيڻ مناسب نٿو سمجهان.

سندس هڪ خط ڏجي ٿو.

(خط)

۲۵-۸-۱۹۶۸ع.

مڪرم و محترم عاليجناب قبلا حضرت سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب، والا جاهه! السلام عليڪم ـ آئيندڙ هن نياز نامي جو مستري جڙيو، اسان جو ماڻهو آهي، سرڪار جي خدمت ۾ موڪلي رهيو آهيان. احوال روبرو عرض ڪندو. سندس امداد فرمائي، مون کي پنهنجو مشڪور ڪندا.

اميد ته سرڪار جي طبيعت بخير هوندي.

اسان جي لاءِ ڪو حڪم هجي ته تحرير فرمائيندا.

خادم هر طرح حاضر آهي.

والسلام. خاڪپاءِ، رسول بخش عفي عنه.

(۷۳)

حاجي عبدالحميد جتوئي

حاجي عبدالحميد جتوئي، قادربخش خان جتوئيءَ جو فرزند ۽ پٽي جي جتوئين مان وڏو زميندار آهي. ۱۹۵۳ع جي چونڊن ۾ هيءُ سنڌ اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيو ۽ مخالفت ۾ ويٺو. ان کان پوءِ ون يونٽ جي قيام وقت، هن سنڌ اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ ٺهراءَ جي مخالفت ڪئي. پوءِ هيءُ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ چونڊيو ۽ اسان سڀ سنڌ متحده محاذ ۽ نيشنل عوامي پارٽيءَ ۾ گڏ هو. ليڪن قاضي فضل الله سان شخصي لاڳاپن ڪري، ڪيترين ڳالهين ۾ سندس ساٿ ڏيندو هو.

تازين اليڪشنن ۾ پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو. ڪجهه وقت پٽي صاحب جي طرف سان ڪريل هو، هاڻ سنڌ جي وزير اعليٰ، غلام مصطفيٰ خان جتوئيءَ جي ڪري وري پٽي صاحب جي ويجهو ٿيو آهي.

اسيمبليءَ ۾ ڳالهائيندڙ، ماڻهن جا ڪم ڪندڙ ۽ باهمت ڪارڪن آهي. هيءُ پيپلز پارٽيءَ ۾ "جي حضورين" مان نه آهي.

سندس چند خط ڏجن ٿا.

(۱)

ٽنڊو، ۱۳- اپريل ۱۹۴۹ع.

مشفق و مڪرم جناب سيد غلام مرتضيٰ شاهه، سدا سلامت

بعد السلام عليڪم جي عرض ته نيازنامو آڻيندڙ ماڻهو خدمت ۾ اچي ٿو. هتان اسان جي ڳوٺ مان آڇر ڇانڊيو پانهن ڪٽي ويو آهي، جو سائينجن جي پير ۾ ويندل آهي. مهرباني ڪري هن

ماڻهوءَ کي پاڻهن موٽارائي ڏيندا تہ نيازمند مشڪور رهندو.
فقط نيازمند، عبدالحميد جتوئي.

(۲)

ميهڙ (دادو) سنڌ، ۱۰- مارچ ۱۹۵۶ع.

مشفق و مڪرم جناب سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب،
دائم اقبال! بعد السلام عليڪم جي عرض تہ نوازشنامو پهتو ، وڏي مهرباني. پروگرم جيڪو به اوهان رکندا، اهو ٺيڪ ٿيندو. فقط پروگرام کان هڪ هفتو اڳ اطلاع ڏيندا تہ وڏي نوازش، تہ جيئن ڪو سٺو انتظام ڪري سگهجي. لائوڊ اسپيڪر هن ماڻهوءَ هٿ موڪليان ٿو ، اميد تہ قبول پوندو. باقي اوهان پنهنجي پروگرام ۾ سيوهڻ ۽ ڪڙ لکيو آهي. ڪڙ تمام ننڍو ڳوٺ آهي، جنهن ۾ ميٽنگ ڪرڻ بدران خيرپور ناٿن شاهه ۾ ڪجي، چاڪاڻ تہ تعلقي جو هيڊڪوارٽر ۽ وڏو شهر آهي. ان ڪري خيرپور موزون ٿيندو. پنهنجي پروگرام ۾ اها تبديلي ضرور ڪندا.

اوهان پير صاحب سان صلاح ڪرڻ لاءِ لکيو آهي. پير صاحب ڪراچيءَ ويل آهي. دادوءَ ۽ جوهيءَ بابت اوهان سائس صلاح ڪندا. جي واپس آيو تہ مان به سائس گهالهائيندس. ميهڙ ۽ خيرپور جو انتظام مان پاڻهي ڪندس ، اهو منهنجي ذمي آهي.

مهرباني ڪري پنهنجي پروگرام جو احوال ٽپال رستي ڏيندا، چاڪاڻ تہ گهٽا ڏينهن ٿي ويا آهن ۽ زماني جي سياسي حالتن تي ڪي صلاح مشورا به ڪرڻا آهن.

اميد تہ جلد ملاقات ٿيندي ۽ وڌيڪ احوال روبرو ڪبا.
هن ڳڏ حاجي عبدالمجيد خان جو خط به موڪليان ٿو، جو به اميد تہ مطالع ڪندا.
فقط، بنده عبدالحميد جتوئي.

(۳)

ميهڙ سنڌ، ضلع دادو، ۷- جولاءِ ۱۹۰۶ع.

جناب شاهه صاحبا! بعد السلام عليڪم جي عرض ته- گهڻا ڏينهن گذري ويا آهن، جو ملاقات نصيب نه ٿي آهي، اميد ته جلد زيارت نصيب ٿيندي ۽ پوءِ حال احوال ڏيا.

اخبارن مان ائين معلوم ٿيو آهي، ته شايد جولاءِ ۾ اسيمبليءَ جو اجلاس ٿئي. جيڪڏهن اجلاس ٿئي ته- مهرباني ڪري پنهنجي پروگرام جو اطلاع ڏيندا ۽ منهنجي سٺ پاڻ سان گڏ رزروڊ ڪرائيندا، ته- جيئن گاڏيءَ ۾ هلي سگهجي. مهرباني ڪري هاڻ جي پروگرام جو به چار ڏينهن اڳ ۾ اطلاع ڏيندا.

۲- ته چانورن جي هڪ ٻن گوٽين جي ٻلڻي خدمت ۾ موڪلياڻ ٿو، جا استيشن تان چڏائيندا.

۳- اوهان ته ڪراچيءَ جون ڏڏيون هوائون ڪائيندا هوندا، اسان جي قسمت ۾ ٻڻي جون گرمون ۽ ميڙ آهن. شايد اها ڪسر اسان کي اڳتي قيامت ۾ ملي. خير، اوهان ته اها ڳالهه ڪونه مڃيندا، تنهنڪري بحث اجايو آهي.

نارو [پڳٽ ڊاڪٽر خان صاحب] ڏاڍا سور ڏنا آهن. اميد ته لاهور سور ونڊيا. مهرباني ڪري خط جو جواب ڏيندا.

فقط، بنده عبدالحميد جتوئي.

(۴)

۱۰- ڊسمبر ۱۹۵۶ع.

جناب شاهه صاحب! بعد السلام عليڪم جي واضح هجي ته نوازشنامو اوهان جو پهتو. وڏي مهرباني.

مون کي سخت ارمان ٿيو، جڏهن اوهان جي حڪم جي تاريخ ۽ منهنجي پنهي ڪمن جي طهر جي تاريخ ساڳي ٿي پئي آهي. ماڻ لاهور کان موٽڻ بعد پنهنجي پنهي ڪمن جي سنت ڪرائڻ جو خيال ڪيو ۽ ڊاڪٽر سان صلاح ڪري

۱۷- تاريخ سومر جو ڏينهن مقرر ڪيو اٿئون . رسم بلڪل سادگيءَ سان ادا ڪبي ، پر تنهن هوندي به ساڻئي ڏينهن ٻنهي پاسي ڏيوڻي ڏيڻ ڏاڍو مشڪل آهي. اتفاق جي ڳالهه آهي، نه ته مون کي پاڻ ڏاڍو شوق هو ته اهڙي ماٺهوءَ سان واقفيت پيدا ڪجي ها ۽ اوهان جي حڪم جي تعميل ڪجي ها.
انهيءَ هوندي جيڪڏهن پروگرام ۾ ڪا ڦيرڦار ٿئي يا ٽي سگهي ته پوءِ مون کي فقط اڇ جي وقت ۾ پارٽيءَ جي انداز جو احوال ڏيئي ڇڏيندا. اميد ته سڄو بندوبست ٿي ويندو. اميد ته منهنجي مجبوريءَ کي ڏسي ضرور معاف ڪندا ۽ ويڌيڪ جيڪو احوال هجي، سو ڏيندا ته نوازش.
بنده، عبدالحميد جتوئي.

(۵)

۲۴- اپريل ۱۹۵۷ع.
خدمت ۾ جناب شاهه صاحب! بعد السلام عليڪم جي عرض ته نيازنامو آڻيندڙ احوال روبرو عرض ڪندو. مهرباني ڪري ، سندس انصاف روپ تدارڪ ڪندا، ته عين نوازش.
بنده، عبدالحميد جتوئي.

(۷۴)

رئيس حاجي عبدالمجيدخان جتوئي

حاجي عبدالمجيد خان جتوئي، رئيس خان صاحب ڪريمبخش خان جتوئيءَ جو فرزند ۽ ٻيٽي جي جتوئين مان هو. ۱۹۵۳ع کان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊبو آيو. مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر به رهيو. پڇاڙيءَ جي وقت ، هن مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ جنهن جرئت ۽ بهادريءَ سان ون يونٽ جي مخالفت ڪئي، سا تعريف لائق آهي. يار ويس، خوش خلق

۽ دوستيءَ جو سچو هو. مون سان خاص تعلقات هئس. سندس به خط ڏجن ٿا:

(۱)

(تمام ضروري)

۱۱- مارچ ۱۹۵۶ع.

مشفق مڪرم جناب شاهه صاحب سيد غلام مرتضيٰ شاهه.

بعد السلام عليڪم جي واضح هجي ته محمد موسيٰ خان کهوڙو مبادا اوهان وٽ اچي، جو مون زمين ڪٽي هئي ۽ R.O موسيٰ کي ڏني آهي. جنهن تي منهنجي اپيل آهي. هو اوهان وٽ ايندو ته تاج محمد شاهه کي سفارش ڪريو. مهرباني ڪري هاڻي اوهان منهنجي لاه تاج محمد شاهه کي زور دار خط ۽ پنهنجو ماڻهو يا سندس عزيز موڪلڻ فرمائيندا ته ڪيس روبرو ڇوي ته منهنجو اهو اپيل وارو ڪم ضرور پورو ڪري. مهرباني ڪري شاهه صاحب کي تمام گهڻو تاڪيد ڪرڻ فرمائيندا ته منهنجو هيءُ ڪم ڪيئن به ڪري ڏئي. توهان مون تي اها خاص مهرباني ڪرڻ فرمائيندا ته نوازش.

تاج محمد شاهه ڏانهن ماڻهو ۽ خط، هن خط پهچڻ سان، جلد روانو ڪرڻ فرمائيندا، ته جيئن ڪاغذ نيڪال نه ڪرائي ڇڏي.

اوهان جو نيازمند، عبدالمجيد جتوئي.

(۲)

پٽو، ۱۲-۴-۱۹۶۶ع.

مشفق مڪرم جناب شاهه صاحب، سيد غلام مرتضيٰ شاهه دام لطفه. السلام عليڪم و شوق ملاقات جي واضح هجي ته، توهان مون کي روبرو پنهنجو پروگرام منهنجي ڳوٺ، اچڻ جو ۱۹ تاريخ شام يا ۲۰ تاريخ فجر جو ڏنو هو. هاڻي هيءُ نيازنامو عرض رکان ٿو ته اهو پروگرام پڪو آهي يا آن پڪا ڦيرگهير ٿيل آهي. جيڪڏهن ڪجهه ڦيرگهير ٿيل هجي ته

احوال ڈيڻ فرمائيندا، نہ تہ ہيءَ صورت ۾ آءٌ آنهيءَ پروگرام تي مقرر ڪوٽ آهيان.

السلام عليڪم پنهنجن نيڪگرن کي مطالع ڪندا.

اوهان جو نيازمند، عبدالمجيد جتوئي.

(۳)

ٻيٽو، ۲۹-۸-۱۹۶۶ع.

مشفق مڪرم جناب سيد غلام مرتضيٰ شاهہ صاحب، دام لطفہ، بعد السلام عليڪم و شوق ملاقات جي واضح هجي تہ هيءَ نيازنامي جو آڻيندڙ اسان جو پاڙيسري آهي، سندس ڪم سيد غلام مصطفيٰ شاهہ، ڊئريڪٽر صاحب، ۾ آهي. مهرباني ڪري اهو ڪم ڪيس ڪرائي ڏيڻ فرمائيندا تہ نوازش.

اوهان جو نيازمند، عبدالمجيد جتوئي.

(۷۵)

شيخ بهاوالدين صاحب

شيخ بهاؤالدين خيرپور جو ويڙهہ هو، چڱو وڪيل هو. ڪجهہ وقت خيرپور اسٽيٽ جي وزارت ۾ رهيو. سنڌ مسلم ليگ ۾ دلچسپيءَ سان حصو ورتائون. آن وقت کان وٺي سائس تعلقات قائم ٿيا. سندس ٻہ خط يادگيريءَ طور هتي پيش ڪريان ٿو.

* (۱)

خيرپور ميرس، ۲۸-۶-۱۹۵۲ع.

پيارا شاهہ صاحب! اوهان کي وطن ورڻ جون واڌايون. توهان جو سفر نهايت دلچسپ ۽ معلومات جـو ڀنڊار رهيو هوندو. سنڌ جي عوام کي وقت بہ وقت (پين ملڪن جـي ترقيءَ) جي پبلسٽيءَ جي ضرورت آهي. آءٌ نهايت خوش ٿيندس، جيڪڏهن اوهان صرف هڪ ڏينهن ۽ رات لاءِ خيرپور ۾ هڪ

پيلڪ گڏجاڻيءَ ۾ روس ۽ يورپ جي سفر جا تاثرات، هتان جي عوام جي اڳيان اڇي پيش ڪريو. ماڻهو ان مان ڪافي ڪجهه فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا.

مهرباني ڪري منهنجي دعوت قبول ڪندا ۽ منهنجي طرفان اهڙي ٻي قسم جي دعوت رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙيءَ کي به ڏينداء.

جيڪڏهن دلي طرح اڇڻ لاءِ راضي ٿيندا، ته پوءِ گرم موسم جو به ڪو فڪر نه رهندو. ٻوهان شام جو ۷- بجي ڪاري اڇي، ٽينگ کي ڪلاڪ ڏيڍ خطاب ڪجو، ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو نيرن ڪري، واپس پنهنجي ماڳن تي روانا ٿي ويندا. اوهان جهڙن مخلص قومي ڪارڪنن لاءِ موسم رڪاوٽ بڻجي نه ٿي سگهي.

آءٌ گذريل سپٽمبر جي چوڏن بعد، خيرپور ۾ خوش آهيان. مون کي نهايت خوشي حاصل ٿئي ٿي، جڏهن ماڻهو مون کي خيرپور جو بهترين عوامي ليڊر سڏين ٿا.

اوهان جو مخلص، شيخ بهاؤالدين.

* (۲)

خيرپور ميرس، ۲۵- اپريل ۱۹۵۳ع.

پيارا شاهه صاحب! مون کي هڏي نهايت خوشي ٿي آهي ته اوهان سنڌ اسيمبليءَ ۾ بنا مقابي چونڊجي ويا آهيو. هاڻي ماڻهو اوهان جي طرفداريءَ مان فائدو حاصل ڪري سگهندا.

آءٌ مسلم ليگين سان اوهان جي ناخوشگوار تجربن کان خوفزده آهيان، جو اوهان جي دائمي مخالفت پاڪستان جي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ بنجي سگهي ٿي. اها نهايت مشڪل گهالهه آهي ته هڪ مضبوط (Strong) ليڊر جي راين کي بدليل حالتن مطابق ڦيرائي سگهجي. اوهان وٽ پنهنجي راءِ لاءِ مضبوط دليل آهن، پر آءٌ اِن راه جو ٻئي رهيو آهيان ته اوهان کي عرض ڪجي ته مسئلن تي نئين سر غور ڪريو ۽ بدليل

حالتن مطابق پاڪستان جي سالميت لاءِ ڪم ڪريو . توهان پنهنجا منصف پاڻ آهيو، آءٌ اوهان کي زور بار نٿو ڪريان ، پر معاف ڪندا، خط ذريعي پنهنجو دلي رايو ظاهر ڪري رهيو آهيان. اوهان ان کي منهنجو شخصي رايو تصور ڪندا.

اسيمبليءَ ۾ چونڊجي اچڻ جون ٻهر مبارڪون قبول ڪندا.

ٻيو سڀ خير.

اوهان جو مخلص، شيخ بهاوالدين.

(۷۶)

پير قربان علي، نوشهرو فيروز

پير قربان علي، هالن جي مخدومن جي خليفي، مان جمال جو فرزند هو. وڪالت ڪندو هو. هڪ دفعو سنڌ اسيمبليءَ ۾ به چونڊجي آيو ۽ ڪهڙي جي ڏينهن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر به ٿي رهيو. ڳالهيون وڏيون ڪندڙ ۽ همت ٿوري رکندڙ هو. ليڪن اسيمبليءَ ۾ رهڻ ڪري تعلقات قائم ٿيا ۽ خط و ڪتابت به ٿيندي هئي. سندس به خط هن ڪتاب ۾ ڏجن ٿا.

* (۱)

نوشهرو فيروز، ۱۵-۶-۱۹۳۲ع.

پيارا شاهه صاحب ! توهان جي خط لاءِ مهرباني. اوهان جي حڪم جي تعميل نه ڪري سگهڻ جو واقعي ارمان اٿم. مون اڳ ۾ ئي راڻا صاحب ڪرپالاڻي ۽ مسٽر سامتاڻيءَ کي چونڊائڻ لاءِ پاڻ کي پڌل رکيو آهي . جيڪڏهن اوهان جي پارٽيءَ، اوهان جي خط ۾ جاڻايل بن صاحبن کي چونڊائڻ جو فيصلو ڪيو هو، تہ اهڙي فيصلي کان مون کي آڳاٽو آگاهه ڪرڻ کپيو ها.

گذريل مهيني جي ۶ تاريخ مون پنهنجون تجويزون ڏيئي

چڏيون هيون. ان ڪري، آءٌ اوهان جـي ذڪر ڪيل ماڻهن ڪي ووٽ ڏيڻ کان مجبور آهيان.

انهيءَ رواجيءَ معاملي ۾ اوهان کي ناميد ڪندي، مون کي شرم ٿو اچي. اميد ته مون کي معاف ڪندا. آءٌ اوهان کي يقين ٿو ڏياريان ته آئيندي کوبه حڪم ڪندا ته اُن جي بجا آوري ڪئي ويندي.

اوهان جو مخلص، پير قربان علي.

* (۲)

نوشهرو فيروز ۲۲-۲-۱۹۳۶ع.

پيارا شاهه صاحب! اوهان جي خط لاءِ مهرباني. مون واقعي خليفي (عبدالمجيد) صاحب کي لکيو هو ته اوهان کي چئي ته مسٽر نور احمد ميمڻ، B.A,B.T. جي مدد ڪندا، جو سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ نائب ماسٽر آهي، ۽ دادوءَ ۾ ائڊمنسٽريٽو آفيسر آف اسڪولس جي جڳهه لاءِ اميدوار آهي.

اوهان طرفان مون جي مدد ڪرڻ جـي وعدي لاءِ شڪرگذار آهيان. هيءُ اوهان جي ضلعي جو آهي ۽ ان جڳهه لاءِ اهل آهي. هيءُ منهنجو سالو به آهي، ان ڪري آءٌ نهايت شڪرگذار ٿيندس، جيڪڏهن اوهان پنهنجو مڪمل اثر هلائي، سندس مدد لاءِ حتي الامڪان ڪوشش ڪندا.

مون وٽ اوهان جي شڪرگذاريءَ لاءِ لفظ ڪونه آهن.

اميد ته خوش هوندا.

احترام ۽ نيڪ تمنائن سان،

اوهان جو مخلص، پير قربان علي.

(۷۷)

مرزا فرخ بيگ، نوابشاهه

مرزا فرخ بيگ، ٽنڊي ٽوڙهي، حيدرآباد جي مرزائن مان مرزا صادق علي بيگ جـو فرزند هو. بئريسٽري پاس ڪري، نواب شاهه ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. وڪالت به ڪندو هو، پر اڪثر گذر نوابشاهه جي پر ۾ زمين تي هوندو هوس. ورهين جا ورهيه ڊسٽرڪٽ بئنڪ نوابشاهه جو چيئرمن رهيو.

مرزا صاحب شريف، دوستيءَ جـو پڪو ۽ وفادار، مهمان نواز ۽ خوش خلق ماڻهو هو. سائس نواب شاهه ۾ اچـڻ وڃڻ ڪري تعلقات قائم رهيا، جي پڇاڙيءَ تائين هلندا آيا. ڪجهه وقت ٽيندو، وفات ڪري ويو آهي. مرزا صاحب، خانبهادر مرزا سڪندر بيگ جو ننڍو پاءُ هو، جيڪو ڪجهه وقت سنڌ جو سرڪاري وڪيل هو.

مرزا صاحب جا چار خط هتي پيش ڪجن ٿا:

(۱)

نوابشاهه، ۲۸-۹-۱۹۲۳ع.

بخدمت فيضدرجت جناب سيد غلام مرتضيٰ شـاهه، دام الطافڪم! بعد تسليمات واضح ڪندا تم هتي سڀ خير آهي ۽ سلامتي توهان جي گهربل آهي. مطلب ته نوازشنامو اوهان جو پهتو، احوال معلوم ٿيو. آڏ اوهان جـي ان مهرباني۽ لاءِ نهايت شڪرگذار آهيان. ڪم تمام چگو هلندڙ آهي، پر اوهان جي دعا ۽ دوا جي به گهرج آهي. لسٽون سڪرنڊ تعلقي جون موڪليان ٿو. سڪرنڊ تعلقي ۾ چار ٽڪ ٺهرايا ويا آهن: ۱- سڪرنڊ، ۲- لاڙڪاڻو، ۳- ڪنڊهر، ۴- قاضي احمد. هڪ هـڪ ٽڪ جي جـدا لسٽ آهي. ووٽ، پهرين نومبر تي انهن چونڊي

جاين تي ٿيندا . سيڪنهن ووٽر کي ڪاغذ ڏيندا ، جنهن تي پنهي اميدوارن جا نالا ۽ نشان هوندا. منهنجو نشان جهنڊو ۽ سرائي صاحب جو گهوڙو آهي . جنهن اميدوار کي ووٽ ڏيڻو هوندو، تنهن جي نالي جي سامهون منڊيٽڙي جو نشان ڪبو. پوء ڪاغذ ويڙهي ساڳيءَ پيٽيءَ ۾ وجهبو. نموني لاءِ ڪجهه ڪاغذ هن سان گڏ موڪلجن ٿا. جنهن مان سڀ حقيقت معلوم ٿيندي. ووٽ پهرين نومبر تي ۸ بجي صبح کان ۶ بجي شام تائين ٿيندا.

آڻ اوهان جي انهي ازخود مهرباني ۽ يادگيريءَ لاءِ ازحد شڪرگذار آهيان ۽ رهندس. هن وقت ڪم تمام گهڻو اٿم. انشاءَ الله، جي فرصت ٿي تم روبرو ايندس، نه تم نومبر کان پوء انشاءَ الله ضرور ايندس.

هن غريب ۾ ڪو ڪم ڪار هجي تم حاضر آهيان.

بنده، فرخ بيگ مرزا.

قلم تازو- سنون چدا ٿيل ۾ موڪليان ٿو.

(۲)

۱۰- آڪٽوبر ۱۹۲۶ع.

خدمت ۾ مهربان ، ذي شان مڪرم معظم جناب سيد غلام مرتضيٰ شاهہ! سلامن بعد واضح هجي تہ هتي هر طرح خير آهي. خير سلامتي توهان جي ڏٺي سڳوري جي درگاهہ مان شب و روز گهربل آهي.

مطلب تہ اوهان کي روشن هوندو تہ آڻ سنڌ جي زميندارن ۽ جاگيردارن پاران بمبئي ڪائونسل ۾ اميدوار بيٺو آهيان. هيءَ وقت سڌارن جو آهي ۽ سيڪنهن ووٽر کي واجب آهي تہ ڏسي وائسي اهڙو اميدوار چونڊين، جو سڀني جي حقن جي سنڀال ڪري. اسان مرزائن جو خاندان اوهان کان ڪجهو ڪونہ هوندو. آڻ ۱۹۱۳ع ۾ ولائت مان بيرسٽريءَ جو امتحان پاس ڪري سنڌ ۾ آيس ۽ انهن وقت کان وٺي وڪالت ۽ زميندارييءَ جو ڪم ڪندو اچان ۽ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ نوابشاهہ جو گهڻن سالن کان پريزيڊنٽ آهيان. انهيءَ چونڊ ۾

پيا ٻ اميدوار آهن. منهنجو عرض آهي ته اوهين مهرباني ڪري انصاف ڪندا ۽ جي انصاف منهنجي پاسي هجي ته براه نوازش پنهنجو ووٽ ۽ پنهنجي لاڳاپي وارن جـا ووٽ منهنجي نالي ڏيارينداء انهي ضلعي ۾ خدا جي فضل سان اوهان جي هلندي آهي، تنهنڪري اوهان جي ڳالهه ڪان ڪوبه باهر نـه ويندو. پي ٻ جيڪا مدد ڏينداء تنهن لاء نهايت شڪرگذار رهندس. انشاء الله روبرو ٻ فرصت وقت اچي احوال عرض ڪندس. ووٽن ڏيڻ جي تاريخ ۱۵- نومبر ۱۹۲۶ع مقرر ڪيل آهي ۽ ووٽ هر هڪ تعلقي آفيس ۾ وڃڻ ۾ ايندا. منهنجو نشان جهنڊو آهي. زياده خيروالسلام. فقط بنده، مرزا فرخ بيگ ولد مرحوم مرزا صادق علي بيگ، ٽنڊو ڏوڙهو، حيدرآباد.

(۴)

نوابشاهه، ۶- نومبر ۱۹۳۰ع.

پيارا شاهه صاحب! آڏ ۽ سيد ميران محمد شاهه ، صدر ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ حيدرآباد، هن مهيني جـي ۱۲ تاريخ، سڪرنڊ ۽ هالا تعلقن ۾ پاڻ جي مقاطعن بابت درياهه جـي حد بندي ڪرڻ جي سلساي ۾ سن اچڻ جو ارادو رکون ٿا. ان ڪري، اوهان مهرباني فرمائي، پنهنجي بنگلي ۾ اسان جي رهائش جو بندوبست ڪندا، چو ته پي ڪابه مناسب جڳهه نٿي سجهي. اسان ان طرف ۱۲- تاريخ ڪوئيٽا ميل رستي اينداسون، جـو سن ۱۵-۲ بجي شام پهچندو.

اميد ته اوهان تڪليف محسوس نه ڪندا.

اوهان جو مخلص ، فرخ بيگ مرزا ، صدر ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ، نوابشاهه.

(۵)

نوابشاهه، ۱۶-۸-۱۹۳۳ع.

پيارا شاهه صاحب! اوهان جي وئي پڇاڻان پير مهدي شاهه هتي آيو. مون کيس سڄي پوزيشن سمجهائي. هيڻ اهو معلوم

ڪرڻ ويو آهي تہ آيا احسان شاهہ سندس مدد ڪندو يا ڪنهن ٻئي جي، تہ ان حالت ۾ هيءُ هٽ ڪٽي. مون ڪيس اهي ٽي لفظ چيا، جي اوهان مون کي ٻڌايا۔ مون هن کي ٻڌايو تہ اسان سندس مدد ڪرڻ جو وعدو ڪيو آهي، سو پورو ڪنداسون، ۽ جيڪڏهن پاڻس مدد نڏو ڪري تہ پوء ڪيس ٻيهڻ جي ضرورت نہ آهي. هيءُ سيائي واپس ايندو، ۽ اوهان کي خبر وڻي تار رستي احوال ڏيندس.

اوهان جو مخلص، فرخ صادق علي بيگ.

(۷۸)

خان صاحب علي حسن هڪڙو

خان صاحب علي حسن هڪڙو ، قمبر جو ويڙل ، وڏو زميندار ۽ پارويس ماڻهو هو. اسپيشل مئجسٽريٽ ٻہ ٽي رهيو. آخر ۾ " خانبهادر " جو لقب مليس. سندس پٽ خان صاحب دوست محمد هڪڙو زنده آهي ؛ ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ٽي رهيو آهي. قمبر علي خان جو ڳوٺ، سندس وڏي ڏاڏي جي نالي ٻڌل آهي. خان صاحب جو هڪ خط يادگيريءَ طور ڏجي ٿو:

* (۱)

قمبر ، ٦- جنوري ۱۹۳۲ع.

پيارا شاهہ صاحب ! مون کي نهايت خوشي حاصل ٿي آهي ، جو اوهان مبارڪباديءَ جو خط موڪليو آهي . ان لاءِ اوهان جي وڏي مهرباني. شال خداوند ڪريم اوهان کي ٻہ اهڙيون ڪاميابيون عطا فرمائي!

اميد تہ خوش خورم هوندا.

اوهان جو مخلص، علي حسن هڪڙو.

(۷۹)

ميان صادق علي ميمڻ، ٺٽو

ميان صادق علي صاحب ميان عبدالحميد ميمڻ جو پٽ ۽ ٺٽي شهر جي ميمڻ خاندان مان هو. پهرين لوڪل بورڊ ۾ اوورسيئر رهيو، پوءِ نوڪري ڇڏي، مقاطعا کنيائين. قاضي فضل الله جي دوستيءَ ڪري هن چڱي پوزيشن حاصل ڪري ورتي. سنڌ اسيمبليءَ جو ڪيترو وقت ٽائين ميمبر ٿي رهيو. ڪجهه وقت ٿيندو، وفات ڪري ويو آهي. سندس فرزند ميان عبدالحميد ميمڻ، هن وقت پيپلز پارٽيءَ جو رڪن ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر آهي.

ميان صادق عليءَ مان لوڪل بورڊ جي ڏينهن ڪان وٺي تعلقات قائم ٿيا، جي آخر ٽائين رهيا. سندس ۴ خط ڏجن ٿا.

(۱)

منزل- سيتا روڊ، ۱۰- فبروري ۱۹۲۸ع.

بخدمت فيضدرجت جناب شاهه صاحب! بعد اداي آداب ۽ تسليمات جي احوال عرض ته مان اوهان صاحبن جو نهايت احسانمند آهيان، جو اوهان مون کي سخت ڪوشش بعد پنهنجي عملي يعني لوڪل بورڊ ۾ سب اوورسيئر جي جاءِ وڙائي ڏني. مگر افسوس جو مان ڪم بختيءَ ڪري، اوهان جي ان خاص مهرباني جو فائدو وٺي نه سگهيس، جو انهيءَ ڪان هفتو ڪن اڳ مون براڄ جي نوڪري قبول ڪئي هئي ۽ مان انهيءَ نوڪريءَ ۾ خوش ويس، ۽ اوهان صاحبن جو آڏر مون کي ايڏو ڏينهن ٻوه ملهيو. مون کي براڄ ۾ ڇهن مهينن جي عرصي ۾ ڪافي ڪم جو تجربو ٿيو آهي، پر مان هت خوش نه آهيان. هڪ ته آبوا طبع جي خلاف آهي، ٻيو ته گهر ڪان تمام پري آهيان،

ٽيو ته هيءَ ڪانو ڪجو آهي ۽ ڪنهن به مهل آفيسر جي ناراضگيءَ سبب مهيني جي نوٽيس تي نوڪريءَ کان بيدخل ڪري سگهن ٿا. ائين هڪ آفيسر بيدخل ڪيو به اٽن.....

پڌو اٽڪ ته ڪراچيءَ ۾ اوهان جي زير سايي هڪ جاءِ سب اوورسيئر جي جاءِ خالي آهي.... منهنجو عرض آهي ته مهرباني ڪري اها جاءِ مون غريب کي وٺرائي ڏيو. هت مان بلڪل قابو آهيان. موڪل اصل ملي ڪانه ٿي سگهي ، نه ته روبرو اچي سائينجن کي سڀسٽو احوال ٻڌايان ها.... جيڪڏهن سچ پچ کا جاءِ خالي هجي ته مون کي لکي موڪليندا ، ته مان هتان مهيني جو نوٽيس ڏيئي، پاڻ کي آزاد ڪرايان.

اوهان صاحب مسلمانن (سنڌين) لاءِ جيڪي ڪجھ ڪري رهيا آهيو، ان جي مون کي مڪمل خبر آهي، مان انهن ساڳين مسلمانن جي حيثيت ۾ اوهان کي عرض ٿو ڪريان ..... جيڪڏهن اوهان صاحبن وٽ جاءِ خالي هجي ته مارچ جي پهرينءَ کان نوٽيس ڏيان ۽ ۳۱ تي بيدخل ٿيان.

.... مون کي اميد آهي ته سڀ ميمبر صاحب مون غريب جي خلاف نه ويندا.

جواب جي جلد عنايت ڪندا.

بندو اوهان جو خادم، صادق علي ميمڻ ، ويڙل ٽٽي جو ، حال سروير، دادو، سنڌ.

(۲)

ميرپورخاص، ۱۹-۷-۱۹۲۹ع

بخدمت فيضدرجت، فيض رسان، اميد گاهم، جناب حضرت شاهم صاحب! بعد اداي آداب و قدمبوسيءَ جي باادب عرض ته نيازمند خوش و خورم آهي اميد ته آنجناب به خوش و خورم هوندا. المطلب ته آنجناب کي ياد هوندو ته ۱۲ ۽ ۱۳ جولاءِ جڏهن آنجناب ميرپورخاص ۾ تشريف فرما ٿيا هئا ، ته سائينجن فرمايو هو ته ايندڙ بورڊ جي ميٽنگ ۲۸ جولاءِ واريءَ ۾ هڪ وڏيڪ ماٿهو مسٽر گاگنداس جي جاءِ تي رڪن ۾ ايندو. مون

آنجناب کي عرض ڪيو هو تہ اها جاءِ مون کي عطا فرمائيندا ۽ آنجناب اهڙو دلاسو ڏيئ فرمايو هو.

هيءَ نيازنامو بطور يادگيريءَ جي عرض رکجي ٿو. اميد تہ سائينجن مهرباني فرمائي مون کي اها جاءِ ڏيئ فرمائيندا. مون کي قوي اميد آهي تہ آءٌ پنهنجي ايمانداريءَ ۽ چڱي ڪم سان پاڻ کي هر طرح ان جڳهہ لاءِ لائق ثابت ڪري ڏيکاريندس ۽ سائينجن مون مان هر طرح راضي ۽ خوش رهندا.

مون گذريل مهيني ۾ سائينجن کي روبرو ڪراچيءَ واري بنگلي ۾ هڪ درخواست ڏني هئي (جنهن ڏينهن گورنر ڪراچيءَ ۾ آيل هو)، جا اميد تہ رکارڊ تي هوندي. پر جيڪڏهن سائينجن ٻي درخواست جي ضرورت سمجهن تہ ٻي ٻہ موڪلي ڏيان.

آءٌ ڪوشش ڪري ٢٨ تاريخ روبرو ڪراچيءَ اچي قدم بوسي حاصل ڪندس، پر جيئن تہ هتي منهنجي نگهبانيءَ هيٺ هڪ تمام نازڪ ڪم هلي رهيو آهي ۽ منهنجو رهڻ بلڪل ضروري ۽ ان ڪري شايد انجنير صاحب موڪل نہ ٻ ڏئي. جيڪڏهن مجبوراً نہ اچي سگهان ۽ تہ سائينجن مهرباني ڪري منهنجي يادگيري رکڻ فرمائين تہ عين احسانمند رهندس. هت آءٌ تمام پري آهيان ۽ ٻيون ٻہ ڪي تڪليفون آهن، جي سائينجن کي روبرو عرض ڪيون هٿم. اميد تہ سائينجن رحم جي نظر ڪري، مون غريب کي پنهنجي ٻچن جي ويجهو روزگار ڏيئي مشڪور و ممنون ڪرڻ فرمائيندا.

زياده خيروالسلام. العبد، اوهان جو خادم، صادق علي ٽئوي.

(٣)

ميرپورخاص مئڊ ١٨-١-١٩٣٠ع.

عزت مآب شاهہ صاحب، مون اوهان کي ذاتي طور ٢٩ نومبر ١٩٢٩ع تي ڪراچيءَ ۾ عرض ڪيو هو تہ مون کي پنهنجي ماتحتيءَ ۾ سب اوورسيئر جي جڳهہ ڏيئ فرمائيندا. پر شايد آءٌ ان لائق نہ ٿي سگهيس ۽ جڳهيون ۷ تاريخ ڀرجي ويون

۽ مون کي ڪوبه اطلاع نه موڪليو ويو. ان مان معلوم ٿيو ته مون کي نه ڪنيو ويو آهي. جيڪڏهن منهنجو گمان صحيح نه آهي ته آءٌ ادب سان عرض ڪندس ته اوهان مهرباني ڪري مون کي دسترڪٽ انجنير جو پرسنل ڪلارڪ ڪري رکندا، جا جڳهه آءٌ خوشيءَ سان قبول ڪندس ۽ مهرباني ڪري جيڪڏهن اها جڳهه چگي پگهار سان ڏيارينداَ ۽ ته احسان سمجهندس. آءٌ ڪلارڪ جي حيثيت ۾ بـ چگو ڪم ڪري سگهندس ، چاڪاڻ تـ مون کي آفيس جي ڪاروبار بابت گهڻو آزمودو ۽ جاڻ آهي . اميد ته توهان منهنجو عرض غور هيٺ آڻيندا.

توهان جو تابعدار، صادق علي ، سب اوورسيئر ، ميرپور خاص لوڪل بورڊ.

(۴)

ميرپور خاص، ۱۰- آڪٽوبر ۱۹۳۰ع.

بخدمت فيضدرجت فيض رسان قبلہ و ڪعبہ مڪرم و معظم جناب حضرت شاهه صاحب ! بعد اداي آداب و اشتياق قدم بوسيءَ جي عرض ته سائين جن جي خدمت شريف ۾ هڪ نيازنامو هـن ڪان اڳ عرض ڪري چڪو آهيان. وري بـ يادگيري ڏياريان ٿو ته مهرباني ڪري منهنجي ڪم جو خيال رکي فرمائيندا.

سائينجن روبرو ميرپور خاص ۾ فرمايو هو تـ جيڪڏهن جولاءِ جي ميٽنگ ۾ بورڊ نئين جاءِ مقرر ڪئي ته پوءِ توکي چانس ڏينداسون. مون کي ڏاڍي خوشي ٿي هئي، جڏهن بورڊ جاءِ مقرر ڪئي، جو آءٌ ان وقت روبرو حاضر هوس.

آءٌ اڃا تائين آسرو رکيو ويٺو آهيان. خبر ناهي ته ڪڏهن آها جاءِ پرينداَ. مهرباني ڪري مون کي نـ وساريو. ان لاءِ آءٌ نهايت مشڪور رهندس.

زياده ادب.

بندو اوهان جو خادم، صادق علي عفي عنه، لوڪلفنڈ اوورسيئر، ميرپور خاص.

(۸۰)

سيد حاجي قادر ڏنو شاهه

هيءَ صاحب، ڏٺي جي شيرازي خاندان مان چاهي سيد حاجي علي محمد شاهه جو فرزند آهي. کو وقت هو، جو محمد عثمان سومرو ڏٺي جي سياست ني چانيل هو، پر ان کي پهررين شڪست لوکل بورڊ ۾ ميان علي محمد شاهه صاحب ڏني.

حاجي قادر ڏنو شاهه صاحب اسان سان گڏ کاني وقت مخالفت ۾ رهيو. هن وقت عام زميندارن وانگر همت نه ساري، مصلحت اختيار ڪري، وڃي پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو آهي. جتي هجي خوش هجي. دوستيءَ جو سچو، مهل جو مڙس ماڻهو ۽ يار ويس آهي. سندس هڪ خط يادگيريءَ طور هت ڏجي ٿو.

(خط)

ڏٺو، ۱۰- ڊسمبر ۱۹۷۷ع.

بخدمت جناب پاءُ صاحب، اميد ته هينئر طبيعت ۾ خوش هوندا، امير ۽ امداد پٽ خوش و خورم هوندا.

ڪجهه ميوو ماڻهوءَ هٿ تحفو ڪري موڪليان ٿو، جو اميد ته قبول ڪندا.

يادگيريءَ کان نه وساريندا.

اوهان جو نيازمند پاءُ، حاجي قادر ڏنو شاهه.

(۸۱)

ديوان همت سنگهه، وڪيل، حيدرآباد

ديوان همت سنگهه، ڏنڊي ڊويزن جي زميندارن مان هو. ڏنڊي ڊويزن جي زميندار ايسوسئيشن جو هيءَ سيڪريٽري ٿي رهيو ۽ صدر سيد محمد ڪامل شاهه هو. ان سلسلي ۾ هن جون

خدمتون وساريڻ جهڙيون نه آهن. ان انسوسيشن ۽ ۾ن ڳالهين جي ڪري منهنجا سائس تعلقات قائم ٿيا. سندس هڪ خط يادگيريءَ طور هتي پيش ڪجي ٿو.

(خط)

حيدرآباد (هيرآباد)، نارٿ گرسنگت، ۱۲-۵-۱۹۳۸ع.

پيارا سيد غلام مرتضيٰ شاه صاحب! نيازن کان پوءِ لکان ٿو ته اوهان صاحبن سان گڏ ٿي وقت ٿي ويو آهي، تنهنڪري وري هيٺينءَ طرح عرض آهي.

چيف منسٽر صاحب انجام ڪيو هو ته مان جاچ ڪندس ته حيدرآباد جي ڪليڪٽر، جيڪي ساڻن جا اڳهه لکي موڪليا آهن، سي تعلقي هيڊڪوارٽر جا آهن يا پاهرازيءَ جا - انهيءَ حقيقت بعد اسان جي دل ۾ نرمي ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻو هوس- ان کي اڄ هڪ مهينو ڪان به وڌيڪ ٿي ويو آهي. اميد ته هيستائين ڪيس زيردستن کان گهربل حقيقت ملي چڪي هوندي. تنهنڪري اوهان صاحب مهرباني ڪري ساڻس روبرو ڳالهين موجب فيصلو ڪرائي خبر ڏيندا ته گهڻو شڪرگذار رهندس.

زميندار گهڻي انتظار ۾ آهن. هوڏانهن متن سموري سرڪاري دل جي وصوليءَ لاءِ گهوڙا سنهراپو ٻيڻا آهن ۽ چوٽ ڏنڊ جا نوٽيس به پيا متن نڪرن. هو ٻن ٻاهين جي وچ ۾ آهن. مهرباني ڪري چيف منسٽر صاحب کان يا روينيو منسٽر کان هڪوار ٿي صفائي ڪري موڪلڻ فرمائيندا ته ڪو Special Redate ملڻ جو ڇاڙهو آهي يا نه؟ هڪ وار ٿي سموري دل زوريءَ وصول ٿي ويئي ته پوءِ گذريل سال وانگر ڪجهه ڪين ڪيندو. خبر نه آهي، شايد ساڳيءَ طرح هيءَ وزارت به هن سوال تي ڏيڍي، ماڻهن جا ڪم لاهي ڇڏيندي. مهرباني ڪري، اوهين صاحب تڪليف وٺي، اسان کي هن بابت جلد ۽ جلد صفائي ڪرائي ڏيندا.

چيف منسٽر صاحب ۱۰- اپريل تي اسان جي سفارت
کي سارين جي اڳهه معلوم ڪرڻ بابت جيڪو جواب ڏنو هو،
اُن بابت جاچ مان اسان کي معلوم ٿيو آهي ته ان باري ۾
کابه پڇا ڪرڻ ۾ نه آئي آهي. ائين آهي پڻ ته فقط اسان کي اهو
ڏنو ڏيڻي موڪليو ويو هو. مهرباني ڪري اوهان صاحب روينيو
۽ وزير اعظم صاحب کي سندن انجام جي يادگيري ڏياري، هن
سوال جو خاطرخواه فيصلو ڪرائيندا ته جيئن ڪنڊي ڊويزن جي
هزارين ڪاتيدران کي واجبي پلاند ملي ۽ اسان جو ڪوششون
وٺيرٿ نه وڃن. اوهان صاحبن جي ڪوششن بابت زميندارن کي
وڏيون اُميدون آهن.

بندو ، هيت سنگهه ڪيمسنگهه ، سيڪريٽري ، ٽنڊو زميندارس
ائسوسئيشن.

(۸۲)

مٺسر غلام قادر بلوچ

مسٽر غلام قادر بلوچ جيڪب آباد ۾ وڪالت ڪندو هو.
آفيسرن ۾ لاڳاپي ۽ اثر هڻ ڪري، ڪجهه وقت لاءِ ڊسٽرڪٽ
بورڊ پراسيڪيوٽر ٿي رهيو. پوءِ ڪجهه وقت اسان جي "متحده
محاذ" ۾ ڪم ڪيائين. ڊڌهن ۱۹۵۸ع ۾ مارشل لا لڳي ، ته
عام زميندارن وانگر هيءُ اسان کي ڇڏي ، سياست کان ٻاهر
نڪري ويو.

هيءُ شعر به چوندو هو ، سندس ٿي خط هيٺ ڏجن ٿا.

(۱)

جيڪب آباد ۱۹-۴-

محترمي قبلا شاهه صاحب ! سوڀي جو خط ملي ڇڪو
آهي ، جنهن کي لکيو اٿم ته اسان جي ضلعي ۾ گشت جو
پروگرام ۱۳ جي بجاءِ ۱۸-۱۹ تاريخ کان شروع ٿيڻ کپي ،

جو مان ۱۳ تاريخ کان پوءِ سڄو هفتو هڪ خون جي وڏي ڪيس ۾ رڌل آهيان. آهو ڪيس رکجي يا ڪونه ٿو سگهجي ۽ منهنجي عـدم موجودگيءَ ۾ پروگرام بـ اهڙو ڪامياب ٿي نه سگهندو.

هينئر به ڪم ۾ ڏاڍو لڳل آهيان. ضلعي جو وڏو ياڳو گهمي آيو آهيان. پيا رفيق ۽ ڪم ڪندڙ بـ چڱي تعداد ۾ هٿ ڪندو رهان ٿو. اڳين صاحبن برڪت آزاد وغيره جي حالتن کان ته واقف آهيو. تنهنڪري عرض ته اوهان ۱۳ کـان ۱۸ تائين سکر جو گشت ڪري، ۱۸-۱۹ کان هٿ اچو ته بهتر ٿيندو.

باهر جا اصحاب، ميان صاحب غفار خان، شهزادو عبدالڪريم ۽ هتان اوهان سڀ ۽ حيدر بخش به اچو ته بهتر ٿيندو. انتظام بلڪل چڱو رکنداسون.

زياده خيروالسلام. اوهان جو نيازمند، غلام قادر بلوچ.

(۲)

جيڪب آباد، ۲۴- اپريل-

محترم و مڪرم جناب قبلا جي - ايم سيد صاحب!

السلام عليڪم - سائيڪل جو ۲۲ - اپريل تي سن مان لڪيل حڪمنامو پهتو - جنهن ۾ صاحب جن ۲۷- مئي کان پنجن ڏينهن جو پروگرام رکڻ لاءِ چيو آهي. مگر اوهان صاحبن ۲۷ جي ۽ واري انگ کي ڏاڍو آهي، آن ڪري ۲- مئي پيو لڳي. بهرحال نيازمند جو عرض ته اسين هن ضلعي جو پروگرام ۲۶- مئي کان وٺي ۳۰ مئي تائين رکون ٿا. پوءِ اوهان صاحبن کي ۲۶ کان فرصت هجي ته ۲۶ کان ڏيو يا ۲۷ کان- اهو اوهان صاحبن تي ڇڏيل آهي. باقي ۲- مئي کان ڪنهن به حالت ۾ اسين تيار ٿي نه سگهنداسون، ڇو ته اڄ ۲۴ آهي ۽ وري رمضان جو مهينو ۽ مٿان عيد آهي. روزن ۽ سخت ڏينهن هجڻ ڪري، ڪوبه پروپيگنڊا جو ڪم نه ٿي سگهندو. آن ڪري سڀ ڪائين ٿيندو

ته ٢٦ يا ٢٧ مئي کان وٺي ٣٠ يا ٣١ مئي تائين پنج ڏينهن اسان جي ضلعي کي ڏيو ۽ آن موجب بندوبست ڪرايو.

اهڙو اطلاع اڄ سويي کي موڪليو اٿم. مقرر تاريخن

جو اطلاع ٻه مهرباني ڪري ڏيندا ۽ اسان جي ضلعي جي پروگرام ۾ شهزادي عبدالڪريم، حيدر بخش جتوئي، خان عبدالغفار خان ۽ ميان افتخارالدين صاحب جن کي ضرور شامل ڪندا. جي خان بادشاهه ۽ ميان صاحب نه ٻئي شريڪ ٿي سگهن، ته ٻه شهزادي عبدالڪريم ۽ حيدربخش صاحب جي شموليت ضروري آهي. ميان صاحب فقط پهرين ڏينهن ٢٦ يا ٢٧ مئي (جيڪو ٻه مقرر ڪريو) جيڪب آباد ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪن، ته ٻه چڱو ٿيندو.

غلام قادر بلوچ.

(٣)

جيڪب آباد، ١٤-٦-

مڪرمي و محترمي قبلا شاهه صاحب! اميد ته اوهان ڏاڪا ڪان واپس آيا هوندا. انجام موجب گل محمد قريشي ۽ پنهنجي ڊرائيور، جن ٻنهي کي اوهان سڏاڻو ٿا، موڪليان ٿو. براه مهرباني جيپ ۽ ٻه لائوڊ اسپيڪر هن دفعي ضرور بالضرور موڪلينداء. ٻيءَ حالت ۾ ڏاڍي تڪليف ۽ بدنامي ٿيندي. مت اسان وٽ ڪم ڇڪيءَ طرح هلي ٿو ۽ پارٽين سان به ڳالهه ٻولهه هلائي رهيا آهيون. اميد ته مان واري سمت اوهان کي بنان مقابلي ملي ويچي.

٢٢ تاريخ حيدرآباد ۾ روبرو حال احوال ڪبا.

اوهان جو، غلام قادر بلوچ.

(۸۳)

راءِ بهادر شيوا رام ڏيون مل

راءِ بهاد شيوارام ڏيون‌مل ، ٿڻي جـي عامل خـانـدان مان مڪ هو. هن جو ڪراچي ضلعي ۾ خاص اثر هو، جنهن ڪري ڪيترائي سال ضلعي لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ ٿي رهيو. هيءَ نهايت شريف ۽ ڪارائتو ماڻهو هو. آفيسرن توڙي زميندارن ۾ چڱو اثر رکندڙ هو. ڪو وقت تہ ڪراچي ضلعي جو بي تاج بادشاهہ هو. هن ڪان پوءِ لوڪل بورڊ جو آڳ پريزيڊنٽ ٿيس. ليڪن باوجود مخالفت جي تعلقات ٽوريندو آيو. پاڪستان جي قيام بعد لڏي هندستان ويو ۽ آئي وفات ڪيائين.

سندس زندگيءَ جو تفصيل سان احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڇاڙيل آهي- سندس هڪ خط هيٺ ڏجي ٿو.

(خط)

نگر هائوس، ڪراچي، ۵- جنوري ۱۹۲۷ع.

پيارا شاهہ صاحب! اوهان جي مبارڪباديءَ جي خط لاءِ نهايت مهرباني، اوهان جا وڏا احسان، جو اهڙن پسنديده لفظن ۾ آن جو اظهار ڪيو اٿو.

نئين سال جون واڌايون.

توهان جو مخلص، شيوارام ڏيون‌مل.

(۸۴)

سيٺ ايسرداس ورندمل

هيءَ ڪوٺ "خاصائي" تعلقي ڪوڙيءَ جو ويڙل واپاري هو، جو ٻوءَ واپار سانگي ڪوٺ ڇڏي، وڃي ڪراچيءَ ۾ ويٺو. ۱۹۳۷ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ تي ڪانگريس طرفان ميمبر چونڊجي ويو. ڪانگريس تحريڪ ۾ پٺسي ڏوڪڙ گڏ ڪري ڏيڻ ۾ هن جو وڏو هٿ هوندو هو، جنهنڪري وڏي اثر رسوخ وارو هو. جمشيد ميهتا سان چگا تعلقات هئس. خانبهادر الهه بخش سان وزارت وقت سڀا لاڳاپا هئس. ڪراچيءَ جي واپارين ۾ چگو اثر رسوخ رکندڙ هو.

خاصاين ڏٺن بعد هنن مانجهندن ۾ پنهنجن جايون ٺهرايون، جتي وقت بہ وقت ايندا هٿا. سندس پٽاءُ ڪيئلداس وڏي اثر ۽ لاڳاپي وارو ماڻهو هو. پاڪستان بنجڻ بعد هندستان لڏي ويا ۽ آتي جايون ٺهرائي وڃي ويٺا. وفات بہ اتي ڪيائين.

راءِ بهادر سيٺ منگهر مل مانجندن واري سان سڀا تعلقات هئس ۽ سن جي مڪين سان مائٽي هئس، ان ڪري اسان جا پاڻ ۾ لاڳاپا رهيا. سندس هڪ خط ڏجي ٿو.

ڪراچي، ۲۹-۷-۱۹۳۹ع. (خط)

دوست مهربان سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب، سدا خوش هجو! دعا سلامن بعد احوال تہ هن ڪان اڳ مون اوهان ڏانهن خط لکيو آهي، جنهن ۾ انڙپور ڏانهن هلڻ واسطي لکيو هوم. پر توهان جو جواب ڪونہ آيو. آڳ تاريخ ۱۰-۱۱ آگسٽ جي انڙپور هلي سگهندس- اميد آهي تہ اها تاريخ اوهان لاءِ بہ سهوليت واري ٿيندي.

مهرباني ڪري، هن چٺيءَ جي پڄڻ تي احوال ڪراچيءَ لکندا، تہ توهان انهيءَ تاريخ تي انڙپور هلي سگهندا يا نہ.

سيٺ ايسرداس ورندمل، ۳۰-۷-۱۹۳۹ع.

(۸۵)

ڊاڪٽر ٽلو مل ڏيرواڻي

ڊاڪٽر ٽلو مل، سيٺ ٽيڪچند جو فرزند، ڏيرو مل جي قبيلي مان، سن جو ويڳل هو. ابتدائي تعليم حاصل ڪري، سن اسڪول ۾ "پيوپل ٽيچر" ٿي رهيو. بعد ۾ جاوا طرف واپار لاءِ ويو. آڻي ڇگو پئسو ڪمايائين. واپس اچڻ بعد انشوڙنس ڪمپنين ۾ پراويڊنٽ فنڊ جي ذريعي هن ڪافي پئسو گڏ ڪيو. صابڻ جو ڪارخانو کوليائين ۽ لڏي وڃي ڪراچيءَ ويٺو، جتي اسپتال کوليائين. هڪ وڏو پلاٽ ونيو، جايون ٺهرائي، سوسائٽي برپا ڪيائين. "وطن خدمتگار" نالي هڪ جماعت جو بنياد وڌائين جنهن جا ڪارڪن ريل جي گاڏن ڪي صفا ڪندا هئا، ماڻهن کي گاڏين جي تڪليفن ۾ مدد ڪندا هئا، ۽ گشتي اسپتالون کولي مفت دوا درمل ڏيندا هئا. ان سلسلي ۾ ڪيس به ڏي پيرا جيل جي ۽ ياترا ڪرڻي پيئي. سندس وڏي ملڪيت ڏسي، مهاجرن ۽ پاڪستان حڪومت جي ڪن ڪارندن طرفان مٿس زور رکيو ويو ته هندستان لڏي وڃي. پر هن تڪليفون سٺيون، جيل ڪاٽيو، پر همت نه هاريائين ۽ نه ئي وطن سندڪي ڇڏيائين.

ڪجهه سال ٿيندا، سن کان حيدآباد ويندي، گاڏيءَ ۾ دل ٽڪي وڃڻ سبب وفات ڪري ويو. سندس برپا ڪيل "وسدال ليبارٽري" اڃا تائين حيدرآباد ۾ ڪم ڪري رهي آهي.

مون سان خاص دوستي ۽ دلچسپي هوندي هئس. صوفياڻي طبيعت جو مالڪ هو. هندو مسلم نفاق جو ڳالهيون ياد به نه هيس. محبت جو پنڌار هو. هندن کان وڌيڪ مسلمان دوست ڇڏي ويو. جي اڃا تائين ڪيس ياد ڪندا رهن ٿا. سندس زندگيءَ جو تفصيل وار احوال "جنب گذاريم جن سين" مان معلوم ٿي سگهندو. سندس هڪ خط ڏجي ٿو.

(١)

جناب سائين! جواب ۾ عرض ته هڪ ڪاپي ليجسليٽو ڪائونسل بمبئيءَ جي ووٽن ڏيڻ ۽ اميدوار بيهڻ جي قانونن جي هن گڏ موڪليان ٿو. باقي ليجسليٽو ڪائونسل بمبئيءَ جي ووٽرن جي ياداشت سڄي ضلعي ڪراچيءَ جي اڳينءَ گذريل چونڊ واري آهي، جا اڃا روائيز ڪانه ٿي آهي. آن جي قيمت ٠-٤-٦ روپيا آهي.

جيڪڏهن حڪم ڪريو ته آڻا ونءِ موڪليان. ٻيو جهڪو ڪم ڪار هجي ته لکڻ فرمائيندا.
بندهء ٽلومل.

[نوٽ: ڊاڪٽر صاحب مٿيون خط منهنجي هيٺين خط جي جواب ۾ موڪليو هو:]

سن، ٦-٣-١٩٢٦ع.
پيارا ٽلو مل! بعد شوق ملاقات جي احوال هي ته اسان کي ليجسليٽو ڪائونسل بمبئيءَ جي ووٽرن جي ياداشت سڄي ضلعي ڪراچيءَ جي ۽ هڪ ڪاپي ليجسليٽو ڪائونسل بمبئيءَ جي ووٽن ڏيڻ ۽ اميدوار بيهڻ جي قانونن جي گهربل آهي. اوهان مهرباني ڪري جهڙو جلد ٿي سگهي، اوترو جلد اهو ڪم ڪري اسان ڏي موڪليندا. ان لاءِ جيڪڏهن سرڪاري في مقرر هجي ته به لکندا ته موڪلي وڃي. ان ڪم جو تاڪيد ڪندا.

زياده خيرءِ العبد، غلام مرتضيٰ شاهه.

(۸۶)

خانبهادر غلام نبي شاهه

هيءَ صاحب ، ميرپور خاص جي لکهاري سيدن جي "ڳاڙهاڻا" شاخ مان، موج علي شاهه جو فرزند هو. ڏهاڙکر جي زميندارن جي مقابلي ۾ گهٽ زميندار هئس، ليڪن لاڳاپن ۽ لياقت سبب سالن جا سال هيءَ صاحب بمبئي ڪائونسل تي ميمبر چونڊبو آيو. ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ ميرپور خاص جو پريزيڊنٽ ۽ زميندار پٿڪ ميرپورخاص چئرمن به ٿي رهيو. مون کي اولاد وانگر پائيندو هو. مون کي لوڪل بورڊ ۾ داخل ٿيڻ جو مشورو هن ڏنو هو. سندس پراونشل ڪوآپريٽو بئنڪ تي ورهين جا ورهيه ڊئريڪٽر طور گڏجي ڪم ڪيوسون. ۱۹۳۷ع ۾ جڏهن سندس اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون ، تہ آن کان پوءِ هيءَ ان جو ميمبر چونڊبو آيو. مون سان خاص لاڳاپا هئس . سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ بيان ڪيو اٿم. سندس چار خط هيٺ ڏجن ٿا.

(۱)

۲۲- جنوري، ۱۹۳۷ع.

بخدمت فيضدرجت اخوي عزيزي جناب سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب! بعد تسليمات ۽ شوق ملاقات واضح باد- خط اوهان صاحبن جو جو پهتو- مهرباني . جيئن اوهان صاحب پنهنجي اليڪشن ۾ رڌل آهيو، جنابا! اسان جي به ساڳي حالت آهي. اسان جي دل جي خلوص سان دعا آهي تہ باري تعالي اوهان صاحبن جهڙي مرد ميدان جي مجاهدن کي مڪمل ڪاميابي عطا فرمائي، آمين!

خاڪسار، حاجي غلام نبي شاهه .

(۲)

ميرپورخاص، ۲۷-۵-۱۹۳۷ع.

بخدمت برادرم اخوي عزيزي جناب سيد غلام مرتضيٰ

شاهه صاحب! بعد تسليمات و شوق ملاقات واضح هجي ته جنابا! ٻه ڏهاڙا موڪليل، صحيح ڪري، ڪائونسل جي سيڪريٽريءَ موڪليا ويا. اسان بلڪل شڪرگذار رهنداسون، جهڪڏهن جي نالي ڪي ٻه ڏهاڙا لکي موڪليندا. اسان صحيح ڪري موڪليندا سون. دلون ڪنهن به طرح وٽڻ نه گهرجن. اوهان صاحبن جو خيال ڪي بل پيش ڪرڻ جو هو، مگر ايا ڪائين پيش ٿيا يا نه؟ جيڪڏهن ڪي بل پيش ڪريو ته بهتر- تقاويءَ جو وياج نه ونجي، جو وياجن تي وياج ٻيڻي رقم ٿي ويڻي آهي. تنهن تي وري به وياج ۽ ڏنڊ وجهي، ٻيلڪ جو خانو برباد ڪري رهيا آهن. وياج معاف ٿيڻ گهرجي، فقط مور وصول ڪجي ويهن سالن جي قسطن ۾، جيئن زميندارن جون زمينون نيلام نه ٿين، وڏيڪ حقيقتون، ڪراچيءَ ملڻ تي ڪنداسون، جو ۴- جون تي بئنڪ جي ميٽنگ آهي. اوهان صاحب به ايندا.

حاجي غلام نبي شاهه.

(۳)

ڪراچي، ۲۴-۹-۱۹۴۰ع.

جناب پريزيڊنٽ صاحب، صوبه سنڌ مسلم ليگ السلام عليڪم- آل انڊيا اليڪشن ۾ مسلم ليگ طرفان اميدوار بهڻ جو ارادو رکان ٿو. مهرباني ڪري تعلقي سانگهڙ، ڪچري ۽ ضلعي ڪوٽ جي ڪانسٽيٽونسيءَ طرفان مون کي ليگ جي ٽڪيٽ ڏيڻ فرمائيندا. انهيءَ جي سيني شرطن سان پاڻ کي بدل رکندس. زياده خيروالسلام. خانبهادر حاجي غلام نبي شاهه ايم- ايل- اي.

(۴)

ميرپور خاص، ۳۰- جنوري ۱۹۴۶ع.

برادرم اخوي عزيزي جناب سيد غلام مرتضيٰ شاهه! بعد تسليمات و شوق ملاقات واضح باد- جنابا! شاهه صاحب غلام حيدر شاهه ڪامياب نه ٿيو، جنهن جو وڏو ڪارڻ سٽر ميران محمد شاهه جي خاص مخالفت آهي ۽ سانگهڙ ۾ پرزائيڊنگ

آفيسر ٿنڊي مٺا خان ۽ مخالف ڏر جي فائدي ۽ ڪليا ووٽ ورتا. بيجا گهٽيون دست اندازيون ٿيون. اوهان جي پارٽيءَ جا پنج، حاجي مولابخش آزاد پارٽيءَ جا چار اميدوار ڪامياب ٿيل اخبارن ۽ ڏسن ۽ آيا آهن. هاڻي پارٽيءَ جي بچاءَ جو هيو ڪوبه رستو، سواءِ ڪانگريس ڪوليشن ڪري منسٽري ٺاهڻ جي ڪونه آهي.

مسٽر مهران محمد شاهه، جنهن اسان جي ڪٽمبل جاءِ وڃائي آهي، ضرور مجبور ڪندو ته مسٽر جناح ۽ سندس هاءِ ڪمانڊ سان صلاح ڪريو. ۽ان اوهان صاحبن کي ڪليو چئلينج ٿو ڏيان ته جيڪڏهن ظالمن جي گورنمنٽ به هجي ها ته اوهان صاحبن جي ڪميٽ وارا پارنهن (۱۲) ته ڪامياب هنا.

۽ان اوهان صاحبن کي آگاهه ڪريان ٿو. ڪٽين اوهان صاحبن جي ڏسندي ڏسندي پير عالي شاهه جي تڪ ۽ ڏاڏايون ۽ ظلم زور ٿياه وري به ليگ گورنمنٽ ٺاهيندا، انهن ميرن وزيرن ظالمن سان، ته پوه سنڌ جو خدا حافظ آهي. اسان کي مسلم ليگ مان ڪوبه ناراضپو ناهي، مگر سندس ميرن، وزيرن ۽ هاءِ ڪمانڊ انڊيا جي ناانصافيءَ کان نالان آهيون.

خانبهادر حاجي غلام نبي شاه

(۸۷)

خانبهادر غلام محمد خان اسراڻ

خانبهادر غلام محمد خان اسراڻ لاڙڪاڻي ضلعي جو ويڙل هو. جڏهن دادو ضلعو نٿون ٿيو، ته هيءَ اُن مان سنڌ اسمبليءَ ۾ چونڊجي آيو. ڪجهه وقت سر غلام حسين جي پارٽيءَ ۾ رهيو، پوءِ آزاد خيال رهندو هو. صاحبزادي عبدالستار جان سرهنديءَ سان خاص تعلقات هئس. پير صاحب سان لاڳاپي هئڻ ڪري، مون سان به تعلقات ٿوريندو آيو. خانبهادر دوستيءَ جو سچو ۽ يار ويس ماڻهو هو. سندس چند خط هتي ڏجن ٿا.

(۱)

۵- فبروري، ۱۹۳۷ع.

بخدمت ڪرمفرماي بنده حضرت شاه صاحب! بعد السلام عليڪم و اشتياق ملاقات جي عرض ته اوهان صاحبن کي نيڪ روشن هوندو ته هن وقت سنڌ ليجسليٽو اسيمبلي جاگيردارن ۽ زميندارن جي پاران گڏيل چونڊ ۾ ٻن اميدوارن صاحبن سان گڏ اسان جو محترم فخر قوم سر غلام حسين هدايت الله خان به اميدوار بينل آهي. جنهن بابت چونڊ ۸- فبروري ۱۹۳۷ع تي سومر ڏينهن هڙ هڪ تعلقي جي تعلقي آفيس ۾ ٿيندي.

نيازمند، صاحبن جي قديمي اميد جي مدنظر عرض گذار آهي ته خاص شفقت فرمائي، پنهنجا ٻيئي قيمتي ووٽ، صاحب ممدوح متعين کي ڏيڻ فرمائيندا. پنهنجن ووٽن کان سواء ٻن پنهنجن دوستن جا ووٽ به ڏيارڻ فرمائي، ڪيس ڪامياب ٻڌائيندا ته اوهان جي مهرباني ۽ کان نيازمند نهايت مشڪور رهندو.

والسلام، غلام محمد اسراڻ.

(۲)

۱۳- ڊسمبر، ۱۹۳۸ع.

بخدمت ڪرمفرماي من جناب حضرت شاهه صاحب، جودائم شفقته! السلام عليڪم و اشتياق ملاقات جي عرض ته نوازشنامو صاحب جن جو عنايت ٿيو. اوهان صاحبن جي وڏي مهرباني، مون کي معاف ڪجو جهڪڏهن مان پنهنجي سهوليت جي مدنظر جدا رهندس. انشاء الله وقت تي اچي حاضر ٿيندس. اميد ته اوهان صاحب بفضل الاهي خوش و خورم هوندا.

والسلام، غلام محمد اسراڻ.

(۳)

۱۴- اپريل، ۱۹۳۹ع.

بخدمت حضرت شاهه صاحب! بعد سلامن و شوق ملاقات جي لکجي ٿو ته مسٽر کهڙي صاحب اوهان صاحبن کي خط لکيو آهي ته ۲۲- اپريل تي ڪراچيءَ ملنداسون، جو اميد ته پهتو هوندو.

۲- اسان کي افواه طرح پڌڻ ۾ آيو آهي ته مسٽر غلام قادر سروير جي هٽ ڪرڻ ڪري، اوهان صاحبن جي برخلاف پوليس ڪراچيءَ ۾ فرياد ٿيو آهي ته روءِ پوش جوابدار واهر ڏيئي رهايو ويو هو- اها گاله کيتري قدر برابر آهي. ان لاءِ مهرباني ڪري احوال ترت ڏيڻ فرمائيندا.

فقط نيازمند، غلام محمد اسراڻ.

(۴)

لاڙڪاڻو، ۲۳-۹-۱۹۵۱ع.

بخدمت جناب عاليجاه جي-ايم- سيد صاحب، سدا سلامت!

السلام عليڪم- آئيندڙ نيازنامي جو منهنجو فرزند آهي- سندس کيل عرض، اميد ته صاحب جن مقبول فرمائي، بنده کي شڪريي جو موقعو ڏيڻ فرمائيندا.

اميد ته صاحب جن بخيريت و عافيت هوندا. ڪار خدمت هجي ته بندو حاضر آهي.

مون گهڻو عرصو بيمارييءَ ۾ گذاريو آهي، جنهنڪري ملاقات حاصل نه ٿي آهي. انشاء الله تعالي جلد حاضر رهندس.

والسلام، نيازمند، غلام محمد اسراڻ

(۸۸)

خانبهادر امامبخش خان جتوئي

خانبهادر امام بخش خان ، خانبهادر غلام رسول خان جو فرزند، موري تعلقي جي خاندان مان ، جتوئين جي گوٺ جي وڏن زميندارن مان هو. ڇڳو شاعر به هو، سندس تخلص "صابر" هو. بمبئي ڪائونسل تي ڪجهه وقت لاءِ ميمبر ٿي رهيو. ۱۹۳۳ع کان ۱۹۳۶ع تائين ضلعي نواب‌شاهه لوڪل بورڊ اسڪول بورڊ جو چيرمن ٿيو.

خانبهادر جا رئيس فقير بخش خان ڪاڇيءَ سان دوستاڻا تعلقات هئا، اُن جي معرفت مون سان به لاڳاپو وڌي ويس.

۱۹۳۳ع ڌاري ڪيڙن ۽ جتوئين ۾ اختلاف ٿيڻ سبب نواب شاهه جي مسلمان زميندارن ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا هئا. ان سلسلي ۾ نوابشاهه جي سڀني زميندارن گڏجي، سندن شاهه ڪرائڻ لاءِ مون کي امين مقرر ڪيو هو. اُن وقت ڏائين سائس ڪافي رستو ٿي ويو هو. سندس احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنل آهي. لاڳاپن جي بنيادن تي خط و ڪتابت رهندي آئي. سندس ڪيترائي خط مون وٽ محفوظ آهن. جن مان ٿي هت ڏجن ٿا.

هن وقت سندس پوٽو غلام مصطفيٰ خان جتوئي ، پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ۾، سنڌ جو وڏو وزير آهي، جنهن جي دور حڪومت ۾ آءٌ نظربند آهيان.

(۱)

۱۶-۸-۱۹۲۳ع.

بخدمت سراپا شفقت ڪرمفرماي بندگانم جناب حضرت سيد امير ميان غلام مرتضيٰ شاه صاحب! بعد تسليمات، نيازآيات و شوق ملاقات جي عرض ته الحمدلله نيازمند ڏانهن هر طور خيريت محصل آهي ، خيرعافيت مزاج وهاج عليه جي درگاهه الاهيءَ مان مدام مطلوب.

مقصد معروضات، حضرتا! جا سائينجن تازي مهرباني فرمائي آهي ، تنهن لاءِ دل و جان سان شڪرگذار آهيان. اميد ته هميشه پنهنجي نوازش کان فراموش نه فرمائيندا....

روشن ظهير هجي ته آئيندڙ نوازنامي جو اسان جو قديمي خاص مائهو آهي، آن جو کو ڪم خاص پنهنجو آهي. پيو ڏو سائينجن کي وقت بہ وقت تڪليف ڏيان، تنهن لاءِ معاف فرمائيندا.

باقي بہ (مينهون) اڏيري جي طرف آهن ، سي بہ اوهان صاحبن جي نظر شفقت سان جلد هن مسڪين کي ملي ويندين ته نهايت شڪرگذار رهندس.

قوي اميد ته سائينجن خداوند عالم جي عنايتن سان هر طور خوشنود و خورم هوندا. زياده خير.

گاهي گاهي پنهنجي غلام کي غلام چالي ، فقط بن حرفن جي تحرير سان نوازيندا رهندا ته بعيد نوازش جي نه ٿيندو، بلڪ باعث عظيم عنايت جو ٿي رهندو.

زياده آفتاب اقبالم اوج در اوج
و بهر عنايت موج در موج باد !

نيازمند، حاجي امام بخش جتوئي.

(۲)

۲-۱-۱۹۲۵ع.

بخدمت سراپا شفقت ڪرمفرماي بنده جناب حضرت سيد سردار ميان غلام مرتضيٰ شاه صاحب! بعد هزار نيازن ۽ شوق اقدام بوسيءَ جي عرض ته الحمد لله جو غلامن ڏانهن هر طور خيريت محصل آهي ۽ خير عافيت مزاج عليه جي درگاهم الله مان مع مطلوب.

عرض و معروضات- حضرتا! بار بار عرض ڪرڻ بہ شرم ٿو اچي. بنده جي عرض کي جيڪڏهن اجابت ۽ نه آڻيو، ته خدا تعالي جي اسم کي نهاري مسڪين کي حق رسائيندا ، ته درگاهم الله بهرور اجر عظيم جا ٿي رهندا ۽ بنده بہ تابحيات مرهون منت عليه جو رهندو.

قوي اميد تہ سائينجن خداوند عالم جـي فضل ۽ ڪرم سان هر طور خوشنود و خورم هوندا.
نيازمند بنده، حاجي امام بخش جتوئي.

(۳)

از جتوئي تعلقو سورو، ضلعو نوابشاه، ۲۸-۵-۱۹۲۱ع.

بخدمت جناب قبلہ ڪرمفرماي من حضرت ميان غلام مرتضيٰ شاه صاحب، دائم شفقته. بعد نيازن ۽ شوق ملاقات جي عرض تہ نيازمند ڏانهن خيريت محصل آهي ۽ خير عافيت مزاج مقدس جي الله تعالي جلشانه جي درگاهہ مان مدام ملوب.

مقصد معروض تہ- اوهان صاحبن کي نيڪ معلوم هوندو تہ گذريل ۵-۶ سالن کان لاڳيتو زمينداري فرقي جي مائهن کي سخت صدما رسيا آهن- جيئن تہ ماڪڙ، هوڏن، پارن، فصل کس ٿي ويڻ وغيره سبب فصل ٿيا ڪونہ آهـن. ويتر خصوصاً گانڊي هاڇل جي ڪري اناج جا اکيہ ڳهڻجي رهيا آهن، جنهن مان ڏيئن بہ پوريون نہ ٿيندين. ڪاڻي، ڪمدارن جون پگهارون، بج پت جا نقصان- علاوه زياده نقصان نظارانداز آهن. انهيءَ لاءِ منهنجو عرض آهي تہ جنهن صورت ۾ اوهان صاحب پنهنجي ضلعي ۽ سنڌ جا سربرآورده ۽ ليڊر قوم آهيو، تڏهن بهتر ٿيندو تہ اوهان صاحب سڄيءَ سنڌ جي (سنڌ محمدن ايسوسيئيشن کان سواءِ) کا اهڙي ڪاميٽي يا ميٽنگ مقرر ڪرڻ فرمائيندا، جنهن ۾ جيڪي سنڌ محمد ايسوسيئيشن جا ميمبر بہ نہ آهن، سي نندا وڏا زميندار اچي گڏ ٿيندا، ۽ اهي صاحب ڏين جي گهڻڇ ۽ نقصان کان بچاءِ جي باري ۾ حقيقت اوهان صاحبن کـي عرض ڪندا- جنهن لاءِ اوهان صاحب جي بہ ريزوليشن پاس فرمائي، گورنمنٽ کي موڪلڻ فرمائيندا تہ نهايت موزون ۽ مفيد ٿيندا.

جيئن تہ پنجاب جي پاسي اڌ ڏل گهٽائي ويئي آهي، اهڙيءَ طرح چو نہ سنڌ ۾ بہ اڌ ڏل گهٽائي وڃي. سنڌ جي حالت لڳو لڳ نقصانن رسڻ ڪري، پنجاب کان بہ زور ابتر

ٿي رهي آهي، ان ڪري گورنمنٽ کان اهڙيءَ مهرباني جي حقدار آهي. ورنہ تہ جيڪا زمينداري جي اباڻي مليڪت آهي، سا بہ سندن هٿان جلد نڪري ويندي ۽ زميندار فرقو تباهہ ٿي ويندو.

اميد تہ اوهان صاحب خداوند عالم جي عنايتن سان خوشنود و خورم هوندا.

زياده خيرــ نيازمند بنده حاجي امام بخش جتوئي.

(۸۹ - ۹۰)

سردار خانبهادر قيصر خان بوزدار

۽ سردار علي گوهر خان مهر

سردار قيصر خان، غلام محمد بوزدار فرزند، جو ميرپور ماٿيلي جو ويڙل ۽ بوزدار قبيلي جو سردار هو. ڊسمبر ۱۸۹۰ع ۾ ڄائو هو. محنت ۽ ڪفايت شعاريءَ سان ڪافي ملڪيت گڏ ڪري، پنهنجي زميناري وڌائي ويو. ڳڙهي چاکر خان ۾ سندس بنگلا ۽ باغ هن وقت موجود آهن.

سردار قيصر خان زماني شناس، نهٺو، ماڻهن کي ملهل سر ڪرڻ ۽ آفيسرن سان سٺا تعلقات رکندڙ صاحب هو. ۱۹۳۷ع جي اسيمبليءَ چونڊن ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ اتحاد پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي چونڊجي آيو. ۾ ميرن جڏهن بلوچ گروپ ٺاهيو، تہ هيءُ اڻ ۾ شامل ٿي، سرڪاري پارٽيءَ ۾ هليو ويو. هيءُ عام زمينداران وانگر هميشہ وزارت جو طرف ونڊو هو. ۾ عام ماڻهن ۽ سنڌ جي خاندانن سان سٺا تعلقات هئس. هيءُ لوڪل بورڊ سکر جو پريزيڊنٽ بہ ٿي رهيو. آخري منجسٽريٽ بہ رهيو.

ميرپور ماٹيلي ۾ هاءِ اسڪول برپا ڪرڻ لاءِ هن گهڻي ڪوشش ورتي ۽ سادا ڇهه ايڪڙ زمين ۽ ڪوهه پنهنجي طرفان ڏنائين. هن ۲۹-- آگسٽ ۱۹۵۲ع تي ۶۳ ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي. ڪيس اولاد ڪونه ٿيو. سندس جاءِ تي سندس سوٽائي سوٽ خان محمد خان ولد وزير خان پگ هڏي ، سردار ٿيو. اهو تڏهانڪر سنڌ اسيمبليءَ ۽ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ تي چونڊجو آيو.

سردار صاحب جا سون سان سڌا تعلقات هئا. باوجود اُن جي جو آڻ اڪثر مخالف پارٽيءَ ۾ رهيس ۽ هو هميشه سرڪاري پارٽيءَ ۾ رهندو ايندو هو.

سندس احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو ويو آهي.

هيءَ صاحب ۱۹۱۰ع ۾ خانگڑهه ۾ جائو. سردار حاجي خان مهر جو فرزند ۽ مهر قبيلي جو سردار هو. ۱۹۳۱ع ۾ سندس والد وفات ڪئي. اُن بعد سردار قيصر خان بوزدار هن جي سرپرستي ڪندو آيو ، جنهن کي هيءَ چاچو سڏيندو هو. پير رسول بخش شاهه گهوٽڪيءَ واري جي وفات کان پوءِ ، ان جي خالي ٿيل جاءِ تان مسلم ليگ جي ٽڪيٽ تي هيءَ ۱۹۴۲ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيو. ۱۹۴۶ع جي جنوري ۽ ڊسمبر جي ٻنهي چونڊن ۾ ڪامياب ٿيو هو. ۱۹۵۳ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ ڪامياب حاصل ڪائين ۽ جنوري ۱۹۵۶ع ۾ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ تي سکر ضلعي مان ميمبر چونڊجي آيو.

هيءَ يار ويس ، سخي ۽ باهمت ماڻهو هو. ڪيس نرينو اولاد ڪونه ٿيو ، ان ڪري سندس سوٽائي سوٽ غلام محمد خان کي سندس جاءِ تي سردار مقرر ڪيو ويو.

سردار علي گوهر سان سنڌ اسيمبليءَ ۾ گڏ رهڻ ڪري تعلقات پيدا ٿيا ، جي قائم رهيا.

سردار صاحبن جو هڪ ڪڏهن خط ڏٺو ٿو.

(خط)

سيپٽمبر ۱۹۴۴ع.

بخدمت جناب پريزيڊنٽ صاحب مسلم ليگ سنڌ جي

عرض ! سائينجن کي ياد هوندو ته ۲۳ سپٽمبر ۱۹۴۴ع جي پارٽي ميٽنگ ۾ يڪراءِ فيصلو ٿيو هو ته لوڪل بورڊ جون چونڊون هن سال ٿينديون. هينئر پتو اٿون ته ڪن ماڻهن جي چوڻ تي چونڊون ڪرڻ ۾ نه ايندوون. تنهنڪري سائينجن کي عرض گذار آهيون ته جنهن صورت ۾ مسلم ليگ جي ڪنهن به فيصلي کي وقار ڪونهي، تنهن صورت ۾ اهڙيءَ مسلم ليگ ۾ رهڻ اجايو آهي. سچي ليگ هجي ته اسان خادم آهيون.

سچي پچي اهو فيصلو ٿي ويو آهي ته پوءِ سائينجن نوازش فرمائي اهڙي خبر موڪلڻ فرمائين، ته پوءِ اهڙي مسلم ليگ جا پنهنجي فيصلي تي نه ٻيهي، ته اُن ۾ رهڻ اجايو آهي.

زياده نياز نيازمند، قيصر خان. نيازمند سردار علي گوهر خان.

(۹۱)

مسٽر علي احمد قريشي

مسٽر علي احمد قريشي، بختيارپور جي قريشي خاندان مان آهي. هن وقت دادوءَ ۾ رهي ٿو ۽ درجي اول جو وڪيل آهي. هيءَ گهڻي وقت کان وٽي هاري ڪاميٽيءَ ۾ اسان سان شامل هو- اُن بعد سنڌ متحده محاذ ۾ آيو. هن وقت دادوءَ ۾ پريڪٽس ڪري، وقت گذاري رهيو آهي. سندس ڪجهه خط هتي ڏجن ٿا.

(۱)

پاڪستان نيشنل پارٽي (ضلعي دادو)

دادو، ۱۹-۲-۱۹۵۷ع.

جناب شاهه صاحب، السلام عليڪم - جيئن اسان کي موٽر اسٽين وٽڻ جي ضرورت آهي، چاڪاڻ ته ڪانفرنس لاءِ ورڪ ۾ گهرجي، جا ضلعي جي مڪمل تعلقن ۾ ورڪرن کي

کي جلدي پهچائي - آن کري هن خط ڏسڻ شرط اها موٽر موڪلي ڏيندا.

علي احمد قريشي وڪيل، سيڪريٽري، دادو.

* (۲)

دادو، ۱۸-۷-۱۹۵۷ع.

محترم جي- ايم- سيد صاحب! مون اوهان کي ڪلهه تار رستي عرض ڪيو هو ته- ڀاڪا لاءِ منهنجي ٽڪيٽ بڪ ڪرائيندا. اميد ته تار پهتي هوندي ۽ اوهان اهو ڪم ڪري چڏيو هوندو.

مهرباني ڪري ان بابت اطلاع ڪندا ته جيئن آءٌ وقت تي ڪراچيءَ پهچي سگهان.

اوهان جو مخلص، علي احمد قريشي.

(۳)

دادو، ۱۳-۱۰-۱۹۵۷ع.

پيارا شاهه صاحب! هن چٺيءَ جو آڻيندڙ منهنجو دوست آهي ۽ واپڊا ۾ اوورسيئر آهي. هيءُ ڪالهه ۾ ٽئين سال جي ٽريننگ لاءِ داخلا وٺڻ چاهي ٿو، پر ائين ڪري نٿو سگهي. مهرباني ڪري هن سلسلي ۾ سندس مدد ڪندا. ڪجهه جونيئر ڪجي ويا آهن پر هيءُ ڪجي نه سگهيو آهي. مهرباني ڪري احدحسين، وزير اولهه پاڪستان کي فون ڪندا.

نوازش، اوهان جو مخلص، علي احمد

* (۴)

دادو، ۱۷-۵-۱۹۵۸ع.

پيارا شاهه صاحب! مون کي معلوم ٿيو آهي ته ڪجهه ڏينهن کان اوهان جي طبيعت ٺيڪ نه آهي. اميد ته هاڻي چاڪ چڱا پلا ٿي ويا هوندا.

مون گذريل سال انٽر نيشنل پاسپورٽ ٺهرايو هو ، جيڪڏهن باهرئين ملڪ جي ڪا دعوت (Invitation) هجي ته مهرباني فرمائي، منهنجو نالو به لسٽ ۾ شامل ڪندا.

اوهان جي مهرباني.

مخلص، علي احمد قريشي.

(۹۲)

مولوي نذير حسين جلالي جتوئي

مولوي نذيرحسين، لاڙڪاڻي ضلعي جو وڏيل ، جتوئي خاندان جو فرد ، نهايت قابل ، باهمت ۽ وڏيءَ معلومات جو صاحب، قومي ڪارڪن هو. هيءُ جميعت العلماءُ هند جو ميمبر رهيو . ان بعد سنڌ هاري ڪاميٽيءَ ۾ حصو ورتائين ، جنهن سان آخر زندگيءَ تائين لاڳاپو رهيس . تازو وفات ڪري ويو آهي. بي ڊپو ۽ همت وارو قومي ڪارڪن هو. مون سان خاص تعلقات هئس. مندس خط ۽ ڪجهه احوال "اڄ ڪٿي ڪير ڇا ڪ" ڪتاب ۾ ڏنا اٿم، ۽ هڪ خط هتي به ڏجي ٿو.

(خط)

لاڙڪاڻو، ۱۷--۵--۱۹۵۸ع.

عاليجناب عزت مآب قبلہ شاهہ صاحب ، دائم عنايته !

تسليم-- مزاج شريف باخيريت باد -- گذارش ته صاحب جن جي بيماريءَ جي خبر وحشت اثر سخت انتظار پيدا ڪيو آهي. دست بدعا آهيون ته حضرت حق سبحانه شال توهان صاحبن جي عمر دراز ڪري ۽ تندرستي تامہ ۽ عافيت عـامہ عنايت فرمائي- آمين!

وڌيڪ عرض ته اسين هت حسب الحڪم هنهي مدارين

۽ شڪارين جي درميان تفريق پيدا ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا آهيون. انشاء الله ان مهم ۾ ضرور ڪامياب ٿيندا سون، بشرطيڪ توهان صاحب ٻڌ ان سلسلي ۾ حتي المقدور سرگرم عمل رهندا.

جناب عالي! جيڪڏهن توهان صاحبن جي مرضي هجي ته هتي مولانا پاشائي صاحب جي صدارت هيٺ ضلعي ڪانفرنس مئي جي آخير ۾ منعقد ڪئي وڃي. ان لاءِ توهان صاحبن جي امداد جي ٻڌ قدري ضرورت ٿيندي. آن باري ۾ رفيق تنبي صاحب سان صلاح مصلحت ڪندا ۽ پنهنجن مفيد مشورن کان ٻڌ مستفيد فرمائيندا. اسين هر طرح توهان صاحبن جي حڪم جي تعميل لاءِ دل و جان سان تيار آهيون.

پنهنجي عافيت جي احوال کان واقف فرمائيندا.

فقط اوهان جو مخلص، نذيرحسين جتوئي جلالي.

(۹۳)

ميان عبدالڪريم گدائي

ميان عبدالڪريم، لاشاري قبيلي مان، بهترين ۽ مخلص قومي ڪارڪن هو. پنهنجي دور ۾ بلندپايه جو شاعر ليکجو ٿي ويو. سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۽ "اڄ ٻڌ ڇڪيم چاڪ" ۾ ڏنل آهي. سندس ڪجهه خط اديب جي حيثيت ۾ "اڄ ٻڌ ڇڪيم چاڪ" ۾ ڏيئي آيو آهيان، پر جنهن صورت ۾ هن جو سياست سان به واسطو هو، ان ڪري هن کي سياستدانن جي لسٽ ۾ شمار ڪرڻ وڏي بي انصافي ٿي هلي. ان خيال کان سندن هڪ خط هتي ڏجي ٿو.

(خط)

امروز، پندرهن روزه، جيڪب آباد

۲۵-۱۱-۱۹۵۷ع.

قبلہ محترم جناب سيد صاحب، دام اقباله. قبلا سائين، اميد ته سائينجن خوش خور. هوندا. صورتحال هيءَ آهي ته الڪل ٻن مهينن کان بيمار ويئو آهيان. "صبح سنڌ" هفتيوار، ان کان پوء "فرنٽيئر گزيٽ"، آن بعد "انقلاب" هفتيوار ۽ آخرين طور "امروز" پندرهن روزه جي ادارت جا فرائض (ملازمت) بجا آندم. مگر حالات جي ناسازگاري ڪجي، جو جڏهن به اخبار کي معياري پرچي جي ڪڍيءَ تي پهچايم ته سندن مالڪن جي جيحضوريءَ واري پاليسي آڏو آئي ۽ روزگار کان هٿ ڏوڻا ٿيا. لاچار ٽي پنهنجي اخبار "عوام" هفتيوار جو ڊڪليئرشن ڏنم، مگر ون يونٽ جي مصيبت ۽ ڪنون قانونن هيٺ اهو به لاهور منظوريءَ لاءِ موڪليو ويو. جنهن کي به ڇهه مهينا ٿيندا ته آتي پيو آهي ۽ پنهنجي روبرو ويڻ کان سواءِ آهو به ڪونه ملندو. مون وٽ سڀو سوا جي وصيت نه آهي جو لاهور وڃي، به چار ڏينهن رهي، اهو ڊڪليئرن منظور ڪرائي ڪٽي اچان. روزگار جي انهن ڪٽين ۾ گهروارين جي طبيعت به ناساز رهڻ لڳي آهي. ٻن ننڍن ٻارن جي پڙهائيءَ وغيره تي جدا خرچ ٿي رهيو آهي، جنهن سان هڪ جي عمر ۱۳ سال ۽ ٻئي جي ۹ سال آهي. ناقابل برداشت گرانيءَ جدا اڇي ڪڍيءَ کان جهليو آهي. انهن نامساعد حالات ۾ اميد جي جاءِ سمجهي، پنهنجو حال سائين جن سان اوريو ائم. جيڪڏهن سائينجن کي ناگوار نه گذري ۽ تڪليف نه سمجهو ته پنهنجي حلقئ احباب مان جيڪا امداد فراخدليءَ ۽ سهوليت سان آهي اصحاب ڪري سگهن، سا وٽي ڏيارڻ عنايت ڪري سگهو ته عين نوازش، جوئن مهنو به گهر جو گذارو ٿئي ۽ آءٌ لاهور وڃي ڊڪليئرشن ڪٽي اچان. پر جي غلام جي هيءَ حقيقت بياني گران گذري ته بصد ادب معافيءَ

جو خواستگار آهيان. اسان جي ضلعي ۾ به ڪيترائي وڏيرا ۽ سرمائيدار آهن، مگر جن جي مخالفت ۾ ڇهه ست سال متواتر لڪيو اٿم ، آنهن وٽ اڄ امداد لاءِ هٿ ڊگهيڙڻ پنهنجي خودداريءَ کان بعيد آهي . غلام جي ائڊريس هيٺينءَ موجب آهي. آئينده مالڪ آهيو. ڪراچيءَ ۾ ڀاڙو خرچ ڪري اچڻ جي طاقت نه حال في الحال کانئن آهي، نه ته روبرو خدمت ۾ حاضر ٿيان ها.

عبدالڪريم گدائي ، ايڙو بلڊنگ ـ نزد ميونسپل آفيس ، جيڪب آباد (سنڌ).

(۹۴)

ڊاڪٽر چمنداس جڳتياڻي

هيءُ ڪانگريس جو مڪيم ڪارڪن، حيدرآباد جو رهاڪو، مشهور ڊاڪٽر ۽ سماجي ورڪر هو. ڪانگريس ۾ خاص اثر جو مالڪ هو. سمورو وقت حيدرآباد جي سماجي ڪمن ۾ صرف ڪندو هو. مسٽر عبدالجبار وڪيل ۽ غلام مجدد سرهنديءَ سان گڏ حيدرآباد جا سماجي ڪم سر انجام ڏيندو هو. پاڪستان ٿيڻ بعد لڏي وڃي هندستان ويٺو . آڻي به اهڙيون خدمتون ڪندو آيو.

سائس هتي کان وڃي جيئن تعلقات قائم رهيا، سي هندستان مان جيستائين خط و ڪتابت جو سلسلو بند نه ٿيو (حڪومت طرفان) قائم رهيا.

سندس هڪ خط ڏجي ٿو.

(خط)

۱۵- لينسڊائون روڊ ، پنيان ريگل ڊاڪٽر چمنداس جڳتياڻي
سئنيما. فورٽ بمبئي ۱ ، ۱۰ نومبر ۱۹۶۴ع. M.B.B.S.

پيارا شاهه سائين! خير آتي آندو آهي ، جتي هڪڙي جي خبر پوڻ مشڪل آهي. اتفاق سان ڪو پاڻ سنڌ مان اچي ٿو ۽ ڪا خبر چار ڏئي ٿو. اوهين ڪيئن آهيو؟ تندرستي ڪيئن آهي ؟ ٻين دوستن جي ڪهڙي خبر آهي ؟ هيترا سال گذري ويا آهن!

تازو شيخ عبدالمجيد جو نياڻو آيو ۽ ڪجهه خبر ڏنائين. مرحوم ميان عبدالجبار جي استريءَ جي ديهانت جي به هاڻي خبر پيئي آهي. سندس اولاد کي منهنجي پاران اعزاپرسي ڏيڻ فرمائيندا . شيخ عبدالله جي گذر ڪري وڃڻ جي خبر به هاڻ پڌي اٿم. هاڻ تہ ڪو اُنهن جي گهر مان ڪونہ رهيو آهي، جنهن کي آءٌ سڃاڻان. مير علي احمد ۽ سندس ننڍو پاڻ ڪيئن آهن؟ مير صاحب وٽان عيد مبارڪ جو ڪارڊ ايندو هو، سو به هاڻ ڪونہ اچي . مهرباني ڪري دوستن جـي خبر چار ڏيڻ فرمائيندا . منهنجي گهر واري ستي به گذاري ويئي ، اڄ ست مهينا ٿيا آهن. باپو رواجي ريت ٿيڪ آهي، جيتوڻيڪ رت جـو داب، پيشاب ۾ ڪنڊ ۽ پيٽ ۾ ڏمڻ اٿس. پاڻ پرتاب ڏيئل داس، گهٽئي ڪشتن مان لنگهيو آهي ، هـاڻ بهتر آهـي . پروفيسر گهنشيام لندن ويو هو، هاڻ موٽيو آهي- ٺيڪ آهي . شـري ٺهارامائي تہ آهي ئي مدراس طرف اديار ۾- مون سان ڳالهه ڪئي هئائين تہ ڪڏهن ڪڏهن توهان سال ٽيليفون تـي ڳالهائيندو آهي.

هتي اسان هڪ وڏو T.B. Sanction ڪيو آهي، جنهن تي ۸ لکن ڪان وڌيڪ خرچ ٿيو آهي.....
جي ڪوبہ غريب مسلمان بيمار هتي علاج لاءِ اچـڻ چاهي تہ خبر ڏيندا.

جيڪي ليک مان موڪليان ٿو، سي نظر مان ڪيڙي، درست ڪري موڪليندا. هفتيوار هندواسيءَ ۾ ڇپا به ليک مهاتما بابت لکيا اٿم. نالو ڪونہ وجهندو آهيان. بهار ۽ نوکالي بابت به ويڙو لکان. اهي به هندواسيءَ ۾ پوندا.

پنهنجي تندرستيءَ بابت سموري ويچور ڏجو - رت جو داب گهٽو آهي؟ پيشاب ۾ ڪنڊ آهي ڇا؟ ڇاتيءَ ۾ ڪڏهن سور پيو هو ڇا؟ ECG ڪيو ويو هو ڇا؟ جي ڪيو ويو هو تہ رپورٽ کهڙي نڪتي؟

وڌيڪ سک، بنده چمنداس.

(۹۵)

مسٽر پرسرام ٽهلراماڻي

پرسرام ٽهلراماڻي، عاملن جي ٽهلراماڻي خاندان مان هو، جيڪي اصل ٽلٽي، ضلعي دادوءَ جا ويڙل هئا، ۽ پوءِ لڏي اچي حيدرآباد ۾ ويٺا. هيءُ سنڌ ڪانگريس جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو، ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو ڪجهہ وقت ميمبر بہ رهيو. پاڪستان ٿهڻ بعد هتان لڏي هندستان ويو، جتان بہ پراڻن تعلقاتن کي خط و ڪتابت رستي قائم رکندو آيو. سندس ڪجهہ احوال ۽ خط "اڄ پڻ چڪيم چاڪ" ۾ ڏنا اٿم. جيئن تہ هيءُ مڪمل سياسي ڪارکن هو، تنهنڪري هتي بہ سندس ڪجهہ خط ڏيئي، يادگيريءَ کي تازو ڪجي ٿو.

(۱)

چرچ گيٽ، بمبئي ۲۰، ۷- نومبر ۱۹۶۸ع.

عزتماب دوست! آءٌ نهايت خوش ٿيس، جو اوهان جي سوانح عمريءَ جو قلمي ڪتابچو، حڪيم گل محمد طرفان رجسٽر ٿي پهتو. ان لاءِ اوهان ۽ سندس شڪرگذار آهيان - آءٌ فوراً پهچ جو اطلاع موڪليان ها، پر مون نسخي کي خبرداريءَ سان نظر مان ڪيڻ ٿي گهريو، تہ جيئن منهنجي ۵۰ سوالن جي جوابن بابت گهربل مواد پورو آهي يا نہ؟

قلمي نسخو مڪمل نظر آيو ۽ مون (اوهان جي زندگيءَ جو احوال) لکڻ شروع ڪيو آهي. لکڻ وقت ڪن نقطن جي تشريح گهربل آهي، جا نسخي مان نٿي ملي سگهي. مون اهڙن نقطن جي مڪمل لسٽ ناهي آهي ۽ اوهان کي لکي موڪلياں ٿو.

اوهان کي "جنب گذاريم جن سين" جهڙي بهترين ڪتاب لکڻ ۽ ڇپائڻ لاءِ لک واڌايون هجن.

آءٌ اوهان جو ٻيهر به قلمي نسخي موڪلڻ جو شڪريو ادا ٿو ڪريان.

اوهان جو وفادار، پرسرام ٺهراماڻي.

(۲)

۳۱- ايشور ڀون، اي روڊ، چرچ گيٽ، بمبئي-۲۰- ۳۱-۸-۱۹۶۹ع.

محترم دوست غلام مرتضيٰ شاهه - ڏٺي پروردگار جي فضل سان توهين پريوار سوڌا خوش خورم هوندا. مون کان وڏي غفلت ٿي آهي، جو پريا ۱۲- مهينا توهان جي نوازشنامي جو جواب ڪونہ ڏنم -- ان لاءِ معافي طلب آهيان. غفلت اها ڪانہ هئي تہ ڪو جواب ڏيڻ بابت لاپرواهه هوس، نہ -- غفلت هيءَ هئي، جو توهان جي سوانح حيات جي مختصر احوال وارو ڪتاب (نوٽبوڪ)، جڏهن گذريل سال سپٽمبر مهيني ۾ ڀهتو، تڏهن اهو ٻر وقت سمورو نظر مان ڪونہ ڪڍيم ۽ آن ۾ اندر ۲۵ ۽ ۲۶ صفحن جي وچ ۾ جو هڪ ڪاغذ ٽڪر تي اوهان جون ٻہ چارسٽون لکيل هيون ، آن جي خبر ئي ڪانہ رهيم. ۽ بي خبر رهيس تہ اوهان کي ٻہ اکر مون ڏانهن لکيا آهن: مون پانيو تہ ڪتاب موڪلي ڏنو اٿو، ٻر مون ڏي لکيو ڪهہ ڪونہ اٿو.

هاڻي، ڪالهہ جڏهن توهان جي جيون ٻرتر لکڻ ڪاڻ اهو نوٽبوڪ ڪٻٽ مان ڪڍي پڙهيم ، تڏهن اهو ڪاغذ ٽڪر نظر آيم ۽ ڏاڍو ارمان ٿيم، جو سڄا سارا ٻارنهن مهينا مون توهان ڏانہ ڪانہ ڏني- جو خبر ڪانہ هيم تہ ڪتاب ڪنهن موڪليو منهنجي عرض جي جواب ۾.

توهان جي زندگيءَ جي گهڻي جاڻ نه هئم، پرڇڪيري جاڻ سنڌ ۾ رهندي ۽ ڪم ڪندي اڳهئي هئم. پرهائي هن نوٽبوڪ پڙهڻ کان پوءِ ڏاڍي خوشي ٿي اٿم. ته توهان ڪيئن نه ٻالپڻ جي عمر کان ئي (۱۹۱۹ع کان يعني ته ۱۴ - ۱۵ ورهين جي عمر کان) ڪيتري ساري دلسي تقويت ۽ قوت ۽ دماغي قابليت سان پنهنجي ڪوٽ، تعلقي، ضلعي، پرانت ۽ ديس جي خدمت بخوبي پئي ڪئي آهي. حالانڪ قدرت ڪارساز کي اهو الائي ڪيئن منظور هو، جو توهان جي جنم کان پوءِ ڏيڍ ٻن سالن اندر توهان جو والد شريف ۽ توهان جو وڏو ڀاءُ راهه رباني وٽي هليا ويا ۽ توهان جي ٻالڻ ۽ تاڻڻ جي نازڪ جوابداري توهان جي ٻڍيءَ ڪئي.

نوٽبوڪ جي شروعات ۾ علامه آءِ. آءِ. قاضي صاحب جا توهان بابت تاثرات بلڪل حقيقت روپ آهن .... مبارڪ آهي توهان جي زندگي!

نوٽبوڪ جي فهرست ۾ ڏيکاريل آهي ته صفحي ۴ کان ۱۲ تائين تعارف محمد امين کوسي جو ڏنل آهي، پر اندر اهي صفحا بلڪل خالي پيا آهن....

هائي مان توهان جو جيون چرتر انگريزيءَ ۾ هن مهيني (يعني سيپٽمبر ۱۹۶۹ع) جي اندر لکي پورو ڪرڻ ٿو گهران، پر ان لاءِ مون کي هيٺيان ڪتاب ضرور نظر مان ڪيڏا آهن - انهن جي هڪ هڪ ڪاپي موڪلڻ جي عنايت ڪندا تہ احسان:

۱- جديد سنڌ (انگريزيءَ ۾)، ۲- پاڪستان ٽي آءِ- آر- ٽي جي ٽريننگ ڪتاب جو سنڌي ترجمو، ۳- نئين سنڌ لاءِ جدوجهد (سنڌي ۽ انگريزي)، ۴- موجوده سياسي مسئلا، ۵- مڪمل سياسي مضمونن جو مجموعو، ۶- ادبي مضمونن ۽ خطن جو مجموعو، ۷- ڪهاڻي، پنهنجي زباني، ۴ جلد، ۸- جديد سياست جا نو رٽن ۹- بزم صوفياي سنڌ جا خطبا، ۱۰- بمبئيءَ کان سنڌ جي ڇاپيءَ جي تعريف ۱۱- سنڌ جي تهذيب (هڪلوئر) ۽ ۱۲- شهيدان سنڌ.

"جنب گذاريم جن سين" ۽ "جمڻ ڏنو آهه مون"، انهن ٻنهي ڪتابن جي هڪ هڪ ڪاپي اڳيئي اٿم. "جنب گذاريم جن سين" ڪتاب مون لاءِ ڪافي ڪارگر ٿيو، رئيس غلام محمد ڀرگڙيءَ، خانبهادر الهه بخش سومري، سيٺ هرچند راءِ ۽ مسٽر محمد ايوب کهڙي جي جيون چرتر لکڻ ۾. انهن چٽي جا جيون چرتر پر سال لکي پورا ڪري، ڪلڪتي روانا ڪري چڏيم. هتي جي ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جي لئبرري، بمبئي يونيورسٽي لئبرري ۽ مهاراشٽر ليجسليچر جي لائبرريءَ ۾ انهن چئن چٽن جي سنڌ اسيمبلي، بمبئي ڪائونسل ۽ دهليءَ جي سينٽرل ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ ڪيل ڪارگذارين جون رپورٽون چگيءَ طرح نظر مان ڪيم ۽ پوءِ انهن جا جيون چرتر انگريزيءَ ۾ لکيم. ڏاڍو پورهئي جو ڪم آهي. انهن کان پوءِ هن سال هنن اڻن مهينن ۾ ٻين ٽن جا جيون چرتر لکيا اٿم، ۱- ساڌو واسواڻي، ۲- ديوان لالچند نولراءِ ۽ ۳- راج رشي ديوان ڏيارام گدومل- هي پويون جيون (ديوان ڏيارام گدومل جو) چوٽون ڏينهن روانو ڪيم.

انسٽيٽيوٽ کي اهي منهنجا انگريزيءَ ۾ لکيل جيون چرتر ڏاڍا پسند پيا آهن. ايڊيٽر، توهان جي جيون چرتر سوڌا، اڃ پيا جيون چرتر لکڻا اٿم. هاڻي پهريائين توهان جو جيون چرتر ٿو لکان. براءِ مهرباني مٿي لکيل ڪتابن جي هڪ هڪ ڪاپي يا جن ۾ ڪتابن جي ڪاپي موڪلي سگهوم، پاڪل جلد موڪليو. جي انهن مان ڪن ۾ ڪتابن جي ڪاپي واپس ڪپندو، تہ مان ضرور آهي واپس ڪندس ٻن مهينن جي اندر-

منهنجي يوگيه ڪا خدمت هجي تہ بلاشڪ لکندا. وس پڄندي آهي بجا آڻيندس.

وڌيڪ سڪ، توهان جو دوست، پرسرام.

* (۳)

چرچ گيٽ- بمبئي ۲۰، ۲۱ آڪٽوبر ۱۹۶۹ع.

مسٽر جي- ايم سيد، سن- ضلعو دادو، تمام پيارا دوست!

آڏ بمبئيءَ کان ٻاهر ڏهليءَ گهمڻ ويو هوس، جتان کلهه صبح جو موٽيو آهيان. بمبئي ڇڏڻ کان اڳ اوهان جو خط پهتو هو آن جو جواب ڪافي اڳ ڏيئي ڇڏيان ها، پر آڏ انهن ڪتابن جي پهچ لاءِ منتظر هئس، جن بابت اوهان لکيو هو ته رجسٽر ڪري موڪلجن ٿا.

خبر ناهي ڇو ايڏا ڪتاب نه پهتا آهن؟ مهرباني ڪري ان جي جاچ ڪندا ۽ ڪتاب جلد پهچائڻ جو بندوبست ڪندا.

مون اوهان کي اڳ ئي اطلاع ڏنو آهي ته انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل اسٽڊيز ڪلڪتي، مون کي جيڪي سوانح عمريون لکڻ لاءِ ڏنيون هيون، انهن جي جلد تڪميل لاءِ زور پئجي رهيو آهي. ان سلسلي ۾ مون کين هيٺين ستن سنڌي ليڊرن جو سوانح عمريون مڪمل ڪري، موڪلي ڇڏيون آهن:

۱- رئيس غلام محمد خان پرڳڙي، ۲- سيٺ هرچند راءِ وشنداس، ۳- ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي، ۴- خانبهادر الهه بخش سومرو، ۵- محمد ايوب کهڙو ۶- ديوان لالچند نولراءِ، ۷- راج رشي ديوان ڏيارام گدو مل. اوهان جي سوانح عمري اٽين آهي، جا لکي رهيو آهيان، ۽ اڃ کان وڌيڪ لکي ڇڏي اٿم- آڏ اوهان جي ڪتابن جو سخت منتظر آهيان، جن وسيلي سوانح عمري مڪمل ڪري، اداري کي موڪلينداس.

اميد ته تندرست ۽ چڱا پلا هوندا ــ خدا اوهان کي خوش رکي.

اوهان جو وفادار، پرسرام ٿهراراماڻي.

(۹۶)

پاڻ اٽم، بمبئي

آسن چيلانند اتمچنداڻي "اٽم" ايم. اي (جنم ۱۶-۱۲-۱۹۲۳ع، حيدرآباد سنڌ) اعليٰ اديب ۽ صحافي هڪ حوصلہ مند

مخلص سياسي ۽ سماجي ڪارڪن آهي. درجن ڪان وڌيڪ ڪتاب ۽ ڪيئي اهم مضمون لکيا اٿس ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جو مرتب آهي. ۱۹۶۵ع ۽ ۱۹۷۰ع ۾ "سوويٽ لئنڈ نهرو انعام" حاصل ڪيائين. آزاديءَ ڪان اڳ حيدرآباد جي نيشنل ڪالج جي مخزن "قلمي" جو ايڈيٽر ٿي رهيو. ۱۹۷۳ع ۾ سوويت يونين ۾ آفرو- ايشيائي اديبن جي ڪانفرنس ۾ هندستان مان سنڌي ڊيليگيٽ طور شرڪت ڪيائين. سنڌي ساهت منڈل بمبئيءَ جي مکيه بانيڪارن مان آهي، جن پارت ۾ سنڌي رسم الخط جي مسئلي تي اصولي قومي موقف ورتي، زوردار تحريڪ هلائي ۽ ان ۾ هو ڪافي حد تائين ڪامياب ٿيا ۽ پڻ هند جي آئين ۾ اسٽيٽ بولين جي فهرست ۾ سنڌي بوليءَ جو نالو داخل ڪرائي سگهيا، ۽ ائين آتي سنڌي بوليءَ کي سرڪاري طور تسليمي ملي. هو روزانه "سنڌو سماچار" ۽ "سنڌو سنسار" ۽ هفتيوار "سنڌو ڏارا" جو ايڈيٽر ٿي رهيو ۽ ماهوار "نئين دنيا" جو شروع ڪان هيلتائين ايڈيٽر رهندو اچي ٿو. پاڻ جڏهن پنهنجي بيگم صاحبه محترمه سندري آنمچنداڻيءَ سان گڏ (جيڪا پاڻ به سنڌي ادب جي دنيا ۾ هڪ اعليٰ ۽ نامور ليکڪ آهي) ٽيهارو سال ڪن اڳ هتي اسان وٽ پنهنجي وطن ياترا تي آيا هئا، تڏهن مون سان ۽ ٻين علم ۽ ادب سان واسطي رکندڙ ڪافي دوستن سان سندن قربائتيون ملاقاتون ۽ تفصيلي رهاڻيون ٿيون هيون، جيڪي اڄ تائين ياد ڪيون وڃن ٿيون. سندس ٻي خط هتي پيش ڪجن ٿا.

(۱)

پنجون اکل پارت سنڌي ساهتيه سميلن

۱۸-۱۰-۱۹۶۱ع پتو: سنڌو سماج، آفيس نوها براز، پوپال.

پيارا پاڻ، شال سدائين خوش هجو! اڄ موهن جي ڏڙي جي سيمتا جي وارثن لاه ڏاڍا ڏکيا ڏينهن آيا آهن. هند ٽوڙي

سنڌ ۾ اسان جي منڙي هولي ڏولائن ۾ آهي. اڄ اها ولي ئي ته اسان جي جدا هستيءَ جي باقي نشاني بچي آهي. جيڪڏهن اڄ سنڌي سپوت سجاڳ نه ٿيا ته اها هستي ختم ٿيڻ ۾ ڪهڙي ويرم لڳندي.

ان ڪري ئي هندستان ۾ هر سال سنڌين طرفان سالياني ادبي ڪانفرنس سڏائي ويندي آهي، جتي هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ مان سنڌي گڏجي سنڌيت کي زنده رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هن سال پوپال ۾ ۱، ۲ ۽ ۳ نومبر تي اهڙي ڪانفرنس ٿي رهي آهي، جنهن لاءِ توهان کي سڪ پري دعوت ڏيون ٿا، جا اميد ته قبول پوندي.

جيڪڏهن توهان جو اچڻ ممڪن نه هجي ته به اکر سنيهي جا موڪلڻ جي عنايت ڪندا.

توهان جو پنهنجو، آتم، جنرل سيڪريٽري اڪل پارت سنڌي ساهتيه سميلن.

(۲)

۱۰- ميهتا منزل، ايس، ٽي روڊ، بمبئي، ۱۸-۹-۱۹۶۳ع.

پيارا رفيق، ورهاڳي کان پوءِ مهراڻ جا موتي، سنڌي بوليءَ جا پالڪ، ان ملڪن ۾ ورڇجي ويا آهن ۽ اڄ هڪ نازڪ دور مان لنگهي رهيا آهن. کهڙو نه بهتر ٿئي، جي پنهنجي بوليءَ، ساهت ۽ ڪلا جي سلامتيءَ لاءِ هڪٻئي ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪجي ۽ انهن جي ترقيءَ لاءِ تعاون ڪجي. اڻ ٻڌڪ مراد سان اوهان کي ڪوٽ ٿي ڪجي ته جڌپور، راجستان، ۾ ۲۶، ۲۷ ۽ ۲۸ آڪٽوبر تي ٿيندڙ ڇهين آل انڊيا سنڌي بولي ۽ ادبي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي موقعي، جو شان وڌائيندا. اميد ته مايوس نه ڪندا.

توهان جي رهائش ۽ کاڌي جو خاطر خواه بندوبست ڪيو ويو آهي. مهرباني ڪري پنهنجي اچڻ جو اطلاع اڳواٽ ڏيندا. جيڪڏهن الٽر مجبورين ڪري اوهان جي شرڪت

ممڪن نہ ٿي سگھي، تہ لفظ پيغام جا موڪليندا تہ شڪرگذار رهنداسين.

اوهان جو پنهنجو، اتم، جنرل سيڪريٽري.

(۳)

اي. جي. اتم ۴، هيرآباد منيشن، ستلا ديوي ٽيمپل روڊ، ماهم، بمبئي، ۱۶. ۲۹-۴-۱۹۷۵ع.

پيارا پاڻ! جيئي سنڌ! جيئي سنڌ جو سائين! توهان جي چٺي ٻيون ڏينهن ڦهتي. پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي، جو هڪ تہ اها توهان وٽان پهرين چٺي هئي، ٻيو تہ ان ۾ سائينءَ ڏانهن منهنجي پهچايل سلامن ۽ سنڌس نيڪ تمنائن جي اظهار جو احوال هو. تازو هتي انگريزي ۽ هندي اخبارن ۾ سائينءَ ۽ سنڌس ڪتابن ۽ مقصدن بابت فوٽن سان ليڪ ڇپايا اٿم، جي سهوليت سان موڪليندس.

توهان منهنجي بن خطن ۽ ڪتابن جي پارسلن جي پهچ ڏني آهي، پر مون توهان کي ٻي خط ۾ ٻي پارسل رجسٽر ڪري موڪليا آهن.

هڪ ۲۲ جنوري، ٻيو ۲۴ فبروري ۽ ٽيو ۱۸ مارچ تي، جيڪي توهان جي موڪليل ڪتابن، مخزنن جي ٽن پارسلن جي پهچ طور موڪليل هئا. الاجي هڪ خط ۾ پارسل جو نہ پهتو اٿو. اڄ ڏيڍ مهينو ٿي ويو آهي، جو توهان وٽان ڪوبہ ڪتاب ۽ نئين سنڌ جو اپريل پرچو نہ پهتو آهي. جيتوڻيڪ اپريل جو پرچو ۽ "ساٿيهہ جي ساک" ڪتاب پين کي هتي موڪليو اٿو. مون کي الاجي ڇو وساريو اٿو- جيتوڻيڪ توهان پاڻ لکيو آهي تہ مون توهان جي ڪتابن جي پهچ ڏني آهي، پين نہ ڏني آهي. ان جو سبب اهو ٿي آهي جو مان سائينءَ جي مقصد وارو ڪم ڪندڙ آهيان، جيڪي هتي ٻيا ڪونهن. ان ڪري مهرباني ڪري، مون کي تہ پنهنجا ڪتاب ۽ اخبارون ۽ پين سڀني کي موڪلڻ کان اڳ موڪليو، جو مان ان جو پورو

ڏهلاءُ ڪندڙ آهيان، جيڪي ٻيا نه ڪندا آهن. ان ڪري مون وٽ ڇڇڻ سان ٻين کي ان جو ڦتو پوندو، پر ٻين وٽ ڇڇڻ سان مون کي پورو ڦتو نه پوندو. ان ڪري هـن چڻي ڇڇڻ شرط نئين سنڌ جا اپريل مئي وارا پرچا، سائيڪ جي ساڪ ۾ ٻيا ڪتاب جلد رجسٽر ڪري موڪليندا.

تازو سنڌ ڪراچيءَ ۾ مارچ ٢، ٣، ۴ تي "سنڌ صدين کان" بابت عالمي سيمينار ٿيو هو، جنهن بابت هلال پاڪستان، برسات ، نئين زندگي ۽ ٻين مخزنن خاص پرچا ڪڍيا آهن. اهي پرچا وڻي ڏرت موڪليندا ته بيحد ممنون ۽ مشڪور رهندس. وڌيڪ ساڪ.

سائين ۽ ٻين دوستن کي سلام ڏجو.

جواب جي انتظار ۾، توهان جو ڀنهنجو، اتهر.

[نئين سنڌ پريس جي مئنيجر موڪليل خط ، جو سڌو سئون خط موڪلڻ ڏکو هو.]

(٩٧)

سيد شمس الدين شاهه، سکر

هيءُ سيد قلندر بخش شاهه جو فرزند، هنگورا (پنوعاقل) ۾ ١٩١٩ع ۾ ڄائو . هيءُ سکر ۾ وڪالت ڪري ٿو. خوش خلق، خاموش ۽ مستقل مزاج ڪارڪن آهي. هن سان منهنجي واقفيت هاري ڪاميٽيءَ جي وقت کان ٿي . هاري ڪاميٽي ، متحده محاذ ، نيشنل پارٽي ۽ نيشنل عوامي پارٽيءَ ۾ اسان سان گڏ هو . هن وقت پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو آهـي ، ان ڪري سائس تعلقات ٿڻي ويا آهن. پراڻن ڪارڪنن مان هيءُ ئي هڪڙو صاحب آهي ، جنهن پيپلز پارٽيءَ جـي ليڊرن جي خوشنوديءَ خاطر مون کي پوڙهو سڏي، مشورو ڏنو آهي ته آءٌ سياست کان رٽائر ڪري ، سنڌ جي سياست جي واڳ سنڌ

جي دشمنن جي حوالي ڪريان ته جيئن ڪين وڙي، تيئن سندس ڪي پيايندا رهن. ليڪن مون کي خوشي ٿئي ٿي، جو سندس خاندان مان ڪي صاحب، باوجود سرڪاري نوڪريءَ ۾ هئڻ جي، به ايمان تازو رکيو اچن.

سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذريم جن سين" ۾ ڏنل آهي. سندس هڪ خط هتي ڏجي ٿو.

* (خط)

سکر، ٢٥-٤-١٩٥٧ع.

پيارا سائين! مون کي اوهان جا ٻيئي خط پهتا. اسان اوهان جي حڪم پٽاندر مختلف هنڌن تي گڏجاڻين رکڻ جي انتظام ۾ مصروف آهيون.

پاسپورٽ لاءِ عرض آهي ته روس ۽ اوپر يورپي ملڪن جو وٺائي ڏيو يا ڪجهه وقت لاءِ ڇڏي ڏيو ۽ آرام ڪرڻ ڏيو. اوهان کي خبر آهي ته مون منڊ ۾ پاسپورٽ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. اسان کي مسٽر غلام عليءَ سان رابطي ۾ اڇڻ کپي. آءٌ ان مقصد لاءِ ڪراچيءَ اڇڻ چاهيان ٿو. مهرباني ڪري اطلاع ڏيندا ته اوهان ڪراچيءَ ڪڏهن موٽندا.

نيڪ تمنائن سان، اوهان جو پر خلوص، شمس‌الدين شاهه.

(٩٨)

سيد محمد ڪامل شاهه

هيءَ صاحب، سعيدپور جو ويڙل، وڏو زميندار، سيد قبول محمد شاهه جو فرزند، متياري سيدن جي ميان پوٽي خاندان جي شرف پوٽي شاخ مان هو. ١٨٧٤ع ڌاري ڄائو هو. پنهنجي لياقت ۽ لاڳاپي ڪري آس پاس ۾ وڏا اثر پيدا ڪري ويو. ٽنڊي ڊويزن ۾ هن جو وڏو اثر رسوخ هو. ١٩٢١ع

کان ۱۹۳۶ع تائين بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ چونڊيو آيو.

سندس پاڻ محمد سليم شاهه، جنهن کي هيءُ تمام گهڻي محبت ڪندو هو، گهڻو وقت بيمار رهڻ بعد وفات ڪري ويو، ان صدمي سبب هن جي طبيعت اڪثر ٺيڪ نه رهندي هئي.

منهنجو والد ننڍي هوندي وفات ڪري ويو هو، ان بعد جن ماڻهن منهنجي مائٽن وانگر سرپرستي ڪئي، تن مان حاجي عبدالرحيم شاهه، حاجي عبدالحڪيم شاهه، رئيس فقير بخش خان ڪاڇي، مخدوم ظهيرالدين هالا، حاجي اسدالله شاهه مرحوم ۽ هيءُ مڪيم هئا. هن ۲۹- اپريل ۱۹۳۷ع تي وفات ڪئي.

هن جي زندگيءَ جو مفصل احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو اٿم- سندس ست خط هتي پيش ڪجن ٿا.

(۱)

سعيدپور، ۱۱- فبروري ۱۹۲۴ع.

جناب سيادت و شرافت اخوي عزيز شاهه صاحب، سيد ميان غلام مرتضيٰ شاهه صاحب! بعد سلام مسنون- واضح خاطر عزيز باد ته صاحب جن جو خط ڇڻي درٻارها انعقاد انجمن سيدن متعلق پهتو. وڏي مسرت ۽ خوشيءَ جو سبب ٿيو. اهڙي مفيد ۽ ازحد ضروري تحرير جو بخوشي خيرمقدم ڪيون ٿا ۽ گهرون ٿا ته الله تبارڪ تعالىٰ اوهان جي انهي ارادي ۾ برڪت ڏئي. اسان هوندو وڏي خوشيءَ سان انهيءَ دعوت ۾ شريڪ ٿيون، پر بمبئي ڪائونسل جو انعقاد بس عنقريب ٿيڻو آهي، انهيءَ لاءِ اوڏانهين وڃڻو آهي. جيڪڏهن مقرر ميعاد دعوت کان پيشتر واپس اچڻ جو سبب ٿيو ته خوشيءَ سان ايندس. هيءَ صورت ۾ معاف ڪندا.

زياده خيروالسلام، محمد ڪامل شاهه، زميندار، سعيدپور گوني، ۽ ايم- ايل- سي.

(٢)

سعيدپور، ١٣-١١-١٩٢٥ع.

بخدمت اخوي عزيز جناب سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب.

بعد تسليمات جي لکجي ٿو ته خط اوهان صاحبن جو پهتو- مهرباني. اوهان کي وائيس پريزيڊنٽيءَ جون مبارڪون هجن. اميد آهي ته بفضل الله پريزيڊنٽي به موصول ٿي سگهندي. زياده خير- اوهان صاحب اميد ته خوش هوندؤ.

فقط تسليمات اخوي محمد سليم شاهه جا مطالع ڪندا.

محمد ڪامل شاهه.

(٣)

٢٥- سپٽمبر ١٩٢٦ع.

جناب مڪرم و معظم بنده زاد عنايته! بعد سلامن جي واضح خاطر شريف هجي، ته آءٌ اوهان صاحبن جي عنايت ۽ معاونت سان گذريل ڇهه سال سانده سنڌ جي زميندارن ۽ جاگيردارن پاران بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ ميمبر ٿي رهيو آهيان. جنهن لاءِ اوهان صاحبن جو گهڻو شڪرگذار آهيان. انهيءَ عرصي ۾ زميندارن ۽ جاگيرداري حقن حقوقن لاءِ جيڪي به مون کان ٿي سگهيو آهي، ان ۾ ڪوتاهي نه ڪئي اٿم. هي موقعو ڪونه آهي، جو مان انهن سڀني ناچيز خدمتن جي ويهي اظهار ڪريان، پر تڏهن به اشاري طور کي گهاڻهيون شامل ڇپيءِ خط ۾ ملاحظي لاءِ پيش ڪجن ٿيون. مون کي گهڻي خواهش ۽ اميد آهي ته مان ايندڙ وڌيڪ خدمتن سان پاڻ کي اوهان جي پروسي جي لائق ثابت ڪريان. هينئر نئين الیڪشن شروع آهي، جنهن لاءِ ساڳيءَ جاءِ تي اميدوار بيٺو آهيان. مون کي اوهان جي عنايت ۽ نوازش ٿي پورو پروسو ۽ اميد آهي ته جيئن هن کان اڳ پنهنجي پوريءَ مدد سان مون کي ڪامياب ڪيو هوو، تيئن هاڻي به پنهنجو ووٽ ۽

پنهنجي دوستن ۽ متعلقين جا ووٽ مون کي ڏياري ڪامياب ڪرڻ فرمائيندا، تہ نهايت ممنون ۽ مشڪور رهندس.
فقط، محمد ڪامل شاه.

(۴)

حيدرآباد سنڌ، ۱۱- سپٽمبر ۱۹۳۰ع.

بخدمت جناب مڪرم و محترم اخوي ام صاحب، سيد ميان غلام مرتضيٰ شاه صاحب! السلام عليڪم بعد معروض باد تہ اوهان صاحبن ۾ قوي اميد رکي اوهان صاحبن کي منهنجي اليڪشن لاء مانجهند تعلقي جو ايجنٽ مقرر ڪيو ويو آهي. نوازش روء پنهنجي تعلقي جا سڀ ووٽر صاحب حاضر ڪرائي، پنهنجي ووٽ سميت منهنجي فائدي ۾ ووٽ ڏيارڻ فرمائيندا. منهنجي مخالف ڏر جي دستبرداريءَ کي بلڪل نہ ڏسندا، ڇاڪاڻ تہ ڦرايل مدت کان پوء اها دست برداري رولن موجب ٽي نٿي سگهي ۽ بهرحال اليڪشن ٿيندي. تنهن ڪري مهرباني فرمائي، تڪليف معاف ڪري، منهنجو ڪم پورو ڪرڻ فرمائيندا.

اليڪشن ۱۵- سپٽمبر سومر ڏينهن ٿيندي.

محمد ڪامل شاهه.

(۵)

سعيدپور، ۷-۱۱-۱۹۳۹ع.

بخدمت والامنقبت معظمي اعظمي سيد ميان غلام مرتضيٰ شاهه، السلام عليڪم - آنحضرت تي بخوبي روشن آهي تہ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ حيدرآباد جي پريزيڊنٽيءَ جي ضمني چونڊ ۾ اسان جو هردلعزيز ۽ لائق نواجون پير سيد بقادار شاهه صاحب متعلوي پنهنجي خداداد لياقت جي بدولت پوريءَ ڪاميابيءَ سان ڪامياب ٿيو آهي، جا ڳالهہ نہ رڳو مون لاء پر سڀني دوستن احبابن لاء وڏيءَ خوشيءَ ۽ مسرت جو باعث ٿي

آهي. اهڙي خوشيءَ جي اظهار ۾ مون پنهنجي نوجوان ۽ لائق پير صاحب ممدوح کي پارٽي ڊيڻ جو تهيو ڪيو آهي. جنهن لاءِ ۱۸- نومبر ۱۹۳۹ع، ڏينهن چونڊ تعين ڪيو ويو آهي. انهيءَ پارٽيءَ ۾ شموليت جي آنحضرت کي دعوت ڏيڻ ان ٿو ۽ اميد رکان ٿو تہ هروءَ مهرباني جي قبول فرمائي مٺينءَ تاريخ، انين بجي ڏاري صبح جو مڪلف جي خسخاني سعيدپور تي تشريف فرما ٿي ، پنهنجي قدوم ميمنت لزوم کان مجلس کي منور ۽ مزين ڪرڻ سان بنده جي عزت ۽ افتخار جو باعث ٿيندا. دوستن جي تفريح طبع جي خيال کان انهيءَ موقعي تي محفل رقص و سرود لاءِ پڻ انتظام ڪيل آهي. اهو چونڊ جو پهرو ۽ آچر جي رات مون وٽ ترسڻ فرمائيندا.

زياده خيروالسلام. سيد محمد ڪامل شاه.

(۹۹)

پير عالي شاهه بدين

هيءَ پير صاحب، جيلاني پيرن جي خاندان مان هوءَ هن جا وڏا اصل ڪچ کان لڏي، اچي بديڻ ۾ ويٺا، جتي هن جي ڏاڏي شاهه قادريءَ وڏو نالو ڪڍيو. ڪيترا ماڻهو سندس مريد ٿيا، جنهنڪري وڏي جائداد، ملڪيت ۽ زميندارييءَ جو صاحب بنجي ويو.

پير عالي شاهه وڏي ٿيڻ بعد سياست ۾ حصو ورتو. هڪ دفعي اسان کيس مير غلام عليءَ جي خلاف ، سندس تڪ مان سنڌ اسيمبليءَ لاءِ اميدوار بيهاريو، ۽ حڪومت جي اثر ، پئسي جي زور ۽ پين بيقاعدگين ۽ زور زبردستين ڪري مير صاحب ڪامياب ٿي ويو. جڏهن وري پهون اليڪشنون ٿيون تہ هن اسان کي ڇڏي، حڪومت جو طرف ورتو ، جن کيس شاهبندر

تڪ مان سنڌ اسيمبليءَ تي چونڊايو. هيءَ ڪجهه وقت مير غلام‌علي‌ءَ جي گروپ ۾ شامل هو، پر جڏهن خانبهادر کهڙو وزير اعليٰ ٿيو، تہ ان سان وڃي شامل ٿيو. کهڙي جي نڪرڻ بعد وري مير غلام‌علي‌ءَ سان ٽاهہ ڪيائين. سنڌ جي عام پيرن ۽ زميندارن وانگر هيءَ اقتدار خاطر پاسا بدلائيندو رهيو. ڪڏهن اقتدار حاصل ڪري ورتائين ۽ ڪڏهن ٻاهر رهيو. باوجود سياسي ڦيرين گهيرين جي رئيس پرڳڙيءَ ۾ مون سان شخصي تعلقات قائم رکيو آيو. خوش خلق، مهمان نواز ۽ يار ويس شخص هو.

ڪو وقت هو تہ هن جو لاڙ ۾ پيري مريديءَ ڪري وڏو اثر هو. سندس مريد ٽڪاڪر، حيدرآباد ۽ ٻئي ضلعي جي هيڏين پاڳي ۾ جام هٿ جيئن تہ اڃوڪن پيرن ۾ نہ ڪرامت رهي آهي ۽ نہ ئي مريدن کي منجهائن فيض ٿو ملي، ان ڪري جيڪي پير سرڪار ۾ دسترسي رکن ٿا، سي ڪامورن ۽ وزيرن معرفت مريدن جا ڪم ڪرايو، پنهنجو اثر قائم رکيو وينا آهن - پير صاحب بہ هن پيرن وانگر تاحيات اهو طريقو اختيار رکندو آيو.

پڇاڙيءَ ۾ طبيعت جي ناسازيءَ ڪري سياست کان عاجزه رهيو. ڪيس ڪو اولاد ڪونہ ٿيو. ۲۰- ڊسمبر ۱۹۷۳ع تي وفات ڪري ويو. آءٌ نظربند هئڻ ڪري، سندس عذر خواهيءَ لاءِ وڃي ڪونہ سگهيس. سندس نياڻيءَ جي شادي ميرپورخاص جي عابد علي شاه ولد سيد وڏل شاه سان ٿيل آهي، جو هينئر سندس گادي نشين آهي.

سندس ٻہ خط ڏجن ٿا.

(۱)

حيدرآباد، ۱۶-۹-۱۹۶۶ع.

قبلا سائين! السلام عليڪم - عرض تہ شيخ صاحب اوهان جو جهونو نيازمند آهي، ٻاڻ واري غلام مصطفيٰ شاهہ

۽ ڪو ڪم اٿس. انهيءَ لاءِ اوهان کان سواءِ بي ڪا واهه ڪانهي- براه نوازش جيڪي ٿي سگهي، سو سندس لاءِ ڪوشش ڪرڻ فرمائيندا.

ٻيو سڀ خير- اميد ته خوش خورم هوندا.

نيازمند، پير عالي شاهه، سجاده نشين درگاهه شاهه قادري، بدين. جيلاني هائوس، بدين. ۱۱-۱۱-۱۹۶۶ع.

پيارا سائين! السلام عليڪم- اوهان جو ۴-۱۱-۱۹۶۶ع جو خط پهتو، حڪم موجب دل جي يادداشت مطابق چند ڪيئر ماڻهن جو ائڊريسون ٻنهي تعلقن جون موڪليان ٿو. انهن کي وري خط ۽ ائين لکڻ گهرجي ته هي لٽريچر پنهنجي متعلقين کي مهرباني ڪري پهچائي ڏيندا. اهڙيءَ صورت ۽ انشاءالله ته ڪافي ماڻهن تائين لٽريچر پهچي ويندو.

اميد ته اوهان خوش خورم هوندا.

والسلام، نيازمند، پير عالي شاهه، سجاده نشين درگاهه شاهه قادري، بدين.

(۱۰۰)

سيد حاجي عبدالرحيم شاهه

هيءَ شاهه صاحب ۱۸- مارچ ۱۸۷۸ع تي ڄائو. متياري سيدن جي جرار پوڙي قبيلي مان هو. سندس والد محمد رحيم شاهه سجاول ۽ زمينون خريد ڪري، اچي رهيو.

شاهه صاحب، سنڌي توڙي پارسي زبان جو بخوبي ڄاڻو هو. قرآن شريف بامحاوري معنيٰ سان پڙهيل هو. سندس همٿ اکر نهايت سهڻا هٿ. نماز روزي جو پابند هو. علم ۽ عالمن سان گهڻي دلچسپي هوندي هيس. سندس دسترخوان اهل علم، دوستن ۽ آسپاس جي خاندانن لاءِ هميشه کليل رهندو هو. عام

زميندارن وانگر آفيسرن ۽ ڪامورن جي خوشامد ڪان پري هو. خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتو هٿائين. مولانا محمد صادق ڪڏي واري، مولوي محمد سليمان ٻنويءَ ۽ مولوي فتح‌محمد سيوهاڻيءَ جي صحبتي هٿ ڪري، هن جو "جميعت العلماء هند" سان واسطو هو. ان جي ڪيترين ڪانفرنسن ۾ شرڪت ۾ ڪئي هٿائين. شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کي ۱۹۳۰ع ۾ بمبئي ڪائونسل تي چونڊائڻ جو سهرو به سندس سر ٿي هو.

مون سان خاص محبت هيس. اڳ ۾ سيد محمد ڪامل شاهه جي احوال ۾ ٻڌائي آيو آهي ته هن مون کي اولاد وانگر سمجهي، منهنجي پرڳهور لڌي. ڪراچي ضلعي لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ سندس ڏي مدد سان ٿيس. سندس زندگيءَ جو مفصل احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو اٿم.

افسوس آهي، جو ڪيس نرينو اولاد ڪونه ٿيو. سندس ملڪيت جو گهڻو حصو وقف ذريعي مدرسي، مسجد ۽ شاهه ولي الله اڪيڈميءَ ۾ صرف ٿي رهيو آهي ۽ رهيل حصو سندس عزيزن جي عيوض سندس گهر واريءَ جي مائٽن جي حوالي ٿي ويو، جا ڏاڍين مان هٿي.

شاهه صاحب جا مون وٽ ڪيترائي خط محفوظ آهن، جن مان ۸ هتي ڏجن ٿا.

(۱)

سجاول، ۲۵- اپريل، ۱۹۲۵ع.

بخدمت جناب برادرم عزيز! عيد مبارڪ ! بعد السلام عليڪم و رحمة الله وبرڪاته جي عرض ته الحمد لله طرفين خيريت آهي.

اوهان صاحبن جا ٻه خط عنايت ٿيا آهن . جواب ڏيرئين جي ۾ تاخير ٿي، جو آءٌ روبرو حاضر نه هوس - تنهنڪري معافي ڏيندا.

(٢)

صاحبا! منهنجو ارادو ميٽنگ ۾ اچڻ جو ڪونه هو، جو دنيوي ڪمن کان فراغت ڪانهي. مگر وري اوهان صاحبن جي دوباره لکڻ ڪري اميد ته ايندس، پوءِ روبرو جيئن حڪم فرمائيندا.

اڳي مبارڪبادي‌ءَ واري خط جو جواب ارسال ڪيل هو، غالباً پهتو هوندو. اطلاع جي مهرباني ڪانه ٿي.

زياده خيروالسلام، سيد عبدالرحيم شاهه سڄاول.

از سڄاول.

(٣)

مبارڪ باشد و باشد مبارڪ
يڪي اين است وديگر صد مبارڪ

جناب والا- السلام عليڪم. دير سان خط لکڻ جو سبب هڪ ته اليڪشن جو ڏک پيو گهوڙي جو ڏک، تنهنڪري تاخير ٿي. مگر اوهان جي فتحيابي‌ءَ اسان جا سڀ درد لاهي ڇڏيا. انهي‌ءَ ۾ به ڪا حڪمت هئي.

هاڻي التماس هي ته وڏيرو نور محمد پليجو ڀني وارو، جنهن سان شايد اوهان موجود گي‌ءَ ۾ يا پوءِ، محمد جعفر جي فائدي ۾ هٿ کڻڻ لاءِ بسترڪٽ لوڪل بورڊ مان، اسڪول بورڊ جي انجام ڏي ته توڪي چونڊائيو، جنهن ڏي هن اشراف هٿ کنيو. هاڻ وقت به وقت پيو اچي ۽ ياد ڏياري. تنهن لاءِ آءٌ ته ڪجهه نٿو ڪري سگهان سواءِ اوهان جي مدد جي. انهي‌ءَ لاءِ اميد رکي، هي‌ءَ عريضو ارسال خدمت ڪيو آهي ته انهي‌ءَ لاءِ مهرباني ڪري پورو پورو خيال رکندا. ائين نه ٿئي جو طاق نسيان ۾ هي‌ءَ اچي وڃي. مون کي گهوڙي ڏک ڏنو آهي، جنهنڪري ڪجهه تڪليف آهي. انهي‌ءَ هوندي جيڪڏهن قسمت ڏي ته ڪراچي‌ءَ انشاءَ الله ملاقات ٿيندي.

اوهان کي قوم جو درد آهي، تنهنڪري اصلاح جي اهڙي صورت ڪيو، جنهن ۾ ڪجهه اميد ٿئي.

عبدالرحيم شاهه.

(۴)

از سجاول، مورخہ ۲۱- جنوري ۱۹۲۶ع.

مشفقي برادرم سيد غلام مرتضيٰ شاهہ صاحب ! السلام عليڪم- لفافو توهان جو مورخہ ۱۳ جنوريءَ جو، بمبئيءَ جي ڊيڊ لٽر آفيس مان ٿي، اڄ اسان کي مشرف ٿيو. اوهان صاحبن جيڪي تحرير فرمايو آهي ، سو برحق آهي. مسون کي اڳيئي ۲۳ تاريخ تي ڪراچيءَ اچڻ جو ارادو هو، مگر هت ڪنهن ضروري ڪم هٿ سبب آڳ ۲۴ تاريخ ڪراچيءَ اينداس.

اوهان کي اسان جي طرفان ڪلي اختيار آهي. اوهان صاحب جنهن فيصلي تي ٻيهندا، اهو اسان کي منظور آهي.

زياده خيروالسلام، عبدالرحيم شاهہ.

(۵)

۲۰- فبروري، ۱۹۲۷ع.

بجناب عالي ـــ دام اقباله. بعدالسلام، الحمدلله طرفين خيريت آهي. هي عريضو خدمت ۾ ارسال آهي ته مهرباني ڪري تڪليف فرمائي، اوهان صاحب ۽ مير مقبول شاهہ هن ڪاميٽيءَ لاءَ ۲۳ تاريخ اسڪول بورڊ تي تشريف فرما ٿيندا، جو ملاقات جو شوق به آهي ۽ ڪاميٽي ۾ به ضروري ريزوليشن آهن، جنهن ۾ اوهان جو هٿ ضروري آهي. ٻيا احوال ملاقات وقت. ڪانفرنس جي ڪاروبار هجي.

والسلام، عبدالرحيم شاهہ.

(۶)

سجاول ، ۱۵- سپتمبر ۱۹۲۸ع.

بخدمت جناب برادرم عزيز ، بعد السلام مزاج شريف باد - اوهان جا متواتر نوازشنامہ ، هڪ پيڪ خط تشويش پيدا ڪيئي، بعد ۾ تار خوشي ڏيندڙ ۽ ٿيو خط مفصل احوال جو، پهتا-

مبارڪ باشد و باشد مبارڪ
بڪي اين لخت دنگر صد مبارڪ

پهرئين لفافي آهڙو فڪر ۽ وجهي ڇڏيو، جو ڪالهه ئي نه پڇو. وري تار جي ملڻ ڪري جا خوشي ٿي، تنهنجو بيان ئي ڪري نٿو سگهجي. تار جو جواب بروقت سن مبارڪباد ۽ روانو ڪيو ويو. اوهان شايد ڪوٽ نه ويا آهيو ، تنهنڪري تار جي خبر نه لکي اٿو. پويون خط ڪاڏيءَ تان لکيل ٿو ڏسجي. اوهان اهڙي ملهه ڪٽي آهي، جو جيڪر ساهه قربان ڪجي ، مجراءِ اٿو. نهايت حيرت جهڙو ڪم ڪيو اٿيو. مخالف ڏر ۾ پنهنجي وس ۽ گهٽ ڪانه هٿي ، واقعي انهن جو اثر ۾ ڏاڍو گهٽو هو. اوهان ئي هٿا، جن ايترو مقابلو ڪري فتح حاصل ڪئي. الحمدلله هاڻي ويچارن جو ساهه ٺڪيءَ ۽ هوندو.

عبدالرحيم شاه .

(٧) .

سڪاول، ٢٧- جون ١٩٣٠ع.

عاليجناب، دام اقبالہ، السلام عليڪم- انتخارنامو هڪ اڳ ۽ ٻيو هاڻ عنايت ٿياه. جواب بروقت نه موڪلڻ جو سبب، لنڊي محمد خان ۽ حيدرآباد ويو هوس ، تنهن بعد وري هتي اچي، مهرعلي شاه (جو ڪراچيءَ هو) کي لکيم ته مولوي محمد صادق صاحب جن جي خبر رکي، جو مولوي ممدوح جن هندستان ويا آهن . انهيءَ تجويز ۽ مولوي صاحب جو هٿ ضروري آهي. هاڻ دير بخير- وري ٻئي دفعي ميٽنگ رکنداسون.

انهيءَ بابت مهرعلي شاه جو آيل احوال به گذارش لاه موڪلجي ٿو.

سائمن ڪميشن جي رپورٽ ته ڏاڍا گل ڪيڻا آهن- آءٌ انشاءَ الله ١- جولاه تي ميٽنگ ۽ اينديس.

زياده خيروالسلام، عبدالرحيم شاه .

(۸)

۱۵- اپريل ۱۹۳۱ع.

بجناب عزيزم از جـان و دل ، عزيزتر بر سرت رحمت خالق الخلاق بادا! بعد تسليم و تكريم ـ اميد تہ خوش خورم هوندا. خبر نہ آهي ڪٿي منزل انداز آهيو. حاجي عبدالله هارون جو خط ڪانگريس بنسبت مون ڪي مليو آهـي ، جنهن جو مطلب آهي تہ صحيح موڪليو تہ ڪانگريس سان اسان شامل راء نہ آهيون، وغيره وغيره . غالباً اوهان ڪي به اهڙو خط آيو هوندو، جو نالا اوهان صاحبن جا بمع سر پٿي، ڪهڙي ۽ ميران محمد شاه وغيره جا به آهن- ان مهرباني فرمائي اوهان پنهنجو رايو مطلع فرمائيندا تہ انهيءَ موجب عمل ڪجي ۽ چونڊجي. والسلام، عبدالرحيم شاهم.

(۱)

ڪراچي، ۲۲- جنوري ۱۹۴۶ع.

جناب والا، السلام عليڪم. مزاج مبارڪ ـ اوهان جي اليڪشن ۾ ڪاميابيءَ جو احوال اخبارن ۾ ڏسي، ازحد خوشي ٿي- اين ڪار از تو آيد مردان چنين كنند- تلك الايام نداولها بين الناس ـ مخالف ڏر به گهٽايو ڪونہ ، مگر الحمدلله سچ سچ ٿيو. آئينده به الله تعالي مددگار ڪافي آهي . مون ڪي سچ پچو تہ ايتري خوشي ٿي آهي ، جيڪڏهن روبرو هجان هـا تہ بوسہ ڪنار ڪريان هاـ مگر يار زنده صحبت باقي. آخ طبيعت جي ناموافقت ڪري، پٽن ڏينهن کان ڪراچيءَ آيل آهيان. العبد، عبدالرحيم شاه

(۱۰۱)

رئيس عطا محمد خان لنڊ

رئيس عطا محمد خان لنڊ، خيرپور ضلعي ۾ سيڙارجا لڳ پنهنجي ڳوٺ ۾ رهندڙ آهي. جڏهن مغربي پاڪستان اسيمبليءَ

۽ چونڊجي ويو تہ آني باوجود زميندار هئڻ جي ، همت سان ون يونٽ جي خلاف ۽ سنڌ جي مفاد لاءِ آواز بلند ڪندو رهيو. ان ڪري اسان جا سائس تعلقات پيدا ٿيا.

هڪ ٻہ دفعو سندس گهوٽ ٻہ وچ ٿيو آهي . ١٩٧٢ع جي لساني اختلافن وقت جڏهن سنڌ جو دورو ڪيو هوم ، تہ خيرپور ۽ پبلڪ ميٽنگ جو هن انتظام ڪيو هو. وقت ٻہ وقت ملڻ ٿيندو آهي.

هن وقت عام زميندارن وانگر حالتن ڪان مجبور ٿي ، پيپلز پارٽيءَ ۽ داخل ٿيو آهي . سندس ٻہ فرزند نثار لنڊ ۽ سميع الله لنڊ قومي ڪارڪن آهن.

جنهن صورت ۽ هن جو ڪردار چڱو رهيو آهي ، ان ڪري سندس ٿي خط ياد تازي رکڻ لاءِ هت ڏجن ٿا.

(١)

سيڏارجا، ١٨-٢-١٩٦٦ع.

بخدمت جناب قبلا شاهہ صاحب ، سلمه الله - السلام عليڪم- المعروض تہ آئيندڙ عريضي جو مسڪين پڇڙيوال پرديس ۽ رهي، پنهنجو گذارو نڪو ڪري سگهي، ان ڪري اوهان جي معرفت سندس تڪليف دور ٿي سگهي تہ نوازش .

سندس همدرديءَ سان امداد فرمائيندا تہ مشڪور رهندس.

الراقم، عطا محمد لنڊ.

(٢)

لنڊ، ١٢-٢- ١٩٦٧ع.

بخدمت قبلا حضرت شاهہ صاحب، جودام شفقته! السلام عليڪم . المعروض - آئيندڙ عريضي جـو مسٽر علي گل صاحب اوهان جي خدمت ۽ موڪلجي ٿو- مطالبو سندس صحيح آهي- نوازش روءِ همدردي فرمائيندا تہ مهرباني ، چو تہ هن غريب شريف جي زندگي ٿهي پوندي.

زياده خيروالسلام، راقم پراڻو خادم، عطا محمد لنڊ.

(٣)

پراونشل اسيمبلي آف ويسٽ پاڪستان، اسيمبلي هاڏوس- سيٽ نمبر ٢٩١، ٦-٥-١٩٦٨ع.

مڪرمي و مخدومي محترم جناب شاهه صاحب ! سلام الرحمان! السلام عليڪم، المعروض تہ هڪ تار اوهان جي پهتي، آن موجب حڪم جي تعميل ڪئي ويندي.

٢- اهڙي خدمت قوم لاءِ جڏهن به ڪو حڪم هجي تہ انشاءالله تعالي تعميل ڪيو ويو.

٣- ڇو تہ بارود کان سواءِ هٿيار بيڪار رهندو آهي، هي عاجز به خاص طرح سنڌ لاءِ هڪ هٿيار جي پوزيشن رکي ٿو. زيادهوالسلام، الراقم عطا محمد لنڊ.

(١٠٢)

رئيس ڪريم بخش نظاماڻي

رئيس ڪريم بخش خان، رئيس غلام محمد خان نظاماڻيءَ جو فرزند آهي، جيڪو وڏو زميندار ۽ پوليس عملدار رهي چڪو هو. پٽيان چگي ملڪيت رئيس ڪريم بخش خان جي حوالي ڪري وئات ڪري ويو. رئيس ڪريم بخش خان جي والد جا شاهه ڪريم ٻڙيءَ واري جي سجاده نشين صاحبڏني شاهه سان گهاڻا تعلقات هوندا هئا.

رئيس صاحب، ننڍي هوندي کان سنڌي، انگريزي، اردو ۽ پارسي تعليم حاصل ڪرڻ بعد، فنون لطيفہ ۾ دلچسپي وٺڻ لگو. سڄي عمر آزاد خيال، دوستيءَ جو سچو، ادب ۽ فنون لطيفہ جو سرپرست ٿي رهيو آهي. سنڌ جي اڪثر خاندانن سان سندس دوستانہ تعلقات آهن ۽ اهي سندس عزت ڪندا آهن. رواجي طرح سان عزت سرڪاري اثر، هلندي پچنديءَ ۽ ملڪيت جي ذريعي حاصل ٿيندي آهي، پر- هن جي دوستن وٽ عزت سندس خلوص، يار ويسيءَ ۽ مهمان نوازيءَ ڪري

پئي رهي آهي.

رئيس صاحب کجهه وقت سياست ۾ حصو وٺڻ چاهيو ، پر جڏهن کيس معلوم ٿيو ته سندس جي سياست ۾ اکثر بي ضمير، ابن الوقت ۽ خوشامدي سياستدان کامياب ٿي سگهن ٿا، ته هو "اهو سون ٿي گهوريو جو ڪن چني" وانگر اهو ميدان ڇڏي، گوشه نشين ٿيو ويٺو آهي.

مون سان گهڻي وقت کان وٺي لاڳاپا ۽ خاص محبت رهي اٿس. هن وقت جيڪڏهن کنهن کي "دوست" جو لقب ڏيئي سگهجي ٿو، ته هيءُ هڪ آهي، جنهن کي آءٌ دلي دوست سمجهان ٿو. پاڻ مهرباني ڪري جڏهن به اسان جي ڪا مجلس ٿيندي آهي ته آتي پنهنجي راڳيندڙن ۽ سازيندڙن سان اچي حاضر ٿيندو آهي ۽ مجلس کي چار چند لڳائي ڇڏيندو آهي.

آءٌ به اکثر سندس صحبت مان حظ حاصل ڪرڻ لاءِ سندس ڳوٺ، ويندو رهيو آهيان . سندس صحبت دل کي تازو ڪري ٿي.

گهٽين شادين ۽ ڪائڻ پيئڻ جي احتياط نه رکڻ ڪري سندس طبيعت بيخوش رهي ٿي. خدا کيس خوش ۽ سلامت رکي!

سندس ١٢ خط هيٺ ڏجن ٿا.

(١)

ماتلي، ٣١-١٠-١٩٦٧ع.

سائين! السلام عليڪم- پرهم پتر پهتو. دعوتنامي لاءِ نوازش . سائينجن کي حيدر سائينءَ جي سالگره تي اسان جي اچڻ ۾ خوشي محسوس ٿئي ته شڪرانه نعمت آهي. ضرور اهي داخلا ونبي.

تحفي طور ڏنل ڪتابن مان باقي صرف هڪ "جنب گذاريم جن سين" ٻيو جلد، اکين گهايان آهي- ٻيا سيٽي پڙهي ڇڏيم.

ٻيهر نظرثانيءَ جو ٻڌي ڏک ٿيو . خدا رحم ڪري .

مخلص ۽ سڄڻ سدائين سرها هجن.

عرفي م انديش زغ-وغ-اي رقيبان،
آواز سگان ڪم نه ڪند رزق گدا را.
اميد ته تندرست هوندا-
والسلام. نيازمندن مان، ڪريم بخش.

(٢)

ماتلي، ١٦-١١-٦٧ع.
سيد سائين، السلام عليڪم- آزاديءَ جي مبارڪ. اسان دعائون جون به قابل مبارڪ آهن. ۽ اهي جن وچ ۾ ٻڌي پاڻ پتوڙي، قاصداڻو ڪم ڪيو، انهن کي به مبارڪ هجي.
پنهنجن سان گڏ آنهن کي به مبارڪ هجي، جن توهان جي صداقت ۽ محبت کي محسوس ڪندي ۽ يقين رکي سلاسل تان دست برداريءَ جو اعلان ڪيو. تنهن کان پوه اهي دوست ۽ رفيق جن کي خوشي حاصل ٿي هوندي، انهن کي به مبارڪ! طبيعت چاهي ٿي ته پهرين پرواز جو شرف اسان کي حاصل ٿيڻ گهرجي. زهي قسمت!

تا به زنده مانيم من دوزيم،
دامن ڪز فراق چاڪ شده
نيازڪيش، ڪريم بخش

(٣)

ماتلي، ٢-١٢-١٩٦٧ع.
سيد سائين! تسليم! پاڪ پايان پنهنجي پاڻ ۽ وڻاڻن جا، جن تان اسان جي امام جا قدم خوش گهمي ويا. پر افسوس اٿم ته جنهن آجيان ۽ مرحبا جا لائق فائق هيؤ، اهڙا نه ٿي سگهي. من ۾ ڪيئي تمنائون ۽ خواهشون هيون ته جڏهن اڳئ مون عجب ۽ سڄڻ ايندا ته هيئن ڪندس هونئن ڪندس، پر ڪجهه به ڪري نه سگهيس.
انهيءَ لاه ڪيئي اسباب ٿي سگهن ٿا، جن جي بيان ڪرڻ لاه قلم قاصر آهي، نه وقت موزون آهي. تنهن هوندي

ٻه انهيءَ ٽوهان جي اڇ ، طبيعت جي اٿاهه سـاگر ۾ ڪيئي طوفان ۽ طلاطم برپا ڪري، دل جي نديڙي ٻيڙي کي جذباتن جي ويرن، لهرن ۽ چولين جي حوالي ڪري ڇڏيو. پوءِ ڪامياب مانجهيءَ واڱر ڳاڙي وڃائي، ٽپي ، ڪڏي ۽ نچن ، ڳڙڪ کان ٻاهر تسليمون ڏيئي، ٽوهان جي جدا ٿيڻ واري ڪناري تي اها آس رکي پهچايوسون ته وري به سچ جو سوداگر اسان جي طبيعت جي سمنڊ ۾ اڇي آرزوئن ۽ امنگن جي موتين جي پرکا ڪري ملهه چڪائيندو- جنهن سان اسان جي زنگ آلود جواهرات جو مان ٿيندو. انهيءَ آسري تي ٻگهل ٻيڙيءَ جي مرمت ڀالو آهي ۽ ٽنل سڙهه سبي رهيو آهيان. ۽ انهيءَ سان گڏ وصال جـي تمنا جو انتظار آهي- ٿي سگهي ته ويجهڙائيءَ ۾ پروگرام کان واقف ڪندا، جيئن متئين پروگرام کان اڳ ڪٿي نياز حاصل ڪري سگهجن.

دعا آهي ته هميشه شاد آباد ۽ آزاد هجو!

خلوص ڪيش، ڪريم بخش.

(۴)

مانلي ۳-۴-۱۹۶۸ع.

سيد سائين- تسليم! ڪافي عرصي کان حال احوال کان محروم رهيل آهيون. جنهن لاءِ ڪجهه وقـت سفر ۾ ، ڪجهه مصروفيت ۾ ته، ڪجهه وقت علالت جـي نـذر رهيو آهي. جنهن لاءِ معافي.

سائينجن کي اڳئين خط ۾ بڌايل آهي ته تنوير نقوي فلم " ڪليلي " ٺاهي رهيو آهي ، جنهن جو پس‌منظر سنڌ آهي. طرفين ۾ غائبانه تعارف ادب جي ذريعي اڳ ئي آهي. ملاقات لاءِ موقعي جي تلاش هئي . هاڻي پاڻ ۱۲ مارچ تـي بمع ٽيڪنيشن اسٽاف جي ساجن سوائيءَ جو ميلو ايڪسپوز ڪرڻ اچي ٿو. ۱۳- ۱۴ تاريخ هتي مصروف رهبو. ۱۵- ۱۶ مارچ اميد ته ٽوهان وٽ اچجي، ڇو ته ٽوهان جي ملاقات کان سواءِ

سن جي نظارن ڏسڻ جو به شوق اٿن. ٽيڪنيشن استاف به گڏ هوندو. اڄ وري به ١٣- ١٤ تاريخ تي ٽيليفون تي گالهائڻ جي ڪوشش ڪندس- ايءَ حالت ۾ متيون تاريخون خيال ۾ رکندا. جيڪڏهن ڪن ٻين دوستن کي گهرائڻ ضروري سمجهو تہ گهرائيندا.

انهيءَ وچ ۾ حال احوال کان واقف ڪندا تہ عين نوازش- نيازمند خاڪپاءِ ڪريم بخش.

(٥)

ماتلي، ٢٨-٤-٦٨ع.

سيد سائين- تسليم! اوهان جي وصال مان چڀ به آلا نہ ٿيا، تہ سن جي سفر ۾ شامل سفر جي جلديءَ توهان کان جدا ڪيو.

چيم تہ چوندي مان، اڳئ آئي عجيب ڪي،
پرڏند ڇڻ سان، ڏسندي ويا بند ٿي!

تنهن هوندي به توهان کي علم ادب تي، فلسفي ۽ خودبستي جذباتن جي ڦڦولن ڦوڙڻ جو ڪافي موقعو ملیو. صرف اسان جا جذبات، جيڪي غروب آفتاب بعد مجنونانہ مستين ۾ اچي جهومندا ۽ جهولندا سامعين کي مسرور ڪندا آهن، سي رهجي وياء

جي ٿي سور سليمان، تہ جبل جلي وجي جوش ۾!
(شاهہ)

بهرحال- يار زنده صحبت باقي.

ذڪر حبيب چاهي ٿرن ۾ هجي چاهي برن ۾- علم ادب جي محفلن ۾ هجي، چاهي جاهلن جي صحبتن ۾- عابدن زاهدن ۾ هجي يا گنهگارن جي ميڙن ۾ - ۾ آهي ذڪر حبيب! اهڙيءَ طرح ساڳيو ذڪر، جيڪو ورد ۽ وظيفو ٿي ويو آهي، هڪڙي ريجنل آفيسر اڳيان به آيو. جنهن کي اڄ مختصر

ملاقات ۾ تمام سهڻو، سنو، بااخلاق ۽ علم ادب سان عشق رکندڙ محسوس ڪريان ٿو. پاڻ به هڪ ڪتاب ۱۹۱۴ع کان ۱۹۴۷ع تائين خلافت ۽ سياست تي لکي رهيو آهي. توهان جي غائبانه ملاقات شيخ عبدالمجيد ۽ پين کان اڳ ٿي اٿس. منهنجي رندي‌ءَ نه پر اڪين واري‌ءَ تقليد تہ وڏي شوق ڏاريس ۽ انهي‌ءَ شوق ملاقات لاءِ اڪسايس. سندس چوڻ آهي تہ زير طبع ڪتاب ۾ سيد سائين‌ءَ کان معلومات جي مدد ونندس. آءٌ سمجهان ٿو تہ آفيسر هوندي به مسڪرائيندڙ ۽ وٽندڙ شخصيت جو مالڪ آهي. توهان کي به هن صاحب سان ملي ضرور خوشي ٿيندي ۽ اسين سامعين جي حيثيت ۾ توهان جي گفتگوءَ مان مستفيض ٿي، رڳو جو رباب وڄائيندا رهنداسون.

توهان جي جواب اچڻ کان پوءِ اڳئين مهيني مٿي ۾ ڪا تاريخ مقرر ڪري اطلاع رکندس.

رڳون ٿيون رباب، وڃن ويل ميڪنهين،
لڇڻ ڪيڻ ڪين ٿيو، جانب ري‌ءَ جواب،
سوئي سندم سپرين، ڪيس جنهن ڪباب،
سوئي عين عذاب، سوئي راحت روح جي!
(شاهه)

والسلام، توهان جو متوالو، ڪريم بخش.

(۶)

ماتلي، ۲۱-۴-۱۹۷۰ع.

سيد سائين- تسليم! سياست جي جادوگر ديوي‌ءَ توهان کي ايڏو تہ مجذوب ڪري ڇڏيو آهي، جو سواءِ سياست جي بي ڪابہ ڳالهہ دماغ ۾ سمائجي نٿي سگهي- بهرحال، جنهن ۾ يار راضي، تنهن ۾ اسان سڀني کي به راضي رهڻ گهرجي. هاڻ اسين به ڪوشش ڪنداسون، جيئن توهان سان سياسي گفتگو ڪريون، جيڪو توهان جو موجوده شغل آهي.

مير رسول بخش سان هتي ملاقات ٿئي، پاڻ ڪوشان آهي

ته سيد سائينءَ سان اسان جو ناهه ٿي. مون کيس تنبيهه ڪئي ته توهان سيد صاحب جي خلاف بيان بازي بند ڪريو ۽ هن وعدو ڪيو ته آئنده لاءِ ڪابه بيان بازي نه ٿيندي. پر پاڻ ٻه اسان کي پنهنجو سمجهي، بيان بازي نه ڪن

قاضي اڪبر سان سندس بنگلي تي ملاقات ٿي ، جنهن ٻه توهان جا سور رڻا ته اسان جو ڪهڙو قصور ـ آءٌ ته جيل ۾ بند هيس. مون کهڙي برخلافي ڪئي جو اسان جي خدمتن کي وساري، اسان جي خلاف نوٽيس جاري ٿياء جنهن جو اسين جيل مان ڪهڙو جواب ڏيئي سگهياسين ٿي.

سيد عارف شاهه بخاري ٽنڊي محمد خان واري سان ٻه ملاقات ٿي، جنهن ڇيو ته سيد سائين هاڻي وڃي اڪيلو رهيو آهي. ڪير سنگي ساٿي نه اٿس. جنهن ٿي مون جواب ڏنومانس ته ڇا ٻن ٽن ماڻهن جي نڪري وڃڻ ڪري توهان سيد کي اڪيلو ٿا محسوس ڪريو ! پر ائين نه آهي . اڄ ٻه هن سان سڄي سنڌ آهي. جواب ڏنائين ته سواءِ چند ساداتن جي ٻيو ڪير اٿس . مون جواب ڏنومانس ته اهي دوست احباب ۽ ڇوڪرا جيڪي اُنهن ٻن ٽن ماڻهن جي ڪري ناراض ٿيا، آهي ٻه اڄ ساڻ آهن ۽ ٻي دنيا ته اڳ ئي ساڻ آهيس.

اها آهي سياست، جنهن کي آءٌ لعنت ڏيندو آهيان. توهان پاڻ کي خواه مخواه وري ڪٽي ڦاسايو آهي، پر اهو توهان جو نشو آهي، جنهن کي توهان هرگز نه ڇڏيندا. خدا توهان کي ڪامياب ڪري ۽ سچي سياست ۾ توهان جا محتاج هجن.

حيدر بخش جتوئيءَ سان ٻه ملاقات ٿي. مون کين سندس ڏنل بيان تي ڏک جو اظهار ڪيو . پاڻ مسڪرائي چپ ٿي ويو. خدا کيس تندرستي عطا ڪري، پراڻو رفيق آهي.

اڄ جي خط لکڻ جو مقصد پنهنجي ياد ڏيارڻ، ۽ توهان جي تندرستي ۽ پروگرام ڇڻ آهي ته ڪراچيءَ ۾ ڪيسين تائين رهندا، جو اسين ٻه اچي زيارت ڪريون.

نيازمند، ڪريم بخش.

(٧)

ماتلي، ٥-١-١٩٧١ع.

محترم و مڪرم پريزيڊنٽ سنڌ متحده محاذ، حيدر منزل، ڪراچي. توهان جو انگريزيءَ ۾ لکيل سرڪيولر پهتو، جنهن ۾ ٧-١-٧١ع تي "حيدر منزل" ڪراچي (سنڌ) ۾ ميٽنگ رکيل آهي. مون کي افسوس آهي ته ڪن ضروري حالتن جي ڪري، آءٌ انهيءَ ميٽنگ ۾ شريڪ ٿي نٿو سگهان، پر تنهن هوندي به ميٽنگ ۾ جيڪي فيصلا ٿيندا، آءٌ پاڻ کي انهن سان پڌل رکان ٿو.

انهيءَ موڪليل سرڪيولر ۾ جيڪا ايجنڊا شامل آهي، انهيءَ ۾ مکيه اسر اهو آهي ته گذريل اليڪشنن کان پوءِ حالتن جو جائزو وٺي، آئيندہ پروگرام لاءِ سوچيو وڃي. انهيءَ لاءِ منهنجون تجويزون هيٺ ڏجن ٿيون:

١- سنڌ متحده محاذ کي عملي سياست کان متي رکي، جملي سياسي پارٽين کي صلاحون ۽ مشورا ڏجن ته آئيندہ لاءِ انهن جو لائحہ عمل ۽ طريقہ ڪار ڇا هڻڻ گهرجي، جيڪي پاڻ کي سنڌ متحده محاذ سان وابسته رکن ٿيون.

٢- جيئن ته هيءُ سياست جو اليڪشني دور ختم ٿيڻ وارو آهي، تنهن ڪري اسان ثقافت کي اپنائي، پهراڙيءَ جي گوٺن ۾ وڃي، آتي جي عوام جي سڌاري لاءِ سوچيون ۽ انهن سان دل گهيڙيون ۽ کين پيغام پهچايون، جيڪو صوفياي ڪرام جو اسان جي ذهن ۾ آهي.

٣- اسان متحده محاذ کي ٽوڙي، عوامي ليگ ۾ مدغم ٿي وڃون، جنهن جا ٦ نڪات ۽ ١١ نڪات سنڌ جي پلائيءَ لاءِ تسليم ڪري چڪا آهيون.

اسان جو ضمير آنهن نڪات کي ليبڪ چوي ٿو.

٤- مٿين ٽن گالهين ۾ جيڪڏهن اسان ۾ ڪو اختلاف آهي ته باقي بچيل رستو اهو آهي ته پاڻ کي پيپلز پارٽيءَ ۾

شريڪ ڪري، سنڌ جي عوام جي ڪيل فيصلي کي خنده پيشانيءَ سان قبول ڪريون. جيڪا تمام سستي سياست آهي. اسان کي ڪاب محنت ڪرڻي ڪانه پوندي. بنان ڪنهن محنت ۽ مشقت جي صنوبر دار خان ٽي ويندا سين.

اُميد ته منهنجي هنن موڪليل رٽائن کي ميٽنگ ۾ آڻي، غور ڪيو ويندو.

توهان جو مخلص، ڪريم بخش، (ميمبر، ورڪنگ ڪاميٽي، سنڌ متحده محاذ).

(۸)

ماتلي، ۱۷- مارچ ۱۹۷۱ع. [مديني لکيل خط]

سنڌ جا سائين، من جا مالڪ! توهان جو قرب پريو خط مديني منوره مان لکيل پهتو. ياد آوريءَ لاءِ شڪريو.

توهان خط ۾ لکيو آهي ته سنڌين ۾ سياسي شعور جي عدم موجوگيءَ، سنڌ جي مٿين طبقي جي غداريءَ ۽ مهاجر پنجابي سامراج جي غلبي جي حالتن کان نااميد ٿي، رسول مقبول، بنهي جهانن جي سردار، جي درگاه ۾ فرياد ڪئي آيا آهيو ته سنڌين کي ڏاڍين جي غلاميءَ مان آزاد ڪرائڻ ۾ مدد ڏئي ۽ سنڌ جي جند مهاجر- پنجابي سامراج مان ڇڏائي."

توهان مرضيءَ جا مالڪ آهيو - جيڪي وڻيو سو پيا خيال ڪريو- هونئن چئو ته سواءِ قومي سجاڳيءَ، پنهنجي همت ۽ قرباني جي جذبي کان سواءِ آزادي حاصل ڪري نه سگهبي، هاڻي وري آيا آهيو درگاهن تان دعائون گهرڻ ته آهي اوهان کي آزادي وڻي ڏين.

سائين منهنجا! جيڪڏهن رسول ڪريم ۾ اها طاقت هجي ها ته پنهنجي سوٽ ۽ نياڻي حضرت علي عليه السلام کي معاويي سان جنگ ۾ فتح ڏياري ها، ۽ آن جي سازشن ذريعي شهيد ٿيڻ کان بچاءِ ۾ رکي ها. پر هو ائين ڪري نه سگهيو. رسول ڪريم پنهنجي ڏهٽي امام حسين کي يزيد جي لشڪر هٿان ڪربلا جي ميدان ۾ شهيد ٿيڻ کان بچائي نه سگهيو.

سنڌس سر نيزي تي چاڙهي ملڪن ۾ گهمايو ويو ۽ سنڌس اهليبيت ڪرام جي مستورات کي پرن اگهاڙين ۽ ننگي سر موصل ۽ دمشق جي بازارين ۾ سرڪس ڪيي گهمايو ويو تہ رسول ان مصيبت کان ڪين بچائي نہ سگهيو. رسول جي اولاد جي اڪثر امامن کي سرزمين عرب ۾ دفنائڻ جي منع ڪي روڪائي نہ سگهيو. ستر ورهين تائين (بني اميہ دور ۾) هر مسجد ۾ رسول جي اولاد تي خطبن ۾ شب و ستم (لعنت ملامت) ٿيندي رهي تہ ان کي روڪائي نہ سگهيو. هن وقت ۲۵ لک يهودي، ۴ ڪروڙ رسول جي هم قوم عربن کان زوريءَ سنڌن ملڪ کسيو ويٺا آهن، تہ سنڌن آزاديءَ لاءِ ڪجهہ ڪري نہ سگهيو آهي.

هاڻ توهان سنڌ مان کهي ويا آهيو کيس سوال ڪرڻ تہ توهان کي مهاجر ـ پنجابين جي غلاميءَ مان آزاد ڪري. سائين! اهي خيال پستهمتيءَ جا آهن ۽ وهپوريءَ سان واسطو رکن ٿا. اوهان کي منع ڪانهي پلي سوال ڪريو، پر ان مان ورندو ڪجهہ ڪونہ. وري موٽي ملڪ اچي ، پنهنجن ۾ سڃاڻپي آڻي، ڪو پوٽو ٻاريو تہ بهتر ٿيندو.

اوهان جو نياز آگين، ڪريم بخش نظاماڻي.

(۹)

ماتلي، ۹-۱-۱۹۷۱ع.

محبوب سائين! لال جي آرسين وانگر سنهرندي سنهرندي رهجي ويس. وصال حاصل نہ ٿيو. مديني شريف جي زيارت کان موٽڻ جي مبارڪ ٻہ رهجي ويئي. ڪيترن دوستن کان راهنمائي گهريم، پر اڃا تائين ڪنهن ٻہ رهبري نہ ڪئي. حالانڪ هن دوستن کان علاوہ نور محمد پليجي ڏي ٻہ واجهايم، پر انهي ٻہ اڃا تائين آسري ۾ رکيو آهي.

توهان جي تندرستي پچ ۽ نياز حاصل ڪرڻ لاءِ طبيعت سخت پريشان آهي. مستي من ۾ رهي تي. دعائون ڪندو رهندو آهيان تہ خدا توهان کي تندرست ۽ شاد رکي! رحم ڪري ـ

وري ٻ اهو اطمينان آهي ته پنهنجي ڇڻ سـان گڏ آهيو- ڪڏهن نه ڪڏهن ويندا لوڙهه لهي- وري ٻ روحاني رهاڻيون ٿيندیون- آمين!

ممڪن ٿي سگهي ته پنهنجي تندرستيءَ ۽ خيالن کان واقف ڪندا، ٻيءَ حالت ۾ دنيا اميدن تي قائم آهي.
والسلام. توهان جي وصال لاءِ اداسي، ڪريم بخش.

(۱۰)

ماتلي سنڌ، ۱۹-۲-۴۳ع.

سيد سائين- تسليم! هن کان اڳ نيازنامو عرض رکيل آهي. جواب جي محروميءَ کي سمجهي نٿو سگهجي - ممڪن آهي ته ڪتابي مصروفيت هجو. آءٌ پنهنجي پروگرام بابت اڳيئي واضح ڪري چڪو آهيان. اڪ جو آپريشن ڪامياب ويو، تنهن لاءِ ڪيرون لهٽيون. آءٌ پندرهن ڏينهن کان پوءِ ٻ ڏينهن ٽيا ته حيدرآباد کان ماتليءَ پهتو آهيان- ڊاڪٽر اڃا ٻ ٻ هفتا آرام آرام ڪرڻ لاءِ چوي ٿو- اڪ اڃا ٻ زخمي آهي ، جنهن ۾ روزانه صبح و شام ٻ دفعا مرهم پوندو آهي.

ابراهيم جويي کان معلوم ٿيو ته توهان ۴- مارچ تائين سن ۾ هوندا. ابراهيم جويو ۾ حفيظ قريشي بليئر ڪلنڪ ۾ مون کي ڇڻ آيا هئا. آءٌ شايد ۴ مارچ تائين سفر جي قابل ٿي نه سگهان، جو من اڃي زيارت ڪري مبارڪون ڏيان. ٿي سگهي ته توهان ماتليءَ اچي ديـدار ڪرايو. منهنجي خيال موجب سياست کي بالاي طاق رکي، اڇڪلهه جي ڪوڙيءَ سياست کي مطالع ڪندا . وري ٻ توهان پنهنجي مرضيءَ جا مالڪ آهيو. في‌الحال ڪهڙي مصروفيت اٿو؟

ماتليءَ جي اچڻ جو پروگرام ٿئي، ته ٻ چار ڏينهن اڳ اطلاع ڏجو.
نيازڪيش، ڪريم بخش.

(١١)

ماتلي، ٢٧-٧-٧٣ع.

سائين -- جيئي سدائين! رقابت کي ملامت ڪندي به توهان کي صرف ثقافت ۾ آڻي نه سگهياسون ، ڇو ته سياست توهان جو جزو ايمان ٿي ويئي آهي! توهان ته فرحتن ۾ آهيو، ۽ اسان، جن توهان جي عشق تي ايمان رکي ڪلمو پڙهيو ، تن جو ڪهڙو حال هوندو؟ اهو هنن جي بيحاليءَ کان پڇي سگهو ٿا-- هڪ ڏينهن جي جدائي سال محسوس ڪرڻ واريون دليون ، تڙڪندڙ دليون ، هيڏي ساري جـدائي ڪيئن ٿيون محسوس ڪن.

موسلا ڌار موسم، هوائون خوشگوار، وڻ ٽڻ سبزه زار ۽ اسين توهان کان ڌار-- ٿيندو الائي ڪڏهن ميلاپ جو ڏهاڙو-- ٻئي پـاسي ڦليلي لبالب ۽ سندس هلڪيون هلڪيون لهرون مڇلي ۽ تڙپي ياد ڪري رهيون آهن ، ته ٽئين پاسي ٻيڙيون انهيءَ انتظار ۾ آهن ته ڪڏهن ٽـو لنگر کڄي ۽ موجن جو وصال ٿئي! وري به اميد تي دنيا قائم آهي -- الله توهان کي صحت سڳهائي ڏئي. آمين!

توهان جي عاشقن مان، ڪريم بخش.

(١٢)

ماتلي، ٣-١٢-١٩٧٤ع.

امام سنڌ السلام عليڪم! ڪيتري عرصي کان توهان جي خيريت جي احوال کان محروم آهيون -- دل چاهي ٿي ته مجلسن ۽ صحبتن ۾ هجئون، پر ڇا ڪجي؟ هڪ ته زماني جي ڪج رفتاري ۽ ٻيو ضدي طبيعتون ، ٿيون ضمير جو آواز -- ڪنهن ڪنهن کي لبيڪ چئجي . زماني هميشه سچن ۽ صادقن تي ظالم رهي، امتحان ٻئي ورتا آهن -- طبيعتن جو ضد دار قبولڻ لاءِ تيار آهي. ضمير ڪنهن به اڏڻيءَ ڳالهه کي قبول نٿو ڪري، جيڪا سندس اصول جي خلاف هجي. ٻوءِ محبت ڪرڻ

واريون ڏيون جدا رهي پيو تہ تڙپنديون رهن -- زهي قسمت -- آخر تہ ويندا لوڙهہ لهي ! هاڻي خط و ڪتابت تي ڪا بندش نہ آهي . گاهي ماهي پنهنجي تندرستيءَ کان واقف ڪندا رهو تہ بهتر.

آءٌ ويهہ ڏينهن ماتليءَ کان باهر آهيان، جنهن ۾ ڪراچي، لاهور، پشاور، ڪوئٽا، راولپنڊي شامل آهن - پير حسام الدين سان ڪراچيءَ ۾ ملاقات ٿي-- توهان جو ذڪر اذڪار رهيو. اميد تہ تندرست هوندا.

نيازڪيش، ڪريم بخش.

(۱۰۳)

ميرغلام محمد تالپر

هيءَ صاحب ٽنڊيٰ باگي جو ويڙل ۽ مير محمد خان ماڻڪاڻي تالپر جو فرزند هو. عيءَ ۾ مير صاحبن وانگر وڏيءَ ملڪيت جو صاحب نہ هو. ابتدا ۾ سرڪاري نوڪري ڪندو هو. پوءِ نوڪري ڇڏي، محنت ۽ ڪفايت شعاريءَ سان وڏو پئسو ۽ زميندارياڻي حاصل ڪري ڪڍيو. سڄڻ ۾ اڪثر زميندار پئسي ۽ زمين وڏي ويڻ سبب عياشي ۽ بيڪاريءَ لاءِ ان کي صرف ڪندا آهن. ليڪن ڏاڍيءَ تعالي هن مير صاحب جي دل انساني درد سان پرڻل رکي هئي، جنهنڪري پنهنجي پئسي جو مصرف چڱن ڪمن ۾ ڪيائين. سندس ذاتي خرچ تمام معمولي هوندو هو. هيءَ اڇي سٽ، اڇو پڪڙ ۽ اڇو پهراڻ پائيندو هو. بلند اخلاق، خلق، محبتي ۽ خلق خدا جو خيرخواه انسان هو. هن جي ڪردار تي ڪنهن باگي ماڻهو، امير، زالڙو اسڪول ۽ مسافرخانا اڄ تائين فائدو آهن. مير صاحب کسي نرينہ اولاد نہ ڇڏيو. هو ۱۲ فبروري ۱۹۲۳ع تي ڪمائين. سندس

واڇي مير حاجي غلام شاهه جو فرزند مير خدابخش خان سندس وارث ٿيو، جو هن وقت وفات ڪري ويو آهي. هنن جو رئيس غلام‌مصطفيٰ پرڳڙيءَ وارن سان عزادت جو رستو آهي. سندس احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنل آهي، ان ڪري وڌيڪ هتي نٿو ڏهرائجي.

سندس ٻه خط هتي ڏجن ٿا.

(١)

ٽنڊو باگو، ٤- ڊسمبر ١٩٢٨ع.

بخدمت جناب فيضياب شاهه صاحب سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب! بعد سلامن جي عرض ته اسان کي اخبارن جي گذارش مان معلوم ٿيو آهي ته اوهين صاحب ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جي پريزيڊنٽ طور فتحياب ٿيا آهيو. هيءُ اوهان کي وڏو مشڪل هو، جو حل ٿيو. هاڻي اوهان جي طبع ۽ عمر ڏيکاري ٿي، ته اوهان خلق خدا جا خدمتگار آهيو، اوهان کي عملي ڪم ڪرڻو آهي. اوهان کي مبارڪ ٿا ڏيون ته الله تعاليٰ اوهان جي حياتيءَ ۾ قسمت وجهي ته يتيمن، مسڪينن جي مدد ڪريو. عام انسان سخت ذليل ٿيا پيا آهن. دنيا وارن مسلمانن کي چئو ته هيءَ نعمت اوهان کي الله تعاليٰ عيش عشرت ۽ خوشين ڪرڻ لاءِ ڪانه ڏني آهي، پر مستحقن جي مدد لاءِ اوهان کي ملي آهي ۽ اوهان وٽ امانت آهي. نيٽ اوهان تي جوابداري آهي. تنهنڪري حصي نفعي مان مسڪينن جي مدد لاءِ مقرر حصو ڏيو. اميد آهي ته هن مسڪين يتيم ڏانهن به ڪڏهن رحم جي نظر ڪندا.

بنده، غلام محمد ٽالپر.

(٢)

ٽنڊو باگو، ٢١- سپٽمبر ١٩٣١ع.

بخدمت جناب قبلا من شاهه صاحب، سلامت باشيد!

السلام عليڪم بعد عرض ته خط اوهان صاحبن جو مورخ ١١- سپٽمبر ١٩٣١ع وارو اسان ڪي ١٨ - سپٽمبر ١٩٣١ع ڳذارش

ڪ آيو، جو اسين هفتو ڪن باهر ويل هئاسون. اوهان جي خط جو احوال معلوم ٿيو. سنڌ جي پاران سنڌ جا مسلمان عزيز دوست خيرخواه سر غلام‌حسين صاحب ۽ سر پٽو صاحب اڳهئي رائونڈ ٽيبل ڪانفرنس ڪ حاضر آهن- جيڪا وڏيڪ مصلحت هن خط ڪ ڏيکاريل آهي، انهيءَ بابت جيڪڏهن ضرورت هجي هـا ته مٿيان صاحب پنهنجي همراهيءَ لاءِ ضرور اظهار ڪن ها. شايد هنن سنڌ جي پاران پاڻ ڪي ڪافي سمجهيو آهي. اسان جي فرقي جي حالت اڳيئي اوهان صاحبن ڪي معلوم آهي، وڏيڪ ڪهڙا پٽا پٽيون.

گهڻين حالتن ڪ اسين نظر انداز ڪيا ويندا آهيون ، چاڪاڻ ته اسين انهي خيال جا آهيون ته اسان جي قوم ڪ تعليم ۽ تندرستيءَ جو واڌارو ٿئي. هن وقت تائين اسان ڪان جيڪي به ٿي سگهيو آهي، ان ڪ ڪوتاهي ڪانه ڪئي اٿئون . انهن ڪمن ڪ اسان سان ڪو صلاحڪار به ڪونه هو ، نڪو اڄ ڏينهن تائين ڪو انهي ڪم سان همدردي رکندڙ آهي. اڇا به ڪي ڪم رعيت جي پلي جا خيال ڪ آهن، جي ڪرڻا اٿئون. هيءَ عماي ڪم سنڌ جي هڪڙيءَ ڪنڊ ڪ هلي پيو. عام خلق جي نظر ڪ هيءَ ڪم ڪونهي ، چاڪاڻ ته اسان جي ڪامنادي اخبار وغيره رستي ڪانهي.

جڏهن اسين از خود ورهين ڪان وڌـي پنهنجي جسم ۽ پنهنجي ملڪيت سميت انهن ڪمن ڪ غلطان آهيون. هنن ٻن ٽن سالن جي فصلن ۽ ڪارو هنوار جي خبر به اٿو. هاڻ وڏيڪ اسان وٽ ڇا هوندو ، جنهن تي مدد ڪـري سگهون . انهيءَ هوندي به جيڪڏهن ڪنهن چندي جي نموني اسان ڪي حڪم ڪندا ته پوءِ حاضر آهيون.

مسٽر ايلفنسٽن سنڌ مان خزاني جا جهازپري لنڊن ويو.

سر شفيع صاحب ريلوي گاڏا پري پنجاب پنجاب ويسو - مسٽر جنها جهاز پري بمبئيءَ ويو. پوءِ قبلا اوهين کهڙي پر تي هلو ٿا. ليڊر تہ برابر آهيو ،رده قوم جا.

غلام محمد ٽالپر.

(۱۰۴)

مخدوم محمد زمان "طالب المولي"

مخدوم محمد زمان، مخدوم غلام محمد صاحب قريشيءَ جو فرزند ۽ هن وقت مخدوم نوح جو گادي نشين آهي.

هن خاندان سياست سان دلچسپي کانہ رکي، ان ڪري سڀ سياستدان وٽن پيا ايندا هٽاءِ پر مولوي ميان غلام حيدر جي ڏينهن کان هنن اسيمبلين ۾ وڃڻ شروع ڪيو. پهرين ميان غلام حيدر سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ٿي رهيو. ان کان پوءِ سندس پائٽيو ميان محمد زمان سنڌ اسيمبليءَ ۽ مرڪزي پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر رهندو اچي. جملي پيرن وانگر حڪومت سان سٽ باز ۽ رهڻ پنهنجي ۽ مريدن جي مفاد لاءِ ضروري ٿو سمجهي. هر حڪومت جو پوڊلگ رهندو آيو آهي. هن وقت پاڪستان ليگ پارٽي جو نائب صدر آهي. شاعر ۽ علم دوست ماڻهو آهي، شاعريءَ ۾ "طالب المولي" تخلص استعمال ڪندو آهي. سندس هڪ فرزند ميان محمد امين فهيم مرڪزي اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ اسٽيٽ منسٽر آهي.

کجهه خاندان لاڳاپن ۽ کجهه سياست ۾ رهڻ ڪري، سائس منهنجا قديم تعلقات پڻي رهيا آهن. سندس زندگيءَ جو احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ بيان ڪيو اٿم- هت سندس چند خط ڏجن ٿا.

(۱)

هالا ۵- فبروري ۱۹۵۴ع.

مشفقيم و اعليٰ محترم، السلام عليڪم - خط پهتو- احوال معلوم ٿيو. مون کي پهنجي ڪراچي اچڻ جو پروگرام موڪلجو تہ آئي روبرو اچي ميوزڪ ڪانفرنس بابت مزيد معلومات حاصل ڪريان- ۽ پهو ڪو ڪم آهي، اهو روبرو پڌايان.

والسلام، محمد زمان.

(۲)

هالا ۹- فبروري ۱۹۲۲ع.

حبيب مڪرم- السلام عليڪم. ۽ چار ڏينهن ٿيندا تہ افواهيءَ طرح معلوم ٿيو تہ سن جي ساداتن ۾ ڪو قضيو ٿيو آهي. اڄ محترم سيد محمد شاهہ پاٽوئيءَ کان معلوم ٿيو تہ اوهان جي والده ماجده صاحبہ جن وفات ڪري وئي اهڙي غم انگيز سانحي ۾ آءٌ دلي همدرديءَ جو اظهار ڪريان ٿو .

رب العزت اوهان کي شال سدائين مڪمل صحت عطا فرمائيندو تہ باغ و بهار هوندا

طالب المولي .

(۳)

هالا ۲۷- مارچ ۱۹۶۶ع.

پيارا سائين! اخبارن رستي معلوم ٿيو آهي تہ اوهان تان بندش لاٿي ويئي آهي. بيحد مسرت ٿي . الله پاڪ اوهان کي سلامت ۽ صحتمند رکي. هاڻي پروگرام ڪيئن هوندو- اپريل ۾ ڪٿ يا ڪراچي؟ چو تہ ۱۶ اپريل بعد اوهان وٽ ڪچهريءَ لاءِ اچڻ جو پئي سوچيم ۽ اڳئين خط ۾ اهڙو اطلاع ڏنو اٿم.

اميد تہ خوش و خورم هوندا.

طالب المولي.

(۴)

هالا، ۲۷- آگسٽ ۱۹۶۷ع.

پيارا سائين عبارت لکندي ضرور حجت ڪئي اٿم- ٻڌڻ ۾ ڪجي جو اوهان سان واقعي پيار ۽ احترام وارو پيار اٿم. اڄ نه ۾ تمام پراڻي زماني کان. اڄ اوهان جو جواب پڙهيم ۽ اڄ ئي وري خط ۾ لکي رهيو آهيان.

اوهان جيڪي ۾ لکيو آهي (جنب گذاريم جن سين) ڪتاب ۾، اهو بجاءِ ناپسنديءَ جي پسند ڪيو اٿم. چو ته جيڪي ڏٺو ۽ سمجهو، اهو ئي حجابيءَ سان لکيو اٿو- جيڪڏهن لکڻ ۾ اهڙين ڳالهين کي لکايو ها ته پوءِ واقعي ناپسند ڪريان ها.

اوهان جي انهي مذڪور ڪتاب جي عظيم خوبي آهي ئي اها نه ڪنهن جي، ڪنهن ۾ ڳالهه ئي ۽، جا لکڻ چاهي اٿو، اها بيباڪيءَ سان لکو اٿو. منهنجو مطلب ضرف هيءُ آهي ته محمد فقير بابت جيئن لکيو اٿو، اهو صرف اوهان ۾ين ڪان پڌل احوال لکيو آهي. منهنجي والد جي فقيري، سياحت ۽ مئي نوشي وغيره محمد فقير جي واقفيت ڪان گهڻو اڳ جي ڳالهه آهي ۽ پڻ بعد اوهان حيرت ڪائيندا ته ماڻهن دانستہ ۽ نادانستہ طور ڪيئن نه حقيقت تي پردو ڏيئي ڇڏيو آهي. آءٌ چاهيان ٿو هر اها ڳالهه اڻين پيش ڪئي، جا جيئن آهي. ڪوشش ڪندس ته ۱۰ ڊسمبر جي لاڙڪاڻي ڪان موڪلندي ٻولان ميل ۾ سڻ لهان. منهنجي ڪار ۾ دادوءَ ڪان موڪلندي سڻ اڇي ۽ ۱۰ سيڪمبر جو سڄو ڏينهن اوهان جي خدمت ۾ گذاريان. اوهان جا ماڻڻ وانگر پيار حاصل ڪريان ۽ پنهنجي والد بابت حقيقتن جو انڪشاف ڪريان ۽ شام جو گوٺ روانو ٿيان، جو آها رات مانهانه سومار جي هوندي.

موٽ خط (جواب) جو انتظار ڪندس ته جيئن معلوم ٿيم ته آن تاريخ تي طبيعت ملڻ جهڙي (الله پاڪ مڪمل

صحت ڏيندو) آهي.
اميد تہ خوش و خورم هوندا.
ـ طالب المولي

(٥)

هالا، ١١- جون ١٩٦٩ع.

بخدمت جناب محترم غلام مرتضي شاه، و عليڪم السلام-
اوهان جو خط ٢٦ مئي تي ليڪيل هٿوهٽ بروقت مليو، جنهن ۾ اوهان مون کي "سنڌ فرنٽ" جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ تي نامزد ڪيو آهي. ڪوبہ اهڙو سبب ڪونہ آهي، جو ڪميٽيءَ تي نہ رهي سگهان. انشاء الله الرحمان تہ باقاعدگيءَ سان خدمت ڪندو رهندس.

ديرسان جواب ڏيڻ جا اسباب لکڻ ۾ هن ڪري ضروري سمجهان ٿو تہ ڪنهن ۾ قسم جي ڪا غلط فهمي پيدا نہ ٿئي. آءٌ مارچ کان (آخري هفتي ڏي اشارو) عليل رهيو آهيان ۽ خصوصاً مئي ۾ بيحد تڪليف رهي. هن وقت ڇڪو فائدو آهي. شايد مهينو ڪن يا وڌيڪ اڃا بہ علاج وغيره يعني دماغي ۽ ذهني آرام جي ڊاڪٽر ضرورت ٻڌائين ٿا. انهيءَ عرصي ۾ منهنجي نديي پٽ کي علالت جي تڪليف رهي، جو شيخ جي ڏينهن (برٿ ڊي) تي ڪونہ اچي سگهيس، ۽ حويليءَ ۾ ٻن ماڻهن جي علالت سبب بيحد پريشان رهيس- تان تہ سڀ ڪلهہ آپريشن ڪرائڻو پيو آهي. دعا ڪندا تہ الله سڀني کي شفا شامل حال عطا فرمائي.

جيڪڏهن اهڙي قسم جي ڪابہ مجبوري رهي تہ ١٥ جون تي ڪراچيءَ ۾ بہ ڪونہ اچي سگهندس ۽ آن بعد جيئن ڏي موقعو ملندم تہ اوهان سان ملندس ۽ ڪيترائي احوال آهن، جي روبرو ٻڌائيندس.

ـ محمد زمان

(٦)

هالا، ۳۰- جولاءِ ۱۹۶۹ع.

معظمي و محترمي جناب جي- ايم سيد صاحب، صدر سنڌ متحده محاذ، السلام عليڪم- اوهان جو خط ڪالهه پهتو ۽ اڄ پڙهيم. خط ۾ ۱۰- آگسٽ واري ميٽنگ (سنڌ متحده محاذ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي) لاءِ سڏ آهي. جيڪڏهن پاڪستان ۾ هوندس ۽ صحت پوري هوندي تہ انشاءَ الله ضرور حاضر ٿيندس. اوهان کي شايد معلوم نہ ٻ هجي تہ ۱۵- جون تي ڊاڪٽر اهڙي دوا ڪارائي جو ذيابيطس واري لاءِ ڏري گهٽ زهر ٿئي ٿي. تڪليف تہ هفتي اندر پيدا ٿي، پر ۲۸- جون تي سخت تڪليف شروع ٿي وئي. جگر، معده ۽ گردن جي گڏ خرابيءَ سبب پير سڄي پيا ۽ مورم ٿي وئي. ۱۵- جولاءِ تائين ڪراچيءَ ۾ زير علاج رهي گهوٽ آيو آهيان. اڄان بہ پٽل ماري يا ڪرسيءَ تي پير لڙڪائي ويهڻ ڪري سوج بہ ٿيو پوي ۽ پير سُن ٿيو وڃن. اگرچ ۱۲ آنا فائدو بہ آهي. ڊاڪٽر رايو ڏنو آهي تہ لنڊن واري پنهنجي ڊاڪٽر وٽ مهينو سوا رهي علاج ڪريان. چنانچہ ۵-۶ يا ۷ آگسٽ تي لنڊن وڃڻ جو پختو ارادو اٿم. دل سان دعا ڪندا تہ مڪمل شفا حاصل ڪري وطن اچان. اوهان سان ملڻ لاءِ بيتاب آهيان. اميد تہ ولايت ويندي ڪوشش ڪندس تہ ڪراچيءَ ۾ اوهان سان ملان.

اميد تہ خوش و خورم هوندا.

- محمد زمان.

(۱۰۵)

سيد محمد علي شاهه، مٹياري

محمد علي شاهه، خانبهادر ميان حسنعلي شاهه موسيٰ پوٽي جو وڏو فرزند هو. انهيءَ قبيلي جي پڳ پٽڻ ڪري ڇاموٽ ۽

سردار جي نالي سان سڏبو هو. مٹياري پاڙي سان تعلق رکڻ ڪري، منهنجو سندس خاندان سان لاڳاپو هو. هيءُ صاحب ١٩- سيپٽمبر ١٩٠٦ع تي ڄائو هو. پوءِ مڪاني طرح پڙهي، انگريزي ڪالهائڻ ۽ درڪ حاصل ڪري ويو. ضلعي لوڪل بورڊ حيدرآباد جو پريزيڊنٽ ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر به رهي چڪو هو. پير صاحب پاڳاري، مخدوم صاحب هالا، مير غلام علي تالپر وغيره سان مختلف وقتن تي سندس گهاڻا رستا هئا.

ابتدا ۾ شوقين ۽ فيشنيبل هو، ۽ آخري عمر ۾ نماز، روزي ۽ وظيفن جو پابند ٿي ٿيو. محبتي، ۽ خوش خلق ۽ رلٽو ملٽو مائهو هو. ١٢- نومبر ١٩٦١ع تي وفات ڪيائين. سندس جاءِ نشين جامونيءَ جي پڳ سندس وڏي فرزند ذوالفقار علي شاه کي پڌائي آئن، جو هن وقت پاڪستان سينيٽ جو ميمبر ۽ پيرپاڳاري جي گروهه سان تعلق رکي ٿو- سندن احوال "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنل آهي.

سندس ۽ خط ڏجن ٿا.

(١)

مٹياري، ٢٦- فبروري ١٩٤١ع.

خدمت ۾ جناب عزيزم سيد ميان غلام مرتضيٰ شاهه صاحب!

السلام عليڪم بعد واضح باد ته خط اوهان صاحبن جو اڄ مليو. آءُ انشاءَ الله سائي نواب شاهه وڃي برادرم غلام حيدر شاهه صاحب جن کي ووٽ ڪندس ۽ نورچشم انورشاه کي به سڀ وٹي ويندس. باقي حاجي فضل علي شاه ڪراچيءَ آهي ۽ جهنڊل شاهه باهر ويل آهي، جي خط جي ديڙ سان پهچڻ جي حالت ۾ اڇي نه سگهندا.

زياده خير، دعاگو محمد علي.

(٢)

مٹياري، ٣٠-٩-١٩٤٩ع.

پيارا ياءُ غلام مرتضيٰ شاهه صاحب! السلام عليڪم -

بعد اشتياق ملاقات جي معلوم هجي ته ڪاغذ آٽيندڙ مائهو نالي خانو ڪڍو اچي ٿو. احوال خدمت ۾ روبرو عرض رکندو. اميد ته سندس حق رسي ڪرڻ فرمائيندا. هيءُ منهنجو پنهنجو مائهو آهي، هن جي هر طرح پارت هجي.

اوهان جو نوازشنامو ملیو. مهرباني آڳ انشاء الله تاريخ ١١- آڪٽوبر جي ڪراچي پهچندس بسنت فقير شرنساه واري ڪي به وڃيو ايندس.

اميد ته خوش خورم هوندا.

زياده خير. اوهان جو، محمد علي شاهه.

(٣)

سيسل هوٽل مري، ١٠- جون ١٩٥٥ع.

پيارا پاءُ غلام مرتضيٰ شاهه صاحب! السلام عليڪم- بعد اشتياق ملاقات جي عرض ته اوهان جو خط پوست سان گڏ حيدرآباد ڪان اڄ ملیو. جواب ۾ عرض ته، انشاء الله الميڪشن ۾ مناسب خدمت ڪندس. وڌيڪ روبرو.

اميد ته خوش و خورم هوندا.

اوهان جو پاءُ محمد علي شاهه.

پير صاحب سڪندر علي شاهه پاڳارو

پير صاحب راشدي خاندان جي پاڳاري شاخ جو هن وقت سجاده نشين آهي. هيءُ صاحب لکياري سڏن جي شاخ مان شمار ڪيا ويڃن ٿا، جنهن جو ونڊو سيد علي مڪي سنڌ ۾ مڪي شريف کان ٥٢٠ هه ۾ لڏي اچي ونيو- ان جو اولاد لکيءُ جي ڳوٺ ۾ سڪونت اختيار ڪرڻ سبب لکياري

سڏجڻ ۾ آيو. لکيءَ جو مشهور معروف ولي الله شاهه صدرالدين لڪياري هن جي وڏي ڏاڏي سيد بهاءُ الدين جو پاءُ هو، هيءُ خاندان پير محمد راشد جي نالي پويان سڏجي ٿو، جنهن جا ٻه فرزند ٿيا: ١- ميان صبغت الله شاهه اول ۽ ٢- سيد محمد ياسين شاهه. پهرئين کي صاحب دستار يا پاڳارو سڏيو ويو، ٻئي کي صاحب علم يا جهنڊي وارو سڏيو ويو. هن خاندان جا سڀ ئي سڀ کان باهر گهٽا مريد آهن، جن ۾ ان گهٽا سرويچ ۽ هر سڏجن ٿا. تن کي انگريزن ميان سڪندر علي شاهه جي والد پير صبغت الله شاهه دوم، انگريز حڪومت خلاف بغاوت ڪري، ڦاهو ڪيايو ۽ ٢٠ مارچ ١٩٤٣ع ۾ انگريزن هٿان شهادت پاتائين هيءُ (سڪندر علي شاهه) شاهه مردان ثانيءَ جي نالي سان مشهور آهي. ابتدا ۾ هن کي نظربند ڪري، انگريزن علي گڙهه ۾ رکيو هو. جتان پوءِ کيس پاءُ نادر علي شاهه کي انگلنڊ وٺي ويا ۽ اتي کجهه وقت رهايائونس - گهٽي وقت کان پوءِ قاضي فضل الله جي وزارت جي ڏينهن ۾ کيس موڪلائي سڀ ۾ آندو ويو ۽ ٻڪ ٻڌرائي گادي بحال ڪئي وئي. سندس پاءُ نادر علي شاهه سڀ اسيمبليءَ ۽ مرڪزي اسيمبلي جو ميمبر رهندو آيو آهي ۽ هن وقت به سڀ اسيمبليءَ جو ميمبر آهي.

پير صاحب جي خاندان انگريز حڪومت جي هٿان گهڻو کجهه سٺو هو، ٽنهنڪري هو جنرل ايوب جي ڏينهن ۾ سندس حڪومت سان لاڳاپي ۾ رهندو آيو. ان جي وچ ۾ کان پوءِ هن وقت جماعت اسلامي ۽ مسلم ليگ جي ڪنڊ دشمن گروه سان ڳڏ آهي. مون پڻهنجي ڪتاب "ماضي، حال ۽ مستقبل" ۾ چاڻايو آهي ته پير صاحب سڀن ۾ سوايو ۽ سياسي شعور ۾ ۽ گهٽ هٿ ڪري، سڀ جي پلي ڪم ڪرڻ کان هن وقت باهر آهي. سڀ جو وڏو طاقتور سائهو هٿ ڪري مهاجر ۽ پنجابي سندس گهڻي خوشامد ڪري کيس پٽي صاحب جي خلاف رکيو ويڻا آهن، جتوڻيڪ سندس ۽ پٽي صاحب جي

اصولن ۽ ڪوبه تفاوت ڪونه آهي . هن ڪان اهو بهتر هجي ها، جيڪڏهن هيءَ صاحب پٽي جي پيپلز پارٽيءَ ۾ هجي ها. جيڪڏهن جنرل ايوب خان سان مخدوم صاحب هالا ۾ هيءَ گڏ رهي سگهيا ٿي ، تہ هنيئر ڇو نہ ٿا رهي سگهن. آهو آءٌ ان ڪري ڪونہ ٿو چوان تہ پٽي جي سياست کي آءٌ سٺو ٿو سمجهان، ان کي تہ آءٌ سنڌ جي مخالف سمجهندو آيو آهيان . پر ڏاريان سان گڏ رهڻ جي عيوض پنهنجن سان رهي ها تہ اها گهاڻہ غلط ڪانہ ٿئي ها! خدا سمجهہ ۽ ساڃهہ ڏئيس، سنڌ جي مفاد لاءِ پاڻ پتوڙي!

سائس نيازمندي پٽي رهي آهي، جا هن وقت منقطع ٿيل آهي، پر قديم تعلقات سبب سندس چند خط هتي پيش ڪجن ٿا.

مون کي افسوس آهي تہ "جنب گذاريم جن سين" جي ليکڻ وقت سنڌن خاندان جو ۽ سندس احوال پيش ڪري نہ سگهيس ، جو مون کي مواد ميسر ٿي نہ سگهيو. جيتوڻيڪ نئين سنڌ لاءِ جدوجهد ۾ سنڌن خاندان جو ڪجهہ ذڪر لکي ڇڏيو اٿم.

(۱) تار

۱۷-- جون ۱۹۵۸ع.
جي-- ايم سيد-- سينٽر جيل، ڪراچي.
عيد مبارڪ !
پير پاڳارو.

(۲) تار

۹- مارچ ۱۹۶۰ع.
جي-- ايم-- سيد-- سن، ڪوٽڙي.
عيد مبارڪ !
پير پاڳارو.

(٣) خط

پير جو گوٺ ٨-٦-١٩٥٥ع.

سيادت ماب سعادت خطاب سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب

بعد سلام مسنون جي واضح هجي ته اوهان جو خط مليو. مهرباني. اوهان جي خط تي غور ڪيو ويندو.

اميد ته اوهان صاحب خوش و خورم هوندا.

فقط، والسلام شاهه مردان شاهه ، پير صاحب پاڳارو سجاده نشين درگاه مبارڪ .

(٤)

منزل سانگهڙ ، ١٠-٢-١٩٦٢ع.

سيادت ماب سعادت خطاب محترم سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب، بعد سلام مسنون جي واضح هجي ته اوهان جي والده ماجده جي وفات جي خبر ٻڌي اسان کي گهڻو خيال ٿيو آهي اسان هن حادثي ۾ اوهان صاحبن سان دلي همدرديءَ جو اظهار ٿا ڪيون ۽ دعا ٿا ڪيون الله تعالي مائي صاحبه کي جنت ۾ جاه ڏيندو ۽ پسماندن کي صبر جي توفيق عطا فرمائيندو.

شاهه مردان شاهه، پير صاحب پاڳارو سجاده نشين درگاه مبارڪ.

(٥)

منزل سعدآباد، ١٧-٣-١٩٢٦ع.

سيارت ماب سعادت خطاب محترم سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب! بعد سلام مسنون جي واضح هجي ته اوهان صاحبن جو خط مليو مهرباني. اسان جو ڪراچي وڃڻ جو ڪوبه پروگرام ڪونه آهي. پر لکي شريف ايندڙ مهيني جي آخر ۾ ويندا سين. ويندي يا موڪلندي اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا سين.

اميد ته اوهان صاحب خوش و خورم هوندا.

والسلام . شاهه مردان شاهه ، پير صاحب پاڳارو سجاده نشين درگاه مبارڪ .

(۶۰۱)

مولوي محمد معاذ

مولوي صاحب، سنڌ جو پر خلوص، خاموش، مستقل مزاج مردم شناس، حقيقت آگاهه، محب وطن ۽ قومي کارڪن هو. ۱۸۹۶ع ۾ قطال شاهه ۾ تعلقي سکرنڊ ۾ هڪ علمي گهراڻي ۾ ڄائو. هن جو والد هارپي جو ڪم ڪندڙ ۽ مسڪين ماڻهو هو. هن پير صاحب جهنڊي واري جي مدرسي ۾ علم حاصل ڪيو. مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي شاگردن مان هو پوءِ هاري هلچل، جميعت العلماء هند، ڪانگريس، سنڌ متحده محاذ سڀني ۾ اسان سان گڏ ڪم ڪيائين. سندس احوال "جنب گذاريم جن سين" ۽ "اڄ پڻ چڪير چاڪ" ۾ پڻ ڏنل آهي. سندس چند خط هتي ڏجن ٿا:

(۱)

نوابشاهه، ۱۳-۳-۱۹۵۳ع.

محترم شاهه صاحب قبلا! عرض آهي ته مون روبرو ۾ عرض ڪيو هو ته نوابشاهه لاءِ حاجي شاهنواز پيرزادو تمام موزون ٿيندو ۽ اسان جي سموري سنگت آن جي مدد ڪندي. آن لاءِ اميد ته اوهان ۾ اسان جي مدد ڪندا ۽ ڪيس ٽڪيٽ ڏيڻ لاءِ وڌيڪ غور ڪندا. آءٌ حاضري ڏيان ها، پر هت ڏاڍو مصروف آهيان.

شيخ صاحب کي اڳي لکي چڪو آهيان.

اوهان جو معاذ

(۲)

۱۲-۷-۱۹۵۷ع.

محترم قبلا شاهه صاحب! گرامي نامو مليو - ياد آوريءَ لاءِ شڪريو. سائين غربت سفر جي اجازت نٿي ڏئي. آن ڪري افسوس سان معافي وٺان ٿو. خدا اوهان جو سفر ڪامياب ڪندو.

اوهان جو معاذ.

نوٽ:- نوابشاهه لوڪل بورڊ جا ڪاميشن ميمبر ۲۲- جولاءِ ڏاري پرڀاءِ جيڪڏهن سڪرنڊ جي ڪنهن ٽڪاڻ محترم حسن بخش صاحب کي ڪٿي موڪل ڪري سگهندو يا نه؟ معاذ

(۳)

نوابشاهه ۱۴-۱-۱۹۶۱ع.

محترم قبلا شاهه صاحب! السلام عليڪم- گهڻن ڏينهن کان پوءِ نيازنامو لکان ٿو. اوهان جي علالت جو پڌندو آهيان- الله تعاليٰ اوهان کي آرام ڏيندو.

سياري کان پوءِ زندگي هوندي ته انشاءَ الله تعاليٰ زيارت ڪندس- هيءُ غريب خدمت ۾ اچي ٿو، هن جي پڌي هن جي واجبي مدد ڪندا ته عنايت.

اوهان جو، معاذ.

(۴)

نوابشاهه، ۲۱-۳-۱۹۵۵ع.

محترم قبلا شاهه صاحب! خوشي ٿي جو اوهان پلي پار کان ٿي آيا. زيارت لاءِ شوق آهي - اچي زيارت ڪري ويندس.

صحت کان مطلع ڪندا.

اوهان جو، معاذ

ڪي اهم معاهدا

(أ)

نئشنل عوامي پارٽيءَ ۽ ريپبليڪن پارٽيءَ جي وچ ۾ ابتدائي معاهدو

شيخ عبدالمجيدي سنڌي، مسٽر جي. ايم. سيد ۽ مسٽر پرڳڙي (نعپ) مسٽر پيرزادو عبدالستار، ڪرنل سيد عابد حسين ۽ مخدوم زاده سيد حسن محمود (ريپبليڪن پارٽي)، پير صاحب پاڳاري جي موجودگيءَ ۾، سياسي ميدان ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا. هيٺيان فيصلا ڪيا ويا:

١- ريپبليڪن نمائندا، پنهنجي پارٽيءَ طرفان "ائنٽي ون يونٽ" ۽ خلاف ڏنل بيان واپس وٺن ٿا، ۽ يقين ڏيارين ٿا ته سندن پارٽيءَ جا ميمبر اسمبليءَ ۾ "ون يونٽ ٽوڙڻ جي ٺهراءَ" جي پاس ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪندا.

٢- ان کان سواءِ اهو به قبول ڪيو ويو ته اسمبليءَ جي جو پروگرام ڪاروبار اهڙيءَ طرح ڦيرايو وڃي، ته جيئن خانگي ميمبرن کي ١٨ سپٽمبر ١٩٥٧ع کان اڳ هڪ ڏينهن (ون يونٽ ٽوڙڻ جي ٺهراءَ پيش ڪرڻ لاءِ) ملي وڃي.

ان ڏس ۾ نئشنل عوامي پارٽيءَ قبول ڪيو آهي ته آها وزارت جي خاتمن تي پنهنجي تعميري نڪتچيني جو حق رکندي، ريپبليڪن حڪومت کي سندس وزارت بچائڻ لاءِ مڪمل مدد ڪندي.

(۲)

ريپبليڪن پارٽيءَ ۽ نيشنل عوامي پارٽيءَ جي وچ ۾ معاهدو

۱۳-۷-۱۹۵۷ع.

هيٺيون فيصلو، ريپبليڪن پارٽيءَ هڪ طرف ۽ پاڪستان نيشنل عوامي پارٽيءَ ٻي طرف، قبول ڪيو آهي تہ:

"اولهہ پاڪستان ليجسليٽو اسيمبليءَ جي هلندڙ اجلاس ۾ پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ جي منظوريءَ لاءِ "ون يونٽ ٽوڙي، پاڪستان ۾ زبان جي بنياد تي صوبا بحال ڪرڻ ۽ صوبن کي خودمختياري ڏيئي، جيڪي اڳتي هلي زونل فيڈريشن ٺاهين۔" لاءِ جيڪو ٺهراءُ پيش ڪيو ويو آهي، ٻئي پارٽيون اُن جي حمايت ڪنديون. ان کان سواءِ، ساڳئي ٺهراءُ جي قومي اسيمبليءَ ۾ ٻنهي پارٽين طرفان حمايت ڪئي ويندي.

پاڪستان نيشنل عوامي پارٽي ٻنهنجي تعميري نڪتچينيءَ جو حق بحال رکندي ، ريپبليڪن حڪومت جي وزارت کي بچائڻ لاءِ هر مدد ڪندي.

نعپ	ريپبليڪن پارٽي
(عبدالغفار خان)	(عابد حسين)
(ميان افتخار الدين)	(سردار عبدالرشيد)
(جي- ايم- سيد)	(فيروز خان نون)

(۳)

مسلم ليگ ۽ نيشنل عوامي پارٽيءَ جو "ڪڏيل حڪومت" ٻنائڻ لاءِ معاهدو

۱۷-۳-۱۹۵۸ع.

مسلم ليگ ۽ نيشنل عوامي پارٽي هيٺين ڳالهين تي متفق ٿيون آهن تہ:

۱- مغربي پاڪستان ۾ هڪ ڪڏيل حڪومت ٺاهي

ويندي ، جنهن ۾ ٻنهي پارٽين کي هڪجيتري نمائندگي ڏني ويندي - وزير اعليٰ کان سواءِ ، جيڪو مسلم ليگ جو هوندو ۽ نشنل عوامي پارٽيءَ جي ليڈر جي قبوليت تي نامزد ڪيو ويندو.

۲- نشنل عوامي پارٽيءَ جا وزير نشنل عوامي پارٽيءَ جي ليڈر جي سفارش تي رکيا ويندا.

ٻنهي پارٽين جي وزيرن کي ڪاٽا ليڈرن جي باهمي قبوليت بعد ڏنا ويندا.

مسلم ليگ	نعپ
۱- (سردار بهادر خان)	۱- (جي- ايم- سيد)
۲- (ممتاز محمد دولتانه)	۲- (پير الاهي بخش)
۳- (ايم- اي- کهڙو)	۳- (جي- ايم- پرڳڙي)
۴- (خان عبدالقيوم خان)	

(۴)

مسلم ليگ اسمبلي پارٽي ۽ نشنل عوامي پارٽيءَ جو "ڪڏيل حڪومت" ٺاهڻ لاءِ پروگرام

مسلم ليگ ۽ نعپ ، مغربي پاڪستان ۾ "ڪڏيل حڪومت" قائم ڪرڻ لاءِ هيٺين پروگرام جي بنياد تي معاهدو ڪيو آهي:

(الف) موجوده مرڪزي "ڪڏيل حڪومت" جي فيصلي ۽ اليڪشن ڪميشن جي شيڊيول مطابق آزاد ۽ منصفانه چونڊن ڪرائڻ لاءِ هرڪا ڪوشش ڪئي ويندي.

(ب) اوڪيو زرعي زمين جا مالڪاڻا حق موجوده مالڪن کي ڏنا ويندا، ۽ زمين جي قيمت کانئن ڏهن سالن اندر هڪجيترين قسطن ۾ وصول ڪئي ويندي.

(ت) جتي به ممڪن ٿي سگهيو اصولي طور تي ، سرڪاري زمين نيلام نه ڪئي ويندي، پر مقامي هارين ۽ مقامي ننڍن ڪاشتڪارن (whose holding is uneconomical) ، کي

وکرو ڪي ويندي . وکري جي رقم ڪانئن ڏهن سالن اندر هڪجيترين قسطن ۾ وصول ڪئي ويندي.

(ث) ڪاڌي جي فصلن جي پيداوار وڌائڻ، سرڪاري پيل زمينن جي سڌارڻ ، گهٽي پاڻيءَ (water loggig) ۽ سم ۽ ٻوڏن کان بچاءَ لاءِ زمينن تي بند ٻڌائڻ، براجن ۽ واهن جي ضروري مرمت ڪرائڻ، سرڪار طرفان وڌايل ڏل کي رد ڪرڻ، هارين کي ٽينسي حقن ڏيڻ ۽ زرعي سڌارن ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويندا.

(ج) مهاجرن جي آبادڪاريءَ ۽ سندن واجبي ڪليمن جي پورائي جو انتظام ڪيو ويندو.

(ح) ضروريات زندگيءَ جي شين جي وڏندڙ مهانگائيءَ، بليڪ مارڪيٽيءَ ۽ ذخيره اندوزيءَ کي ختم ڪيو ويندو.

(خ) انتظاميا مان رشوت خوريءَ جي مرض کي دور ڪيو ويندو.

(د) لاقانونيت خلاف قدم کنيا ويندا.

(ذ) مقامي ماڻهن کي نوڪريون ڏنيون ويندیون.

(ر) ماڻهن جي شڪايتن دور ڪرڻ لاءِ ڊويزن جي ڪمشنرن لاءِ صلاح ڪاميٽيون مقرر ڪيون ويندیون.

(ز) نئين صوبن جي باشندن کي وعدي موجب مرڪزي سيڪريٽريٽ ۾ نوڪريون ڏنيون ويندیون.

(س) اڳين حڪومت طرفان سياسي توڙي ٻين سببن ڪري ڪڍيل، بدلي ڪيل يا لائل گزيٽيڊ آفيسرن يا شعبن جي سربراهن جي ٻيهر بحاليءَ تي غور ڪيو ويندو.

(ش) سياسي سببن جي بنياد تي پراڻي سنڌ پراونشل بئنڪ کي ڏڪ رسائڻ لاءِ مغربي پاڪستان بئنڪ قائم ڪرڻ جي ڪڍيل آرڊرن کي رد ڪيو ويندو. پراڻي بئنڪ کي مضبوط بنايو ويندو ۽ اُن جو هيڈ ڪوارٽر حيدرآباد منتقل ڪيو ويندو.

(ص) حڪومتي ڪاروبار جا قانون اهڙيءَ طرح بنايا ويندا، جيئن وزير پنهنجن فرضن ۾ يا اختيار رهن.

(ض) صوبن کي ملائڻ (ون يونٽ قائم ڪرڻ) وقت

مختلف ڪاٽن طرفان ننڍين صوبن لاءِ جيڪي ترقياتي اسڪيمون تجويز ڪيون ويون هيون، تن کي هڪدم عمل ۾ آندو ويندو

(ط) ماڻهن جا شهري حق محفوظ رکيا ويندا ، ۽ انهن حقن خلاف نڪتل سڀ حڪم هڪدم درست يا رد ڪيا ويندا.

١- (سردار بهادر خان) ١- (جي- ايم سيد)
٢- (ممتاز محمد دولتانه) ٢- (پير الاهي بخش)
٣- (ايم. اي. کهڙو) ٣- (غلام مصطفيٰ پرڳڙي)
٤. (عبدالقيوم خان) (١٧--٣--١٩٥٨ع)

(۵)

اولهه پاڪستان ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ ماڻهن جي گڏيل مطالبي جي روشنيءَ ۾ هڪ ٺهراءُ پاس ٿيو ته "ون يونٽ ڀاهي ملڪ کي چئن يا وڌيڪ خودمختيار صوبن ۾ ورهايو ويي." ان کي مدنظر رکي مسٽر کهڙي جي جڳهه تي ۵- سيپٽمبر ١٩٥٨ع جي شام ۽ ٦- سيپٽمبر ١٩٥٨ع جي صبح جو هڪ گڏجاڻي ٿي. هيٺين معززن شرڪت ڪئي:

١- جناب پير صاحب پاڳارو
٢- جناب مخدوم صاحب هالا
٣- مسٽر جي. ايم. سيد
٤- قاضي فضل الله
٥- مسٽر غلام علي ٽالپور
٦- مسٽر محمد ايوب کهڙو
٧- پيرزادو عبدالستار
٨- حاجي مولابخش سومرو
٩- آغا بدرالدين
١٠ خانبهادر غلام محمد وساڻ
١١ شيخ عبدالمجيد سنڌي
١٢ پير نادر شاهه
١٣ پير غلام رسول شاهه (مهرپور خاص)

اهو فيصلو ٿيو ته سنڌ جون سڀ سياسي پارٽيون متحد ٿين ۽ گڏيل صلاح سان ايندڙ اولهه پاڪستان جي قومي ۽ صوبائي اسمبلين جي چونڊن لاءِ اهڙا اميدوار تجويز ڪن، جيڪي ون يونٽ ڀاڃي اولهه پاڪستان کي ڦٽن يا وڌيڪ صوبن ۾ ورهائڻ لاءِ ڪم ڪن:

ان مقصد لاءِ هڪ پارليامينٽري بورڊ، هيٺين ماڻهن تي مشتمل ٺاهيو ويو.

۱- جناب پير صاحب پاڳارو
۲- جناب مخدوم صاحب هالا
۳- مسٽر جي. ايم. سيد
۴- ايم. اي کهڙو
۵- ميرغلام علي ٽالپور
۶- قاضي فضل الله
۷- پيرزادو عبدالستار
۸- آغا غلام نبي پٺاڻ
۹- شيخ عبدالمجيد سنڌي
۱۰ خانبهادر غلام محمد وساڻ
۱۱ حاجي مولابخش سومرو

بورڊ جو ڪنوينر مسٽر ايم. اي کهڙو ۽ سيڪريٽري پيرزادو عبدالستار هوندو. منشور ۽ پروگرام ٺاهڻ لاءِ هڪ سب ڪاميٽي هيٺين ماڻهن تي مشتمل ٺاهي وئي.

۱- مسٽر ايم. اي کهڙو
۲- پيرزادو عبدالستار
۳- مسٽر جي. ايم. سيد
۴- قاضي فضل الله
۵- شيخ عبدالمجيد سنڌي
۶- ميرغلام علي ٽالپر
۷- جناب پير صاحب پاڳارو

اسانجا پياکتاب

۱- اڇ پڙ چڪيم چاڪ: مرتب جي- ايم- سيد، قيمت ۲۰ روپيه
۲- جديد عالمي سياست: (تعارف) جي- ايم- سيد- قيمت ۴۰ روپيه
۳- فڪر جي آزادي: انسٽيفن نويگ (مترجم) محمد ابراهيم جويو، قيمت ۱۵ روپيه
۴- گليليو: برٽالٽ بريخت (مترجم) محمد ابراهيم جويو، قيمت ۱۰.۰۰ روپيه
۵- شاهه سچل- سامي: محمد ابراهيم جويو، قيمت ۶.۰۰ روپيه
×۶- ڪپ ٿو ڪن ڪري:- شيخ اياز-
×۷- لڙيو سڄ لکن ۾:- شيخ اياز-
×۸- وڪرسو وهاءُ:- حضرت علي عليه السلام جي شعرجو انتخاب (مترجم) محبوب علي جوڪيو
۹- سڄ جا سنيها: حضرت علي عليه السلام جي قولن جو مجموعو (مترجم) محبوب علي جوڪيو، قيمت ۳ روپيه
۱۰- ڳالهيون من اندر جون: ڊاڪٽر محمد شفيع محمد چانديو، قيمت ۵.۰۰ روپيه
۱۱- ناديه سٽو پاڻ ويو: قاضي فيض محمد، قيمت ۲۰.۰۰ روپيه
۱۲- جنسان:- قاضي فيض محمد، قيمت ۱۵.۰۰ روپيه
۱۳- جاڻ اڇندي: الطاف عباسي، قيمت ۲۰.۰۰ روپيه
۱۴- ڪنول پاڻ رون پاڻ ۾:- فتاح ملڪ، قيمت ۴.۰۰ روپيه
۱۵- الوحيد جو سنڌ آزاد نمبر: قيمت ۲۰.۰۰ روپيه
۱۶- ۱۷- ۱۸- شاهه جو رسالو، سچل سرمست ۽ سامي جا سلوڪ (سنڌ جي اعليٰ ادب جا ننڍي لائبريري ڪتاب) هڪ ئي پيٽي ۾، اوڇي ايڊيشن ۲۵۰.۰۰ روپيا، معياري ايڊيشن ۱۵۰.۰۰ روپيه ۽ شاگرد ڏن لاءِ ايڊيشن ۱۰۰.۰۰ روپيه
۱۹- گيت گلابي پارن جا- استاد بخاري
۲۰- پارن جو مسيح: محمد ابراهيم جويو- قيمت ۲۰.۰۰ روپيه
۲۱- ادب جا فڪري محرڪ، ڊاڪٽر الهداد ڀٽو هيو- قيمت ۳۰.۰۰ روپيه

نشان وارا ڪتاب وڪڻ ويل آهن. آرڊر داخل ڪرائڻ سڳهجن ٿا.



سنڌي ادبي جي
سهڪاري سنگت
۳/۸- منظور چيمبرس،
ڪاڏي ڪاتي
حيدرآباد سنڌ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.